ڪلام منثار فقير راڄڑ

رسالو خدائي (1)



Gul Ahmed Institute

سنڌي ادبي بورڊ

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون سال 1928ع
چاپو ٻيو سال 1987ع
چاپو ٽيون سال 1999ع

نئون چاپو آگسٽ 2011ع تعداد هزار

هن كتاب جي كنهن به حصي كي، ناشر كان اڳواٽ حاصل كيل اجازت كانسواءِ، اليكٽرانك يا ٻئي كنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو كري سگهجي.

قيمت: چار سؤ ستر رپيا
(Price: 470-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

Gul Hayat Institute

هيءَ ڪتاب ميسرز سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان مسٽر الهڏتو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي پٽرو ڪيو.

انرٽائيٽل منٺار فقير /E

چپائيندڙ پاران

سنڌي شاعري جي تاريخ ايتري ئي قديم آهي جيتري سنڌ جي تاريخ قديم آهي. اِن حقيقت کي مدِنظر رکندي، سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي کوشش رهي آهي ته سنڌ جي تاريخي مواد کي سهيڙي منظرِ عام تي آڻڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي قديم ۽ معياري شاعريءَ کي پڻ ڇاپي علم و ادب جي شائقين جي هٿن تائين پهچائجي. جنهن ڏس ۾ ميين شاهه عنات جو کلام، شاهه جو رسالو، سچل سرمست جو سنڌي ۽ سرائيڪي کلام، کلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري، خليفي صاحب جو رسالو، کليات حمل، کلياتِ امين، کلياتِ حاجي خانڻ چنجڻي، کنڊڙي وارن جو کلام، مخدوم فضل الله جو کلام ۽ ٻين کيترين ئي نامور شخصيتن جي کلام کي ادارو ڇاپي مجتا ماڻي چڪو آهي ۽ هاڻي مننار فقير راڄڙ جو کلام "رسالو خدائي" سندس مفصل احوال ۽ يادگار تصويرن سان گڏ ڇاپي قابلِ احترام پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو آهي.

مننار فقير جو شعر آفاقي ۽ الهامي آهي. سندس شاعري جي زبان نهايت ئي سهڻي ۽ سباجهڙي آهي. جنهن کي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

هن کان اڳ ادارو ڪلام منڌار فقير راڄڙ ۽ رسالو مرتضائي ۽ رسالو رهنمائي ڇاپي منظرِ عام تي آڻي چڪو آهي ۽ هاڻي سندن "رسالو خدائي" آڏ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڇاپيندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آڏ بورڊ جي مانواري چيئرمين قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان، جنهن جي مفيد مشورن ۽ ذاتي دلچسپيءَ ڪري هي رسالو ڇپائيءَ جون منزلون آسانيءَ سان طئي ڪندو اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

اميد آهي تہ اسان جو هي پيار پريو پورهيو قبول پوندو.

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو سنڌ
03 رمضان المبارڪ 1432هـ
بمطابق 04- آگسٽ 2011ع

Gul Hayat Institute

فهرست

سُر	عنوان		صفحو
	روشنائي	- فقير ولي محمد راجڙ	35
	پيغام	- مخدوم محمد امين فهيم	36
	ہ اکر	- فقير محمد بخش راجڙ	37
	مختصر عرض	- فقير ولي محمد راجڙ	39
	سوانح حيات منڌار فقير	- غلام ڪريم شر	43
	چند روايتون	- فقير محمد بخش راجڙ	69
	پنهنجي پاران	- پيارو خان شر	

راڳڻي	کافيون	نمبر	صفحو
ڪلياڻ	اول الله جي تعريف.....	1	83
	عقل انسان جو چاهي.....	2	83
	تو منجهه رب پاڪ اهي رهندڙ.....	3	84
	فڪر ڪر تون فقيريءَ جو.....	4	84
	الله جو عاشق چوائين تان.....	8	85
	اول خليفو خدا منهنجي نبيءَ جو نور.....	6	85
	صورت محبوب جيءَ موهيو.....	7	86
	زليخا جو ذڪر سڻ تون.....	8	86
	حقيقيءَ حال کي هوشيار.....	9	87
	محبت جي چڪ منهنجي من کي.....	10	87
	آهيان منجهه غير جي دريا.....	11	88
	دنيا ساري فنائي آ.....	12	88
	خداريءَ ٻي دنيا واري سنگت.....	13	89
	توبهه منهنجا ياخدا.....	14	89
	مون کي ذرو زور جو ناهي.....	15	90
	ڏٺم محبوب منهنجي ۾.....	16	90
	فڪر ۽ غم درد.....	17	91
	لاڳاپن لوڪ جن جهليس.....	18	91

Gul Hayat Institute

	مون سان مولي مهربان تون ٿيءُ.....	19	92
	مٺن منهنجي مارن کي.....	20	92
	ٿيو الست بربکر آواز.....	21	93
	لا الله اله الله محمد الرسول الله.....	22	93
	وجان ملڪ مليو.....	23	94
	دل دام وجهي دلبر.....	24	94
	دل درد فراق ڦوڙائي ماري.....	25	95
	عقل سکن کيئن عاشق ويچارا.....	26	95
	برهه کٽي ويو ساري بادشاهي.....	27	96
	وس ته پنهنجي کان ويس ويچارو.....	28	96
	طلب لڳي اٿر تانگهه تنهنجي.....	29	97
	خدا دي هي تجلي.....	30	97
	مون کان منهنجا خان پنهل.....	31	98
	مون کان محبوب سندم ميان.....	32	98
	آهيان مستان سندم ڏس.....	33	99
	الائجي تون راض آهين.....	34	99
	آيو مرشد اگٽ منهنجي.....	35	100
	عزرائيل ٿي چيو آئون.....	36	100
	چڏي ڪر خاص خدا وارو.....	37	101
	پانڌي تون منهنجي پئجان پاران.....	38	101
تلنگ	منهنجو رک پرم.....	39	102
	هن مند منهنجي هير.....	40	103
	عمر اباڻن ساڻ ميان.....	41	104
	پنهنجو ستي نباهج سيل.....	42	105
	منهنجي محبت ساڻ محبوب.....	43	106
	دل دام وجهي دلبر.....	44	107
	مونکي درسن جي درکار.....	45	107
	منهنجي درد جو توکان.....	46	108
	اکبر عشق اگهون حق حق.....	47	108
	ڏاڍي سا خدا جي سرکار آهي.....	48	109

Gul Hayat Institute

جن جي اندر ۾ هيان نينهن نارا.....	49	110
جتي عشق آيو رکي راض رايو.....	50	110
هيڏيون حسن واريون.....	51	111
رستو، رباني پنڌ لاڻاني.....	52	111
خدا کي وٽي ٿو نمت نياز فقيرن جو.....	53	112
جي حب هجي توکي ميان.....	54	112
دم قدم دوستيءَ جو.....	55	113
جي تون چاهين.....	56	113
توکي نہ مناسب آهي.....	57	114
آهي ڪلمي جي دلداري.....	58	114
عجب يار تنهنجي جمالي.....	59	115
شل ٿئي نصيب سنگ تنهنجو.....	60	115
تنهن کي آرام نہ ايندو.....	61	116
منهنجو خان پاروچل ساڻ.....	62	116
منهنجي جيجل ڙي جند جان.....	63	117
هن پنيور ۾ هاڻ پينرڙي.....	64	118
منهنجون سرتيون ساهيڙيون.....	65	118
ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان.....	66	119
منهنجي هوت پنهل دل هئين.....	67	120
جيڪا ساهڙ سيکاري.....	68	121
جن جي محبت سان ميهار.....	69	121
ڪيو مجني کي مستان.....	70	122
لڳو ليليٰ جي لاري.....	71	123
موٽ مينڊرا يار.....	72	124
منهنجا راڻا ڪيم رسيج.....	73	124
گهٽيان گهٽيان وڃائيندا هي بين.....	74	125
آيا رنگپور رانجهن.....	75	126
ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينهن.....	76	127
اڄ سگهو سوداگر يار.....	77	127
منهنجا ويا وڻجارا.....	78	128

Gul Hayat Institute

منهنجا ٻولي ٻڪيا ٿي ڏوهه.....	79	130
آئي تڪبر ڪوڻ تقدير.....	80	131
هي خواب لهي خوش روڳ ٿيو.....	81	133
محبوب جي منهن محراب.....	82	133
عمر ساري افراد ادا.....	83	134
ڪنهن سان ورهه ونڊيان.....	84	134
ڪجليون ڪيئن واريون.....	85	135
حقيقت حال منهنجي جي.....	86	135
اچي مل يار پيارا.....	87	136
نه ڪر مئيءَ ساڻ.....	88	136
پنهل توکان اڳر.....	89	137
مدد جي هوا من.....	90	137
سنگت نباهيج سامي.....	91	138
ڪرمون عاشق تي احسان.....	92	138
آهي خدا تنهنجي ديدار ۾.....	93	139
ري خدا جي بندگي.....	94	139
دوستي واري دين ۾.....	95	140
سپ اسان کي ٿيا سهڻا.....	96	140
آيو ڪنياتل خاطي.....	97	141
جي سانگ پاتئه.....	98	141
جي هنجڙو پکي.....	99	142
گڏجڻ تنهنجو اڳ نه گهران.....	100	142
سفر ڪنديس.....	101	143
مون عاشق جو.....	102	144
عمر اڄ خواب ۾.....	103	144
هٿيار حسن جا.....	104	145
اڄ تہ ڪريون ڪاڪ تي.....	105	146
اچي تون مير مينڊرا.....	106	146
مون کي مينڊرا.....	107	147
لداڻي ۾ لاءِ تنهنجي.....	108	147

بروو

Gul Hayat Institute

سوڍي بنارڑي.....	109	148
ليلئ ۽ لکي.....	110	148
لاءِ پسڻ ليلئ.....	111	149
چؤقبلي چوڏاري.....	112	149
سميع بصير ستار آيو آهين.....	113	150
لامڪاني ٽو لقب.....	114	151
خاڪ جي چولي ۾.....	115	152
نوڪر چاڪر تابع تنهنجا.....	116	153
ڳوليو ڳوليان مسجد مڙهيون.....	117	154
پاڻي پاڪ ڪندونا.....	118	155
عجب نور الله.....	119	155
ساڳيو نور نورانا.....	120	156
عجب جوڙ جبار.....	121	156
دم دم ۾ ديدار.....	122	157
ڪوليو پرين نقاب.....	123	158
برهو آهي باز عقاب.....	124	158
عيش حياتي سڀ هئي.....	125	159
ڪر تون ورد وظيفو.....	126	159
تون تون جي تند تنوارج.....	127	160
جيئرو ئي هن جهانوَ.....	128	160
وڃي پيءُ تون آب حياتي.....	129	161
بحر علم باطوني.....	130	162
بحر برهه جو شوق.....	131	162
سڏندي ئي نينهن جو نغارو.....	132	163
ڏان ڏان دهشت وارو.....	133	163
پرواني جيئن پچن ٿا.....	134	164
دل تي درد ديوانو.....	135	164
منڌي محبوب جو آهي.....	136	165
ڳجهڑيون جهڑيون ڳالهيون.....	137	165
ڪير ويري آهي ڪير واهرو.....	138	166

Gul Hayat Institute

	روح منهنجي منجهه رايو.....	139	166
	پنهل پڇڻ آئون ويندس.....	140	167
	منهنجيون سرتيون.....	141	167
	چيو مون کي مرشد.....	142	168
	اسر جو آواز.....	143	169
	برهه بادشاهه جا.....	144	169
	صورت منجهه سواد.....	145	170
	عشق عاشقن جا هئا.....	146	170
	سڪ صبر نه ڏي مون کي.....	147	171
	دوستيءَ جي دين.....	148	171
	مومل مٽ ۾ پائج.....	149	172
	ياد ڪري ڏج يار کي.....	150	172
	مل مون کي محبوب.....	151	173
	باب برهه جون.....	152	173
	ڪيسي پياس تيري روپ.....	153	174
	هم برهه تيري ۾.....	154	174
	خدا کي نور کا.....	155	175
ملاري	پيا ٿهه ٿهه مينهن ٽمن.....	156	175
	بادل ڪئي برسات.....	157	176
	آيو حسن جا يار هٿيار ڪٽي.....	158	176
	زابر عشق عجيبن جو.....	159	177
	ٽيا سانوڻ ڏينهن سڪار يار.....	160	177
	آئي اڳ ۾ اتر جي هير.....	161	178
	منهنجو رحمي تون آهين رحمان.....	162	178
	مون کي درشن جي درڪار.....	163	179
	مون کي طلب سڃن تنهنجي تات.....	164	179
	آهي الله انسان ۾ وي.....	165	180
	تنهنجي جوپن کي جنساري وي.....	166	180
	ڪري گڙيون بادل گهمسان.....	167	181
	اهو حسن حضرت محمد ﷺ جو.....	168	181

Gul Hayat Institute

ڪج رحمت ميگهه ملهار وي.....	169	182
ديکو بنيا ميگهه ملاري.....	170	182
رت سانوڻ وي آئي.....	171	183
پنهنجو عمل ۾ ڪر اختياري جو.....	172	183
تنهنجي رمز عجب.....	173	184
حسن ڪٽي هٿيار آيو.....	174	184
پورو ٿيو شوق شڪاري جو.....	175	185
ٿيو بادل رنگ بهاريءَ.....	176	185
گوڙين ڪيا گجگاهه.....	177	186
سهڻا ساجن يار.....	178	186
ڪري محبت ميگهه ملار يار.....	179	187
هن رت سانوڻ جيءَ سير ۾.....	180	187
پرين مل هاڻ مون پياسي کي.....	181	188
هي خلق خدا تنهنجا اوزار.....	181	188
جر پلر جالار يار.....	182	189
خالق خلق ڏٽي ڏٽي.....	183	189
سارنگ ڪيا سينگار.....	184	190
گاهه وسن جا ويئيءَ ويئي.....	185	190
ياراني ۾ يار يار.....	186	191
مينهن جا ماندڻ.....	187	191
پرين مل هاڻ مون پياسي کي.....	188	192
هي خلق خدا تنهنجا اوزار.....	189	192
هي رت سانوڻ جي سير.....	190	193
ونا سپ ولهار.....	191	194
مند موسم هي سانوڻ جي.....	192	194
گوڙين لايا گهمسان.....	193	194
يارب تعاليٰ رحمت ساڻ.....	194	195
گل ڦل باغ بهار.....	195	195
تون ڪر ميگهه ملهار.....	196	196
موڪل ڪر کي منهن.....	197	196

Gul Hayat Institute

آيا ملڻ جا سال.....	198	197
واھ واھ حسن سينگار.....	199	197
وسندو مينهن وصاليءَ.....	200	197
وس تون مينهن ولهارن تي.....	201	198
وري آئي مند وسڪاري جي.....	202	198
چير تيئن چئجان پانڊي ادا.....	203	198
چو ٿو ٽين دلگير.....	204	199
منهنجو من ڪيو مستان.....	205	199
تون وري آءُ منهنجا جاني.....	206	199
ساڃيو سجاتر يار سهڻي.....	207	200
صورت سندي يار.....	208	200
عشق الڻ آيا.....	209	201
هي موسر مند ملهاري جي.....	210	201
واءَ جي وڻ ۾ هير.....	211	202
تنهنجي صحبت ريءَ.....	212	202
ڄام چنيسر داسڙا.....	213	203
تن مارن ريءَ ماتام ٿيو.....	214	203
توکي نہ مناسب.....	215	204
ڪرين ٿو ڪوهيارا.....	216	204
جيڪا تو عقل ۾ هئي.....	217	205
سينگار ڪنديون ڪيئن.....	218	205
ڪيسڻ ڪيس خوشحال.....	219	206
ويڑهيچا تہ ويڑا لڏي.....	220	206
منڙا مارو جي مليرجا.....	221	507
مون نماڻيءَ کي.....	222	207
هيڪر شال ٽيان.....	223	208
عمر ميان پرچاءِ.....	224	208
وطن ويڑهيچا ياد ڪريو.....	225	209
ماڳ منٽياڻيون مور نہ وسڻ.....	226	209
عمر اباڻن جا نوان نياپا.....	227	210

Gul Hayat Institute

	مون کي تن ماروئڙن دي.....	228	210
	ڪا جا مون کي رانجهن.....	229	210
	سرها ٽيئڙا سنگهار.....	230	211
سورٺ	تو وڃائي تار پيجل.....	231	211
	پول پيجل ڪين پيو.....	232	212
	راجا منجهه رتول.....	233	213
	راجا جو ميان ڏسو.....	234	213
	اُن سائل سان سلطان.....	235	214
	اُن جي تندن چيو ٽي.....	236	214
	دان ڏنا دربار.....	237	215
	سو سوال سورٺ ڪيا.....	238	215
	سورٺ چوي سڻ سوال.....	239	216
	مڃ آزي منگتا.....	240	217
	سرم وڍ سردار جو.....	241	217
	اُن کي سورٺ ڪيا ٽي.....	242	218
	تنهنجي نينهن جي.....	243	218
	پلي آئين مگٺهار.....	244	219
پيلو	هي هلڻ هن مون غريب.....	245	219
	قلم قسمت ۾ لکيو.....	246	220
	ديدار دلبر جي خاطر.....	247	220
	پيارا نہ پوئواري ڪيئي.....	248	221
	سڪ سوز سوداءِ.....	249	221
	خواب سهڻي ۾ صحي.....	250	222
	من موهيو مون مسڪين جو.....	251	222
	مون کي کان ڪجلين جا هٽيو.....	252	223
	آرام اکڙين کونہ ڪيو.....	253	224
	ڏکيو ڏسڻ تو يار جو.....	254	224
	اڳيون اڌ عمر هيس حرص ۾.....	255	225
	پيو مٺ ٿاني سمجهي نہ دل.....	256	225
	منهنجي دل کسي دلبر.....	257	226

Gul Hayat Institute

	مختيار محمد مصطفيٰ ﷺ.....	258	226
	من ميرا مجزوب هو.....	259	227
	اس حال اپني کي خبر.....	260	228
	هر نون ديکو دک درد.....	261	228
	اس خواب کي خطري.....	262	229
پيروي	جا منهنجي دل يار.....	263	229
	مين ڏوجها درد پرايا.....	264	230
	منهنجو سڻ فرياد فقير.....	265	231
	ڏٺو مون جوڳي تي.....	266	232
	ڪندي دنيا دوست کان دور.....	267	234
	محبوب ملي ٿو نياز کون.....	268	235
	محبوب جي مشتاق کي.....	269	235
	ڇڏ جانب خيال جدائي جو.....	270	236
	اڄ ٿيو اچڻ منهنجي يار جو.....	271	237
	ڏسي مڃ مرڻ جو.....	272	238
	جي هن دنيا ۾ حق سمجهين.....	273	238
	هن مومل جي محلي.....	274	239
	لداڻي جيون لاڏڪيون.....	275	240
	پڳهه چوڑي پند پيا.....	276	240
	آئون پوجاري آهيان.....	277	241
	وجي پرڏيهه ۾.....	278	242
	سوداگر سفر متي.....	279	242
	وکوڑي واڳون ويا.....	280	243
	بر ۾ برهمڻ جنهن لئه.....	281	244
	ڳڻ ڳالهيون هي سندئي.....	282	244
	حال منهنجي جي معلوم.....	283	245
	راڻا رنجڙو رکي.....	284	246
	اُن اکڑين جون اهڙيون.....	285	246
	جن کئون يار جدا.....	286	247
	اُپٽ اکيون ڏس دلبر.....	287	248

Gul Hayat Institute

پنڈ ڇو ڏور پچين.....	288	248
قسمت ڏور ڪيس.....	289	249
دل نہ قبول ڪري.....	290	250
رت روئندا مون ڏٺا.....	291	250
قسمت نئي ٿي مون کي.....	292	251
پير وڇوڙو وڏو.....	293	252
اب تو سجن ديکو.....	294	252
اب تو اڪيلي هُر رهي.....	295	253
تر هو ڪس کا.....	296	253
عشق ڪرناڪار ٿا.....	297	254
کولي نور نقاب کا.....	298	255
ديکا هر تجلا نور کا.....	299	255
ڪار ووئي ڪرنا اڇا.....	300	256
اي منڌار تون مرشد وڻان.....	301	256
ويکو رمزان رانجهن واليان.....	302	257
مين سڃاتا رانجهن رهبر.....	303	258
رنگپور شهر بازار وچ.....	304	259
رنگپور واليان کيڙيان.....	305	259
مين رانجهون رانجهو ڪردي وي.....	306	260
سڀ ساعت نان ساري وي.....	307	260
ڪن جا تو من ٺاريا وي.....	308	262
ڪر صاحب رب جي سنيار.....	309	263
ميان حسن ۾ حق پاڪ.....	310	263
ميان قادر عشق قراروي.....	311	264
مڃ عشق سندا تون.....	312	265
تيڪون مليا حسن ڪنعاني دا.....	313	265
تنهنجي مورت نقلي ڏني.....	314	266
عشق جي سودا لڳيم اڇي.....	315	267
عشق لڳيو لڄ ڪري دور.....	316	267
مارئي ماوئڙن ريءَ.....	317	268

Gul Hayat Institute

ڏاڏاڻن جا ڏڻي.....	318	269
ڪوئي پاڻ وڻي ڪنهن ڪي.....	319	270
بي پرواهه تو سلطانيءَ تي.....	320	270
تنهنجي ڪائي ڪائي ريت.....	321	271
سڪ وارن سو سور اڇن.....	322	272
بيپرواهه تون بادشاهه سندم.....	323	273
رک پرم اڇي مون بدڪاري جو.....	324	274
پنهنجي وعدي ڪي نه وسارج.....	325	275
ڪر يار منهنجي تل يادگيري.....	326	275
تون تان پرين پرڏيهه ڏي.....	327	276
پنهنجي خدا ڪي ڪيم وسار.....	328	277
يا هادي تون هڪدم.....	329	277
مون کان محبوب سائين.....	330	278
جانب جدائي توکي نه جڳائي.....	331	278
تون سمون ڇام سلطان.....	332	279
تنهنجو تخت تماچي.....	333	279
ڪارڻ ڪوهياري ڇام جي.....	334	280
سسئي جيون ڏي سرتيون.....	335	281
رکج حب رسول نبيءَ ڏانهن.....	336	281
جن منجهان جهڻي مون ڪي.....	337	282
عمر عيش عشرتون ڪري نه.....	337	283
ڪٽيا مون ڪوٽن ۾.....	339	283
مون کي نه سيبائي عمرڪوٽ تنهنجو.....	340	284
عمر منهنجا اياڻا ڏوڻي.....	341	284
مارو ڇام منهنجو عمر.....	342	285
منجهه قرآن هي بيان.....	343	285
شاهه رانجهن تخت هزاري.....	344	286
وڏي ولايت ويا.....	345	286
سڻ غرض واسطي الله جي.....	346	287

Gul Hayat Institute

نوري	آئون بنديائي وڃان.....	347	287
	ڪير ڪيون ڪاريون.....	348	288
	تنهن مهاڻي کي ميان.....	349	289
	جيئن نوازي نوري.....	350	289
	يار پيارا جيءُ جيئارا.....	351	290
لوڙاڻو	ڪڏهن يار ملندين.....	352	290
	پلي ڪري پام.....	353	291
	ياد پون ٿيون من تن.....	354	291
	سڃڻ سهاڳي مون کي.....	355	292
	پرين سانگ پنهنجي وٽان.....	356	292
	وس نہ پنهنجي ڪان ويس.....	357	293
	لڳا وڃي يار سان.....	358	293
	دلبر جاني ڪر احساني.....	359	294
	اٿر سڻاڻو سور.....	360	294
	سوڍل سهڻا.....	361	295
	ماروئڙن لاءِ ٿي دل ماندي.....	362	295
	سانگيئڙن کي ٿي ڊل ساري.....	363	296
جهنگلو	ڪاهوڙين جو آيم خابرو.....	364	296
	آهن اسان جا سيڙ.....	365	297
	سيج بندن کي آئون نہ.....	366	297
	ڪام ڪج وائي وسارڻ.....	367	297
	جڏهن نوبت تنهنجي.....	368	298
	ڳجهيون يار توسان.....	369	298
	اٿر يادگيري.....	370	299
	منهنجا يار محبوب.....	371	300
	ملي مبارڪ اڄ مون کي يار.....	372	300
	جن جي طلب تات وائي اٿر.....	373	301
	اوني اُتان ايندو.....	374	301
	واهه واهه عجب سبحانا.....	375	302
	هر دم سڄ سوالاري.....	376	302

Gul Hayat Institute

رک هردم پرت پياري.....	377	303
جن تي عشق آيو هلن سي.....	378	303
من محبوب ملي.....	379	304
آئون تہ پچان توکان پانڊي.....	380	304
منهنجو نياپو نيئي.....	381	305
اڄ مون ڏٺيون.....	382	305
آئون سور انهي ماريس.....	383	306
ڪوڙ وطن ناهي منهنجو.....	384	306
ڏاران ماڙيچن ماڙين ۾.....	385	307
وي يارو برهہ اڙانگو.....	386	307
ٻئي ڪنهن کي حال سڻايان.....	387	308
ڏئي ڏک يار سڄڻ ڏور.....	388	308
دم دم ياد ڪريو.....	389	309
تون سگهڑو مان ساڻ.....	390	309
صورت جوت جمال.....	391	310
ڪهڑو عقل نياڳ جو.....	392	310
چنيسر چام جي چوري.....	393	311
وو ڏسي منهنجون.....	394	311
دردن ماري آئون.....	395	312
آئون نچڻ واري تنهنجي.....	396	312
سانگ فقيري چائي.....	397	313
لڙ لهرين ۾ لڙهيو.....	398	313
ٽي وي مدد ميهار.....	399	314
ڪاريون جي راتيون.....	400	314
آهيان اٽڄاٽي.....	401	315
بخش بچايون پتار.....	402	315
ليلان توکي لڄ ڪيئن آئي.....	403	316
تنهنجي دل داسڙا.....	404	316
رک نہ ميارون مٽ نہ مومل.....	405	317
راڻل رسڻ جي.....	406	317

Gul Hayat Institute

راڻا رب ڪارڻ رس.....	407	318
سوڍل سائين واڳ وارئين.....	408	318
ميان مينڌرا مونسان.....	409	319
لڌاڻي جون لذتون.....	410	319
ور پنهنجي ريءَ.....	411	320
ٽيوم ساهيليون.....	412	320
ڏسو سرتيون سورن.....	413	321
ڪهڙين ريتن سان.....	414	321
پريم پيالو پيتم.....	415	322
ڏٺم عجائبي.....	416	322
مون تي رب راضي.....	417	323
تنهنجي ملڻ لاءِ.....	418	323
ڏاڍي سرڪار.....	419	324
جي تون سامين سان.....	420	324
من مارن کان ڪيئن.....	421	325
قسمت آنديس ڪوڙ.....	422	325
منهنجي من مارن سان.....	423	326
ڪرم قضا سين آيس.....	424	326
عمر ڇڳا اخلاق.....	425	327
لڏي سانگين مئيءَ جي.....	426	327
تن ڪاهوڙين جي آئي نہ خبر.....	427	328
منهنجا ڏوٽيئڙا ڏٺي.....	428	328
تن ماروئڙن ريءَ.....	429	329
سبي سرتين جا هئي.....	430	329
پانڌي جي وڃين.....	431	330
تن سرتين کي آئون.....	432	330
جن کان ڌار گهڙي نہ.....	433	331
عمر اڄ تہ هڪ خواب.....	434	331
مارئي مارن جو.....	435	332
منهنجا جوڳي ويا.....	436	332

Gul Hayat Institute

جوڳي راهه مسافر.....	437	333
مئڙا رانجهن جوڳي بن آيا.....	438	333
تسان ڇوڙيا تخت.....	439	334
ڪيوين ڇوڙيا شان.....	440	334
جڏهن عشق آيا.....	441	335
ميڙا رانجهو ٽيا پرديسي.....	442	335
آيل عشق لڳو.....	443	336
اديون ساجن اوهان.....	444	336
آهيان ان جي آئون پانهي.....	445	337
ٻيو ڪونہ سورن منجهہ.....	446	337
سپني ۾ ڏٺم يار کي.....	447	338
آيو خواب ۾ يار سڃڻ.....	448	338
اڄ مون کي ڏيو کي.....	449	339
آهيان ڏاران گڏجڻ.....	450	339
مون کان ڪر ٽيا.....	451	340
ميان محبوب من مهڻا.....	452	340
جيڪا تو محبوب جي مرضي.....	453	341
آئون تنهن گهوٽ.....	454	341
مون کي صحبت تنهنجي.....	455	342
ناهي خيال ڪيڙي نال.....	456	342
رانجهو روح دي دي.....	457	343
ماهي معلوم تئكون.....	458	343
تنهنجي نازن منهنجي.....	459	343
رانجهن سائين سر.....	460	344
تون ويهہ جان ڪيم وساري.....	461	344
تنهنجي واهہ واهہ الله.....	462	345
ٻيا ڇڏي آ سانگا.....	463	345
ڇڏ وي غلفت.....	464	346
ساجن ايندو.....	465	346
دل منهنجيءَ ڪئون دم نہ وسري.....	466	346

Gul Hayat Institute

	هڑ پيا مئكون شوق.....	467	347
	استاد منا محبوب.....	468	347
	پينر شهر پنيور منجهان.....	469	347
	كاكيون كيچ مكان.....	470	347
	كهه قاصد ڈي كل پرين.....	471	348
	كر ياد الله كي پانها وي.....	472	348
	چو ٿوگهمين ڊپ لاهيو.....	473	349
	مهر لطف كر زاري.....	474	349
	اكڙيان عقاب تيڏيان.....	475	350
	هڙ زابر يار تئڏيان.....	476	350
	آئون جا درد فراق ماري.....	477	351
	تئڏي چشما دي واهه چالي.....	478	351
	سائين كو وس منهنجو ناهي.....	479	352
	ڏٺم ديدار دلبر جو.....	480	352
	كونهي منهنجي حال جو پائي.....	481	353
	شايد منهنجي روح جو رايو.....	482	353
	سگهو مل سوال سڻ.....	483	354
	سموري چمار ويم.....	484	354
	قهري قهار تون آهين.....	485	355
	عشق كڙا كيا سو لک ساز.....	486	355
كنيات	ٿا چون خداوند آهي.....	487	356
	شوق خدائي سپ سين.....	488	356
	كير آهي كافر.....	489	356
	هستي هئڻ جي ڦٽو كر.....	490	357
	شاهه برهه دا شان ويكو.....	491	357
	تون سبحان يااللّٰه.....	492	358
كونيسو	منهنجي دل كي اچن غوطا.....	493	358
	ملڻ محبوب جو مشكل.....	494	359
	حرص جو حال ويو تن كئون.....	495	359

Gul Hayat Institute

تکبر کان کیم توبھ.....	496	360
ادا پنھنجي زور زبريءَ سان.....	497	360
منھنجي دل کي طلب تنھنجي.....	498	361
مون وٽ محبوب اڄ آيو.....	499	361
تون تان مون کي ياد ڪج دلبر.....	500	362
جي دوستيءَ واري هلين دڳ ۾.....	501	362
منھنجي من تي موھ دنيا جو.....	502	363
ٽي سنپالينڊ سدا.....	503	363
ڏي محبوب هن مريض کي.....	504	364
توکان پنھل پرانھون ناهي.....	505	364
ميڪون پرت پنھل.....	506	365
وومیان هوت بلوچ پنھل.....	507	365
تنھنجي برھ کيا پڑکارا.....	508	366
تڏھن حورن هنڊڙا وڃايا.....	509	366
الحمد سوين شڪرانا.....	510	367
تنھنجي عشق کيس.....	511	367
دونھون دل ۾ درد دکايو.....	512	368
جاڳيو دل منجھ.....	513	368
سائين دوستي يار رکڻ.....	514	369
ٻيا سڳ سپيئي ٽي چنان.....	515	369
تنھنجا روز پچان ٽي پانڊي.....	516	370
آئون ٽي ڪارون تنھنجي لاءِ.....	517	370
ڏٺيسون منجھ خواب.....	518	371
سڃڻ سر نور سبحاني.....	519	371
درد منھجي دلڙيءَ جا.....	520	372
ٻيو مٽ مور نڙو سمجھان.....	521	372
اسان ساڻ ياالله مولي.....	522	373

Gul Hayat Institute

	حق کلمو.....	523	373
	سکي ڪر ياد اثر ادبئون.....	524	374
	مجھکو ميري محبوب مرشد.....	525	374
	منھنجيءَ آرياڻيءَ جا.....	526	375
	اڄ ھت نہ رھنديس.....	527	375
	ڏسان پنھل مون کي پھ پيو.....	528	376
	رايو روح اندر.....	529	376
	مون کي سفر وڃڻ جو.....	530	377
	رک ڏيان پيجي ڇڏ پولو.....	531	377
پھاڙي	تجھ بن ديدار دلبرا.....	532	378
	مجھکو فراق ھئي صنم.....	533	378
	ھن عشق ۾ عريان دل.....	534	379
	آدم عشق مان پيدا ٿيو.....	535	380
	پائي رنگ ۾ اسرار.....	536	380
	آئون ٿو چوان ھڪ تون.....	537	381
	سڀ جنس ۾ سا حڪمت.....	538	382
	سو سردار تجلدار.....	539	382
	ھي ويچاري دوست جو.....	540	383
	سائين ياخدا.....	541	383
	وو مون کي ڳالھ چيئون ڳجھي.....	542	384
	وو اچي لھ سماءُ سڃڻ.....	543	384
	مون کي معشوق ماريو.....	544	385
	سڃڻ لاءِ ھاءِ ھاءِ.....	545	385
	سائين تنھنجي سڪ ۾.....	546	386
	مون کي مل سگھو.....	547	386
	وو ان طرف تنھنجي لاءِ.....	548	387
	گھنڊ گھور تنھنجي.....	549	387

Gul Hayat Institute

رهير روح منجهه پياس.....	550	388
هت چڏيو مون کي هيکلي.....	551	388
منهنجيءَ دل جي.....	552	389
پار سخن پنهنجي.....	553	389
صدق ساڻ سا سڻان.....	554	390
سڏ سلوڪ جي تڏهن.....	555	390
سائين ياخدا.....	556	391
سور مقال کا.....	557	391
محبت ماري آئون.....	558	392
پرين لاءِ روز فراق.....	559	392
ليليٰ ۽ لڪ يار جي هئي.....	560	393
سکي ساهه منهنجو.....	561	393
تنهنجي ملڻ کٹون.....	562	394
مصلام ووئي سلام.....	563	395
آئون پنهنجي ڊولڙ ڏي.....	564	395
اڄ مون بيوسيءَ جو.....	565	396
مون کي يا مولیٰ	566	396
ريهي ڪن رمزن ساڻ.....	567	397
دلڙي منهنجي يار دلبر.....	568	398
حال وارا ويم هلي.....	569	398
اچي محبوب مون اگڙ.....	570	399
درد دور ڪر سندم.....	571	399
منهنجي دل تان دم.....	572	400
اڄ نہ آهي جمعيت.....	573	400
دل ۾ درد ۽ ارمان.....	574	401
منهنجا دلدار توسان.....	575	401
صحبت يار تو سندي.....	576	402

Gul Hayat Institute

بنا ڏوهه بالم يار.....	577	402	
منهنجو قلب چئي.....	578	403	
جنهن ريت سان پرچين.....	579	403	
ڪيو اڪين آرو اتي.....	580	404	
منهنجي مڃ منٺ.....	581	404	
ٽيم وڇوڙي.....	582	405	
آهي منا محبوب.....	583	405	
توکي منا محبوب.....	584	406	
مني محبوب جي مجلس.....	585	406	
عشق اصل آهي.....	586	407	
فهم فائدو وڏو.....	587	407	
کيانتل خير سان.....	588	408	
مني محبوب يار.....	589	408	
راتو ڏينهن روح ۾.....	590	409	
اپٺ ابجد علموارا.....	591	409	
منهنجو مني محبوب سان.....	592	410	
پانڌي يار کي.....	593	410	
جنهن کي ڪيڇ ملڪ جي شاهي.....	594	411	
جيجل ذات جتن سان.....	595	411	ڪوهياري
جندجان جلي.....	596	411	
وجي پٽيءَ پنهل جي.....	597	412	
منهنجي ساجن سائڙو.....	598	412	
جيئن لوڙيم لذت پنهل.....	599	412	
اڀ جڳائيندڙ ان سين.....	600	413	
ائين تان سرتيون.....	601	413	
آن تان ڪانه ڪئي.....	602	413	
مون کان وک نه کڄي.....	603	414	

Gul Hayat Institute

	اهڙو ڪوڙو واعدو.....	604	414
	تو قلب تہ ڪوهہ.....	605	414
	منهنجو دوست ڪٽي.....	606	415
	ڪو جو غم نصيب سين.....	607	415
	ڪيچ ڏي وڃڻ جي م ڪر وو.....	608	415
	ڪئين مئيءَ کي ڪج وو.....	609	416
	پڇيو واعدا مڙيئي وڃين.....	610	416
	روئي روئي گذريم.....	611	417
	تن ڪوهيارن سان.....	612	417
	آيو عشق اجهل.....	613	418
	آئون هڪ دل تنهنجي ٻانهي.....	614	418
	مون کي لڳي آهي محبت.....	615	419
	منجهہ عشق آڙاهہ ٻران ٿي.....	616	419
	وس پنهنجي کان آئون ويئي.....	617	420
	ري هينئڙي ميت ٿي پئي.....	618	420
حسيني	تنهنجي جلوي حسن.....	619	421
	مون ٻانيو تہ مون وڻ.....	620	421
	يار سڃڻ تنهنجي.....	621	422
	وو مون ۾ عيب ڈٺو ڪو.....	622	422
	وو منهنجي پنهل نہ ڪئي.....	623	423
	آئون لاءِ محبوبن.....	624	423
	جنهن سان دلڙي.....	625	424
	وو ٻاروچي جون.....	626	424
	لاهي ويهہ م لڏ تون.....	627	425
	وو جي ڪيئي قول.....	628	425
	وو پئي روهہ منجهہ رات.....	629	425
	وري اچ يار.....	630	426

Gul Hayat Institute

	دل ديوان دلڑي.....	631	426
	ڪر نہ حجاب.....	632	427
	وو پيڑھ ياد پنهوار.....	633	427
	ماروئڑا ٻيو ملير وو.....	634	428
	سامي ڏئي ويا سور.....	635	428
	جوڳي جلويدار.....	636	429
	اول الله عظيم.....	637	429
بسنت	توکي مرشد مخفي.....	638	430
	رسڻ ڏنو ڪر راڻا وي.....	639	430
	سوڍل پاڻ سجاڻج.....	640	431
	عجيب محويت مردن.....	641	431
	اٽم يقين اعتبار اهو.....	642	432
	بي مثليءَ جا مثل هزار.....	643	432
	بسنت جي گل بهاريءَ جا.....	644	433
	تن مارن لاءِ دل ماندي.....	645	433
	موڪل ڏي تہ ملير ڏسان.....	646	434
	پنهنجي وطن آئون ويندیس.....	647	434
	آئي آئي مند بهاريءَ جي.....	648	435
	برهہ جو رنگ بهاري وي.....	649	435
	عشق آيو اظهار.....	650	436
	روئج ۾ عاشق رهج صبر ۾.....	651	436
	سڪ ساجن جي بي صبري.....	652	437
	سگهو مل ساجن.....	653	438
	آئون نہ پڳيس منزل کي.....	654	438
توڙي	برهہ بهادر آهي شڪاري.....	655	439
ڪيدارو	عشق امير ڪهايا ڪامل.....	656	439
	سپ قسم تي سڪا نگر.....	657	440

Gul Hayat Institute

	برھ بهادر کل مذهب ۾	658	440
	خواب خيال ڏني هڪ صورت	659	441
	هي مشڪل مام پروڙڻ مطلب	660	441
مانجھ	عشق بي آرام ڪيس	661	442
	منجھ اي آيو آهيان	662	442
	ٿئم سور سيني ۾ گهٽا	663	443
	سي لکيا پيو لوڙيان	664	443
	سڻ سنديم هيءَ دانهن	665	444
	جيءَ منهنجي ۾ ڙي جيڏيون	666	444
	اڄ اسان جي دوست دلبر	667	445
	وڻ راهه تان رحمت ملي	668	445
	مون کي اميد اها هئي	669	446
	مون کي مان نصيب ٿيئي	670	446
	وڃ ادا قاصد منهنجي محبوب	671	447
	پاڪ پرينءَ جي پيشاني	672	447
	معاف ڪر منهنجون مدايون	673	448
	تنهن دوست جي ديدار ۾	674	448
	منهنجيءَ دل تي آڙاهه	675	449
	حق لا اِله الا الله	676	450
	جوڪرين نصيحت ٿو	677	450
	جهڙوکي سڄ اپرندي	678	451
	ڏسيو چند سهائي جو	679	451
	آيو عشق اڪيلو اگهور	680	452
	تو کو ڏنو هو منهنجو يار	681	452
	سائي سڻائين دل جي ڳالهه	682	453
	مون کي منهنجي تنهن	683	453
	ڪئين ڪُسي قربان	684	454

Gul Hayat Institute

پياس وارن کان پچي ڏس.....	685	455
دوست کان دنيا جو.....	686	455
منهنجي روح ڏٺا هئا.....	687	456
تنهنجي ڪوٽن ۾ آئون.....	688	456
چو ٿيون منهنجي خيال کي.....	689	457
عشق چپي چيرو آهي.....	690	457
عشق وارن کي ڙي اديون.....	691	458
روئان آن يادگيري ۾.....	692	458
اجان تنهنجي يادگيري ۾.....	693	459
ڏنئي ڪهڙي دانهن دل.....	694	459
اسين تنهنجي نام جا.....	695	460
منهنجا محبوب متوالا.....	696	460
وجي پهچائي پرين کي.....	697	461
ڪڏهن ڪانگل اتي ويندون.....	698	461
مون کي محبوب منهنجي.....	699	462
آندو قاصد هي ڪاغذ.....	700	462
خبر ڪيانتل ادا مون کي.....	701	463
ادا قاصد قريبن جي ڳجهي.....	702	463
پانڊي ادا مون کي پرين.....	703	464
نجومي تون چئو نام.....	704	464
وڇوڙي جا ڏينهن هي.....	705	465
جي ملي محبوب نڻو.....	706	465
تنهنجي ديدار ۾ دير.....	707	466
سڪ واري سهٽي کي.....	708	466
خواب جي خيال منجهه.....	709	467
عقل اسرار عجيبن جو.....	710	467
ميان سوداگر موٽي آءُ.....	711	468

Gul Hayat Institute

ميان ساموندي سفر.....	712	468
منهنجو آڏار ڙي اديون.....	713	469
وچ رنگپور ميڏا رانجهو.....	714	469
هو رانجهن هزاري.....	715	470
هير رانجهن لاءِ اُجاري.....	716	470
كلنديان تسان هو خوشحاليان.....	717	471
جوڳيان دا بيكڑا.....	718	471
ڳوان ٻڌ كي سرد شالا.....	719	471
كيتا رانجهن فقيران دا.....	720	472
هن عشق عاشق جو احوال.....	721	472
وو هت جو كيئي قول.....	722	473
كيڏي كيئي ڏس يار.....	723	473
كانہ كيئي منهنجي.....	724	473
ميڏڑا دين ايمان.....	725	474
مين هان اُداسڻ هير.....	726	474
مل وي پيارل يار.....	727	474
يار رانجهو تيڏي پارئون.....	728	475
كيجهي قضا كرو قاضيا.....	729	475
كڏهن هڻ آسي.....	730	476
هڏو مون تان متان.....	731	476
پرين تون پرچين مون.....	732	477
كڏهن تون ايندين جڙيا.....	733	477
ڏينهڙو اهو كڏهن.....	734	478
مئيءَ جا سنيهڑا ساري.....	735	478
برهہ بهادر جي بي قاعدا.....	736	479
سمجهو ناچاك توسان.....	737	479
ناز نهوڑي نيو نيو.....	738	480

Gul Hayat Institute

	وٽ عجيبن اچي اچي.....	739	480
	يار جادوگر جوڙي جوڙي.....	740	481
	ليمڪ آهيان لٽي لٽي.....	741	481
	صورت يار جي ساڃي ساڃي.....	742	482
آسا	دل ڪيو ديدار فقيرن.....	743	482
	سرور صوفين وارو.....	744	482
	وٽ مت مرشد موچاري.....	745	483
	لهي ويو دليل دلگيريءَ.....	746	484
	ڪيئن سنگڙو پايو.....	747	484
	توکي رنگ هون رانجهن.....	748	485
	پانڌي ادا پرين جي پار.....	749	486
	اچي ٽيو پويون آهي.....	750	486
	هڻ مئين ويڪيا.....	751	487
	ٽبي ڏونهان وچون.....	752	487
	هجن توکي لک حيف.....	753	488
	عشق عجائب آهي.....	754	488
	دلبر توکان ڏار.....	755	489
	تنهنجو سومرا سون.....	756	489
	سمهڻ سيج بندن تي.....	757	490
مارئي	مرڪ نہ ماڙيچن وي.....	758	490
	ڏوٽيئڙا ڏيهي ڪيئن.....	759	491
	پنهواريون پريات.....	760	491
	اوني ڪونہ آيو.....	761	492
	ڪاغذ خط پيغام.....	762	492
	سرتيون ڏيهہ سنگهار.....	763	493
	ويڑهہ وطن ڏي آئون.....	764	493
	عمر اڄ هي خواب.....	765	494

Gul Hayat Institute

هي ڏهاڙا هت هنئين.....	766	494	
وڻڙا مينهن ملير ۾.....	767	495	
ويڙهيچن جي ورونهه.....	768	495	
ويڙهيچن وري ڪائي.....	769	496	
عمر اڄ تہ آيو.....	770	496	
اوٿي شل ڪي اچن.....	771	497	
ان ٽاريلن سان ٽيان.....	772	497	
ساريان روز صبح.....	773	498	
الله ماڙيچا آڻ.....	774	498	
الله ڪو اوٿي آڻ مولي.....	775	499	
هاءِ ڪيڏم رات رهاڻيون.....	776	499	
سائين ڏوٿي مٽي جا ڏاڏاڻان.....	777	500	
اسين تنهنجا اوڏ غريب.....	778	500	
رسڻ جو نياپو اڄ رات.....	779	501	ڏناسري
اچي ٽيا حرف هزار وي ميان.....	780	501	
اڄ مون ڏي آيا ڪي سلام وي ميان.....	781	502	
جيءَ ۾ سندن يادگير.....	782	502	
سانگي منهنجا روز سنپاريان.....	783	503	
تن سانگين مئي جي سنپار.....	784	503	
ڏني لنگهي ويا اٿر ڏينهن.....	785	504	
ان جي پيجان ڪيئن ڪري.....	786	504	
منهنجي اڄ موڪلاڻي.....	787	505	
اٽ ئي پهراداس ميان عمر.....	788	505	
تن ڪائوڙين مون ڏي خبر ميان عمر.....	789	506	
پير ڪانہ پروڙ، ميان عمر.....	790	506	
حق الله حق الله چئو الله اندر ۾.....	791	507	
هو الله هو الله هو جو حرف حقاني.....	792	507	پرياڳي


Gul Hayat Institute

	الله هو هادي.....	793	508
	اُتر الله جو نالو.....	794	508
	ڏي ڪٽڻ جي ويل وڃي ساري.....	795	509
	مسافر تون متان منڌين.....	796	509
	سندين صحبت ري نہ سرندي.....	797	510
	وڃي تان پوءِ سگهو ورجان.....	798	510
	جدائي يار جا ڪيڙئي.....	799	511
	ڪجليون ڪان ٻڌي ڇڏيون.....	800	511
	سڃڻ ملندا ڪي ناملندا.....	801	512
	نانگا ويم نهوڙي.....	802	512
	دم دم ياد ڪريان.....	803	513
	جوڳيئڙا يار جاني.....	804	513
	صدق هي سر سڃو سارو.....	805	514
	پايئي جا يار ميان جهاتي.....	806	514
	سرور جن کي آهي سمجهايو.....	807	515
ڪيڏارو	ڪن سان ورهه وڌيان.....	808	515
	آئون تنهنجي قدمن تان.....	809	516
جهنگلو	مون پائيو تہ مون وڻ پنهل.....	810	516
ڪسوري	پهرائج پينار کي.....	811	517
	دعا ڪج واسطي الله جي.....	812	517
تلنگ	منهنجا ساڻي ويهہ.....	813	518
	سڻ وي سندم فرياد فقير.....	814	518
ڪسوري	مهراڻ ميان بري برجا.....	815	519
سارنگ	آئون تہ اڳلڙي آهيان.....	816	519
	خير سين خواجا هندل ولي.....	817	520
ڪسوري	آئون جو آيس اجمير جا والي.....	818	520
	سچا شاهہ ڪر نگاهہ.....	519	520

Gul Hayat Institute

پهاڑي	مست شهباز قلندر لال.....	820	521
	جهولي جهولي ميان لال قلندر.....	821	521
کسوري	اي منهنجا دائود دل جا يار.....	822	522
	سڻ ميان سوال فقير منڌار.....	823	522
پيروي	سڻي منهنجا سوال کارڙ کريم.....	824	523
	ميان ملتان جا مالڪ.....	825	523
کونيسو	محي الدين پير جيلاني.....	826	524
ملاري	حاجي محمد صوفيءَ ساڻ.....	827	524
	پرج خدا پروردگار.....	828	525
	فقير سائين جن جا بيت.....	1-97	526
	رهنمائي رسالي مان چونڊ ڏهر.....	1-29	549

Gul Hayat Institute



عالي جناب قبلہ مخدوم محمد الزمان صاحب
"طالب المولیٰ"

Gul Hayat Institute

روشنائي

اهو زمانو مون کي چٽو ياد آهي، جڏهن اٽڪل سال 1351 هجري ۾ ناري جي مريدن جي دعوتن تي ويو هوس (تڏهن سانگهڙ ضلع جو وجود ۾ کو نه هو (منار فقير) راڄڙ تڏهن پهريائين بوچٽاه پٽ تي خليفي سيد وريل شاهه جي دعوت تي پنهنجي سنگ سميت آيو هو. اها به چٽي يادگيري آهي ته شام جو اٽڪل پنجين بجي سر ڪلياڻ ۾ (اول الله جي تعريف آهي ڪلني ڪتابن ۾) پهريون ڪلام ڳايو هئائين ۽ ان طرح روزانو هر دعوت تي راڳ جي ڪچهري ڪندو هو. ان زماني کان سندسن ڪلام پسند ايندا اٿم.

منڌار فقير جي شاعري جي زبان سنڌي لوڪ ادب جي زبان آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس زبان کي هر شخص آساني سان پڙهي سمجهي سگهي ٿو. اهائي سندس ڪلام جي خاص خوبي آهي.

فقير جو ڪلام "رسالو خدائي" جي نالي سان ديوان ڪشنچند بيراني ۽ واري 1928ع ۾ ڇپرايو هو. جنهن ۾ پروف جون تمام گهٽيون غلطيون رهجي ويون هيون نئين ڇاپي جا پروف نياز همايوني صاحب درست ڪيا آهن. پاڻ به سٽو شاعر. آهي. سندس محنت قابل تحسين آهي. انهي ڪري به هن نيئن ڇاپي ۾ پروف جون غلطيون تمام گهٽ آهن.

نئين ڇاپي ۾ فقير ولي بخش مرحوم جي اجازت ۽ همت افزائي سان فقير ولي محمد راڄڙ، پياري خان شر، سيد گل شاهه، حاجي فيض محمد هنگورجي، ۽ سرفراز راڄڙ وغيره جيڪا جدوجهد ڪئي آهي. اها قابل داد آهي.

Gul Hayat Institute

اميد آهي ته هي ڪتاب اهل سخن ۽ ڪافي گو شاعرن لاءِ سٽي سوڪڙي ثابت ٿيندو.


مخدوم محمد زمان طالب المولي

هالا 20 سيپٽمبر 1984ع

پہ اکر

منٹار فقير سروري جماعت جي خاص فقيرن مان ۽ پنهنجي وقت جو روحاني شاعر ٿي گذريو آهي. پاڻ شعر جي ٻين صنفن ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس جيئن بيت، مولود، مداح، مرثيہ، مناجات، ٽيهہ اکري ۽ خاص ڪري ڏهر جيڪي سروري جماعت ۾ ذڪر سان گڏ چيا ويندا آهن، پر پاڻ ڪافي جي صنف کي گهڻو لکيو اٿس هيءُ رسالو بہ گهڻي پاڳي ڪافين تي ئي مشتمل آهي جيڪي پاڻ ئي سُر وائز رکيون اٿس جنهن مان سندس علم موسيقي جي مڪمل ڄاڻ جو پتو پوي ٿو سندس ڪلام ۾ عام ڳوٺاڻي ۽ روايتي زبان استعمال ٿيل آهي. ان ڪري سندس ڪلام گهڻو مقبول آهي جنهن جو اندازو هن رسالي مان ئي ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ۽ اراڪين منٹار فقير جو ڪلام بهتر نموني ڇپرائي قابل تعريف ڪم سرانجام ڏنو آهي.

اسين فقير محمد بخش 'ضامن' ۽ سندس خاندان لاءِ خصوصاً دعاگو آهيون، تہ الله پاڪ کين درگاهہ منٹار فقير جي صحيح سنپال جي سگهہ ڏي ۽ منٹار فقير جي پيغام کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي نصيب ڪري.



Gul Hayat Institute

مخدوم محمد امين فهيم

سجاده نشين



مرشدنا قبلہ مخدوم محمد امين فهيم

سائين جن درگاهہ حضرت منار فقير عليہ رحمة تي راڳ جي محفل پڌندي.

شڪريہ ادائي

فقير سائين عليہ رحمہ جن جو هي رسالو خدائي اڳ ۾ ٽي دفعا ڇپجي چڪو آهي. پهريون دفعو سندن حياتيءَ ۾ 1928ع ۾ سندن معتقدن ٻيرانيءَ جي ديوان ڪشنچند ۽ ديوان پرتاب راءِ وارن ڇپرايو. ٻيو دفعو 1987ع ۾ پياري خان شر ۽ غلام ڪريم شر جي ڪوششن سان ڇپيو جنهن ۾ سوانح حيات بہ ڏني وئي. ان ڇپائي جي ڪوششن ۽ خاص ڪري سوانح حيات ۽ مواد کي ترتيب ڏيڻ ۾ فقير ولي بخش سائينؒ جن جون ڪوششون ۽ هٿ رهيو. پر افسوس جو رسالو سندن حياتيءَ ۾ شايع ٿي نہ سگهيو. سندن وصال بعد تڪڙيون ڪوششون وٺي شايع ڪرايو ويو. ٽيون دفعو 1999ع ۾ منٺار فقير اڪيڈمي طرفان فقير ولي بخش سائينؒ جن جي رسالي ’پرين تنهنجي پياس ۾‘ سان گڏ ڇپرايو ويو. هينئر ڪجهہ ٽائيم کان رسالو وري نايابن ٽي ڇڪو هو هي ڇوٽون دفعو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرايو ويو آهي. سندن محنت قابلِ داد آهي.

آءٌ انتهائي ادب ۽ احترام سان قبلہ مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جو شڪرگذار آهيان جو پاڻ پنهنجي تمام گهڻين مصروفيتن باوجود هن رسالي ۽ فقير سائين جي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجندڙ ٻن ٻين رسالن رسالو رهنمائي ۽ رسالو مرتضائي لاءِ الڳ الڳ دعا جا ٻہ اکر لکي ڏيڻ عنايت فرمايائون. اسين جيڪي ڪجهہ ٻہ آهيون. سندن خاص نظرِ عنايت جي طفيل آهيون. جيڪا هميشہ کان رهي آهي رهندي اچي ۽ انشاءالله رهندي ايندي.

آءٌ قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن جو ٻہ شڪرگذار آهيان سندن دعائون ۽ رهنمائي اسان سان هر وقت رهي آهي ۽ رهندي. قبلا مخدوم نعمت الله سائين ۽ قبلا مخدوم حبيب الله سائين جن جو رسالي جي ڪم ۾ پرپور ساٿ رهيو. آءٌ سندن انتهائي مشڪور آهيان.

آءٌ جناب پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي صاحب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو ٿورائتو آهيان جو سندس ذاتي ڪوششن ڪارڻ ئي رسالن جو ڪم جلد مڪمل ٿي سگهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي جن ٻہ اراڪين جي محنت هن ڪم ۾ شامل رهي آءٌ سندن فردن فردن شڪريو بجا آڻيان ٿو. خاص ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ فرد ۽ اسان جي پنهنجي گل حسن درس جي اٽڪ

Gul Hayat Institute

محنت جو ئي هيءُ ثمر آهي. آءٌ سندس شڪرگذار آهيان ۽ صادق درس جي محنت ۾ شامل رهي. آءٌ سيني لاءِ دعاگو آهيان. اميد ته هيءُ رسالو اهلِ علم حضرات لاءِ سوڪڙي ثابت ٿيندي.

آءٌ اهلِ علم حضرات کي گذارش ڪندس ته ڪا ڪوتاهي رهي هجي يا رسالي متعلق کي تجويزون هجن ته اسان کي آگاهه ڪن جيئن آئيندي ڇاپي ۾ ان جو خيال رکي سگهجي.

دعائن جو طالب

فقير محمد بخش خامن

ڀهاريدار درگاهه منڌار فقير راجڙ عليه رحمة

چيئرمين منڌار فقير اڪيڈمي

P.O و تعلقه ڪپرو ضلع سانگهڙ سنڌ

0300-3084432

Gul Hayat Institute



قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين، فقير محمد بخش ضامن سان ملي جي موقعي
تي درگاھ حضرت منار فقير عليہ رحمة تي چادر چاڑھيندي.
حميد سنڌي، پروانو پئي ۽ سرفراز راجڙ ب نظر ايندي.

Gul Hayat Institute



قبلہ مخدوم خليق الزمان سائين، قبلہ مخدوم نعمت الله سائين
قبلہ مخدوم حبيب الله سائين، فقير محمد اسحاق ضامن، نصير مرزا ۽ صوفي فقير
علي فقير، ميلي جي موقعي تي درگاھ شريف تي چادر چاڑھڻ بعد دعا گھرندي.

Gul Hayat Institute



فقير محمد بخش "ضامن"

سجاده نشين درگاهه حضرت فقير منڌار سائين عليه رحمة

فقير سائين جن جي دستار مبارڪ ۽ حال وسلن سان

Gul Bhatai Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله و نحمده و نصلي علي رسول كريم

اما بعد:

هي رسالو جيكو اهان جي هٿن ۾ موجود آهي، ان بابت مان ڪجهه مختصر عرض ڪندس ته منهنجو جد علي مرحوم منڌار فقير رحمت الله عليه، شاعري واري شروعاتي دور ۾ سير سفر ۽ مجذوبيت جي حالت ۾ رهيا، مرحوم دائود فقير جي وصال ڪانپوءِ جڏهن پاڻ موجوده مڪان تي مستقل رهيا ته ڪين خيال آيو ته ڪلام کي قلمبند ڪرائجي جيئن ته پاڻ حضرت پڪن ڏڻي رحمت الله عليه جي دعا سان اڪر شناس ٿي چڪا هئا، پر سندن لکڻي اهڙي پڪي ۽ پختي ڪانه هئي تنهنڪري ڪين ڪاتب جي مدد وٺڻي پئي جنهن هت رهي چارئي رسالا قلمبند ڪيا، ڪجهه ڪاتب جي باري ۾.

جيڪڏهن آئون ڪاتب جو ذڪر نه ڪندس ته شايد احسان فراموشي ٿئي ڪاتب جو نالو سرڳواسي ڏرمون مل آهي، ڪنهن جاءِ تي ڏرمداس مل ساڏو لفظ به ڪم آندو اٿس، اڪر پڪا ۽ پختا آهن فهرست ۽ حاشيا ترتيب سان ڏنل آهن، قلمي رسالن جي لکڻ جي شروعاتي تاريخ رسالن جي باري ۾ عرض ڪندس ته تاريخ 21 مارچ 1908ع تي قلمي نسخو لکڻ شروع ڪيو ويو، ليڪن رسالي جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ نه ملي سگهي آهي، ڪاتب ۽ فقير صاحب جن جي رسالن جي باري ۾ سندن هڪ قلمي نسخي تان شعر مليو آهي جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

جيڪي آيم منان اڪلي، پنهنجي دل جي سچائي ۾،
سي لکايم ڪي قدر ڪافيون، ڪلام ڪتاب خدائي ۾.
مداحون ۽ ٻيا مرثيا، ذڪر ماتام جون زاريون،
ڪيم حسنين جي تعريف، دفتر شهنشائي ۾،
امين محمد اڪمل جي، نيڪي ڪيم نوح نرمل جي،
سدائون ڏهر ٻي ساراهه، رسالي رهنمائي ۾،

Gul Hayat Institute

ويس جيڪن وليڻ وڻ، پلئه پائي پنيم تن وڻ،
سي سڏائون عرض ۽ آزيون، سوال ڪتاب سڏائي ۾،
لکندڙ هاڻ هٿ آيم، ڏرمداس مل ساڏو،
جنهن لکي چارئي ڪتاب ڪيا، قلم هٿ جي ڪمائي ۾.
آزيون "منڌار" چئي منهنجيون، من پون قبول قادر وڻ،
اُميد وار آئون آهيان، فضل ربجي پلائي ۾.

پوءِ ڪجهه وقت رسالا قلمي صورت ۾ موجود رهيا، ديوان ڪشنچند ديوان پرتاب راءِ ۽ جمعيت راءِ (جن جي فقير صاحب سان نياز مندي هئي) بيراني وارن ڪوشش وٺي ٽيئي رسالا ڇپرايا، هي رسالو پهريون دفعو ديوانن سنہ 1928ع ۾ ڇپايو هو، جئين تہ هي رسالو فقير صاحب جن جي حياتي ۾ ڇپيو ان کان پوءِ به پاڻ اٽڪل ست سال حيات هئا، رسالن ڇپجڻ کان پوءِ به پاڻ کيترو ڪلام ڇپائون جن مان ڪجهه هن ڇاپي ۾ آندو ويو آهي.

جيئن تہ ڇپيل رسالن جون تمام ڪاپيون نايابَ ٿي چڪيون هيون ۽ رسالي ٻيو دفعو ڇپرائڻ جو خيال ڪيو ويو 1952ع کان وٺي منهنجي والد بزرگوار فقير صاحب جي ڪلامکي نئين سر ترتيب ڏيڻ ۽ پکڙيل ڪلام کي گڏ ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيائيون جنهن کي 1963ع ۾ مڪمل قلمي صورت ۾ تيار کيائون هڪ دفعي مرحوم ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه "بيخود" حُسيني جو هت اچڻ ٽيو ۽ پاڻ ڪلام فقير منڌار کي سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان شايع ڪرڻ جو خيال ڏيکاريائون (ان وقت پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري هو) ان کانپوءِ جلدي ڊاڪٽر صاحب مرحوم بيخود حسيني بورڊ کان علحده ٿي ويا ۽ اهو ڪم اتي ئي رهجي ويو ان کانپوءِ منهنجي والد بزرگوار جي طبيعت ناچاق رهڻ لڳي ۽ رسالي جو ڪم اڳتي وڌي نہ سگهيو. سال 1981ع ۾ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا (وائيس چانسلر علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد) پاڻ اُن وقت سنڌالاجي جا ڊائريڪٽر هئا. جن هتي آيا، تنهن صاحب به سنڌالاجي جي طرفان رسالي کي ڇپرائڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ فقير صاحب جن به انهيءَ باري ۾ رضامندي جو اظهار ڪيو. ان کان ترت ئي

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

فقير ولي محمد سائين عليه رحمة

سجاده نشين درگاهه منڻار فقير رحه

پنهنجي فرزندن فقير محمد بخش ضامن، فقير لطف علي

۽ فقير خادم علي سان گڏ درگاهه شريف تي

پوءِ الانا صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ اسانکي هڪ سال جي مهلت ڏيو جو اسان وٽ بجيٽ جي گهٽتائي آهي ۽ 83-1982ع واري بجيٽ ۾ اهو رسالو انشا ءالله ترجيح واري بنياد تي ڇپائبو. ان کان پوءِ الانا صاحب جلدئي اسلام آباد بدلي ٿي ويا. قضا الاهي سان تاريخ 5 نومبر 1983ع مطابق 29 محرم الحرام 1404هـ چنڇر جي رات تي منهنجي والد بزرگوار مرحوم فقير ولي بخش جن جو انتقال ٿي ويو ۽ اهو سڄو ڪر اتي ئي رهجي ويو.

ان کان پوءِ ڪن دوستن جو اهو خيال ٿيو تہ هاڻ رسالو اشاعت هيٺ آڻجي دنيا جا ڏاڏا هلندا رهندا پهرين اهو بار هلکو ڪجي مون انهن سڀني دوستن کي اهو عرض ڪيو تہ توهان اهڙو عرض مرشدنا اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين جن کي ڪريو انکان ڪجهہ ڏينهن پوءِ انهن دوستن سان گڏ هالا شريف وڃڻ ٿيو. ۽ انهن دوستن اهڙو ذڪر سائين جن سان ڪيو پاڻ تمام گهٽو خوش ٿيا ۽ دعائن سان چيائون تہ الله پاڪ اوهان سان انهي ڪارخير ۾ مددگار ٿيندو. گهٽو ڪجهہ تہ منهنجو والد بزرگوار مرحوم فقير ولي بخش ڪري ويو هو باقي ڪجهہ رهيل ڪر ۽ نئين سر ترتيب ۽ انهن دوستن ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ منهنجو لائق فرزند فقير محمد بخش بہ گڏ هو. ان وچ ۾ محترم نياز همايوني سان هڪ ملاقات ٿي جنهن صاحب رسالي تي سرسري نظر ڦيرائي جنهن صاحب پروف ڏسڻ جو ڪر سنڌي ادب جي خدمت سمجهي پنهنجي سر تي کنيائين. ان کان جلد پوءِ اسان رسالو سندس مشوري سان پريس وارن کي ڏنو. سنڌ پريس جي مهربان مالڪ احمد شيخ صاحب هڪ واپاري وانگر نہ پر ادب دوست ٿي هي ڪر وقت جي اندر مڪمل ڪيو. آئون هميشہ جيان مرشدنا اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين جن جو شڪر گذار ۽ سندن دعائن جو طالب آهيان جو پاڻ طبيعت ٺيڪ نہ رهڻ جي باوجود بہ هن رسالي جي باري ۾ پنهنجي نيڪ راين ۽ مشورن سان گڏ دعائن سان پڻ نوازيندا رهيا. هن کان اڳتي بہ اسان کي هر وقت سندن دعائن جي ضرورت آهي مان ٽائون ڪاميٽي ڪپرو جي معزز چيئرمين ۽

Gul Hayat Institute

سندن ميمبرن جو بہ شكريو ادا كريان ٿو جو كاميٽي جي طرف كان هن رسالي ڇپائن ۾ كجهه مالي امداد ڏي. آئون تمام انهن دوستن جو شكريو ادا كرڻ كان سواء رهي نٿو سگهان جيكي هن ڏس ۾ اسان سان بانهن ٻيلي ڏيا ۽ ان سان گڏ آئون عزيزم محمد خان راڄڙ جو بہ شكريو ادا كريان ٿو جو هن رسالي ڇپرائڻ ۾ سندن ساٿ رهيو.

آخر ۾ آئون قبلہ حضرت مرشدنا مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين جن جو وري بہ هك دفعو عقيدت ۽ دل جي گهرائين سان شكريو بجا آڻيان ٿو. ڇو جو سندن نظر كرم ۽ شفقت هميشہ اسان تي رهي آهي ۽ رهندي.

خادم الفقراء

فقير ولي محمد راڄڙ

سجاده نشين درگاهہ منڌار فقير

مئخانہ سروري كاٽي راڄڙ

1984ع

Gul Hayat Institute

مختصر سوانح حيات مرحوم

"منڌار فقير راڄڙ"

وادیءِ مهراڻ جو مردم خيز خطو ازل کانئي افضل رهندو آيو آهي، اهڙا هيرا ۽ جواهر پيدا ڪيا اٿس جو ڪو بہ انهن جو مُلهہ ڪٽي نہ ٿو ٿي سگهي، سائين منڌار فقير راڄڙ بہ انهن مان هڪ آهي.

راڄڙ قوم جي مختصر تاريخ

راڄڙ قوم سنڌ جي قديم سمان قوم جي هڪ شاخ آهي، شجري موجب 14 هاشم سان 20 راڄڙ سان 29 لاکي سان (مشهور سخي ڏاتار) 42 سمي سان ملي ٿي.

فقير صاحب جا وڏا

فقير صاحب جا وڏا اصل جيسلمير رياست جا رهندڙ هئا، اهو واريا‌سو علاقو آهي، لاڏيتن مينهن نہ پوڻ ۽ خشڪ سالي جي ڪري پنهنجي مال متاع سميت اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. (اهو وقت ميرن جي صاحبي وارو هو) ۽ موجوده ڳوٺ ڪاڻي راڄڙ ۾ اچي آباد ٿيا.

فقير صاحب جن جا وڏا اصل ڪانئي، قبلہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جا مريد هئا، انهن مان بہ فقير وڏا درويش اڳ بہ ٿي گذريا آهن. (1) مهراڻ فقير راڄڙ ڪنگور جيسلمير انڊيا. ۽ ٻيو (2) منڌار فقير راڄڙ، ڪنگور جيسلمير انڊيا.

مهراڻ فقير راڄڙ ڳوٺ ڪنگور جو رهندڙ هو، ڪ شروعات ۾ مشهور ڏاڙيل هو، هڪ رات ڏاڙو هڻي موٽيو، ڏسي تہ هڪ لڏو پاڻي نہ ملڻ...ڪري اڄ جي شدت کان بيحال آهي ۽ انهن مان بہ ماڻهو ڪجهہ نيڪ حالت ۾ هئا، پڻ انهن کان پڇيائين تہ توهان ڪير آهيو، انهن ٻڌايو تہ اسين پيل آهيون پاڻي نہ ملڻ ڪري تنگ ٿي پيا آهيون.

پاڻ انهن کان سانداري "مشق" وٺي کين هڪ ويجهو ترُ سُجهندو هوئن.

Gul Hayat Institute



وادیءَ سنڌ جو مشهور و معروف الهامي شاعر

منڻار فقير راڄڙ

(ولادت 1865ع - وفات 1938ع)

Gul Hayat Institute



حضرت قبلہ مخدوم غلام محمد "گل سائين"
16 سجاده نشين درگاھ حضرت مخدوم سرور نوح فقير عليه رحمة
جن جماعت جي خاص خليفن ۽ نالي واري شخصيتن سان گروپ فوٽو
حضرت فقير منڌار سائين عليه رحمة جن ۾ بيٺل آهن.

Gul Hayat Institute

ان تان پاڻي پري اڇي، سڄي لڏي کي پاڻ پياريائون ۽ انهن کي ڇيائون مونکي دعا کريو. لڏي وارن ڇيو ته اسان جون دعائون توساڻ آهن، پاڻ روانا ٿيا. اڳتي هلي خيال اين ته آئون هڪ لڏي کي پاڻي پياري انهن جي جان بچايم ۽ ٻين کيترن غريبن جو بيگناهه مال کاهيو پيو وڃان اهو خيال کري پوئتي موڙي اڌ پنڌ تي اها واهر گڏين پاڻ سڀ مال انهن کي ڏئي انهن کان معافي ورتائين ۽ پاڻ اتان ستو جبل ڏي هليا. جت هڪ درويش رهندو هو ان وٽ پهتا.

اُن کين ڇيو ته هتي کجهه کونه ٿيندو توهان پنهنجي مرشد وٽ وڃو. ڇيائين ته منهنجو مرشد ڪٽي آهي، هن ڇيو اولهه طرف ڏي، هو وڏ ڏسين ٿو اهي هالن جون نمون اٽئي ۽ پوءِ مهراڻ فقير هالا شريف ويو ۽ فيض پرايائين.

مٺار فقير، ڪنگور وارو هي مهراڻ فقير جو پوٽو هو وڏو درويش ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڇوڪي اڄ تائين مشهور آهي، اڄا تائين پاڻيا ماٺهو وڃايل يا جهنگ ۾ رهجي ويل مال جي لاءِ، هيئن چوندا آهن، ته کين پنهنجو مال سلامت ملندو آهي، ماٺهو ڇوڪي ڏينڌا آهن ته:

فقير مٺار تنهنجي ڇوڪي آهي ڇوڙار، لوهه جو ڪڙو رک جي واڙ.

مٺار فقير ڪنگور واري جي وصال جو سال ۽ مٺار فقير ڪاڻي واري جي ولادت جو سال ساڳيو آهي. مرشد امين محمد پکن ڏٺيءَ جن جي دعا سان فقير صاحب جن تولد ٿيا ۽ سندن نالو مٺار رکيو ويو. فقير صاحب جي ولادت جو سن متفق روايتن موجب 1865ع آهي. (1)

بالجتي

جئين ته فقير صاحب پنهنجي والدين جا نندا فرزند هئا تنهنکري کيس گهر ۾ لاڏ ۽ ڪوڏ سان نپايو ويو پاڻ ننڍي هوندي کان حليم سليٽا ۽ حد کان وڌيڪ خوبصورت هئا. ڏسو (2)

کين ظاهري تعليم بلڪل کا نه ملي ڇو جو ان وقت تعليم عام مروج کانه هئي پاڻ جڏهن ڳالهائڻ لائق ٿيا ته آمومن هڪ ڏهر جا کجهه لفظ آلا پيندا هئا.

فقير صاحب جي ولادت کان کجهه ڏينهن پوءِ هڪڙا چار درويش دروازي تي آيا ۽ اڇي صدا هنيائون ته جيجان اسانکي ڏاڏي جي زيارت کراءِ، اهڙي

طرح تي دفعا اها صدا هڻندا رهيا. فقير صاحب جي والده فقير صاحب کي پينگهي مان کڻي دروازي تي آئي. انهن مان وڏي فقير ٻارڙي کي هنج ۾ ونبي ۽ وات ۾ پڪ وجهي هيئن چئي روانيا ڏيا تہ هي منڌار فقير ڪنگور وارو هتي آيو آهي هن جو ادب ڪجو هي دنيا ۾ مشهور ڏيندو.

جڏهن پاڻ سن بلوغت کي رسيا تہ اڪثر گوشہ نشين رهندا هئا ۽ تمام گهٽ ڳالهائيندا هئا جيڪڏهن ڪا ڳالهہ چوندا هئا تہ شعر ۾ چئي ويندا هئا.

سندن طاقت ۽ جواني جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيترا ڀيرا سرحل(1) واهہ تان ٽپي ويندا هئا. خوشحالي طاقت ۽ زمينداري هوندي بہ سندن طبيعت ۾ غرور ۽ تڪبر نہ آيو.

هڪ دفعي سندن پاءُ ميان پرچي کين چيو تہ فلاڻي ڪڙي تي وڃي بڏي ڪري اچو انهي ڪڙي جي سار سنڀال بہ سندن هٿ هيٺ هئي. پاڻ هارين جو حصو هارين کي ڏئي باقي سڀ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيائون انهي واقعي مان سندن دنيا سان لاطمعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ذڪر بيعت

جيئن تہ سندن وڏا اصل ڪانئي حضرت مخدوم نوح عليہ رحمة جن جا مريد هئا ۽ پاڻ بہ حضرت پڪن ڏڻي عليہ رحمة جي دعا سان تولد ڏيا هئا. جڏهن حضرت پڪن ڏڻي رحمة الله عليہ راهوند(2) ۾ جوڳ پڇائڻ لاءِ ڇلہ ڪشي ڪري رهيا هئا ۽ اها خبر جماعت ۾ عام ٿي ويئي هئي.

حضرت پڪن ڏڻي رحمة الله عليہ جڏهن جوڳ پڇائي واپس هالا شريف پهتا تہ جماعتون هالا شريف زيارت لاءِ روانيون ٿيون فقير صاحب جن بہ هالا شريف روانا ڏيا اتي کين اهو خيال آيو تہ ذڪر بيعت وڻجي. ڪافي جماعتون هالا شريف پهچي چڪيون هيون. ان وقت حضرت پڪن ڏڻي جي حاضري ۾ هڪ سيد هو. پاڻ ان کي چيائون ذڪر وٺندس اُن سادات جواب ڏنو تہ ذڪر بند آهي.

فقير صاحب کين چيو تہ مون تي خاص مهرباني ٿئي شاهہ صاحب چيو تہ چوڪرا تون ڪير آهين پان چيائون تہ آئون راجڙ آهيان ۽ ناري ۾ رهان ٿو. شاهہ چيو تہ آئون وڃي ٿو عرض ڪريان پوءِ ڪٽن تنهنجا پاڳ شاهہ صاحب وڃي

Gul Hayat Institute

حضرت پکن ڏڻي کي عرض ڪيو پاڻ يڪدم پڇيائون تہ ڪير آهي، شاھ صاحب وراڻيو تہ راڄڙ آهي فرمايائون تہ ڪٽي جو آهي شاھ صاحب چيو تہ لڙي چوکرو آهي، پاڻ چيائون تہ ڪٽي آهي شاھ صاحب چيو تہ قبلہ سائين اجهو هو ٻيٽو آهي، پاڻ چيائون تہ سڏ ڪريو، شاھ صاحب يڪدم سڏ ڪيو فقير صاحب جن آيا ۽ حضرت پکن ڏڻي نظرون ملائي کين ذکر تحليل ڏنائون. پاڻ ذکر تحليل وٺي واپس ٿيا، تہ شاھ صاحب ۽ سڄي جماعت کين مبارڪ ڏني تہ چوڪرا تون وڏي بخت وارو آهي، جو سڀ کان پهرين ذکر ورتو اٿئي، ۽ پاڻ واپس ڳوٺ پهتا.

سندن شادي

انهيءَ سال فقير صاحب جي پائرن ميان پرچي ۽ ميان حافظ پنهنجي برادر مان فقير صاحب جن جي شادي ڪرائي.

هڪ دفعي مخدوم امين محمد سائين جن ناري جي سفر تي نڪتا ۽ پاڻ راڙ ۾ صحب(1) چانهين جي دعوت تي پهتا تہ کين واپس هالا شريف وڃڻ جو اشارو مليو ۽ پاڻ تياري ڪيائون اها خبر سڄي جماعت ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪافي ماڻهو رستا وٺي زيارت لاءِ ٻيٺا.

فقير صاحب جن زيارتلاءِ نہ وڃين سگهيا چو جو سندن وڏي پاءُ ميان محمد حافظ جي طبيعت ناڇاڪ هئي، پکن ڏڻي جيئن واپس هالا شريف پهتا تہ جلدئي بڌا جي ملڪ ڏي روانا ٿيا، انهيءَ واقعي جو فقير صاحب جن تي وڏو اثر پيو.

عشق جي چوٽ

فقير منڌار اڃان جواني کي مس رسيو تہ حضرت عشق جي لپيٽ ۾ اچڻ سوگهو ٿيو جو مڙس عشق جي چنبن ۾ ڦاسي پيو.

حقيقت هينئن آهي تہ، ذات جا پيل ڳوٺ ڏيڳاري ذات لهڙيا تعلقو سودرو (جيڪو هينئر هندستان ۾ آهي) مزدوري سانگي ڳوٺ ڪاٽي ۾ اچي ويٺا. انهن ۾ هڪ چوڪري جيڪا صورت ۽ سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، جنهن جي ٻہ چوڪريءَ تي نظر ٽي پئي، تہ اهو پنهنجي پر ۾ مٽس ڇڪن ٽي ٿي پيو اُن ناز پري صورت تي اٽڪل چانوجاھ(1) ڇٽا عاشق ٿيا. فقير صاحب ٻہ انهن چاونجاھ ڇٽن مان هڪ هو، گويا اها هڪ عشق جي بازي هئي ڪٽڻ

Gul Hayat Institute

هارائڻ ٻين جي هٿ ۾ هو. فقير صاحب جو هڪ شعر انهي حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو.

(1) فقير صاحب جو هڪ شعر آهي جنهن ۾ ڇانونجاهه ڇڻ جا نالا آيل آهن. پر افسوس جو پورو شعر هٿ اچي نه سگهيو آهي صرف ٽي سٽون مليون آهن:

اچي ساماڻين اوچتي ناز پري نينگر،
جنهن تي مڙيئي عاشق ٽيا ڇانونجاهه ڇوکر،
مهت مليو منٺار کي جنهن ڇيهو ڪيو ڇوکر.

عشق بادشاهه آهي، بادشاهن کي تخت ڇڏائي، عاقلن کي ناڇو ڪري نچايو اٿس. فقير صاحب جي حوالي جيڪو ڪڙيو هو ان جي سموري پيدائش پيلن جي حوالي ٿي.

آخر اهو وقت آيو جو فقير صاحب کي پهريون انجام مليو. پاڻ اتي پهتا ۽ مائي به انجام مطابق آئي ۽ پاڻ به ڏسڻ پسڻ ۾ موهت ٿي ويا تان جو رات جا اٽڪل 3 اچي ٽيا. اتي کين نفسياتي خواهش ٿي، ته کين اُٺن ۽ گهوڙن جي هلڻ ۽ ذڪر ڪلمي جي تنوار ٻڌڻ ۾ آئي، جي سڌا پاڻ ڏانهن پي آيا. ۽ اهو آواز ٻڌائون ته مخدوم امين محمد سائين جن اچي رهيا آهن ۽ پاڻ هڪدم اٿيا ۽ مائي کي چيائون ته وري سياڻي ملنداسون اڄ منهنجو مرشد اچي رهيو آهي ۽ پاڻ واپس وريا ۽ سڄو ڏينهن انهي ڳالهه تي سوچيندا رهيا ته مرشد سائين ته دارالبقا ڏانهن ويا آهن. هي ماجرا ڇا آهي آخر وري بي رات ٿي ۽ وري انجام تي ويا ۽ مائي به آئي ۽ وري ساڳين وقت کين نفساتي خواهش ٿي ته وري ساڳيا اُٺ ساڳيا گهوڙا ۽ ساڳي ذڪر ۽ ڪلمي جي تنوار.

پاڻ چيائون ته انجام واري جاءِ منڱائجي ۽ سياڻ رات وري بي جاءِ تي ملنداسون. ايئن چئي پاڻ روانا ٽيا ۽ ٻيو ڏينهن به انهي خيالن ۾ رهيا ته هي آهي ڇا؟

آخر ٽي رات به ساڳي حالت ٽي ۽ صبوح جو پيلن لڏو ڪنيو. واپس پنهنجي ملڪ روانا ٽيا ۽ فقير صاحب جن به پيچو ڪيو. رات ٽي لڏي ڏاپو ڪيو. فقير صاحب جن به ڪنهن ڪپڙي هيٺان سمهي رهيا صبح جو لڏو ناري جو آباد علاقو ڇڏي، ٽر جي وڻياسي علاقي ۾ روانا ٽيا ۽ پاڻ نااُميد ٽي

Gul Hayat Institute

واپس وريا. پاڻ سڄي رات نفساني خيالن ۾ رهيا ۽ پوئين رات ساڳين وقت تي
کين نند جي جهير آئي، خواب ۾ ڇا ڏسن ٿا حضرت پکن ڏٽي گهوڙي تي چڙهي
اچي رهيا آهن ۽ پاڻ ائي گهوڙو ورتائون سائن لهي فرمايو ته گهوڙي کي ڇڏي
ڏيو توهان هيڏانهن اچو ۽ پاڻ اچي جتي فقير صاحب جن وينا هئا اتي وينا ۽
هڪ ڪتاب ڪڍي فقير صاحب کي ڏنائون ته پڙهه پاڻ جواب ۾ عرض ڪيائون
ته قبلہ آئون پڙهيل ڪونہ آهيان. پاڻ فرمايائون ته پڙهه اسين توکي پڙهايون ٿا ۽
پاڻ ڪتاب جي هرهڪ سٽ تي آگر رکي پڙهايائون.

لاهي ويهہ ۾ لڏ هل تہ پهچين هوت ڪي،
ڪر نہ ايندئي ڪيچ ري ڪا بي اڏاوت اڏ.
پنيا هن پنپور جا نيئي رسائيندئي ڪڏ.
بانيڻ عشق بروچ جو بينو ڪرئي سڏ.
هل تہ ڪيچ قبول ٿئين هت رلاءِ ۾ هڏ.
متان منجهين "منار" تون ڏينهن وجن ئي ٿا ڏڏ.

اهو ڪلام پڙهائڻ کان پوءِ ڪتاب ڏيئي فرمايائون ته هاڻ اسين اوهان
سان گڏ آهيون ماشاالله ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ جتي هينئر سندن مزار آهي
اتي اچي فرمايائون ته هي اوهان جو مڪان مئخانو آهي ۽ پاڻ روانا ٿيا.

فقير صاحب جن گهوڙي جي واڳ وٺي اڳ ۾ ڊڪندا هليا ۽ انهي حالت
۾ سندن اک کُلي ته پاڻ کي پگهر ۾ شر ڏنائون صبح جو اکر شناس ٿي پيا ۽
پٽائي صاحب جو رسالو رواني سان پڙهڻ لڳا ۽ پاڻ شعر چوڻ ۾ شروع ڪيائون،
جو لکندا ۾ پاڻ هئا ۽ پڙهندا ۾ هئا ۽ جيڪو ۾ شعر هڪ دفعو زبان مان
نڪرندو هو ته اهو دل تي چپجي ويندو هو. پاڻ آفاقي ۽ الهامي شاعر ٿي پيا ۽
مٿن مستي جو جزبو وارد ٿيو جو جڏهن ۾ نند جي جهير ايندي هين ته حضرت
پکن ڏٽي جي زيارت ٿيندي هئي ۽ وري انهي جذب ۽ جلال ۾ اچي ويندا هئا.

فقير صاحب جن پوءِ سگهوئي(1) دائود فقير سان گڏ سودري روانا ٿيا
سودري پهچڻ کان پوءِ فقير صاحب انهن پيلن وٽ ويو ۽ پيل فقير صاحب جن
جا طالب ٿيا ۽ خدمت ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ پاڻ اتان اجمير شريف روانا ٿيا جتي
خواجہ غريب نواز جي زيارت کان مستفيض ٿيا ۽ اتي پاڻ ۾ ڪلام چيائون جن
مان هڪ هتي پيش ڪجي ٿو.

خير سين خواجہ هنڈالولي مون اندر جي آس پچايو.
تو در تي پٽ پان سڏائي مون اچي پاند پنڻ لاءِ پايو.
کس ڪٽيون قلب منهنجي تان هي غم وهم سڀ لاهيو.
پنڻ واسطي پنڌ گهٽي ڪئون آئون آس ڪري آهيان آيو.
مهر ڪري "منڌار" کي ميان نيئي محبن ساڻ ملايو.

اتان کين اهڙو اشارو ٿيو تہ توهين ڪنگور وڃو پوءِ پاڻ ڪنگور شريف ويا جتي کين فقيري وسلا مليا جيڪي انهن بزرگن مهراڻ فقير ۽ منڌار فقير جا هڻا پاڻ اتي بہ صدائون چيائون جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

مهراڻ ميان بري بر جا، شمعدان ڏيا ٽنيا ٽر جا.
آئون تنهنجي پناري پيئي، منهنجا سڻ تون سوال سڀيئي.
توتي دست مبارڪ ٻيئي آهن شاهہ سچي سرور جا.
مون سان ڪر تون پال پلائي، تنهنجي قبول ٿي هي ڪمائي.
ننگڑو تون سڃاڻ ننگ پائي، اسين سوالي آهيون تنهنجي درجا.
مونکان وقت لکين ڪئين ويڑا، مون ڪر تہ ڪچا سڀ ڪيڑا.
مون تي حرف هزارين ٿيڑا، هن پاڪ ڏڻي پرور جا.
تنهنجو آيو سوالي "منڌار" ٿي، هت آسي مگٽ مگٽهار ٿي.
تنهنجي در تي پنڻ پينار ٿي، ڪج مقصد پورا مون اندر جا.

۽ اتي ئي پنهنجي همنام بزرگ تي هيئن چيائون.
سڻ ميان سوال فقير منڌار.

ڪنگور جا قامل نام دار نامل ديس پرديس منجهہ تنهنجي پچار.
هنڌ سنڌ چين ۾ روءِ زمين ۾ تنهنجي چؤڪي ڏين چؤڏار.
تنهنجو مون تي نالو ڪج برحالو سڀ دم لهجان تون سار سنيار.
"منڌار" تہ مدامي سندئي سلامي ڏڪج اسان جا عيب اپار.

پوءِ پاڻ اتان(1) هالا شريف روانا ٿيا. اتي مرشدن جي زيارت ڪان مستفيض ٿيا ۽ اتان پاڻ سيوهن شريف آيا جتي کين لال سائين جي امر سان قلندري سانگ پهرايو ويو ۽ اتي پاڻ هي ڪلام چيائون.

جهولي جهولي ميان لال قلندر قادر ڪلنگيءَ وارا.
تو در نانگا روز نچن ٿا جنيجي مستو مست تنوارا.

نرمل توکي سپ نکٽ نمن ٽا سج چند ڪتيون ۽ تارا.
توکي شينهن بہ سلام ڪن ٽا تنهنجا نون ڪندن منجهہ نارا.
محر ڪري "منٺار" سان ميان اچي پهرائج پئينارا.

بهرحال سندن همعصرن جو چوڻ آهي تہ فقير صاحب جن پورا بارنهن سال سير سفر ۾ گذاريا هنڌ ۽ سنڌ جو وڏو حصو پيرن هيٺان ڪڍيو. ليڪن ڪتاب جي طوالت جي ڪري اسان هتي نٽا ڏيئي سگهون اهڙي خاطري اسان کي سندن رسالي سدائي(2) مان ملي ٽي بارنهن سالن جي طويل سفر کانپوءِ پاڻ واپس ڳوٺ پهتا. عمومن هالا شريف ۾ بين مسافرين تي بہ پيا ويندا هئا. پوءِ فقير فقرا جو هتي تمام گهٽو اچڻ وڃڻ شروع ٽيو.

فقير صاحب جن جا طالب

1. دائود فقير مگٽهار اصل احمد آباد انڊيا) جو ويٺل هو اتان اچي ڳوٺ(1) جوهيلي ۾ سيد روشن علي شاهہ(2) جي خدمت ڪرڻ لڳو.

هڪ دفعي شاهہ صاحب وجد ۾ اچي دائود فقير کي چيائون تہ تون هاڻ وڃ. هتي تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ ڪاٽي راڄڙ ۾ منٺار فقير وٽ تنهنجي امانت آهي ۽ هو حڪر موجب ڪاٽي راڄڙ پهتو ۽ هميشہ لاءِ منٺار جو ٽي ويو. جيئن تہ دائود فقير مگٽهار هو ۽ راڳداري تہ سندس گهر جي شيءِ هئي پر منٺار فقير جي صحبت ڪيس رڳين رينٽو ڪري چڏيو. ۽ منٺار فقير جي صحبت ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين جيڪو تمام پڪو ۽ پختو آهي. سندس ڪجهہ شعر قلمي صورت ۾ درگاهہ منٺار فقير تي لکيل آهن ۽ فقير صاحب سان اڪثر مسافرين تي گڏ هوندوهو. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ميان منٺار اڄ اوري، ٽڪيءَ جي آءُ ملج ٽوري.
طلب جي تار اٽم تنهنجي لولي مون کي يار اٽم تنهنجي.
محبت مهار اٽم تنهنجي چت ۾ چاهہ ويون چوري.
آئون تنهنجي آسري آهيان وڏو ٽي پروسو پايان.
سينو کهڙو توسان ساهيان مون منجهہ طاقت ناهي توري.
اچي مل يار من مهٽا ڪرم ڪرتون قلب کهٽا.
سنت توکي ڏيان سهٽا ڪلهن تان سر سندم ڪوري.

Gul Hayat Institute

دائود چئي تو مٹان جاني ڪران سر ساهه قرباني.
صدق سؤ وار هيءَ بانهي گولي سر پنهنجو گهوري.

آخر هڪ دفعي دائود فقير جا مائٽ دائود فقير وٽ آيا چيائون ته هل ته تنهنجي شادي ڪرايون دائود فقير کين جواب ڏنو ته نڪاح تي نڪاح ڪونه پوندو. آئون به ڪن جي پڪي پئجي چڪو آهيان. تنهن تي دائود فقير جي مائٽن فقير منڌار کي چيو ته توهان سمجهايوس ته شادي ڪري. پاڻ دائود فقير کي سڏ ڪري چيائون ته ابا نبيءَ جي سنت کان انڪار ڪونه ڪبو ۽ تون وڃين شادي ڪر.

سچو طالب مطلوب جو حڪر مڃين مائٽن سان روانو ٿيو اتي شادي جا ڏينهن چٽا ڪيا ويا عين شادي واري ڏينهن کيس وهنجاري ميندي موڙ سهرا وغيره بڌي کيس نڪاح لاءِ ونني آيا پاڻ چيائين ته ترسو مونکي يڪتارو آڻي ڏيو ته آئون هڪ ڪلام چوان کيس يڪتارو آڻي ڏنو ويو ۽ پاڻ هيٺيون ڪلام چيائين.

آهيان منجهه غير جي درياهه اُڪارج يا رسول الله.
گناهن کيس غرقاني تون ڪر مشڪل آساني.
مونکي تنهنجي پاڪ پيشاني ڏيڪارج يا رسول الله.
هٹان منهنجي ڏوهه هزار ٿيل چير ڪلمون توتي ڪامل.
مون کي مجلس تو مرسل وهارج يا رسول الله.
سڄ منهنجا سوال هي ڪارون لهج سپ وقت ۾ سارون.
مون تان ملڪن جون پلڪارون تون ٽارج يا رسول الله.
آهيان سوالي اوهان جي در جو مگت "منڌار" سرور جو.
پيالو حوض ڪوثر جو پيارج يا رسول الله.

ڪلام ڳائيندي پاڻ وجد ۾ اچي ويا ۽ ڪلام ختم ٿيڻ سانئي سنڊن دم پرواز ٿي ويو. اها خبر جڏهن منڌار فقير کي پيئي ته کين سخت صدمون رسيو ۽ دائود جي يادگيري ۾ پاڻ ڪجهه ڪلام چيائون جن مانهڪ ڪلام هتي ڏجي ٿو.

اي منهنجا دائود دل جا يار ويهه مر!
آءُ تون وري توري ساعت ناسري.
ساري سونهن منجهه ورونهه منهنجو ته ماهه ويو ڳري.
توريءَ حال ۽ احوال ظاهر چوان نٿو ذري.

ڪو دم دور مونکان ڏور وڃي ٽڪ ۾ تون ٽري،
اچج هاڻ ڪر رهاڻ تان من دل پئي ٽري.
تو سان يار ڪا ڇمار مون تان گزر هئي ڪري،
مگٹهار ٽي م ڏار جدائي تو ڇو ڏري.
پون پور سوين سور چاکن دل ڪئي ڇري،
چئي "منٹار" درد وار متان هت آئون وڃان مري.

دائود فقير کي سندس ڳوٹ احمد آباد بڙودا ۾ دفن ڪيو ويو اُتي سندس درگاھ آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي.

احمد فقير(1) ذات نا معلوم جو ب فقير صاحب جن جو طالب هو ۽ فقير صاحب جن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري شعر ب چوڻ لڳو هو.

جن مان هڪ ڪافي ۽ ب بيت هيٹ ڏجن ٿا.

سچا سرتاج سرور شاھ مونسين مدارت ٽي همراھ،
سڻ منهنجي آزي اچي ٽيءَ راضي عرض قبول ڪر نام الله.
اصل ڪان آسي آهيان پياسي ڪين وساريان منجهئون ساھ پساھ.
ناڪس نماڻو عيبن هاڻو اميد نہ لاهيان تنهنجي منجهان درگاھ.
"احمد" اهنجو پرين ڪج پنهنجو ڪرڪا نوازڻ جي نوح نگاھ.

چام چنيسر دا سڙا وارث منهنجا ور،
بخش مدايون منهنجيون ڏاڍا ڪر نہ ڏمر.
ڪنوڙو قسمت سان آئي زال ڪٹي زيور
سٹي مقال مٹيين جي هلي ويس هيکر.
پير ڪا نہ خبر نہ تہ هائي وجهان هار کي.

هاڻي وجهان هار کي ساڙيان سڀ زيور.
داغ نہ ڏجئين داسڙا ميان چام چنيسر.
جي لکيا امر ۾ احمد چوي سي ٽيئڙا سور ٽمر.
پير ڪانہ خبر نہ تہ هائي وجهان هار کي.

چيڙ فقير پيل، اصل وينل خيرپور ميرس جو هو ۽ پوءِ ڪجهہ وقت(1)

Gul Hayat Institute

سدا واهه تعلقي نوابشاهه ۽ ان کان پوءِ ٻيراني ۾ اچي رهيو. تمام سٽو ڳائيندڙ هو هڪ دفعي هن فقير صاحب جن جو هڪ ڪلام ٻڌو ۽ دل ۾ خيال آيس ته ان شاعر سان ملجي. سو پاڻ پچا ڪري ڪاڦي راڄڙ پهتو. فقير صاحب جن ان وقت سرهاڙي(2) جي ڳوٺ ۾ ترسيل هئا. پاڻ ڏس پڇي اوڏانهن روانو ٿيو اتي وڃي فقير صاحب جن جي باري ۾ پڇياٸين اهڙو اطلاع کين ڏنو ويو ته ٻاهر هڪ ماڻهو اوهان جي پچا ڪري رهيو آهي پاڻ هڪدم نڪري آيا. فقير صاحب جن جا پير ۽ مٿو ان وقت اُگهاڙا هئا ۽ چيڙ فقير کان رسمي خوش خير عافيت بعد پڇياٸون ته ڳائيندو آهين چياٸين ته ها سائين. چياٸون ته ٻڌاءِ ته چيڙ فقير ان وقت خوش خير محمد فقير هيسباڻي جو هي ڪلام جهونگاريو.

واهه واهه سير حسن دم دم دا هي ڪاڙ عاشقان باغ ارم دا هي.

ڪلام جون ٻه مصرائون چياٸين ته فقير صاحب جن چيو ته. بس بس هلو ته هلون مڪان تي ايئن چئي پاڻ اڳ ۾ روانا ٿيا ۽ چيڙ فقير ٻه ساڻن گڏ روانو ٿيو. اڌ پنڌ تي پڇياٸين ته قبلہ اوهين جتي نه پائيندا آهيو يا پٽڪو نه ٻڌندا آهيو چا. پاڻ چياٸون ته پهريندا آهيون پر...پوءِ پاڻ مڪان تي اچي رسيا ۽ همراهه کي گهوڙي تي موڪلياٸون جو جتي ۽ پٽڪو ڪٽي آيو.

پهرين ملاقات ۾ چيڙ کي پيوند پئجي ويا ۽ هميشہ لاءِ منڌار جو ٿي ويو. چيڙ کي منڌار فقير جي دربار جو خاص الخاص ڳائٽو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو سرگر ۽ موسيقي جي اصولن کان پوري طرح واقف هو فقير منڌار فقير منڌار سندس هر طرح جو خيال رکندو هو سندس گائڪي جو منفرد انداز هو. چيڙ فقير منڌار فقير. جي وفات کان هڪ سال پوءِ ٻه حياتي هو ۽ 1354 هجري ۾ وفات ڪياٸين ۽ کيس درگاهه منڌار فقير تي. فقير صاحب جي پيراندي رکيو ويو.

Gul Hayat Institute

الهڏنو فقير ماڇي وينڊل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو شروعات ۾ سٽو راڳيندڙ هو فقير منڌار جو هڪ ڪلام ٻڌائين. ان کان متاثر ٿي خاص پنڌ ڪري ڳوٺ ڪاڦي راڄڙ پهتو. اهو خيال ڪري ته اهو شاعر ڏسجي. جنهن اهڙو سخن پيش ڪيو آهي.

جنهن ڪلام کان الهڏنو فقير متاثر ٿيو ان جو ٽلهه هتي پيش ڪجي ٿو سجو ڪلام اڳتي(1) رسالي ۾ پڙهندا.

برهه بادشاهه جا ڏاجا ڏاڃي ويا.
نينهن جا نغارا نوبتون وجود ۾ واڃا وڄي ويا.

پاڻ فقير صاحب سان ملاقاتي ٿيو. ۽ عرض ڪيائين ته دعا ڪريو ته آئون به شعر چوان فقير صاحب جن ڪيس چيو ته الله ڪندو تنهنجو به سخن سڻو ٿيندو. انهيءَ دعا جو اهو اثر ٿيو جو الهڏنو فقير سڻو شاعر ٿيو(1) ۽ سندس زبان اهڙي ڪلي جو پاڻ هر ڳالهه رواني سان شعر ۾ چئي ويندو هو. سندس شعر تمام سڻو آهي نموني خاطر هڪ ڪلام پيش ڪجي ٿو.

الف جي عاشق عبادت ٿا اندر ۾ ڪن اُپار.
عشق الڪه سان انهيءَ جو انهن تي اگي جا آر.
بي برهه بلاهه برابر بيرنگي بيحد بيان.
بيڪه بيسر ۾ بلاشڪ باري بانڪا بهار.
ترڪ ڪندا طالب طمع ڪي توڪلي تارڪ تمام.
تند توحيد طلب سان ڪن تون تون جي تنوار.
سي سدا صادق صديقي صاف صوفي سربسر.
سري ۾ سو سر سچاڻن ساڻ ساميئڙا سچار.
جي جفا ڏيئي جان ڪي ٿيا جنگ جوگيئڙا جوان.
جگر جوشي جن جلايا جهاتي پائي منجهه جبار.
الهڏنا. هو حقيقي حال وارا هر هميشه.
هٿن حلقه هيءَ هو هو حب سان هردم هشيار.

انهي ڪلام مان سندس شاعري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پان کيترا پڪا ۽ پختا شاعر هئا ۽ پاڻ ڪافي وقت فقير منڌار سان سفر ۽ حذر ۾ گذ رهيا الهڏني فقير اٽڪل 80 ورهين جي عمر ۾ تاريخ 2 ذوالحج 1381 هجري بروز اربع پنهنجي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ جهان ڇڏيو. ۽ ڪيس سندس وصيعت(1) مطابق درگاهه منڌار فقير تي دفن ڪيو ويو.

پريل فقير پٽنارو. هي منڌار فقير جي خاص ڳائٽي چيڙ فقير جو پٽ هو جنهن جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

پريل فقير پنهنجي سوانحعمري ۾ پاڻ لکي ٿو ته منهنجو جنم 1911ع ۾

پارسي ڳوٺ ۾ سدا واهه تي ٿي. 1927ع ۾ آئون سنڌي ست درجا پڙهي نڪتس ۽ ڪجهه وقت پوءِ شاعري ۾ پنهنجو استاد منڌار فقير کي ورتم. ۽ منڌار فقير جي معرفت ۽ دست مدد سان سجاده نشين درگاهه هالا شريف حضرت مخدوم غلام محمد گهوٽ جي دست بيعت ٿيس ۽ ان کانپوءِ ساري هندستان جو سير ڪيم ان کانپوءِ منهنجي استاد منڌار فقير جن لاڏاٽو ڪيو. ان کان هڪ سال بعد منهنجي پيءُ چيڙ فقير بـه جهان چڏيو ۽ 1939ع کان 1941ع تائين پنهنجو(2) رسالو قلم بند ڪيم.

پريل فقير، چوٽي جو شاعر ۽ سنڌو ڳائيندڙ بـه هو پريل فقير 1950ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس سنڌس پيءُ چيڙ فقير جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

سنڌس ڪلام جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

اوري ڏس اثبات اندر ۾ آدم سر الله اٿئي.
آدم سر الله اٿئي شاهد ڪلام الله اٿئي.
فذكرونـي از كر كم قادر كرم الله اٿئي.
و نحن اقرب ويڙ وسندڙ واحد وجهه الله اٿئي.
انا احمد بلاميمي راض رسول الله اٿئي.
لحمك لحمي جسمك جسمي عاشق اصد الله اٿئي.
بشري بازي يار بنائي بيكه بكا بلاهه اٿئي.
ان الحق اظهار الائڻ سهڻي صاف صلاح اٿئي.
پڙهج پريل، ٿي پيچ پسڻ جي فرض فناف الله اٿئي.
اڙهه عشق برهه جي پڙڪي جوش جلال الله اٿئي.

پريل فقير ڪافي تعداد ۾ ڪلام چيو آهي جنهن ۾ ڪافي بيت، سي حرفي مناجات غزل شامل آهن سنڌيڪان علاوه هنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبان ۾ بـه ڪلام چيو آهي جن ۾ ڪافي(1) ڪلام پاڪ جون آيتون بـه ڪم آنديون آهن. پاڻ "پئينار" تخلص ڪر آٿيندو هو. پريل فقير پنهنجي هڪ ڪلام ۾ فقير صاحب جن جي اولاد ۽ طالبن جو ذڪر ڪيو آهي جو هتي پيش ڪجي ٿو.

مهر ڪئي مولئ مٺي منڌار تي مالڪ منان.
نينهن جي نيهي نشي سان نيڪ ٿيو نوري نيشان.
ريت جنهن رند ٿا رهن هر هر هلڻ ان حال تي.

Gul Hayat Institute


درس دولهه جو دليئون ديکيو جنهين دائر دوکان.
پُٽ جنهين جو پير بخش سو پي فقر ۾ هو فنا.
وري ان سندا آهن ٻئي پٽ سرت جا سالک سڏان.
ولي بخش تن ۾ وڏو آهي اهو ڏاڪن نشين.
ٽو ننڍيو مئولود چئي محمد قبول جوئي جوان.
دائود بہ دلبر جنهين جو خاص هو خدمت کندو.
احمد مگن محبيت تنهير هوا سدا ساعل سجان.
جميل ۽ حمير هوندا هئا انهي حب حال ۾.
ٽيون لؤنگ ۽ چوٽون چيڙ ٻئي سي بہ آهن سک سمان.
اسماعيل ۽ الهڏنو خير محمد بيگ پي.
گلڙ ڏنو ۽ جڙيو خميسو سي کن گانو گيان.
حکير پي حب ۾ هميشہ موڏيو ميگهواڙ پٽ.
بالکا ٻيا پي گهٽا هي مختصر مون کيو بيان.
سرت علي شير و سدائين قرب جو کاڌو رکن.
احمد نواز بي ٽو اچي پرديس مان مانجهي مهمان.
"پريل" پٽ پينار پياسي آهي سدا سک سوز ۾.
ٽو گهري دائر دعا تان منجهہ رهان محبت مکان(1)

مکان جي تعمير


هک دفعي مخدوم محمد زمان سرکار سائين 14 سجاده نشين درگاهہ حضرت مخدوم نوح عليہ رحمة جن ناري جي سفر تي نڪتا سفر ڪندا ڪاٽي راڄڙ پهتا ۽ انهيءَ جاءِ تي تنبو لڳايا ويا. جيڪا جاءِ فقير صاحب کي حضرت پکن ڏٽي رحمة الله عليہ جن سندن آخري آرام گاهہ لاءِ ڏسي هئي. ان کان ڪجهہ وقت پوءِ فقير صاحب جن ان جاءِ تي قبو ۽ مسجد تعمير ڪرايائون باقي سڀ تعميرات سندن پوٽي مرحوم فقير ولي بخش جن ڪرائي.

سندن شاعري

منڌار فقير جو شعر آفاقي ۽ الهامي آهي. منڌار شعر جي ڪيترن صنفن ۾ ڪلام چيو آهي. جيئن تہ ڪافي. بيت. مدح مولود مناجات. مرثيو. ڏهرسي



هٹ اکر منڌار فقير رحہ جي قلمي نسخي تان ورتل


لا إله إلا الله محمد الرسول الله
رسالو حمدائي
مصنف جناب جو فقير منتار شاعر بنده
تاريخ ٢١ مارچ سنه ١٩٠٨ جو شروعات
ڪلڪ جي برابر تاريخ ١٧ ڪتوبر سنه ١٩٢٣ ع
پڙهڻ ڏمون مل هندو رحمت ڪيرو
هڪڙي تصنيف سڀاڻي بخش ۽ ڏولي ٿالي جوڳ
بنده پروردگارم اُمتي احمد مجتبي
دوست دارِ چهاريارم طالبِ اولاد علي
مذهب حنفي بدارم ملت حضرت خليل
خاڪپاءِ خواجه انام ڏيرسايه حق ولي

هٿ اکر سرگواسي ڏرمون مل ساڏو ڪاتب
ڪلام منتار فقير- جنهن چارئي رسالا قلمبند ڪيا

حرفي لولي وغيره هتي اسين هي ڳالهه فخر سان لکون ٿا ته سنڌ جي گذريل شاعرن مان ڪلام جي تعداد تي نظر وجهبي ته سچل سرمست کان پوءِ ٻيو نمبر منڌار فقير کي ڏبو ته وڏاءُ نه ٿيندو. پاڻ چار رسالا مڪمل ڇڏيا اٿن.

(1) رسالو خدائي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي.

(2) رسالو مرتضائي (سو به ٻيو دفعو ڇپجي ڇيڪو آهي)

(3) رسالو رهنمائي ٻيو دفعو سروري پبليڪيشن طرفان ڇپيو)

(4) رسالو سدائي، (جيڪو قلمي صورت ۾ موجود آهي)

سندن ڪيترو ڪلام قلمبند نه ٿي سگهيو ۽ عام محفلن ۾ ٻڌجي ٿو جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي.

منڌار فقير جو شعر نهايت پختو پڪو ۽ سلوٽو آهي. منڌار فقير حسن عشق کي به گهٽو ڳايو آهي. پر انکي شريعت ۽ تصوف جي قيد ۾ رکي ڳايو اٿس منڌار ته وڏائي ڇاڻئي کو نه سڃي شاعري ۾ پاڻ کي پيٽ پان منگت بي پهچ لاچار مگٺهار ۽ سوالي سڏيو اٿس. منڌار فقير هم اوست کي به گهٽو ڳايو پر دم خدائي کان پري گهٽو پري! ان جو اندازو سندس هن ڪلام مان لڳائي سگهجي ٿو.

خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي اهو آواز الائي ٿو ڪير.
اواز سٽي ٿو ڏسي پسي ٿو ههڙا هنر هلائي ٿو ڪير.
الانسان سري و اناسره اهڙا لفظ لکائي ٿو ڪير.
ونحن اقرب ويساهه ڪريو سڀ رڳ منجهه سمائي ٿو ڪير.
و الله بڪل شيءِ محيط سڀ ۾ سير ڪمائي ٿو ڪير.
ڪل جي ڪايا ۾ قدرت جو نوبت ناد وڄائي ٿو ڪير.
انا احمد بلاميمي ٻولي هيءَ ٻڌائي ٿو ڪير.
ميم جو اولو ڪير ڏکي ٿو محمد نام ڏرائي ٿو ڪير.
عاشق ۽ معشوق بنايو اکيون سين لائي ٿو ڪير.
محبت باهه برهه جون باهيون دل ۾ درد ڏکائي ٿو ڪير.
صورت ۾ صبحان لذيت پايو رمز رکانئي ٿو ڪير.
رنگ ۾ بي رنگ رلجيو رل مل پنهنجو پاڻ لکائي ٿو ڪير.
هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ بازي هي بنائي ٿو ڪير.
سالڪ هوئي کو سجاڻي سمجهي ته محبت مينهن وسائي ٿو ڪير.

Gul Hayat Institute

مور اصل "منڌار" تہ ڪونهي هي قلبئون ڪافيون ڳائي ٿو ڪير.
ڳول ڳجهارت ڳالهہ انهي جي سمجهہ سلوڪ سڌائي ٿو ڪير.
منڌار فقير توحيد بہ وحدانيت ۽ توحيد واري رنگ ۾ چئي آهي. سندس هن رسالي جو پهريون ڪلام.

اول الله جي تعريف آهي ڪلني ڪتابن ۾،
ڏا چون ارڙهن هزار عالم پر آهي بي انت بي معالم.
ناهي قدرت جو لکي قلم اهو سڃوئي بيان بابن ۾.
جيڪا خلقت خداوند جي ڪن سڀئي ساراهہ خاوند جي،
تہ بہ پوي ڪل ڪانہ تن حد جي توڙي صالح ثوابن ۾،
آهي قدرت سندس ڪافي ڪندو تنهنجي ڪير دريافي،
ڪڏهن موڙهن ڪي ملي معافي ۽ ڪڏهن انبياء عتابن ۾.
توڙي پڙهيا پير پيغمبر توڙي عاقل ۽ اڪابر،
توڙي سلطان ۽ سڪندر ٿو اچي هرڪو حسابن ۾.
ميان منڌار ڪر زاري پائي ڳل پاند ڳچيءَ ڳاري،
تنهنجو وس ناهي اختياري تون بہ وڃين ٽيندين خواب خوابن ۾.

عام طرح چيو ويندو آهي تہ شاعر بوليءَ جو محتاج آهي پر منڌار جي تہ بولي محتاج آهي منڌار فقير چئن بولين ۾ شاعري ڪئي آهي، سنڌي هندي سرائڪي ۽ اردو سنڌي تہ سندس مادري زبان هئي پر ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن زبانن تي پورو پورو عبور رکندو هو جو انهن ۾ رواني سان شعر چيو الس منڌار جي سنڌي زبان ناري ۽ ڪس واري زبان استعمال ٿيل آهي، ان کان علاوه ڪٿي ڪٿي ڪافي قرآني آيتون سڻي انداز ۾ آندل آهن. ان کانسواءِ داستن جون ڪافيون تہ پوري طرح رسم ۽ سماج تي مشتمل آهن جيڪي سنڌي قوم ۽ ثقافت جي عڪاسي ڪن ٿيون جيئن تہ سورٹ ۾:

عاج بانهين پچڻ
راڄ جي ريت نہ مٽڻ
ابجد علم پٽڻ
ڳجهيون ڳالهيون يار سان ڪرڻ
جان ۾ جميعت نہ اچڻ

Gul Hayat Institute

منٺار ۽ علم موسيقي

منٺار فقير علم موسيقي جو ماهر هو ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته عمومن سنڌ جي اڪثر شاعرن جو شعر ڪهڙي به داستان جو هجي ليڪن ان کي ٺهڪندڙ راڳني ۾ رکيو ويو آهي. سندن تمام ڪلام سر ۽ راڳڻين تي مشتمل آهي ان مان ظاهر آهي ته منٺار علم موسيقي جو ماهر هو سورٺ ۽ راڻو. سنڌ جون مخصوص راڳڻيون آهن پر جيڪڏهن اُن داستان جي ڪافي پيروي يا لوڙائو يا جنهن به راڳڻي ۾ ٺهندڙ آهي ان ۾ ڇڻي وئي آهي ۽ پوري ڪلام کي راڳڻين جي حساب سان رکيو ويو آهي.

عبادت ۽ رياضت

فقير صاحب جن روزي نماز ۽ ذڪر جا پابند هئا ۽ هميشه سندن دستور هو ته مرشد کان ملهل زڪر سهروردي طريقي موجب صبح ۽ شام باقائدگي سان ادا ڪندا هئا نماز جا ايتري قدر پابند هئا جو بيماري جي حالت ۾ اشارتن نماز ادا ڪندا هئا. رات جو پويون پهر عمومن زڪر ۽ تسبيح ۾ گذارينداهئا.

سندن پوشاڪ

پاڻ عمومن سائو گيڑو يا نيرو پهراڻ ۽ آسماني نيري رنگ جي شلوار پهرينداهئا ۽ پٽڪو سائو گيڑو يا ڪاري رنگ جو ڪٽي نما پٽڪو ٻڌندا هئا ۽ ڪاري ڪٽي هميشه پاڻ سان گڏ رکندا هئا سفر ۾ عمومن ڪندي، بيراڳڻ، ناد، سنک، جهولي، ۽ ڪشتي، پاڻ سان گڏ کڻندا هئا. جيڪي هينئر به سندن پوين وٽ موجود آهن.

سندن وفات

جيئن ته فقير صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ پنهنجو مقبرو ۽ ان ۾ لحد مبارڪ ٺهرايو هئائون ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وقت اُن ۾ سمهندا به هئا. ان مان ثابت آهي ته پاڻ موت کي هر وقت ياد رکندا هئا.

1 شوال سن 1353 هجري عيدالفطر نماز پڙهي عزيز اقارب ۽ سڄي جماعت کي مڪان تي وٺيا آيا ۽ پنهنجي آخري آرام گاهه تي بيهي ڪين ڇيائون ته هي جاءِ اسان جي آخري جاءِ آهي ۽ پاسن ۾ به جايون ٺيندیون جيڪي

Gul Hayat Institute

آئون پنهنجي ٻنهي پوٽن کي ڏيان ٿو.

(چو جو سندن فرزند سندن حياتي ۾ وفات ڪري چڪو هو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) تنهن تي سندن وڏي پائٽي هاجي مير حسن کين چيو ته الله سائين اوهان کي وڏي حياتي عطا ڪري. اوهين ته بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيو. پوءِ اهڙيون ڳالهيون چو ٿا ڪريو پاڻ فرمايائون ته آئون هاڻ اوهان وٽ صرف ڏهه ڏينهن آهيان مون گهري محرم جي ڏهين تاريخ هئي پر هاڻ ٿي شوال جي ڏهين. جيئن ته پاڻ پنهنجي هڪ مرثئي ۾ چيو اٿن ته:

ماهه محرم جي ڏهين تاريخ ۾ شل دم ڏيان.
حب رکي حسينن ڏي روئندي هتان راهي ٿيان.

ٻئين شوال تي کيسن معمولي بخار آيو ۽ پاڻ شام جي وقت پنهنجي سيني عزيزن ۽ ڳوٺ وارن کي گهرايائون ۽ کين چيائون ته اسان کي پنهنجي ملڪ وڃڻ جي خوشي آهي ۽ پنڌيان روئجو متان ۽ نيڪ نصيحتون ۽ دعائون ڪيائون سومهٽي مهل سيني کي چيائون ته هاڻ وجين آرام ڪريو ۽ اسان به آرام ٿا ڪريون. ٻيا سڀ ويا هليا ليڪن سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخش مرحوم سندن خدمت ۾ رهيو پوئين رات فقير ولي بخش مرحوم کان پڇيائيون ته رات ڪيتري آهي. پاڻ جواب ڏنائون ته پهر ڪن رات آهي پاڻ وضو ڪيائون ۽ فقير ولي بخش مرحوم کي چيائون نه ڪير پياريو. ان وقت فقير ولي بخس جن کين ڪير آٽي ڏنو پاڻ ڪير پي سولا ٿي سُتا ۽ چيائون ته هاڻ اسانجي مٽان ٽپڙ وجهي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪلمون پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ ڪلمي پڙهندي سندن دم پرواز ٿي ويو. (اناالله و انا عليه راجعون).


سندن اولاد

مرحوم منڌار فقير کي صرف هڪ ئي پٽ قدرت جي طرفان عطا ٿيو. سندن نالو پير بخش رکيو ويو کين مختصر تعليم ماڻي فقيريءَ جو فيض کين پنهنجي والد مرحوم فقير منڌار کان مليو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 14 سجاده نشين مخدوم محمد زمان سرڪار سائين کان ذڪر بيعت ورتائون مٽن مرشدن جي تمام گهٽي شفقت هئي. پاڻ تسبي سماع ۽ ذڪر جي محفلن ۾ روح روان هوندا هئا. ڏهر تمام سٺو ڏيندا هئا. فقير پير بخش جهڙو ڏهر اڄ تائين کنهن به نه ڏنو آهي. سرڪار محمد زمان

Gul Hayat Institute



مرحوم مغفور فقير ولي بخش راڄڙ
وادي ءِ سنڌ جو مشهور شاعر


قبول محمد
وڈيرو پرچي
حافظ فقير
منثار فقيردح
جيئڻ
ميرحسن
ولي محمد لا ولد
فقير پير بخش
نور محمد
حافظ لا ولد
پرچي لاولد
قبول محمد
فقير ولي بخش
جيئڻ عرف سرفراز راچڑ
نبي بخش لاولد
عبدالكريم
سمون لاولد
فقير ولي محمد
غلام حسين
(ننديءَ عمر ۾ وفات ڪري ويو)
حافظ جنيد
ميرحسن
صدام حسين
عمر
نور محمد
پير بخش
محمد ابراهيم
علي بخش
رسول بخش
فقير محمد بخش
لطف علي
خادم علي
قبول محمد
علي نواز
منظورعلي
دوست علي
شوڪت علي
منور علي
حمزه علي
مشتاق علي
خدا بخش
فقير ولي بخش
فقير ولي محمد
اعجاز علي
فقير عرفان علي
فقير اياز علي
فياض علي
محمد طلحه عرف رياض علي

سائين جن جو اهو حڪم هوندو هو تہ سفر ۾ فقير پير بخش موجود هجي تہ اتي ٻيو ڪو ٻہ ڏهر نہ ڏي. پاڻ ٻہ شاديون ڪيائون ۽ ڪين ٻہ پٽ تولد ٿيا هڪ فقير ولي بخش ۽ ٻيو فقير قبول محمد. پاڻ عين جولي ۾ وفات ڪيائون ان وقت فقير ولي بخش جي عمر 4 سال ۽ قبول فقير جي 2سال هئي. سندن وفات جو فقير منڌار تي وڏو اثر ٿيو. نوجوان ۽ اڪيلي پٽ جي وفات جي ڪري منڌار فقير تي ڇا نہ گذري هوندي! پر پاڻ سڀ صبر سان سنائون ۽ رب جي رضا تي راضي رهيا.

فقير منڌار جن سچو سارو وڻجارو سندن فراق ۾ چيو جو هن رسالي ۾ موجود آهي. هتي هڪ ڪلام جو ٿلهہ پيش ڪجي ٿو.

پڳهہ ڇوڙي پنڌ پيا مون ويٺي ۽ وڻجارا،
اي ميان آئون روئندي ويئي رهجي ڪائڻ پيئڻ ٿيا ڪارا.

فقير صاحب جن پنهنجي ٻنهي پوٽن جي پرورش ڪئي ۽ ٻنهي پوٽن جون شاديون سندن حياتي ۾ ٿيون ۽ ٻنهي پوٽن جو اولاد پاڻ ڏنائون.

سندن سجاده نشين

جيئن تہ فقير صاحب جن جو اڪيلو فرزند سندن حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو. جنهن ڪري منڌار فقير کان بعد سندن سجاده نشين سندن وڏو پوٽو فقير ولي بخش جن ٿيا. پاڻ ڪامل فقير هئا درگاهہ جي مثالي خدمت و رياضت ڪيائون با توڪل زندگي گذاريائون فقيريءَ ۾ اميرِ ٿي رهيا.

پاڻ حضرت مخدوم نوح عليه رحمة جن جي 16سجاده نشين مان مخدوم غلام محمد گل سائين جن کان ذڪر بيعت ورتائون ۽ گهڻو عرصو سندن خدمت ۽ صحبت ۾ رهيا ۽ گل سائين جن کان بعد قبلا طالب المولي سائين جن جي تا عمر صحبت ۽ ويجهڙائي نصيب ٿين. پاڻ سڀا شاعر هئا سندن رسالو 'پرين تنهنجي پياس ۾' جي نالي سان 1999ع ۾ منڌار فقير اڪيڈمي طرفان ڇپرايو ويو آهي. جنهن ۾ سندن تفصيلي سوانح حيات ۽ ڪلام آهي. پاڻ 29 محرم 1404هـ 5 نومبر 1983ع ڇنڇر رات راهہ رباني ورتائون. ان بعد سندن فرزند فقير ولي محمد جن سجاده نشين ٿيا. ڪين پنهنجي والد سان بي انتها محبت هئي ۽ ساڻن مڪان جي رياضت ميلي جي انتظامن ۽ هر ڪم ۾ هميشہ هاڻن ٻيلي رهيا. پاڻ پنهنجي والد سان انتهائي عقيدت سان فقير سڀائين جئي محاطب ٿيندا هئا. سندن جهڙي فرمانبرداري شايد ڪنهن کان مشڪل پچي. سجاده

Gul Hayat Institute

نشين ٿيڻ بعد پاڻ مڪان جي خدمت ميلو ڏينهن ڏهاڙا سڀ ڪم اڳئين ڪان اڳرا هلايائون پر پنهنجي والد جي جدائي برداشت نہ ڪري سگهيا صرف ڏيڍ سال ڪن جو قليل عرصو سجاده نشين رهيا تاريخ 25 رجب 1405ھ 17 اپريل 1985ع اربع جي رات اسان ڪان جدا ٿي وجي پنهنجي والد ۽ مالڪ حقيقيءَ سان مليا. ڪين ٿي فرزند آهن فقير محمد بخش، فقير لطف علي ۽ فقير خادم علي سندن وصال بعد سندن وڏو فرزند فقير محمد بخش سجاده نشين ٿيو.

پاڻ قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ ڪان ذڪر تلقين ورتائين ۽ مٽس قبلا طالب المولىٰ سائينؒ جن جي خاص نظرِ عنايت رهي ان ڪري ئي ننڍي عمر ۾ سجاده نشينيءَ جو بار اڇڻ باوجود مڪان جا سڀ طور و طريقا ميلا ڏينهن ڏهاڙا محفلون سڀ جيئن جو تيئن برقرار رهيا ۽ رهندا اچن. سندس شادي قبلا طالب المولىٰ سائينؒ جن جي مرضيءَ موجب ٿي ۽ سندس وڏي فرزند تي نالو به پاڻ ئي رکيائون، فقير ولي بخش، ۽ فرمايائون تہ اسان جي هوندي فقير ولي بخش موٽي آيو آهي.

فقير محمد بخش 1989ع ڪان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي پاڻ شعر جي ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، پر گهڻو ڪافيءَ سان نباهيو اٿس. قبلا طالب المولىٰ سائين سندس شعر جي ڪجهہ حصي جي اصلاح ڪرڻ فرمايائون ۽ ڪين ضامن تخلص عنايت ڪيائون. پاڻ تخلص ملڻ تي جيڪو پهريون غزل لکيائين ان جون ڪجهہ سٽون ڏجن ٿيون:

دل تان نہ دم لهي ٿو دلدار يار سو
منهنجو تہ آهي مالڪ و مختيار يار سو

.....

ضامن ٿيو تخلص دلبر ڪان اڄ عنايت
منهنجو به هوندو ضامن هر وار يار سو

قبلا طالب المولىٰ سائين جن جي وصال بعد قبلا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن به اهو خاص نظرِ عنايت جو سلسلو جاري رکيو اچن جيڪو انشاءالله جاري رهندو پاڻ پنهنجي تمام گهڻين مصروفيتن هوندي به گهڻن ئي ميلن تي خاص شرڪت ڪرڻ فرمائي اٿن جنهن سبب ميلي جون ۽ مڪان جون

Gul Hayat Institute

رونقون تمام گھٹيون وڌيون آهن.

فقير محمد بخش کي الله پاڪ پنج فرزند عطا ڪيا آهن: 1- فقير ولي بخش، 2- فقير ولي محمد، 3- فقير اعجاز علي، 4- فقير فياض علي، 5- محمد طلحہ عرف فقير رياض علي، الله سائين کين عمر خدري ۽ بخت سڪندري عطا ڪري. آمين

فقير محمد بخش ضامن قبلہ طالب المولیٰ سائينؒ جن جي وصال کان پوءِ ڪجھ سال شاعري ڪڙ ڇڏي ڏني جيڪا 1998ع کان منڌار فقير اڪيڈمي جي قيام ۽ مشاعرن جي سلسلي شروع ٿيڻ ڪري وري شروع ڪئي وئي جيڪا اڄا هلندي اچي سندس رسالو ڪلامِ ضامن جي نالي سان جلد شايع ٿي منظرِ عام تي اينڈو.

جيئن تہ هي رسالو ڪافين تي مشتمل آهي. انڪري هتي نموني طور سندس شاعريءَ مان 5 پنج ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون. اسان جي دعا آهي تہ الله پاڪ کين وڌيڪ ڪاميابيون نصيب ڪري ۽ مٿس سندس مرشد ۽ مائٽ جو دستِ شفقت هميشہ برقرار رهي. آمين

احقر

غلام ڪريم شر

تگو سر

5-03-07

14 صفر 1428هـ

Gul Hayat Institute



فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين درگاهه منڌار فقير عليه رحمة

پنهنجي پائرن، پٽن، پائٽن ۽ پاٽيجي سان گڏ.

ساڃي کان: فقير لطف علي سندس هنج تي فقير عران علي، فقير ولي بخش،
فقير محمد بخش ضامن، فقير ولي محمد، فقير خادم علي

اڳيان: فقير اياز علي، فقير فياض علي، فقير محمد طلحه، فقير اعجاز علي،
فقير منظور علي

Gulhayat Institute



قبلہ مخدوم محمد امین فہیم سائین

فقیر محمد بخش ضامن سان گڈ درگاھ منڑار فقیر تي دعا گھرندي.

Gul Hayat Institute

کلام
هنتار فقیر راچڑ

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهه: ليلئ جي هئي لڪ، مجني کي ڪنهن مست بنايو

1. اول خواب ۾ ڏٺئين صورت، موهي ڇڏيس انهيءَ مورت
هئي اها عشق جي اٽڪ، جنهن ٽي پنهنجو وطن ڇڏايو

2. زهر پيئڻ جو آيس وارو، ڊپ نه ٽيڙس کو ڊيڄارو
ڪانه ڪيئين کا هٻڪ، پيو پيالو ڏنئين ٽي موٽايو

3. پنهنجي پاڻ کان غافل ٽيڙو، اهڙو سڃڻ ۾ فنا ٽي ويڙو
هيءَ آهي حقيقت هڪ، ته پاڻ پرينءَ تنهن کي پاڻ پسايو

4. سسئيءَ چا لاءِ ڏونگر ڏوريا، پاهڻ سيئي پيرن سان پوريا
ويئي لنگهي سپ لڪ، پنهنجي پنهونءَ جو پتو پچايو

5. سهڻي لتاڙي لانگها ويئي، ڪاهي ڪن ۾ ڪيئن ٽي پيئي
اها عجيب هئي چڪ، جنهن تي نيئي ميهر سان ملايو

6. هير رانجهن جي واٽ نهاري، وڏئين ڪيڙي جي منهن ۾ واري
اهڙي پرينءَ پياريس پِڪ، هڪ پل تنهن کي آرام نه آيو

7. هت ضامن چئي چا ٻڌائي، پنهنجي پاڻ کي چا سمجهائي
نه ڇاڻان چا آهي عشق، ڇڏي هزارين رڻ ۾ رلايو.

11 جمادي الاول 1410هـ 89-12-21 خميس
مڪان تي

Gul Hayat Institute

كافي

ٽلهـ: آهي تن ۾ جني جي تار، الا تن سانگين ڪئي نه سنيار
ڪيئن مجي هيءَ قيديائي، تن ماروئڙن ڏي ميار، الا.

1. ساڻ صبوح سي ساهيڙيون هت ولڙا وارين
ماروئڙا هت مال کي ٽا چاهه منجهان چارين
تن ڳونڍاڻن جون ڳالهيون هت مئيءَ کي ٽيون مارين
آس اڃان به اٽم اندر ۾ سگهڙي لهندا سار، الا.

2. کالهه مکائون کيترا تن ڏوراپا ڏياري
عيش ۾ پيئي اباڻا ڪيئن وينيئن وساري
وڃن کيل جي ويڙهيچن سان کين سگهئين پاري
ڪوڻن ڪونه ڪنبايو مون کي ماريو ان ميار، الا.

3. کائڙ پاسي کيڏ ڏسي آئون رات پيس روئي
ڏنل هئي جا ڏاڏاڻن جي ليڙون ٽي لوئي
بيوس جو هت بند ۾، ڪونهي ڪو ڪوئي
ڪاڻيان پيئي قيدَ ۾ آئون انهن جي آڌار، الا.

4. آس اهائي اٽم اندر ۾، آڻيندن الله
ساڻي ٽيندا سيگهه مان، ٽو سڪي جني لاءِ ساهه
ضامن پيئي ضعيف جا سي واهر ڪندا واهه
انئي پهر ته آهي اندر ۾، پنهنوارن پچار، الا.

4 محرم 1421هـ 02-05-2000 اڱارو

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهه: مون کي پاڻ ڪج نه ڏار، چنيسر سائين مون کي پاڻان ڪج نه ڏار
رويو تو در ٽي ٻاڏايان.

1. عيب سندم تو اکئين ڏٺئي ٽي، تڏهن چنيسر ڪجهه نه چئي ٽي
ء ججهو ڏٺئي ٽي پيار، چنيسر سائين ء ججهو ڏٺئي ٽي پيار
هاڻ انهيءَ کي ڇا مان پانيان.

2. مٽيي تي منهنجي دل ٽيڙي، نه معلوم هئي ماحيت هيڙي
نه ته ڪين ڪٽان ها هار، چنيسر سائين، نه ته ڪين ڪٽان ها هار
پنهنجي ڪئي ٽي پئي پڇتايان.

3. سيس جهان ۾ سندئي نالي، ڪين ڪجان ٻي ڪنهن جي حوالي
اڇي موٽي ملين منڌار، چنيسر سائين، اڇي موٽي ملين منڌار
ته عمر سڄي تنهنجي گولي ڇوايان.

4. رهنديس تنهنجي ٽي آڏون ٻانهي، معاف هيءَ منهنجي ڪر ناداني
پنهنجو پاڻ پلاڻج پتار، چنيسر سائين، پنهنجو پاڻ پلاڻج پتار
پاند پلئه ٽي هر هر پايان

5. ضامن ڇئي هت توکي ساري، ڪٽيان ڏينهن ٽي راهون نهاري
هاڻ مون تي رک نه ميار، چنيسر سائين، هاڻ مون تي رک نه ميار
عيبن پريل توڙي آهيان.

9 رجب 1410هـ 06-02-1990 اڱارو
مڪان تي

Gul Hayat Institute

كافي

تلهہ: كيڑي نال نہ دل دا، وي مواريان، كيڑي نال نہ دل دا خيال رانجهو روح مئيڈي وچ وسدا.

1. بن ماهي دي ويكو سيان، هيٹان ٹي ڳياهي، وي مواريان هيٹان ٹي ڳيا هي حال.

2. رنگپور دي وچ هڻ هي مئيڈا، جيئڻ ٹي ڳيا، وي مواريان جيئڻ ٹي ڳيا جنجال.

3. ڈيهئون ڈور كيتي مئيكون، چوچك چلاكي، وي مواريان چوچك چلاكي چال.

4. راتيان ڈينهان دل وچ ووهي، نينهن لڳا هي، وي مواريان نينهن لڳا جنهن دي نال.

5. آكي ضامن كڈهان ملسي، روز گهتان مئين، وي مواريان روز گهتان مئين فال.

12 صفر 1411ھ 1990-09-02
سومر رات مكان تي

Gul Hayat Institute

كافي

تلهـ: ديكـا عجـب هـي ميـن نـي ديـدار دلربـا كـا
كيسـي كهـون زبـان سـي اظهـار اس سمـا كـا

1. ديـدار جـس كـي خـاطر هـو كوئـي هـوا حيـران
ليكـن جسـي وو چـاهي اس هـي پـي هـو مهربـان
احسان بجا لاتا هون محبوب مهربان كا.

2. جـس پـي نظـر كـري تـو تقديـر بـدل ڈالـي
سـاري هـي كـام اس كـي بگڑي هوئـي بنـالي
هرڪ ثناخوان هي اس هي كي هر ادا كا.

3. مجهـ جيسي اس كي در پي كيئي توهين سوالي
جاتـا كيـي نهيـن هـي كوئـي سـوالي خـالي
انداز يي عجب هي ديكو اسي سخا كا.

4. پرواهـ نهيـن مجهكـو دنيـا كـي اب هـي كوئـي
مقصـد مـلا وهـي هـي چاهـا تـا ميـن نـي جوئـي
اب پي هون منتظر مين اك اور هي عطا كا.

5. اس كـي نهيـن هـون لائـق اعمـال كـي بدولـت
فر پي هوئي هي مجهـ پـي كئي بـار يـي عنـايت
ظاهر هوا هي ضامن اك ايسي ناتوا كا.

خميس 28 محرم 1421هـ 04-05-2000

Gul Hayat Institute

حضرت فقير منڌار سائين متعلق چند روايتون

فقير محمد بخش راجڙ "ضامن"

حضرت منڌار فقير راجڙ رحمة الله عليه جن کي پنهنجي مرشد مخدوم امين محمد پکن ڏڻي عليه جن کان ان وقت فيض مليو جڏهن پاڻ دنيا مان وصال کري چڪا هئا ۽ کين خواب جي ذريعي فيض حاصل ٿيو اها بہ هڪ انوکي ڳالهہ ڇئبي شايد اهڙي طرح جي عنايت کنهن ٻئي سان نہ ٿي هجي سندن زبان تي کافي وقت اهو تاثير رهيو جو جيکي بہ زبان مبارک مان جيئن فرمائين تيئن ٿيو وجين ان ڳالهہ مان کافي ماڻهن کي نفعا ۽ نقصان ٿيا آخر اها خبر قبلہ مرشد مخدوم پرو چام سائين عليه رحمة الله جن کي پئي تہ پاڻ کين گهرائي دعا کيائون ان بعد پاڻ زبان تي کافي کنٽرول رکندا هئا جي نہ تہ خوش طبعي ۾ چيل ڳالهہ يا شعر مان بہ کافي ماڻهن کي نقصان ٿي پوندا هئا پاڻ فرمائيندا هئا تہ اسان کي مجذوبيت مان ڪڍي سالڪائيءَ ۾ پروچام سائين جن آندو ان واقعي جو ذکر هڪ کافي ۾ ڪرڻ فرمائين ٿا تہ:

1. سڪ صبر نہ ڏي مون کي لئون کيئن لکائيان
   تڏهن دانهن درد جي کريو ٿو بڙهکيو ٻڌائيان
2. پاڻ ٻاهر نہ ڪيج ايءَ منع کيئون مون کي
   اها نصيحت تہ گهٽئي نيڪ پر آئون وس ۾ ناهيان.

فقير سائين وٽان جيکي ڪرامات جا واقعا ٿيندا هئا تن مان ڪجهہ واقعا هتي ڏجن ٿا: فقير ولي بخش سائين کي تہ ايترا واقعا ياد هئا جو وڏو ڪتاب ٺهي پوي ها پر سندن رحلت بعد صرف چند ڳالهيون جيکي ياد رهيون سي وجين بچيون ان لاءِ هن سال فيصلو ڪيوسين تہ انهن روايتن کي سهيڙي شايع ڪرائجي متان پوءِ اهي گڏ ڪيل روايتون بہ هٽ نہ اچي سگهن اميد ٿي ڪجي تہ فقير سائين سان محبت رکندڙ جن ماڻهن وٽ هن کان علاوه کي روايتون هجن تہ روبرو اچي يا خط و ڪتابت ذريعي هي اسان تائين پهچائين جيئن تہ سندن زبان مبارک اڳلي ئي شاعري جي انداز ۾ ٻالاپڻ ۾ ئي پاڻ جيکو ڳالهائيندا هئا اهو گهٽو ڪري شعر جي انداز ۾ ٿي ويندو هو يعني

سندن ڳالهائڻ ئي بحر وزن ڪان خالي ڪونہ هو هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ ڳوٺ ۾ ڪو شادي جو ڪاڄ هو ان ۾ اوجهري جي ڪٹڻ تان ٻن ڏرين ۾ جهيڙو ٿي پيو نيٺ فيصلي لاءِ ٻئي ڏريون سندن وڏي پاءُ وڏيري پرچي وٽ آيون جيڪو راڄ جو ڇڳو مڙس پڻ هو جيڪو ان وقت چني ۾ ويٺل هو. (اڳي ڪاڄ وغيره لاءِ وڏا ڇنا ٺهندا هئا جن جو ڪافي ڏينهن اڳ ڪم هلندو هو اڇڪلهہ وانگر شاميان وغيره ڪونہ هئا سڀ ڪونڊيل ماڻهو ان ڇنن ۾ ويهندا هئا).

جتي ٻيو راڄ ۽ دعوتي پڻ موجود هئا وڏيري پرچي حقيقت پچي ۽ هنن جون ڳالهيون ٻڌي ڇيائين تہ اتي ڪو ٻيو ماڻهو بہ موجود هو انهن ڇيو تہ اوهان جو پاءُ منشار موجود هو ان ڪان پڇي ڏسو فقير صاحب جن ڪي سڏي پڇيائون تہ هنن جي جهيڙي مهل توهان موجود هئا سو خبر ٻڌايو تہ ڪير ڏوهاري آهن. فقير سائين جن چني جي ٽوٽي ڪي ٽيڪ ڏيئي اڇي بينا ۽ شعر ۾ سڄو قصو ٻڌائڻ شروع ڪيائون. اهو شعر ڪي ڪلاڪ پي هلايو ان جهيڙي شعر ۾ جنگ جي صورت اختيار ڪئي.

ڪاڄ جي ماني وغيره اتي رهي ماڻهو شعر ٻڌندا رهيا نيٺ سندن پاءُ مداخلت ڪئي تہ ادا هاڻ بس ڪريو پوءِ پاڻ شعر پورو ڪيائون ان شعر ۾ هڪڙي ڏر ڪي فتح ۽ ٻي ڪي شڪست بہ ڏنئون.

جنهن ڏر ڪي پاڻ شعر ۾ فاتح ڪيائون اهي چند ڏينهن ۾ خوشحال ٿي ويا ۽ جن ڪي شڪست ملي سي ڪجهہ ڏينهن ۾ ختم ٿي ويا.

سندن زبان مبارڪ تي اهو تاثير ننڍيڻ ڪان ئي هو جو جيئن بہ زبان مبارڪ مان فرمائيندا هئا تيئن ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ وچين نماز جو وقت هو پاڻ ڳوٺ ۾ ڪجهہ ماڻهن سان ويٺا هئاً تہ قيصر نالي راڄڙ (جيڪو هينئر ميرپور خاص جي مشهور زميندار حاجي قيصر راڄڙ عرف حبيب الله جو سڳو ڏاڏو هو) جو تمام مسڪين هو ۽ ٻيو مالڪ نالي راڄڙ جيڪو بہ تمام مسڪين هو ٻئي هڪئي وقت ڪچهري ۾ آيا ڪنهن مالي امداد خاطر قدرتن ٻنهي جون ڏاڙهيون پچيون هيون اڳين ڏاڙهي ٻچي ڪنهن قليل کي هوندي هئي ان تي ماڻهو ڪلندا هئا ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن فقير سائين کي ڇيو تہ سائين موقعو تہ شعر چوڻ جهڙو آهي پاڻ فرمايائون تہ هائو:

مالڪ هليو موهر مان ڪرها ڪتاري
قيصر کي به قسط ڪنيو جو نڪتو ڏانهن ناري
وقت هو وڃڻ جو سج ڏريو ڏاري
اڇي گڙ گڏيا گڙنار ۾ ٻئي لاسڙ ليڪاري
پوءِ مالڪ کي ماري، قيصر قصر ڪٽي ويو

شعر ڏ ٽيو پر قيصر جو هتان واپس ويو ته ڪيس ڇيائون ته هي زمين جو ڪاتو وٺ پئسہ جڏهن ٽين تڏهن ڏجاڻ سندن زميندار اڄ به قائم آهي. ٻني جو ڪاتو مليو ۽ مالڪ واپس رسيو ته ڪجهہ ڏينهن ۾ سندس گهر ئي ختم ٽي ويو.

فقير ولي بخش سائين ظاهري تعليم تمام گهٽ ورتي ڪو هڪ اڌ درجو سو به نہ جي برابر پر پوءِ به ماڻهن کين مطالعو ڪندي ڏٺو هوندو يا اڃا سندن ڪتاب جيڪي زير مطالع رهندا هون اهي ڏسبا ته ماڻهو اها ڳالهہ بلڪل ڪونہ مڃيندا ته ڪو پاڻ اڻپڙهيل هڻا بلڪ ائين لڳندو ته پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ هڻا.

پاڻ ٻڌائيندا هڻا ته اسان تي اها عنايت فقير سائين جن کان ٽي هڪ دفعي محرم شريف جي ڏهين تاريخ حسب دستور مرثيہ خواني ٽي رهي هئي پاڻ مرثيہ پڙهي رهيا هڻا ماڻهن جا هشام باادب وينا هڻا. اوچتو پڙهائي هلندي سندن آواز رڪجي ڀيو پاڻ هڪ ٻ ڇڪيون ڏنئون ته پڙهائي جو تسلسل نہ ٽٽي پر آواز نہ هليو ته پاڻ مجمعي تي نظر ڦيرايائون ٻ دفعا نظر ڦيرائي جڏهن ٽيون دفعو نظر وڌئون ته مون تي اک پين ڇيائون ته ڇوڪرا هلي آءِ آيس پاڻ ڇيائون ته پڙهہ مون ڇيو ته آئون ته پڙهيل ئي ڪونہ آهيان پاڻ فرمايائون ته اسين ٽا ڇئون نہ ته پڙهہ مون وري عرض ڪيو ته سائين آئون پڙهي ڇاڻائي ڪونہ ته پاڻ حڪم جي انداز سان ڇيائون ته تون پڙهڻ شروع ڪر اسين ٽا ڏسيون مون ڪتاب کوليو ته ائين لڳو جڙ پڙهڻ کو مسئلو ئي ڪونهي ۽ آواز ٻ بلند اهو مرثيہ پڙهي پورو ڪيو. پاڻ ان وقت سچل سائين جو مرثيہ پڙهي رهيا هڻا جيڪو لکيل ٻ پراڻي سنڌي ۾ آهي اهو ڪتاب اڃا موجود آهي اڄ ڪلهہ جي پڙهيلن کان ٻ مشڪل پڙهجي. ان واقعي کان پوءِ فقير ولي بخش سائين لاءِ لکڻ پڙهڻ ائين هو جڙ پاڻ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي اٽن.

پاڻ هڪ دفعي ڪنهن سفر تان موٽيا هڪ طالب ٻ ساڻن گڏ هو. رستي

Gul Hayat Institute

ھ خاصخيلي قوم جو ھڪ وڏو ڳوٺ ھو اتي پھتا ته سج لھي ويو پاڻ پنھنجي ساڻي کي چيائون ته ان ڳوٺ مان ڪنھن کي سڏي وٺ ته پاڻ رات ھتي رھون ھن جي سڏ تي ڳوٺ جو ڇڳو مڙس نڪري آيو جنھن جو نالو غالبن پيراڻو ھو. ان کي سندن ساڻي ٻڌايو ته مون سان گڏ منڌار فقير آھي ھتي رات رھنداسين اسان جي ماني ٽڪي ۽ رھڻ جو انتظام ٿي سگھي ته ڪيو. (اھو سال عام طرح لوس وارو سال سڏجي ٿو جنھن ۾ ايتريون بيماريون ڦھليون جو ماڻھو ھڪڙا لاش دفنائي ايندا ئي مس ھئا ته ٻه ٽي ٻيا فوت ٿي ويندا ھئا. ائين ڪافي گھر ختم ٿي ويا) سو ان پيراڻي وراڻيو ته ادا اسان جو سڄو ڳوٺ بيماري ۾ ورتل آھي سڀ سڪرات ۾ پيا آھن ان ڪري طعام جو انتظام ڪرڻ مشڪل آھي باقي رات توھان پلي ھت گذاريو. ائين چئي اھو شخص واپس ويو. ۽ پاڻ اتي آرامي ٿيا پاڻ اڃا ليٽيا ئي مس ته خواب ڇا ٿا ڏسن ته ھڪڙا چار شخص آيا آھن جيڪي اچي ڪين گڏ وڻي ويا. اڳيان ھڪ لاڌيڊي آئي ان ۾ ڪين ڇڏي اھي شخص ويا ھليا. لاڌيڊي جي اڳيان اڇ وڇ جي وات ھئي. پاڻ ڏسن ته اتان ڪافي ماڻھو ماني ڪنيو پيا مٽين پاڻ وڏي انھن کان پڇيائون ته ھي ڪاڏو ڪٽان ٿا ڪنيو اڇو انھن ٻڌايو ته ھي امام حسين عليه السلام جن جو نگر آھي. ھو سامھون تنبو نظر اچن پيا. پاڻ سڳورا اتي منزل انداز آھن پاڻ اھو گس وڻي اوڏانھن روانا ٿيا اتي وڃن ته تنبو لڳا پيا آھن نگر ھلي پيو (ھن علاقي جو ڪو شاھ صاحب ھو فقير ولي بخش سائن کي سندن نالو به ياد ھو) اھو شاھ صاحب نگر جي وڏ پيو ڪري تنھن فقير صاحب جن کي ڏسي چيو ته اڇو فقير ڇڳو جو توھان اچي ويا. امام صاحب جن اوھان کي ياد پي ڪيو ھاڻ ڪجھ دير اتي بيھو ته آئون نگر مان واندو ٿي اوھان جي حاضري ٿو ڪرايان. پاڻ اتي بيٺا ئي ھئا ته ھڪ آواز آيو ته اي فقير منڌار ھڪ ڪلام ٻڌائي وڃ. پاڻ ان آواز ڏي توجھ ڏنائون ته شاھ صاحب چين ته فقير صاحب ان آواز ڏي توجھ نه ڏيو وري ڪجھ دير بعد وري ساڳيو آواز آيو وري شاھ صاحب اوڏانھن وڃڻ کان منع ڪين ٿيو دفعو آواز آيو ته اي فقير منڌار اسم الله جو ائي ڪلام ٻڌائي وڃ شاھ صاحب وري منع ڪئي ته پاڻ چيائون ته سڏڻ وارو اسم بسم الله جو ٿو وجھي ھاڻي ڪيئن رکبو ته شاھ صاحب وڏ ڇڏي اٽيو چيائين ته پوء ترسو پھرين امام صاحب جي حاضري ڪريو پوء اوھان جي

Gul Hayat Institute

مرضي ائين چئي شاھ صاحب تنبو ۾ وڃي اطلاع ڪري ڪين اندر ڇڏئين پاڻ اندر وڃي ڏسن تہ ڪچھري لڳي پئي آھي امام پاڪ جن کٹ تي ويٺا آھن پاڻ قدم بوسي ڪري حاضري ۾ ويٺا ڪجھ ديـر ڪچھري ڪري پاڻ اجازت ورتئون ۽ ھنن آواز متعلق عرض ڪيائيون تہ اھي ڇاجا ھئا امام پاڪ جن فرمايو تہ اھي شيطان آھن جن جي ڪري ھي بيماريون ۽ تڪليفون ماڻھن کي ٿيون آھن اسين بہ انھن کي پڪڙ لاءِ ھتي آيا آھيون جن مان ڪافي قيد ڪيا اٽئون باقي ڪو رھيل ھوندو تہ ان کي بہ قابو ڪبو. فقير سائين عرض ڪيو تہ قبلہ ھنن اسم الله جو وڏو اھو ڪيئن موٽائجي پاڻ فرمايائون تہ اھا ڳالھہ آھي تہ پوءِ ترسو ائين چئي ڪاغذ ۽ قلم گھرائي ان تي ڪجھ لفظ لکيائون اھي لکي فقير صاحب جن کي سڏي سائي ٻانھن ۾ ٻڌائون پوءِ فرمايائون تہ ھاڻي پلي وجو اھي اوھان جو ڪجھ بہ بگاڙي نہ سگھندا. (اھي لکيل لفظ فقير سائين زباني ياد بہ ڪري ورتا) پوءِ اتان پاسي واري تنبو ۾ اچن تہ اتي واقعي ڪجھ شيطان آھن جيڪي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا آھن پاڻ اتي پھتا تہ سندن اک ڪلي پئي پنھنجي ساڻي کي چيائون تہ ان پيراڻي کي سڏ ڪر ھو سڏي آيو ان کان پڇيائون ھتي جي ڪاغذ قلم ھٹ اڇي سگھي تہ ڪٹي اڇ اتي ھڪ واڻيي جو دڪان ھو. ھو ان کان ڪاغذ قلم ڪٹي آيو پاڻ مريضن جو تعداد پڇي اوترا پنن جا ٽڪرا ناھي انھن تي امام پاڪ عليہ السلام جن جا ڏسيل لفظ لکندا ويا اھي لکي پيراڻي کي ڏنائون تہ پنھنجي گھر جي پاتين کان ٻڌڻ شروع ڪر ۽ سڄي ڳوٺ جي مريضن کي ٻڌي اڇ ھن ائين ڪيو ڳوٺ ۾ ٻڌي واپس گھر اچي گھر جا پاتي ائين چگا پلا ٽيا ويٺا آھن ڇڻ بيمار ئي ڪو نہ ھئا ۽ سڄو ڳوٺ ھڪدم ٺيڪ ٿي ويو ۽ پيراڻي کان پڇيائيون تہ ھي ڪھڙو جادو ھٹ ڪري آئين جو ھيڏي تڪليف منٽن ۾ لھي وئي ان سڄي ڳالھہ ڪري چين تہ ھاڻ اٿي ان فقير جي خدمت ڪيو جنھن اوھان تي ھي مھرباني ڪئي پوءِ سڄو ڳوٺ سندن معتقد ٿي پيو ۽ ان ڳوٺ جي ڪري ڪافي خاصخيلي قوم سندن معتقد ٿي جيڪو ناتو ڪافي وقت تائين ھلندو آيو اجا بہ خاصخيلين جي ڪن گھرن سان اھو ناتو ھلندو اچي.

دونھائي جا سيد مرشد سائين جا مريد ۽ صاحب ڪرامت بزرگ ٿي گذريا آھن. فقير سائين سان بہ سندن گھرو تعلق رھيو آھي ھڪ دفعي فقير

سائين جن شاھ صاحبن جن وٽ رهيل هئا شام جي ٽائيم سڀئي ڪٽن ڪرسين ۽ موڙن تي وينا هئا ڪچهري لڳي پئي هئي ته شاھ صاحبن جي هڪ ڪمدار جيڪو سامهون موڙي تي ويٺو هو ان چين ته سائين هي ڪهڙا فقير آڻي ويهاريا اٿو هي ته رڳو ڪوڙا آهن. مطلب ته گهٽو گستاخ ٿيو ته فقير سائين چيس ته ابا جي ڪوڙ آهي اسان ۾ ته اسان مان جي آهي تو ۾ ته تو مان رت ٿي نڪرندو پڻ جي ٿو ته اجا سندن لفظ ادا ٿي بس مس ٿيا ته ان ڪمدار کي الٽي اڇڻ وانگر ابڙڪا ٿيس اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين ته اوندي منهن اچي ڪريو ۽ جسر جي وار وار مان رت سيڙون ڪري نڪتس اتي ئي تڙپي مري ويو جهولي ۾ وجهي ڪنيوس جڏهن فقير صاحب جن موڪلائي واپس روانا ٿيا ته ماٺهن شاھ صاحبن کي چين ته سائين هڪ راڄڙ اوهان جو ماٺهو ماريو پيو وڃي ۽ اوهان کان ڪجهه ڪونه ٿيو ته شاھ صاحبن وراڻين ته ابا اهو راڄڙ ڪونه هو اها ڪا بي طاقت آهي اسان جي ماٺهون کي ڪٽي ڪنيو جو پنهنجي انجام کي پهتو.

برسات جي متعلق ته مشهور آهي ته پاڻ جڏهن به دعا گهرندا هئا ته موسم هجي نه هجي برسات ضرور ايندي هئي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته ڪافي اڇي ڏڪار پيو چار سال لاڳيتو ڏڪار پيو ماٺهو تمام پريشان ٿيا ڇو جو اڳي ماٺهن ڇاهي مال جو گذر ئي برسات تي هوندو هو جڏهن ماٺهو گهٽو تنگ ٿيا ته اچي کين عرض ڪيائون ته سائين دعا گهرو ته برسات اچي نه ته هاڻ ڏاڍو ڏکيو حال ٿيندو جڏهن ماٺهن گهٽو تنگ کين ته هيءُ ڪافي لڪيائون.

ٽل: جر پلر جالار يار. ابر وسڻ آکاڙ ۾ ايندا
ڏکيا ڏينهن ڏڪار جا وينداً
ٽيندا ساندہ چار سڪار يار.

بس پوءِ ته هڪدم اچي برسات پئي ڏاڍا فصل ٿيا ماٺهو خوشحال ٿي ويا پوءِ ته لاڳيتو چار سال برساتون ۽ سڪار رهيو.

ان بعد وري ڏڪار ٿي پيو برساتون نه پيون ماٺهو وري اچي ڏڪيا ٿيا ۽ وري اچي کين عرض ڪيائون گهٽو ستائڻ تي هيٺين ڪافي لڪيائون.

Gul Hayat Institute

ٽل: مينهن جا مانڌاڻ خدا تون پاڻ
والي واري و سائج ڪاٽي ڪپري تي.
ملڪ اتر ڪئون روهڙي سڪر ڪئون. ڪن موج پلي مهراڻ
مڪي جو ڊورو سانگهڙ سنجهورو سي وسن سپيئي وڻاڻ.
هالا نصرپور حيدرآباد ميرپور ٻيا ٽنڊن جا وسن ٽڪاڻ
موهر نارو سنڌ سامارو پلٽائج. پراڻ
عمر ڪوٽ ننگر ۾ پارڪر ٽر ۾ نندين پرج نياڻ
ملڪ هنڌ جي ساري سنڌ جي اج واري پج آڻ
ڇئي منٽارو تون رب ڏاتارو وڏ ڪنان واڪاڻ
والي واري وسائج ڪاٽي ڪپري ڪي

بس پوءِ تہ اچي برسات پئي ان ڪافي ۾ جن بہ هنڌن ماڳن جو ذڪر ٽيل آهي تن کي تار ڪري ڇڏيئين ٻڌجي ٿو تہ اهو سال ٻوڏ وارو سال سڏجڻ لڳو.

فقير ولي بخش سائين جن ڳالهہ ڪندا هئا تہ ان ڪان ڪجهہ سالن ڪان پوءِ هڪ دفعو وري اچي ڏڪار پيو هڪ ڏينهن آئون ٻني تان چڪر ڏيئي موٽيس پاڻ اوطاق ۾ ڪٽ تي آرامي هئا مون کي ڏسي اٿي وينا ۽ پچيائون ٻنين جي خبر ڏيو مال ڪيئن آهي (مال مينهون وغيره ٻني تي رهندو هو) مون ٻڌايو تہ سائين ٻنين جو حال ڪونهي مال بہ سخت تڪليف ۾ آهي هاڻ ڪا دعا ڪهرو تہ برسات پوي نہ تہ ٻيو چارو ڪونهي پاڻ ان مهل تہ انڪار ڪيائون چو جو ٻوڏ پوڻ ڪان پوءِ پاڻ برسات گهڻ ڪان لهرائيندا هئا. شام جي تائيم پاڻ هڪ ڪافي لکي ڏنائون جنهن جو ٽل هتي ڏجي ٿو.

مڪمل ڪافي رسالي خدائي ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

هن مولئ مهيني سانوڻ ۾ ڪي خالق خير جا مينهن وسائج

شام جو ڪافي ٿي رات جو باهر ٽلهي تي ڪچهري پيا ڪيون تہ فقير سائين جن ڪٽ تي ليٽيا پيا هئا. ڪن همراهن ماني پي ڪاڌي تہ اوچتو اتر طرف ڪجهہ روشني جو چمڪو نظر آيو تہ سيني جو توجهہ اوڏانهن ٽيو. حالانڪ برسات جا ڪي آثار بہ نہ هجن. ڏڪڻ پئي لڳي پر تڏهن بجلي ڪانہ هئي. نڪي لاريون موٽرون هيون سو سيني جو توجهہ ڏنو تہ وري ٻيو چمڪو ٽيو تہ سيني

چيو شايد ڪنوڊ آهي. اهو ٻڌي پاڊ هڪدم ڪٽ تي اڻي وينا ۽ چيائيون تہ ٽانو ٽپا اندر ڪيو ۽ ماني بہ اندر هلي ڪائو. سهڻي چيو سائين ڪنوڊ تمام پري آهي. برسات جا آثار بہ ڪونهن. سو ماني ڪائي آرام سان اندر ٽيون. پاڊ فرمايائون تہ نہ هڪدم اندر ٽيو اڃان ذڪر ٽپڙ اندر ٽيائي مس تہ مينهن اچي پيو. پوء تہ مينهن بس ئي نہ ڪري اها رات هليو هيو ڏينهن ٻي ڏينهن شام جو ڪجهہ وقفو ڪري وري زور سان تيار ٽيو. ان وقت سومار نالي راڄڙ اچي نڪتو جيڪو ٻنين ۽ مال جي سنڀال ڪندو هو. پاڊ ان کي ايندو ڏسي پڇيائون تہ سومار ڪر خبر. ان عرض ڪيو تہ سائين هاڊ تہ نڪو ٻنين ۾ سهڻ آهي ۽ نڪو مال ۾. فقير ولي بخش سائين جن چوندا هئا تہ پاڊ مون ڏي اشارو ڪري فرمايائون تہ اهي هن جا ڪر اڻي هاڊ ٻئي گڏجي وڃي امام پاڪ جي پڙ ۾ دعا گهرو پوء اسان گڏجي وڃي دعا گهري. سومار باس باسي. هاڻي برسات نہ وسي ۽ فصل سٽا ٽين تہ هن سال فصل نقصان کان بچي سٽا ٽين. آئون هر سال محرم شريف ۾ هڪ پاڏو ۽ ديگ سيري جي نياز ۾ ڏيندس دعا گهري بس ڪئي سين تہ چند گهڙين ۾ ڏهيل برسات ائين ڏهي وئي جو چڙ هئي ئي ڪانہ پوء تہ ان سال فصل بہ تمام پلا ٽيا پوء ان سومار سڄي حياتي محرم شريف ۾ باسيل شيون هر سال باقائده ڏيندو رهندو هو.

برسات متعلق اهڙا ٻيا بہ ڪافي واقعا ٽيا جيڪي هتي اهي بہ ڏجن ٿا.

پيل قوم سندن معتقد هئي هڪ دفعي پاڊ پيلن ۾ مسافري تي ويل هجن جتي سندن دعوت هئي ان ڳوٺ ۾ هڪ لاکو نالي پيل رهندو هو جيڪو تمام غريب هو ۽ ڪيس پٽ جو اولاد نٽي ٽيو نياڻيون ڪافي هئس پاڊ جڏهن اتان روانا ٽيا تہ اهو لاکو اچي سندن پيرن تي ڪريو تہ سائين دعا ڪريو غريب بہ آهيان اولاد نرينہ بہ نٽو ٿئي ائين چئي سندن پير پڪڑي ڪريو پيو رهيو پاڊ ڪافي دير مات ڪري ٻيٺا هئا پوء هن کي اتاري چيائون هئين تہ لاکيو پر هاڊ توکي ٿا ڪريون لاکو چار ست پٽ ٽيندئي پوء تہ ان لاکي جو اوج ماڻهن اکين سان ڏٺو ست پٽ بہ ٽيس پنهنجيون ڪافي مينهون ڪافي ڏيڻ جا جوڙا سڄي عمر وڏي ڏٺ سان رهيو.

هيو وري سومار نالي پيل جيڪو اڃا زنده آهي ان جا والدين گذاري ويل هجن پاڊ پنهنجي ڇاڇي سان گڏ رهندو هجي فقير سائين سندن ڳوٺ ويا تہ هن

سندن جام خدمت کئي آخر ۾ئي ڏينهن اتان واپس مکان تي اچڻ لاءِ اسريا تہ اهو سومار به گڏ آين هتي ڏينهن ۾ رهڻ بعد جڏهن واپس روانو ٿيو تہ فقير سائين جن سڏي چيس تہ ابا ٽن ڏينهن ۾ تنهنجو منگڻو ٿيندو هن کي ڀگالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ اچي تہ آئون يتيم چاچو ماني مس ٿو کارائي مون کي ٿو سنگ ملي سو به ٽن ڏينهن ۾ ڀگالهہ عقل ۾ نہ اچي خير اهي سوچون کندو واپس ويو.

سندس چاچي پنهنجي پٽ لاءِ سگ جي گهر کئي هئي سو کجهہ ماٹهو ان جو مگڻو کرڻ ٿي ويا هي به انهن سان گڏجي ويو. اتي پهتا تہ جنهن مائي جي چوکري هنن ورتي ٿي ان مائي پچيو تہ هي کنهن جو چوکرو آهي ٻڌايائون تہ جنهن چوکري لاءِ سنگ وٺون ٿا ان جو سئوٽ يتيم آهي هنن سان گڏ رهندو آهي مائي چين تہ مان پنهنجي ڏيءُ ڏيندیس تہ هن چوکري لاءِ ڏيندیس نہ تہ بس.

پيل کاوڙ جي پيا تہ سنگ جنهن لاءِ گهريو سون ان لاءِ ملي. نيٺ جڏهن معاملو حل نہ ٿيو تہ مائي چين تہ ناراض نہ ٿيو مون وٽ بي به چوکري آهي اها به اوهان کي ٿي ڏيان چوکري لاءِ پر هي چوکري آئون هن کي ڏيندیس پيل وري واپس موٽيا سومار جي چاچي سان صلاح کرڻ ان کي سڄي حقيقت ٻڌايائون ان چين تہ ماٹهن کي تہ هڪڙو سنگ به ڏکيو ملندو آهي پاڻ کي جي به سنگ ٿا ملن تہ کهڙي کس آهي. سگ وجي وٺو واپس اچي مگڻا کيائون ائين ٽن ڏينهن جي اندر سومار جو مگڻو ٿيو پوءِ اها شادي ٿي جنهن مان کافي اولاد ٿيس وڏي کيڙ جو ڏٺي ٿيو وينو آهي.

رحيم يار خان جي پاسي جو هک برڙي فقير هو مرشد سائين جو مريد هو فقير سائين سان محبت رکندو هو ۽ کين چوندو هو تہ کڏهن اسان جي طرف هلو اسان جي دعوت کائو پاڻ چوندا هئا تہ ابا کڏهن اچبو هڪڙي دفعي هن کافي اچي زور پريو تہ هاڻ اوهان کي هلڻو پوندو مهرباني کري هلو تہ پاڻ فرمايائون تہ اسين تہ اوهان جي ڳوٹان ٿي آيا آهيون هن چيو تہ نہ سائين اوهان اچو ۽ اسان کي خبر نہ پئي اهو ٿي نہ ٿو سگهي اوهان مهرباني کري هلو نيٺ پاڻ هن کي سندس ڳوٹ جا مڪمل پار پتا ڏنائون هو حيران ٿي ويو ڀگالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ اچيس تفصيل لاءِ عرض کيائين پوءِ پاڻ وضاحت کندي

Gul Hayat Institute

فرمايائون تہ اسين اوهان جي ڳوٺ مرشد نوح فقير رحمت الله عليه جن سان گڏ آيا هئاسين.

اهو هڪ روحاني سير هو جنهن جو ذڪر پاڻ پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ڪرڻ فرمايو آهي.

ٽل: دل ڪيو ديدار فقيرن جو فقيرن جو

1. ويس جني جو ڪٽيون ڪاريون، سر مٿي دستار
2. نالو مڃئون ٿي نوح رح فقير جو سرور هو سردار
3. حال سندن مسڪين نماڻون پوڄت بيشمار
4. ڪئي مجلس ارواح انهن سين ٿيو ملاقي منڌار.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پاڻ ويجهو ئي ڪنهن دعوت ۾ ويل هئا اتان ٿي صبح جو موٽيا تہ گهوڙي تي آيا پئي گهوڙو پاٿهي پئي آيو پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪيو وينا هئا ڳوٺ پهتا تہ فقير سائين (فقير ولي بخش) گهوڙو جهليو پاڻ گهوڙي تان لهي ان ئي حالت ۾ جيئن هيٺ ڪنڌ هون تيئن پنهنجي ڪمري ۾ ڪٽ تي اچي وينا فقير سائين گهوڙو ٻڌي سنج لاهي رکي اچن تہ پاڻ ڪٽ تي ٻہ ان ئي استغراقي واري حالت ۾ وينا آهن فقير سائين ٻہ ڪجهہ دير تہ بيهي رهيا پوءِ پڇيائون تہ سائين جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي سندن ڳالهائڻ تي پاڻ چرڪ ائين پريئون جيئن ماٺهو ننڊ مان اوچتو سجاڳ ٿئي فرمايائون تہ طبيعت تہ ٺيڪ آهي پر رات هڪ ڪافي ٻڌي سون ان ڪافي اتي وجي ڇڏيو جتان هينئر اوهان واپس آندو آهي. فقير ولي بخش سائين کي اها ڪافي ٻہ ياد هئي.

ان کان علاوه ڪيترا اهڙا واقعا ٻہ ٻڌجن ٿا تہ ڪڏهن ڪو ماٺهو زور پيو ڏيندو هو تہ ڏسندو هو تہ فقير صاحب جن ڪٽ تي آهن ئي ڪو نہ اڃا ان حيرت ۾ ئي هوندو هو تہ وري ڏسندو هو تہ پاڻ تہ ڪٽ تي آرامي آهن ۽ هو حيران ٿي ويندو هو. ڪپري جا مشهور واڻيا هئا جيڪي پيرواڻي سڏبا هئا ان ۾ ڇڪلو نالي هڪ وڏو سيٺ هوندو هو ان جي ڪنهن ڳالهہ تان فقير سائين سان اٽڪ ٿي پئي جڏهن سيٺ سندن سمجهائڻ سان نہ سمجهيا تہ پاڻ شعر چيائون تہ:

پير واڻي ٽيا پاڙي ڪٽي ڪيوي جي ڪياڙي
ڇڪلو آهي ڇپ شهر جي هٽي ڪتي جيئن ڇاڙي
هاڻ ڪولو ڪڙن سان گڏجي وجين وڃائيندو تاڙي

پوءِ تہ انھن سيڻين جي حالت خراب ٿي ماڻھن ڏٺو جو اھو ڇڇلو ڪڏڻ سان وڃين گڏيو ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳو پوءِ تہ واڻين اڇي ميڙون منڊون ڪيون ۽ معافيون ورتيون تڏھن وڃي انھن تان مصيبتون لٿيون.

پاسي واري ڳوٺ ۾ پريو نالي راڄڙ رھندو ھو اھو ھميشہ پيو ڪين تنگ ڪندو ھو ۽ پاڻ بہ پيا برداشت ڪندا ھئا ھڪ دفعي پريو صوفي فقير ڏي مال چارينڊو وڃي نڪتو صوفي صادق جو ميلو ھو ماڻھو اوڏانھن پي ويا ھن اتي باقاعدہ بيھي صوفي فقير جي شان ۾ گستاخي ڪندو ھو ۽ اينڊڙ وينڊڙ عقيدتمندن جي دل آزاري ڪرڻ لڳو اتفاق سان سندس مال وڃي فقيرن جي ٻني ۾ پيل ڪئي فقيرن جي ماڻھن مال کاھي وڃي قابو ڪيو ھي مال ڇڏائڻ لاءِ فقيرن وت ويو تہ ماڻھن اتي ٻڌايو تہ سائين ھي اھو شخص آھي جيڪو صوفي فقير جي شان ۾ گستاخي ڪندو آھي. فقير صاحبن ھن کان خبرچار ونئي ڪيس مال سوڏو عزت سان روانو ڪيو ڇيائون تہ ابا پوءِ بہ ھي آھي تہ منڊار فقير جي ڳوٺ جو نہ فقير سائين جا صوفي فقيرن سان کافي دوستاڻا ناتا ھئا اھا خبر کين پئي تہ ڏاڍو دل ۾ ٿين جڏھن پريي جون حرڪتون حد ٽپي ويون تہ پاڻ ھڪ ڏينھن فرمايائون تہ:

پريي کي پارکر مان پير ڪيندو پر
چڑھيو کاري گڏھ تي ڪندو ويندو خر خر
اتي ويندو آخر جتي منھن نہ ھوندو ماڻھين.

ان بيت ڇوڙ سان پريو اوچتو گر ٿي ويو مائڻن کافي ڳولا ڪئي نيٺ ننگر پارکر مان ڏس ملیو تہ ان پارن سان ھمراھ گڏھ تي چڑھيو ھتان پي ويو پوءِ تہ مائڻن اڇي فقير سائين کي منڊون ڪيون تہ سائين ڪيئن بہ ڪري پريي کي واپس آڻيو گھٽي زور پرڻ سان وري بيت ڇيئون تہ:

پريي کي پارکر مان والي وارينڊو
کاٽي کان کارينڊو ڏينڊس منھن مکي ڏي.

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ خبر پئي تہ پريو موٽيو سھي پر ڳوٺ کان پري ئي گڏھ تي چڑھيو لنگھي ويو ڳوٺ ڪونہ آيو پوءِ مکي ٻيلي ڏي جيڪو سانگھڙ جي پاسي آھي اتي ڏسائيندو ھو ۽ اتي ئي گذاري ويو.

Gul Hayat Institute

پاسي واري ڳوٺ ۾ هڪ ٻيو شخص حامد خان نالي رهندو هو جو ٽنگ کان منڊو هوندو هو ۽ ملان ٽائيپ هو فقير سائين جن محرم شريف تمام غم ۾ گذارينڊا هئا مرثيہ خواني وغيره ٽيندي هئي ننگر هلندو هو ماٺهو بہ تمام جهجها اينڊا هئا اهو ملون حامد ماٺهن کي پيو ورغلائيندو هو ۽ امام پاڪ جي غم کرڻ کان پيو منع ڪندو هو اهي شڪايتون فقير سائين وٽ بہ پهتيون هڪ دفعي محرم شريف ۾ مڪان تي مرثيہ خواني ٿي رهي هئي تہ اهو حامد اتي اچي نڪتو پڙهائي مٿي مڪان تي ٿي رهي هئي هن هيٺ اچي گوڙ شروع ڪيو جيڪو ماٺهو هيٺ لهي تہ ان سان تقرير ڪٽيو شروع ڪري نيٺ تنگ ٿي ماٺهن اها خبر مرثيہ خواني هلندي فقير سائين کي ڏني تہ پاڻ ان وقت جيڪو مرثيہ پڙهي رهيا هئا ان ۾ ئي هڪ سٽ جو واڌارو ڪري شعر ۾ ئي ڇڏيئون مصرع هئي غالبن ڪجهہ هن طرح:

سپ مومنا لعنت ڪريو شمر تنهن شديد تي

سپ مومنا لعنت ڪريو عمر ۽ ٻي عبيد تي

سپ مومنا لعنت ڪريو ان منڊڙي ملي حامد تي.

مرثي خواني ۾ لعنت جي ذڪر تي ويٺل حاضرين بيشمار هڪ آواز ٿي چوندا آهن سو ان سٽ تي بہ سڀني بيشمار چيو اهو حامد واپس ڳوٺ رسيو مس تہ اچي تڪليف ورتس پوءِ تہ ڪافي ماٺهن ان جي بچڙي حالت ڏٺي چُڙي چُڙي مئو.

ڪپرو ميرپور خاص روڊ تي ڪپرو کان پنج ڇهہ ڪلو ميٽر تي موڙ جي پاسي ۾ هڪ ڏٺل مسجد اڃا بيٺي آهي اتي ٻڌجي ٿو تہ زڪريي نالي هنگورجي جو ڳوٺ هو جو تمام وڏو زميندار هو ان جي پائيتي عليم نالي فقير سائين جي واسطي وارن ماٺهن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ان جي شڪايت تي فقير سائين هن کي گهرائي چيو تہ وڏيرا اها روش ڇڏي ڏي پر هو نہ مڙيو وري بي دفعي بہ هن کي سڏائي سمجهايائون تہ ابا فقيرن کان پاسو ڪر ٻيو گهٽيئي ملڪ پيو آهي هو وري بہ نہ رهيو تہ پاڻ هي بيت چيائيون.

عليم ٽي انسان چو ٽيو آهين بي ايمان

پيڙهي وڃائين ٿو پٺهين پنيل جي پوءِ ٽيندئي ارمان

هو پوءِ بہ نہ سمجهيو ٻڌجي ٿو تہ بس ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هن عليم جو تہ گهر ئي ختم پيڙهي ئي ختم ٿي وئي پر سچو ڳوٺ نيست و نابود ٿي پڙو ٿي ويو اها مسجد شريف اڃا بيٺي ان واقعي جي شاهدي ڏي.

Gul Hayat Institute

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سندن ڪنهن واسطيدار کي بخار ٿي پيو ڈاڪٽري علاج ڪونه هئا سو ان ماڻهو فقير سائين جن ڏي ماڻهو موڪليو ته بخار لاءِ سڳو ڪري ڏيو پاڻ سڳو وٽي ڏنائون پر بخار ڪونه چڏيو وري ماڻهو آيو پاڻ وري سڳو ڪري ڏنائون ته به بخار ڪونه چڏيو آخر ٽيون دفعو ماڻهو آيو ته سائين بخار چڏئي ڪونه ٿو وڃن ان وقت طالبن مان جيڪو ويٺو هو ان کي فرمايائون ته سڳو ڪٽي وڃ ۽ هر ڳنڍ تي چوندو وڃ ته تپ ڙي تپ چڏين ته چڏ نه ته آيين آگونٽي تان هن ائين چئي سڳو وٽي ڏنو اهو سڳو رسڻ ساڻ بخار چڏي ويو.

هنگورني جي شهر ۾ هڪ ڪنپار کين دعوت ڏئي وڃي ويو ان ڪنپار جو پاءُ ملون هو پاڻ ان وقت ۾ مقرر ٽائيمن تي ناد وڄائڻ جو ورد ڪندا هئا پاڻ ناد وڄايو ته اهو ملون اچي پنهنجي پاءُ تي ڪاوڙيو چي هي ڪهڙا فقير آندا اٿئي جي ڪهڙا پيا شيطاني آواز ڪن فقير صاحب جن اهو تڪرار ٻڌو پي سو پاڻ ان ملي کي سڏي چيائون ته ابا جي هيءُ آهي شيطاني آواز ته اڳتي الله سائين پناهه ڏيندو جي آهر رحماني آواز ته خدا توکان به ڪرائيندو خير پاڻ ڪچهري ڪري آرام ٿيا. سڀ ماڻهو وڃي ستا فقير سائين جن جي سراندي کان ڪندي ۾ ناد ٽنگيل هوندو هو آڏي اثر ڏاري اهو ملون اٿيو ۽ اچي ناد لاهي وڄائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ ناد وانگر وات مان آواز ڪڍڻ لڳو ته فقير سائين جن جاڳي پيا ۽ چيائون ابا هي ڇاتو ڪرين چو اچي شيطاني ڪمن ۾ هٿ وڌو اٿئي. هو ستو اچي پيرن تي ڪريو چي سائين مون کي معاف ڪريو بخش ڪريو مون کان وڏي خطا ٿي وئي ٻڌجي ٿو ته اهو ڪنپار پوءِ جيترو وقت جيئرو هو وات تي ناد وانگر هٿ رکيو ناد وانگر آواز ڪڍندو وتندو هو پيا دنيائي ڏنڊا سڀ چڏائي ويس.

سندن دنيا مان برقعو مٽائڻ جو واقعو به عجيب طرح جو ٿيو.

فقير سائين جن پنهنجو قبو ۽ مسجد شريف پاڻ انهيءَ جاءِ تي تعمير ڪرايائون جتي ڪنهن وقت سرڪار محمد زمان سائين جن جا تنبو لڳندا هئا.

پاڻ پنهنجي مزار مبارڪ به پنهنجن هٿن سان تعمير ڪرايائون جيڪا ان ئي هالت ۾ اڄ تائين موجود آهي. سن 1353هـ 1935ع جي رمضان المبارڪ واري عيد پڙهي پاڻ سڀني عزيز و اقارب کي درگاهه شريف تي وڃي آيا ۽

ٻڌايائون تہ هي اسان جي آخري آرام گاهہ آهي اسين هاڻ اوهان وٽ ڏهہ ڏينهن مهمان آهيون ان بعد 10 شوال تي بہ سڀني کان موڪلايائون ڪڇهري ۾ سڀني کي اجازت ڏنائون تہ وڃين آرامي ٿيو صرف فقير ولي بخش سائين جن کي نہ ويا ۽ اتي ئي وينا رهيا پاڻ ڪير گهرائي پيتئون ۽ ڪٽي اوڀي سڌا ٿي ستا فقير ولي بخش سائين سيراندي جي پاڳي وٽ وينا تہ ٿي دفعہ ڪلمي جو آواز ٻڌائون ان طرح فقير سائين جن راهہ رباني ڏي راهي ٿيا.

فقير ولي بخش سائين جن اٿيا تہ ڳوٺ وارن کي اطلاع ڪجي تہ يعقوب نالي راڄڙ جيڪو ڳوٺ جو فرد هو سو تکو تکو پيو اچي ۽ هڪدم پڇيائين تہ فقير سائين جي خبر ڏيو پاڻ ٻڌايائون تہ فقير سائين جن جو لاڏاٽو ٿي چڪو آهي ان تي ان يعقوب ٻڌايو تہ مون هينئر خواب ڏٺو تہ مرشد امين محمد سائين پکن ڏٺين جن آيا آهن ۽ فقير سائين جن کي گڏ وڃي روانا ٿيا تہ مون کي سڃاڳي ٿي ۽ ستو اچان پيو ان طرح سندن چيل هنن ٽن ڏهرن حقيقت جو روپ ورتو.

سڀين سوالين سڏڻا اچي لهندو سرور سار سڀن
ڇڏائيندو ڇيهن کان توهہ ڪري سان تن
مرڻ وقت منڌار ڇئي اچي مرشد بيهندو من
لنگهائيدو لکيون اچي حضرت ساڻ هٿن
ڪلمون جي بہ ڪهن اهي ڇٽندا ايمان سان

سڀي سوالين سڏڻا اچي حضرت ٿيندو حمات
رحمت جي راڄڙ ڇئي اچي پلي ڪندو برسات
پوءِ گڏيندو هن گولي کي بہ سندس ساڻ جمات
ڪلمون قلبئون وات ڇئہ تہ ڇڳائي ٿئي.

سڀي سوالين سڏڻا سائين امين محمد ايندو
دلاسا دل کي اچي ڏيڻ وڏا ڏينـــدو.
مرڻ وقت "منڌار" ڇئي اچي ساڀين سرور ٿيندو
هيءَ نماڻي نينـــدو! پلئہ لاءِ پـــانهنجي

ڪافي.1

ٽلهه: اول الله جي تعريف، آهي ڪل نئي ڪتابن ۾.

1. ٿا چون ارڙهن هزار عالم، پر آهي بي انت بي مالم[1]،
ناهي قدرت جو لکي قلم، اهو سڃوئي بيان بابن ۾.

2. جيڪا خلقت خداوند جي، ڪن سڀئي ساراهه خاوند جي،
ته به پوي ڪل ڪانه تن حد جي، توڙي صالح ثوابن ۾.

3. آهي قدرت سنديس ڪافي، ڪندو تنهن جي ڪير دريافي![2]
ڪڏهن موڙهن کي ملي معافي، ۽ ڪڏهن انبياء عتابن ۾.

4. توڙي پڙهيا پير پيغمبر، توڙي عاڦل ۽ اڪابر،
توڙي سلطان ۽ سڪندر، ٿو اچي هرڪو حسابن ۾.

5. اڙي "منثار!" ڪر زاري، پائي ڳل پانڌ ڳچيءَ ڳاري،
تنهنجو وس ناهي اختياري، تون به وڃي ٿيندون خواب خوابن ۾.

ڪافي.2

ٽلهه: عقل انسان جو چاهي، الله بي انت رب آهي.

1. سمورو بيان هي بندو، تنهن جي تعريف ڪيئن ڪندو،
ڪونهي ساراهه جو سنڌو، ڪنڊي قلزم جي ناهي.

2. ڏهاڙي معراج جي محمد، ڏٺا اٺ ڪئين پريل احمد،
ڏرايا سامان جن تي صمد، ڪيائون معلوم ڪلف لاهي.

3. اها ڪانهي معلوم ملڪن کي، ۽ سڀ سڌ ناهي نبين کي،
وري پوندي ڪيئن پروڙ پوءِ بين کي، جتي ڏاهپ هلندي نه ڪنهن ڏاهي!

4. ڪونهي ڪو شمار قدرت جو، آهي سو مڪان عبرت جو،
پاڻ حڪيم حڪمت جو، لک ٿاهيو، ٿو لک ڏاهي.

5. چوي "منثار!" مالڪ جي، خبر پوي نه خالق جي،
اونهي رمز رب رازق جي، ڪير پڃندا ڪٿي ڪاهي!

---

[1] مالم = معلوم
[2] دريافت

ڪافي.3

ٽلهه: تو منجهه رب پاڪ آهي رهندڙ، جنهن لاءِ ڳوٺ ڳولين ٿو.

1. ونحن اقرب، اها آيت، آهي رب پاڪ جي روايت،
پچي ڏس معنيٰ ۽ ماهيت، پي ترازي ڪوهه تولين ٿو؟

2. تو ۾ تڪيو آهي تنهنجو، ڪشالو پنڊ پري ڪنهن جو؟
پروڙ پاڻ تون پنهنجو، جو وجيو هنڊ ٻيا وڙولين ٿو؟

3. سريءَ ۾ سر سجاڻ تون، رمز رندن جي ڄاڻ تون،
ملڪ مردن جو ماڻ تون، جو اجايا خيال اولين ٿو؟

4. مري ڏس هاڻ "منڌارا" مرڻ ڪان اڳ مهنديارا،
ڏسڻ ٽينديءَ نه ان ڌارا، جو ٻين رڻ ۾ روح رولين ٿو؟

ڪافي.4

ٽلهه: فڪر ڪر تون فقيريءَ جو، دلق ڏاڳن ۾ ڇا هي؟

1. نگريءَ جا ناهه نه ڇڏيئين، خدا سان روح نه گڏيئين،
اجايا خيال ڇو اڏيئين، پنڻ لاڳن ۾ ڇاهي؟

2. دنيا جي لاءِ ڪيئه دستور، سڪڻ وارو نه توکي سور،
ٻڌي مٽڪا ٽيون مغرور، ٽڳن ڏاڳن ۾ ڇاهي؟

3. ماٺهن مهندان مڪر ڪرينئين، خدا جو تون نه فڪر ڪريئين،
۽ ڪوڙيءَ دل سان ذڪر ڪرينئين، ڏلهن جاڳن ۾ ڇاهي؟

4. مديءَ ڪان تونه منهن موڙيو، نڪي پنهنجو نفس نهوڙيو،
۽ دعوتن تي وجين ڊوڙيو، ان چڪڻ چاڳن ۾ ڇاهي؟

5. سمجهه "منڌار!" تون من سين، طلب رب جي ڪجان تن سين،
سڄ نصيحت هيئين جي ڪن سين، ته رڳن راڳن ۾ ڇاهي؟

Gul Hayat Institute

ڪافي.5

ٽلهه: الله جو عاشق ڇوائين تان، رضا تي ڏينهن رات ٿي راضي.

1. رضا تي حسنين سونهارا، هليا نوبت هٽي نارا[1]، شهيد ڪربلا وارا، مجي فرمان ويا غازي.

2. مرد منصور ٿي آيو، سوريءَ تي جنهن سر سنياهيو، رضا جو سپ رکي رايو، قبولي ڪيائين موت ڪار سازي.

3. رضا تي ٿيو شمس خوشحالي، بنان کل ٿيو اتي خالي، چلائي ويو اها چالي، نه ته کهڙي قدرت هئا قاضي.

4. "منڌار" رب جي وڻج مرضي، گنوائي ٻي سڀئي غرضي، متان لالچ ۾ تون لرزين، متان سڪ لاءِ ڪرين آزي.

ڪافي.6

ٽلهه: اول خلقيو خدا منهنجي نبيءَ جو نور موچارو.

1. سيد جو نور سبحاني، لکين ورهن ته سيلاني، ڪڏهن ياقوت ۾ جاني، ڪروڙين ورهن قطب تارو.

2. اتان بحرن اندر آيو، سمونڌن کي سيد ڏاهيو، اتان رب پاڪ ڪيس رايو، الله اهڙو ته اشارو.

3. ته چنڊيو پڪ نور پيارا! ٽين پيدا شغل سارا، قلم، ڪرسي، قمر، تارا، پيدا ٿئي شمس سونهارو.

4. منجهان تن نور جي قطرن، پيدا ڪيئين مڙن کي ملکن، زمينون، عرش، آسمانن، پيدا ٿيو جوڙ جگٽ سارو.

5. منجهان تنهن عالم انسانا، منجهان تنهن حورن غلمانا، منجهان تنهن دوزخ بهشتانا، پيدا ٿيو چيز چوڏارو.

6. منجهان تنهن نور نبين جو، منجهان تنهن بحر علمن جو، توريت، زبور، پٽ تنهنجو، انجيل، فرقان سونهارو.

7. وڏي قدرت سان خاوند جي، اعليٰ ڪيئين عزت محمد جي، ناهي ڪا ڳالهه ڳئٽ حد جي، سارينڊو ڪير شمارو؟

8. سوالي تنهن نور سرور جو، مٺي محبوب منور جو، دامنگير يار دلبر جو، ٻانهو "منڌار" ويچارو.

---

[1] نارا = نعرا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.7

ٽلهه: صورت محبوب جيءَ موهيو، دنيا ۽ دين ويا وسري.

1. لڳو جڏهن نينهن جو نعرو، ٿيو هيو خيال سڀ ڪارو،
قرابت ۽ ڪٽنب سارو، ننگ نسب نشين ويا وسري.

2. شراکت کان شرم ويڙو، برهه آيو پرم ويڙو،
نهوڙي نيهن نرم ڪيڙو، هيو طمعائون تخمين ويا وسري.

3. پوي نه مت ياد مرشد جي، وسري شريعت محمد جي،
خبر تل پوي نه خاوند جي، جو الله عالمين ويا وسري.

4. چوي "منڌار" دل من سين، ڪو طلسر چٽ ٿيو تن سين،
سڌ سمجهڻ ويو ڪن سين، عقل علم آمين ويا وسري.

ڪافي.8

ٽلهه: زليخا جو ذڪر سُڻ تون، اثر عاشق پرائين جي!

1. همت ڏس هير جا ڪيڙي، نهوڙي نينهن سا نيڙي،
پاسي پرين جي سا پيڙي، تون سچي لڻءُ عشق لائين جي.

2. مجنون هو محو ٿيڙو، لڪي ليلي ۾ ويڙو،
فنا محبوب ۾ ٿيڙو، پرت انهي پير پائين جي!

3. شيرين فرهاد جو نعرو، سڀي سمجهج سپوئي سارو،
اهو تولاءِ اشارو، تندون توڪل وڃائين جي!

4. لکين عاشق هئا اهڙا، قصاتن جا ڪريان کهڙا،
تون پڙ ڪٽجان قدم تهڙا، سانگو سر جو وجائين جي.

5. مرد "منڌار" جي ٿيئين، ته پيالو پريم جو پيئين،
"موتوا قبل ال[1]" مري جيئين، قرب ايهين ڪمائين جي!

---

[1] موتو قبل ان تموتو = مرڻ کان اڳ مرڻ.

ڪافي.9

ٽلهه: حقيقيءَ حال کي هوشيار، صفاتيءَ مٿون سجاڻن ٿا.

1. صفاتيءَ ۾ رکي صحبت، حقيقيءَ جي ڏنئون حڪمت،
ماڻيون ذاتيءَ جي محبت، وري پرئين پنڌ کي پچاڻن ٿا.

2. ڪري ثابت سچي شريعت، طريقت ۾ ڪيون طبيعت،
حقيقت جي گهمن حڪمت، معرفت موج ماڻن ٿا.

3. فنا في الشيخ جي اولي، رسوليءَ کي رسيا ڳولي،
فنا في الله ٿيا ڪولهي، اهي احد اثبات چاڻن ٿا.

4. پچ "منڌار" مردن کان اهي خبرون عشاقن کان،
سکج رمزون کي رندن کان، جي فنافيءَ ۾ روح رسائن ٿا.

ڪافي.10

ٽلهه: محبت جي ڇڪ منهنجي من کي، صفاتي يا آهي ذاتي؟

1. صفاتيءَ ۾ ڏنيم صورت، موهيس محبوب جي مورت،
پون دل تي لکين پورت، قرب جي قلب تي ڪاتي.

2. بنان مطلب آهيان موهيو، رمز ڪنهن روح کي رهيو،
قابو ٿيس قيد بي ڏوهيو، چٽ مشڪل ٿيم چاتي.

3. وساريان تان نه مون وسري، عشق جي پڙ ٿي اسري،
پرت پلپل پئي پسري، مٽي منهنجي روح ڏينهن راتي.

4. هلي تدبير نان تنهن تي، عقل جي جاءِ نا جنهن تي،
مڙي مصلهت نا بي ڪنهن تي، جهلينڊن ڪون پائي جهاتي.

5. موهيو "منڌار" من محبت، حسن جيءَ ڪيو فنا حيرت،
نجان[1] ڪهن جي آهي قدرت، ظاهر انسان اثباتي.

---

[1] نجان = نہ ڄاڻان.

ڪافي.11

ٽلهه: آهيان منجهه غير جي دريا اڪارج يارسول الله!

1. گناهن ڪيس غرقاني، تون ڪر مشڪل آساني،
مون کي پنهنجي پاڪ پيشاني ڏيڪارج يارسول الله!

2. هٿان منهنجي ڏوهه هزار ٽيل، چير ڪلمون توتي ڪامل،
مون کي مجليس تو مرسل وهارج يارسول الله!

3. سڄ منهنجا سوال هي ڪارون، لهج سپ وقت ۾ سارون،
مون تان ملڪن جون پل ڪارون، تون تارج يارسول الله!

4. آهيان سوالي اوهان جي در جو، منگت "منثار" سرور جو،
پيالو حوض ڪوثر جو پيارج يارسول الله!

ڪافي.12

ٽلهه: دنيا ساري فنائي آ، خدا جو نام بقائي آ.

1. وساري نا خدا ڇڏجي، دنيا سان دل نا گڏجي،
اجايو خيال ڇو اڏجي، اها عادت اجائي آ.

2. هٿ هستي ڪٽي پيجي، خدا وارن وٽ وڃجي،
سندين نصيحت چگي مجي، اها صحبت سجائي آ.

3. عبادت ريءَ عمر ساري، غفلت منجهه تو گذاري،
سرت ڪرڪا خبرداري، تو ڪيئن پنهنجي ويل وجائي آ؟

4. تون مڃ "منثار" هيءَ نصيحت، تو ۾ ناهي ذرو وصيحت،
صبر ڪر تون جيڪس جمعيت، ڏاڍي سرڪار خدائي آ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 13

ٽلهه: خداريءَ هي دنيا واري سنگت نبهي نه سنساري.

1. وسارج ڪير مالڪ ڪي، خداوند پاڪ خالق ڪي،
پچي ڏس ڪنهن ته سالڪ ڪي ته ٻيا سڀ خيال آهن خواري.

2. دنيا درڙي اٽيئي فاني، بقائي راهه رحماني،
متان ٽئين پوءِ پشيماني، ڪرڙ گهرجئي خبرداري.

3. پنهنجو ڪيئين پاڙ پڏائين ٿو، ڏڻي دل سان نه لائين ٿو،
عمر ايئين وڃائين ٿو، متان ٽيئي سڏ سرڪاري.

4. سمجهه "منڌار" تون سچ ڪي، ڏنو ڪر ڪوڙ ۽ ڪچ ڪي،
ڪڍي ڇڏ غير جي ڳچ ڪي، تون پڙهه توبهه ڪري زاري.

ڪافي. 14

ٽلهه: توبهه منهنجا ياخداوندا اسين بدڪار تنهنجا بندا.

1. پنهنجو ننگ پاڙ تون ڇاڻج، شان پنهنجي ڪي سڃاڻج،
عدل تي عمل ڪير آڻج، منهنجا ڪر مڙيئي آهن مندا.

2. حج عزازيل هئي ڪيڙي، ويرا تنهن ڪنا ويڙي،
ڪير ڪندو ان جهڙي، اسين گنهگار آهيون گندا.

3. عيبدار آئون آهيان، پاند ڳچيءَ منجهه پايان،
آئون نه اميدڙي لاهيان، جو ڪرم ٻڌم تو ڪندا.

4. تون الله "منڌار" جو آهين، اٽر اميد توڙاهين،
مون تان هٿڙو متان لاهين، لطف ڪرج تون سندا!

Gul Hayat Institute

ڪافي.15

ٽلهه: مون ڪي ذرو زور جو ناهي، الله تنهنجو آسرو آهي!

1. حرص گهٽيئي ڪي هيڙم، وري وڃان مون ويڙم،
ڪوڙ: هوا قدر پيڙم، بانور بندي جو چاهي!

2. تڪبر ڪان اڃر زاري، توبهه نصوحي واري،
بخش خطا تون باري! مون تي احسان اوباهي.

3. حج توساڻ ناهي ڪنهن جي، توبهه قبول ڪر منهنجي،
مون تي ڪر ٻاجهه تون پنهنجي، جو فضل سجوڙو ڪر ناهي.

4. چوي "منڌار" ويچارو، ٽيس گنهگار آئون سارو،
آهيان منجهه قول ڪائيارو، نجان پنهنجو ننگ نيباهي.

ڪافي. 16

ٽلهه: ڏٺم محبوب منهنجي ۾، عجائب نور نوراني.

1. ڪنؤن اڳري قمر شمسن، سونهاري جوت سان جلون،
ڏني سامون، هني چشمن، پرينءَ جي پاڪ پيشاني.

2. صورت ۾ يار آهي سهڻو، سندس ديدار من مهڻو،
ڪماني يار قلب ڪهڻو، جو ڪري مشتاق مستاني.

3. عجائبي نور آهي عبرت، ڪماني يار واهه قدرت،
حسن سهڻو سندو حضرت، ڏسي ٽيئر حال حيراني.

4. مٿان "منڌار" محبوبن، صدقي سو وار تان سڃڻن،
گهوري پنهنجو پاڻ تون پرين، ڪري سر ساهه قرباني.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 17

تلهه: فڪر ۽ غم درد. گوندر مليو ڏاجو فقيرن ڪي.

1. جنين سر عشق هو آيو. تنين سڪ سانگ سڀ لاهيو.
ڪشالو قرب تني ڪاهيو. چڪيائون چاڪ چيرن ڪي.

2. ملڻ محبوب جي ڏارا. ٿيا ٻيا خيال تن ڪار!
اندر وهلور ويچارا. ڇڏي عيشن اکسيرن ڪي.

3. سڃڻ لئه سور قبوليون ٿا. ورهه وهلور قبوليون ٿا.
گوندر معمور قبوليون ٿا. ۽ قبوليون تقديرن ڪي.

4. "منڌار" وٽ راهه مرداني. طلب ديدار صبحاني.
ٻيا ديدار سڀ فاني. تون طلب ديدار قديرن ڪي.

ڪافي. 18

تلهه: لاڳاپن لوڪ جن جهليس. پنهل! ڪج منهنجي پوئواري.

1. پيس پنيور جي بنين ۾. قابو ڪائي آهيان تن ۾.
دنيا جي لوڀ ڏنڏن ۾. آئون خسارن نفس جن ڪاري.

2. ٿيس ضعيف بيزوري. گهمان تولئه پيئي گهوري.
مون ۾ طاقت ناهي توري. اچي ڏج دوست! دلداري.

3. ههڙي هن حال منهنجي جي. اندر احوال منهنجي جي.
خبر سڀ خيال منهنجي جي توکي معلوم سڀ ساري.

4. چوي "منڌار" سڻ هادي! عرض منهنجو هيءُ فريادي.
اچي ڪر يار! امدادي. مدد ڏج مون ڪي موچاري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 19

ٽلهه: مون سان مولئ مهربان تون ٽيءُ مون سان مولئ مهربان،
اي رب رحمي تون هين رحمان!

1. تون آهين مولئ مالڪ منهنجو، خلقڻ وارو خالق منهنجو،
سڀ سيڪاريندڙ سالڪ منهنجو، آئون تنهنجو شاگردان.

2. تون آهين وارث منهنجو والي، آئون آهيان صاحب! تنهنجو سوالي،
سوالي چوايم، ڇڏج م خالي، دهرو ڏيارج تون مونکي دان!

3. منهنجن عيبن ڏي م نهارج، تون ننگ پنهنجو پارس پارج،
منهنجو ترهو توهه سين تارج، شاهي سجاڻج پنهنجو شان.

4. چوي "منڌار" مداحي تنهنجو، گولو غلام گدائي تنهنجو،
۽ سوالي سائل سدائين تنهنجو، ته منهنجو مشڪل ڪر آسان!

ڪافي. 20

ٽلهه: منڻ، منهنجن مارن کي، بجهان[1] وسري آهيان ويڙي.

1. قضا قسمت سين ڪوڙن ۾، اچي منڊيس محلن ۾،
بيحد بيران بنگلن ۾، تن ٽاريلن ريءَ آئون ٽيڙي.

2. پنهنجي وس ۾ اصل ناهيان، جو هنر حيلو ٻيو هلايان،
لکئي مان ڪيئن زرو لاهيان، جو قسمت قيد آئون ڪيڙي.

3. اصل ان جي هيس ڇائي، پوءِ رضا رب جيءَ سين هت آئي،
جو قدرت کانه ٽيم، ڪائي، جو اچي پرڏيهه ۾ پيڙي.

4. چئي "منڌار" منهنجي من ۾، اجا هيءَ آس هن سن ۾،
ته ويندیس پنهنجي وطن ۾، اتم اميد کا اهڙي.

---

[1] بجهان = سمجهان، پاڻيان.

ڪافي 21

ٽلهه: ٽيو. آلست بربڪم آواز. "قالو بلا" قول تو ڪيڙو.

1. چوي فرمان ثابت سنئون، الدنيا جفاءِ و طالبها ڪلابءُ،
هي ڪتن لاءِ قوت آهي ٽيئڙو.

2. آهي محمد نبيءَ جو ڏس، تہ طالب دنيا جو ٽيندو مخنث،
ءِ طالب العقبيٰ جو آهي مونث، اهو بہ مثال آهي اهڙو.

3. آهي چگي سوداگري سچ جي، گهر نہ بازار ڪوڙي ڪچ جي،
اها رونق رديءَ رڇجي، چو وڪوڙي حرص تو ويڙو؟

4. موتو قبلہ، مري پوءِ جيءُ، پيالو پريم وارو پيءُ،
ءِ طالب المولىٰ مذڪر، ٽيءُ، م گهر "منثار" مطلب پيڙو.

ڪافي 22

ٽلهه: لا الله الا الله محمد الرسول الله،
چئو اَيءُ ڪلمون من تن دل مون!

1. برڪت محمد ميرجي بنيو آدم صفي الله،
ءِ پيڙي بچائي باجهہ جنهن جيءَ سين، نرمل "نوح" نبي الله.

2. آڻہ چڙهيو ٽي، ڪلمون پڙهيو، ابراهيم خليل الله،
طور سينا وڃيو ٽي، محمد مجيو مهتر، موسيٰ ڪليم الله.

3. ٽيو محمد جو، عبد احمد جو، درس دائود خليفة الله،
چئي ڪلمون هي ذاتي، ورتي حياتي عيسيٰ ابن مريم روح الله.

4. سوا لک نبين، ڪوڙ مريدن، مجيو محمد ڪي دل لاءِ،
تون پڙهہ ڪلمون "منثار" من مون، سان صلواة بسم الله.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 23

ٽلهه: وڃان ملڪ ملير ماڙيڇن جي، وو! ٿي راضي ڏي رخصت، وي ميان وي!

1. اصل اباڻن سان آهي، منهنجي سلي لاڪون صحبت، وي!
نيبهه شال ٿئي سانبهي، منهنجي مارن سان محبت، وي!

2. ڏمر ڪير ڏيکار اسان کي، حاڪميءَ جي حشمت، وي!
في سبيل الله جي نيت، آئون مسڪين ڏي مهلت، وي!

3. ونا آهن مينهن ملير ملڪ تي، رب سائين جي رحمت، وي!
مون کي موڪل ڏي تہ ڏسان ڏاڏا، لاهه ڪلف ڇڏ قهمت، وي!

4. چئي "منشار" ٿئي شل منهنجي، ڏانهن قريبن قسمت، وي!
ملان مان مارن کي مرکي، حق پنهنجي جيءَ حرمت، وي.

ڪافي. 24

ٽلهه: دل دام وجهي دلبر ني اٽئي، ووکري زوراور زوري، وي ميان وي.

1. هڪ ڏهاڙي اچي مئيءَ کي ماريئه، ساڻ اکين اگهوري، وي!
صورت تنهنجيءَ سوين سمجهايا، آئون کا ڪامڻ ڳوري، وي!

2. سا ڪيئن آڳ اجهامي آتش، جا چاهه اندر تو چوري، وي!
روز روئڻ نت ماتم مون کي، هئي هئي بولي هوري، وي!

3. سڪ اوهان جي ڪين لهي ٿي، آهي جهجڻ ۽ جهوري، وي!
صبر ساعت اچي ڪيئن مون کي، جنهن کي لايئه لوري، وي!

4. تون ڪر لائق، سڀ لڄ توتي، ۽ آئون نالائق نسوري، وي!
پرت پکي ڪج ميان "منشار" جي، نہ تہ ڪچي آهيان ڪوري، وي!

Gul Hayat Institute

ڪاني. 25

ٽلهه: دل درد فراق ڦوڙائي ماري، جا درد وندي ان ڏارا، وي!

1. مون کي منهنجي تنهن محبوب سڌايا، نوبت نينهن نغارا، وي!
مستو مست ٿيو من مستي، هئي هئي جا هلڪارا، وي!

2. حڪم ڪري اچي يار هڏي ويو، حسن جا هٿيارا، وي!
ڪجليون ڪان، دنالیون ڇٽيون، پرون بنين ڪٽارا، وي!

3. تان هوند دور سڌايان دل جا، جي هون ورونهڻ وارا، وي!
هئي هئي ڪوڪ سڌايان ڪنهن کي، سور اندر جا سارا، وي!

4. چئي "منڌار" محبوبن ماريس، ڏيئي ڪيف خمارا، وي!
وري اوتار پچان هوند ان کان، سي ٿيم ڏسڻ ڪوڻ نيارا، وي!

ڪاني. 26

ٽلهه: عقل سڪن ڪيئن عاشق ريچارا،
جن کي حسن جي ٺڪور يار ڏني ڏني.

1. تن من اندر لڳين تارون، ان کي ملن ٿيون محبت مارون،
نه ڪيو عشق اگهور، ترس تني تني.

2. جتي باهه برهه جي يار پڙڪائي، لنئو لنئو اندر لڇ پيچ لائي،
بيا هينئڙي ۾ هور، جاڳيا جني جني.

3. جڏهن موج بحرسين محبت آئي، بيا تن ٿيئڙا تال توائي،
شونق[1] منجهان شور ويو چاتي چني چني.

4. چئي "منڌار" محبوبن تان، ساهه صدق ڪن سڃڻن تان،
پنهنجو ڪري سر گهور، اچليو اني اني.

---

[1] شونق = شوق.

ڪافي. 27

ٽلهه: برهه ڪٽي ويو ساري بادشاهي، عشق عقل کي آهي گهر ڪيڙو.

1. عشق عقل جي جنگ لڳي هئي، عقل جي پلٽڻ بيشڪ پڳي هئي،
شونق شهر ۾ مقرر ٿيئڙو.

2. جڏهن موج بحر سان محبت آئي، پوءِ ڏاهپ ڏيهيءَ جي ٽيئڙي توائي،
ان جو سارو خزانو ڦري نينهن نيئڙو.

3. تخت دليءَ قيد ڪيائين، ۽ نوڪر چاڪر ساڻ نيائين،
ساڻس شريڪ نه مطلب ٻيئڙو.

4. چوي "منڌار" سمجهو وي يارو! حال حقيقت ثابت سارو،
گهر گهر ۾ پڙهو ان جي فتح جو پيئڙو.

ڪافي. 28

ٽلهه: وس ته پنهنجي ڪان ويس ويچارو، منهنجي الغرضي سان دل اڙي اڙي.

1. تن من اندر لڳيم تارون، روز ملن ٿيون محبت ۽ مارون،
يار جي حسن جي فوج لڙي لڙي.

2. حب هينئڙي جي هاڻ نه هٿي ٿي، تندڙي طلب جي ڪين ٽٽي ٿي،
قابو ڪندڙي جيءَ ۾ جڙي جڙي.

3. پلپل مون تي پور پون ٿا دردن وارا دستور اچن ٿا،
غم گوندر ريءَ نه آهي گهڙي گهڙي.

4. چوي "منڌار" دردن وارو، حال حقيقت سڻجو سارو،
سڪ ۾ سندم ويو سرير سڙي سڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 29

ٽلهه: طلب لڳي اٿر تانگهه تنهن جي، دلڙي ٽيم ديوان ديواني وو.

1. مون کي نڊي وسري صورت تنهنجي، بيوس ٽيئڙي دلڙي منهنجي،
تو ۾ فنا ٿي فانڙي فاني وو.

2. مون کي سڪ سر جني جڏهن هير صغيري، آڻون نه مليس آيم پيري،
اها جا اٿر ارمان ارماني وو.

3. آڻون جا ويچاري آهيان بيقراري، پرين! تو پڙهائي توبهه زاري،
سر ٿي سنياهيان قربان قرباني وو.

4. چوي "منڌار" سڻ يار پيارا، دانهن ڏيان ڪنهن کي تو ڏارا،
ترس ڪرج ڪو ڏيان ڏياني وو.

ڪافي. 30

ٽلهه: خدا دي هي تجلي، نبي داهي نور، مين ويڪا اثبات مواريان،
مين ويڪان اثبات ظهور.

1. شمس قمر نه شامل هوون، دونينان دي مواريان،
دونينان دي دستور.

2. آدم والا پاتس چولا، ويڪو پيا پرين ڪون مواريان،
ويڪو پيا پرين ڪون هي پور.

3. ويڪڙ سي ته سهڻي صورت، چترا ٽيا هي مواريان،
چترا ٽيا هي چڪچور.

4. نهين "منڌار" ڪون طاقت تل دي، ڪيون سارا سناوي وو مواريان،
ڪيون سارا سڻاوي مذڪور.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 31

ٽلهه: مون کان منهنجا خان پنهل تون ٽي نه پري.

1. آئون آهيان تنهنجي سسئي برهمڻ پوري، پيچ پريت جو پاتئه ڏوري،
ڪوئي ڪامڻ وارو وو مواريان! ڪوئي ڪامڻ وارو مون سان تسر[1] ڪري.

2. آئون تنهنجي آهيان بانيڻ بانهي، شمس قمر نا تنهنجا ثاني،
ڪو نالائق تي مواريان، ڪو نالائق تي اڇ نظر ڏري.

3. سڻ منهنجون دانهون، سوال صدائون، اسر خدا جي اڇج اوراهون،
پنهنجا قدم مبارڪ مواريان، پنهنجا قدم مبارڪ پيرڙا پري.

4. چوي "منثار" عرض ويچارو، توريءَ تحمل ناهي دم ڏارو،
ساعت مون کي وو مواريان، ساعت مون کي هت نٽي سري!

ڪافي. 32

ٽلهه: مون کان محبوب سندم ميان! تون نه منهن موڙ.

1. اسين پاڻ آهيون نالائق نسورا، آهن اسان تي تنهنجا ٽورا،
ڪرم لکين وو مواريان، ڪرم لکين تنهنجا ڪوڙ.

2. نام خدا جي بخش پچايون، پاڻ سڃاڻين ڪر تون پلايون،
ريت رسڻ جي مواريان، ريت رسڻ جي تون چوڙ.

3. رب جي ڪارڻ رسڻ ڏٽو ڪر، ظاهر زبانا بول مٺو ڪر،
ڪل تون اسان سين مواريان، ڪل تون اسان سين اکيون کوڙ.

4. ساڻ "منثار" عرض داري مٽج نه محبت ساڻ ويچاري،
تندڙي نباهيج مواريان، تندڙي نباهيج نيئي توڙ.

---

[1] تسر = طلسم

ڪافي. 33

ٽلهه: آهيان مستان، سندم ڏس حال.

1. ناهي برابر جندجان ساري، چت تي چڙهيم خيال خماري،
ڪو جو پياريئه مواريان، ڪوجو پياريئه ڪيف ڪمال.

2. دلڙي منهنجي دلبر نيڙي، سا قابو ڪندم ڪاسي پيڙي،
آئون بيوس وو مواريان، آئون بيوس هي احوال.

3. دامون دوائون پيچ جي پيڙم، بيا سانگا سپيئي وسري جي ويڙم،
بيون وسريون مڏيون وو مواريان، بيون وسريون مڏيون سپ مال.

4. صورت تنهنجي سج کان سهڻي، مستانن جي هن جي مهڻي،
ڪير جهليندو مواريان، ڪير جهليندو جلوو جمال!

5. چوي "منشار" مرڻ بہ ناهي، هاڻي حياتيءَ جي اميد بہ ناهي،
جيئڻ ٽيم وو مواريان، جيئڻ ٽيم ڪو جنجال.

ڪافي. 34

ٽلهه: الائجي تون راض آهين يا بي راض!

1. اڇ تون پيارا، اڇ تون پيارا، آئون ابالي دم تو ڏارا،
اهو منهنجو وو مواريان اهو منهنجو آهي آواز.

2. ڪج نہ اسان سين بيپرواهي، حال منهنجي تي ڪج همراهي،
لطف تنهنجا وو مواريان، لطف تنهنجا بي انداز.

3. دانهن ڪريان تو درد دکن جي، جو ٻڪي نہ لڳي ٽي مور ٻين جي،
تڏهن آهي انهن کون مواريان، تڏهن آهي انهن کون اهو اعتراض.

4. هر دم هادي! هوئج راضي، مڃ "منشار" جي منت ۽ آزي،
بيا سو سو سلام مواريان، بيا سؤ سؤ سلام نياز.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 35

ٽلهه: آيو مرشد اڳڙ منهنجي، شڪر الحمد ٿي شادي.

1. رهنما ڪئي وڏي رحمت، حضرت شاهه جيءَ حرمت،
پلائي ٿي سندیس برڪت، وحدت جي وڙهي وادي.

2. ساڳي صورت، سچو، سرور، جنهن سان پرتل خدا پرور،
آهي اڪمل اهو انور، گوهر ثقلين جي گادي.

3. پرين هٿ پير پاوڙ جي، اسان غريبن ۾ آوڙ جي،
سڻن ڪن سمجهاوڙ جي، اچي ڪيائين پاڙ امدادي.

4. هئڙ ۽ هوڏ وارا حاڪر، بيشڪ مون تي هئا بالر،
اچي ڪيائين زبرسي ظالر، تن سان پاڙ ڪيائين تعادي.

5. مرڪايائين "منڌاري" ڪي، اچي مون عيب داري ڪي،
ڪيائين واصل ويچاري ڪي، حضرت پاڙ ٿيم هادي.

ڪافي.36

ٽلهه: عزازيل ٿي چيو آئون، شڪ ۾ شيطان ڪيئين تنهن ڪي.

1. ويس ويساهه نه سو وسهيو، پليل بي ايمان ڪيئين تنهن ڪي.

2. ڪريو فرمان ڪان ڪريل، لعنتي نادان ڪيئين تنهن ڪي.

3. محمد اولاد آدم جو، خلق زمان ڪيئين تنهن ڪي.

4. سندیس قدرت منجهان آدم نبيءَ نوران ڪيئين تنهن ڪي.

5. "منڌار" قلبون پڙهج ڪلمون، اهڙ فرمان ڪيئين تنهن ڪي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 37

ٽلهه: ڇڏي ڪر خاص خدا وارو، اڇي ٽيو آهين ڪرڙ ۾ ڪارو.

1. پلائي تو مٽي جنهن جي، ڇڏي تو تات ڇو تنهن جي؟
ڪرڙ گهرجئي سرت پنهنجي، موڳا! ٽيئه ڪوهه مونجهارو؟

2. ڇڏيئه سانگو سچائي جو، جتي پاڳو بقائي جو،
هي فصل پوکيئه فنائي جو، اجايو خيال خسارو.

3. بقائي ٽول آهي اصلي، فنائي نقش آهي نقلي،
ادا! جي تون هجين عقلي، تہ اهو تولاءِ اشارو.

4. ۾ ٽي "منثار" تون موڳو، اجائي خيال ۾ اوڳو،
تون پڻ ٽي پئين جنت جوڳو، جي سچاٽين غير ۽ سچ سارو.

ڪافي. 38

ٽلهه: پانڊي! تون منهنجي پئجان پاران، پيارل يار کي پيرين.

1. ڇئي سڃڻ توجا رندن رولي، گس تي جا ڇڏيئي گولي،
لڳي تنهن کي آهي لولي، سري ان جي سڃڻ سيرين.

2. پانڊي! پئجان منهنجي پار! سنيها هي وڃي سارا.
چي ماريس دردن آن کان ڏارا، چپر مئي کي ڇڏيئي چيرين.

3. چي ڪڏهن تنهنجي هيس راڻي، سهاڳڻتو ور سهاڻي،
ههڙا منهنجا حال ٽيا هاڻي، جو فقيراڻي ڪيئي ڦيري.

4. چوي "منثار" مستانو، جنهن کي ڪيو ديد ديوانو،
هاڻي ٽيس حال حيرانو، اچي مل يار هڪ پيري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 39

ٽلهه: منهنجو رک تون پرم پتار سائين، منهنجو رک تون پرم پتار!
ٽي ڪريان آئون ليلان، لولاٽ ويچاري.

1. هيس سهاڳڻ تڏهن ڪين ساڳايم، ابتو عقل ايا ڳ جو آيم،
پير پروڙي مور نه پايم، مون کي هجن حيف هزار، سائين!
مون کي هجن حيف هزار، آئون آهيان ڪا نالائق ناساري.

2. هاڻي ڪير توبهه ٻڌيم بانهون، اي داسڙا! منهنجون سڙ تون دانهون،
مون کي پاڻئون لوڏج ڪير پراهون، هاڻ هٽ نه لائينديس هار، سائين!
هاڻي هٽ نه لائينديس هار، هيءَ حياتي منهنجي سڄي ڇماري.

3. جي پنهنجو ڇنيسر پاڻ سڃاڻين، هٽ رکين جي مٽيءَ تي هاڻين،
مون کي هوند ساڻ سمهارين هڪ پٽراڻين، ته لاڏي ٽيان لکوار، سائين!
هوند پوءِ لاڏي ٽيان لکوار، ملي سهاڳ وري سرڪاري.

4. هاڻي نالي نام خدا پرور جي، ۽ ساڻ محابي پيغمبر جي،
حرمت حضرت شاهه سرور جي، ڏي معافي کي "منشار" سائين!
ڏي معافي کي "منشار" پنهنجو تون ڪرم ڪري سلطان ستاري.

Gul Hayat Institute

کافي. 40

تلهه: هن مند منهنجي هير[1]، عمر سائين! هن مند منهنجي هير.
کائڙ ۾ کنيين کيڏ حي.

1. وٽيون وطن ڏي کاريون ککريون، سونهن نوٽيون[2] پٽون ۽ ٽکريون،
هٽ ڏهن رڍن گويون ۽ ٻکريون، اُهي سانگيئڙا سندم سوير، عمر سائين!
اهي سانگيئڙا سندم سوير هيءَ پس[3] پنهوارين مهل پيڻ جي.

2. پون ياد وطن ۽ ويڑيون ساٿهه، سانگيئڙا، ساهيڑيون،
هٽ ٻان ڪري مون کي وڏيئي ٻيڑيون، نه ته ڪوٽن ۾ ويهي کير، عمر سائين!
نه ته ڪوٽن ۾ ويهي کير، اٽم اميد وجي ٽر ۾ ٽيڻ جي.

3. سؤ سنڌن مون تي حرف صغير! ڪئين لک کيڙم ڏوهه ڪبيرا،
هو ڪاوڙ رهندڙ هن ڪاندير، مون تي ڪنڌا پلاڻي جا پير، عمر سائين!
مون تي ڪنڌا پلاڻي جا پير، اٽن منزل معرفت معافي ڏيڻ جي.

4. چئي "منڌار" آئون عيبن هاڻي، آهي اوکي ايل[1] اباڻي،
من مجلس جوءِ ڏسان ڏاڏاڻي، جتي پنهوارن جا پير، عمر سائين!
جتي پنهوارن جا پير، اتي ٽيان پاڙيسڻ مرڻ جيڻ جي.

Gul Hayat Institute

---

[1] هير = عادت.
[2] لوٽيون = (نوڙ) بن پٽن جي وچ ۾.
[3] پس = تازي ويايل مال جو کير
[1] ايل = عادت

ڪافي. 41

ٽلهه: عمر اباڻن ساڻ ميان! تن عمر اباڻن ساڻ.
گڏ گهمان شل ملڪ مليرُ ٿو.

1. مائڙيچن وڻ هيس موچاري. اچي ٽيس هت عيبن واري.
هن ڪوڻ ٿو آيس ٽيس ڪاٽياري. آيو الست وارو اهجاڻ ميان!
آيو الست وارو اهجاڻ. جيئن طرفون لکيو هو منهنجي تقدير ٿو.

2. لاءِ ڪچاڙي آنديئي ڪوٽن ٿو. آئي منجهايئي هن محلن ٿو؟
قيد ڪري ڪيئي بند بنگلن ٿو. منهنجي روح جوکڻ ٿو رنجاڻ. ميان!
منهنجي روح جوکڻ ٿو رنجائڻ. سڪ ساڻيهه جي اڳ سرير ٿو.

3. مون سان پرچن شال پنهوار اهي ئي. هو سرها سندم سنگهار اهي ئي.
شل وسن سندن ولهار اهي ئي. آهي پاڳين جو جت پاڻ. ميان!
اهي پاڳين جو جت پاڻ. تنهن عجب جزءِ زمين اکسير ٿو.

4. جتي بهشت جنت ٿو پاڳين پاڻان. اتي سدا سوائون ڏهن ڏاڏاڻا.
بيو قوت سندن مڪٽيون مانڌاڻان. ان جو سرهو پيهڻ پچائڻ. ميان!
ان جو سرهو پيهڻ پچاڻ. پوءِ ڪائن ڪائڙيا گڏيو ڪير ٿو.

5. هڪ شريعت ٿو پرمان اني جو. بيو طريقت ٿو ايمان اُني جو.
ٽيون حال حقيقت شان اني جو. چوٿون پين معرفت جو مهراڻ. ميان!
پين معرفت جو مهراڻ. تنهن پرن سرڪ سائنر جي سير ٿو.

6. چئي "منڌار" منهنجو مارو چام ايندو. سو مونکي وڻي وطن ٿو ويندو.
هت قيد ٿو ڪڍهن ڪين چڏيندو. سوئي پنهنجو پلاٽيندو پاڻ. ميان!
اچي پنهنجو پلاٽيندو پاڻ. تنهن الڳ اميد محمد ميرُ ٿو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 42

ٽلهه: پنهنجو ستي نباهج سيل سيل، پنهنجو ستي نباهج سيل،
تن ماروئڙن جو ته منهن مرڪائي.

1. اي مارئي! مقصد تنهنجو مڙوئي، ٽيندو سر هو سانگ سپوئي،
تون ڪير لڄائج پنهنجي لوئي، جو اٽئي اباڻن جو عيل عيل،
جيڪو اٽئي اباڻن جو ٻيل، سوشل الله تنهنجو ايمان بچائي.

2. اي مارئي! تنهنجي ماڙيچن جو، آهي چگو رواج اتي راڄن جو،
تن ساٽيهه وارن سانگيڙن جو، آهي سرهو سنگت سبيل سبيل،
آهي سرهو سنگت سبيل، سي نيندا ويڙيچا توکي وطن ورائي.

3. جو حاڪم ظالم ظلمن وارو، سو هتي ڪٽيندو ڪين هڇارو،
ڪندو وري رحم رحيم ستارو، جيڪو قادر رب جليل جليل،
جيڪو قادر رب جليل، سو ٿو عاصيئڙن جي اميد پچائي.

4. هت جي پيڙهه پهر پلڪ ڪيدن جا، ويندا ٽنگهي سي ڏينهڙا ڏکن جا،
تولاءِ ايندا وري ڪئين سال سکڻ جا، تون دل ۾ نه آڻج دليل دليل،
پنهنجو دل ۾ نه آڻج دليل، نيندءِ سو پاڻهين پنهوار ملير موٽائي.

4. چئي "منڌار" ڏيندءِ سي معافي، آهي ڪامل عقل انهن جو ڪافي،
ٿا دل ۾ جاڻن سي درياڦي، آهي ان جو لقب اصيل اصيل،
اهي ان جو لقب اصيل، سي توکي نيندا ڪيدن منجهان ڪڍائي.

Gul Hayat Institute

کافي. 43

ٽلهه: منهنجي محبت ساڻ محبوب، ميان! منهنجي محبت ساڻ محبوب،
ڏينهن الستئون پرت پراٽين.

1. ڪُنَ فيڪون، آواز اٽائين، پيدا جملي روح ڪيائين،
اڳي طلب جي تار تئائين، مون کي موهيو هو مطلوب، ميان!
مون کي موهيو هو مطلوب، مون سکوندي کي صحيح سجاڻين.

2. اهـا آهـ اداس پريـنءَ جـي، پسـڻ لاءِ پياس پريـنءَ جـي،
تانگهه طلب ۽ تاس پريـنءَ جـي، ماريس قـرب قلـوب، ميـان!
هاڻي ماريس نـرب قلـوب، ڏک فـراق جـا ڏسـان ڏينهـاڻين.

3. سور الستي سر تي آيا، سي منهنجي سيني منجهه سمايا،
قسمت قيد ۾ ڏينهن مون ڪمايا، جهڙا اثر تاثير ايوب، ميان!
جهڙا اثر تاثير ايوب، جنهن منجهه ياد نه آئي جواڻين.

4. چئي "منڌار" نه وس ويچاري، آهيان الستي عشق آزاري،
جاڳي برهه سندي بيماري، هاڻ آهيان مثل مجذوب، ميان!
هاڻ آهيان مثل مجزوب، وصل ويل وصال جي تاڻين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 44

ٽلهه: دل دام وجهي دلبر! نيئي، دل دام وجهي دلبر.
سا ڦاسي ڪمند ۾ ويئي ويچاري.

1. ريهي روح نيئي رمزن سين، گهائي گهور هٿي غمزن سين.
نوبت نينهن لائي نبضن سين، ڪري هنگام حشر نيئي، سائين!
ڪري هنگام حشر، ڪربلا جيئن قيامت ڪاري.

2. يار جادوگر جادو جوڙي، ويٺون وجود ۾ ڪيمان ڪوڙي.
ٻيا ڪيئي ڪل اسباب الوڙي، ڪنهن حرفت ساڻ هنر نيئي، سائين!
ڪنهن حرفت ساڻ هنر، ڳنهي ويون ڳجهڙي پائي ڳاري.

3. مون ۾ وڙهڻ جي وسيعت ناهي، ۽ ڪيڏو قصد ڪيو تو ڪاهي.
آندءِ حسن جا هٿيار سنباهي، ڪٽي ڪات ڪٽار خنجر نيئي، سائين!
ڪٽي ڪات ڪٽار خنجر، ڪري ويون جو شڪار شڪاري.

4. چئي "منڌار" محبوب پيارا! دانهن ڏيان ڪنهن ڪي توکوئن ڏارا؟
آندءِ ساڻ سڀهه سالارا، ٻيا لکين ڪٽي لشڪر نيئي سائين!
ٻيا لکين ڪٽي لشڪر، تن گهيري ڪئي دل گرفتاري.

ڪافي. 45

ٽلهه: مون ڪي درسن جي درڪار، قبلا! مون ڪي درسن جي درڪار.
تنهنجو حسن منهنجي لاءِ حج اڪبر.

1. صورت تنهنجي آهي صبحاني، جنهن جو شمس قمر ناثاني.
تو منجهه تجلو نور نوراني، سو نام خدا جي ڏيڪار قبلا!
سو نام خدا جي ڏيڪار، جلوو جلوا اعليٰ پرور.

2. تنهنجيءَ صورت ۾ سبحان سرسوئي، مون ڪي غير دليل نه ڪوئي.
آهي افضل نور اهوئي، جنهن تجليءَ تنهن وار، قبلا!
جنهن تجلي تنهن وار، هو جبل طور جلايو ڏونگر.

3. هيءَ دل تنهنجي حسن جي پوجاري، جيئن سپ آب ابر جي اُجاري.
بلبل ساري جيئن باغ بهاري، تيئن تنهنجي طلب مون ڪي تار، قبلا!
تيئن تنهنجي طلب مون ڪي تار، تن من روح اُداسي اندر.

4. آهي "منڌار" مسڪين موالي، تنهنجي ڏسڻ لاءِ روز سوالي.
ڪار ديدار ڪر دست پيالي، پاڻي وصال جو پيار، قبلا!
پاڻي وصال جو پيار، ساقي شراب قدح ڪوثر.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 46

ٽلهه: منهنجي در جو توڪان ڏار. سائين! منهنجي در جو توڪان ڏار.
هئي هئي ڪو نه ليي ٻيو حڪير.

1. سڪ اوهان جي آهي سڻاڻي. پاهڻ جسر ڪري هوند پاڻي.
هستي هڻڻ ويڙ سڀ هاڻي. ٽيس مثل پيزار. سائين! هاڻ.
ٽيس مثل پيزار. هڏو حال ٽيوم حليم.

2. مرض منهنجي ڪي ٻيا مور نه ڄاڻن. جي هوند سوجهي سور سڃاڻن.
آڻون آهيان ماري تنهنجي ماڻن. بيحد ٽيس بيمار. سائين هاڻ.
بيحد ٽيس بيمار. جاڳير ڪهنون سور قدير.

3. دلڙي منهنجي دردن واري. آهي اوهان جي عشق آزاري.
جي تون ملين تہ وڃي بيماري. قسم سچي سردار. سائين!
آهي قسم سچي سردار. ڄاڻي سو رب جو رسول ڪريم.

4. چئي "منشار" مذڪور منهنجو. ڄاڻي ٿو عقل شهور تنهنجو.
ڪڍي پرڇ قصور پنهنجو. مون مئيء تي مختيار. سائين! هاڻ.
مون مئي تي مختيار تون ڪر رحم ڪري جئين رحيم.

ڪافي. 47

ٽلهه: اڪبر عشق اڳهون حق حق. اڪبر عشق اڳهون.
هن برهه جي بحر جو ڪونهي ڪنارو.

1. اڪبر عشق الاهي عبرت. بي مثلي بيچون. حق حق.
بي مثلي بيچون. بعضي مثل هزار چوي سر سارو.

2. عشق عجائب وسلي آهي. بي رنگ بي نمون. حق حق.
بي رنگ بي نمون. بعضي ڪريو نمون ڏئي نروارو.

3. عشق جي ماهيت عاشق ڄاڻن. اهو بحر ڳجهو باطون حق حق.
اهو بحر ڳجهو باطون. اهي پروڙن اهو پسارو.

4. چئي "منشار" تہ من حيرت ير. آهي سدا جوان نہ جهون حق حق.
آهي سدا جوان نہ جهون. نہ تہ ڪل خلقت ڪوڙ آهي ڪرارو.

Gul Hayat Institute

ڪافي- 48

ٽاهه: ڏاڍي سا خدا جي سرڪار آهي.
ڪٿهن جو قادر رب سائڻ ڏرو زور ناهي.

1. ڏس آدم حوا کان تار ڪيائين.
جدا يوسف يعقوب ٻئي يار ڪيائين.
ڪربلا ۾ شهيد سردار ڪيائين.
هتان ڪاتر جي حسين کي وڃائين ڪهائي....

2. ذڪريا نبيءَ کي ڪين ڪرت ڏاريو.
يونس نبيءَ کي مڇ ڏي اوگاريو.
ايوب صبر ۾ ڪيئن ڏي گذاريو.
ڏس ڪيئن وارو ڏک سور ناهي.

3. ڪل نفس ذائقة الموت جڏهن پائڻ چيائين.
پنهنجو ٽالو قهار اظهار ڪيائين.
حجتون سڀني جون پاتيو ڏي ٻڌائين.
جڏهيئي ڪل متي پائڻ موت ناهي.

4. ڪٽي سمجهه "منشاز" پنهنجو ڏيان در تون.
ڪجهه خدا جو ٻي خوف منجهه قلب ڪر تون.
توبهه زاري هر واري هر روز ٻر تون.
جڏهه هستي ڏس تنهنجو مقدار چاهي؟

Gul Hayat Institute

ڪافي- 49

ٽلهه: جن جي اندر ۾ هيان نينهن نارا[1] .
اهي ٽيو نماڻا روئندا ويچارا.

1. جتي عشق ڪٽڙي آهي وهي وستي آيو درد ان تي ڪري موج مستي
برهي ٻڌيئن ٻي ساري هوڏ هستي وتن ويڳاڻا محبوب ڏارا.

2. ڪل خوشي ان کي اچهي نه ڪائي ويو حرص ان جي کي درد ڪائي
هئي هميش ڪن وات واڻي مل نه ته مرون تا اڄ يار پيارا.

3. سر جي جتي کي سڪ سور واري آيو برهه ان تي ڏاڍو بار باري
وسري تتي کي ٻي جا سرت ساري ڪيا عشق ان جا ٻيا بند چارا.

4. جن جي جگر ۾ هلي عشق آيو. ان پاڻ پنهنجو اصلئون وڃايو.
مجي مرد ٻيڻا سندو رب رايو. سڪ اٿر ان کان موتي "منشارا".

ڪافي- 50

ٽلهه: جتي عشق آيو. رکي راض رايو.
اني سانگو سر جو. اصلئون وڃايو.

1. جڏهن هير جي رانجهن سين رمز لڳي هئي چڏي محل ماڙون ٻيڪ ٻڳي هئي
ننگ ڏي نهاري در نه ڦڳي هئي. هلي تي هزاري جو شاهه ٻڌايو.

2. سسئي ويچاري محبت ماري. جنهن کي چڏي ويو ته اڌ رات آري
ڏوريئي ڏيهه ڏونگر جبل روهه واري. اتي هئي اڪيلي نڪو ٻيڻ پايو.

3. سهڻي ساڻ کي مور نه مڃيائين. ڪارو ٻيڙ ڪن ۾ ٻيلي کي ٻڳائين
لڙهي لهرين وچ ۾ موت مڃيائين. طالب تنهين کي ترنه ترسايو.

4. مطلب جتي وت محبت آئي. ڪيائين نه عقل جي تدبير ڪائي
رهن رضا تي رکن سچائي. جيئن صوفي سرهو ڪنڌ ڪوڻ ڪپايو.

5. چوي "منشارو" سمجهو وي يارو! پنهنجي وجود کي وسهي ويچارو.
ڪري پاڻ پاڻهي آهي وس وارو. ان ۾ الله پاڻ جوش جاڳايو.

---

[1] نارا = نعرا.

ڪافي- 53

ٽيڪ: خدا ڪي وڻي ٿو نمت، نياز فقيرن جو،
سي ذڪر ذاتي ڪن منجھ، اھو آواز فقيرن جو.

1. سي فڪر منجھ فنا ٿيو، ڪن تا روپ رھاڻيون،
پنھنجي پاڻ جو وجود، سچئي ساز فقيرن جو.

2. سي ووڙي منجھ وجود، ڏسن سير سھوئي،
ڪن ولايت ويجھي، سو پرواز فقيرن جو.

3. عاجزي ۽ غريبي، اھا رمز رتن جي،
ڏس شان منجي آھي، بي انداز فقيرن جو.

4. سي "منثار" عيبدار جو من تنگ نباھين!
جو گھري ھت ھميشہ، تہ ھجي راز فقيرن جو.

ڪافي- 54

جي حب ھجي توکي ميان! برحال خدا جي،
تہ پوءِ فقيرن کوئن پچي ڏس ڀالھہ خدا جي.

1. سائن صحبت سي ڪندا، ھجي سڪ سوز جني کي،
تہ اُني کي اظھار چون چال خدا جي.

2. آھي نالو نماڻو سندن فقير ۽ مسڪين،
پر ھتي سين حاڪمين آھن آل خدا جي.

3. تون پوڙ پيائيءَ کي، ھڪ ڀائي ھت ڪري،
"والله بکل شيءٍ محيط" سٽ سنيال خدا جي.

4. اي "منثار" کھين ملنگ کوئن استادي ونني آءٍ،
تہ توکي تنھن کان پوءِ ٿيئي سڪ سال خدا جي.

ڪافي- 51

ٽلهه: هيڏيون حسن واريون. تڪيون تواريون.
محبوب مون تي. اچي تو الاريون.

1. تيا زلف تنهنجا ڦري نانگ ڪارا. ايرو اجهل ٻئي صف جا سالارا.
اکڙيون لوهان جون تيرا نار وارا. سي سچيئي منهنجي سر تي ڪجليون ڪٽارون.

2. ٻيني ٻئين تنهنجي ٻنڌوق دُنالي. لب لال مرجان ڏيون ڏيکالي
ڏند هيرا موتي آهن مثالي. ٻيو ڪن قيد مون کي تنهنجون گهٽارون.

3. رمزون لوهان جون اصل ڪان اڳيون. ڪريان ڳالهيون تن جي قهر جون ڪيڙيون
سوين ڪيئي شڪار ٿيا هزار مون جڙيون. تو جڏي ترس پنهنجو محبوب ماريون.

4. چئي "منشار" ڪر قياس پنهنجو. وس نه ٽلي تو ڏرو زور منهنجو.
قلم ڪرم ٿيا. ناهي ڏوهه ڪنهنجو. سڪلي سورن ٿيا ويا چمارون.

ڪافي- 52

ٽلهه: رستو رباني پنڌ لاڏاني. سير صوفين جو آهي سبحاني.

1. اوڏنهن هميشه حق هڪرائي. ڪونه رکن ٻيا غير ٻيائي.
مذهب مردن رکيو خلائي. مشڪل ان هنڌ ٽيڙ مڪاني.

2. ذڪر جن جو آهي حق ذاتي. قلب متي جا قرب جي ڪاتي.
الله اندر ٿا ڪيئون اثباتي. نفيءَ منجهون ٽيا ٽيڪ نوراني.

3. سور سڪڻ ٿا آهن سڪايل. درد دکن ٿا مجروح گهايل.
هستي هميشه ستلين وڃايل. هجن نماڻا اي الٽن نشاني.

4. محبت آهي مال جني جو. حق ٿا ڏنا ٽيو حال ٿئي جو.
لقب عاشق اقبال اُتي جو. طالب المولي" مذڪر ٽيا ٻي.

5. وڻ "منشار" اثر تون ان ڪان. فيض رسي من تل توکي تن ڪان.
وڻ استادي ان عاشقن ڪان. اوءِ رمز رڌن جي سڪج روحاني.

كافي. 55

ٽلهه: دم قدم دوستيءَ جو شان سڃاڻجي.
نينهن وارو نيازسين ميدان سڃاڻجي.

1. مذهب محمدي ۾ تہ قرآن سڃاڻجي.
جو پورو پيروءِ تي، سو مسلمان سڃاڻجي.

2. جو اندر ۾ ابليس، سو شيطان سڃاڻجي.
نفس نادان طمعدار، سو بي ايمان سڃاڻجي.

3. خالق خدا خلق جو، جلشان سڃاڻجي.
جو رب رسائي روز، سو رحمان سڃاڻجي.

4. تي فنا فقيريءَ ۾ هي جهان سڃاڻجي.
پنهنجي پاڻ منجهه پساهه، سو مهمان سڃاڻجي.

5. هن جهان منجهه هميشه، دل جو ڏيان سڃاڻجي.
پنهنجي زبان جو زرو، نفعو نقصان سڃاڻجي.

6. اي "منشار" محبت عشق جو مڪان سڃاڻجي.
پوءِ سر، سري صدقو ڪري، قربان سڃاڻجي.

كافي. 56

ٽلهه: جي چتر تون چائيين تہ ڳالهاءِ فضيلت سين.
پنهنجي پاڻ جي زبان کي، سمجهاءِ فضيلت سين.

1. ويهہ الي ادب سين، ڏسي راءِ فضيلت سين.
تہ ريت تنهنجي راڄ کي، سيباءِ فضيلت سين.

2. پنهنجي ڪر ڪارڻ، بين کي پچاءِ فضيلت سين.
پوءِ سٽي سمجهي ڳالهہ، سا هنباءِ فضيلت سين.

3. رکي ماٺهن سين محبت، پير پاءِ فضيلت سين.
تہ تون وٽي تن کي، پوءِ جڙءِ جاءِ فضيلت سين.

4. اي "منشار" ڪافيون ڪلام، تون ويهي ڳاءِ فضيلت سين.
ان توحيد واري تند کي، وڃاءِ فضيلت سين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 57

ٽلهه: توکي نه مناسب آهي هت ڪوڙ ڪرڻ جو،
ڪنڌ معاف سو گناهه لفظ توبهه پرڻ جو.

1. ڪوڙ منجهان ڪيترا نقصان هزارين،
سڀ گناهه صادر ٿئي خيال ڪرڻ جو.

2. ٽو ڪيئن چوي قرآن "لعنت الله.... الڪاذبين"،
ڪر ويساهه منجهه وجود اڳيان ڏيهه ڏرڻ جو.

3. سچ وڻي سرڪار کي، نه ته به مات موچاري،
يا ذڪر چوڻ ذات جو دم دم ۾ ڏرڻ جو.

4. اي "منثار" ٿيءِ هشيار، چو ٽو وقت وڃائين،
ڪر خيال خبردار موتوءِ منجهه مرڻ جو.

ڪافي. 58

ٽلهه: آهي ڪلمي جي دلداري، جا هردم لاءِ هوشياري.

1. هر دم پڙهه تون بسم الله، ورد وظيفو الا الله،
يڪ يقينئون دليون لاءِ، ويهه آڻي اعتباري.

2. ڪيا مون کي ڏوهه هزار، ناهي ڳاڻيٽو ڇيهه شمار،
ڪارڙ ڪلمي سي نه نهار، بخشيو بخشين باري.

3. دهشت وارا ڏين ڏڪا، باهه دوزخ جي ڪري ڙڪا،
ڪير ڪن ڪرن ٽا ڪڙڪا، توبهه توبهه زاري.

4. چئي "منثار" پنان ٽو پازي، راحم مون تي تون ٿيءِ راضي،
الٽي عرض ڪريان ٽو آزي، ننگ سڃاڻج تون نرواري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 59

ٽلهه: عجب يار تنهنجي جمالي، جا هردم حيرت حالي.

1. ڪٽي ٽو تون پلٽون پائين، ڪٽي وريو ديد ديکائين،
ڪٽي پنهنجو پاڻ ڇپائين، عبرت اعليٰ عالي.

2. ڪن جا ڪرين ٽو قلب ڪالا، ڪي ته ڪرين ٽو الله والا،
بخت اني جا بلند بالا، جي برهه کيا برحالي.

3. پاڻ پروڙين ٽيو ٽيندو، ٻئي نه ڪنهن کي عقل ايندو،
صفت سندءِ ڪير ڪريندو، ناهي ڳالهه کا ڳٽڻ والي.

4. "منڌار" ويچارو عاصي آهي، ديد اوهان جي ديکڻ لائي،
الله اوهان کي عرض الائي، صاحب تو در سوالي.

ڪافي. 60

ٽلهه: شل ٽئي نصيب سنگ تنهنجو، هادي موڃارو ننگ تنهنجو.

1. سنگ تنهنجي صحبت سائين! من منهنجي ۾ محبت پائين،
وسواسن جي واٽ وڃائين، پائي وجود کي ونگ تنهنجو.

2. ڏينهن الستئون اول آتائين، ڪرم نصيب ۾ ائين لکيائين،
دل منهنجيءِ دلبر سائين! پاڻ لڳل هو ٻنگ تنهنجو.

3. هر هر مون کي حيرت آئي، عبرت آهي قدرت ڪائي،
دم دم دلبر عجب الاهي، رل مل رانجهن! رنگ تنهنجو.

4. ٻانهون "منڌار" تنهنجي در داتا! عرض ڪري مون پلو پاتا،
ڇاڏ سهيئي تو هن ڇاتا، لکج سياڪو آنگ منهنجو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 61

ٽلهه: تنهن کي آرام نه ايندو، جيڪو توکي الله! طلبيندو.

1. عاشق تنهنجو جيڪو ٿئي، تنگيون تسيا تن کي ڏيئي،
نام اوهان جو جيڪو ليئي، سو سانگو ساهه ڇڏيندو.

2. عاشق سانگ نه رکي ساهه جو، وڻي راضپو تنهنجي راهه جو،
صدقو صدقو پاڪ الله جو، جان جسو سر ڏيندو.

3. عاشق سولي جو مٿي ماري، سور قبولي سهنج وساري،
غم گونڊر ۾ پاڻ پگهاري، اونهي فڪر ۾ پيندو.

4. عرض پانهون "منڌار" الائي، ڳل ڳچيءَ ۾ پاند ٿو پائي،
فضل تنهنجي ۾ عاصي آهي، ته يار ملڻ ڪڏهن ٿيندو.

ڪافي. 62

ٽلهه: منهنجو خان باروچل ساڻ ادين ڙي!
منهنجو خان باروچل ساڻ، لڳم عشق، آهيان آزاري.

1. آيو ڪيچ منجهان ڪوهيارو، اچي ڪيائين شهر پنهور ۾ ڌارو،
آئون به ڏسڻ ويئي هيس ساڻ سوپارو، لڳو بانهڙ کي اُتي ٻاڻ ادين ڙي!
لڳو بانهڙ کي اتي ٻاڻ پوءِ وس ڪنا ته ويس ويچاري.

2. آئون ستي پنهنجو ساڻ لڏيائون ننڊ ۾ چوري ڪوهه ڇڏيائون،
گولي گونڊر منجهه گڏيائون، ڪيو چام پنهون ناچاڻ ادين ڙي،
ڪيو چام پنهونءَ ناچاڻ گڏ ويس جي هيم هوشياري.

Gul Hayat Institute

3. هاڻ ڏوتگر لاکن آڏوت ڏوريندي. ياهڙ پيرن سان پوريندي.
سر متان صدق گهوريندي. پتهنجو پرڙا ڪنديس پاڻ الايون ڏي!
پتهنجو پرڙا ڪنديس پاڻ. هي ستديم جان جيال هم ساري.

4. جئي "هشار" متاسب آهي. ويتديس ڪيچ ملڪ ڏي ڪاهي.
جي هت رڪيئين تہ چير پوءِ چاهي. متهنجو اريائي اگواڻ الايون ڏي!
تيندو آريائي اگواڻ. سو ڪندو سائڙ پاڻ ستاري.

ڪافي- 63

تلهه: متهنجي جيجل ڏي جند جان امان. متهنجي جيجل ڏي جند جان
هن خان ياڻوج آهي پرڪاڻي.

1. ڪيڇوڻ يار ڪوهيارل آيو. پيڇ پيارل سڻ هوت پايو.
هوت تہ پرهڻ ايئن ٿئي پائيو. تہ تہ هوتڻ وٽن ڪوهہ وڃان.
اماڙي! تہ تہ هوتڻ وٽن ڪوهہ وڃان. پتهنجي عقل آهيان ڏرڪاڻي.

2. دليہ دل ڏاڙي هم تيڙي. وس وقوف ڪنا آڏوت ويڙي.
ڪرم نصيب آهيان هيڻن ڪيڙي. دل ياروجل ڪئي پاڻ.
اماڙي! دل ياروجل ڪئي پاڻ. جا لکئي لوهہ قلم لڏاڻي.

3. هيس هنڌواڻي. پائيڻ پيڻي. متجهہ ڪنيڻ لاءِ ورهہ ويڻي.
پوءِ ٽيہ ڏيرن سان ڏکن لاءِ ڏيڻي. هاڻ ڪهڙو ڏوهہ ڏيان.
اماڙي! هاڻ ڪهڙو ڏوهہ ڏيان. جو قسمت قيد آهيان ڪرڪاڻي.

4. جئي "هشار" وهڻ وهہ ٽيڙو. ڪرڻ ڪشالو پٽڻ هوت پيڙو.
ڪرم خدا ڪئي سان جي ڪيڙو تہ پوءِ الوحي الهندي سان.
اماڙي! تہ پوءِ الوحي الهندي سان. ۽ سندين تار آهيان ٽڪاڻي.

ڪافي- 64

ٽلهه: هن پنيور ۾ هاڻ پيئر ڏي! هن پنيور ۾ هاڻ پيئر!
پنهنجي ور ريءَ ڪين آئون وهنديس.

1- جاڳيس ستيرڙ جي ته سڏي تي. هاڻ ويهان ڪيئن پٽر ٽڏي تي.
چڙهنديس ڏونگر جبل وڏي تي. بنان ڳاڻيٽي ڳاڻ پيئر ڏي.
پيئر! بنا ڳاڻيٽي ڳاڻ ڪوڪون ۽ واڪا گهٽيئي ڪهنديس.

2- لاءِ بلوڇي رجن رڙ ٻر جا. سهنديس سر تي سور سفر جا.
ڪنديس ڪشالا ڪاڪ ڏونگر جا. تنهن ڪوهيارل جي ڪاڻ پيئر ڏي!
پيئر! تنهن ڪوهيارل جي ڪاڻ سختيون ۽ سور سڄڻ ۾ سهنديس.

3- وڪڻ وڃڻ سين ڪندي ويهون. روئيندیس رڙيندیس ڪنديس ريهون.
ڇڇي پير ٽين مرڇيهون. ٽوڙي اوجهڙ جي اوڪاڻ پيئر ڏي!
پيئر! ٽوڙي اوجهڙ جي اوڪاڻ ته به باهه لڳير. هاڻ ڪين ٻيهنديس.

4- ڇڏي "مٺڙا" منهنجي مڪمل ڪي. آئون وساريان ڪيئن اڪمل ڪي.
پٽڻ ڪري وڃي پيارل پنهل ڪي. اديون ڏي! اڄ ڪي سنياڻ پيئر ڏي!
پيئر اديون ڏي! اڄ ڪي سنياڻ لوڇي لڪن ۾ وڃي ويهنديس.

ڪافي- 65

ٽلهه: منهنجيون سرتيون ساهيڙيون. منهنجيون سرتيون ساهيڙيون!
ڏي اديون هڪجيڏيون! مون ڪي ٽيو وهه ور ريءَ هي پنيور شهر.

1- نٽلي ٿهوڙيس آئون تياڳي. سات نه وئڙو جي هير سجاڳي.
پوءِ هوت هليو ويو ساجن ساڳي. منهنجيون خطائون ڏسي ڪهڙيون.
ڏي اديون هڪجيڏيون! منهنجو خطائون ڏسي ڪهڙيون.
سو جاڳيو هيڏي منجهه هور قهر.

2. جا ڪرم نصيب آهيان هيئن ڪيئي. پوءِ وس عقل ڪوڻ ٽڪري ويئي.
ٿون اچي دردن جي درياهه ۾ پيئي. جنهن جون چوليون ۽ لهرون ڇڙ جهڙيون.
ڙي اديون هڪجيئڙيون! جنهن جون چوليون ڇڙ جهڙيون
سو تو ڏڪا ڪري. مون تي موج بحر.

3. جي منهنجيون ڏين ڏرم جون اديون آهيو. تہ مون ويندي ڪي ڪيم ورايو.
جي سنگت سچاڻي پنهنجو پاڻ ڀلايو. تہ هلو ڀيرون! مون سان ڀيڙيون.
ڙي اديون هڪجيئڙيون! هلو ڀيرون مون سان ڀيڙيون.
تہ هلي ڳولي ڏسون منهنجو هور ٺور.

4. چئي "هشار" منهنجو مرشد سائين. ٽيندو سوڀهون ساڻم سڏائين.
سو ڪندو همراهي توڙ ڇيهہ ٽائين. آهن اميدون مون ڪي اهڙيون.
اڙي اديون هڪجيئڙيون. آهن اميدون مون ڪي اهڙيون.
تہ هوندو ساڻم سو شهزور سرور.

ڪافي- 66

ٽلهہ: ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان. هڪجيئڙيون! منهنجي ڪوهيارل جو ڪيچ مڪان.
ڏوري ڏونگر آڻون وڃي ڏسنديس.

1. همت مناسب ياتيٽي جي. ٽيندي مدارت مولا ڏٽيءِ جي.
سو ڪندو پوري اميد مون ڪاڻيءِ جي. جو رب رحيم رحمان هڪجيئڙيون!
جيڪو رب رحيم رحمان. آڻون رستي توڪل جي سين وڃي رستنديس.

2. هاڻي آڻون هوت پنهونءِ ڏي هلندي. پوءِ وڃان ورجي هور تہ ولندي.
آڻون وڃي محبوب ستلم سين ملندي. ايئن ڪندو رب جلشان. هڪجيئڙيون.
ايئن ڪندو رب جلشان. تہ پيشاني پاڪ پنهونءِ جي پستنديس.

Gul Hayat Institute

3- پوت پٽهل جي پوڙي جيڏيون جن کي. تڙکو ٽئه نه لڳي کوٽن کي
پير پيه بازار پيرهه وارڻکي. پوءِ کهڙو خوف گمان هڪجيڏيون!
پوءِ کهڙو خوف گمان الهي سختيون پيڏي آڏون کين سستليس.

4- جئي "هنشلا" ودي مترال کي. جهاڳي ڏونگر روهه جبل کي
وڃي پستليس چار پٽهل کي. جو سات ساري جو سلطان هڪجيڏيون!
جيڪو سات ساري جو سلطان. تنهن جا قدم چين سان وڃي چمليس.

کافي- 67

تلهه:- متهنجي هوت پٽهل دل هئين. اديون ڏي متهنجي هوت پٽهل دل هئين
پيترا! کين وڃيم پتيپور.

1- حڪمون هت آيو آريائي. کيئن ٿي کنڊ پر پئي کٽياڻي
سهڻل ڪئي پٽهنجي سوپ سجاڻي. يار هڻي ويم پئي اديون ڏي!
موت کي يار هڻي ويم پئي. ڪري ويم شڪار شهوور.

2- دل کسي ويم ڪيچ ڪوهيارو. ڪري موت مسڪين سين مارو.
سانگو ستسار جو وسريم سارو. وس پٽهنجي ڪان ويئي اديون ڏي!
آڏون وس پٽهنجي ڪان ويئي. لڳم عشق آري جو اگهور.

3- ڏينهن آلست جي لوح پر لکاين. سي هت سور اديون اڄ آيم.
پارڌ پئوم پلٽه جي پايم. آهيان ڪرم نصيب اٽئن ڪئي. اديون ڏي!
آهيان ڪرم نصيب اٽين ڪئي. هاڻ جاڳيم هول هيئين منجهه هور.

4- جئي "هنشلا" مرون مرڪيتم. ماڻهو پتيپور جا چري مرجيتم.
پورا پنڌ پر پساهه جي ٽيتم. ٽيان راهه انهي منجهه رڻي. اديون ڏي!
ٽيان راهه انهي منجهه رڻي. ته يه صدق ساهه ڪنديس پٽهنجو گهور.

کافي. 68

ٽلهه: جيڪا ساهڙ سينڪاري، مون کي جيڪا ساهڙ سيڪاري،
سا ڳالهه ڏس کي تہ آئون ڪين ڏسيندیس.

1. ٽيون مينهون چرن ميهار جون ٻيلو، منهنجو اتي وڃڻ جو ويلو،
آئون ڪٽنديس پنهنجو پاڻ اڪيلو، نينڊو نينهن نسنگ نياري مون کي،
نينڊو نينهن نسنگ نياري، پاڙي وارين جو خزانو کو نہ کسيندیس.

2. ڪنڊين جو ميهار ڪنڊي ۾، آئون گهوريس گهڙنديس نير ندي ۾،
تنهن سمن ساهڙ جام سنديم، شل گهڙي ساعت ۾ ٻئي گهاري،
مون کي شل گهڙي ساعت ۾ ٻئي گهاري، تنهن ۾ تل پلڪ نہ ترسيندیس.

3. آئون گهڙيندیس ڪير پتوڙي شل پاڻي، جي مانگر مڇ هيئبت ڪن هاڻي،
ٻ ٽينڊو سمونڊ ۾ ساهڙ ساڻي، ڪندو پاٿهي پوئواري،
منهنجي ڪندو پاٿهي پوئواري، پوءِ دشمن واڻ جا مڙيئي ڏسيندیس.

4. چئي "منڌار" توکل سين ترنديس، آهر ساڻ الله اڪرنديس،
اُت ڏسي صورت سردار جي ڏرنديس، جت مجلس موجاري،
محبوب جي مجلس موجاري، ات پيشاني پاڪ رسول جي پسيندیس.

کافي. 69

ٽلهه: جن جي محبت ساڻ ميهار اصل، جن جي محبت ساڻ ميهار،
ويندیون سي دوست ڏسڻ درياهه تري.

1. پاڙي واريون روز پليندیون، مهٽا طعنا منهن تي ڏيندیون،
تہ بہ جنيون تن جون ڪين جهليندیون، ڪري جي ڏمر ڏمر ڏهڪار توڙي،
ڪري ڏمر ڏمر ڏهڪار، تہ بہ ويندیون ساڻ سچائيءَ جي ساهه تري.

Gul Hayat Institute

2. سيسر واڳون ڪُنن قهر ۾، لکين بلائون گهمن بحر ۾،
لڏڙا مڇ درياهه لهر ۾، جهوڙ نانگ ڪپر خوف دار توڙي،
جهوڙ نانگ ڪپر خوفدار، ته به ويندين سي سانئر سمند سانباهه تري.

3. جن جي ساهڙ ڏانهن سچائي، تن کي لوڏو لهر نه ڪائي،
سي ويندين سمن تي ساعت سائي، اهي جهاڳي ڪن ڪارونهار اصل،
اهي جهاڳي ڪن ڪارونبار، وجي اُڪرنديون اوڙاهه تري.

4. ساهڙ ساڻي آهي اُني جو، هوندو سچو برهه بحال جني جو،
توڪل ترهو تار ۾ تني جو، ملندين سي "منڌار" اصل،
وجي ملندين سي "منڌار"، آهر ساڻ الله تري.

ڪافي. 70

ٽلهه: ڪيو مجني کي مستان، سمجهي ڏس، ڪيو مجني کي مستان،
ليلئ ۾ پرينءَ پنهنجو پاڻ لکائي.

1. مومل، سهڻي، سسئي ويچارين، هير زليخا ورهن واريون،
ٻين به اهڙين هزارين عشق آزارين، ڪيون حسن سندس حيران،
سمجهي ڏس ڪيون حسن سندس حيران، جنهن جو جدا جدا جسمن ۾ ٿو سير سمائي.

2. آل انسان سري هيءَ آيت، آهي الله کريم جي اشارت،
سو هادي جنهن سين ڪري هدايت، پوءِ ڪيو بشرت جو بيک، بهان،
سمجهي ڏس ڪيو بشرت جو بيک بهان، پوءِ وهو جسمن ۾ ٿو جهاتڙي پائي.

3. سو اهڙا ڪر الله ڪري ٿو، هو بي رنگ بي پرواهه ڪري ٿو،
پنهنجي شوقئون شهنشاهه ڪري ٿو، وهو صورتن ۾ سلطان،
سمجهي ڏس وهو صورتن ۾ سلطان، اهڙا هزارين ٿو هنر هلائي.

Gul Hayat Institute

راڳڻي ٽلنگ تار ڪلواڙو

4. هن مام ڳجهيءَ جا اي "منڌارا" ڪي عاشق سمجهن الڻ اشارا.
جن جا منجهان محبوبن ڏهون نور نظارا. ان لاءِ اُتر نقش انسان.
سمجهي ڏس اُن لاءِ اُتر نقش انسان. سي رند پروڙن رمز رلائي.

ڪافي. 71

ٽلهه: لڳو ليلئ جي لاري. لڳو هو ليلئ جي لاري.
تنهن مجني کي محبوب ٻيهاريو.

1. مجني لاءِ هئا ڪئين مارا. آندئون پري وتان وهه وارا.
ڪيئون ڪوڙ بهانا پرين پارا. چي مڪا اٽئي دل جي دلداري.
مڪا اٽئي دل جي دلداري. ٽي ونيو پيٽئين. ڏنئين مور نه ورايو.

2. جنهن کي چاڙهي نظاري نينهن نيو ٽي. رکيئين سانگو ڪونه ٻيو ٽي.
پٽي لاڏان ليلئ جي ويو ٽي. جي مخلوق وجهن ماري.
توڙي مخلوق وجهن ماري. ته به عاشق سر قربان ٽي ڪاريو.

3. مجنون محو ٽيو محبت ۾. ظاهر ليلئ جي صورت ۾.
وري فنا في الله ٽيو ذات قدرت ۾. چڙهيو نور نبيءَ جي نظاري.
چڙهيو وجي نور نبيءَ جي نظاري. تنهن عاشق کي پنهنجي عشق اجاريو.

4. جڏهن مالڪ مولئ مينهن وسايو. تنهن کي ولن ويڙهي چانيو لڪايو.
ٻوءِ پولي بندءِ جيڪو آدمي آيو. هنيس کهاڙو ڪاڌياري.
تنهن هنيس کهاڙو ڪاڌياري. بيٺو فقير جيڪو ايرام اپاريو.

5. چئي "منڌار" ته طالب تنهن کي. هو جهليو اچڻ ڪوڻ جانب جنهن کي.
سو. ٻي ڪوڪ سڀائي قرب جي ڪنهن کي. تنهن کي من ڏاتر ڏيکاري.
تنهن کي من ڏاتر ڏيکاري. جنهن پرينءَ هوس پريم پياريو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 72

ٽلهه: موٽ مينڊرا! يار پلائي ڪر، تون موٽ مينڊرا يار!
مٽ ۾ راض، رَس ۾ تون راٽا!

1. حج منهنجيءَ جا پايان پڄين ٿو، ڏانهن سهاڳڻ سور سڄين ٿو،
مون وٽان ولها ڪوهه وڄين ٿو، سائين! موڙ ۾ پوئتي مهار، پلائي ڪر،
موڙ ۾ پوئتي مهار، هي مارين ٿا مومل کي ماٽا.

2. منهنجي عيبن ڏي ۾ نهارج، ڪرهو ڪاڪ ويچاريءَ تي وارج،
اڇي منهنجا اگڻ اجارج، سائين! سائو سندم سردار پلائي ڪر،
سائو سندم سردار، تو آئي ٺهڪن منهنجا ٽڪاٽا.

3. توکان ريءَ هيءَ ڪاڪ ڪوماڻي، مون نه وٽي ان پيڙڻ جو پاڻي،
تون اڇج پنهنجو شان سڃاڻي، سائين ننگ پرور، ننگدار پلائي ڪر،
ننگ پرور ننگدار! تو آئي سونهن منهنجا طول وهاٽا.

4. چئي "منڌار" پرڇ پيارا، ساعت دم نه سري تو ڏارا،
پايان ٿي پاند ڳڇيءَ منجهه ڳارا، ڪر معاف حرف هزار پلائي ڪر،
ڪر معافي حرف هزار، ڏيڪ عيب پلئه ڏج پاٽان.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 73

ٽلهه: منهنجا راٽا! ڪير رسيج، منٽ مج راٽا! ڪير رُسيج،
مهري ڪاڪ تي اڇ موٽائي.

1. ساري جهان ۾ سيس سهاڳڻ، دائر تنهنجي آهيان دعاڳڻ،
ڏمر جي مون کي ڪرم ڏهاڳڻ، مون کان موڙي منهن ۾ مسيج، منٽ مج،
موڙي منهن ۾ مسيج، ڪير توبهه پاند ڳڇيءَ ۾ پائي.

راڳڻي تلنگ تار ڪلواڙو

2. مينڊ منهنجا ڏوهه مايون ڏڪي عيب مڙيئي اگلايون
ته مون بي وڙيءَ تي تنهنجون پلايون ڪري پنهنجو توهه تسيج منت مڃ،
ڪر پنهنجو توهه تسيج، سو شاهي پنهنجو تون شان ملهائي.

3. پنهنجي ڪرم نصيب عقل سين ستيس سيج مٽي سومل سين
ڏي معافي تون ڳالهاءِ مومل سين هيڪر هاڻ هيسج منت مڃ،
هيڪر هاڻ هسيج، بي لائق سين تون پاڻ پلائي.

4. آهيان ابوجهي عيبن واري سائو پنهنجي ڪر سرداري
ڏي مومل کي مت موجاري اها ڏاهپ عقل ڏسيج منت مڃ،
ڪا ڏاهپ عقل ڏسيج، سوڙا توکي جيڪا ريت سيباڻي.

5. چئي "منڌار" هن محلاتن ۾ ڪاڪ وارن ڪوٽن قصرن ۾،
راتو ڏينهان تون رهه راڻين ۾، ويهي ولها وارث وسيج منت مڃ،
ويهي ولها وارث وسيج، مومل جي منهن کي مرڪائي.

ڪافي. 74

ٽلهه: گهٽيان گهٽيان وڃائيندا هي بين، ويکو سيان گهٽيان گهٽيان وڃائيندا بين.
انهيءَ جوڳي جادوگر کون، مئين سمجهه سجاتا.

1. بين برهه دي سن کي توتاري، موهه ڳَئي ميڊي دل ساري،
ميکون لڳڙي ڪيف ڪٽاري، سيني دي وچ سگين ويکو سيان!
سيني دي وچ سگين، ميکون پيچ پرت والا پرمل پاتا.

2. ميکون لڳڙا عشق اڙانگا، وسرگيا سنسار دا سانگا،
لنگهه پيان لج لوڪ دا لانگها، چوڙ دئبي والا دين ويکو سيان!
چوڙ دئي والا دين، عشق والا اسلام مئين چاتا.

راگڑي تلنگ
تار کلواڑو

3. رنگپـــور دي وچ رانجهـــن آيـــا، فقيـــران دا بيکـــڑا بنايـــا،
کٹيـان کفنيـان گـودڑ پايـا، هـڑ علي تخت نشين ويکـو سيان!
هن اعلي تخت نشين، تسـان صـاحبزادي کـون سمجهـ نـ چاتـا.

4. صحبت چوڑ کيڑي والـي ننگ دي، سڻسان مئين بين بپوت بي رنگ دي،
آکي "منثار" مئين ايهين ملنگ دي، ٹيسان طالب گهنسان تلقين، ويکو سيان!
ٹيسـان طالب، گهنسـان تلقين، ميڈا لڳا هـُـڑ نـاٹ جوگـي دي نـال ناتـا.

کافي. 75

ٹلهـ: آيا رنگپور رانجهن يار ويکو سيان! آيا رنگپور رانجهن يار،
انحد مرلي دا ناد وچايس.

1. بادشـــاهي دا چـــوڑ پســـارا، بـــن آيـــا مســـکين ويچـــارا،
آسـڑ جنهـن دا تخت هزارا، اوئـي آپ هويـا سـردار ويکـو سـيان!
اوئـي آپ هويـا سـردار، هـن پـوش فقيـري والا پرتئـون پـايس.

2. مـک وچ مرلـي، گـل وچ مالهـا، دسـتا قلابـا، کنـان وچ والا،
سر اتون پڈندا پگوا دُشالا، هو يـا تنبيـان نـال تيـار ويکـو سيان!
هويـا تنبيـان نـال تيـار، بـن آيـا بـت بپـوت لگـايس.

3. تسـان هـڑ کيڑيـان اهندي خيال دي، مام پروجهو مخفي مقال دي،
گولو گجهارت گجهڑي گالهـ دي اپڻا هـوش کـرو هشيار ويکـو سيان!
آپڻـا هـوش کـرو هوشـيار، ايهيـن رمـز وچ آپ ريجهـايس.

4. تخت شاهي کون ترک ڈوايس، بن چاکر ماهي منجهيان چرايس،
هڑ پـوش فقيران والا پرتئـون پـايس، تسـان کـون آک سڻاوي منثار،
ويکو سيان! تسـان کـو آک سڻاوي "منثار" اينهن لباس وچ آپ لکايس.

Iqbal Nayar Institute

ڪافي. 76

ٽلهه: ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينهن ڏينهن، ڏاڍا ڏکيا گذاريم ڏينهن،
جانب! هاڻ مون سان ڪر نه جدائي.

1. آهيان محو تنهنجي محبت ۾، ٿيس غرق سندئي صورت ۾،
اچن اوقاتون انهي عادت ۾، منجهه لڻڻ تنهنجي ليهه ليهه،
منجهه لڻڻ تنهنجي ليهه، آئون فنا ٿيس تو ۾ فدائي.

2. توکي ساريندي سڄو سيارو، لنگهيو آرهڙ ۽ اونهارو،
سڪ ۾ گذاريم سانوڻ سارو، موسم تي وڻڙا مينهن مينهن،
موسم تي وڻڙا مينهن، آئون نه مليس هاڻي تي الوداعي.

3. منهنجيون اکيون ٿيون روز رڻن ويچاريون، وهن نيٽن مان نت نت نياريون،
۽ سڀ ڪنهن ماهه مهيني واريون، پيو راتيون رُڻان ڏينهن ٿيهه ٿيهه،
پيو راتيون رُڻان ڏينهن ٿيهه، هاڻي مل محبوب! هيءَ اٿئي اسر خدائي.

4. چئي "منڌار" مسڪين ويچارو، هي سندم حال حقيقت سارو،
ناهي ڪو ٻيو چلڻ جو چارو، آئون تنهنجي نهوڙيس نينهن نينهن،
آئون تنهنجي نهوڙيس نينهن، گودڙي پائي تولاءِ ڪيم گدائي.

ڪافي. 77

ٽلهه: اڇ سگهو سوداگر يار ساموندي، اڇ سگهو سوداگر يار!
هيءَ تولا واجهائي تي وڻجاري.

1. ڏاڍا وڃي تو ڏينهڙا لايا، ڪئين آرهڙ سانوڻ سيارا آيا،
رئندي رئندي ڪو ماٽيم کايا، هئم ڪارا اڇا ٿيم وار، ساموندي!
هئم ڪارا، اڇا ٿيم وار، ويم جواني هاڻي ٿيس ڪُراري.

Gul Hayat Institute

تار ڪلواڙو

2. وڃي رهيون تون ولايت ۾ ويهي، ڪري مُٺي سين جدائي جيهي،
ٽيم ڏکن ۾ ڏهري ڏيهي، ٻيا جاڳير هول هزار، سامونڊي،
ٻيا جاڳير هول هزار، جسم جان منهنجي ڳٽتيءَ ڳاري.

3. ڪيئن پسند آيئه پنڌ اهوئي، راهه سمند جو رند اهوئي،
منهنجين اکين آسا بند اهوئي، ته هتي هجين هروار، سامونڊي!
شل هتي هجين هروار، ته منهنجي لاءِ هوند باغ بهاري.

4. سڀي منهنجون درد فراق جون دانهون، اچين هوند عجيب! اوراهون
ته منهنجي وڃن شاديءَ جا طبل تڏاهون، جي ملين ڪي "منڌار" سامونڊي!
جي ملين ڪي "منڌار" ته هوند اهو ڏيهاڙو منهنجي ڏئي عيد سونهاري.

ڪافي. 78

ٽلهه: منهنجا ويا وڃارا ماءُ آيل! ويا وڃارا ماءُ!
جيئن ٽا ورهه لنگهن، تيئن ٽا ڪين ورن.

1. واو جهڪون ڪن جهڙڪا جيڏا،
ڪارونيار ۾ ڪئين ڪن ڪيڏا،
مڇ مانگر هيبت ڪن هيڏا،
ته به ڪو ڊپ نه ٽيڙن ڏاءُ، آيل!
ڪو ڊپ نه ٽيڙن ڏاءُ، ڏاڏاڪي سورهيه هيئيان ايمان سندن.

2. سؤ تني جا سورا اندر ۾،
ٽا پون پلپل پور اندر ۾،
۽ ورهه گهٽا وهلور اندر ۾،
آهي گهايل ڪي هيءُ گهاءُ، آيل!
آهي گهايل ڪي هيءُ گهاءُ، ٽا چاڪ فراق جا روز چڪن.

Gul Hayat Institute

3. سڙهه سبي ڪري سنبت سموري،
هليا ويا هن ڏيهه حضوري،
هتان ڪٽي ويا جا ساڻ ڪٽوري،
جنهن جو هت پدم ڪروڙين پاءُ، آيل!
جنهن جو هت پدم ڪروڙين پاءُ، سا انهين ولايت ۾ وڃيو وڪٽن.

4. طرف لڪئي جون لاڻون تن سين،
سگّ سنگت هوم ساموندين سين،
سانگو آ سانگو هوم انهن سين،
ٻيو هت پيڻ نہ منهنجو پاءُ، آيل!
ٻيو پيڻ نہ منهنجو پاءُ، پوءِ مون کي ڇڏيو ڇالاءِ آهي تن؟

5. ڪن وڻج جنهين ولايت وسن سي،
أت راحت رحمت ساڻ رسن سي،
وري ڏکيو ڏيهاڙو شل ڪو ۽ ڏسن سي!
ڪوئي تک تڙکي جو تاءُ، آيل!
ڪوئي تک تڙکي جو تاءُ، شل خدا ڪري هت خوش راس رهن!

6. ڏيندو رهنما رسول أني جو،
۽ پوندو ڪشالو قبول أني جو،
من معافي ٿئي محصول أني جو!
تن کي شال ۾ روکي راءُ، آيل!
تن کي شال ۾ روکي راءُ، پوءِ من ڪٽي ڇڏي آباد اچن!

7. سوين هزارين ڪير سڪائون،
خواجا پير سندیون مجتائون،
رکان ٿي اميد اجا هيءَ آئون،
من وري کو سڻائو واءُ، آيل!
من وري کو سڻائو واءُ، أها مند ساڳاهي پوءِ من موٽن!

Gul Hayat Institute

8. ويٺي بندر تي آئون وڻجاري،
وات سمند جي ڏسان ويچاري،
اڃا به وريا ڪين واپاري،
هوم چت جني ساڻ چاءُ، آيل!

هوم چت جني ساڻ چاءُ، سي ٻيڙيا تا ٽا ٻئي هنڌ ٻڌجن.

9. آئون ويٺي رنيس جنهن رات ويا،
سي پڳهه چوڙي پرپات ويا،
ڪنهن اهڙي اڪسير ولايت ويا،
آهي جنت جنهين جو ناءُ آيل!

آهي جنت جنهين جو ناءُ، شل اتي هميشه حيات هجن!

10. چئي "منڌار" اڃا من اسري،
دل پياس سندين ۾ پسري،
ويل وجود منجهان نا وسري،
تن ساموندين جو ساءُ، آيل!

تن ساموندين جو ساءُ! سي ذري ذري اچيو ياد پون.

ڪافي. 79

ٽلهه: منهنجا ڍولي ڍڪيا ٽي ڏوهه ڏوهه، منهنجا ڍولي ڍڪيا ٽي ڏوهه،
مون تي تنهن ڪاند ڪاوڙ ڪڍهن نه ڪئي.

Gul Hayat Institute

1. جڏهن ڪا جوپن هير جواڻي، ٽي تڏهن ڏنگايون ڪير ڏينهاڻي،
۽ انهين سامي ڏي آئون ساڳياڻي، اهي ڪريو ويندي هيس ڪوهه ڪوهه،
اهي ڪريو ويندي هيس ڪوهه، هئا گهوڙو ۽ بادشاهه همراهه ٻئي.

راڳڻي تلنگ

تار ڪلواڙو

2. سو جڏهن سولو هوم ستارو، تڏهن بادشاهه بـ هوم بـردارو،
ع هاڻ ٽيم دشمن جڳ سارو، مون سان ڪنڙو، ڪري ٽي ڏوهه ڏوهه،
مون سان ڪٽنرو ڪري ٽي ڏوهه، سا بنائي مڪر فريب ويئي.

3. هئي منهنجي اُتم متاهين ماڙي، ع اهڙي افضل هير اڳياڙي،
ع پئوٽي ٽي منهنجي هاڻ پچاڙي، جيئن لکيو مٽي هو لوح لوح،
جئين لکيو مٽي هو لوح، اچي اها قضا اثبات ٿئي.

4. تڏهن پوء مت عقل جي آير اجائي، پير ڪانه پروڙ ڪل ڪائي،
ڪٽي چڏيس آئون پاڳ نپاڳ پلائي، تڏهن موهيس مٽئي جي موهه موهه،
تڏهن موهيس مٽئي جي موهه، پوء هار ڪنير وجي حرص پئي.

5. جڏهن ويئي جواني آئي منهنجي پيري، اُهي چڏير اوج اٽر آخيري،
هيءَ حال حليم مون تي ضعيف ظهيري، اهي چڏي ويس سپ چوهه چوهه،
اهي چڏي ويس سپ چوهه، مون کي تو تڏهن تڙائي ڪريو تاب ٿئي.

6. هاڻ بـ چئي "منڌار" منت منهنجي زاري، پايان ٽي پاند ڳچي منجهه ڳاري،
شل ٽيان م ليور ۾ آئون لچياري! ڪريو توبهه پنان ٽي توهه توهه،
ڪريو توبهه پنان ٽي توهه، من کو رکي پناهه پنهنجو پاندڙو ڏيئي.

ڪافي. 80

ٽلهه: آئي تڪبر ڪوڻ تقدير مون تي، آئي تڪبر ڪوڻ تقدير
نه ته پي جام چنيسر وڻ چاڳ ڪيم.

1. هيس مالڪ هن محلن ۾ ٽي، بادشاهي ڪيم بنگلن ۾،
آئون ڪا اتم راڻي رتولن ۾، هيس ڪنڌ مصري جيئن ڪير ساڻس،
هئي ڪنڌ مصري جيئن ڪير، تڏهن ٽي اهڙا سهنج سپاڳ ڪيم.

Gul Hayat Institute

تار کلواڑو

راڳڻي تلنگ

2. سا اعليٰ درجي هير اڳياڙي ۽ ڪنڙو نجهان هڻي ڪير ڪڇاڙي،
ٽيئر پائنڊ ڪير بگهاڙي، پوءِ ڪيو منهن مٺي جو ميرواري،
ڪيو منهن مٺي جو ميرِ، پوءِ هي ڏکيا حال ڏهاڳ ڪير.

3. ۽ ڏانهن سامهءِ سڀ ڪئي سهماڻي، آئون پنڌ ڪندي هيس پاڻئون ڇاڻي،
ته به داسڙي وڻ هيس ڏجاڻي، آندي ڪاند نه مون تي ڪريو،
ته به آندي ڪاند نه مون تي ڪريو، توڙي ٿي هت رس رهاڻيون وجيو راڳ ڪير.

4. تڪبر آهيان هاڻ تڙائي، هستي هڻ آئون اُجلائي،
تڏهن داسڙي به درتئون لوڏائي، پوءِ تڙجي ٽيئر تغير،
آئون پوءِ تڙجي ٽيئر تغير، پوءِ نڪتل لقب نياڳ ڪير.

5. آهيان جڏهن ڪاند ڪواري، تڏهن آئون لوڪ ۾ ٿي لچياري،
پوءِ ٿي ڪنهن کي ڪين وٺان ويچاري، مون کي ڏنو هيءِ عتاب امير هاڻي،
مون کي ڏينڊو داسڙو دلڏير، هاڻي توبهه لاءِ سهاڳ ڪير.

6. چئي "منثار" مون کي ڏينڊو معافي، ۽ ڪير ڏوهه ڪبيرا ڪافي،
آهي سندس شان شاهاڻو شافي، ڏينڊو داسڙو لڏير،
مون کي ڏينڊو داسڙو دلڏير، هاڻ توبهه لاءِ سهاڳ ڪير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 81

ٽلهه: هي خواب لهي خوش روح ٿيو، وڃي دوست پنهنجو دلدار ڏٺم؟

1. ان خواب ۾ صورت خوب ڏسي، آڏون ماڻهو ٿيس محبوب ڏسي،
هيو مونجهه لٽو مطلوب ڏسي، سڀ گونڊر ويو غمڻار ڏٺم.

2. تنهن خواب مونکي بيتاب ڪيو، سارو هوڏ هڻڻ جو حساب ويو،
ان جي صحبت ساڻ ٿواب ٿيو سو سيڪل دل سردار ڏٺم.

3. هي خواب ڏٺم دل وارين اکين، مونکي صورت ياد آهي سندين،
جنهن سان شمس قمر مٽ ڪين پون، سو نور سندس نروار ڏٺم.

4. چئي "منڻار" آمين چئي، پوءِ زيارت مون مسڪين ڪئي،
ٿيس طالب تنهن تلقين ڪئي، وڃي مرشد سو مهندار ڏٺم.

راڳني برو تار اولنگهه

ڪافي. 82

ٽلهه: محبوب جي منهن محراب ۾ ظاهر ٿي، گر ذات ظهور ڏٺم.

1. هت هت هادي سو هيڪ آهي، ڪو تنهن ساوت ڪير ناهي،
سو آيو انسان جو پوش پائي، اهو درس سندس دستور ڏٺم.

2. آل انسان سري جو بيان آهي، اتي شاهد پاڻ قران آهي،
پوءِ صورت ساڳي سبحان آهي، اهو نرمل مبهه خود نور.

3. جڏهن پيتم جام صراحي جو، تڏهن ويڙو دليل ٻيائيءَ جو،
وڃي حال ڏٺم هيڪڙائي جو، پوءِ هت هت حق جو حضور ڏٺم.

4. چئي "منڻار" مسڪين انهين، آهي دل جو ويساهه يقين جهين،
ٿوحال ڪريان اظهار تنهين، منجهه مرشد سارو مذڪور ڏٺم.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 83

ٽلھ: عمر ساري افراد ادا! ويھي غفلت ۾ گذران ڪيئي.

1. مرد مولئ ٿي ويا تن ڪوڙ ڪسب ھت ڪين ڪيا،
وڃي ڪيا، ڏس تو جند نہ پنھنجي قربان ڪيئي.

2. ھئي ھئي ھمت ھت ڪانہ ڪيئي، تان جان عمر ساري افراد ويئي،
ھت جي دنيا ۾ ڏينھن ھيئي، سي تان ضايع اجايا زيان ڪيئي.

3. اڄ ڪي سپاٽي تون ويندين مري، توکي بندگي جي ويل ايندي نہ وري،
جنھن سودي جي لاءِ آيو ھون، سنبري، اھا نيمي پنھنجي نقصان ڪيئي.

4. اي "منڌار" وڃائي ڇمار، ھاڻي حيف ھونئي توکي ٿي نہ سنپار،
جي دم تنھنجا ڇوويھہ ھزار، ڇو نيت پنھنجي نادان ڪيئي.

ڪافي. 84

ٽلھ: ڪنھن سان ورھہ وندياں ويھي سور سارا، منھنجا ھئي ھئي ھلي ويا حال وارا.

1. اھي صحبت وارا ويا مور مري، ان جي ڳٽتي ٽيہر ورونھن ڳري،
لنگھيا ورھہ وڃان آيا ڪين وري، ھڪدم نہ گناريم جن ڪوڻ ڏارا.

2. آھي واقف ھئم مضمون پائي، منھنجي مخفي ڳجھہ جي باطون پائي،
اھي ھوا سچيار ستون پائي، جيئن پتنگ ھجن تيئن ھوا پرت پارا.

3. ان جي صحبت لاءِ سڪان ساريان، ھئي ھئي روز ھنجون رت ھاريان،
ڏکيا ڏينھن حياتي جا گھاريان، نديون نير وھن ڪيو نيٹ نارا.

4. چئي "منڌار" تہ سوال منھنجو، من الله سٹي احوال منھنجو،
ڪندو ڪرم ڏسي ھيءَ حال منھنجو، من محب ملن مون کي يار يارا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 85

ٽلهه: ڪجليون ڪيفن واريون ڦٽي ويم جسم سارو.

1. زلفن واريون ني وي وڏيئي اسان کي، وومیان، ڳچي ڳل ڪنمندون مواريان،
ڳچي ڳل ڪمندون ۽ ڳاريون، نڪرڻ ناهي ڪنارو.

2. اکيون تنهنجيون ني وي هٽن اسان کي، وومیان! قلب هينئڙي منجهه مواريان،
قلب هيئڙي منجهه ڪٽاريون سگهو رهندس ڪيئن ويچارو.

3. ڪٽي آيون حسن جاني وي سپ هٿيارا وومیان! پرون بي تيغون مورايان،
پرون ٻئي تيغون ترارون، ٿهون سالار سوپارو.

4. چئي "منڌار" ني وي محبوب اوهان کي وومیان، ڪريان لک لک وو مواريان،
ڪريان لک لک نيزاريون، دارون ڏي دردن وارو.

ڪافي. 86

ٽلهه: حقيقت حال منهنجي جي سڃڻ ريءَ ڪونه سڃاڻي.

1. مرض منهنجي کي ني وي ٻيو لوڪ نه سمجهي وومیان سور جنجال مواريان،
خبر جنجال منهنجي جي، تل نه طبيب ٻيو ڄاڻي.

2. جيءَ منهنجي سان ني وي، جادو جنهن ڪيو وومیان اندر احوال مواريان،
اندر احوال منهنجي جي، سو پير پروڙي ٿو پاٺي.

3. آئون نت آهيان ني وي پنڊڙ پاڪ ڏڻي کان، دعاڳڙ لال مواريان،
دعاڳڙ لال منهنجي جي، ته جواني خير سان ماڻي.

4. چئي "منڌار" ني وي اڃ اميدون وومیان، ته صدا هن سوال مواريان،
صدا هن سوال منهنجي جي، سڻي من رحم ڪو آڻي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 87

ٽلھ: اچي مل يار پيارا، آئون جا اميد نہ لاھيان.

1. اگڙ اسان جي ني وي آءٕ تون عجيب وومياں، پري پنھنجا قدم وو مواريان،
پري پنھنجا قدم پلارا، تہ سرھي سيج وڇايان.

2. سور سٽاڻو ني وي جاڳيم جيءٕ ہ، وومياں، درد دل تي وو مواريان،
درد دل تي توئي ڏارا، اڄ تہ اھي سور سٽايان.

3. اصل الستي ني وي بول ٻاروچا وومياں، پارج پنھنجو سخن وو مواريان،
پارج پنھنجو سخن سچيارا، آئون اھا ٻانھڙي آھيان.

4. چئي "منڌار" ني وي سٽج صدائون وومياں، ڪريو آزيون وو مواريان،
ڪريو آزيون ڳچيءٕ ڳارا، اوھان کي عرض الايان.

ڪافي. 88

ٽلھ: نہ ڪر مئيءٕ ساڻ تون ماڻا، اچي ڏي ڪا دلداري.

1. اکيون تنھنجيون ني وي ٽيون مارن مئي کي وومياں تن گھورن کوڙيا مواريان،
تن گھورن کوڙيا جي گھاڻا، پٽي جندجان ٽي ساري.

2. جادو منھنجي جيءٕ ہ ني وي مخفي ماريئي وومياں سو ٽي آئون کين مواريا،
سو ٽي آئون کين سجاڻان، جو واقف ناھيان ويچاري.

3. دلبر ڏيئي وڃ دارون دردوندیءٕ کي وومياں، ٻڌج پٽيون وومواريان،
ٻڌج پٽيون اچي پاڻان، هيءٕ سمجھين ٽو تون بيماري.

4. چئي "منڌار" ني وي آھيان اداسي وومياں، ڪڍھن ملندو وو مواريان،
ڪڍھن ملندو تون نجاڻان، توسان منھنجي توبہ زاري.

كافي. 89

تلهه: پنهل توكان اتر پچٹيون، ہاتي ہاروٹڑ جون ڳالهيون.

1. جن مهميزن سان مئي كي موهيئي وومياں، سندين هيڑيون وو مواريان،
سندين هيڑيون سي سلچٹيون، اهي ريتيون رمزن واليون.

2. اكڑيون تنهنجيون ني وي تيغون تراريون وومياں مٹي مشتاقن مواريان،
مٹي مشتاقن جي مچٹيون، كهن كجليون سي كاليون.

3. جڏهن پيڑهه ني وي توجهه تنهنجو وومياں ويه وسري وو مواريان،
پوءِ ويه وسري بريون بچڑيون، سي مون وري كين سنپاليون.

4. چئي "منثار" ني وي وي مرڻ نه جيئڻ منهنجو، لچي كاڏم وومواريان،
اچي كاڏم لكين لچٹيون، هميشه هي هير حاليون.

كافي. 90

مدد جي هوا من واري ٿي پيا ويري نه وڻن ٿا.

1. هئه هميشه ني وي حال جا پائي وومياں، ڏنئون ٿي سڪ كي مواريان،
ڏنئون ٿي سڪ كي سڏاري، هاڻي مون تي كين كڻن ٿا.

2. اصل اسان جا ني وي هوا ساڏاري سچيءَ پر، وومياں سيئي ساڳيا وومواريان،
سيئي ساڳيا صلحداري، مون سڪ واري تي سڙن ٿا.

3. مهند منهنجي ني وي كيئون ٿي پناهي وومياں، وري جاسوس مواريان،
وري جاسوس تيا چاري، هزارين چغليون هڻن ٿا.

4. چئي "منثار" ني وي سڻ محبوب موچارا. ڏجان دل كي وومواريان،
ڏجان دل كي دلداري. پوءِ چا جي لغورلڙن ٿا.

Gul Hayat Institute

كافي. 91

تلھ: سنگت نباهيج سامي، چني ڇڏجان كيم چوري.

1. تنهنجي خادم ٿيندس وي، خدمت كنديس وومیان مهندا تنهنجي مواريان،
مهندا تنهنجي مدامي، بندگي ساڻ بيزوري.

2. وڏي ويساهون ني وي تهدل تنهنجي وومیان، مجيم گهوٽ وومواريان،
مجيم گهوٽ غلامي، صدق سؤ وار آئون گهوري.

3. آزيون نيازيون ني وي سڄڻ صدائون وومیان، خدا صاحب جي مواريان،
خدا صاحب جي نامي، تل نہ پاسي كجان توري.

4. چئي "منثار" ني وي پاك فقير پيارا، ٿيجان هر ويل مواريان،
ٿيجان هر ويل تون حامي، آهيان نالائق نسوري.

كافي. 92

تلھ: كر مون عاشق تي احسان، مل مون كي محبوب منهنجا.

1. قالو بلا، واري وقت ۾، آئون چريو توتي انان،
نيڻ تنهنجي سي نوان، مون كي قلب دل جيري ۾ كان.

2. مون اڳيئي عرض كيا، سائين تون معلومات جو جوان،
هاڻي سڻي هادي! منهنجي درد وارو داستان.

3. تون نجان كنهن جو ٿيندون، تولاء سكي سارو جهان،
آئون اُني مان هيكڙو، ديدار لاء اميدوان.

4. ري ملڻ "منثار" چئي، اهي اندر منجهه انسان،
جي اچين گهر يار منهنجي تان چوان كو شكران.

Gul Hayat Institute

كافي. 93

ٽلهه: آهي خدا تنهنجي ديدار ۾، منهن مون كي مرشد ڏيكار.

1. تون نبيءَ جو نور آهين، دادلو سائين دربار،
تون پيشاني پنجتن جي، ۽ تو ۾ آهن يار چار.

2. تنهنجيون تعريفون گهڻيون، بيحد چوڻ كوئن بيشمار،
سڀ جنس ۾ سير تنهنجو، اپر قدرت تي اپار.

3. مون كي آس اها آهي، درسن كرڻ جي دركار،
۽ منهنجو مقصد ايترو، تنهنجو حسن ڏسان هروار.

4. منهنجو عرض اهو ائٽي، آئون آهيان تنهنجي اختيار،
۽ "منڌار" هن مسكين ڏي، كٽي پنهنجي نيٽن سان نهار.

كافي. 94

ٽلهه: ري خدا جي بندگي ميان! كرڻ نا ائٽي كار بي،
چا ٽيندءِ كوڙن قصن مٿون سمجهه سرت سنيار بي.

1. ناحق ندوري نفس جي، چاكر چئي ۾ تو رهين،
اها آهي آزمائش تولاءِ، سالك مت ستار بي.

2. بي سڀ لذت الله جي، نالي بنا نقصان ائٽي،
چو ڏٽي كان ڏار ٽيو، دل ۾ ركين دركار بي.

3. هئٽ هيڏو چو كرين، تو ۾ طاقت ناهي كا،
۽ توكي هلائي جا هر وقت، سان سچ ائٽي سركار بي.

4. خوف خطرو رك خدا جو، چو كنبين بي قوم كوئن،
چڏ طمع تہ تكليف توتان، معاف ٽئي "منڌار" بي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 95

ٽلھ: دوستي واري دين ۾ ڪوڙ ڪرڻ جو ڪونھي مناسب.

1. سڀني سمجھي ٻول ٻڌجھارت آھي قرآن ڪريم جي اشارت،
لعنت الله[1] الڪاذبين ۾.

2. ڪڍي غير ڪوڙي ڪچ جي، ٻالھ صحبت ۾ ڇڄجي سچ جي،
جا اصل عقل امين ۾.

3. ڪوڙ اٿئي دشمن ايمان جو، سچ سڏارو چوڻ زبان جو،
۽ پڇج ھند، سنڌ چين ۾.

4. چئي "منشار" تہ مرشد مالڪ، ٿيو سمجھائي انھين سالڪ،
سو طالب ڪي تلقين ۾.

ڪافي. 96

ٽلھ: سڀ اسان کي ٿيا سھڻا، ويڙ اوھان جي ڪارڻ ايڏنگا.

1. جي لاءِ تنھنجي ديدار ديوانا، تن تان بديون ۽ بھتانا،
سي لوڪ جا مور نہ لھڻا.

2. طعنا تنڪا ڪارڻ تنھنجي، موتي، ماڻڪ واسطي منھنجي،
ماڻھو ڏين مرمھڻا.

3. نماڻي ڪي تنھنجا نڪتا، پيڇ اندر ۾ ڏين پختا،
سي روح منھنجي منجھہ رھڻا.

4. چئي "منشار" محبوب اوھان جا، سخن سمجھايل توڙئون توھان جا،
سي ھي نہ ڪھين کي کھڻا.

---

[1] لعنت الله علي الكاذبين = ڪوڙن جي ڏنڪار.

ڪافي. 97

ٽلھ: آيو ڪنياتل خاطي، خط ڪٽي محبوب جو مان ڏي.

1. اکر پڑھي سي عجيبن وارا، منھنجا مطلب سريم سارا،
نيڻ نريا ۽ بي چاتي.

2. يار جي ڳالھيون چئي زباني، لاءِ منھنجي سي آھن لاثاني،
جي ورد ٻڌائين واتي.

3. خط انھيءَ ۾ آھن خبرون، پيش، جزم، مد، زيرون زبرون،
آھي نفي اثباتي.

4. چئي "منڌار" مقال موچاري، پرين جي پرزي منجھ پياري،
ذڪر نسورو آھي ذاتي.

ڪافي. 98

ٽلھ: جي سانگ پاتئہ شينھن جو، تان پوءِ ر گدڙن سان گذار،
نيڪ نالو ٿو سڏائين، نظر پنھنجي سان نھار.

1. لقب پنھنجو نان لجائج، شان شاھي کي سنپار،
اھي قوت تنھنجو کو ٻيو، پوءِ مڪر مچيون کير مار.

2. ڏس اني جي اقبال ڏي، جن جي چڑھيون نالي نظار،
پوءِ لاڏ لنڪا لوکڙن سين، ڪرڙ توکي کين کار.

3. تو جنھين جو پوش پاتو، وقت تنھن کي نا وسار،
تنھن مدارت مرد جي سان، تون لنگھي وجي پوندين پار.

4. اي کير منجھ "منڌار" تون، ڪٽي ڏيان دل پنھنجي جو ڏار،
ھڪ سچي سڪ کان سواءِ، اٽي بي مڙيئي فاني ڦلھيار.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 99

ٽلھ: جي ھنجڙو پڪي ھولي تنھنجي ذات،
تان پوءِ تون ڏٺي ڪر چال چھن جي.

1. قوت ھنجن جو جواھر لعلون، آھن مشھور ان جون مقالون،
جي موتي چٽن پنھنجي وات، ٻيو ڪاڇ مڇي آھي قوت ڪنگن جي.

2. سنگت پنھنجي کي سارج سنپارج، وايون اُلٽي جون ڪير وسارج،
لڻ ڪا سبلجھڙي لات، ھت ڪان ڪان ڪرين ٿو سا ٻولي نجان ڪن جي.

3. توکي ٿو جڳائي شان موچارو، تہ ٽيئي پڪين پر مان موچارو،
طلب چگي ڪر تات، ڏس تون چوائين ٿو ذات چگن جي.

4. اي "منڌار" سرتون سجاڻج، پٽون جو پاتار جو سو پارس آڻج،
پوءِ پرھہ ڏٺي پرپات، قيمت ملندئي کوڙ لکن جي.

ڪافي. 100

ٽلھ: گڏجڻ تنھنجو اڳ نہ گھران ٿو، ڪج تون اسان جي سا يار يادگيري وو!

1. تيتر ھجين تون ڏور ڏسڻ کان، آئون ڏينھڙا گذاريان پراھون پسڻ کان،
اھو تہ اوھان کي عرض ڪريان ٿو، تہ ھجي حب تونڌانھن فراق فقيري وو!

2. آھيان آئون ويچارو اُميدن وارو، جنھن منجھہ منھنجو مقصد سارو،
سا دل ۾ اميدڙي روز ڏريان ٿو ٽئيم نصيب تنھنجي سڪ سر سيري وو!

3. جيڪا رکي اٿر روح ۾ رتائڙي، سا پوري ڪندون تون سنديم سکائڙي،
آئون ويساھ انھي جي پاس پر ان ٿو، تہ پڄندي مراد منھنجي اھا اکسيري وو!

4. چئي "منڌار" ملج تڌاھون، ويل سڪرات جي اينڊم جڌاھون،
آئون تڏھن طلبيندیس تہ موت مران ٿو، ھاڻي اڃي رس رھبر ھي آھي اخيري وو!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 101

ٽلھ: سفر ڪنديس آئون سويري، ملي ڪيچي من ڪوھيارو.

1. منجھ پنيور جي بازار، آيو سوداگر آرياڻي،
وٽڻ واپار جي ڪارڻ، آئون خوش ٿي ويس ڪٽياڻي،
آئون وڏي گھر جي ٻڙي! جيڏيون.
آئون وڏي گھر جي ھيس وڏيري، لڳي ويئر نينھن جو نظارو.

2. ھيس ھنڌواڻي اصل ڪان، پانيڻ جي پيٽ ڄائي،
شھر پنيور ڪٽين ۾، آئون سورن لاءِ سامائي،
گھڻي گوندر ٻڙي جيڏيون!
گھڻي گوندر آھيان گھيري، جو آيو مون ورھن جو وارو.

3. چنوءِ اڇي ڪري چرڻيون، پٽيل پائي جدائي،
ماريندو تنھن منافق کي، نانگ ڪير شل ڪائي،
وڃان ويندو ٻڙي جيڏيون!
وڃان ويندو اھو ويري، ھاوي منجھ ھچارو.

4. وس واڪا ڪرڻ واجب، لاءِ ڪوھيارل ڪيڏا،
ڏک ڏونگر جا قبوليئر، ھوت پنھل لاءِ ھيڏا،
حب سنديس ٻڙي جيڏيون!!
حب سنديس آھيان ھيري، جو سڪ سمھڻ ويوم سارو.

5. چئي "منڌار" منھنجي لاءِ ھوت ڏي، ھلڻ ھدايت،
جي پھتيس جام پنھل کي، تہ ڇڻ ٽيئر نصيب نيامت،
نہ تہ بہ آئون اڳيري ٽيان ٻڙي جيڏيون!
نہ تہ بہ آئون اڳيري ٽيان لڳيري، پوءِ ھوندو جيڪو سندم ستارو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 102

ٽلھ: مون عاشق جو اچڻ اوھان ڏي، ڪھڙي بابت بند ڪيوئي.

1. مون ڪي محبوب پيارا! تو پيند پيرن منجھ پايا،
پورا پاڻ ڪرين ٿو، روح پنھنجي جا تون رايا،
وڃان ڪاھي منھنجا سائين! وڃان ڪاھي ٻيڻ ڪاڏي،
وجھي منجھ قيد، ڪمند ڪيوئي.

2. مون ڪي محبوب تو ڏارا ساعت ڪانھ سري ٽي،
منھنجي دلڙي فراق ۾ ڦاٽيو، ڏاڍي ڏک ۾ ڏري ٽي،
جنھن جي طلب منھنجا سائين! جھين جي طلب توھان ڏي،
تنھن کي نہ ڪنھن رستي رند ڪيو ئي.

3. تنھنجي جدائي ۾ جانب، ڏکيا ڏينھن گذاريان،
روئندي روئندي ڏينھن راتيون، گھٽن ڏکن منجھ گھاريان،
اچن سوَ سور منھنجا سائين! اچن سوَ سور اسان ڏي،
اھو وري پاپ پسند ڪيوئي.

4. چئي "منڌار" مليون تون مون کي، جانب جيڪر جڏاھين،
ھوند ورھ وٽان مون وڃن، سي آئون تازو تيان تڏاھين،
لقب جھڙو منھنجا سائين! لقب جھڙو ھجي لاڏي،
تيئن چڻ منھنجو حج، ھن ھنڌ ڪيوئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 103

ٽلھ: عمر! اڄ خواب ۾ آيو، مارو مير اسان جو.

1. اڄ مون ڪي آئي ھئي، نہ وي ننڊ نيرن ۾ وي ميان!
تہ اچي خواب ۾ ڪيت مواريان، تہ اچي خواب ۾ ڪيت چڏايو.
ڀڄي زنجير اسان جو.

2. سهڻو لڏم عمر سائين! پنوهار ڪيس پنهنجي وي ميان!
مون کي جنهن ماڳ مواريان، مون کي جنهن ماڳ رسايو،
جو ملڪ مليسر اسان جو.

3. هيس جنين جي، نه وي ٿيس تنين جي، وي ميان!
قادر قيد مواريان، قادر ڇيد ڪٽايو،
ڇڏو سريراسان جو.

4. چئي "منڌار" نه وي اٽر، اميدون وي ميان!
ته ٿيندم سانگ مواريان، ته ٿيندم سانگ سجايو،
سبتو سير اسان جو.

ڪافي. 104

ٽلهه: هٿيار حسن جا يار ڪٽي اچي عاشق کي سنگسار ڪيئي.

1. جلوي دار تون يار اظهار آهين! تنهنجي دهشت داب جهلي نه ڪهين،
هن طالب تي اچي وقت تهين ڪوجو توجهه نظر قهار ڪيئي.

2. منهن محراب ۾ ڪو اسباب آندءِ، ابرو تيغون تراريون تاب آندءِ،
خوني نيڻ ڪٽي بٽچيون ٻاڻ هٽي، اچي سڪندڙ ماري شڪار ڪيئي.

3. نڪ جو نشان نروار ڪري! ٻولڙ ڏند زبان اظهار ڪري،
ڪنهن تقدير ڪنون کو زنجير وجهي منجهه زلف جي گرفتار ڪيئي.

4. جڏهن يار تنهنجو ديدار ٿيو، پوءِ بدن منهنجو بي قرار ٿيو،
جنهن کي عشق آزار سو ناهي حيات، ممات وانگي "منڌار" ڪيئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 105

ٽلهه: اڄ تہ ڪريون ڪاڪ تي راڻا رهاڻيون،
مون کي ڏک ۾ ڏينهن ويا لنگهي، ٻيون راتيون وهاڻيون.

1. ڪوٽ قصر ڪاڪ جا، محل ٻيون ماڙيون،
اڇي نواز تہ ٽين، نيون جايون پراڻيون.

2. تولئہ سوڍا! سيج پلنگ تي، رکيم سرهاڻيون،
سي گادن متي گلن جون، ڪليون ڪوماڻيون.

3. تولاءِ روشن ڪريان، رات جو ڏيا ڏهاڻيون،
سي بتيون تيل قليل جون، اڇي اجهاڻيون.

4. منهنجي ميڙ ائي "منڌار" چئي لڄون نياڻيون،
مون کي معاف ڪجان مينڊرا! ڪروڙ ڪاڻيون.

ڪافي. 106

ٽلهه: اڇي تون مير مينڊرا! وڃين متان وري،
نہ تہ سوڍا، انهي سور ۾ مومل ويندئي مري.

1. آئون تہ اصل ڪان آهيان ميان! چال جي چري،
تہ بہ سوڍا سيس تو سندي توڙي عيبن پري.

2. ايڏيون ميارون مسڪين تي سائين! ڪامل ڇوڪرين،
مون کي راڻا راڻي تون ڪجان نہ تہ بہ گولي گوجري.

3. تنهنجو ڏمر ڏاڍائي ڏسي منهنجي حجت ٽي ڍري،
هاڻ ڪامل ڪر قبول تون منهنجي نياز جي ذري.

4. تنهنجو ماڻو ڏسي "منڌار" چئي منهنجو ڏيل پيو ڏري،
مون کي ڏي ورائي ولها! دلاسو دلبري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 107

ٽلهه: مون کي مينڊرا! مارين ٽيون رسڻ جون باتيون،
تون وڃيو ٻي ولايت ۾ رهين ٽو راتيون.

1. ڪوٽ اندر ڪاڪ جي پاتئي جي جهاتيون،
سي سوڍا! سڪندين کي ٽيون ڪپين ڪاتيون.

2. جي مون ڪروڙيون ڪاڪ جي ماڙين تي لاتيون،
سي تو بناتر جيترو ٽيون کين ڪمائتيون.

3. راڻا تنهنجون ريتون مون ڇڻيءَ نہ ڇاتيون،
تون ڏٽي ويئن فراق سين ڇوريءَ جون ڇاتيون.

4. هي وٽون ڏينهن الست جي پلئه مون پاتيون،
سي اڇين مليون "منڌار" ڇئي ڏکن جون ڏاتيون.

ڪافي. 108

ٽلهه: لڏاڻي ۾ لاءِ تنهنجي راڻيون روئن،
تن کي محل ماڙيون ٻيون وسريو وڃن.

1. راڻا رسي تو ڏنو جو گونڊر گجرين،
اهي سوڍا انهي سور ۾ ٽيون ويڳاڻيون وتن.

2. ڏٺ ڏٽي ڏکي اڇج تون عيب اگلين،
راڻا رحم پنهنجو کو موٽي ڪر مٽن.

3. تن کي پلنگ ۽ پٽراڻيون نہ وهاڻا وٽن،
سي ڪٽن مٽي ڪير توکان پوءِ نٽيون پين.

4. سي حج شريعت[1] هاڻ توسان ڪاڻياريون نہ ڪن،
جي موٽي ملين "منڌار" ڇئي تہ مولون مرڪن.

---

[1] شراڪت = ٻيلهه.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 109

ٽلهه: سوڍي بنا ڙي سرتيون! اڄ ڪاڪ ٽي ڪڙي،
مون ڪان راڻو رات رُسي ويو، منهنجي جنهن سان جيءَ جڙي.

1. آيـــر آب اکيـــن مـــان ڳلـــن تـــان ڳـــڙي،
ســـرتيون! ســـج اياريم راڻـــي جـــي لاءِ رڙي.

2. اديـــون! آئـــون اڳ هيـــس جـــا خوشـــي ۾ ڪـــڙي،
هـــاڻي ٽـــي ســـنيالياں ســـرير ۾ هـــن ڏڪـــن جـــي ڏڙي.

3. آهي موت کان مشڪل گهڻو هن گوندر جي گهڙي،
ســـا اچـــي لڳيـــر انـــدر ۾ تنهـــن درد جـــي ڏڙي.

4. هـــاڻي جي نـــ مليو ميندرو مون ڪي بيهارئون بـــڙي!
تـــ مـــري ويندين "منڌار" چئـــي ان ســـور ۾ ســـڙي.

ڪافي. 110

ٽلهه: ليلـــيٰ! ۾ لڪـــي، مجنـــون عشـــق مـــاريو،
تنهـــن ڪـــي برهـــ باهـــ مـــان ڪـــڍي، مـــاري جيـــاريو.

1. عاشـــق ڪـــي اچـــي، تـــن ڏڪـــن منهـــن ڏيڪـــاريو،
جنهـــن تـــي بنيـــڙا بـــاهيون، ٽـــي عشـــقي اجـــاريو.

2. جنهـــن ڪـــي عشـــق امـــر يـــار جـــو، ســـڏي ســـيڪاريو،
وليـــون ويـــس ويڙهجـــي، هـــو بـــر هـــي بهـــاريو.

3. جنهـــن انـــدر ۾ اســـباب، ڏوســـت ري نـــ ڏاريـــو،
تنهـــن ســـاجن ڪـــي ســـرير ۾، واري وهـــاريو.

4. تنهـــن مقـــال محبتـــي، جـــي دم نـــا وســـاريو،
اي "منڌـــار" مشـــتاقن ڪـــي، ســـڪ ٽـــي ســـڏاريو.

Gul Hayat Institute

تار داڌارو

راڳڻي راڻُ

ڪافي. 111

ٽلهه: لاءِ پسڻ ليلئ جي، هو مجنون مستوار.
وڃا وهه پيو ڇڏي، ڏسو خيال جو خمار.

1. صورت منجهه فنا ٿيو، جنهن کي ياد نا سنسار.
رڳن رت سڪي ويو، ڪيو نينهن نگهوسار[1].

2. جنهن کي منهن منجهان محبوب، پنهنجي حرف چيو هڪوار.
وليون ويس ويڙهجي، ٿي بيٺو هو بردار.

3. وس نه سندس وار جو، هو عشق جو اختيار.
وڃيو ڏي وجود تان، پنهنجي لحر کي لک وار.

4. تنهن عاشق جو آهي گهٽو، بيان بيشمار.
تنهنجي ڪندو ڪيتري، مقال سا "منڌار".

تار داڌارو

راڳني بلاول

ڪافي. 112

ٽلهه: چؤقبلي چوڌاري ڏسڻ ۾ ٿو اچي نظر ۾ طبل تنهنجو.
هر هنڌ نينهن جو نغارو سو وڄي گهر گهر ۾ طبل تنهنجو.

1. عرش فرش، آسمان، فلڪ ۾، هن هر هر ۾ طبل تنهنجو.
تارن نڪٽن قطب ڪتين ۾، شمس قمر ۾ طبل تنهنجو.

2. خاڪ مٽيءَ واءُ هير هوا ۾، باهه بحر ۾ طبل تنهنجو.
جيت جياجڙ پکي پکڙ سب ڪنهن شجر ۾ طبل تنهنجو.

[1] نگونسار = نبل.

راڳڻي برورو
تار اولنگهه

3. ديو، ملائڪ، حورون پريون جن لشڪر ۾ طبل تنهنجو،
هندو مسلم حڪم جا بندا هر مظهر ۾ طبل تنهنجو.

4. پيد[1] ڪتاب پڙهن ڪاشيءَ ۾ اُن شاستر ۾ طبل تنهنجو،
توريت، زبور، انجيل، قرآن جي اڪر اڪر ۾ طبل تنهنجو.

5. آدم، ابراهيم ۽ موسيٰ پيغمبر ۾ طبل تنهنجو،
بخت نصر، نمرود، سليمان ۽ سڪندر ۾ طبل تنهنجو.

6. ڳوٺ وسيون سڀ واهڙ ڳوليم تہ سڀ ڪنهن شهر ۾ طبل تنهنجو،
جهنگل، جبل، بيابان پٽيون رُڄ رڙ ٽر بر ۾ طبل تنهنجو.

7. بادل ميگهہ ملار گڙن ٽا، اُن اُهي ابر ۾ طبل تنهنجو،
مينهن وسڻ وڻ گاهہ چمن، پاڻي ۽ پٽر ۾ طبل تنهنجو.

8. مور اصل "منڌار" تہ ڪونهي آهي اندر ۾ طبل تنهنجو،
هن ساز سرور سلوڪ حقاني چوڻ اثر ۾ طبل تنهنجو.

راڳڻي بلاول
تار داڏارو

ڪافي. 113

ٽلهہ: سميع بصير ستار تون آهين، رب رحمان لقب تنهنجو،
ڇا تعريفون چوندو تنهنجون، هي انسان لقب تنهنجو.

Gul Hayat Institute

1. تون قادر زابر ڪل تي آهين، حق جلشانہ لقب تنهنجو،
والي واحد نام قهاري، ڏڻي ديان لقب تنهنجو.

---

(1)

2. احد الله عظيم تون آهين، عاليشان لقب تنهنجو،
خالق خاوند پاڪ خدا تون جوڙين جهان لقب تنهنجو.

3. تون رزاق ڪل ڪي روز رسائين حي حنان لقب تنهنجو،
رحيم ڪريم غفور تون آهين، سوئي برهان لقب تنهنجو.

4. بيمثلي، بيچون تون آهين، ۽ لامڪان لقب تنهنجو،
توريءَ سڀ شيءِ فاني ٿيندي، ۽ بقا بيان لقب تنهنجو.

5. توکي هندو ٿا هر نام چون، بي انت پگوان لقب تنهنجو،
ڪل هنڌ تنهنجا شان ڪروڙين، صحيح سبحان لقب تنهنجو.

6. چئي "منثار" بنايل بندو تے سچ سلطان لقب تنهنجو،
بخش هدايت هادي هن کي، جو ڏيندڙ دان لقب تنهنجو.

ڪافي. 114

تلهه: لامڪاني ٿو لقب چوائين، هر ملڪ مڪان ۾ تون آهين.

1. الانسان سري و اناسرهُ اتي انسان ۾ تون آهين،
ونحن اقرب وجود ۾ نبضن جي نيشان ۾ تون آهين.

2. انا احمد بلاميمي، بنان گمان ۾ تون آهين،
احد احمد هڪ هيڪڙائي نبي زبان ۾ تون آهين.

3. الله نور السموات أت آسمان ۾ تون آهين،
والله بڪل شيءِ محيط سڀ جوڙ جهان ۾ تون آهين.

Gul Hayat Institute

4. هر هنڌ پنهنجو حڪم هلائين، سڀ سلطان ۾ تون آهين.
هر مظهر ۾ تو هوليون هوليون ان بات بيان ۾ تون آهين.

5. آدم ڪعبو گهر تنهنجو دل جي دڪان ۾ تون آهين.
ماڳ ڪيئي مخلوق ۾ سو پساهه پران ۾ تون آهين.

6. مور اصل "منڌار" تو ڪونهي هن بتخان ۾ تون آهين.
پاڻ سڻي تو پاڻ ڏسين تو ڇپ الهان ۾ تون آهين.

ڪافي. 115

ٽلهه: خاڪ جي چولي ۾ جو بولي اهو آواز الائي ٿو ڪير؟
آواز سڻي ٿو ڏسي پسي ٿو ههڙا هنر هلائي ٿو ڪير؟

1. الانسان سري واناسره. اهڙا لفظ لکائي ٿو ڪير؟
ونحن اقرب، ويساهه ڪريو، سڀ رڳ منجهه سمائي ٿو ڪير؟

2. والله بڪل شيءِ محيط، سڀ ۾ سير ڪمائي ٿو ڪير؟
ڪل جي ڪايا ۾ قدرت جو نوبت ناد وڄائي ٿو ڪير؟

3. انا احمد بلاميمي، هولي هيءَ ٻڌائي ٿو ڪير؟
ميم جو اولو ڪير ڏکي ٿو محمد نام ڏرائي ٿو ڪير؟

4. عاشق ۽ معشوق بنايو، اکيون اکن سين لائي ٿو ڪير؟
محبت باهه برهه جون باهيون دل ۾ دود ڪائي ٿو ڪير؟

5. صورت ۾ سبحان لذيت پايو رمز رکائي ٿو ڪير؟
رنگ ۾ بيرنگ رلجيورل مل پنهنجو پاڻ لکائي ٿو ڪير؟

Gul Hayat Institute

راڳڻي بلاول

6. هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ بازي هيءَ بنائي ٿو ڪير؟
سالڪ هوئي کو سجاڻي سمجهي ته محبت مينهن وسائي ٿو ڪير؟

7. مور اصل "منڌار" ته ڪونهي هي قلبون ڪافيون ڳائي ٿو ڪير؟
ڳول ڳجهارت ڳالهه انهي جي ته سمجهه، سلوڪ سڏائي ٿو ڪير؟

ڪافي. 116

ٽلهه: نوڪر چاڪر تابع تنهنجا تخت دليون تاڻي ٿو ڪير؟
بنا ڪشالي ڪنهن قدرت سين هي عمارتون آڻي ٿو ڪير؟

1. الست بربڪم، قالوا بلي، سيڪا جوڙ ساماڻي ٿو ڪير؟
ڪل نفس ذائقة الموت، ان جا روح اماڻي ٿو ڪير؟

2. صورتون سنسار سڄي جون ڏيو وراڪا واڻي ٿو ڪير؟
ويهي ڪلني وجودن اندر سي محلاتون ماڻي ٿو ڪير؟

3. هٿ پير اکيون ڪن عضوا انگڙا هيئن هلاڻي هاڻي ٿو ڪير؟
ارڙهن هزار عالم جا تن کي صحيح سجاڻي ٿو ڪير؟

4. عدل عدالت کيو انصاف سين ڳالهيون چندي چاڻي ٿو ڪير؟
جيئن وڻي تيئن پاڻ ڪري ٿو پنهنجو خيال پلاڻي ٿو ڪير؟

5. مام سمجهه "منڌار" اهه، ڏس هنر هزارين چاڻي ٿو ڪير؟
ڪل ڪر پنهنجي قدرت سين ڪريو راس رساڻي ٿو ڪير؟

Gul Hayat Institute

ڪافي. 117

تلهه: ڳوليو ڳوليان مسجد مڙهيون تہ سڀ هنڌ سائين تون آهين،
هردي اندر هو هو الله، آپ الائين تون آهين.

1. زير زميني، اُپ آسماني طبل وڄائين تون آهين،
هر مظهر هر جوڙ جنس ۾ حڪم هلائين تون آهين.

2. ڪٽي تہ ميم مرسل محمد نام ڌر ائين تون آهين،
انا احمد بلاميمي بول بڌائين تون آهين.

3. الانسان سري و اناسره لقب لکائين تون آهين،
پاڻ سڏين ٿو، پاڻ ڏسين ٿو پاڻ ڳالهائين تون آهين.

4. رنگ ۾ بيرنگ رلجيو رل مل پاڻ لکائين تون آهين،
بازيگر جيئن بازي پٽريو، ناچ نچائين تون آهين.

5. حال حقيقت ۾ تون هادي! اک اپٽائين[1] تون آهين.
هر مظهر ۾ هرجا پنهنجو پاڻ پسائين تون آهين.

6. ڪٽي تہ ڪيهين ڪٽي تہ ڪيهين بيڪ بنائين تون آهين،
ڪن منجهه ڪهڙي ڪن منجهه ڪهڙي رمز رلائين تون آهين.

7. آئون ڪي ڪين آهيان، ڪي ڪين اصل ڪان ڳائين وڄائين تون آهين،
هت نام اسم "منثار" ملڪ ۾ شعر سڀائين تون آهين.

---

[1] اپٽڻ = کولڻ، اپٽيان تہ انڊيون، پوريون پرين پسن، نوح سرور رحہ

Gul Hayat Institute

ڪافي. 118

ٽلهه: پاڻي پاڪ ڪندو نا توکي، پاڪ ڪندين پنهنجو ويساهه،
پاڪ ڏڻيءَ کان ٿي نه پنيرو پرت سچي سين ڪٿج پساهه.

1. ريءَ ويساهه وجين جي وهنجي ته به ڏوئندءِ ڪين ذرو درياهه،
ڪلمي محمد جي محابي ٿين ميرايون مڙئي مباح.

2. ذڪر ذري ايمان سين ڪلمو چيئي اعتبار سين اسم الله،
ته ڪنا پليتي پاڪ ڪندءِ سو لا اِلٰه الا الله.

3. آهر قدر ايمان سين ڪلمو لاهي ڏونگر ڏوهه گناهه،
چئي حديث حضرت محمد اُن جو شاهد شهنشاهه.

4. ڪٽڪ ڪٽي ايمان سين ڪلمو عشق منجهان جو چئي ارواح،
بيخوفو سو بهشت ۾ ويندو اُن کي کوهه ڪندو آڙاهه.

5. ڪلمو ڪوٽ محمد جو آهي، پاڻ ڏڻيءَ جو ڪيل پناهه،
تهدل طالب جو تحليل کي چئي سچائي سين سڀ ڪنهن ساهه.

6. پنڊت پڙهيا ملان قاضي ري ايمان گهٽا گمراهه،
اي "منڌار" نيت موچاري ڏيکارينداءِ رب جو راهه.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 119

ٽلهه: عجب نور الله ڏڻي پرور جو آيو.

1. مان محمد کي هو مليل، عرش مٿي پٽ ڪلمو لکيل.
عز رسول الله پيغمبر جو آيو.

2. طور سينا تي تجلو آيو، نور نهوڙي جبل جلايو.
اوهس ساڻ اهاءِ امل اڪبر جو آيو.

3. سو اڇي نور ڏنو مون نر ۾، مرشد محبوب مٺي منور ۾.
جنهن تي لقب شاهنشاهه سچي سرور جو آيو.

4. هي عرض جنهن کي "منڌار" ڪري ٿو، فضل، لطف احسان گهري ٿو.
ته نوري ڪج تون نگاهه ائون سوالي تنهنجي در جو آيو.

ڪافي. 120

ٽلهه: ساڳين نور نوران سچي سرور منجهه آهي.

1. جيڪا خلقت زمين زمن ۾، سي ارڙهين هزار عالم روشن ۾،
عرش زمينون آسمان، بر بحر منجهه آهي.

2. جنهن کي نوازي ڪري ٿو واصل، ته علم انجيل عقل سڀ حاصل،
توريت زبور فرقان سندس اکر منجهه آهي.

3. جنهن ته ڪنهن جو تخت پڙائي، ته پارس پالوٽ تنهين منجهه پائي،
جنهن سان ٽيئي مهربان نواز نظر منجهه آهي.

4. جنهن جو سوالي ٻانهون "منڌار" مدامي، ٻڌيو ٻانهون مجي غلامي،
ته مون سان به ڪندو احسان، اُميد اندر منجهه آهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 121

ٽلهه: عجب جوڙ جبار! تنهنجي مالڪ مختيارا.
عجب جوڙ تنهنجي جلشانا، عرش زمينون ۽ آسمانا،
شغل منجهه سنسار، شمس چند تارا.

2. خاوند ساري خلق بہ جوڙيئي، جن پريون ديو ملڪ بہ جوڙيئي،
عالم ارڙهن هزار جڳت جنسارا.

3. وڏي تنهنجي وڏا وڏائي، قادر قدرت عجب الاهي!
ڪندو ڪير شمار تنهنجا آهن پري پسارا.

4. تون منهنجو صاحب سڀڪي تو ڄاڻين، بيو ڪير عقل منجهہ آڻي،
ڇ حيرت منجهہ "منڌار" آهي هر وارا.

ڪافي. 122

ٽلهہ: دم دم ۾ ديدار، هادي تنهنجو عجب الاهي.

1. عجب الاهي عبرت آهي، ڪجهہ چوڻ جي قدرت ناهي،
اعليٰ تنهنجو اسرار، واهہ جا تنهنجي وصف وڏائي.

2. ڪريان ويچار وجود ۾ ويهي، تہ ڳالهہ ڳڻڻ کان پري وڃي پيئي،
ناهي ڇيهہ شمار، چوڻ منجهہ وري نہ وائي.

3. حب تنهنجي ۾ سو حيرانا، درد انهي ڪيا ڪئين ديوانا،
ٽيڙا مست هزار، واهہ جا تنهنجي محبت مٽائي.

4. سوالي "راڄڙ منڌار" تنهنجو، پينو سڪت مڳٺهار تنهنجو،
هادي تنهن سان هروار، پلا! ڪج ڪا يار پلائي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 123

ٽلهه: ڪوليو پريـنءِ نقاب، ڏڻـم ديدار گلابي.
منهن منور مهتاب رنگي رخسار گلابي.

1. تـل مـل شـامل نـور نسـورو اُپـري جيئـن آفتـاب نسـنگ نـروار گلابـي.

2. صورت سهڻي، يوسف ثاني جهڙو سو نبي جناب حسن هالار گلابي.

3. سهڻو سينگار سردار سبحاني ان جي صورت ڏسڻ ثواب جنهن تي جنسار گلابي.

4. ان نور ڏسڻ سين نشي ۾ ويڙس، جن پيتـم جام شراب صورت چوڏار گلابي.

5. توريت، زبور، انجيـل، فرقـان ٽيڙم قلـب ڪتـاب اڪر اظهـار گلابـي.

6. چئي "منشار" اسرار الاهي خوب ڏڻـم هيءِ خواب ٽي دلڙي بهـار گلابـي.

ڪافي. 124

ٽلهه: برهو آهي باز عقاب، شهباز شڪار ڪري ٽو.

1. وڙهنـدو وڏن ڪـن پهلوانـن سـان ڪريـو شـير شـتاب،
مٿيـرن جـو مـار ڪـري ٽـو.

2. ماري بادشاهه يا وزير يـا اميـرن يـا ماريندو نينهن ڪـو نـواب،
بـي سـان نـه تڪـرار ڪـري ٽـو.

3. سـيني ۾ سـاز آواز اُتـاري روءِ روءِ منجهـه ربـاب،
حـق انـل[1] اظهـار ڪـري ٽـو.

4. چئي "منشار" ويچار مـون ڪيڙو ان ڪي ڏيندو نـه عشـق عـذاب،
جنهـن ڪـي هـو سنگسـار ڪـري ٽـو.

---

[1] اناالحق.

ڪافي. 125

تلهه: عيش حياتي سپوئي خواب مثل هڪ ملڻ جو آهي.

1. اچڻ اڪيلو، وڃڻ اڪيلو، ڏيندا جملي ئي جيس جواب،
هيڙو سنگت هلت جو آهي.

2. دنيا دولت مڏيون ملڪيت، ڪوڙو ڪسب ڪساب،
گهڙيل گهاڻ گلڻ جو آهي.

3. موهه نفساني آخر فاني، جيئن رڻ پٽ وارو آب،
طلسم ڪوڙ تلڻ جو آهي.

4. سون هزارن لکن ڪروڙين ته به هڪڙي سين بدل حساب،
بيا نختا نابود نڻ نلڻ جو آهي.

5. ٿيءُ "منڌار" موتو قبل ال انت موتو عجاب،
پسارو اهو پلڻ جو آهي.

ڪافي. 126

تلهه: ڪر تون ورد وظيفو نالو نام خدا جو.

1. اسر انهين کي ني وي ميان! پيغمبر هو پڙهندو،
خاص خليل خليفو، سو محمد چار خدا جو.

2. اسر اندر کي ني وي ميان! ڪري تو انور الوالو،
سيکو روشن نور لطيفو، سو جنسي جام خدا جو.

Gul Hayat Institute

3. فاذكروني اذكر كم، اها آيت قرآن جي آهي،
چئي تو مصحف صحيفو، خاص كلام خدا جو.

4. اي "منڌار" مولي كي، پساهه پساهه ۾ پكار،
ته ٿيئي شرف شريفو، آهي اهو انجام خدا جو.

كافي. 127

تلهه: تون تون تند تنوار، كوئي اور الله رءِ ناهي.

1. اٺ ويهه سمهه سين، نالو نام خدا جو،
سپ كنهن دم سين سنپار، ٻيو گهر غلفت جو ڇڏ ڏاهي.

2. واقف وات انهين جو، سرور كٽ سڃاڻ،
پوءِ بي ڏيان سرت ساڻ ڏار، وڃ ٻيڙ كيم كاهي.

3. ركجا روح پنهنجي ۾، حق هيكڙائي خدا جي،
اُپٽي نيڙ نهار، اهو ڏسڻو ڏنو اٿئي ڏاهي.

4. هركي حرص هوس ۾، لذتن لاءِ دنيا جي،
واحد كيم وسار، ڦاس مَ فرعوني ڦاهي.

5. نفس ندورو نياڳو، ساڻ تلوار تحليل جي،
اي "منڌار!" مروتي مار، توكي چوڻ استاد جو آهي.

كافي. 128

تلهه: جيئرو ئي هن جهانوَن مري ڏس ته ملئي پوءِ حياتي.

1. كلمو لا اِلٰه الا الله محمد پاك رسول الله،
چئو ويساهه ايمانون، سو اسر نفي اثباتي.

Gul Hayat Institute

2. توکي مرشد هو فرمايو احد امين محمد سو،
پنهنجي پاڪ زبانؤن تے وجهه حق ڏانهن جهاتي.

3. موتو قبل ال انت موتو" مرد جي ٿيڙا،
آهن پردي بصر بهانئون، سي مور نه ٿين مماتي.

4. اي "منثار" مرد ٿي مارج، پنهنجو نفس نياڳو،
پوءِ آزاد ٿئين شيطانؤن، تون هجين پوءِ ذات ۾ ذاتي.

ڪافي. 129

تلهه: وجي پيءُ تون آب حياتي، هٿئون ساقي سرور جي.

1. ان آب حيات کيا اولياءَ، ڪامل قطب قلندر،
پيا صاحب ولي ولاتي، جو پيٽئون دستئون دنگ دلبر جي.

2. ان آب حياتي جو پيوڻ، تے هيءُ جڳ هو جڳ جيوڻ،
مور نه ٿيون مماتي، آهي سو ڪثر ڪنئون ڪوثر جي.

3. هٿئون حضرت جي پيوين، جام صراح جيئڻ جو،
جو اسر نفي اثباتي، سو وٺ ساڻ ايمان اندر جي.

4. وٺ "منثار" مرشد ڪئون، تهدل طالب پيالو،
تہ ٿئين پوءِ ذات ۾ ذاتي، منجهه داخل درگاهه پرور[1] جي.

---

[1] پروردگار = پالڻهار.

راڳڻي بلاول

ڪافي. 130

تلهه: بحر علم باطوني ڪي سالڪ تا سمجهن سارو.

1. لدنـي علـم انهـن کـي پـاڻ حڪيـم پڙهـايو،
گهٽيرو سـو گونـا گونـي، جنهـن جـو نڪتـو نڪتـو نيـارو.

2. علـم انهـي جـو نـي وي ميـان! انـت الله تـو چـاڻي،
جيڪـو بيمثلـي بيچونـي، تنهـن کيـن اسـتاد اشـارو.

3. اهو سمجهڻ سوکو تنهن کي، هوئي اثر ادب جو جنهن کي،
هوئي صابر صبر نمونـي، ونـي سـو تحفـو طـالب سچارو.

4. ويچـاري "منڌـار" کـي مرشـد، سـرور سـبق ٻڌايـو،
سـا سٽ سمجهـڻ اونهيـن، اهـو سمجهـان مـان سـيپارو.

ڪافي. 131

تلهه: بحر برهه جو شوق شاهي چت تي روز چڙهي تو.

1. دل جـي تخـت تـي وينـو پنهنجـا حڪـم هلائـي،
برهـه کريـو بادشـاهي لاڳيتـن سـين لڙي تـو.

2. دنگئـي دشمـن سمجهيـو، جوڌـي جنـگ انهـن سـين،
کريـو سـاڻ سـپاهي، تـن کـي دور تـڙي تـو.

3. مـن منهنجـي تـي نـي وي ميـان! مـوج کـري تـو الوالـو،
زابـر عشـق الاهـي، پنهنجـا گهـاٽ گهـڙي تـو.

4. چئـي "منڌـار" ويچـارو، ٻـڌان تـو نينهـن جـو نغـارو،
فتـح کـرڻ جـي سرهائي هـاڻ پنهنجـا مکـان مڙهـي تـو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 132

تلهه: سڏندي ئي نينهن جو نغارو، ڏي پيا هزارين مستانا.

1. حسن حسين شهزادا، فرزند علي حيدر جا،
وٺي درجو شهادت وارو، ڪيائون ڏي سر قربانا.

2. ڪي ته مري پيا ماڳهين، سڏي آواز جو عشق جو،
ڪن جو حال ويچارو، جي وتن دنيا ۾ ديوانا.

3. هوا جن جا درونا جهڙا، تن ڪيا ڪشالا تهڙا،
هو جن کي جهڙو اشارو، تن ڪيا تهڙا بهانا.

4. جيئڻ نه جڳ ۾ هين جو، مرڻ مداڻ نه تنهن جو،
سو مجروح مثل "منڌارو" ٿو چئي دردن جا داستانا.

ڪافي. 133

تلهه: ڏان ڏان دهشت وارو، برهه بهادر آيو.

1. سؤ لک سيهاڙ پچي ويا، ڪڪ ٻڏي ڪيهر جي،
شير ڪيو ڏڏڪارو، جهنگل ٻيلو خوف ڏڪايو.

2. حاڪر حشمت وارو، عشق اسان سر آيو،
جنهن جو هيڪ اشارو، وجهي ٿو ناٽ نمايو.

3. دل منهنجي تخت تي، حضرت عشق هٿن سان،
نوبت شاهي نغارو ويهي اچي پاڻ وڄايو.

4. چئي "منڌار" فنائي، برهه ڪئي بادشاهي،
فتح ڪيئين ملڪ سارو، پنهنجو حاڪر حڪم هلايو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 134

ٽلهه: پرواني جيئن پچن تا، سمجهه مثال سچن جو.

1. جيڏهين سمجهن وي ميان! جوڪو جان سندي جو،
اها ونيو واڻ وجن تا، اهو قرب ڪمال هي تن جو.

2. محبت مچ سان جني جي آهي الستوڻ الو الو،
اهي سمهان[1] آڳ اچن تا، عجب خيال انهن جو.

3. اهي سر ڏيڻ تي پي سرها، سيج مثالو الو الو،
هٽيو نعرو نچن تا، اهو ڪم نه مجال ڪچن جو.

4. مڙڻ "منڌار" تني ڪي، مرڻ ڪان مهڻو الو الو،
جيڪي انهين روپ رچن تا، تين وصال اڪين جو.

ڪافي. 135

ٽلهه: دل تي درد ديوانو تڏهن اڪين آب وهايو.

1. طالب حق جا ٻڌاسون، سور جني تي گهٽا هئا،
بيحد تني جو بيانو، ته به اُن وڻ صبر سمايو.

2. مرڪ مرد ڪي نه وي ميان! آهي مناسب الو الو،
هوئي جيئن سو پتنگ پروانو، وڃي تيئن پاڻ پچايو.

3. روئڻ نه واجب وي ميان! مطلب مان ڪي الو الو،
آهي من تي مچ مستانو، تڏهن منهن لاچار لڪايو.

4. چئي "منڌار" وي يارو! وس ڪان ويس ويچارو،
لڳڻم ڪان ڪمانؤن، تنهن عضون ڪي آهي ايذايو.

---

[1] سامهان

Gul Hayat Institute

ڪافي. 136

تلهه: مٺي محبوب جو آهي، منهن مهتاب گلابي.

1. الانسان سري و اناسره، الو الو،
ڪوڙ قرآن ۾ ناهي، لهي ويو حساب حسابي.

2. هت هت هيڪ ني وي ميان! نور نظارو الو الو،
اسر گاهي، جسر گاهي، فقط نقاب نقابي.

3. ڏنو توحيد ۾ طالب، حق هڪڙائي الو الو،
ناهيو تو حبابڙا ڌاهي، نه ته آهي خود آب عجابي.

4. چئي "منڌار" ني وي ميان! صحيح سجاتر الو الو،
غير دليل ٻيو لاهي، هيءَ ڏسڻ ثواب ثوابي.

ڪافي. 137

تلهه: ڳجهڙيون ڳجهڙيون ڳالهيون سالڪ تا سمجهن ساريون.

1. بحر باطوني لدني علم ٽين امدادي،
نيون نيون سڻون نرالیون، سرور کين سيکاريون.

2. حال حقيقت جني جو، هيءَ آهي ميدان اني جو،
واڻون سي وحدت واليون ڏس مرشد جي ڏيکاريون.

3. ڏيل انهن جا ڏٻرا، لحم لگن تان لهي ويو،
اکيون سندين آليون، روز روئن سي ويچاريون.

4. اي "منڌار" مرشد جي، اُن ساڻ ٻال ٻلائي،
جن کي پرم پيالیون، پير مغان پياريون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 138

تلهه: ڪير ويري آهي، ڪير واهرو، ڳولي ڳجهارت ڏس تون.

1. ڪير وڙهندڙ ڪن سان، ڪير پڇندڙ ڪن ڪوءَ،
ڪير سورهيه ڪير ڪانهرو[1]، اها اشارت ڏس تون.

2. ڪير مارينڊڙ ڪنڪي، ڪير رکندڙ ڪن جو،
ڪيي باطن ڪير ظاهرو، ڏي تو مدارت ڏس تون.

3. ڪير سڏيو ڏي ڪن ڪي، ڪير نپائيندڙ ڪن جو،
ڪير اندر ڪير باهرو، سمجهي ستار تہ ڏس تون.

4. ڪير پينار پنڊ جو، ڪير ڏاتار ڏيڻ جو،
ڇوءَ قبلي ڇوڏار، تنهن جي تجارت ڏس تون.

5. اي "منڌار" ڪير مخفي، حال پائي هر ڪنهن جو،
ڪير محرم ڪير ماهرو، ڏوڙي ڏتارت ڏس تون.

ڪافي. 139

تلهه: روح منهنجي منجهه رايو، تہ ڪريان ڪيچ ڏي ڪشالو.

1. روز ميثاقوءَ منهنجو، پيچ پنهل سان الو الو،
رل مل روحڙو رلايو، محبت جو پائي مشالو.

2. ڏوري ڏونگر ڏسيون، درد دکن جو الو الو،
اکين مان آب وهايو، چونديس روئي رسالو.

[1] ڪانئر

3. پينرا پنهور کان نڪري، جهنگل جبل ۾ الو الو،
ڪنديس پنڌ پچايو، جو نٽي لهي تانگهه نه تسالو.

4. چئي "منڌار" ملنديس، اڻ اميد اهائي،
مون کي سفر انهن جو سعيو، من ورسان ٽئين وصالو.

ڪافي. 140

ٽلهه: پنهل پچڻ آئون ويندیس، ڪيچ مڪران ۾ ڪاهي.

1. سڏيم ساهيڙيون جني کي، صبح سوارو تني کي،
پنهنجي زبانؤن چوندیس، سفر جي لاءِ صلاحي.

2. نه ته به عشق آريءَ جوڙي اديون مون سين رفيق رجن ۾ الو الو،
سونهون ساڻم نينديس، چپر جبل پوءِ چاهي.

3. هلن هدايت پائئيان، رستي راهه انهين ۾،
مارڳ مسافر ٽيندیس، ايرادو اندر دل آهي.

4. چئي "منڌار" ملنديس، اڻ اميد اهائي،
نه ته به صدق سر ڏيندیس، پيو لوڀ حياتيءَ جو لاهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 141

ٽلهه: منهنجيون سرتيون ساهيڙيون ساريون، ڪا هلندي هوت پنهل ڏي؟

1. رت پياڻيون منهنجيون، اوهين نه اصل ڪان ڙي اديون!
آهيو پينرون ڏرم جون ڏاريون، مون سان پري هلو پير پرمل ڏي.

راڳڻي بلاول تار داڏارو

2. پيـــنر پنيـــور شـــهر ۾ پنهـــل پچاڻـــان اديـــون اديـــون،
هـت م وهـو هـاڻ هـاريون، هلـي جهـاڳيون جـوءِ جبـل ڏي.

3. ڪريـــو همراهـي هلـڻ جـي تـــ ورڪـي ولايـت ۾ ووڙيـــون،
هلي نـوان نـوان ملـڪ نهـاريون، ڪريـون ڪشالا ڪنـديل ڏي.

4. چئـــي "منڌـــار" مجيندي ـــس، لک احســـاس اوهـــان جـــا،
هي گهڙيون گڏ پلک گذاريون، آئون آهيان مسافر موت اجل ڏي.

راڳڻي ڪانرو تار داڏارو

ڪافي. 142

تلهـ: چيـو مـون کي مرشـد امين محمـد زبـان سـين،
تـــ دم جـدا متـان تيـن، رب جلشانـــه ســين.

1. چي تـون م وسـارج خـدا، توکـي رب نـــ وسـاري،
فـاذڪروني اذڪرڪـم، هـيءَ آيـت قـرآن سـين.

2. چـي نفـس ۽ شـيطان کـان، بيـزار تـي پچـي،
۽ روح رسـائج پنهنجـو، مـالڪ منـان ســين.

3. جـي هسـتي هـوڏ هئـڻ، سـڀ وجـود مـان وجـاءِ،
موتـو قبـل آل! وڃ مـري، جيئـرو ئـي جهـان سـين.

4. "منڌـار" کـي مرشـد اهـو ڏس، هـو سـچو ڏنـو،
تـ چئـو لا اِلـه اِلا الله سـو ويسـهـ ايمـان سـين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 143

ٽلهه: اسم جو آواز اِلٰه الا هو الله.
اهو ناد نغارو وجود ۾ وڄي ٽو واهه واهه.

1. تندن منجهه توحيد، پڙهي ساهه ۽ پساهه،
روءِ بروءِ رهاڻ ۾ آهي بيٺو بادشاهه.

2. منجهه لطيفن، لا اِلٰه الا الله آهي،
ڪن مڪانن منجهه، محمد رسول الله.

3. آب حيات جو وهي ٽو، دل مٽي درياهه،
پيٺو جن پريم، مرڻ ان مٽان مباح.

4. "منڌار" ڪي مرشد ڏسيو، هيءَ رند خدا جو راهه،
ڪيو امين محمد اهو، نواز جو نگاهه.

ڪافي. 144

ٽلهه: برهه بادشاهه جا ڏاڃا ڏڃي ويا،
نيهن جا نغارا نوبتون، وجود ۾ واڃا وڄي ويا.

1. زابر عشق آئيو، دل واري تخت تي،
نفس تنهن نادان جا، خيما کڄي ويا.

2. جڏهن شير پيلي ۾ ڪجيو، تڏهن گدڙ گم ٿيا،
تنهن جوءِ مان ٻيا جانور، بيشڪ پڄي ويا.

3. هاڻي حق حقيقي هو الله، هر هنڌ هيڪڙو،
بي هستي هوڏ هئڻ، هارجي هجي ويا.

4. جيڪي من مٽي "منڌار" جي، هئا نفسي رايا،
هاڻ سي سپيئي شرمائجي، وري ٿي لڄي ويا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 145

تلهه: صورت منجهه سواد عاشقن کي آئيو،
اتان نظارو نينهن لاهوتين ٿي لائيو.

1. حسن کي هادي جنين کري کمائيو،
ته منزل معرفتيءَ ۾ تن پير پائيو.

2. تن سالڪن سلوڪ، صورت ۾ سجهائيو،
ته حضرت حسن انهن کي، رهنما رسائيو.

3. هستي هوڏ هئٽ، تن وريامن وڃائيو،
نيٽن واري نور کي، ان سر نمائيو.

4. اي "منڌارا" مڙن کين، ڏسي رب جو رايئو،
قرب ۾ قربان ٿي، تن سر سنباهيو.

ڪافي. 146

تلهه: عشق عاشقن جا هئا سرير ساڙيا،
سي وري سنرا نه ٿيا، جي قرب ڪاڙهيا.

1. کي فرهاد جيئن هئا، جن ٽڪر ٽاکيا،
کي عطار ۽ منصور سوريءَ تي سلهاڙيا.

2. هير زليخان عشق ۾ ٿي آئيون عورتون،
کي مجنان محبتي جن ڳوڙها ڳاڙيا.

3. نينهن نمايا، گهٽا امير عقلدار،
سي رضا ۾ رند، هئا لکين لتاڙيا.

4. اي "منڌار" کيا مجروح کئين هن برهه بي قياس،
۽ حسن جي هٿيار، ان جا ڦڦڙ ڦاڙيا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 147

تلهه: سڪ صبر نه ڏي مون کي، لنوڻ ڪيئن لڪائيان،
تڏهن دانهن درد جي، تو ٻڌهه ڪيو ٻڌائيان.

1. تا عشق جا آڙاهه، دل منهنجي مٿي ڏڳن،
بنا آب وصال جي، آئون ڪيئن اجهائيان.

2. تا ڦٽ فراق جا مون کي، آزار ڪن اڃا،
طبيب جا تڏهن، تيو پيچرا پچائيان.

3. ٻاڻ ٻاهر نه ڪڍ، سا منع ڪيائين مون کي،
سا نصيحت گهٽيئي نيڪ، آئون پنهنجي وس ۾ ناهيان.

4. "منڌار" تي ميار، رکڻ نا ذرو روا،
هن حال جي هيءَ ڳالهه، تو سموري سڌائيان.

ڪافي. 148

تلهه: دوستيءَ جي دين جو اهڙو اسلام آهه،
صدق سر ڪرڻ ڪنان، هٿجڻ حرام آهه.

1. تيا سبب اُن صدق جي، چارئي يار پلارا،
اڄ به انهن جي اولاد کي، عالم انعام آهه.

2. جي ڪندا سر ڏيئي سؤدو، هوندا هت هت حيات سي،
اي ميان! قرب وارن ڪاملن جو، هيءَ ڪلام آهه.

3. ڪج يارانيءَ ۾ يار تئون، سؤ وار صدق ساهه،
رو اهو سچائيءَ جي سيل ۾، اصلوڻ احرام آهه.

4. اي "منڌار" مٿو پنهنجو، ڏج سنت سانيئين کي،
اهو مٿي محبوب جي مهندئون، ڇڳو تحفو تمام آهه.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 149

تلهه: مومل مٽ ۾ پائج، مينڊري جو عام خاص ۾،
ڏس تہ سير سپون ٿيون رکن آبر اداس ۾.

1. ايل جن ايمان سين، تون پٽ ڪجان تيهين،
جيئن چڪوئي جي پرت چنڊسين، پوري پياس ۾.

2. هيءَ لذت دنيا جي چٽڪو، چار ڏينهڙا،
پوءِ ريءَ نفعي نقصان پوي، هن هراس ۾.

3. واقف نہ ڪجي ٻي وري، هر ڪنهن ڪي حال جو،
پنهنجو شان مان ڪر صحي، ڪامڻ قياس ۾.

4. چئي "منڌار" ٻيو سينگار، ڪو جنسار نا جتي،
هڪ ڳالهه بقا ٿي ڪري، جا محبت ميراث ۾.

ڪافي. 150

تلهه: ياد ڪري ڏج يار کي، ساڻي! سلامڙا،
اهي ڏج نياپا نيازسين، پانڊي! پيغامڙا.

1. هن بندي ٿي بندگيون چيون، عجيب! اوهان کي،
چي اسين اوهان جا آهيون، گولا غلامڙا.

2. چي اسر اوهان جو اٿر، جو ٿمر سفر ۾،
آئون ويل وساريان ڪينکي، تنهنجا نالا نامڙا.

3. قسمت سان ڪٽڻ پير، ڏکن جا ڏينهڙا،
پوءِ ورندو واءُ وصال جو، ۽ ايندا انجامڙا.

4. هي سلوڪ سهڻي يار ڏي، "منڌار" ٿو منجي،
سي من ڪرم سان قبول ڪن، هي ڪلامڙا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 151

تلهه: مل مون کي محبوب، هن مهيني ماهه ۾،
سا پوري ڪر اميد، جا اٽر آرواهه ۾.

1. منهنجي روح کي راتو ڏينهان، تنهنجي پياس پيارا!
طلب تانگهه توڏهئون، آهي سچي سڪ ساهه ۾.

2. سڪ صبر نٽو اچي، تنهنجي ملڻ ريءَ مون کي،
هڪ اُداس ٻي يادائش، هيءَ پلپل پساهه ۾.

3. هاڻ پهر ايترا، تون وجهه نه وڇوڙو،
اڃ تڻ گڏ گذارڻون ڏينهن، آسري الله ۾.

4. "منڌار" جو هن وار، ساجن! سڻ سوال تون!
مون کي مڌا! منهن ڏيکار، تون پنهنجي پناهه ۾.

ڪافي. 152

تلهه: باب برهه جون باتيون، پيا نه سڻن پيا نه سمجهن، يارو! يارو!

1. خبر عشق جي ان عاشقن کي، جن جون چيرن چنيون چاتيون.

2. ڪل ڪسڻ جي آهي انهن کي، ڪنڌ تي جنين جي ڪاتيون.

3. هٿان محبوبن مرڻ جي ٿئي، تان ڇڻ ملين ڏاتيون.

4. چئي "منڌار" انهن مردن لاءِ، آئون روئان ۽ رڙان ڏينهن راتيون.

Gul Hayat Institute

کافي. 153

تلهه: کيسي پياس تيري روپ ۾ رهي ذرا،
مجهکو روئي معلوم، تر هي کهو ري کانرا.

1. آتش تيري آواز سون، ميري جان نون لگي،
جيسا سحر سامري، بي مثل سامرا.

2. تان تيري هئي کيا، مجروح من ميرا،
تان ميرا مرنا نهين، جيني کا آسرا.

3. انحدناد بجيگا، ميري تن کي تار ۾،
کيسا خماراس، سرود ۾، سبحان را.

4. کهي "منار" دل ميري، تجهه موهه لياري،
جايگا درد دوسرا، ميري جسم جا نرا.

کافي. 154

تلهه: هر برهه تيري ۾ سجن بيمار هو رها،
يي فراق يي فرياد، انتظار هو رها.

1. ايک دن تمهين مجهکو ديا، پيالا پريم کا،
اُس کيسا قده کيف، ۾ خمار هو رها.

2. هر صورت تيري مين سجن، يون غرق گر هويا،
اس عشق کي اوڙاهه مين، نگهو سار هو رها.

3. قسمت کرم نصيب کي، دکان کا دن پڙا،
عيب عاشقان عدول، هر هموار هو رها.

4. نهين مرنا، نهين جينا، ايسا حال همارا،
مجروح کي مثل ديکو، "منار" هو رها.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 155

تلهه: خدا ڪي نور ڪا جلواگر سجن ۾ ديکا ٿا،
حق مولیٰ ميري مرشد ڪي، هو درشن ۾ ديکا ٿا.

1. جس نور ڪي خلقت، ساري بنياد هوتي هئي،
ووئي نور ميري محبوب ڪي، نينن ۾ ديکا ٿا.

2. کهٽا ٿا قران سا، هو چکي يي گواهي،
ووئي اشارا عاشقان، ونجن ۾ ديکا ٿا.

3. ارض السموات زمينون اور آسمان،
ميرا روح سيلاني هوا سپنن ۾ ديکا ٿا.

4. "منڌار" نون پير مغان، يي ذڪر بتايا،
سارا سير ميري الله ڪي، اسمن ۾ ديکا ٿا.

ڪافي. 156

تلهه: پيا ٿهه ٿهه مينهن ٿمن، آهي پيج بهاري متئون ملاري.

1. آئي مند بهار بدل جي، ٿي سرهائي ميگهه منڊل جي،
پيا عالم عيدون ڪن، هڪ آئون ويچاري بيقراري.

2. مينهن وسي ڪيا مانداٿا، سپ ڪنهن ڪي ٿيا سڪ پاٿا،
آهي ٿه سپ ٿا پلر پين، هڪ آئون اُجاري آهيان سڪواري.

3. اندر اوقاتون بادل بجليون، ڪندرن وانگي منهنجيون ڪجليون،
آهي ٿه پاڻيءَ سين پلٽن، جر جالاري وهي ٿو جاري.

4. چئي "منڌار" مل يار پيارا! آئون اپالي دم ٿو ڌارا،
منهنجا جهڙ جيئن نيڙ جهمن، اچي ڏي دلداري ڪر پوئواري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 157

ٽلهه: بادل ڪئي برسات، من دوست ملي آئون سنپاليان دم دم.

1. سوَ ٽيهن جي چيز چوڏارا، دل نه قبولي دلبر ڏارا،
بيا ميوا پاتوپات، منهنجو مطلب ناهي ڪنهين سان ڪر ڪر.

2. بنا دلبر آهيان اڀالي، مان ملي مون کي وارث والي،
جيڪو اچي ڪندم آجات، منهنجا جنهن لاءِ نيڻ جهمن تا جهر جهر.

3. آس الله ڏڻيءَ منجهه ڏريان، جيئري مان زيارت ڪريان،
تان منهنجو حج اڪبر عرفات، وجي نائي سر نياز ڪريان هوند نم نم.

4. چئي "منڌار" ڪڏهن سي ملندا، ٿي خوشحال اسان سين ڪلندا،
جي ڪن موٽي ملاقات، هوند گوندر پوءِ وجي سارو غم غم.

ڪافي. 158

ٽلهه: آيو حسن جا يار هٿيار ڪٽي، آيس شوق شڪار ڪرڻ جو.

1. سر سڃڻ جي زلف زهري، ڪارا ڪيس وسيهر قهري،
جيئن نانگ ڪاوڙ جي ڪدن ڦٽي، رکي ڏمر ڏنگڻ ڏهڪار ڪرڻ جو.

2. پونر پيرون پئي بڇيون پيالا، نيڻ نراڙ ۾ نيزا نرالا،
پي جا تکي ترار ڪان اڪ جي اُٽي، اهو ساٿس سامان سنگسار ڪرڻ جو.

3. نڪ نسنگ بندوق دنالي، چپ ڏند ڪان ڪمان مثالي،
جتي جام کي زور زبان بڻي، جنهن کي مطلب مارو مار ڪرڻ جو.

4. حاڪم شاهه امير ويچارا، انهي ڪمند ۾ گرفتيارا،
حسن هٿي ڪيا هزار پٽي، توکي ڪهڙو دليل "منڌار" مرڻ جو.

كافي. 159

تلهه: زابر عشق عجيبن جو، مون تي جهڙ بادل جيئن جهر جهر آيو.

1. شاهي شوق شتاب وڏي سان، قادر نينهن قريبن جو،
مون تي دهشت ڏوم سين ڏم ڏم آيو.

2. نينهن جا نعرا ٿيا اظهارا، سيڪو ساز شريفن جو،
مون تي ڇوهون ڇڪي ڇر ڇر آيو.

3. صورت ناهه نهوڙي ڪيڙس، حاڪر حسن حبيبن جو،
مون تي قيد ڪرڻ جي ڪر ڪر آيو.

4. چئي "منڌار" ته مرڻ نه جيئڻ هئي هئي حال ضعيفن جو،
مون تي ڪسڻ جو ڏڙڪو دم دم آيو.

كافي. 160

تلهه: ٿيا سانوڻ ڏينهن سڪار يار، چيز عجب چوڌار بندن لئه.

1. ڪل جا مشڪل مولي لاهيا، صاحب رب ستار، يار!
پيدائش ڪيئن، پوڪار ڪندن لئه.

2. سپ طاماعو ورسي ويڙا، ڏيئي ڏيا ڏاتار، يار!
جي شائق، دنيادار ڏندن لئه.

3. پوڻرن ڪارڻ باغ بهاريا، واس عجب اسرار، يار!
خوشبوءِ گلن، هيڪاروندن لئه.

4. منهنجو مطلب ڪوئي نه ڪنهين سين، ڏارا تنهين دلدار يار!
جيئن لذت بنا، قلهار ڏندن لئه.

5. ڪل هيون آسون الله پچايون، اجان آسون رهيون "منڌار" يار!
جو سڪي سائل، ديدار سندن لئه.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 161

تلهه: آئي اڳ ۾ اُتر جي هير هير، پٽيان مينهن قرب جون ڪريون.

1. آئي آهه موسم مينهن وسڻ جي، رت سانوڻ جي سير سير،
تر بر ٽڪر، سونهن سپ ٽڪريون.

2. مينهون ڳائيون سرهيون سانديون، آئي ڏڻ سپ ڪنهن ڪي ڏير ڏير،
راضي رڍون روجهون، هرڻيون ٻڪريون.

3. رحمت آب وسي ڪيا ريلا، پيون نديون پلٽيون نير نير،
سي اڇن تيز، تکي سي نڪڙيون.

4. محبوب جو ساڻ "منڌار" سائين ڪر پرجائو پير پير،
ته لهن فراق، ڦوڙائي جيون فڪريون.

ڪافي. 162

تلهه: منهنجو رحمي تون آهين رحمان، جلشان سبحان لڪين لقبن ساڻ.

1. تون منهنجو مالڪ خاوند خالق، صمد غفور تنهنجو شان،
۽ حنان منان سوين اسمن ساڻ.

2. من منهنجي منجهان ڇڏج تڙائي، شومي شڪ شيطان،
بي ايمان نادان، ڪيڏ حڪمن سياڻ.

3. آئون تنهنجو آهيان سوالي سڏايان، عاصي اميدن وان،
پٽ پان ڏي دان، پنهنجي ڪرمن ساڻ.

4. چئي "منڌار" عرض ويچارو مون سان الله ڪري احسان،
ڏج ڏان ايمان پنهنجي فضلن ساڻ.

Gul Hayat Institute

كافي. 163

ٽلهه: مون كي درشن جي درڪار، انوار ديدار ڏيڪار تجل.

1. تنهنجي ملڻ لاءِ آئون مران تي وي ميان،
ڪونهي من قرار بيمار لاچار تي اوتار درمل.

2. بڙچي برهه جي من منهنجي ۾ وي ميان،
تو جا هنئين تنهن وار اظهار نروار، لڳي تار طبل.

3. روز الستوڻ آهين اسان جو وي ميان،
دلپسند دلدار ۽ جيار پيار، نه ڪر يار انگل.

4. راهه ڏيڪارينڊ منهنجو، رهنما وي ميان،
تون جو آهين تڪرار ۽ مختار، مهندار سردار اڪمل.

5. سوالي اوهان جي، سونهن ڏسڻ لاءِ وي ميان،
آهي ويچارو "منڌار" اميدوار مڱٺهار پينار پلپل.

كافي. 164

ٽلهه: مون كي طلب سچڻ تنهنجي تات، وائي وات ڏينهن رات اثبات مل يار.

1. تنهنجي ڦوڙائي، آئون جا ڦٽي آهيان وي ميان،
ڪئي آهيان اڏ ڪٽي تنهن ڪات، نه ممات نه حيات برباد آزار.

2. قدم ڪرم سان، پر مون بندي ڏي وي ميان،
تي شافي ڪر شفات، تي حمات ڪر آزاد، ٿئي برات تنهن وار.

3. تنهنجي آڪند ۾، آهون كريان تي وي ميان،
تيو لوان نماڻي لات لطفات، ملاقات رهه رات دلدار.

4. چئي "منڌار" مسڪين ويچارو وي ميان،
پنهنجي ويساهه جي باب اصلات، حق ذات تسون قطرات تڪرار.

ڪافي. 165

تلهه: آهي الله انسان ۾ وي، ڳول خدا لاءِ خاڪ جو چولو.

1. الانسان سري و اناسره هو، حرف اهو فرقان ۾ وي،
چڏ وڃائي ٻيو سڀ پولو.

2. ونحن اقرب اوڏڙو، اٽئي مالڪ تنهنجي مڪان ۾ وي،
ناهي پري سو، منجهنون منجهه ڳولو.

3. فاذكروني اذكر ڪر وي، اها آيت سڪ جي شان ۾ وي،
نام ڏٽيءَ جو، سچيءَ دل سان ٻولو.

4. انا احمد بلاميمي، ڪوڙ نه نبيءَ زبان ۾ وي،
ٻوڙ ٻيائيءَ جو سڀ رولو.

5. اي "منڌار" قران ڪي وسهج، تون آڻ يقين ايمان ۾ وي،
غر گمان وارو، ٻڌج اولو.

ڪافي. 166

تلهه: تنهنجي جوپن ڪي جنساري وي، خوبصورت هي خاوند خلقي.

1. واهه ديدار بهار تنهن جو، عطر عنبير هيڪاري وي،
ٻ ٻوءِ ڪٿوري رل مل رل ڪي.

2. پنيور پرون تنهنجا بادل مڇرا، اکيون ڪيٽن چمڪاري وي،
ٻ الله صمد ٻولي منهنجي دل ڪي.

3. شمع چراغ تنهنجي حسن هٿايا، تو منجهه نور قراري وي،
ٻ جو ناهي برابر، جوت واري جهلڪي.

4. چئي "منڌار" اسرار الاهي، مون ڪي يقين اعتباري وي،
ته قادر پاڻ پيدا، پنهنجي ڪل ڪي.

Gul Hayat Institute

كافي. 167

تلهه: ڪري گوڙيون بادل گهمسان، اسان تي عشق عجيب جو آيو.

1. لاءِ اسان جي جوڙي لڙائي، نينهن نغارو هڻيو شاهن شاهي،
جيئن صوبا سورهيه سلطان، تيئن حاڪر شوق حبيب جو آيو.

2. زابر عشق زوراور آهي، سيڪنهن تول تي سڪان گر آهي،
هيئن جوڙيو اصل جلشانه، جنهن تي نه تاب ٻئي طبيب جو آيو.

3. عشق زوراور جابر جرعيت[1]، مون ۾ ڪيڙي جي قدر نه وصيت[2]،
آئون سينو ساهيان، سانه تنهن ڪيڏو قصد قريب جو آهي.

4. چئي "منڌار" مسڪين نماڻو، عشق آيو شان شاهاڻو،
۽ نينهن ڪٽي ڪيس نيشان، گهائيندڙ مون غريب جو آيو.

كافي. 168

تلهه: اهو حسن محمد حضرت جو، جتي شمس قمر قربان صدق ۾.

1. اهو ٽيندو شافي، وٽندو معافي، اهي ضامن امت خلقت جو،
مليس شفاعت شان صدق ۾.

2. ملڪ مدامي سندس سلامي، اهو تہ لشڪر سندس خدمت جو،
ٻيو مذهب مسلمان صدق ۾.

3. لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله، اهو اقبال اُهي عظمت جو،
چوڻ نسنگ نشان صدق ۾.

4. "منڌار" مدامي، سندس سلامي، هٿڙو گهري تو حرمت جو،
جو چائي پٽو پٽ پان صدق ۾.

---

[1] جرئت.
[2] وسعت.

كافي. 169

تلهه: كج رحمت ميگهه ملهار يار، ككريون كرم ساڻ وارڪي وسڻ جون.

1. مولي ملڪ تي مينهڑا وسائج، مشكل ماڻهن تان سڀ لاهج،
لاهج ڏول ڏكار يار، اميدون عالم كي سكن رسڻ جون.

2. بخش بندي جون خون خطائون، ڏيار مون كي ايمان عطائون،
تون آهين رحيم ڏاتار يار، مهرون موٽي كر توهه جي تسڻ جون.

3. توريءَ ناهي كو پيو پرواسو، ڏي، دلگيرن كي تون دلاسو،
لاهج غم غبار يار، صراحيون موكل واري، حرص هسڻ جون.

4. مون كي منهنجو محبوب ملائج، درشن يار جو ديدار ديكائج،
اهو عرض كري (ٿو) "منار" يار، اٿر پياسون، پرينءَ پسڻ جون.

كافي. 170

تلهه: ديكو بنيا ميگهه ملاري وي، موسم مينهن وسڻ دي آئي.

1. آيان اتر ديان ككريان كاليان، بجليون دي چمكاري وي،
ساري ملڪ وچ ٽي هي سهائي.

2. عالم ديان اميدان پنيان، سانوڻ ڏتي سڏاري وي،
ڏڻ پوكن وچ ٽي هي سرهائي.

3. هر كنهن دي گهرن هڻ ٽيان عيدان، مئيكون قيامت كاري وي،
جيتر نه لهندي يار دي جدائي.

4. آكي "منار" هڻ معاملر ميڏي، آهين صاحب كون سڀ ساري وي،
ميئي نال كرندا شل كرم پلائي.

Gul Hayat Institute

كافي. 171

تلهه: رت سانون دي آئي، موسم مينهن وسندا.

1. گاهن ديان گلزاريان كليان، تي هي زمين هڻ سائي،
لڳا هي رنگ رس دا.

2. تيان هن خوشيان وچ خلق دي، غم ڳيا گمراهي،
هركوئي پيا هسندا.

3. هك ميڏا محبوب دي ٻاجهون، كوئي نه سوران وچ پائي،
جنهن كو مئي حال ڏسندا.

4. آكي "منڌار" هك مئن هان اُداسي، جنهن كون پيئم جدائي،
آهه ول مئي كٽ پسندا.

كافي. 172

تلهه: پنهنجو عمل ۾ كر اختياري جو، مڃ نام نرم دل تي سڻ نيازي.

نام خدا جي بخش بچايون، كو وارو رق دلداري جو،
سڄ عرض منهنجو هي آزي.

جيئن وڻيئي، تيئن پاند نه لاهج، بخش گناهه بدكاريءَ جو،
كجان رحم دل ۾ تي راضي.

Gul Hayat Institute

پرچ پيارا پنهنجو پاڻ سڃاڻي، ته ٿئي اهو وقت بهاريءَ جو،
هوند رهي نماڻي هي نئين نوازي.

ڄئي "منڌار" منهنجي معلوم توكي، ڏس ڇا هي مون وس ويچاريءَ جو،
آڻ كرم پنهنجي، كر دل قاضي.

كافي. 173

تلهه: تنهنجي رمز عجب رنگ يار يار، حيرت منجهه آئون آهيان حيراني.

1. مرڪيو مشڪيو تو من موهين، سهسين ڪريو سينگار يار،
جادو تو جهٽ پٽ ۾ هٽين تون جاني.

2. ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايان، پرئينم تنهنجا پار يار،
سهس رنگي تون آهين سبحاني.

3. ڪڍهن تون ڪينهين، ڪڍهن تون ڪينهين، ڪيڙئي حڪر هزار يار،
عقل منهنجو هاڻي آهي پريشاني.

4. اصل اڪين جي چال چلائي، ماريئي ڪي "منڌار" يار،
دلڙي ڦريئي، پوءِ تيڙس فاني.

كافي. 174

تلهه: حسن ڪٽي هٿيار، آيو عشق جوان جو جنگي.

1. ابرو تيغون تراريون جنهن جون، ڪن متا ڏڻن ڪوڻ ڏار،
بينو ڪري شڪار، برهه بي رنگي.

2. ڪجليون ڪاريون آهن ڪٽاريون، وجن ٽيون آرو پار،
عاشقن جي لئون لئون مان لنگهي.

3. نڪ جون نالیون چڻن دونالیون، ڪن فير سپهه سالار،
هٽيو ٻاڻ، پيجن نشان، تا ٻنگي.

4. چپ ڏند ذوق زبان جو جابر، جڙ روپ ڪروڙ هزار،
آهن ساڻس ساز سرود ٻيا سنگي.

5. سر سجوئي سامان هٿيارن، ڪڍهن ماريندو ڪي "منڌار"،
آهيان ڪمند زلف وارن آئون ونگي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 175

ٽلهه: پورو ٿيو شوق شڪاري جو، ماريو عشق وجي مشتاقن.

1. حسن جا هٿيار هٽي ٿو، جنهن ڪي ٻيو ڪو نه ضرور ڪٽاري جو،
ڀ بچي اڪين جا ٻاڻ عشاقن.

2. قيد ڪري ٿو لاءِ ڪهڻ جي، وجهيو ڦاهو زلف جي ڳاري جو،
اها قابو ڪمند وجهي ٿو ڪن ڪن.

3. سو نه سگهو ٿي گهايل گهمندو، جنهن ڪي لڳڙو ڪان ڦهاري جو،
سو عمر گذاريندو منجهه عذابن.

4. چئي "منڌار" منهنجو تنهن وٽ، وس نه هلي اختياري جو،
جيئن پاڻ وڻي، تيئن ڪري پياسن.

ڪافي. 176

ٽلهه: ٿيو بادل رنگ بهاريءَ جو، مينهن وسڻ مند آئي ملاري.

1. ماڻڪ موتي مال جنهن ۾، سو ڪليو بار پساريءَ جو،
ڏي خيرات، ڪريو ڏاتاري.

2. ڪل عالم تان اوک لهي ويا، ويو احتياج اُجياريءَ جو،
پاڻي پٽن منجهه جر جالاري.

3. سپ ڪي رازق روز رسايو، جنهن جو نام سبحان ستاريءَ جو،
سو پاڻ ڪري ڪل جي پوئواري.

4. تيئن "منڌار" جو مقصد ٿيندو، جيئن ٿيو دنيا ساريءَ جو،
من دوست اچي ڪا! ملي دلداري.

Gul Hayat Institute

كافي. 177

تلهه: گوڙين كيا گجگاهه، آيو اڻ كٽ آب ابر جو.

1. ابر منجهان آواز اچي ٿو، سارنگ روپي ساز وجي ٿو،
ڏڏكن ٿا درياءُ، بي انت آهي بيان بحر جو.

2. ونڙا مينهن وحدت وارا، عالم سڀيئي سكاريا سارا،
كيو آباد الله، ويو ڏكار سڃي ٿر بر جو.

3. ڏڏ پكڙ، آدم انسانا، ٿيا خوشحال مرون حيوانا،
گهٽا سامايا گاهه، سڀ كي ٿيو سامان سمر جو.

4. مينهن وسايا واحد والي، ٿيون اميدون ڏرتي آلي،
ءِ سپني كري صلاح، هارين كيو سانباهو هر جو.

5. چئي "منڌار" ونو نور نظارو، جت كٽ مير مرسل وارو،
ءِ سندو محمد شاهه جوئي محمد زمان آهي محشر جو.

كافي. 178

تلهه: سهڻا ساجن يار! اڃ هي آس پياس پيارا.

1. ويرا وير ورونهن وڏي ٿي، دلبر توكان ڏار،
بيا سڀ حال خيال ٿيا كارا.

2. موسم هن ۾ ماڻهوءَ كل سان، ٿيئڙا سهنج سكار،
لٽا ساڻيهه ٻئي ڏيهه تان ڏكارا.

3. منجهه ملاري مقصد كل جو، تا سرها ٿين سنگهار،
راضي ريدار ڳنوار ميهارا.

4. ساجن يار سوال سڃ تون ملج كي "منڌار"،
ته ڇڻن چاك فراقن وارا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 179

تلهه: ڪري محبت ميگهه ملار يار، برهو بادل بنجي آيو.

1. جن جا سينا صاف سچا هئا، توڙي تن جا ڪم ڪچا هئا،
تـه بـه رکـي عشـقو اُن تـي آر يـار.

2. عشـقي اگر ڪيـا، اپـارين هـر هنـڌ پريـا حـوض هزاريـن،
چئـو قبلـي چـوڏار يـار.

3. ڪڏهن گوڙيون وڃن نغارا، ڪڏهن ڪنوٽين جا چمڪارا،
اهـي عشـقي جـا اسـرار يـار.

4. برهـي بـادل ڪئـي بهـاري، مـن تـي مـوڄ محبـت واري،
متـي مينهـن ونـا "منڌار" يـار.

ڪافي. 180

تلهه: هن رت سانوڻ جيءَ سير ۾، مان ملي محبوب مون کي.

1. پيـڃ پنـي بـادليو برسـي، يـار اچـي، آهيـان جنهـن عرصـي،
دلڙي تئـي هونـد ڏيـر ۾.

2. جڏهن موسم ميگهه ملار اچي، جي تڏهن اسان جو يار اچي،
تـه ڪنـد مـصري جيئـن کيـر ۾.

3. بـادل بوندن ڪيون برساتون، دوست ملي شڪر ۽ شاديون،
بيـا سهسـين سـهنج سـرير ۾.

4. پيـر پڃـائيندم سـنديم سـائي، چئـي "منڌار" آس اهـائي،
مـون کـي نرمـل نـوح فقيـر ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 181

ٽلهه: هي خلق خدا تنهنجا اوزار اي ڪاريگر يار،
ڪل ڪر پنهنجي هٿ پاڻ ڪرين ٿو.

1. نفعو نقصان وس ٻئي نہ ڪنهن جي، وسهيس سان ويچار،
اي ڪاريگر يار.

2. هرڪا حڪمت ڄاڻي ٿو پاڻهين، بيحد هنر بيشمار،
اي ڪاريگر يار.

3. مت مڙني ڪي ڏنئي جداجدا، جهڙي سموري ڪي سنسار،
اي ڪاريگر يار.

4. ڪي وڙهن ڪن سين، ڪي وڙهن ڪن سين، ڪريو هوڏ خلل تڪرار
اي ڪاريگر يار.

5. ڪي سچڻ ڪن جا ٽيو طالب تن جا محبتون ڏين پيار،
اي ڪاريگر يار.

6. ڪي ڀائين ڪن ڪان، هن ڪان يا ٻين ڪان، اهي متن وڌئي مونجهار،
اي ڪاريگر يار.

7. رستو "راڄڙ" ڪي سڏو سمجهائج، منجهائين متان "منڌار"،
اي ڪاريگر يار.

ڪافي. 182

ٽلهه: جر پلر جا لار يار، ابر وسڻ آکاڙ ۾ ايندا،

1. ڏکيا ڏينهن ڏڪار جا ويندا، ٽيندا ساندهه چار سڪار يار.

2. ڪارن ڪرن منجهان رب قادر، نديون وهائيندو نار يار.

3. رڍون ۽ ڳئون ڪيئن رڄ ڪنديون ۽ مرڪندا ميهار يار.

4. آيو ذوق زبان تي جابر، چئي ملاري "منڌار" يار.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 183

ٽلهه: خالق خلق ڏٺي ڏٺي، مولئ موکل مينهن ملک تي.

1. هن اوسر ۾ تون ڪر آبادي، پاءِ برڪت گاهه ۾ گهٽي گهٽي.
2. پاڻي پلر جو جام جهجهو ڪر، هيڪر هاڻ هٽي هٽي.
3. لاهه ڏمر پرچي رب پرور، ڪر خاوند خير ڪٽي ڪٽي.
4. چئي "منڌار" تہ ملک مڙئي تان، لاهج تنگي تون تٽي تٽي.

ڪافي. 184

ٽلهه: سارنگ ڪيا سينگار يار، گهڙي هن گهرجين دل گهريا.

1. نسري گاهه پٽن تي نڪتا، سبز عجب اسرار يار.
2. هن رت ۾ هر ڪنهن بشرت ڪي، ڏنو حسن سونهن ستار يار.
3. واءُ ونئي جو هير وڻي تي، تيا متان ميگهه ملار يار.
4. مثل بهشتن ٻيج پنوري، تي بادل بوند بهار يار.
5. ساعت هن ۾ سنپاليان توکي، ڏسيو چيز عجب چوڏار يار.
6. جي اڄ سپاڻي عجيب اچين تون، تہ مون لاءِ عيش اپار يار.
7. ڪنوڻيون ڏسي هوند پوءِ خوش ٿيان، جي ملين ڪي "منڌار" يار.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 185

تلهه: گاهه وسن جا ويئَ ويئَ، سارنگ سانوڻ سڀ رنگ لايا.

1. چگيئَ ريت چرن چوٿايون، تاٽي موسر بيئَ بيئَ.

2. ساوا سبز ڪين ڪوماڙا، نه ساڙيا سياري سيئَ سيئَ.

3. ڳنوار ميهار سنگهار سارندا، هيلوڪي مند هيئَ هيئَ.

4. ڪو پرڀائيندو پنهنجي پٽن ڪي، ڪو پرڀائيندو ڏيئَ ڏيئَ.

5. مان ملي "منڌار" ويچاري ڪي، جانب گهرئو جيئَ جيئَ.

ڪافي. 186

تلهه: ياراني ۾ يار يار، ڪرڙ سر قربان مناسب.

1. ڪجانءِ ملڪيت مال پنهنجو، عجيب جي اختيار يار.

2. رکڙ سانگو سر پنهنجي جو، محبت وڻ ميار يار.

3. ساهه سري ساجن جي مهندا، حاضر ڪر هر وار يار.

4. دعويٰ دوستي جي رکڙ جا، پيچ پتنگن کان پار يار.

5. ڪجانءِ ساهه صدق ساجن تان، متان مڙين "منڌار" يار.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 187

تلهه: مينهن جا مانڊاڻ، خدا تون پاڻ،
واري وساءِ ڪپري ۽ ڪاٽي ڪي.

1. ملڪ اتر ڪون، روهڙي سکر ڪوٽ،
ڪن مؤج پلي مهراڻ، خدا تون پاڻ.

2. مڪيءَ جو ڏورو، سانگهڙ سنجهورو،
سي وسن سيئي وتاڻ، خدا تون پاڻ.

3. هالا نصرپور، حيدرآباد ميرپور،
پيا ٽنڊن جا وسن ٽڪاڻ، خدا تون پاڻ.

4. موهر نارو، سنڌ سامارو،
پلٽائج پراڻ، خدا تون پاڻ.

5. عمر ڪوٽ ننگر ۾، پارڪر تر ۾،
نديون پرج نياڻ، خدا تون پاڻ.

6. ملڪ هند جي، ساريءَ سنڌ جي،
اُج واري پيج آڻ، خدا تون پاڻ.

7. چئي "منڌارو" تون ڏاتارو،
وڏ ڪنڌون واڪاڻ، خدا تون پاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 188

تلهه: پريـن مـل هـاڻ مـون پياسـي ڪـي،
وٽـي برسـات آهـي، پيـج پنـوري.

1. وصـل وصـال جـو، پيـار پيـالو،
تـرس ڪـري مـون تاسـي ڪـي.

2. جيئن سپ ڪي سموند ۾، ملي مينهن قطرو،
ابـر جـو آب اُداسـي ڪـي.

3. رتـي رحـم جـي آڻـج اسـان تـي،
ڪنهـن خوشـي جـي خصالت خاصي ڪـي.

4. مـون ڪـي نـام خدا جـي منهـن ڏيڪارج،
جيئن هـو ڏنـو سر ڏياڻ، ميراثيءَ ڪـي.

5. چئي "منڌار" مون ڪي محبوب تـون ملندين،
اهـا مـون اميـد اڄ آسـي ڪـي.

ڪافي. 189

تلهه: هـي خلـق خـدا تنهنجـا اوزار اي ڪاريـگر يـار،
ڪـل ڪـر پنهنجـي هـٿ پـاڻ ڪريـن ٿـو.

1. نفعـو نقصـان وس پـي نـه ڪنهـن جـي،
وسـهيس سـاڻ ويچـار اي ڪاريـگر يـار.

2. هرڪـا حڪمـت ڄـاڻي تـو پـاڻهين،
بيحـد هـنر بيشـمار اي ڪاريـگر يـار.

Gul Hayat Institute

3. مت مڙني کي ڏنيئے جدا جدا جهڙي،
سموري کي سنسار اي ڪاريگر يار.

4. کي وڙهن ڪن سين کي وڙهن ڪن سين،
ڪريو هوڏ خلل تڪرار اي ڪاريگر يار.

5. کي سڃڻ ڪن جا ٿيو طالب تن جا،
محبتون ڏين پيار، اي ڪاريگر يار.

6. کي پائن ڪن ڪوڻ هن يان پين ڪوڻ،
اهي متن وڏءِ مونجهارو اي ڪاريگر يار.

7. رستو راڄڙ کي سڏو سمجهائج،
منجهائين متان کي "منڌار" اي ڪاريگر يار.

ڪافي. 190

تلهه: هي رت سانوڻ جي سير، مل محبوب! آسائتي آهيان.

1. تنهنجي ملڻ لئه ڪئين مجتائون، سؤ سنپاريم پير.

2. جي اچين عجيب تون اگڻ اسان جي، ته ڪندون وراهيان ڪير.

3. تنهنجي اچڻ سان حج اڪبر جي، هينڙي لڳندم هير.

4. وجهه نه هيڏو هاڻ وڇوڙو، ساڻ "منڌار" فقير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 191

ٽلهه: وڻا سپ ولهار مينهڙا ڇيٽي، ڇن پٽ پوڻيٽي.

1. لڻا لطف سان ڏڻ ماڻهن تان، ڏکيا ڏينهن ڏکار.

2. مينهن پاڻي مان جوڙي جنسون، خلقيون خلقڻهار.

3. هن عوشاق جي الله سائين کي، پرين جي لاءِ پکار.

4. سهڻو ساجن هن موسم ۾، ملندو کي "منڌار".

ڪافي. 192

ٽلهه: مند موسم هي سانوڻ جي، ڀيڃ ڀني بادليو برسي.

1. بادل بوندن ڪئي بهاري، يار اچي مل تون هڪواري،
مون کي سنبت سيڃ وچاوڻ جي.

2. سڪ اوهان جي آهي اندر ۾، ڪين گذاريو سگهان صبر ۾،
مون کي ناهي سا محبت ماوڻ جي.

3. نام الله جي سڻ تون آزي، ڇڏ رسامان ڀيءَ تون راضي،
منج پاند منٽ پرچاوڻ جي.

4. چئي "منڌار" ته يار پيارا، آئون ابالي دم تو ڏاران،
ڪج ڪا عجيب تون آوڻ جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 193

ٽلهه: گوڙين لايا گهمسان، وڻا مينهن محبت.

1. بجليون بادل برسڻ لڳيون، سوءِ شرط سامان،
قادر جي قدرت.

2. ڏڻ پکـــڻ ۽ جـــن ملائـــڪ، عبـــرت ۾ انســـان،
هـــاديءَ جـــي حڪمـــت.

3. پٽـــن تـــي پـــالوٽ پـــلر جـــي، رنـــگ لايـــا رحمـــان،
خوشـــــــي ۾ خلقـــــــت.

4. ڏسـي ماڏاڻـا "منڌـار" ڇئـي، مـون کـي لڳـي حيـران،
آئـــون حيـــران منجهـــ حيـــرت.

ڪافي. 194

ٽلهـ: يارب تعاليٰ رحمت ساڻ، مولي موڪل مينهن ملڪ تي.

1. ڪرم وڏي سان ڪر آگر اُپ ۾، هادي پنهنجي حڪمت ساڻ.

2. سڪل پٽ ڪر ساوا سبزا، قادر پنهنجي قدرت ساڻ.

3. آسوندن کي ڪر آسودو، بسم الله جي برڪت ساڻ.

4. عرض "منڌار" جا ڪر منظوري، حضرت شاهه جي حرمت سان.

ڪافي. 195

ٽلهـ: گل ڦل باغ بهار، سڀ هنڌ سانوڻ.

1. ڏينهن ڏولائي جا سڀ وڻڙا، سڀڪوئي منجهـ سڪار.

2. برسن بوندون بعد مينهن جي، ڇڻ ڇڻ جيئن چندڪار.

3. عـالم منجهـ آبـاد ڇگـو ٿيـو، ڇئـو قبلـي ڇـوڏار.

4. مـان ملـي هـن موسـم منـد ۾، محـب اچـي "منڌـار".

Gul Hayat Institute

كافي. 196

تلهـ: تون كر ميگهـ ملهار، خلق خوش ٿئي.

1. پٽـن تـي پـالوٽ سـان، الـو الـو!
واحـد كـر وسـكار.

2. كـر برسـاتون تـر بـر سـنڌ ۾، الـو الـو!
ڏيهـ تـان لاهـ ڏكـار.

3. سـڀ هنڌ سانوڻ كـر رب سائين، الـو الـو!
جـوڙ جنـس جنسـار.

4. تـو در "راجـڙ" اي رب سـائين، الـو الـو!
عـرض كـري "منڌـار".

كافي. 197

تلهـ: موكل كر كي مينهن موسم مند آئي.

1. هـن منـد هركـو سـارنگ سـاري، الـو الـو!
سـڀ سـامونڌ جيئـن.

2. بلبـل بـاغن كـارڻ جيئـن، الـو الـو!
طلـب عـالم كـي تيئـن.

3. وس تـه سـانگي ٿيـن سـكيا، الـو الـو!
لاهـ ڏولائـي جـا ڏينهـن.

4. ميلـو فقيـر "منڌـار" جـو، الـو الـو!
پـرور كـر سـاڻ پـيءَ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 198

ٽلهه: آيا ملڻ جا سال، مند بهاريون بادل.

1. سارنگ بڻيو، سر سڪاريا الو الو! قادر لاتا سپ ڪال.

2. مولئ سائين مينهن وسايا الو الو! لک پلايون پال.

3. وڃن وسڻ جا ور ڪيا الو الو! ساز ڪڙا لک تال.

4. محب مٿو "منڌار" سان الو الو! گڏ گذاري ڏينهن شال.

ڪافي. 199

ٽلهه: واهه واهه حسن سينگار، ديدار دلبر جو.

1. سر سونهاري يار سڃڻ جي، پيو وهسي سپڪوئي وار.

2. منهن محراب ۾ پنور پرون ڏس، جيئن اکيون ڪيڻ چمڪار.

3. نڪ چپ ڏند، ڪر موتي مرجان، جو موهي هسڻ سان هزار.

4. ناهي تمام تعريف تنهنجي، حيرت منجهه "منڌار".

ڪافي. 200

ٽلهه: وسندو مينهن وصاليءَ جو اڃ، مون کي آس اُميد وڏي ٿي.

1. ايندو يار عجيب اسان جو، ڪندو قرب ڪمالیءَ جو.

2. پاڻ پسائيندم پاڪ پيشاني، جهلڪو نور جمالیءَ جو.

3. پرين پياريندم پرم پيالي، ٿيندو مقصود موالیءَ جو.

4. چئي "منڌار" ٽپڻ چندين مرادون، پوندو صاب سوال مون سوالیءَ جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 201

ٽلهه: وس تون مينهن ولهارن تي، بادل برسي ڪر برساتيون.

1. ٽرن برن ۾ تون ڪر سانوڻ، پلٽ رکي ان پارن تي.

2. مهراڻي تي ڪر مانداڻا، ۽ مينگهه وڏو ميهارن تي.

3. ندين ناري ۾ پلٽاءِ پلر جون، تہ ٽئي من سهنج سنگهارن تي.

4. گاهن جون ڪٽي ڪر گلزارين، سنڌ جي پونڻ سارن تي.

5. چئي "منڌار" تہ رحمت جا مينهن، وسن اسان ويچارن تي.

ڪافي. 202

ٽلهه: وري آئي مند ورساري جي، آئون پياسڻ يار پياري جي.

1. ڏاران سپرين سيءَ ۾ گذاريم، سڃي موسم سياري جي.

2. ان سور سڪڻ جي ماريس سرتيون، هئم اُداس اونهاري جي.

3. يار پرينءَ جا پانڌي پچايان، خبر نہ آئي دلداري جي.

4. مان ملي هن موسم مند ۾، اها مراد "منڌاري" جي.

ڪافي. 203

ٽلهه: چيم تيئن ڇڄجان، پانڌي ادا پرين ڪي.

1. پانڌي پرين ڪي منهنجي پارون، پيرين وڃي پئجان.

2. منهنجون ميڙيون مهندان پرين جي، سور سيئي سلجان.

3. ڇڄ سنيهو ثابت ساري، لات اها لڄان.

4. چي موڻي فقير "منڌار" جي، سار سگهو ڪا لهجان.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 204

تلهه: چو ٿو ٽئين دلگير، محبوب توکي ملندو.

1. سڃڻ تنهنجو ٻاجهه سڀاجهو، نيٽين وهائين ڇو نير.

2. سوري سينگار يار سڃڻ لاءِ، تون ڪر صاف سرير.

3. وڃاءِ وجود ۾ سيج سڃڻ لاءِ، پٽولا پٽ ڇير.

4. تنهنجون مرادون اي "منڌار"، پوريون ڪندو سڀ پير.

ڪافي. 205

تلهه: منهنجو من ڪيو مستان، سڃڻ جي صورت.

1. زلف سڃڻ جا خوني زوراور، ڪجل پرين جا ڪان.

2. پرين ڪارڻ برپٽ ڳوليم، برهه ڪيس بئران.

3. مت عقل جي نينهن نهوڙي، هيءَ دل ڪئي ديوان.

4. لاءِ محبوبن هيءَ "منڌار" هاڻ وتي حيران.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 206

تلهه: تون وري آءُ منهنجا جاني، فالون ٿي پايان.

1. صدق صدق، تو تان سر صدقي، وي ميان!
جوين جند جواني.

2. عقل تہ منهنجو عشق اڏايو، وي ميان!
آءٌ ڪارڻ ديد ديواني.

3. حال احوال منهنجو ٿيو حيرانو، وي ميان!
مون ڏٺو حسن حقاني.

4. آءٌ "منڌار" سان ڪر ميلو، وي ميان!
ڪج ڪو ڪرم احساني.

ڪافي. 207

تلهہ: ساڃيو سجاتم يار سهڻي منجهہ ساجن.

1. سج چنڊ ڪان سهڻو گهڻو، وي ميان!
جانب جو جهلڪار.

2. سڃڻ آيو، ساهہ ڪي سيبايو، وي ميان!
گهوٽ آيو غمڌار.

3. موڻي اسان ڪي محبوب موچارو، وي ميان!
ڏيئي ويو دلاسا دلدار.

4. سڃڻ ايندو، ملڻ ٿيندو، وي ميان!
مرڪندو "منڌار".

ڪافي. 208

صورت سندي يار، مون ڪي نڪي وسري.

هجن هميشہ اڳيان اکين جي، وي ميان!
دم نہ ٿين هڪ ڌار.

Gul Hayat Institute

2. ميخـون جـي محبـت سـنديون وي ميـان!
هڻـي ويـا لکيـن هـزار.

3. وائـي وسـاريان ڪينڪـي، وي ميـان!
پريـن جـي تـ پچـار.

4. مـان ملـي محبـوب موچـارو، وي ميـان!
موتـي اچـي ڪـي "منڌـار".

ڪافي. 209

تلهـ: عشق اُلٽ آيا، بادل جيئن برسي.

1. برهـ جون بوندون برسڻ لڳيون، وي ميان! جڳمڳ جهڙ لايا.

2. تـال تماشا، طبـل وڄائين، وي ميـان! چـر چـر جـي چايـا.

3. دل منهنجـيءَ تـي دلبـر والا، وي ميـان! حسـن هلـي آيـا.

4. چئي "منڌار" تـ اڳڻ اسان جـي، وي ميـان! پيـر پريـنءَ پايـا.

ڪافي. 210

تلهـ: هي موسم مند ملهاريءَ جي، دم دم دلبر ياد پوين تو.

1. آئي مند سندي ورساري، سـپ شـيءِ سڄڻ ساڻيهـ سنياري،
سـي ڪـن دانهـن پوڪـاريءَ جـي.

2. ٽيا بربيبان، سڪل پٽ ساوا، پلر پـاڻيءَ مـان پـي پـي ڏاوا،
ءِ لاهـج اُڄ مـون اُجـاريءَ جـي.

Gul Hayat Institute

3. جيئن ملي سموند ۾ ساجن سپن کي، تيئن مل محبوب پنهنجي مشتاقن کي
هي وائي ٻڌي مون ويچاريءَ جي.

4. چئي "منڌار" محبوب موچارا، ملج مون کي يار پيارا،
ڪر ڪا مهر ستاريءَ جي.

ڪافي. 211

تلهه: واءَ جي وڻير هير، جا ڪيڻن رات ڪاڙڻ مان آندي.

1. مون کي ميان سومرا قيد ڪيو اٽئي، زور وجهي زنجير.
2. ڪرڙ مارن سان ڪين مناسب، هيڏيون هلاڻون حمير.
3. لوئي اباڻي لاهي لڳن تان، آڻون نه پهريان پٽ چير.
4. موڪل ڏيج مليرِ وڃڻ جي، کي "منڌار" فقير.

ڪافي. 212

تلهه: تنهنجي صحبت ريءَ مون کي نٽي وسري.
مون سين پرچ پرين! اڃ پيرڙا پري.

1. ور وسيلا ڪارڻي واري قدم، مون تي ڪرم ڪري.
2. هت ڇڏي هيڪلي، پلڪ گهڙي مون کان تي نه پري.
3. پيرو ڪج پنپور ۾، مون ڏوپياڻيءَ تي نظر ڏري.
4. تو سوا مون سور ٽيا، تن مرضن ۾ پيو "منڌار" مري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 213

تلهه: چام چنيسر داسڙا، ليلان تي لطف ڪر،
وي ميـــان! لـــوڏج ڪيـــر ٻهـــر.

1. پيئي ڪنديس پورهيو وو، گهوٽ تنهنجي آئون گهر.
2. ڪيـــن ســـاڳا هيـــر ســـپرين وو، آءُ اڻ ڄاڻ بـــي اثـــر.
3. جيڪا هئي ملڪ ڏجاڻي توڪئي وو، تنهن ڪي ڇڏج ۾ ريءَ سمر.
4. آئون ڇئي بخشايان ڪيترو وو، مون منجهه عيب اپر.
5. آئون تـــ ڇڏيندیس ڪينڪي وو، تنهنجو پـــاند ڪمـــر.
6. ڪئين منٽون "منڌار" ڪيون وو، دوست اوهان جي در.

ڪافي. 214

تلهه: تن مارن ريءَ ماتام ٽيو، جاڳيا غم ۽ گوندر،
ســـائين ســـڻ احـــوال، ميـــان عمـــر.

1. جيڪي وهي تو وجود ۾ وو، سا منهنجي خاوند رب ڪي خبر.
2. وڻن ڪين وجود ڪي وو، سائين تنهنجا ڪوٽ قصر.
3. ڪاڄ اسان جو ڪنييون وو، سائين سائون ۽ ساڳ سگر.
4. مون ورايا هئا ويڙهه ۾ وو، سائين تن ٻاٻاڻن جا ٻڪر.
5. حاڪم هلاڻون ڇوڪرين وو، سائين ڏوٽيئڙن سان ڏمر.
6. رويو لڙڪ "راجڙ" چوي وو سائين هاريان تَي هر هر.

ڪافي. 215

تلهه: توکي نه مناسب مڻي سين موچارا، واجب وات وسارڻ جي.

1. سڪي ساجن توسان مون سڳ ڪيڙو، جيئري جلد وڇوڙو پيئڙو،
ڳڻتي وجود جي، ڳارڻ جي.

2. ذات برهمڻ آئون اڇاڻي، ڏيج دلاسو پنهنجو دڳ سجاڻي،
پرت پنهل ڪج، پارڻ جي.

3. آئون تنهنجي لائق جوڙ نه آهيان، جنهن پر سائين تو وڻ سيبايان،
سا چوءِ ڳالهه، سيکارڻ جي.

4. درد واريءَ تان تو جا دل لاهي، پنهل تنهنجي هيءَ بي پرواهي،
سا آهي "منڌار" جي، مارڻ جي.

ڪافي. 216

تلهه: ڪرين تو ڪوهيارا، وائي جا وڃڻ جي،
سا مڻي ڪي ٽي ماري، تنهنجي سڻا سنبرڻ جي.

1. آئون جا ويچاري دردن واري، ڏوڙائي جي لاچاري،
آهي منهنجي لئه مرڻ جي.

2. سڃ صدائون دلبر دانهون، اُتان تون اوراهون،
ڪج ڪا ورڻ جي.

3. ڏسي حال منهنجو ڪج خيال پنهنجو، من ڪري روح تنهنجو،
مون ڏي ڏيان ڏرڻ جي.

4. جي وڃي وڪار ڏي، پرين تون ٻڌي پار ڏي،
ته موڻي "منڌار" ڏي، ڪج پير پرڻ جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 217

تلهه: جيڪا تو عقل ۾ هئي صلاح پوري،
تہ مون کي سمجهاءِ سائين، اُها ڳالهڙي سموري.

1. آئون نا سمجهہ نسوري، مون کي مت ٿوري،
آهيان بلڪل پوري، آئون اصل اڌوري.

2. آئون تنهنجي ٻانهي آهيان، سينو ڪيئن ساهيان،
چاڪر چايان، تنهنجي ڪنديس مزوري.

3. مون کي آس آسو، تنهنجو پروسو،
ڏج ڪو دلاسو، تہ وڃي وهلوري.

4. جيڪا تو منهنجي يار کي، تنهنجي وٽي ويچار کي،
سا مڙيئي "منڌار" کي، هاڻ آهي منظوري.

ڪافي. 218

تلهه: سينگار ڪندیون ڪيئن عيب وندیون،
اي ميان عمر اکين مان، وهي نير ندیون.

1. آئون آهيان عيب داري، منجهہ ڪڙم ڪاٽياري،
۽ هيءَ ڳالهہ ساري، مون کان پنوهاريون پچنديون.

2. حڪم هلايو، رعيت رنجايو،
ٻيون اولون اڻايو، تو رکين ميار مديون.

3. زورئون ضعيفن کي، جهلين کوهہ تنين کي،
ڪر آزاد اُن کي، جي تو هاڻ بنديون.

4. چئي "منڌارو"، آئون آهيان عيب دارو،
۽ روئان ٿو ويچارو، هي ساريو ڳالهيون سنديون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 219

تلهه: ڪيڏ ڪيس خوشحال، گوندر گوڙ سڏڻ سان وڻڙو.

1. ڪيو مينهن مليو موچارو، جتي ماروئڙن جو مال،
مچي شال متارو ٿيئڙو.

2. وسڻ ساڻ وڏيڪ ٿئي ٿو، آباڻو اقبال،
قادر ڪرم متن جو ڪيئڙو.

3. هجن شال سنگهار سلامت، ڪو نه ڏسن پيو ڪال،
هجي احسان متن شال اهڙو.

4. چئي "منڌار" مرادون منهنجيون، پانيان ٿيندیون برحال،
مائٽ خوش، ته ناهي غم ٻئڙو.

ڪافي. 220

تلهه: ويڙهيچا ته ويڙا لڏي ڇڏي ويا ملڪ مليو وو.
الله آڻيندن پير.

1. دکڙا منهنجي دل جا، ڇاڻي اُتي جو اميو،
ساريو ساهيڙن کي، وو نيڻن وهايان ٿي نير.

2. رات ورهيه ڪيو وهايان، مئي سان قهر ڪبير،
مون کي تنين ميڙئين، وو ساهه جنين ساڻ سير.

3. آئون ته جهجهان ٿي جهل ۾، منهنجيءَ جان تي زنجير،
لکيو ويٺي لوڙيان، وو قربان قضا جو ڪير.

4. "منڌار" چئي ماروئڙن کي، ساري ساهه سرير،
وري ڏسنديس وطن ۾، وو ڪندو فضل فقير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 221

تلهه: منڙا مارو جي ملير جا، وڻڙا سانگ سنگهار.
وو ويڙهيون ڇڏي ولهار.

1. موٽيا ڪين مليرڏي، وري ٿيا وسڪار،
وڃي اُت ويهي رهيا، وو وطن ڪري سي وينجهار.

2. آئون بـ انهي جي آهيان، پاڙيچڙ ڪا پيزار،
هي تـ لکيو مون لوڙيو، وو ٿيس ڏٺارن ڪان ڏار.

3. مون ڪي تن ماروڙڻن جي، تن من منجهـ تنوار،
وائي اٽر وات، وو پنهوارن جي پچار.

4. منهنجي سي "منڌار" چئي، سانگي لهندا سنيار،
ڪيڙي عمرڪوٽ مان، وو نيندا پنهنجي پار.

ڪافي. 222

تلهه: مون نماڻيءَ کي تـ نصيب ٿئي ميان، پاڙو جو وهين پنوهارن جو.

1. جن جي پاڙي جي ننگ ۾، پرن هزارين،
ايڏو احسان اُيلدارن جو.

2. هيٺن تي جي هڙا ڏرين ٿا،
واهـ واهـ ترس تجارن جو.

3. اجهي جن جي اوڪ نـ ڪوئي،
ڪونهي ڏاڍ قهارن جو.

4. چئي "منڌار" مالڪ منهنجا،
مون کي ڏج پهت پينارن جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 223

تلهه: هيڪر شال تيان هيڪاندي، آئون ايل وارن اشرافن سان.

1. پاڙو نصيب ڪج پنهوارن جو، جيءَ وٽت آهي منهنجي جن سان.

2. ننڊي لاڪون جن نپايس، محبت تن ماڙيچن سان.

3. ڏک سک سانگين ساڻ گذاريان، وطن وڃي ويڙهيچن سان.

4. ميلو فقير "منڌار" جو، ڪج ماڳ نيئي محبوبن سان.

ڪافي. 224

تلهه: عمر ميان پرچاءِ متن مارن کي.

1. منڙا مارو جي مليرجا، وي ميان!
راهڙوم رنجاءِ.

2. زبردستي ضعيفن سين، وي ميان!
حڪر ڪوم هلاءِ.

3. رعيت پنهنجي قيد ڪراوڻ، وي ميان!
توکي ڪين جڳاءِ.

4. سرهي بابت سومرا، وي ميان!
هي ماڙيچي موڙاءِ.

5. چئي "منڌار" ته مهر منجهرا وي ميان!
ڪلف قيدن جا لاهه.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 225

تلهه: وطن ويڙهيچا ياد ڪريو، پوءِ آئون تہ روئان ڏينهن راتو رات.

1. سرتيون ساهيڙيون آئون نت ساريان، مٺا ماروئڙا مور نہ وساريان.
وو وائي اُن جي آهي منهنجي وات.

2. ڪاڄ جنين جو سڳر ۽ سانئون، عمر اُداسڻ اُن لاءِ آئون،
وو طلب تنين جي آهي مون کي تات.

3. ماڳ مليو جي لوئي نہ لاهيندیس، اتم اميد وطن آئون ويندیس،
وو مان مارن سين ٿئي ملاقات.

4. عرض "منڌار" جا الله اگهائيندو، مون کي مارن سان مولا ملائيندو،
پسان پنوهارن کي پريات.

ڪافي. 226

تلهه: ماڳ مٽياڻيون مور نہ وسرن، هو جي چڏير جر هاريندیون.

1. راز جنين سان منهنجي روح جو، ياد ڪنديم سي سنجهه صبح جو،
وو مون کي ساهيڙيون ساريندیون.

2. اُتڻ اوطاقون منهنجيون نهاريو، سنگت سنيها سرتيون ساريو،
وو اُتي ويٺي تہ اوساريندیون.

3. رئندي رئندي وڃڙيس جن سان، تن جي وٽ ڪا آهي منهنجي تن سان.
وو سي تہ گوندر ڏينهن گهاريندیون.

4. چئي "منڌار" دل اتم اُداسي، پسڻ پنوهارن لاءِ پياسي،
مان ملن من تاريندیون.

ڪافي. 227

تلهه: عمر اباڻن جا نوان نياپا آيا.

1. ڏيئي ڏوراپا موڪيا وي ميان! مهڻا مونڊي منهنجي ماءِ.
2. ڇو وطن وساريو ئي پنهنجو الوالو. تون اڳ نه مئين ان ڪاءِ.
3. مهڻو مارن جي ڇائيءَ ڪي وي ميان! سڪ وهي ڪيئن ساءِ.
4. مارن سان "منڌار" ڇئي وي ميان! ملڻ ڪندم مولي.

ڪافي. 228

تلهه: مون ڪي تن ماروئڙن ري، گذري ورهيه ويا،
اچي عمرڪوٽ ۾، وو مئي ڪي پيند پيا.

1. عمر تن اباڻن سين، وو هڙم قول ڪيا.
2. ڪٽيون ڪائڙ پار جون، وو ليڙون ٽيم ليا.
3. مارو ڏينندم مهڻا، وو هينڙي هول ٽيا.
4. مان ٽئي "منڌار" جي وو قسمت هن پار هيا.

ڪافي. 229

تلهه: ڪاجا مون ڪي رانجهن رمز رلائي وو!
او ته شوق شرع تي رهڻ نه ڏيم.

1. لنگهي ندي آئون پار جا پئڙي، وس ته پنهنجي ڪان آهيان وئڙي،
وو دم پلڪ صبر سڪ سهڻ نه ڏيم.

2. اي عشق واريون ائين تان مور نه آهيو، ڳالهيون عقل جون ٽيون سمجهايو،
وو مون بين ٻڌيم سا ٻهڻ نه ڏيم.

Gul Hayat Institute

راڳڻي ملاري　　شغل لاڳو

3. قضا نبيرين منهنجي، ڪيئن تو قاضي آئون رانجهن جي رب ايهين راضي.
وو جيڪو لقب انهيءَ تان لهڻ نہ ڏيندو.

4. چئي "منڌار" مجيرو هڪ ماهي، جو سر سبحاني شان الاهي،
وو جيڪو وات انهيءَ ريءَ وهڻ نہ ڏيندو.

ڪافي. 230

ٽلهه: سرها ٽيڙا سنگهار، ونا مينهن موڪون.

1. لٽو ڏولائو ڏوٽيون، اي ميان! آئي ويڙهيچن وار.

2. سانگي مئيءَ جا سڪي ٽيئڙا، اي ميان! پنهنجي ڏيهه ۾ پنوهار.

3. ڪائوڙيا خوش حال ۾، اي ميان! چارين ڏڻ تہ ڏڻار.

4. منهنجي سي "منڌار" چئي، اي ميان! سانگي لهندا سنيار.

راڳڻي سورٺ　　تار ڪلواڙو

ڪافي. 231

ٽلهه: تو وڃائي تار ٻيجل، ڏيل منهنجو ڏاريو.

1. تنهنجو ساز سڻي مون پنهنجو، ڪڙم ڪل وساريو،
شائق شهادت جو آهيان، مون ڪي سو پيالو پياريو.

2. سر توتان صدقي ڪريان، سائين ويهه پيرا واريو،
بي بہ ني ملڪيت مون سندي، جيڪو ڏن ڏڻ مون ڏاريو.

3. تون ڪنهن جو ڇايو آهين، توکي ڪنهن نپايو پاريو،
ءِ ڪير تنهنجو استاد آهي، هي ساز جنهن سيکاريو.

4. مونکي تو "منڌار" چئي، سائين موت کان اڳ ماريو،
هاڻ ڪات سان ڪاٽين پلي، سر تن کان تند اُتاريو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 232

ٽلهه: پول پيجل ڪين ٻيو، جانسين سري سرير تي.

1. ڪل نفس ذائقة الموٽ، هر ڪوئي ڪپي خمير تي،
ڪانه ڪا تدبير ٿيندي، رب جي تقدير تي.

2. سر ڏيڻ سرهو ٿو پائيان، ڪنڌ جهڙي ڪير تي،
من ٻيو به ڪجهه قبول پئي، رستي خدا اڪثير تي.

3. تند تنهنجي ڪئي آهي ميان، دل منهنجي ڏير تي،
پوءِ متان وس نا هلي، ۽ هينئر سخا جي سير تي.

4. هي ڳالهيون "منڌار" ميئين، تي چيو چارڻ فقير ڪي،
پوءِ سر ڏنو ڏاتار ڇئي، ڪلمو محمد ميرتي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 233

تلهه: راجا منجهه رتول گهرايو مڳڻون.

1. ڪوٽ ڪٽر ۾ ڪونئين تنهن ڪي، چڙهائي منجهه چوڏول.
2. سر ڏيڻ جا سهجئون صاحب، تنهن ٻيجل سان ڪيا ٻول.
3. ڪياءِ مٿو ۽ ملڪيت منگتي جي، ٻيا بـ ڏناءِ سو ٽول.
4. چارڻ سان چت من جون ڳالهيون، تنهن ڪامل ڪيڙا قول.
5. ميراثين جا مشڪل وڻڙا، هينڙي مٿان سڀ هول.
6. چئي "منڌار" ميراثي ڪل جا، عيب ڏيکيا تنهن ڏول.

ڪافي. 234

تلهه: راجا جو ميان ڏسو راض، مٿي تنهن مڳڻي.

1. بخش ڏنا بادشاهه تنهن ڪي، ۽ بيحد بي انداز.
2. ايترو ڪنهن تي ڪين ڪيو اڳ تنهن نرمل نور نواز.
3. راجا منجهه رتول گهرايس، اچي سالڪ چوريو ساز.
4. انا احمد بلاميمي، وري اهڙو ٿيو آواز.
5. سائل تي سلطان جو ٿي پيو چئي "منڌار" مجاز.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 235

تلهه: أن سائل سان سلطان، راضي ٿي پرتو.

1. واهه ڏاتار تعريفن جهرو، ۽ واهه واهه پلو آهي پسان.
2. مٿو ڏنو منگتي کي مالڪ، پيو به سارو جڳ جهان.
3. چارڻ جو جنهن چوڻ مڃيو تي، تنهن به لڏو ٿي دان.
4. الانسان سري و انا سره سوالي جو، ٿيو شان.
5. انا احمد بلاميمي، لهي ويو غير گمان.
6. سوئي سائل سلطان به سوئي، هو هڪڙو ماڳ مڪان.
7. مٿو ڏنو "منشار" تنهن کي، پيو به سندس ڪلام قرآن.

ڪافي. 236

تلهه: أن جي تندن چيو ٿي، تحليل ذكر هو ذاتي.

1. ڏسي ميراثي منگتي کي، خوش ٿيو پاڻ خليل،
جنهن ڳراڻي پاتي.
2. ساز سڃي سمجهي ويو صاحب، سو نفي اثبات اصيل،
لنوڻ جنهن لاتي.
3. اهي ريتيون راو ڏياچ رکيون تي، سائل سان سپ سيل،
هئي سنديس چا تي.

Gul Hayat Institute

4. سڏيئي سر کي سنياهيو صاحب، ڏريائين کونہ دليل،
چي ڪيڏي آءُ ڪاتي.

5. روبرو راجا وٽ راڳي، ڪڏهن ويو کونہ قليل،
پائي ڪو جهاتي.

6. چئي "منڌار" ميراثي کي، اُت کوڻي ويو جبرئيل،
خاوند جو خاطي.

کافي. 237

تلهہ: دان ڏنا دربار، موڻي کي منگتي.

1. ڪامل ڪيو ڪونين سپوئي، اصل سنديس اختيار.

2. سهنج سپيئي قرب ڪروڙين، ساڻس ڪيا سرڪار.

3. سر ڏنو سرهو ٿي صاحب، دل جي پني درڪار.

4. منع ڪيس تي مٿي ڏيڻ ڪوڻ، هن سورٺ جهڙي نار.

5. چئي "منڌار" ميراثي مرڪيو، هي مر مرڪي مڱٺهار.

کافي. 238

سو سوال سورٺ ڪيا، مڱٺهار هڪڙوئي نا مجي.

1. ماڻڪ ۽ مرجان موتي، هيرا ۽ لعلون هزار.
جهوليون پريو پيرين پوي، ڪريو منڻون منگتي ڏي سجي.

Gul Hayat Institute

2. لک سوين ميڙيون مڪائين، چارڻ ڇيو ڪنهن جو نہ ڪيو.
هن اُتي آزيون ڪيون، هو ڳالهه ڪنهن جي نہ ڳجهي.

3. رت روپو رڙيون ڪري، ۽ پاڻ پٽ سان جي هٽي.
سر مٿي واري وسائي، توڙي علاج ٻانهين کي پچي.

4. ڪو ترس تنهن کي نہ ڏيو، هئي هئي ڏسي هن حال کي.
وٽيو مٿو "منڌار" ڇڻي، پوءِ موٽيو ميراثي وڃي.

ڪافي. 239

تلهه: سورٺ ڇوي سڏ سوال مون، منگتا خدا جي واسطي.

1. ڪرم تند تيار تون، وقت هن وڃائڻ جي.
چارڻ ۽ چولي لاهجان، چنگتا خدا جي واسطي.

2. وڻ خزانا خير سين، ۽ راجا گهران سڀ روڪڙا.
ٻيا پوشاڪ جا سامان وڻ، رنگتا خدا جي واسطي.

3. هار هيرن جا ڏيانءِ، سي ڳهه وٽي وڃ ڳوٺ تون.
آئون ڏيانءِ زيور لاهي پنهنجي انگتا، خدا جي واسطي.

4. تہ بہ نا مڙيو "منڌار" سو، وڃي ٽيو راجا جي روءِ روءِ.
ڪاپار ڪاٽيو تنهن ڪلهن، دنگتا خدا جي واسطي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 240

تلهه: مڃ آزي منگتا، هاڻ ڏي ۾ سورٺ ڪي ڏاڳ.

1. ياقوت زمرد، امل ماڻڪ، موتي ۽ مرجان ٻيا،
سورٺ ڇئي وٺ سوال ۾، لعلون جواهر تنهنجو لاڳ.

2. وٺ ملڪ ميراث ۾، جاگير توکي جاجڪا،
سرم گهر سردار جو، جنهن ۾ سهاڳڻ جو سهاڳ.

3. هٿ هار هيرن جا گهڙا، زيور ۽ زر مال ٻيو،
جو گهرين آئون سو ڏيئين، تون راجا جي مهندان ڪرم راڳ.

4. وڃ موتي "منڌار" ڇئي، ٻي مايا ميراثي وٺي،
مٺو ۾ گهر محبوب کان، تان هوئي سندم سٻتو سهاڳ.

ڪافي. 241

تلهه: سرم وڃ سردار جو، مگٺهار مون کي ڏي مرڻ.

1. منگتا هن محلات ۾، هاڻ قيام کاري ڪير ڪر،
کو ترس توکي کپي، ميان ڏيانڙو دل ۾ ڏرڻ.

2. سورٺ جا سينگار سونا، زيور ۽ زرمال وٺ،
خون مان کهڙو ڪٽيو، توکي خزانو کپي ڪٽڻ.

3. هٿ سوين سوالي اچن، داتا جي در تي دان لئه،
اڄ ڏسي توکي منهين جي، ڏيل ۾ ٿي پيو ڏرڻ.

4. مڃ منٺ "منڌار" ڇئي، هيءَ عرض نام الله جي،
هيءَ مٺو محبوب جو، تنهن کان کپي توکي ٿرڻ.

ڪافي. 242

تلهه: ان ڪي سورٺ ڪيا ٿي سوال، ٿه موتي وچ مڱڻا.

1. سر جي بدران سون وٽي وچ، مايا اڻ ڪٽ مال.

2. ماڻڪ موتي مرجان موچارا، وٽ تون جواهر لال.

3. جاڳ جهليو ڪين رهيو ٿي، جنهن جي ڪئي سردار سنپال.

4. مٽو وٽي "منڌار" سو ويڙو، جنهن سان ڪرم ڪيائين ڪالهه.

ڪافي. 243

تلهه: تنهنجي نينهن جي اندر نگهوسار ٿيس، لاچار ٿيس،
دڪ ورهه وڪوڙي مونکي ويڙو.

1. قسمت ڪرم نصيب ڪنئون، پوءِ نينهڑو لڳم وو مواريان،
نينهڑو لڳم نروار ٿيس، اظهار ٿيس، پيوند پريت جو قابو پيئڙو.

2. لاءِ تنهنجي ني وي ميان لوڪ ساري، جوني الاگولو غرضن مواريان،
گولو غرضن دار ٿيس، بردار ٿيس، بانهون ٻڌي بانهن جهڙو.

3. روح منهنجي ڪي وي ميان ريءَ تنهنجي ني الا، جو ٻين پنين ڪوڻ مواريان،
جو ٻين پنين ڪوڻ بيزار ٿيس، هيڻن هنموار ٿيس، ڪامڻ ڪيئي مون ساڻ ڪهڙو.

4. چئي "منڌار" وي ميان، تنهنجي محبت اندر، وو برهه ڪٽي وو مواريان،
برهه ڪٽي بيمار ڪيس، نه هوشيار ٿيس، هوش عقل تنهنجي نينهن نٿهڙو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 244

تلهه: پلي آئين مڱٺهار مون وٽ، جو گهرين سو آئون ڏيان.

1. مال ملڪيت مون سندو، تنهنجي قدم تان قربان ٿئي،
توکان منهنو مطلب ناهي، پوءِ سر ڇاجي لاءِ ساندياڻ.

2. سر توتان صدقي ڪريان، جي ويهه پيرا تون وڌين،
آئون تنهنجي واسطي، سو پيالو شهادت پيان.

3. گهر ٽڙ مٽاهين گهوريان، پي ساهه سوڏي هيءَ سري،
جي ڪپار قبول پئي، ته پوءِ سمورو ئي سون ٿيان.

4. اچي ٿيو مٽس "منڌار" چئي، راجا راضي هن طرح،
جو مڱيائين سو مليس، مڱٺهار مرکيو وٽ ميان.

ڪافي. 245

تلهه: هي هلٽ هن مون غريب جو، آهي آسري الله جي.

1. آئون نه عابد ٿيس اصل، پرهيز مون کان نا پني،
نا مون پي عبادت ڪئي، بنا ڪلمي رسول الله جي.

2. نياز رڻ ناهي ذرو ڪو، پيو عمل صالح سندم،
آئون ٿو لطف رب کان گهران، پنهنجي واسطي ارواح جي.

3. ڪر ڪاريگر ٿو ڪري بندو آهي مثل اوزار جي،
جيئن وڻي تينئن سو ڪري، پنهنجي نظر ساڻ نگاهه جي.

4. "منڌار" کي مرشد امين محمد، اهو ارشاد ڪيو،
ته رب رکندو تو بندي کي، پنهنجي پلوءِ هيٺ پناهه جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 246

تلهه: قلم قسمت ۾ لکيو، ڏس حال منهنجو هيئن ٿيو.

1. دل جي ذري دلدار سان، روح جي رتي رلجي ويو،
گر ٿيون پيون سڀ گهٽيون، اهو قيد مون لاءِ ڪيئن ٿيو.

2. حسن حضرت هوت جو، جابر زوراور مون مٿي،
جيئن باز جهرڪيءَ ڪي جهلي، هيءَ تاب مون تي تيئن ٿيو.

3. اڌ ڪني اڌ مئي آهيان، سڪرات جي صورت ڏٺيم،
ناممڪاتي، ناحياتي، ڏسو جيئڻ منهنجو جيئن ٿيو.

4. "منڌار" جو مطلب عجيبن کان بنا، آهي نه پيو،
سوئي سڀي، سوئي من بڌي، فرياد ساجن سيئن ٿيو.

ڪافي. 247

تلهه: ديدار دلبر جي خاطر، دل تانگهه مان تڪي پيئي.

1. هن عشق جي آڙاهه جي، آتش اجهامڙ کان گهٽي،
هن دود ۾ دلڙي منهنجي، هن باهه ۾ ٻڙڪي پيئي.

2. هاڻي ڪريو هئي ويچاري، ڏينهن رات سڀ رڙندي وتي،
ڪيهون ڪريو ڪارڙ پريءَ، پاڪاريو ٻڙڪي پيئي.

3. جڏهن برهه جو باشو آيو، عقل هوش پوءِ اڏري ويا،
هو شڪار شڪرو ويو ڪري، هي ڦاتي دست ۾ ڦڙڪي پيئي.

4. هاڻ مشڪل ڏسڻ "منڌار" جئي، صورت ساڳي سهڻي يار جي،
ڳوٺ شهر ڳوليو گهٽيون، هي ووڙڻ جي لاءِ وڙڪي پيئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 248

ٽلهه: پيارا نه پوئواري ڪيئي، ڏک ۾ لنگهي ڏينهڙا ويا.

1. سک ۾ سيارو ويو لنگهي، آئون جليس جدائي ۾ پٽي،
منهنجي آس هي اوٽين رهي، ثابت لنگهي سيڙا ويا.

2. تون آئين نه اونهاري ڏينهن، لک لوءِ جهولا سپ سنڀر،
رئندي اها به رت ويئي لنگهي، سي ڇڪتو ٿي ڇاليهڙا ويا.

3. پوءِ مون ٿي پانيو محبوب تون، ملندين ملهاري ۾ مون ڪي،
لنگهي ويو سال گذري، ساوڻي موسم وسي مينهڙا ويا.

4. هاڻ ڏاران ملڻ "منڌار" ڇئي، ساعت صبر اوڪو گهٽو،
اهي مات موهيل ڪيئن ڪندا، جن جا هجي هينئڙا ويا.

ڪافي. 249

ٽلهه: سک سوز سوداءَ جو مرض، سوئي جوان جاڳائي ويو.

1. عجيب هو آيو اگڻ، محبوب مون مسڪين جي،
سو عشق ذاتيءَ جو زڪر، لنءَ لنءَ ۾ لاڳائي ويو.

2. من تن هنيو مقدر منهنجو، طالب ڪيئي تلقين سين،
پئسن بنا پنهنجو ڪري، دلدار داڳائي ويو.

3. دارون دوا دلبر بنا، لقمان جي لڳندي ڪٽان،
نند خواب ۾ نقطو اهو، احوال آڳاهي ويو.

4. هاڻ ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، قسمت ڪيو قابو آهيان،
دل درد دلبر ويو ڏيئي، ورهين سين واڳائي ويو.

4. هاڻ مرڻ نه جيئڻ "منڌار" ڇئي، ساڻم وقت سڪرات جو،
حال هيءَ ههڙو ٿيو، ڏيئي سور ساڳائي ويو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 250

تلهه: خواب سهڻي ۾ صحي، ساڳيو ڏٺو سردار مون،
ڪئي حمايت پاڻ حضرت اڄ آيو آڏار مون.

1. خوف خطرا ويا لهي، ٻيا هول مون هيڻي سندا،
هو سروري سردار عالم، ٿيو مدد مهندار مون.

2. لاچار مشڪل مون مٿان لائق لطف ساڻ لاهيا،
هاڻ ٿيون خوشيون ۽ شاديون، هلي گهر آيو غمڻار مون.

3. نور نرمل جو ڏٺم، شمسي قمر جو ڇڻ شعاع،
منهنجي دل اکين ديدار ڪيو، انور ڏٺو اظهار مون.

4. "منڌار" تي مرشد مٺي، محمد امين[1] امداد ڪيو،
سوغات سهڻي بي بها، ڏيئي بخش ويو ڏاتار مون.

ڪافي. 251

تلهه: من موهيو مون مسڪين جو، نرمل منا نالي تنهنجي.

1. ڪنهن رمز سان روحڙو منهنجو، پيارل ونڻي پنهنجو ڪيئي،
گهنڊ گهور گهايل ڪيو آهيان، ان چشمن واري چالي تنهنجي.

2. دل دام ۾ ڦاسي پيئي، هينئڙو ويچارو ويو هچي،
من تن محو مجذوب ڪيو، ان نينهن نرالي تنهنجي.

3. تنهنجي مهتاب منهن منور مٿي، نقطو ذرو نيشان جيئن،
تنهن ساهه سوگهو ڪيو سندم، ان خال تر ڪالي تنهنجي.

4. هاڻ "منڌار" ٿيو مجروح، ڏس ڦٽجي فنائي ۾ ويو،
جنهن کي ڪلندي خنجر خوني هنيئي، سور پور پور ڪيو پالي تنهنجي.

---

[1] امي

ڪافي. 252

تلهه: مون کي ڪانه ڪجلن جا هٽيو، محبوب پوءِ مارين ڇو ٿو.

1. دک درد جا دفتر مون کي، پيارل پڙهايا تو گهٽا،
سي مون سبق پختا پڙهيا، سڙ سڙ پوءِ سيکارين ڇو ٿو.

2. هينڙا جنين جا ويا هجي، ڏينهن رات سي ڪيهون ڪون،
اُهي ماڻ موهيل ڪيئن ڪندا، روئندن کي روئاڙين ڇو ٿو.

3. سر جا زلف ڪمندون ڪري، قابو ڪيئي قيدين وانگي،
پيا چارا چلڙ جا ويا چڪي، سي ڏاڍيون ڏيکارين ڇو ٿو.

4. ان مهتاب منهن محراب ۾ آبرو تراريون تو سنديون،
هٿيار حشمت جا اهي مون عاشق تي الارين ڇو ٿو.

5. مون عاشق جي لاءِ اکيون تنهنجيون، پرليون بندوقون تي پيون،
نڪ ۽ ٻيون ديدون دونالين، ڏاڙي جي لاءِ ڏارين ڇو ٿو.

6. اهي لال لب هيري جا ڏند، زهري زبان ظاهر ڪري،
شائق سڏندڙ ويا سڙي، اُن کي ٻولڙ سين پوءِ ٻارين ڇو ٿو.

7. تنهنجي حسن جا هيڏا مون سان لشکر، لڙائيون تا ڪرن،
ڪن فير فوجون سي اچيو، اهي اُڙڻ[1] اُتارين ڇو ٿو.

8. سؤ خون ڪلندي تو کرين، جيئن خانن خوشي مرگهن مرڙ،
تيئن سڪندڙ سوين قاتل، کهين حاکم تون هيکارين ڇو ٿو.

9. "منڌار" هن مجروح کي، اهي هٿيار هر هر تو هٽين،
کباب جيئن ڪٽيو ڪٽين، کريو پٽي پوءِ پلتارين ڇو ٿو.

---

[1] لشکر.

ڪافي. 253

تلهه: آرام اکڙين ڪونه ڪيو، دل تي درد دلدار جو.

1. جيرا ڦڦڙ منهنجيون ڀڪيون، سڪ سوز ۾ سڀيئي سڙن،
هڏ چم هنيئون نبضون رڳون، ڪوجل جاڳين آزار جو.

2. جيئن جيئن جدائي تي ٿئي، تيئن تيئن ورهه وڌندو وڃي،
عذاب انهيءَ ۾ آهيان، هيءَ حال مون بيمار جو.

3. دارون دوا هن درد تي، هنر نه حڪيمن جو هلي،
سي ٻيون گهٽيئي ٻڪيون ڏين، جي فرق نه وجهن هڪ وار جو.

4. علاج آهي ايترو جي ساجن ملي، ته صحتيو تيان،
هوند ديدار سان دکڙا لهن، وڃي مرض سڀ "منڌار" جو.

ڪافي. 254

تلهه: ڏکيو ڏسڻ تو يار جو، مون وصيت ويچاريءَ جي ويئي.

1. سڪيس سياري ۾ پٽي، آڻون دلبر تنهنجي ديدار لاءِ،
رڻ جا رتيم تي روح ۾، اوءِ مون اُجياريءَ جي ويئي.

2. تنهنجي عشق ۾ آرهڙ سڃوئي، ڏينهن رات آڻون رنيس پٽي،
ڪوئي ترس توکي ڪونه پيو، مون هج دل فيغاريءَ[1] جي ويئي.

3. تيو سال پورو هيءُ سڃوئي، سانوڻ لنگهي سارو ويو،
جو مليس نه انهيءَ معياد تي، هي موسم ملاري جي ويئي.

4. هاڻ هن کان مهند "منڌار" ڇئي، نجاڻان موٽي ملڻ ٿيندو ڪڏهن،
حج جا هيم تو هوت ۾، اها مون آس واريءَ جي ويئي.

---

[1] ڪنڀل.

ڪافي. 255

تلهه: اڳيون اڌ عمر هيس حرص ۾، آيا سور آخيريءَ ۾.

1. ننڊپڻ ڪنوڻ جواني تاڻي، سڀ ڏينهن مون سکيا ڪٽيا،
هاڻي وڪوڙي ورهه ويا، هي وهلور آخيريءَ ۾

2. جنهن ڏينهن ٽيو جانب جدا پوءِ، سڪ ساهه ۾ سر جي سنديس،
ءِ حب جا بحر هينئڙي مٿي، اڇي پيا پور آخيريءَ ۾.

3. وڍِ چير مون وڇڙيل سندا، ءِ فراق ۾ ڦٽ پيا چڪي،
نت نت لڳن لنوڻون اندر، هي انبور آخيريءَ ۾.

4. ءِ ڏاران ملڻ "منڌار" چئي، ڏينهن رات آئون رڙيون ڪريان،
سو درد ڪن دلڙيءَ مٿي، دستور آخيريءَ ۾.

ڪافي. 256

تلهه: پيو مٺ ثاني سمجهي نه دل، دنيا ۾ دلبر يار جو.

1. منجهه خواب سپني مون سير ڪيو، ان الاهي اسرار جو،
اتي روح ويساهه ڪيو وڏو، ٻڌي عهد هڪ اعتبار جو.

2. پوءِ توري دل تپاس ڪيو، پنهنجي ويساهه جي ويچار جو،
تائين مشرق مغرب ناهي مل، حضرت جي هڪ وار جو.

3. ڪريان ڪيترو آئون بيان، سنديس سونهن ءِ سينگار جو،
جنهن رب بنائي ڪٽي راس ڪيو، تنهن انصاف خلقڻ هار جو.

4. هت ڪوڙ واجب ڪين مطلب مناسب "منڌار" جو،
مون کي دل يقين قسم خدا پرور پاڪ دگار جو.

Gul Hayat Institute

كافي. 257

تلهـ: منهنجي دل كسي دلبر كڻي ويو، كمند ۾ قابو كري.

1. جيئن كسيو سر هو كنگهار كان، پيجل تان تندن ۾ ڏري،
تيئن مون كي موهيو محبوب، سندي گفتي زبان جي ڏري.

2. هن وجود جو وارث هيئون، منجهه عشق جي اچي ويو آري،
پيا بدن جا عضوا اتي، سڀ بيٺا برداري پري.

3. هڪ جدائيءَ جو جنجال، پيو ريءَ ديدار ساعت ناسري،
هوند جي ملڻ موڻي تئي، تہ پوءِ پڙڪ بيماري ٿري.

4. پجرو خاڪ جو بنا دل خالي، پيو ٿو لحم لگّ لگّ تان ڳري،
سو فراق ۾ ڦٽيو گهٽو، تو مجروح "منڌارو" مري.

كافي. 258

تلهـ: مختيار محمد مصطفيٰ ارباب عربستان جو،
مولي جنهن لاءِ هو مكو، قادر علم قرآن جو.

1. مكي مديني جو ڌڻي، مالك مصر كنعان جو،
بغداد بصري ۽ بلخ، استنبول ۽ ايران جو.

2. كشمير كابل ۽ يمن، خاوند ساري خراسان جو،
سرتاج سنڌ سيوهڻ واري، ۽ مالك ملك ملتان جو.

3. چين جاوي ۽ لندن، انگريز ملك جپان جو،
اجمير دلي ۽ دكن، حاكم هي هندستان جو.

Gul Hayat Institute

4. سو مشرق مغرب جو ڏڻي، سڀ ارض ۽ آسمان جو،
چوڏهن طبق تائب سندس، آهي سرتاج سڀ سلطان جو.

5. هو بيرنگي بادشاهه رب، هيءَ محمد مثل انسان جو،
ڏس انا احمد بلاميمي، قول نبي زبان جو.

6. ڪندا شاعر هيءَ شمارو چا، پنهنجو آڻي ذوق زبان جو،
تنهن ساراهه جو ناهي سنڌو، ان ڪونهي ڇيهه بيان جو.

7. سو هادي هدايت جو ڏڻي، ساري جڳت جوڙ جهان جو،
سو "منڌار" مڱڻهار هن، آهي ڏاتار مون پٽ پان جو.

ڪافي. 259

تلهه: من ميرا مجذوب هو، هر دلبرا ديوان هون.

1. مجهکو نهين معلوم، اپنا حال ڪيسا هو رها،
هوش ميرا گم هوگيا، هر اس قدر عريان هون.

2. اپني نفعي نقصان کي، همنون خبر تل نا رهي،
ننگ شرم سي هم گيا، اسي لوک سي بيگان هون.

Gul Hayat Institute

3. جيوين شمع اوپر عاشق پتنگ، پيچي نهين هٽائيگا قدم،
اس مثل صورت تيري، اوپر پتنگ پروان هون.

4. اپني خون کي رخصت، تجهکو محبوب "منڌار" هي ديءَ،
هٿيار اپني هاٿ سي، تم چلاؤ، هم نيشان هون.

كافي. 260

تلهه: اس حال اپني كي خبر، تجهكو سنائون ري پيا.

1. جيوين بلبلي حيران هوئي، گلزار ديكن كي لئ،
ايوين تيري صورت اوپر، مجنون هم مقرر تيا.

2. جيوين سپ سمونڊي كي تلي، نيچي رهي اپ ۾ ابر،
ووئي نكل اوپر نيركي، برسات قطرا اس ليا.

3. جيوين پاني بنا پل ايك ۾، مچيان كا مرنا هو رها،
اُس مثل تيرا هجر، مشكل همارا يي جيا.

4. جيوين خواب سپني ۾ ديكي، صورت زليخا يوسفي،
هم اُس مثل بيمار هون، ميرا رنگ زردا هوگيا.

5. يي بات مري سن ري صنم، هم نون عشق ايسا لگا،
مجروح "منثار" هويا، تيري بر هي كام كيسا كيا.

كافي. 261

تلهه: هم نون ديكو دك درد يي، پياري كاملن مشكل هوا.

1. سك حرص هم سي گيا، روتا رهون دن رين مين،
ساجن صنم ملتا نهين، نينهن كا درد نازل هوا.

2. حرفت هنر لقمان كا، طاقت طبيبان كي نهين،
يي مرض ميري پر لوكو، افلاطون لاعقل هوا.

3. تقدير پر تدبير نهين، عاقل عقل عاجز هوا،
ساجن صحي ميري صحت، نهين دوسرا درمل هوا.

Gul Hayat Institute

4. عقبيٰ کي رکون نهين آرزا، دنيا ۾ دعوي ناڏرون،
درکار دلبر کي هئي، يون پکارتا پلپل هوا.

5. "منثار" کي من يي هي، درکار دلبر کي هوتي،
محبوب کي ملني سي وو هي، مقصد ميرا حاصل هوا.

کافي. 262

تلهه: اس خواب کي خطري زليخا، رين دن روتي هوئي.

1. سپنا صغيري کي عمر، اس ني عشق دک لائيا،
دک پڙا اس کي گلي، يي تو پلنگين اوپر سوتي هوئي.

2. چاليس برسون کي مدت، اُس نون مقصد نا ملا،
رو رو اُمي نابين هوئي، اس هجر ۾ هوتي هوئي.

3. باتون دل کي ديد سون، يوسف پئچانتي هوئي،
پر ان سين اپنا پيا، محبوب ني جوتي هوئي.

4. جوئي "منثار" مرني سين جيا، اس پر مرن ڪرنا هويا،
اس کا هوس زنده نهين، يي تو موتو مثل فوتي هوئي.

راڳڻي پيروي تار اولنگهه

Gul Hayat Institute

کافي. 263

تلهه: جا منهنجي دل يار ڪري نيڙي،
سا وس وقوف کنان ويڙي.

1. دل منهنجي کي دام وڌائين، حسن جا هاگام کيائين،
کامڻ وارا کام کائين، ڏاهپ کانه هلي ٻيڙي.

2. يار حسن جي هيم هوائي، گھور سنديس آهيان گھائي،
طاقت کانه رهي پي کائي، لڇان لاءِ پرينءَ پيڙي.

3. ڪجل بندوقون کان ڪيائين، پيرون جنگ جا جوان ڪيائين،
جا مڪي ڏندر زبان ڪيائين، آئون تہ شڪار سندس ٿيڙي.

4. "منڌار" کي مستان ڪيائين، دل کسي ديوان ڪيائين،
حال انهينءَ حيران ڪيائين، چال چلائي ويو اهڙي.

ڪافي. 264

تلھ: مين ڏوجھا درد پرايا هي، ٽيڏي ديدار وچ دلبر ميڏا.
ميڪون کسڻ ياد ول آيا هي.

1. نوان سولان ديان نوکان لڳيان،
دوهيان درد ديان ڏوکان لڳيان،
چاکان دي وچ چوکان لڳيان،
تسان مشتاق مرايا هي.

2. مين ول آيا دوا ڪيتي،
کول تسان ڏي پيوا ڪيتي،
صحت سنگھائي دي هوا ڪيتي،
تسان کاپ خنجر نڪلايا هي.

3. ديدان ٽيڏيان دو نالي،
ڪجليان ڪيفيان کالي،
اُلٽ اُهي ديان چالي،
تسان ول ول فير چڙايا هي.

4. "منڌار" کون مجروح ڪيتا،
تسان اپڻا راضي روح ڪيتا،
ول سايا سنجھ صبوح ڪيتا،
تيئن شڪار دا شوق کمايا هي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 265

تلھ: منھنجو سڻ فرياد فقير ميان!
رھيم يار جي اڪير ميان!

1. مون ڪي ملاڻج عجيب اھوئي،
جيءُ گھريو منھنجو جانب جوئي،
حال وجايم روئي روئي،
سڪان منجھ سرير ميان!

2. آھيان محبوب جي ڪارڻ ماندو،
تيءُ حمايت ڪر ھيڪاندو،
سڪ سورن کان وار نہ واندو،
مون ڪي چاڪ فراق جا چير ميان!

3. خاص خدا جو فقير تون آھين،
مھندا رسول وزير تون آھين،
برڪتدار مشير تون آھين،
ھي توکان ٿيندي تدبير ميان!

4. من محبوب ملي "منڌار" ڪي،
سوالي‌ءَ سڪٺھار ڪي،
تہ ڏسان سروري سردار ڪي،
تون ٽوڙ جدائي‌ءَ جا زنجير ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 266

تلھ: ڏنـــو مونجوڳـــيءَ تـــي جنســـار،
سرســـو ســـاميءَ جـــو ســـينگار.

1. جـڏهن دونهـون عشـق ڪـايو،
پوءِ تي جوڳيءَ جوڳ ڪمايو،
تنهـن راهونـڊ ۾ پـاڻ رچـايو،
تيـو اُڪسـير پچـي اسـرار.

2. نـاٿ گـروءَ نـر پيـر جـو،
تنهـن ڪـاپڙيءَ ڪـن چيـر جـو،
تنهـن فيضـدار فقيـر جـو،
مون ڪي پنڌ نصيب ٿئي شل پار.

3. جوڳيءَ جوڙيا جهوليون جهنڊا،
ڪنگڻ قلابا ڪشتيون ڪنڊا،
دور گذاريئـي هسـتيءَ هنڊا،
عشـق برهـ جـو ٿئـي بـردار.

4. جوڳـيءَ جڙيـون جـان جنبيليـون،
قلنـدر! پـائي قنديليـون،
ويـر وڃايـا نـاد نفيليـون،
تنبيـون سـاڻ تيـرت تيـار.

5. گبريون گودڙيـون بيـڪ اهوئـي،
سڱيون سيلهيون سانگ سپوئي،
ڪٽيـون ڪفنيـون لڳـن لوئـي،
ايءَ پهـري دلـق ڏنءِ ديـدار.

6. آيـو جنهـن تـي عشـق اڪيلـو،
ورهـ بنـا نـ گذاريئـي ويلـو،
تنهـن ست گروءَ جـو چايم چيلـو،
سـو سـنگ سـاري جـو تيـو سالار.

Gul Hayat Institute

7. تنهن من مهيسي کارڙ ماندو،
هنگلاجيءَ سين هجان هيکاندو،
پوربيءَ جو مون ورتو پاندو،
ننگ سڃاڻي نيندو نروار.

8. سنگ ۾ سرهو آهي سامي،
هت هت دائم قائم مدامي،
هر هنڌ مون سان هوندو حامي،
آهيان ان ۾ اميدن وار.

9. آهي ويراڳي وسعت وارو،
ناد جنهن جي ۾ نينهن نغارو،
سامي سنگ جو آهه سچيارو،
بر سر ڪٽندو منهنجو بار.

10 آيو مڙهيءَ مڪان ۾،
پنهنجي آديسي آستان ۾،
سو شهنشاهيءَ شان ۾،
جنهن تي دين محمديءَ جو دستار.

11. سو مرشد مڪمل پير آهي،
عاليشان امير آهي،
سو فنا في الله فقير آهي،
جنهن جو نام "امين محمد" اظهار.

12 سو ناٿ ننگي اچي مون کي نيندو،
آس اها تان کين ڇڏيندو،
سوگر مرشد نيٽي ساڻ گڏيندو،
اها اُن ۾ اميد رکي "منثار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 267

تلهه: ڪندي دنيا دوست ڪان دور ميان!
اها ساڻ نه هلندي مور ميان!

1. دنيا قارون سين ڪئي هئي ڪيهي،
ڪر ويچار وجود ۾ ويهي،
پوءِ به پچاڑي جنهن جي ايهي،
تنهن ڪان پڇي ٽي ڏور ميان!

2. پيو نمرود نادان هو،
بخت نصر بي ايمان هو،
فرعون ڪٽو ڪفران هو،
ڪيا گمراهه غرور ميان!

3. شداد بهشت بنايو،
لاءِ ويڪٽ در تي آيو،
ان جو دنيا مغز منجهايو،
تنهن موڳي ڪيو مغرور ميان!

4. مولئ محمد ڪي سمجهايو،
دانهه دنيا ڪي اُچلايو،
پاڻ ڏٺيءَ جنهن ڪي پاڻ پسايو،
ويو حق پاڪ جي حضور ميان!

5. اي "منڌار" ضروري مرڻون،
خيال خدا ڏي چگو دم ڏرڻون،
بي ڪم مان ورڻو نه سرڻون،
سڀ اجائي ٽنڊ ٽور ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 268

تلهه: محبوب ملي تو نياز ڪون، واقف ٿيج وي! اياز ڪوئن.

1. سمجهه ان مثال کي، ڪولي ڏسج خيال کي،
ڪر اڳاهون اقبال کي، ته رسئي فيض فياض ڪوئن.

2. عاشق سمجهه اشارو ٿون، ان وات ۾ ٿيج ويچارو ٿون،
ته پائين نور جو نظارو تون، تنهن رحم ڏڻي جي راض ڪوئن.

3. هن سمين تي سينگار ڪيا، جن ڳل هڻڻ جا هار ڪيا،
گندري پئي نياز اپار ڪيا، تي سهاڳڻ جام جي نواز ڪوئن.

4. هڻڻ سين جيڪي هليا، سي اوڇتي جهلڪي جهليا،
هت مولي سين مور نه مليا، توڙي حافظ ورد نماز ڪوئن.

5. من خدايه جنهن ڇيو، ۽ نفس رائي سي رهيو،
وڃي پوئتي پاهون پيو، ان ابليس آواز ڪوئن.

6. اي "منڌار" حجت ڪر ڏري، موتو قبل آل وڃ مري،
وصال پوءِ ٿيندءِ وري، پڙهه بي خوديءَ جي بياض ڪوئن.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 269

تلهه: محبوب جي مشتاق کي گهرجي ائين ئي تو عشاق کي.

1. جي ڪنهن رنگ ۾ پاڻي پيو، ته رنگ پاڻيءَ جو ويو،
پوءِ رنگ او ثابت ٿيو، تون پي رک انهين اخلاق کي.

2. قرب ۾ ائين ڪجي، جيئن پيسي سنھون سرمون ٽيجي،
پوءِ محبوب جي مھندا ڏجي، من ماڻي سو منھن پاڪ ڪي.

3. پرين سان نرم ڳالھائجي، سينو نہ تن سان ساھجي،
ڪٽي پنھنجو پاڻ وڃائجي، ڏئي ترڪ ٻيءَ املاڪ ڪي.

4. جيئن حب ۾ حضرت رسول ھو، ڏنو جنھن دنيا ڪي ادول ھو،
پوءِ تنھنجو قدم قبول ھو، ڪر تنھن پيروي جي پوشاڪ ڪي.

5. اي "منار" تنھن محبوب جي، جي توکي طلب مطلوب جي،
تہ عادت ڪجان تون ايوب جي، پوءِ من ماڻين ذوق ذراڪ ڪي.

ڪافي. 270

تلھ: ڇڏ جانب خيال جدائيءَ جو،
ھيءَ واجب وقت وفائيءَ جو.

1. نوڪر آھيان نياز جو،
طالب تنھنجي راض جو،
عاشق خوش آواز جو،
نڪي سوالي آئون پيسي پائيءَ جو.

2. آئي عاصي جي آذر ڪجي،
ڏک نہ تنھن ڪي ٻيئو ڏجي،
ھن سين حالت ۾ حامي ٿجي،
پنھنجو پري قدم پلائي جو.

Gul Hayat Institute

3. جو ڏنيئي سھاڳ صغيريءَ ۾،
تي دل رھي ڏيري ۾،
ھاڻ ائين نہ ڪر تون اخيري ۾،
ڏک عيب سندير اگلائي جو.

4. "منڌار" جي من ۾ گھٽي،
تانگھ طلب تو ڏي تٽي،
ڇاڻي خداوند سو ڏٺي،
مون کي قسم جنھن جي خدائيءَ جو.

ڪافي. 271

تلھ: اڄ ٿيو اڇڻ منھنجي يار جو، امداد سائينءَ ستار جو.

1. جنھن جي حب ھينئين ۾ ھئي گھٽي، تانگھ طلب جي تٽي،
سو الله آندو ڪٽي سٽي سوال سڪٿار جو.

2. عجيب اگڻ مون آئيو، تنھن پنھنجو پاڻ ڀلائيو،
مون سان پيچ پيارل پائيو، ھن حياتيءَ جي ڇمار جو.

3. سو عجيب اگڻ آئيو ھلي، جنھن لئہ پير پوڇيم تي ولي،
تنھن محبوب لاتي مشڪلي، اھو وڙ وڏو وينجھار جو.

4. اڄ پوين وقت پيري اٽم، احوال اخيري اٽم،
ڏني دوست دل ڏيري اٽم، ويو درد مون بيمار جو.

5. سو ھميشہ مون وٽ ھوئي، منھنجي داغ دردن جا ڏوئي،
جدا ۾ ٿئي جيئري مئي، مقصد اھو "منڌار" جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 272

تلهه: ڏسي مڃ مرڻ جو مهندئون، پتنگ عاشق اڃن اُسري.

1. سي ٿيا لال لنگهي لانگها، ڪامي پڇي خاڪ جيئن پانگا،
هستيءَ جي حرص جا سانگا، ويچارن ڪي ويا وسري.

2. لکيو راضي ٿي لوڙيائون سپر سينن ڪي جوڙيائون،
مرڻ ڪان منهن نه موڙيائون هٿيو نعرا اڃن نسري.

3. عشاقن لاءِ اصل اهڙو، حڪم جيڪس جڙيل جهڙو،
تني تي حال آيو تهڙو، سي راضي ٿيو رندڪن شڪري.

4. ڪنا ميثاق حڪم رباني، اينڊو اهو حال نيشاني،
مڪر "منڌار" ارماني، ڏکيا سکيا ڏينهن ويندا گذري.

ڪافي. 273

تلهه: جي هن دنيا ۾ حق سمجهين، تہ الاهي اسرار ڪر اعتبار،
و الله بڪل شيءٍ محيط قرآني اقرار ڪر اعتبار.

1. جي سڃاڻين هر جاءِ تون حق ڪي،
تہ وڃائي ڇڏ غير جي سڪ ڪي،
ءِ منجهئون منجهه ڳول مالڪ ڪي،
سو تو ۾ پي تڪرار ڪر اعتبار.

2. ڪونهي ٻيو اور ڪٿ ڪوئي،
آهي سو الله هڪڙوئي،
صورت سڀ ۾ بہ ساڳيو سوئي،
چوڏس چوڏار، ڪر اعتبار.

Gul Hayat Institute

راڳڻي پيروي

3. تـو وڻـي جلشانـه کـي جيهيـن،
تـ ٿئـي تحقيـق حـق تيهيـن،
هـي سـچو سنسـار آهـي ايهيـن،
پي وس نـ ڪنهن وار ڪر اعتبار.

4. جنهـن ڪيئـ اسـتاد اشـارو،
جـو "اميـن" حضـرت "هـالن" وارو،
سو حقيقـت حـال سمجهـي سـارو،
تون مَ منجهـ "منـار" ڪر اعتبار.

ڪافي. 274

تلهـ: هن مومل جي محلي موٽاءِ ڪر هو، راضي ٿي رجبوت اڇ راڻا!
سندم ولهـا سڳهو تـون ورجان، ۽ ڪر مئي ساڻ هـي ماڻـا.

1. منهنجو الله جو نـام ۽ پي آزي، رس ۾ ميءَ ساڻ ٿي راضي،
ڪريـان تعظيـم آئـون تـازي، پلنـگ پٽچيـر پيـا ويهاڻـا.

2. سوڌا توڪي سڀ رات ساريان ٿي، نڪٽ آسمان جا نهاريان ٿي،
سرها آئون شمعدان ٻاريان ٿي، تنهنجي ٽڪڙ جا سب وقت ٽاڻـا.

3. توڪـان ريءَ ڪـاڪ ڪومـاڻي، زهـر پانيـان ٿـي ان پـاڻي،
ههڙو ٿيـر حـال هـيءَ هـاڻي، ڳجـر ٿـي گونـدر وهـن گهاڻـا.

4. اصل ڏاهپ نـ هيـر اهڙي، جـو ڪريـان تدبيـر آئـون تهڙي،
اُها رسـم رجبوتـن جهڙي، تنهين مان آئـون ڇـا ڇڏـي ڇاڻـان.

5. هاڻ ڇڻيان گلڪار ڳادن ٿي، جي شاهن جا سرانجام شادن ٿي،
سر رڪان سامان سيراندن ٿي، من پلنـگ ٿي پير ڏرين پاڻـا.

6. چوي "منـار" مون کي ڏي معافي، جو سندم شهنشاهـ تون شافي،
آئـون ڪريـان دل من ۾ دريافي، تـ اسين اڳ آهيون عيبن هاڻـا!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 275

تلهه : لداڻي جيون لاڏ ڪيون توڪي، سوڍل! سڀ وقت سارين ٿيون،
تن ولهين جا ولها ڪڏهن تون ورندون جي توڏنهن نت نت نهارين ٿيون.

1. جـــي راڻـــا تـــولاءِ پيـــون روون،
هڪوئي هـي هـي جـو حـرف چـوون،
انـــدر واري آب ســـين اڪيـــون ڏوون،
هنجهـــون هـــر روز هـــارين ٿيـــون.

2. چـڏيئون لڏتـــون لباســـن جيـــون،
ڪٿوريءَ خوشبوءِ جي واسن جيون،
پيون وين خوشيون حواسن جيون،
سي ڏڪن جا ڏينهن گهارين ٿيون.

3. ڪـڏهن تـــون اينـــدون اڳـــڻ اُن جـــي،
ڪـــل گهـــر رات روئنديـــن جـــي،
مـــارڻ ســـهاڳ ســـڪندين جـــي،
سڄو ڏينهن تنهنجو نام سنپارين ٿيون.

4. هندورا! هنڊ، ڪوٽ، محل، ماڙيون،
توکان ريءَ ڪاڪ جيون ڪوماڙيون،
جـن ۾ تنهنجيـــون رهـــن راڻيـــون،
سي محلاتون "منڌار" کي مارين ٿيون.

ڪافي. 276

تلهه: پڳهـــه چـــوڙي پنـــڌ پيـــا، مـــون وينـــي وڃـــارا،
وي ميان! آئون روئندي وئي رهجي، ڪيئڙ پيڙ ٿيم ڪارا.

1. ويـــا جـــي ولات سمهـــان، شـــال اڇـــن ســـي وري،
آئـــون اوســـيئڙي اُن جـــي ڳٽتـــيءَ منجهـــه وئـــي ڳـــري،
اي ميـــان! الله آڻينـــدو اُن کـــي، صحيـــح ســـلامت ســـارا.

Gul Hayat Institute

2. مون مجتائون ڪيون خواجي پير سنديون،
سوئي صدائون سڻندو مون دلگير سنديون،
اي ميان! ويندا لطف سان لهي وسا منهنجا ورهن وارا.

3. آئون اپري ٿي آهيان ساموندين کي ساري،
مون خاطر يا مولي! وڻجارن کي واري،
اي ميان! اُن آئي سپ سونهن اگڻ وهڻ اوتارا.

4. چئي "منڌار" ملندم، مون ويڻيءَ کي وري،
ڏکيا ڏينهڙا ويندا، پوندم نيڻ ٽڙي،
اي ميان! شال نصيب ٿيندم، من مقصد موچارا.

ڪافي. 277

ٽلهه: آئون پوچاري آهيان، روز بندر جي ٽڙن،
اي ميان! واءُ سڻائو وريو، وڻجارا مان ورن!

1. مون ساريا سي ڏينهڙا مند موڙڻ جي آئي،
سوداگر سي سالم ڪن ڪا ورڻ جي وائي،
اي ميان! اچن سلامت ثابت، لهريون ڪيم لڳن.

2. دل تان دم نه لهي ساموندين جي صورت،
اچن اوقاتون گهڻيون پهه پالوڻيون پورت،
اي ميان! ڳالهيون ڳجهڙيون سندن، چت تي روز چڙهن.

3. وڻجارن جون واٽون روز نهاريان نت نت،
ڪين ڏسان ڪوهه ٽيون روئن اکڙيون رت رت،
اي ميان! منهن کان مينهن ڪريو ڳوڙها روز ڳڙن.

4. چئي "منڌار" مندبيان آئون هت فالڙيون،
مان اچن تان کريان دل جون ڳالهڙيون،
اي ميان! چونديس سور سڀئي ساري ساموندين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 278

ٽلهه: وڃي پرڏيهه ۾ پري ايڏا ڏينهن نه گذار،
اي ميان! ور وڃارا سگهو، وطن پنهنجو نه وسار.

1. مئيءَ ڪي وساري وڃي ڪيئه سفر جو سعيو،
ڪيئن سودو سو وڃيئه جيئن منهن توڪي آيو؟
اي ميان! وڃيو ورهه ويهين ٻيڙيا تان تون ٻي پار.

2. آئون ٻه تنهنجي ڪارڻ تڙ پوڃاري آهيان،
اڪا سمند ۾ آڻيو پرهه ڏنيءَ جو پايان،
اي ميان! الله توڪي من آئي، واڳ وطن ڏي پنهنجي وار.

3. اڪيون آب سين پريو روز بندر ڏي ڪٽان،
سڙهه نه ڏسان سي ساڳيا لنگهيا ڏينهڙا گهٽا،
اي ميان! مان سپاڻي اڇن، آهي دلڙيءَ ڪي درڪار.

4. چئي "منڌار" موڻي مان اڇين تون مون وڻ،
ڏينهڙا حياتيءَ جا گڏ ڪارڻ مولي! جي ڪٽ،
اي ميان! مئيءَ جو لوڙهه لڻي پوءِ ٻيا ڪمڙا سڪار.

ڪافي. 279

ٽلهه: سوداگر سفر مٿي وڃارا وڃ نه وري،
اي ميان! رهه ته گناريون گڏجي نه ته پوءِ ويندیس آءُ مري.

1. ڪر نه ولات وڃڻ جون موڻي تون وايون،
اڃان سڪائون اڳيون مون ثابت نا لاهيون،
اي ميان! سئير سنباهي تنهنجي ويڙهه ماهه ڳري.

2. آهي اسان جي توڪي معلومات مڙيائي،
ته سهڻ جدائي مون ۾ ناهي قدرت ڪائي،
اي ميان! اڳي ٻه اوهان جي لاءِ آئون هئي مستان چري.

Gul Hayat Institute

3. پاند ڳچيءَ ۾ پايو پئي هٿڑا ٻڌان ٻانهون،
سامونڊي سنبرڻ جو پهه نه ڪجان تون پاهون،
اي ميان! آئون پي آسائتي آهيان، من ڪو ڏيان
ڏري.

4. چئي "منڌار" منهنجي مڃج منٽ هيءَ آزي،
رهه رب جي واسطي ٽيڄ اسان تي راضي،
اي ميان! آئون پي دعاڳڻ تنهنجي ساعت هونديئي سيڑي.

ڪافي. 280

تلهه: وکوڙي واڳون ويا سگهان ڪيئن تار تري سائين،
اي ميان! ساهڙ ڄام سگهو منهنجي واهر تيءُ وري سائين.

1. آڳ ته اوهان ڏانهن آئون، آڏيءَ ايندي هيس،
هن درياهه منجهان تريو ويندي هيس،
اي ميان! حالت هيءَ سنديم آهي قلم قضا جي ڪري سائين.

2. هيءَ معلم[1] هوئي جي مون کي ته هوند پاڻيءَ ۾ نه پوان،
مدد ميهار سندير، اڄ جي ڪئي نه اوهان،
اي ميان! ته پوءِ مڇيون ڪيندیون مون کي ڪري گوشت ذري ۽ ذري سائين.

3. اڄ اوڙاهه اندر ٽيو مرڻ جو خوف مون کي،
ڪئين مڃ سينسار مڙيا جيءَ منهنجو ٽو جکي،
اي ميان! تي تڏهن توکي سڏيان، آهي جڏهن ڳالهه ڳري سائين!

4. چئي "منڌار" مون کي، مدارت ڏيج ميان!
ته نڪري نديءَ منجهان، وڃي پرئين پار ٽيان،
اي ميان! ته پوءِ بيشڪ، ويندیس بچي جي منهنجي پٽ تو پاڻ پري سائين!

---

[1] معلوم.

ڪافي. 281

ٽلهه: بر ۾ برامڻ جنهن لئه هئي مستان چري،
منهنجو پنهل پيارل ڪيڇئون اديون آيون وري.

2. چپر چڏي ويو هو چوري ڏاڍو ڪيس ڪري،
هوت بنان هت هڪدم سسئي ڪي نه سري،
وو! هيبت حب ۾ گهٽي پيڙس ڏيل ڏري.

3. ڏاڍن ڏيرن سان ڪائي هج ڪا نه هليس،
ساري ساجن ڪي جيڏيون جان جليس،
ورونهه انهيءَ منجهه ووءِ ووءِ ويڙس ماهه ڳري.

4. سو دوست دلاور دلبر اديون آيو پلي،
پير پلنگ سر پنهل پيارل پايو پلي،
وو آسون اُميدون پنيون، پيڙس نيٽ نري.

5. چئي "منڌار" اچي سو محبوب ڏنئين،
هوت هدايت وارو پنهنجو مطلوب ڏنئين،
وو صدقي ساهه سري هن قربان ڪري.

ڪافي. 282

ٽلهه: ڳٽ ڳالهيون هي سندءِ دم دم ياد پون،
اي ميان! تو جي ڪرم ڪيا ويل نڌا سي وسرن.

1. ميخون تنهنجي محبت جون لنءُ لنءُ منجهه لڳيم،
ٻيون سنسار جون سڌون بنا تنهنجي شوق پڳيم،
اي ميان! هڪ حب تنهنجي رهي، جيءَ اندر مون جگرن.

Gul Hayat Institute

2. حسن جمال مڙوئي مليو محبوب توکي،
منهنجو معلوم حال مڙوئي آهي مطلوب توکي،
اي ميان! مون مستان کيو. ناز پرين تنهنجي نيٽن.

3. ڏئي تلقين هدايت ارشاد ڪيئه،
نالائق تي نهايت اچي امداد ڪيئه،
اي ميان! ايترا احسان سندءِ بي ڪنهن کان کين پڇن.

4. چئي "منشار" مون کي مطيع مريد ڪيئه،
وٺي ڳٺن سان گنهي پنهنجو خريد ڪيئه،
اي ميان! جيڪو تنهنجو حڪم هجي تہ آئون مجان ان امرن.

ڪافي. 283

تلهہ: حال منهنجي جي معلوم ناهي هن لوڪ خبر،
اي ميان! سمجهڻ وارا سالڪ سڻ دانهہ دلبر!

1. سوين حڪيم اچيو درد جا دارون ڏين،
ڪيو علاج سندم نبضون ناڙو ڏسن،
اي ميان! ڪونہ سجاڻي ڪوئي، منجهہ آزار اندر.

2. عاجز ايري آهيان ڏڄ ڪا دوست دوا،
حيلو ڪونہ هلي ساجن توکان سوا،
اي ميان! ڪامل ڪوڪ سڃج هي فريادي هيڪر.

3. اتر اُميد آن ڏانهن من جي مراد اها،
تئي صحت، ڪر علاج امداد، اها،
اي ميان! ڪرج ڪرم، پرج قدم سوال سڃج لڳ سرور.

4. چئي "منشار" توري من مستان تير،
درد منجهان سائين دلبر هيءَ داستان چير،
اي ميان! معلم دار مڪمل ڪر ڪا نواز نظر.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 284

ٽلهه: راڻا! رنجڙو رکي، وچ تون ڪير وري سائين!
اي ميان! نه ته سوڀا سور انهين ۾ مومل ويندئي مري سائين.

1. معافي ڪر ميندرا، منهنجيون مدايون ميان!
پاڻان پانڌڙو ڏئي، ڏک اگلايون ميان!
اي ميان! نه ته به سوڀا سيس سندءِ آئون توڙي عيبن پري سائين!

2. سوڀا تولئه سکن سوين مون جهڙيون هزار،
ڪونه ملندو ڪڏهن مون کي تو جهڙو ٻيو يار،
اي ميان! توکي مون ري ويئي سري ۽ مون کي توريءَ ناسري سائين!

3. تنهنجي اچڻ جو آسرو آئون اڃان نا لاهيان،
کهڙي پر پرچندون آئون اڇاڻ آهيان،
اي ميان! سا معلر ناهي مون کي، آئون مومل مت جي چري سائين!

4. چئي "منڌار" مون مٿي هي تنهنجيون ميارون ميان!
آزيون عرض گهٽا ڪريان ٿي ڪارون ميان!
اي ميان! پرچ پريان ڏي مون کي دلاسو ۽ دلبري سائين!

ڪافي. 285

ٽلهه: اُن اکڙين جون اهڙيون عجب چوان چا چاليون،
اي ميان! جادوگر جيئن جادو هڻن ڪٽاريون ڪاليون.

1. زلف زوراور سر ۾ ڪارا ڪامل جا،
منهن محراب ۾ ابرو جيئن مڇرا بادل جا،
اي ميان! نرگس نيٽ ٻئي ديدون ڇن دونالين.

2. نيٽ ڪٽي ناز منجهان جڏهن هوت هسي،
درد وارن جون دلڙيون اُن ڪيزن ساڻ ڪسي،
اي ميان! رمزون رانجهن جون من جي موهڻ واليون.

Gul Hayat Institute

3. نڪ چپ ڏند موتي مرجان سپ هٿيار سندن،
جيڪي چون زبانئون ظاهر گفتار سندن،
اي ميان! سٽن جيڪي بيهي سامهون وتن اُهي بيحاليون.

4. چئي "منڌار" محبن نيم پساهه پرين،
حال حقيقت منهنجو معلوم ڪي محبوبن،
اي ميان! انهي قصي جون گهٽيون ڳاڻاڻي ڪان ڳالهيون.

ڪافي. 286

تلهه: جن ڪوئن يار جدا اُن سان روز ماتم،
اي ميان! پور پرين جو پوندو درد وارن ڪي دم دم.

1. هڪ ديدار ڏسڻ سين ديوان تيا،
من مهڻي جيءِ محبت سي مستان ڪيا،
اي ميان! سور انهيءَ ۾ سڙين لڳن جو به لحم.

2. سڪ وارن ڪي ساعت ساڃن ريءَ نه سري،
مرڻ عاشقن جو ٽيڻ پرينءَ ڪان پري،
اي ميان! ورهه انهن تي ورندو، گوندر ۽ پيو غم غم.

3. پڪيون پيون نه لڳن سو سڪ وارن تي،
حيلو ڪو نه هلي برهه بيمارن تي،
اي ميان! اُن جي دوست دوا، قادر رب جو قسم.

4. چئي "منڌار" جي ملن مئي سان ڪرم ڪري،
اڳڻ اسان جي اچن پنهنجا پير پري،
اي ميان! ته ساه سسي ڏيان صدقو، جان جسو هيءُ هڏچم.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 287

تلهه: اُپٽ اکيون ڏس دلبر سهڻ يار صنم،
اي ميان! هر رنگ ۾ سوئي هادي توڙي انسان آدم.

1. ڪٽي مومن، ڪٽي ڪافر، ڪٽي ٻانيڻ ڪٽي قاضي،
سڀڪا رمز رکي عجب بنايو بازي،
اي ميان! ڪل مذهب ۾ پنهنجو هلائي تو حڪم.

2. قلب ڪتاب ڪجهان سمجهه سڀپارو اٿئي،
انا احمد بلاميمي، اهو پي اشارو اٿئي،
اي ميان! الانسان سري و اناسره، قلم.

3. ڪيئن تو سڏين، ڪيئن تو ٻوليين وڃ اها تون عبرت،
ڪيئن تو ڏسين ۽ ساهه ڪٽين اي ڪنهن جي آهي قدرت،
اي ميان پڇري خاڪيءَ ۾ آهي قطرو سو قلزم.

4. اي "منڌار" منجهئي ڏس تون ڏيان ڏري،
تو ۾ تڪيو سندس ناهي اهو پاڻ پري،
اي ميان ونحن اقرب، ويجهو لاهه گمان ۽ غم.

ڪافي. 288

تلهه: پنڌ ڇو ڏور پڇين ناهي تنهنجو دور دلبر،
اي ميان! منجهه محبوب سندءِ ڳولح پنهنجو تون گهر.

1. پرينءَ لاءِ پري وجيو ڳوٺ ڳولين،
تيو هلڪان بيحد پنهنجو پاڻ رولين،
اي ميان! تو ۾ تفاوت آهي تڏهن آهين بيخبر.

2. تو ۾ دشمن سندءِ نفس نادان آهي،
تو ۾ ويري وڏو سو شيطان آهي،
اي ميان! تو ۾ تڪبر هئڻ آهي ڪفر ڪافر.

Gul Hayat Institute

3. مارج دشمن اهي ڏسجان دوست جي دري،
موتو اقبال ال مري ۽ وٽج حياتي وري،
اي ميان! هوند پوءِ سجاڻي صاحب تو ۾ الله اڪبر.

4. سڀج سمجهه ڳالهه اها اي "منڌار" من سين،
اٽئي نصيحت وڏي طلب اکين جي تن سين،
اي ميان والي توکي واري آڻي من ڪو اٿر.

ڪافي. 289

تلهه: قسمت ڏور ڪيس جهانگيڙن کان جدا،
اي ميان! لوئيءَ جي لڄ رک تون پرور پاڪ خدا.

1. ماروئڙن جيون جايون سرتيون ساهيڙيون،
ويڙهه وطن ۾ گهمن پاس پٽن پيڙيون،
اي ميان! ڪير خوشيءَ سان پين ڏوٽيڙن جي ڏڏا.

2. سانگيڙن ڪي ساري ساري سونهن ويم،
ڏاڏاڻن جا ڏني سا لوئي ليڙ ٽيم،
اي ميان! مينديا ڪير ڳٽن، مئيءَ جا وار منڌا.

3. آئون ٽاريلي ٽر جي ويڙهيچن جو وياءُ،
ٽيس بنديائي بند ۾ ڪهڙا مون ڏوهه ڪيا،
اي ميان! ڪوٽ ڪرولا ڏنم، جي مون اڳ نه ٻڌا.

4. چئي "منڌار" موٽي ملڪ مليم وڃان،
ڏوٽيئڙن کي ڏسان اٽم اُڪير اڃان،
اي ميان! پنهوارا شال پرجن صاحب سڀج صدا!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 290

ٽلهه: دل نه قبول ڪري تنهنجا ڪوٽ قصر،
اي ميان! ويڙهه وطن آئون ويندس، موڪل ڏي ميان عمر!

1. آئون مارن لاءِ ماندي سڻ فرياد اهان،
ڏي معافي ته ماڙ وڃان من جي مراد اهان،
اي ميان! ٽيان پٽن منجهه پيڙي، ٽاريلن سين منجهه ٽر.

2. پلنگ، ڪٽون ۽ پٽراٽيون مرڪ نه ماڙيچن،
پوڙ پلاءُ ۽ مربا ڪاڇ نه ڪاهوڙين،
اي ميان! ڪاڇ اُتي جو ڪنييون، سائون ساڳ سگر.

3. شريعت شرم حيا ڪوئي پر مان سندن،
ترهو طريقت توڪل اهو ايمان سندن،
اي ميان! حال حقيقت پورا، آهن سنگهار ستر.

4. چئي "منڌار" موٽي ملڪ مليرڙسان،
منجهه فردوس جنت محمد ميرڙسان،
اي ميان! شال نصيب ٽيندين صورت سندڙي سرور.

ڪافي. 291

ٽلهه: رت روئندا مون ڏٺا سرها سانيڳڙا،
اي ميان! مارو ڪنهن مامري ڏاڍي ڏک ساڻ ڏوٽيئڙا.

1. پنهوارن جي پيٽئون آئون ڇو ڇائي آهيان،
هت حاڪر هٽ هيئن ٽي عمر وٽ آئي آهيان،
اي ميان! هو ڪنڌ ڪين ڪٽن مٽانهون ماروئڙا.

Gul Hayat Institute

2. رهيون دل روح تي سندين ڳجهيون ڳالهڙيون،
چت تي روز چڙهن سندين چالڙيون،
اي ميان! ڪڏهن ڪين وسريا ساهه ۾ سانبيڙا.

3. ڳالهه ڳري ڪا لڳين ڳڻتيءَ تنهن ڳاريا،
اُن مهڻي جي مامري ماروئڙا ماريا،
اي ميان! تيا فڪر ۾ فنا جيئن جن فوتيئڙا.

4. چئي "منڌار" مرڻو، هي چڏڻو جهان اڌر،
عيب اُنن کي لاڌر اهو ارمان اڌر،
اي ميان! بي عيبا هوا بلڪل جيڪس جهانگيئڙا.

ڪافي. 292

ٽلهه: قسمت نئي تي مون کي لکيو قلم قهار،
اي ميان! مارو ميڙ سندم ڪج، پوئواري پنهوار.

1. آئون بنديائي بيوس هٿ حاڪر جي آهيان،
ڪونه ڪنديس ڪانڌ پيو دل پنهنجي ۾ پانيان،
اي ميان! آئون نه وساريان توکي سگهڙو لهج سنيار.

2. مون کي تنهنجي مڱڻي جي آهي متي تي لوئي،
پيو عمر کان اوڍڻ کونه وٽنديس کوئي،
اي ميان! آئون نه مٽيندیس منهنجا سرهاسيڻ سنگهار.

3. سائين کيت خدا جي نالي وري ڪجان ڪا واهر،
هي به هميشه هوندي اُت به اوهان جي آهر،
اي ميان! سگهو ورائي وڃجان پنهنجي ڏڻ ۾ ڏنار.

4. جي آئون عيبن سان پريل ته به تهدل آهيان تنهنجي،
آزي نيازي بندگي مڃج منٽ هي منهنجي،
اي ميان! ننگڙو سڃاڻج نيهي، متان چڏين کي "منڌار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 293

تلهه: پير وڃوڙو وڏو ٽيڙير ڳالهه ڳري سائين،
اي ميان! تن عمر اباڻن ڏي آئون ڪڏهن ويندي وري؟

1. اصل الست ڪنوئن جڙيل حڪم جهوڙو،
قلم قضا جو وڙهو طرف منهنجي تهوڙو،
اي ميان! لکئي منجهار نا لٿي هڪ ظاهر باطن ذري.

2. بالجتيءَ ڪان بجهان تر ۾ ڇائي هيس،
ڪائڙ ۾ ڪير تي انهن نپائي هيس،
اي ميان! ڏوٽين ڏونرا ڏنم، تن آئون پڪن پيرن تي پري.

3. لاءِ گذران غم ڪريو ويل اسر جو اُتين،
ڏت لاءِ ڏوٽيئڙا وقت انهي تا وجين،
اي ميان! وڃاڻان واري سندن آهن ٿر جا ساکن ٿري.

4. چئي "منڌار" مون تي تن ماڙيچن جي ميار،
ساريان تي پاڻ ڏي آئون هن جا حرف هزار،
اي ميان! معافي مان ڏين آهيان عيبن ڀري.

ڪافي. 294

تلهه: اب تو سجن ديکهو تمهين ايسا حال همارا،
يه مرض ميري کا علاج ديکهن جمال تمهارا.

1. هم عاشق تيري مکهه پر هوتا روتا روتا رها،
هم پهر ديدار ديکها نهين ووئي سرخ لال تمهارا.

2. تجهه بن طبيب دوسري کي لگتي دوا نهين،
مجهه پر مجرب يه هي دوا ووهي حسن ڪمال تمهارا.

Gul Hayat Institute

3. هـر يتيـم مسـكين پـر تمهيـن كـرم كـرو،
مقصـد ميـرا ظـاهر بـاطن جـاني! خيـال تمهـارا.

4. كهي "منڻهار" حق تيري مين، دعا دن رين كرتاهون،
شل خدا بخشي دائـم قـائم اعليٰ اقبـال تمهـارا.

كافي. 295

ٽلهه: اب تـو اكيلي هـر رهي، ميرا يـار گيـا كهـان،
دن رين هـر روتـي رهـي دلـدار گيـا كهـان.

1. جـس دن جدائـي هـر نـون پـڑي، اس دن كيـا زلـزلا،
جـس نـے ديكـي چـاتي ٿهـري ووئـي نـار گيـا كهـان.

2. اس حجـر ميـن هـر ديكـا، قيـامت كـا ذائقـا،
نيـنـد ميـري نينـا كـي ووئـي قـرار گيـا كهـان.

3. جسكي سهاگ مين سر اوپر تا، سينگار هر كيا،
ووئـي سـهاگن كـا سـينگار جنسـار گيـا كهـان.

4. "منڻهـار" كـا مرنـا نهيـن جينـا جنجـال يـے،
غمـن سـيتي گـذر ميـرا غمخـوار گيـا كهـان.

كافي. 296

ٽلهه: تم هو كس كا شاگرداناري، مينون كهه ميان عشق ديوانا ري،

1. كيسـا مـادر بـاپ تيـرا، كيسـا پيـر جنـاب تيـرا،
كهو سوال كا جواب تيرا، پيچي تجهه كو هم پچاٹا ري.

2. كهـان سـرج تـر جـايوئي، كيسـي بـاپ نپـايو ئـي،
تـر كهـان هـنر سك آيوئي، كـب جوڏ جـوان جلاتـا ري.

Gul Hayat Institute

3. يوسف مصر وکايو ئي، زکريا نون چيرايو ئي،
حسن زهر سين مرايو ئي، حسين شهيد کرانا ري.

4. ووئي عاشق شاهه شبير هويا، کب شمسي پر تعذير هويا،
کب سولي حلاج فقير هويا، اُس نون انالحق بولانا ري.

5. تر جس نون پرم پلايا تا، ڏر اُس کا جگر جلايا تا،
ووئي قيد کمند ۾ بلايا تا، زندان سوين سلطانان ري.

6. مجروح ڏٺيل "منڌهار" هويا، جس نون يي ويچار هويا،
تر قادر تکرار هويا، پهر اپنا حکم چلانا ري.

کافي. 297

تلهه: عشق کرنا کام تا، اپني خود خيال کا.

1. جس ديکا دل کي نئن سين، حسن جوت جمال کا،
اُس کي اوپر آئيگا، جزب جوش جلال کا.

2. جس سنيا نوبت نغارا، ڏو ڏو عشش ڏمال کا،
اُس کي زبان سي نڪل گيا، هوکا حلا جي حال کا.

3. ترک کرنا هر طريقا، ترک حرام حلال کا،
عشق کا مذهب هويا، بي رنگي بي مثال کا.

4. نهين مطلب عشق ڏريگا، دنيا عقبيٰ مال کا،
عشق اک مطلب ڏريگا، واصل هونا وصال کا.

4. جس کي اوپر پؤ گيا، نظر نينهن نهال کا،
ووئي مرد "منڌهار" تا، کيمانگر کمال کا.

Gul Hayat Institute

کافي. 298

تلهه: کولي نور نقاب کا، ديا دلبر دنگ شراب کا.

1. ووئي پيالي پيني سي، هر هو مثل کباب کا،
مجهکو نهين معلوم تا، ذائقا ذرا عذاب کا.

2. وئي پيالا آب حياتي، آب حيات کي آب کا،
جس ني پينا، دو جگ جينا، هونا گل گلاب کا.

3. دل کي نينا سي هر ديکا، تجلا حسن کي تاب کا،
مک منور ماهتابي، اُس مين اثر آفتاب کا.

4. ٿوتي دئي جب دم ديکا، جلوه صنم جناب کا،
دل ميري سي اُتر گيا، وهر ڈوهه ثواب کا.

5. هر سنا جنگي بغل، نغارا نينهن نواب کا،
سر ميري اوپر آوپگا، حملا عشق عقاب کا.

6. ورد وظيفا وسر گيا، ليکا جوڙ حساب کا،
گيان عقلي گم رها، سلوک سوال جواب کا.

7. "منڌار" نون پير مغان، بتايا باب عجائب کا،
اس گت ميرا ديدار تا، ووئي خوب رستا خواب کا.

کافي. 299

تلهه: ديکا هر تجلا نور کا، محمد امين مشهور کا.

1. ووئي مجهکو پرم پلاگيا، دلاسا ديکي بلها گيا،
ووئي تنها اپ چلا گيا، پڙ گيا وڇوڙا وهلور کا.

2. الانسان سري، سر سارا تا، اس آيت کا اشارا تا،
هم ديکا نور کا نظارا تا، جس جبل جلايا طور کا.

3. طالب دنيا مخنث، وطالب عقبيٰ مونث،
و طالب مولیٰ مذکر، هم نهين طالب حور قصور کا.

4. ووئي مرشد "منار" کا، هم طالب سکدار کا،
يه عقيدا اعتبار کا، ووئي جلوه حق حضور کا.

کافي. 300

تلهه: کام ووئي کرنا اچا، موتو قبل مرنا اچا.

1. هستي تکبر هئڻ کا، تجهه پر بڙا نقصان تا،
رايا نفس کا چوڑ دي، خاکي اثر ڏرنا اچا.

2. طالب الدنيا مخنثون، يون کها سردار تا،
يي نصيحت تم سنو، توبهه لفظ پرنا اچا.

3. دم تيري هردي اندر، هزارون چوبيس تا،
ووئي خدا کي اسم سي، اوچا نيچا ڏرنا اچا.

4. "منار" جس پير مغان، تجهه کون بتايا راهه تا،
اس کا بڙا احسان يي، ووئي گرکا چمن چرنا اچا.

Gul Hayat Institute

کافي. 301

تلهه: اي "منار" تون مرشد وٽان پيءُ پيالو آب حيات جو.

1. چڏي غير دليل کي ڳولھ رب جليل کي،
پڙهه تون ذکر تحليل کي، کلمو نفي اثبات جو.

2. هئڻ هستي کر ڊري، خاکي اثر وڃان وري،
موتو قبل آل وڃ مري، پاڳو جيئڻ هات جو.

3. قالوا بلیٰ جي قول جي بڌ کمر تنهن ٻول جي،
هي دنيا هوائي هول جي ڇاڇ احد اصلات جو.

4. "منار" موتو قبل ال جي ٿيئن تہ انت موتو پوءِ جيئن،
لائج حرف هيڪڙو هنئين "محمد امين" استاد جو.

کافي. 302

ٽلھ: ويکو رمزان رانجھن واليان، سمجھو تساڙي سياليان!

1. رانجھن ملک ساري دا مالک،
تخت هزار جنھن دا تالق،
شاھ هوسي خاوند خالق،
ڏوايس نينھن نيکا ليان.

2. عشق کيتي ڇا آپ لکايس،
ڇوڙ هزارا ڇناھ پچايس،
چوچک ديان منجھيان چرايس،
ڇاکان واليان کر ڇاليان.

3. رانجھن سر سبحان الاھي
بالا بلند جنھن دي بادشاھي،
محبت دي وچ هوسي ماھي،
ڏيوي قيد امھٽا گاليان.

4. جھوک رانجھن دي جٽون هوسي،
ميون ترنديان اُٽان ويسي،
پاڻ ماھي دا ڇل ويکي سي،
جٽون منجھان کنديا کاليان.

Gul Hayat Institute

5. مـــن موهيـــا هـــڻ "منڌـــار" دا،
طـــالب ٿيـــا مـــاهي يـــار دا،
هـــي عقيـــدا اعتبـــار دا،
ميڪـــون ڳجهيـــان آ ڪيـــس ڳالهيـــان.

ڪافي. 303

ٽلهه: مين سجاتا رانجهن رهبر ڪون،
هوسي خبر نه قيدي ڪافر ڪون.

1. رانجهـن سـر سـبحان هوسـي،
سـلطان سـليمان شـان هوسـي،
اهندا ساڳيا نـور نشـان هوسـي،
ڏوجهي پرجهه خداوند پرور ڪون.

2. هـڻ قيـدا وچ ڪفـران هوسـي،
جونـا وچ جهـان هوسـي،
اُهه دشمن دوزخ مڪـان هوسـي،
ويڪو دڪ رسائيس دلبر ڪـون.

3. جيها رانجهن دا گلا خور هوسي،
اُهه هيـل حرامـي انـور هوسـي،
اُهه وچ سوئران دي سور هوسـي،
رب مار گهتي ايجهي منڪر ڪون.

4. رانجهـــن مـــالڪ هـــزاري دا،
هـــي والـــي عـــالم ســـاري دا،
اُهه مرشـد هـــي "منڌـــاري" دا،
ويڪان سنجهه صبح شل سرور ڪون.

Gul Hayat Institute

كافي. 304

تلھ: رنگپور شھر بازار وچ، ونجھلي كون وچان وندا.

1. چل ويكو تسان كيڑيان، جوگي كيجھي ديسون آوندا،
كيجھا نانڑ نسب اُنھين دا، كيجاہ پنٹ سڈاوندا.

2. اُھ جوگي دا سازڑا، ميں گھايل كون گھاوندا،
ھي عشق والا آوازڑا، ميكون جھٹ جھٹ جادو لاوندا.

3. ميكون نانگ عشق دا كا ڳيا، ميڈا زھر جسم جلاوندا،
كول ميڈي جوگي گھن آوو، ميكون اُھ دا مندڑا بچاوندا.

4. مرشد ماھي "منثار" دا، پوش فقيري پاوندا،
چوڑ ھزارا جوگي ھويا ھٹ ايوين پيا عشق كماوندا.

كافي. 305

تلھ: رنگپور واليان كيڑيان ويكو مرليان وچديان كھڑيان.

1. رانجھا جوگي بن آيا ھي، جنھن دي مرلي جوش جگايا ھي،
اُنھندي برھي مچڑا مچايا ھي، ڈيوي عشق ارابان اويڑيان.

2. رانجھا سر سبحان ھوسي، وچ ظاھر دي انسان ھوسي،
اُنھندا جلوا نور نيشان ھوسي، ھٹ چل ويكو تسان نيڑيان.

3. رانجھي پوش جوگي دا پاتاھي، مين ساز اُھين دا سجاتا ھي،
ميڈا نات اھين نال ناتاھي، تسان كون آكان سچ سويڑيان.

4. تسان اپڻا ھنر ھلاڻوڑي! ميڈي رانجھي كون گھن آڻوڑي!
"منثار" كون ماھي ملاڻوڑي! ميڈيان منو منثان ميڑيان.

Gul Hayat Institute

كافي. 306

ٽلھ: مين رانجھو رانجھو كردي وي،
ميكون ماهي ٻاجھوٺا سردي وي.

1. مين سر آيا عشق اكيلا،
ميكون پچڙا وقت نه ويلا،
مين چل اوئي ڏوڏان پيلا،
جتي چانگ ماهي دي چردي وي.

2. چوڙيسان آستان اتانھون،
نه پاوان پير پچي ول پاھون،
جھوك رانجھن دي پار درياھون،
مين هيرنديان وچ تردي وي.

3. مين سر آيا ورھه وچوڙا،
ڏكيا والا ڏينھن اُجوڙا،
گھڙيان دك ديان گھوڙا گھوڙا،
رو رو رات گذر دي وي.

4. آكي "منڌار" ماهي سلطان ماهي،
اعلي تخت هزارا مكان ماهي،
ھٽ ويكان سر سبحان ماهي،
چل كول اُهينڊي مين مردي وي.

كافي. 307

ٽلھ: سڀ ساعت نان هكساري وي،
كنب كندو اچ زاري وي.

1. حضرت آدم بهشت منجھائين،
حكم امر سان بھر كيائين،
آدم مشرق منجھه چڏيائين،
مغرب حوا ويچاري وي،

2. حضرت يوسف نبي هڙ،
ڏنئين ڏكن جو جنھن كي چوڙ،

Gul Hayat Institute

پٽ ۽ پيءُ جو وڏئين وڇوڙو،
جن ڏار گهڙي نڻي گهاري وي.

3. امر ايوب سان جڙيو جيهين،
ڪيئن ماس کاڏس ٽي ڪيهين،
سور انهي ۾ ايهين جيهين،
ڪين ڪجهه هو ڇماري وي.

4. سليمان بادشاهه ملڪ جو،
ديون پرين انسان خلق جو،
خدا کسايس پهر پلڪ جو،
تخت حڪر تڪراري وي.

5. سڪندر جي سلطاني هئي،
خلقت جنهن جي ڏاني هئي،
اُن تي رضا رباني هئي،
ٽيو خاڪ مٽي ۽ واري وي.

6. نمرود ڏيان نه ڏاريو ٽي،
جنهن آڏه ابراهيم چاڙهيو ٽي،
سو مهن لشڪر ماريو ٽي،
جا فوج الله اُتياري وي.

7. بخت نصر بي ڏيان هو،
فرعون بي فرمان هو،
شداد ساڻ شيطان هو،
ٽيو قادر مٽن قهاري وي.

8. ڪربلا ۾ شاهه مارائي ٽي،
سيد شير شهيد ڪرائي ٽي،
نيزن تي سِرڙا چاڙهائي ٽي،
هئي هَئي هَئي ي هلڪاري وي.

9. مولي در "منڌار" ميان!
ڪر آزيون لک اُپار ميان!
توبهه چئه هر وار ميان!
پايو ڪچيءَ ڳل ڳاري وي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 308

تلهه: ڪن جا تو من ناريا وي، چو "منڌار" سڏائي ٻنهيون.

1. تو تہ گهٽي ئي تڪبر ٻہ چيائي،
فند ٻڌي ڪئين ڪوڙ ڪمائي،
شيخيءَ جا شوغان هيائي،
نہ تو نسل نهاريا وي.

2. تو جي ڪيڙين ڪر ڪچايون،
پيون جي ڪيون اٽيئي بد بچايون،
عقل راءِ جي ڪيئہ اجايون،
سي صاحب ڪي ڪر ساريا وي.

3. السمتئو الله سمجاتئہ،
لحظي ۾ ٻہ جتي ليئڙو پاتئہ،
چاڙ هتي ٻيو چاکئون چاتئہ،
ڪوهہ دليل تو ڏاريا وي.

4. قالو بليٰ جا قول ڪيا تو،
"منڌار" وسري ڪوهہ ويا تو،
ڪٽ قلب تي ڪيئن پيا تو،
سمجهيون ڪين سنواريا وي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 309

ٽلهه: ڪر صاحب رب جي سنڀار ميان!
جنهن خلقيو خلقڻهار ميان!

1. اکيون نڪ چپ ڏند تنهنجا،
ڪن بنايل آهن ڪنهن جا،
ڀ ٻولڻ قول زبان جنهن جا،
سڀ ڪلون جوڙيون ڪلتار ميان!

2. پيٽ پٺا تنهنجيون پاسريون،
پانهون ٽنگون تنهنجيون آگريون،
ڀ سڀ سرانجام تنهنجيون اندريون،
جتي ڪري پساهه پسار ميان!

3. تو ۾ ڪاريگر ٽاهيو ڪر،
نهن، نبصون سڀ لڳ لحر،
هڏيون سنڌيون چمڙيءَ جو چر،
پيا جنهن تي جوڙيئه وار ميان!

4. تو ۾ لطف لک جنهن ڪيڙا،
ڳڻڻ شمار ڪنان ويڙا،
توکي ويسارا چو پيڙا،
ڪر ياد خدا "منڌار" ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 310

ٽلهه: ميان حسن ۾ حق پاڪ سڃاڻج تون ٻيو غير م دل ۾ آڻج تون.

1. صورت ۾ رک سچ سچائي، ٻوڙ غير دليل ٻيائي،
هردم ڄاڻج هڪ هڪڙائي، ان منزل محبت ماڻج تون.

راڳڻي تلنگ
تار تين ڪلواڙو

2. سمجھ حال انھيءَ جي ھدايت، ڏينڊو ڏاڍي قرت ڪفايت،
رھنما جي بہ اھا روايت، فنا في الله روح رساڻج تون.

3. حال انھيءَ ۾ رک ھوشياري، سڪ عبادت مفت موچاري،
رب اٽئي بلاشڪ باري، پيو طرف خدا جي تاڻج تون.

4. اي "منڌار" محبوب سندوئي، آھي افضل نور اھوئي،
تر تفاوت ڪونھي ڪوئي، سو پڪ يقين سان چاڻج تون.

راڳڻي پيروي
تار اولنگھ

ڪافي. 311

تلھ: ميان قادر عشق قراراوي، بادشاھ سندءِ بردارا وي.

1. ڏاڍا جوان جلايا تو، سي لاغرض ليٽايا تو،
ھوا نامور سي نمايا تو، سي وڍيا گھمن ويچارا وي.

2. حلاج تي حڪم ھلايو تو، اناالحق چوايو تو،
فرھاد فقير ڪٽڪايو تو، لائي نينھن نظارا وي.

3. ڪئين مجني جھڙا مستان ڪيئہ، ٿيا ديوانا ديوان ڪيئہ،
ڪئين سيفل سفر ڪيئہ، اُن جا سڪ ڪٽايئہ سارا وي.

4. بي جي مرضي تون نہ ڏرين تو، ڪنھن جو ورايوڪين ورين تو،
پاڻان وڌندا ڪم ڪرين تو، پنھنجي خود خيال خمارا وي.

5. سلطانن جو شڪار ڪرين، تو سڪ سيني سنگسار ڪرين،
مجروح ڪٽيو "منڌار" ڪرين اي فتحدار سوپارا وي.

Gul Hayat Institute

كافي. 312

تلهه: مـــج عشـــق ســـندا تـــون آرا وي،
دک ســـور ســـيئه ســـهه ســـارا وي.

1. عشـــق چـــوي تـــو ايهيـــن ميـــان!
تحقيـــق کـــري ڈس تيهيـــن ميـــان!
تـــيءُ عشـــاقن جيهيـــن ميـــان!
وڃـــائي نينهـــن جـــا نغـــارا وي.

2. مـــج عشـــق ســـندي اُســـتادي ميـــان!
ايمـــان رکـــي اعتقـــادي ميـــان!
تـــو ۾ عشـــق کنـــدو آبـــادي ميـــان!
بنـــائي بـــاغ بهـــارا وي.

3. جـــي طـــالب عشـــق جـــو تيئيـــن تـــون،
تـــ پريـــر پيـــالو پئيـــن تـــون،
پـــوءِ هـــيءُ جـــڳ هـــو جـــڳ جيئيـــن تـــون،
کنـــدءِ اول مـــوت جـــا اشـــارا وي.

4. "منثـــار" رهـــج تـــون راضـــي ميـــان!
جيکـــا برهـــ بنـــائي بـــازي ميـــان!
تنهـــن گهيـــڙ گهـــڙ تـــ تئيـــن غـــازي ميـــان!
پـــڄ پتنـــگ پريـــنءَ جـــي پـــارا وي.

Gul Hayat Institute

كافي. 313

تلهه: تيکون مليا حسن کنعاني دا، نبي يوسف يعقوباني دا.

1. زلف تيـڏا واسـينگ وسـيهر، کـالا کيـس تمـام تليهـر،
بـدن تيـڏا هـي لال سراسـر، واهـ رنـگ بنيـا انسـاني دا.

2. ڪجليان تيڏيان ڏونهين ڪٽاريان، ابرو تيڏيان تيغان ترارياں،
لال لبان وچ موتي سينگاريا، من موهـ ڳڏءِ ميـن بـانهي دا.

3. جن، ملائڪ، حوران پريان، تيڏي درشـن ڪيتـي چريـان،
جملي عالم آزيـان ڪريـان، تيڏي سـائل هـن پيشـاني دا.

4. آکي "منـار" ميـن تئـي مستاني، وانگي زليخـا دل ديوانـي،
ميڪون پساءِ اپني پيشاني، ويڪان نور جهلـڪ سبحاني دا.

ڪافي. 314

ٽلهـ: تنهنجي مورت نقلي ڏني جا مون،
مون کي ياد يقين تـ تون هي تون.

1. مـون جـا ڏنـڙي تنهنجـي مـورت،
جنهـن ۾ ثـابت سـاڳي صـورت،
پرت پالوٽ سـين ڪيـڙي پـورت،
توکي قرب ڪهايو ڪن فيڪون.

2. مـورت صـورت هيـڪ هيڪـائي،
ڪونهـي غيـر دليـل ٻيـائي،
تـو آرسـي شيشـي گـر بنـائي،
جتـي پـاڻ پسـين تـو پـاڻ مهـون.

3. حسـن آهـي تـو هـاديءَ حـق جـو،
تيـر يقيـن يڪـي دل يـڪ جـو،
پـر تـو آيـر انهيـن پـڪ جـو،
پوءِ سرَ ڪي سجود ڪرايـو سـون.

4. چئـي "منـار" آهـي هـيءَ معنيٰ،
مـورت صـورت ٻئـي سـبحانا،
مـنزل معرفتـي لاڏانـا،
تـون هيـڪ هڪـو پـر ڏسـڻ ۾ ڏون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 315

تلهه: عشق جي سودا لڳيم اچي،
هڏ تي نه چاڙهيندیس ماس مچي.

1. عشق مرض اُڻ تڻ جو آهي،
سو هڪ ماسو ڪين مچائي،
گوندر گوشت روز گهٽائي،
جنهن ڪي جڳري سڪ سچي.

2. آڳ عشق جيون چريون چاهيون،
پڙ پڙ باهه برهه جيون باهيون،
جيرا بڪيون جوش جلايون،
بازي برهه ڪوئن کانه بچي.

3. درد دکايم دل ۾ دونهان،
الا عشق جا لائين لونهان،
سوال ڪريان تي سنجهه صبحان،
ته قرب وارن وٽ تيان ۾ ڪچي.

4. چئي "منڌار" پساهه پرينءَ سان،
مون سڪ واريءَ جو ساهه پرينءَ سان،
روح اکيون ارواح پرينءَ سان،
پوري ٿئي من پرت پچي.

ڪافي. 316

تلهه: عشق لڳيو لڄ ڪري دور،
مات نه ڪن مشتاقان مور.

1. عشق ڪري دانهه ديوانا،
لاءِ ملڻ جي وتن مستانا،
سر تي سهڻا مهڻا طعنا،
سي نه مرن، ٿيندا مشهور.

Gul Hayat Institute

2. سڪ رکين تان سر سنباهج،
محبوبن جو شان ملهائج،
پوءِ لقب عاشقن جو م لهائج،
جي ڏيجين تہ پوءِ ڏور.

3. ساهہ پساهہ ۾ ساجن سارج،
نفس جا رايا کير نهارج،
دنيا عقبيٰ وهم وسارج،
فنا محبوب ۾ ٿيءُ ضرور.

4. اي "منڌار" پڇج مردن کان،
بات عشق جي برهہ وارن کان،
وڃ اُستادي عاشقن کان،
تہ درد وارن جي ٿئين دستور.

کافي. 317

تلهہ: مارئي ماروئڙن ريءَ هتي تي مفت مري سائين!
اي ميان! عمر ڇو آندي اٿئي ٻوساڻي ٻان ڪري سائين.

1. اهڙي اپري کي ڪو داد دلاسو ڏجي سائين!
ظلم ضعيف متي حاڪم هيئن نہ ڪجي سائين!
اي ميان! جا آندءِ کوهيءَ تان ڪٽي تي پهنوارن کان پري سائين.

2. ميان! ماڙيڇيءَ سان جاڙ ڪيئي جهڙي
تن ۾ تپاس ڪجان ڪو توسان بہ ڪري تهڙي
اي ميان! ائين شل ڪنهن سان ڪير ٿئي ڏس دل ۾ ڏيان ڏري سائين.

Gul Hayat Institute

3. معلوم ناهي مونکي ته آئون ويندين وطن وري سائين!
يا کوٽ قيد ۾ ڪڙهي ٽيندين فوت مري سائين!
اي ميان! هول انهي ۾ سندم ٿو لحر لگن تان ڳري سائين.

4. چئي "منڌار" مونکي موڪل ڏيج ميان!
ته پيڙي وطن وجي تاريلن سين ٽيان.
اي ميان! جي مران ملير وجي ته سندم سياڳ سري سائين.

ڪافي. 318

ٽلهه: ڏاڏاڻن جا ڏني، مون کي ان جي لوئي عمر سائين.
ڏاڏاڻن جا ڏني، اي ميان! امن انهي جو گهران ڪنان پناهه پرور سائين.

1. پٽ پوشاڪون سندءِ، آئون ڪيئن اوديان اهي،
منهنجي ڪٽيءَ جو ڪائڙ ۾ من ۾ مان بيهي،
منهنجيءَ ڪٽيءَ جو ڪائڙ ۾، اي ميان!
اُتي شل آب تيئي منجهه ويڙهيچن جي وڳر سائين.

2. من الله عدالت ڪري مون ڏکن ڏکوئيءَ جي،
رکي من پاڻ خدا، لڄ پٽ لوئيءَ جي،
رکي من پاڻ خدا اي ميان ته مرکان مان وجي،
تن تاريلن سان منجهه تر سائين.

3. تي روح ۾ روز رکان هي آسون اُميدون اجان،
ته نکري نيئرن مان، آئون ويڙهه وطن ڏي وجان،
ته نکري نيئرن مان اي ميان!
شل ڪائڙ ۾ آئون ڪيان وجي ڪنيون ساڳ سگر سائين.

4. چئي "منڌار" مون سندو شل سرهو سانگهه تيئي،
محابي مرشد جي من تار به تانگهه تيئي،
محابي مرشد جي اي ميان وجي من حضرت محمد جو ڏسان حضور هيڪر سائين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 319

تلهه: ڪوئي پاڻ وٽي ڪنهن کي پرني[1] تہ اهواوکيءَ ۾ اُن کي نہ ڇڏي.

1. هوند هر حال ۾ سو همراهه ٿيئي،
اُهو جيتر جوان حياتَ جيئي،
تہ بہ سام سندي ڪنهن کي نہ ڏئي،
توڙي سوريءَ تي بادشاهه سڏي.

2. جڏهن ترڪ اچي طوفان ڪيو،
تڏهن دودل سين دوفان ٿيو،
اُن پي ابڙو اڳواڻ ڪيو،
جنهن پاڻ پيارو ڪيو تہ ڪڏي.

3. ڪوئي ٻڏندل ٻوڙي کي جهلي،
جي هن بار سنو تہ پوءِ ڪندو بلي،
جي هيٺو هوئي تہ بہ ساڻ هلي،
اهو بہ لڙهندو ويندو ساڻ لڏي.

4. چئي "منڌار" تي پٽ منهنجي،
مون تلقين اصل ونٽي تنهنجي،
ڪر ٻاجهه مهرباني پنهنجي،
منهنجي ٻانهن قهارن کي ڪير ڏي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 320

تلهه: بيپرواهه تو سلطانيءَ تي، حج ڪير ڪندو يارانيءَ تي.

1. منصور سوريءَ تي چڙهايو تو، سليمان کي تخت ڇوڙايو تو،
ابراهيم آڙاهه ۾ آڻايو تو، اسماعيل کهائڻ قرباني تي.

---

[1] شادي ڪري.

2. شمس جو چمر لهرايو تو، يونس مڇيءَ منجهه پايو تو،
يوسف کي کوهه ۾ وجهايو تو، ڪيئي ڪيڏو قصور ڪنعاني تي.

3. ذڪر يا نبي چيرايو تو، حسن زهر سين مارايو تو،
۽ حسين شهيد ڪرايو تو، اهو ڪيڙ ناز نورانيءَ تي.

4. چئي "منثار" منهنجي زاري، مون ڪئي توبهه ڳل پائي ڳاري،
گهران لطف توکان هر بار باري! من باجهه پوئي هن بانهيءَ تي.

ڪافي. 321

تلهه: تنهنجي ڪائي ڪائي ريت قهاري آ،
منهنجي توبهه توبهه زاري آ.

1. آدم حوا کان دور ڪيئه،
ڪڍي بهشتئو ڏينهون ڏور ڪيئه،
منجهه ورهه انهي وهلور ڪيئه،
رهي مغرب حوا ويچاري آ.

2. ابراهيم چڙهايئه آڙاهه مٿي،
ڪيئه خفت خليل الله مٿي،
آيو ڪات ذبيح الله مٿي،
اسماعيل امر برداري آ.

3. زڪريا نبي وڍجي ويو،
يوسف مصر منجهه قيد ٿيو،
يونس مڇيءَ جي پيٽ پيو،
ايوب ڪٽي بيماري آ.

Gul Hayat Institute

4. حسين جو شان ڪئيـ ڪيڏو،
جنهن جو جوڙ نـ جيس ٻيو جيڏو،
وري حڪم ڪرائيـ مٿس هيڏو،
ڪربلا ۾ قيامت ڪاري آ.

5. جڏهن اُن سين بـ تو اينهين ڪيڙو،
تڏهن بانور ڪير ڪندو ٻيڙو،
ويساهـ حجت وارو ويڙو،
سب ساعت بي اعتباري آ.

6. چئي "منڌار" تو مالڪ جي،
مون کي خبر نٿي پئي خالق جي،
آهي رمز ڳجهي تو رازق جي،
هاڻ اڳ ٻوءِ تنهنجي اختياري آ.

ڪافي. 322

تلهـ: سڪ وارن کي سو سور اچن، لاءِ وادِ وڙين وهلور اچن.

1. منصور مرد انالحق چيو،
جت شرع وارن اچي شور ٻڌو،
وس قاضين جو نـ هليو ٿي ڪو،
پر عاشقن لاءِ انبور اچن.

2. فرهاد جبل کي ڦوڙيو ٿي،
ان شير شيرين کي ووڙيو ٿي،
اهو مرد ڪنهن نـ ٻي موڙيو ٿي،
پر پتنگ پچن جڏهن پور اچن.

Gul Hayat Institute

3. تڏهن عشق سنيان[1] تي آيو هو،
تڏهن لاڳاپو اُن لاهيو هو،
وري جوان جڙيون تنهن پايو هو،
توڙي مهڻن جا مزكور اچن.

4. اُهي پرت رهيا تي پوريءَ تي،
هئا محبت جي منظوريءَ تي،
سر صوفيءَ جو هو سوريءَ تي،
اِهي كنڌن لاءِ قصور اچن.

5. چئي "منڌار" مشتاقن تي،
بهتانا بار اچن اُن تي،
سو سور عتاب عشاقن تي،
كريو درد لكين دستور اچن.

كافي. 323

ٽلهه: بيپرواهه تون بادشاهه سندم،
كج لطف ٽيجان همراهه سندم.

1. تون رحيم كريم غفور آهين،
تون صمد سبحان شكور آهين،
تون نافع خالق نور آهين،
تون رب رحمان الله سندم.

2. تون جل جلا جبار آهين،
تون قادر قيوم قهار آهين،
تون ساتر سميع ستار آهين،
تون بخشج ڏوهه گناهه سندم.

---

[1] شيخ سعان.

Gul Hayat Institute

3. تنهنجو نالو رب جليل آهي،
تنهنجي امر ۾ عزرائيل آهي،
مون کي ڏڪو انجو دليل آهي،
اهو سولو ني من ساهه سندم.

4. ڇئي "منشار" مدايون هي،
منهنجيون خاوند! بخش خطائون هي،
ڏک عيب سندم اگلايون هي،
رک پردو پوش پناهه سندم.

کافي. 324

تلهه: رک پرم اڇي مون بدڪاريءَ جو،
پنهنجو شان سڃاڻي سرداريءَ جو.

1. تنهنجو شافي مالڪ شان ڪيو،
معراج گهرائي ايءَ مان ڪيو،
سڀ اُمت جو اڳواڻ ڪيو،
توکي پانور ڪل اختياريءَ جو.

2. توکي خاوند خليفو خاص ڪيو،
توکي پاڪ ڏڻي ڪڻي پاس ڪيو،
ڪلمو توتي رب راس ڪيو،
تون آهين ضامن اُمت ساريءَ جو.

3. تو ڪرم جني سان هڻا ڪيڙا،
ڪڍي ڪفر منجهان سي تو نيڙا،
وڃي وحدت ۾ واصل ٿيڙا،
جڏهن ڪيئي نظر مهر موچاريءَ جو.

4. ڇئي "منشار" مون ڏوهه ڪيڙا،
مون کان ڪر زبون گهٽا تيڙا،
ڪيئن پاپ پلاند منهنجي پيڙا،
توريءَ نه بلو چوڻڪاريءَ جو.

Gul Hayat Institute

كافي. 325

تلهه: پنهنجي وعدي كي نه وسارج تون،
أهو قول كيل ننگ پارج تون.

1. منهنجي مارڻ لاءِ هزار مڙيا،
ركي ويو دشمن ڏاڍي چوهه چڙيا،
اچي ويجها پيام ته ڇاڻ وڙهيا،
اهي مڙيئي ملول مون كان تارج تون.

2. پيو نه وسيلو واهه منهنجي،
وئي ساري مون كان رند راهه منهنجي،
هاڻي تو ريءَ ناهي بي آگاهه منهنجي،
هاڻي تار منجهان مون كي تارج تون.

3. سڻ سوال سگهو هيءَ دانهن منهنجي،
آهي كوك پكار تو ڏانهن منهنجي،
اچي باجهه كري وڻ بانهن منهنجي،
هن سام پيل كي سڏارج تون.

4. چئي "منڌار" ٿي ماڙ منهنجي،
آهي توڏي مراد مهاڙ منهنجي،
هيءَ بيڙيءَ چكڻ مان چاڙهه منهنجي،
اهي اوكا گهيڙ اكارج تون.

كافي. 326

تلهه: كر يار! منهنجي تل يادگيري، اجان آئون نه مليس آئي اخيري.

1. توكي سارندي ۽ سنيارندي،
وئي عمر لنگهي اوسارندي،
اچي نماڻي تيس نيهارندي،
كائي كانه ڏنيئي دم دلڏيري.

2. مون كي پرت ناهي اچكلهه واري،
آهي تانگهه پياس اصل واري،
ناهي جاءِ عقل اتكل واري،
مون سك سر جي جڏهن هئي صغيري.

Gul Hayat Institute

3. منهنجو ملڻ نجهان ٿيندو نه ٿيندو،
توکي ترس الاجي ايندو نه ايندو،
ناهي ساهه تي ويساهه جو ويندو به ويندو،
دل هـــول اتـــم اِهـــا دلگيـــري.

4. چئـــي "منشـــار" ڏس حـــال منهنجـــو،
ســـڻ ســـوال ســـندم احـــوال منهنجـــو،
ٿيـــو جيـــڻ تمـــام جنجـــال منهنجـــو،
رهيـــا پويـــان پســـاهه بلڪـــل پيـــري.

ڪافي. 327

تلهه: تـــون تـــان پريـــن پرڏيهـــ ڏي وڃ نـــ وري،
مون کي، جي نه مليون ته پوءِ آئون ويندیسئين مري!

1. مـــون کـــي لڳـــي ســـڪ هئـــي صغيـــريءَ ۾،
آڻـــي وڏيـــس فـــراق فقيـــريءَ ۾،
اڃـــان اتـــر پيـــاس هـــن پيـــريءَ ۾،
اڃـــان نظـــر رحـــم جـــي تـــو نـــ ڏري!

2. توکـــي قـــدر ڪـــڏهن پونـــدو منهنجـــو،
وڃـــي حـــال هيڏيـــو ٿينـــدو منهنجـــو،
کهڙو ساهه تي ويساهه ايندو منهنجـــو،
رهـــي دل جـــي پيـــاس هـــڪ ذوق ذري.

3. منهنجـــو فريـــاد ٻـــڌڻ اٿئـــي فرضـــي،
منهنجـــو عـــرض نٿـــو تـــون مڃيـــن عرضـــي،
ڪوئي غـــرض نـــ ڪيئـــ منهنجـــي غرضـــي،
ڏک هـــول انهـــي ۾ هينئـــڙو پيـــو ڏري.

Gul Hayat Institute

4. چئـــي "منڌـــار" منهنجـــي مـــج آزي،
رهـــ نـــام الله جـــي ٿـــي راضـــي،
مـــن جـــي تانگهـــ اجـــان نـــت روز تـــازي،
ســڪ منجهـــ ســڙي ويـــو اٽـــر ماهـــ ڳـــري.

ڪافي. 328

ٽلهـ: پنهنجي خدا کي ڪير وسار.

1. اصل اُهوئي بول ٻڌوئي، سو قول قالوابليٰ جي ڏينهن جو پـار.
2. ڦٽو ڪر پـانيو خيـال اجـايو، هستي هڻڻ جي مئي سـپ مـار.
3. پاڻ چو پڌائين، شيخ سڏائين ۽ نسل پنهنجي جو ڪو نيـر نهار.
4. نيٺ مري ويندون وڃي خاڪ ٿيندون، ڏينهن دنيا جا ڇاڇ پنج چار.
5. دنيـا سـپ فـاني حـرص حيرانـي غفلـت ۾ دم تـون ۾ گـذار.
6. اي "منڌـارا" تنهنجـا ڪـم سـارا، آهـن الله سائين جي اختيـار.

ڪافي. 329

ٽلهـ: يا هادي! تون هڪدم وڃ نـ پري.

1. آئون تنهنجو عاشق، تون منهنجو معشوق، توريءَ ساعت نٿي سري.
2. اڇ ميان! اوري مئيءَ جي ٽوري، ڪرم پلائي سان قدم پـري.
3. پنهنجو ننگ پارج مون سان گڏ گهارج، ڪو نالائق تي نظر ڏري.
4. سهڻل سائين! لاهـ تون جدائي نـ تـ توريءَ "منڌـار" ٽـو مـري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 330

تلهه: مون کان محبوب سائين ٿيءُ نه جدا.

1. صورت تنهنجي موهي دل منهنجي، ڇاڻي ٿو خاوند هڪڙو خدا.

2. ڪيئن گهنڊ پايئه رسڻ لکايئه، فڪر انهي ڪيو آهيان فنا فدا.

3. سڻ منهنجون دانهون وڃ نه اڳاهون، نه ته مرنديس پوءِ ٿيندو مدا.

4. چئي "منڌارو" عرض ويچارو، تون سڻ سوال منهنجي اها سدا.

ڪافي. 331

تلهه: جانب! جدائي توکي نه جڳائي، منهنجي دل کي دلبر ڏي واري دلداري.

1. هن درد دکن ۾ ڏاڍن ڏکن ۾،
هي وڍ ورهن ۾ تا چکن چاک چير.

2. آئون دردن ماري تون مل هڪ واري،
ته وجي سان بيماري ٿئي منجهه صحت سرير.

3. هيءَ سوجوئي سيارو آرهڙ اونهارو،
ءَ سانوڻ سارو هير اوهان جي اُکير.

4. مل "منڌار" ماندو جو پائي تو پلاندو،
هاڻ ٿيءُ هيکاندو ته لڳي حج اڪبر جي هير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 332

تلهه: تون سمون ڄام سلطان منهنجي ذات مهاڻي،
تنهنجي توهه تماچي هيءَ عيبدار اگهاڻي.

1. آهي قوم اسان جي ڪر ذات ڪر هاڻي،
هڻ لائق تنهنجي لطف جو نه پرو پار پچاڻي.

2. اڳ ڪائيندي هيس ككيون جي ڏنيريون ڏهاڻي،
هاڻي ڪائڻ خوشبويون جي سگهان ڪين سجاڻي.

3. جن گندگي گهرن ۾ سوهو منهنجو ڳوٺ مياڻي،
هتي هنڌ هندورا عطر گل سرهاڻي.

4. هاڻي تو سمي جي سهاڳڻي تا سڏينر سياڻي،
رڳو محابي تو ڄام جي مون کي چون راڄ راڻي.

5. جتي وڏ گهراڻيون ويهڻ لاءِ ٿيون سڪن سنجهه سپاڻي،
تن محلاتن ۾ مهاڻي ڪٽي ڪيئه ڏوج ڏجاڻي.

6. چئي "منڌار" تون مهندا تي ڪري نياز نماڻي،
مون تي ڪر نواز تون نئين جا ٿيٽي ڪين پراڻي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 333

تلهه: تنهنجو تخت تماچي! سليماني يا سڪندري،
آئون مچي ڪائڪ مهاڻي آهيان گهٽ ذات گندري.

1. ڪينجهر ڪل تو ڏنو ڪٽي جاگير جنين ڪي،
سي منهنجا مائڻ مهاڻا. نه ته هئا ڪنگال قلندري.

2. ننگر نٽي ۾ نٽول اهڙي هيس آئون اگلي،
هاڻي تا چون راڄ راڻي مون کي سهاڳڻ ۽ سندري.

3. جي هيون سوڳ ڪنديون منهنجي باس ۽ بوءِ کان،
سا پارئون پرڇ تو سندي مون نجس کي نمندڙي.

4. چئي "منڌار" تو مهندا ٿي آزيون عرض الايان،
ته عيبدار شل اچان تو پارس کي پسندڙي.

ڪافي. 334

تلهه: ڪارڻ ڪوهياري ڇام جي ڏونگر ڏورڻ پيو،
ڏونگر ڏورڻ پيوڙي اديون! ويهڻ وهه ٿيو.

1. ڏيرن ڏاڍائي ڪري مون سان ڪيڇين ڪيس ڪيو،
هو جو پنهون يار پساهه جو هن نڏر کان نيو.

2. جهليو پليو ڪير کي ائين جيڏيون شل جيو،
ڏسيو پير پنهونءَ جو منهنجو جتان ور ويو.

3. آيل مت منيءَ کي کا ڏکيءَ کي ڏيو،
ته وڃن واجب ور پنيءَ ٻڙي رکو کوم ريو.

Gul Hayat Institute

4. هت کونه سنياليان ڪارڻي ريءَ باروچل ٻيو،
آئون ويهان ڪنهن جي واسطي وري ٽلي خيال ٿيو.

5. هاڻ ملڻ هدايت مون کي آهي آيل پنڌ اهو،
وڃي مان ملان "منڌار" ڇئي نه ته به صدق ساهه ٿيو.

ڪافي. 335

تلهه: سسئي جيون ڙي سرتيون! سچيون ساهيڙيون!
آئون ڪاهيندي ڪيچ ڏي، هلو مون سان پيڙيون.

1. هاڻ سانگا سڪن جا ڇڏيو سرتيون! سويڙيون،
هلو تہ ڳوليون هوت ڪي وڻڪار ويڙهيون.

2. وڙولون تنهن واسطي هلي پکيڙيون،
سي ويندا مان ورن تہ ڪجن ميڙيون.

3. ور ڇڏي ويهي رهڻ ڳالهيون ڳريڙيون،
ڪاهيندين کي ڪيچ جيون وسيون ٿيون نيڙيون.

4. آسون اميدون مون کي هي جيءَ ۾ جهڙيون،
مان ڏسان "منڌار" ڇني آئون مرادون تهڙيون.

ڪافي. 336

تلهه: رکج حب رسول نبيءَ ڏانهن نسوري،
ڇئو محمد مير تي صلواة سڳوري.

1. هڻ واري همت تي تون پر مر ڏي پوري،
راتو ڏينهن روئج روح ۾ ڪريو جهڙ ۽ جهوري.

2. تون تڪبر ايترو ٿي ڇوڪرين ڇوري!
هاڻ توبهہ جي تسبيح پڙهي ٿيءُ ڪهوڙ جي ڪهوري.

3. حجت هوت پنهون سانڳ تنهنجو زور نڪا زوري،
پنهنجي پوتيءَ جو پلاند پائج ڳچيءَ ۾ ڳوري.

Gul Hayat Institute

4. هاڻ نياز نماڻو ڪري تيءُ ڏونگر ۾ ڏوري،
من ترس تنهين کي پوي نه ته تون ڪچي ڪوري.

5. هلج هيڏائيءَ سين ٻڙي نحس نڌوري،
وڃي من ملين "منڌار" چئي تئين ساڻس سڌوري.

ڪافي. 337

تلهه: جن منجهان جهڻي مون کي آندو اٿئي عمر!
تن مارن منهنجي ڪاڻ ڪئي وري ڪائڙين خبر.

1. هيڪاري ان هول ۾ گهڻا تيا گونڊر،
هوم اُنهن جو آسرو منهنجي ڪاڻ لڏائون ڪر.

2. قسمت قيد الماءَ ٿيو الست جا اکر،
آئون قابو ٿيس ڪوٽ ۾ هو ٽاريلا منجهه ٽر.

3. مون نه وٽن ماڙيون، تنهنجا ڪوٽ ٻيا قصر،
ساريان ٿي سرير ۾ تن گاموين جا گهر.

4. تنهنجا سون رپا سومرا مون کي زيور ٿيا زهر،
هوءِ ڪٽيون ڪائڙ ملڪ جيون ٻيا سيبائيم سگر.

5. هڪ ته ڪلف ڪڙا ڪوٽ کي ٻيا نوڪر مٽي در،
آئون جي هجان وس پانهنجي ته وڃان منجهه وگر.

6. هن مشڪل ۾ "منڌار"، چئي تي سنپاليان سرور،
من مون کي نه ملير ۾ سو هاشمي هيڪر!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 338

ٽلهه: عمر! عيش عشرتون ڪري نه مارئي.
پير تنهنجي پلنگ تي ڏري نه مارئي.

1. واڻ بنا وطن جي وري نه مارئي،
پلاءَ ڏسي پسيءَ ڪان ٽري نه مارئي.

2. تنهنجا ڪائڻ ڪائي ڪٽڻ تي ڪري نه مارئي،
تنهنجي سون متي سومرا! مري نه مارئي.

3. هاڪارو هن ڳالهه جو پري نه مارئي،
پلڪ ٽئي پنوهار ڪان پري نه مارئي.

4. ماڙن ۾ "منڌار" ڇئي ٽري نه مارئي،
بنا ماڳ ملير جي جم جري نه مارئي.

ڪافي. 339

ٽلهه: ڪٽيا مون ڪوٽن ۾ راتيون ڏينهن روئي،
ڏني جا ڏاڏاڻن سان لجي ٽيئي ۾ لوئي.

1. هي تقدير توڙئون منهنجي حق ۾ هوئي،
وس ڪونه هليو مون ڪاڻياريءَ جو ڪوئي.

2. جي ڏسان ماڳ ڏاڏاڻون ملير مڙوئي،
ته تي هيڪاندي هجر ۾ هوند لاهيان داغ ڏوئي.

3. ڏوراپا ڏوٽين ڏي منجان هوند چوئي،
جو مڪائون ڪانه مان ڏي وري ڏورن جي ڏوئي.

4. ڇئي "منڌار" مڳيندو اٽم ڪيت اهوئي،
پرڻي نيندو پنواهر ڪي ساڻيهه منجهه سوئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 340

تلهه: مون ڪي نه سيبائي هيءَ عمرڪوٽ تنهنجو،
هوڄي جهوپڙا جهنگن ۾ آهي اهو ڳوٺ منهنجو.

1. تنهنجا طعام حلوا آئون ڪڍهن ڪين ڪائيندس،
هو جا ماني مڪڻيءَ جي سو ڇڳو روٽ منهنجو.

2. تنهنجون محل ماڙيون مونکي نه سيباڻيون،
هو جو پکو اڏيل پن جو سو اجهو اوٽ منهنجو.

3. تون ظالم ظلم جو آئون توکي ڪين قبوليان،
جو نالي ڪيت ڪائڙيو سو آهي گهوٽ منهنجو.

4. چئي "منڌار" ظالم شمر ۽ يزيد تي،
لفظ لعنت جو آهي چوڻ قوٽ منهنجو.

ڪافي. 341

تلهه: عمر! منهنجا اباڻا ڏوڻي ڏور ويڙا،
ڪائر مان ڪٽي لڏا تنهنجي سور ويڙا.

1. حاڪم تنهنجي هول ڪان ٿي وهلور ويڙا،
ظالم تنهنجي ظلم ڪان ڏهڪي دور ويڙا.

2. تنهنجو ڏسي ڏمر ڏاڍائي پوءِ ضرور ويڙا،
جي رعيت تو نه رنجائي ته نه مارو مور ويڙا.

3. جتي قحط ڪونهي اتي اسور ويڙا،
ڏڻوڏي تنهن دهه ڏي اُن دستور ويڙا.

4. چوي "منڌار" محمد جي حضور ويڙا،
معافي جي ملڪ ڏي ٿي منظور ويڙا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 342

تلهه: مـــارو ڇـــام منهنجـــو عمـــر! هـــاڻ اينـــدو،
ڪيڙي هن ڪوٽن مان مـون ڪي وٽي وطن وينـدو.

1. مـون بنديـاڻي جـو برحـال سڏ صـاب پينـدو،
واهـر پـاڻ وسـيلو مـون تـاريليءَ جـو ٿينـدو.

2. آئـون جنهـن جـي آهيـان سـو ڇنـي نـا ڇڏينـدو،
پلئه لائـي پنهنجـي مـون ڪـي ننـگ پـال ٿينـدو.

3. مـون دلاسـا دلگيـر ڪـي اچـي ڏڍ پـاڻ ڏينـدو،
لاتقنطـو مـن رحمـة الله اهـو چگـو فـال چينـدو.

4. سـو "منڌـار" ڪـي معـافي ڪـل ڏوهـ ڪينـدو،
اهـا آس مـون ڪـي تـه پنوهـار پرڻينـدو.

ڪافي. 343

تلهه: منجهـ قـرآن هـيءَ بيـان سـو فرمـان مـالڪن،
فـاذڪروني اذڪرڪـم. هـي عـزت ذاڪـرن.

1. سـاهـ پسـاهـ سـين ارواح ڇيئـ الله آدامـن،
جـيءَ جـواب پـاڻ جبـار چـوي ٻاجهـايو ٻـانهن.

2. سـان دمـن هـزارن چوويهـن جـي چـون،
تـ وڏا پـاڳ تـن سـياڳ سـو سـهاڳ تـا ٿيـن.

3. شـريعت طريقـت حقيقـت ڪـي رسـن،
معرفـت مڪـان جـو ميـدان سـي ڏسـن.

4. اي "منڌـار" سـان اعتبـار ڇئـ الله جـي اسمـن،
تـ هجئـي خير ٿيئـي سـير منجهـ وجـود ولايتـن.

كافي. 344

تلھ: شاھ رانجھن تخت هزاري دا. تسان سمجھو سر سرداري دا.

1. ناهي مزور محبوب ميڏا. خاوند مالڪ خوب ميڏا.
آيا ويس متا مطلوب ميڏا. اٿون والي هي عالم ساري دا.

2. نهين چاڪ چوچڪ دا چاڪر. ڏيوي امداد عالم ڪون آڏر.
آيا وڏائي دا نانءُ متا ڪر. اٿون لاتس نينهڙا نظاري دا.

3. تسان سمجھو سيان! ساليان. رمزان نا رانجھن واليان.
اُلٽ انهيندیان چاليان. ايجھا پوش دلق دلداري دا.

4. "منڌار" دا مرشد ماهي. اعليٰ افضل نور الاهي.
شان انهيندا شهنشاهي. قسم پروردگاري دا.

كافي. 345

تلھ: وڏي ولايت ويا. سي وڻجارا نہ ورن. اي ميان!
وڃي اُت ويهي رهيا. تي ساريان ساموندين.

1. پسند پرڏيھ ڪيائون وڻين مڪان اُهو.
مون ڪي هٿ ڪوھ ڇڏيئون اٿر ارمان اُهو.
اي ميان! رئيو وينءِ روئان. تا اڪين مان لڙڪ اڇن.

2. نيشانيون مون وٽ اڃا جي رڳون پوئتي رهيون.
سي وڃاڻان سيجون سندين پراڻيون تين پيون.
اي ميان! سئي سر انجاميون ڏسي آئون ڏهري ڪيس ڏکن.

3. تن ساموندين كان سواءِ مون ڪي ڏکيا ڏينهن لنگهيا.
اونهارا سانوڻ سيارا لکون سيءَ مينهن لنگهيا.
اي ميان! گذري ورھ ويا. مون كي نئين سج سور سندن.

Gul Hayat Institute

4. چئي "منثار" مون کي تن ڳالهڙين ڳاريو.
جي وقت وڃڻ جي ڪيون ساڻ سلوڪ ساريو.
اي ميان! اي حرف حجي ڪريان تہ تا پلپل پور پون.

ڪافي. 346

تلهہ: سڻ عرض واسطي الله جي، نيازِ رسول الله جي.

1. واڻ سنئين تي واحد واري، ڪلمي جي ايمان سين ماري،
هلان محمد ڏانهن موچاري، پنڌ رمان تنهن راهہ جي.

2. شيطان جي لهي گمراهي، حضرت شاهہ جي ٿئي همراهي،
اوجر ڏي تان لهي اونداهي، نظر ساڻ نگاهہ جي.

3. الله آس پچائيندو، محمد ساڻ ملائيندو،
تنهن مجلس منجهہ مرڪائيندو، مهندا منور ماهہ جي.

4. ملي فقيري "منثار" کي، آسيءَ عرضدار کي،
سوالي سڪٹهار کي، حرمت حضرت شاهہ جي.

راڳڻي نوري

ڪافي. 347

تلهہ: آئون بنديائي وڃان قسمت کان ٿي ڪاڏي،
اي ميان لکين ميارون ٿيڙيون ماڙيچن جون مانڊي.

1. قسمت قيد سندا مئي کي پيند پيا،
حرف هزارين مئي تي ٿاريلن جا ٿيا،
اي ميان ڪيئن ڪريان قلم لکيو امر سندم ڪنهن آڏي.

Gul Hayat Institute

2. هار هسيون ۽ حلوا آئون نہ قبول ڪنديس،
ڏاڏاڻن جي ڏهي پاڪ ڏڻي ڪان پنديس،
اي ميان مولا پيار مهي چاچاڻن جي چاڏي.

3. آزيون عرض لکين قادر رب کي ڪريان،
آسون اميدون اڇان دل ۾ روز ڏريان،
اي ميان شال وڃي آئون گڏبيس، پاڙي پنهنجي ڏاڏي.

4. چئي "منڌار" مون کي مارو ميرملي،
پرچي پاڻ پنهوهار مئيءَ سان ڪيت ڪلي،
اي ميان لهنديس شال تنهين لائون ساڻ لاڏي.

ڪافي. 348

تلهه: ڪير ڪيون ڪاريون، مهاڻي آهيان،
محبت ڇام جي مان ڏي، پلاڻي تي پانئيان.

1. هن رنگ محل رتول ۾، پنهنجي دل وينجهائيان،
تہ هي پوشاڪون هٽ ڪنهن جي سان، تي هنبائيان.

2. منهنجي توبهہ تماچيءَ اڳيان، حج نا هلايان،
شراڪتي شاهہ سين، سينو نہ ساهيان.

3. آئون ڪل ڪنان ڪمذات، پاڻ ڪيئن پڌائيان،
ڪٽي سمي سپاڳي ڪيس، سا ڳالهہ ڳائيان.

4. هيءَ توهہ تماچيءَ ڪيو، نہ تہ چلر چاهيان،
مڪان مٺاهون مليو، جنهن جي لائق ناهيان.

5. آئون مي آهيان "منڌار" سمي چو سڏائيان،
هاڻ نياز نماڻو، ڪيو ڳل پاند پائيان.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 349

ٽلهه: تنهن مهاڻي ڪي ميان! گندري ڇوڙ گناهه،
جنهن تي ڇام تماچي، ٿيئي ڇڪن بادشاهه.

1. ڪر ڪسب تنهن سندا، تون نظر ۾ نه آڻ،
جنهن جي محابي، ٿين ميڙيون مباح.

2. ڪوجها ڪر ڪوهه ڪندا، عيب اُنهين ڪي،
جنهن مٿي جاگير ڏٽيءَ، پاڻ ڪيو پناهه.

3. تخت نمي، بخت نمي، سمون ڪن سلام،
ملڪ ڏڻي ڪيو مٿس، نواز جو نگاهه.

4. اي "منڌار"! هن مثال کي، صحيح ڪري سڃاڻ،
هوندا تهين جا تابعدار بيا، عاشق جنهن تي الله.

ڪافي. 250

ٽلهه: جيئن نوازي نوري ڪيئي، مٿي مهاڻي،
مون کي تيئن تماچي ڇام، رنگ محل ۾ رساڻي.

1. پنهنجي پليتيءَ ۾، آئون لائق لجاڻي،
هاڻ ڏي پلئه ته پاڪ تيان، وجي نوري نماڻي.

2. آئون اصل ڪان آهيان، ميان! عيبن هاڻي،
اچي نواز ته تيان نئين، نه ته پاند پراڻي.

3. ڳالهه ڳايان ڪيتري تنهنجو قرب ڪهاڻي،
لائق تنهنجي لطف جو، پرو نه پڇاڻي.

4. جيڪا توکي تماچي وڻي، آهي اها اگهاڻي،
مون کي من ڪرين "منڌار" ڇئي، تن راڻين مان راڻي.

Gul Hayat Institute

راڳڻي نوري

ڪافي. 351

تلهه: يار پيارا! جي جيارا! نجهان ڪڏهن ملندون مون کي منٺارا وو!

1. سچڻ اوهان کي سڪان پيئي ساريان، ڪريو يادگيريون هنجون هت هاريان،
نت پيئي وهايان، منجهان نيڻ نارا وو.

2. ساريان سنپاريان صورت تنهنجي، سا ڪيئن وسري جنهن تي دل منهنجي،
ڏک ۾ گذاريم، تو دلبر ڏاران وو.

3. آيم الستوءَ عمر ڏکن ۾، وڃي آئون پيئڙيس سڪ جي سورن ۾،
اچي مون تي ڪيڙا، ورهين وارا وو.

4. چئي "منٺار" تہ رب ڪندو ميلو، سچڻ اوهان سان صاحب سويلو،
ويندا وڇوڙي جا، گونڊر سارا وو.

راڳڻي لوڙائو

تار ڪلواڙو

ڪافي. 352

تلهه: ڪڏهن يار ملندين، لاهي سڀ جدائي،
مون سڪ تہ وندي جا سڀي، سوال سائين وو.

1. اچن يادگيريون دم دم دوست تنهنجون،
سڪندي سڪندي مون عمر وهائي وو.

2. سڪندي ني سڪندي، ڪئين سال لنگهي ويا،
نامي ڏٺيءَ جي ديدار ديکائي وو.

3. سڪان روز ساريان، ڪڏهن ڪانڌ ايندين،
شل پير پياسين جي، اگهڻ تي پائي وو.

4. اٿم ڏاڍو آسرو، تہ اجهو يار ايندون،
مون کي "منٺار" چئي، اجا اميد اهائي وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 353

ٽلهه: پلي ڪري پيام، آيون ادا پانڌي پيارا،
تو ڪو ڏٺو هو منهنجي منڌار ڪي وو.

1. اچي ڪر ڳالهيون مون سان پرين واليون،
وو ڪيڊ ڪتابت ڪٿي، اُپٽ اظهار ڪي وو.

2. آئون جا ويچاري، دردن ماري،
۽ ورهه لڳو اٽم، ساري وار وار ڪي وو.

3. هن منهنجي حال جي، ۽ خبر خيال جي،
۽ پر ۾ پچيئي ڪا، پيارل يار ڪي وو.

4. چئو ڪڏهن يار ايندو، ڪي منهنجو ملڻ ٽيندو،
منگي "منڌار" تو، جنهن جي ديدار ڪي وو.

ڪافي. 354

ٽلهه: ياد پون ٽيون من تن دل ۾، ڳڻ ته سڄڻ جون ڳالهڙيون وو.

1. صحبت سندين ساريان سنياريان، محبت من تان مور نه وساريان،
چت تي چڙهن سندين چالڙيون وو.

2. پانڌي پرين جو نجهان ڪڏهن ايندو، دل ڪي دلاسو اچي ڏيڊ ڏيندو،
روز مندڻيان تي هٿ ڦالڙيون وو.

3. الله آڻيندو سندن ساتاري، اُن ڪي اکين ۾ ڏيندس پاتاري،
مون ڪي من سڀائي ڪي مقالڙيون وو.

4. چئي "منڌار" آئون آهيان اُداسي، پسڻ پرينءَ جي لاءِ پياسي،
نجهان ڪڏهن لهندا سنپالڙيون وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 355

تلهه: پريـن سانگ پنهنجي وڃـان، مـون وجيـن ٿـو،
پر ايڏيون اڻ واجب مـون تـي، رک نـه ميـارون وو.

1. اصل اوهان سان جا محبت منهنجي، سا رهي دل روح تي طالب تان تنهنجي،
ميخون منهنجي من ۾، پيون تـن منجهـه تـارون وو.

2. ڏونگر اوهان لئـه ڏسيون ڏوريـر، گهيڙ گهٽيون سڀ گهميـو گهوريـر،
قـرب ڪرايـر هـي ڪشـالا ڪـارون وو.

3. جـابر زوراور بـي غرضـو آهيـن، تـرس نـه توکـي جـو پـاڻ پسـائين،
پيـو نـاهي ديـدار ريءَ منهنجـي درد جـو دارون وو.

4. چئي "منڌار" جيڪا تنهنجي مرضي، ڪرڻ نـه واجب حج جـي عرضي،
پـر سـڪهڙو لهـج ڪـي سـنديـر سـنڀارون وو.

ڪافي. 356

تلهه: سـچڻ سـهاڳي مـون ڪـي ڪـرم ڏهـاڳي،
آئـون تنهنجـي اڳيـان آهيـان انتظـار.

1. دوست پيـارا! منهنجـا دلـدار! اچـي مـل يـار هـادي هڪـوار.

2. سـڪ سـورن ۾ ڏاڍن ڏکـن ۾ درد دکـن ۾ ويـر چمـار.

3. آئـون جـا ويچـاري دردن مـاري، توبهـه زاري سـڻ پڪـار.

4. دلبـر سـهڻا، قلبـن ڪهڻـا، مـل مـن مهڻـا ڪـي "منڌار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 357

تلهه: وس تہ پنهنجي ڪان ويس ويچاري،
ٽيس غلام، تنهنجي آهي اختياري وو.

1. اهي تنهن جون چاليون، عبرت واليون،
ڪيئي جي ڳالهيون، تن ماڻن ماري وو.
2. عاجز آهيان سينو ڪيئن ساهيان،
حج نہ هلايان، توبهہ منهنجي زاري وو.
3. سڻو منهنجي آزي، بندگي نيازي،
ٽئين من راضي، ڏج ڪا دلداري وو.
4. "منڌار" مدامي سندءِ سلامي،
مجي ٿو غلامي، ڳچيءَ ۾ ڳاري وو.

ڪافي. 358

تلهه: لڳا وجي يار سان، دوست دلدار سان،
نيڻ نماڻا، تنهن سهڻي سردار سان وو.

1. دوست دل نيڑي، قابو وجي ڪيڑي،
آئون بيوس ٽيئڑي، ڪنهن عجب اسرار سان وو.

2. آئون جا ويچاري، محبت ماري،
توبهہ منهنجي زاري، صورت جي سينگار سان وو.

3. حڪم بڻي ويو، دلڑي ڪٽي ويو،
هينئڑو هڻي ويو، جهٽي جهلڪار سان وو.

4. اٽر ارادون، من جون مرادون،
ٽيندين دل شادون، جي ملين "منڌار" سان وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 359

ٽلهه: دلبر جاني! ڪر احساني، نام خدا جي مانڊي هيڪر نهار.

1. رسڻ لڳايئي، اهو رخ آيئي، گهونگهٽ پايئي،
سو منهن ڏيکار.

2. سڻ منهنجيون آزيون، بندگيون نيازيون، چڪيم بازيون،
تنهنجي چمان پيزار.

3. جيهي جي آئون تيهي، پناري پيئي، مون کي ڏڍ ڏيئي،
منهنجي سڪ کي سڏار.

4. چئي "منڌارو" عرض ويچارو، ٽيءُ دلدارو،
مون کي درشن ڪار.

ڪافي. 360

ٽلهه: اٽم سڻاڻو سور، هاءِ هاءِ جيجل! تن جوڳيئڙن جو.

1. ڏيئي ويا مون ڏکيءَ کي وو، ويراڳي وهلور هاءِ هاءِ!

2. مون تي راول رنج رکي ويا وو، ڪاپڙيا کو قصور هاءِ هاءِ.

3. اُتي هليا هنگلاج ڏي وو، اچي پيو پوربين کي پور هاءِ هاءِ.

4. مون کي تہ کيو "منڌار" چوي، چالين سندين چڪچور هاءِ هاءِ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 361

تلهـ: سوڍل سهڻا! ميان من مهڻا! رس ۾ رسڻ تنهنجو،
مئيءَ کي تو ماري.

1. اڄ تہ توکي آئون ڪنديس آزيون، لک لک پيرا نميو نيازيون،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، آئون پوندي پناري.

2. ڇاکان رسي وئين منهنجا راڻا! باغ باغيچا ڪاڪ جا کو ماڻا،
قتل محل اچي وسائج واري.

3. سڻ منهنجيون دانهون، وڃ نہ اڳاهون، اسم الله جي اڄ تون اوراهون،
پرڇ پيارا، پنهنجي ننگ ڏي نهاري.

4. چئي "منڌار" تنهنجي آئون ماڻن ماري، رئندي رئندي مون راتڙي گذاري،
غم ڳڻتي مئيءَ کي، هيءَ گوندر ڳاري.

ڪافي. 362

تلهـ: ماروئڙن لاءِ تي دل ماندي، وو پنهوارن جا موڄ پاندي.

1. محبت مارن جي ڪيئن مڃيان، بيوس ڪوڻن ۾ تي ڪڃيان،
وو آهيان بنديائي جيئن ڪر باندي.

2. مون ور مارو ساڳيو سوئي، بيو ڪونہ مڃائي ڪنديس ڪوئي،
وو امر الست جي آئون هت آندي.

3. پٽ پٽيهر ڪين پهريندیس، ۽ لوئي لڳن تان آئون نہ لاهيندیس،
وو سون نہ پايان، ڇوڙا ۽ ڇاندي.

4. ڪا "منڌار" جي سڪ سانگين ڏي، مٽن مارن ۽ ماڙيڇن ڏي،
وو ماڳ مليہ ۾ تيان هيڪاندي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 363

تلهه: سانگيئڙن کي تي دل سري، وو بندخاني ۾ ڳٽتي ڳاري.

1. بيوس ڦاٽي آهيان بند ۾، پير ڪڙولو قابو ڪنڌ ۾،
وو حال وڃايم هنجون هاري.

2. ماريس دشمن جي آئون دڙکن، ڦڦڙ جيرا تا منهنجا ڦڙکن،
وو تابش تنهنجي ڏيل ڏاري.

3. اتم آسرو پنهنجي پير جو، مُرشد منهنجي مڪمل ميرجو،
تان ڏاڏاڻو ڏيهه من ڏيکاري.

4. صاحب سانگيئڙن ساڻ سويلو، ڪو "منڌار" جو تون ڪج ميلو،
وو ويڙهه وطن ۾ هيکر واري.

ڪافي. 364

تلهه: ڪاهوڙين جو آيم خابرو، تان وٽو ويڙهيچن جو ملڪ مليم.

1. اوٽي ابائڻ جو اڄ آيو، صحي سنيهو ان سڻائيو،
وو هنجون هاريم ۽ نيٽين نير.

2. هٽ منهنجيون سرتيون ساهيڙيون، ويڙهه وطن ۾ پٽن پيڙيون،
وو پين پنهواريون خوشيان ڪير.

3. اڪند اباڻن جي مونکي آهي، ڪلف قيدن جا تون ڇڏ لاهي،
وو نيئر نماڻيءَ جو ٽوڙ زنجير.

4. سڪ سانگين جي آهي "منڌار" کي، مان ملائي مون سڪ هار کي،
وو ساڻ پنهوارن منهنجو پير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 365

تلهه: آهن اسان جا سيڙ سنگهار، عيب لقب مون ڪي لاءِ ر عمر!

1. روڙ نه وڃايان، سون نه پايان، آئون ڪيئن لاهيان، تن مارن جي ميار.

2. ڪٽيون هنڌائين، پٽ ڪين پائين، ڪنپيون جي ڪائين، ڇڏ ان جي پچار.

3. سانگيڙا ساريم، هنجون هتي هاريم، دم نه ڳڏاريم ان ڪوڙ ڏار.

4. اسين اڏيون اوٽن، ساڻ سئوٽن، ڪي منجهان ڪوٽن ڪي منڌار.

ڪافي. 366

تلهه: سيج بندن ڪي آئون نه سڃاڻان، واري اسان جا آهن وڃاڻان.

1. عرض اوهان ڪي، ته آڃ نه مونکي، عيب اسان ڪي تنهنجا هنڌ ۽ وهاڻا.

2. نيٺ مري ويندیس، قبر ۾ پوندیس، وڃي خاڪ ٿيندس مرڙ پچاڻا.

3. رضا مڃيندیس، ٻيو ڪاڏ نه ڪنديس، وڃي ڏسنديس اڪين اباڻا.

4. چئي "منڌارو" آهيان آئون ويچارو، ٿيندم چوٽڪارو ڪڏهن نه ڃاڻان؟

ڪافي. 367

تلهه: ڪام ڪج وائي وسارڙ جي وو مون سان ڪج پريت جي پارڙ جي.

Gul Hayat Institute

1. آئون آهيان تنهنجي ڳولي، منهنجي اها ٻولي، اسر الله جو جهليان ٽي جهولي.
۽ گهران سڪ سنگت سڏارڙ جي.

2. ٻرڃ ٻيارا، مون سان دلدار! آئون ٽي ڪريان آزيون، پايان ڳچيءَ ڳارا،
۽ رک نه ميار منهنجي مارڙ جي.

3. آئون آهيان تنهنجو سوالي سائل صدائي، اٽم اندر ۾ اميد اهائي
۽ توسان گڏ عمر گذارڻ جي.

4. تون ڪا "منار" ڏي مون عرض دار ڏي، سدا مند ساجن مون سڪ هار ڏي
ڪج ڪا نواز نهارڻ جي.

ڪافي. 368

تلهه: جڏهن نوبت پنهنجي نينهن جي لڳيم، سڪ سمهي پوءِ نند ڪانه ڪيم.

1. توکي سارينديءِ سنيارينديءِ، ويئي عمر لنگهي اوسارينديءِ،
پي تات سرت سمجهه، سپ وسري ويم.

2. آهيان دڪ ماري آئون جا ويچاري، منهنجي ڪانه ڪيانءِ هت پوئواري،
انهيءَ ڏس تہ ڏکن منجهه ڏينهڙا تيم.

3. هن سورن جي نڪورن جي، مونکي خبر نہ هئي وهلورن جي،
جڏهن پرت لڳيم، تڏهن پرک پيم.

4. "منار" دردن واري کي، هٿي ٻاڻ حسن جو ويچاري کي،
مچ محبت جا تا ڪن جوش جيئم.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 369

تلهه: ڳجهيون يار! تو ساڻ منهنجيون آهن ڳالهيون،
تورينءِ کين ڪنديس، دل من واليون.

1. آئون جا ويچاري ڪنهن مهميز ماري، تنهنجي رمز عجب ويچار واري،
چڪچور ٿي آهيان، ڏسي تنهنجيون چاليون.

2 آئون ٿي ڪريان زاريون، سڻ منهنجي ساريون، پايئي زلفن جون ڳل ڳاريون،
قابو ڪمند وڌئي، ڪي دامون دواليون.

3 تنهنجون ڪان ڪجليون ڪن تيز تجليون جيئن ڪر بادل جون اون تجليون،
قهري ڪيفن واريون، ڪيفي ڪماليون.

4. تو منجهه اهڙيون اکيون منهنجي رب رکيون، سي تلوارين کان تحقيق تکيون،
ٿيون مارين "منڌار" کي اهي ديدون دنالين.

ڪافي. 370

تلهه: اٿر يادگيري سهڻا يار تنهنجي، دل درد واريءَ کي درڪار تنهنجي.

1 تو جي پاتيون جهاتيون ڪجليون جيون ڪاتيون هلان حڪر ڪري چني ويون ڇاتيون،
جر جان ۾ لڳي طلب تار تنهنجي.

2 تنهنجي صورت سهڻي، منهنجي من موهڻي، ڪاتي ڪجلين جي قلبن ڪهڻي،
بڇي باڻ لڳي منجهان ديدار تنهنجي.

3. منهنجو حال ۽ احوال، اڻئي احوال اهو، مل ڪرم ڪري سڻ احوال اهو،
پسان پاڪ پيشاني آئون هر وار تنهنجي.

4. سنجهه صبح ورنهه، منجهه روح تنهنجي، من مست ٿيو، سنپالي سونهن تنهنجي،
وائي مور نه وساري ڪا "منڌار" تنهنجي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 371

ٽلهه: منهنجا يار محبوب کي ڏيج سلام، چي ملهه جاخريد تنهنجا آهيون غلام.

1. آئون ٿي ڪريان آزيون انتظاري، مجيا مدامي سر برداري،
چي رانجهو! رسڻ جي تون مون سان ڪج ڪام.

2. تنهنجا آهن اسان ڏي حرف حسابي، منهنجون مدايون مڙيئي ڪر معافي،
چي رنج ڪو م رکج مون تي الله جي نام.

3. تنهنجي طلب ۾ آئون ٿي ڏينهن ڪٽيان، محبت اوهان جي مور نه مٽيان،
مئي پچاڻان پي اندر مقام.

4. سڪان سدا مند تنهنجي ديدار کي رهي ملڻ جي مراد "منڌار" کي،
حب هينڙي منجهه مونکي هادي اها هام.

ڪافي. 372

ٽلهه: ملي مبارڪ اڄ مون کي يار جي، ٿيم اميد وڏي ديدار جي.

1. جڳ ۾ جنهن جي لاءِ ٿيس جوگياڻي، دم نه وساريم روز ڏهاڻي،
ڇڏيم سڄڻ ري سڏ سنسار جي.

2. آهيان اصل ڪان سنديس ٻانهي، سر ته سڄڻ تان ڪريان قرباني،
ٿيان پيزار سندم سردار جي.

3. آئن ٿي اڄ ڪريان سو شڪرانا، الله سائين کيا مون سان احسانا،
پايان پلائي پروردگار جي.

4. آهيان عجيبن لاءِ اُداسي، سڪان سدا مند، ٿيو سنياسي،
مان پچي سا مراد "منڌار" جي.

ڪافي. 373

تلهه: جن جي طلب تات وائي اٿم وات، آئون سا انين لاءِ روئان ٿي ڏينهن رات.

1. لڳي لولي هيئين هولي اندر جندجان، هيءَ گولي سڻولي موٽي ڪندا مان،
ءِ نماڻي سجاڻي نيندا پنهنجي سات.

2. لڳي لوري پيئي ڏوري بيوس آهيان، مون کي جهوري بي زوري ڪيڏانهن ڪاهيان،
لڻءُ لڻءُ اندر لنوان ٿي ايءُ لات.

3. دک ماري ويچاري، روئان ٿي زارو زار، ڳل ڳاري بي زاري ڪريان ٿي هر وار،
حج ناهي ان سين، ڏاڍي سندين ذات.

4. "منڌار" جي سار سنڀال لهندا، مهندار سردار محبوب ملندا،
ننگڑو سجاڻي، رهندا مون وٽ رات.

ڪافي. 374

تلهه: اوٽي اتان ايندو ڪينئن جي خبر ڏيندو مون کي ملير واري وٽي ويندو.

1. بنڌياڻي نماڻي آهيان آئون جهل ۾، هو ساڻي سجاڻي ٿيندا اڇي پل ۾،
آئون آهيان انهن جي، ننگ پاڻهي تن پيندو.

2. آهيان آسي اُداسي، ملان کي مارن، تن تاسي پياسي پسان کي پرين،
منهنجو ميلو انهن سي، قادر ڪٽي ڪيندو.

3. مڙيون خطايون مارو ڪندا معافي، چڱايون پلايون ڪندا جي هوءِ شافي،
منهنجو مان ءِ شان، اڳيان انهن ٿيندو.

4. "منڌار" چئي من ملان کي مارن، ڪرهن سانگين وڃي ۾ وطن،
منهنجا اهي عرض مولي مڃيندو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 375

ٽلهه: واهه واهه عجب سبحانا وي، آئون حيرت ۾ حيرانا وي ميان.

1. ڇوڏس تي تو باغ بنايا، چلتا چلتا رنگ چلايا،
حڪمت وارا هنر هلايا، عقل منهنجو پريشانا وي ميان!

2. ڪني ڪني جي مت منجهائين، ڪني ڪني ڪي تون سمجهائين،
تون ڪل ڪي پاڻ پڙهائين، ٻيا سڀ شاگردانا، وي ميان!

3. ڪل هنڌ قادر قدرت تنهنجي، حڪم هلي تو حشمت تنهنجي،
عجب الاهي عبرت تنهنجي، آئون حيرت ۾ حيرانا وي ميان!

4. چئي "منڌار" مالڪ منهنجا! فضل گهران تو لطف تنهنجا،
ٻيرا ٻلايون تون ڪج پنهنجا، مون ڪي ڏج دين ايمانا وي ميان!

ڪافي. 376

ٽلهه: هر دم سڄ سوالاوي، اي رب الله تعالي، وي ميان!

1. تو سبحاني جوڙ بنائي، عبرت مانڪي عجب الاهي،
صدق صدق تو تان رب سائين! اي رب اعظم اعلي وي ميان!

2. ڪتل گناهن ۾ ڏوهي آهيان، تون ڪو ستر ڪج صاحب سانئيان،
فضل تنهنجي ۾ آسي آهيان، ته عيب ڍڪج مون والا وي ميان!

3. سڀ ڪم رب! تنهنجي اختياري، توکي اٽڪل صاحب ساري،
تون بخشيندڙ بديون باري، تو هٿ هاج حوالا، وي ميان!

4. جو ابليس تو اوتڙ واري، ڪوڙو خريبن سان ڪيو ڪاري،
من منهنجي مان ڪڍ ماري، ڏي نادان ڪي نيڪالا وي ميان!

5. آهي "منڌار" پٽ ٻانهو تنهنجو، سوالي پنڊڙ پينو تنهنجو،
فضل گهري احسانون تنهنجو، آس پچاءِ انشاءَ الله، وي ميان!

ڪافي. 377

ٽلهه: رک هردم پرت پياري سائ، تنهن دوست مٿي دلداري سان ميان!

1. سات پڇائيندءِ سڪ ويچاري، مدد محبت جي موچاري،
اکيين ڏيکارينديءِ پنهنجو آري، ملائيندءِ يار موچاري سان ميان!

2. هر دم يار لئه هنجهون هارج، دوست دل مان ڪير وسارج،
ساهه پساهه ۾ ساجن سارج، اکيو ڏي ڪنهن آري سان ميان!

3. پرت رکين جي سائ پياري، ته ڏنڊا دنيا جا ڇڏ وساري،
حب وڏيءَ سان هل هاڪاري، تان ڳڏجي محب غمڻاري سان ميان!

4. اي "منڌار" محبوبن ڪي، طلب وڏيءَ سان ڳولج تن ڪي،
سائ سچائي پس پرين ڪي، ڪنهن نوبت نينهن نظاري سان ميان!

ڪافي. 378

ٽلهه: جن تي عشق آيو هلن سي ڪاهي، ٻيا سڀ سانگا سکن جا ته لاهي لاهي.

1. هڪ ته عاشقن ڪي نه آرام اچي، پرنئين ريءَ وهڻ نظر تن حرام اچي.
چون پلي ڪري مرڻ ڪسڻ قتلام اچي، مطلب بهشت دوزخ ۾ ناهي ناهي.

2. پنهنجي عاشق جان جلائي آ، پنهنجي شمسي[1] بے ڪلڙي ڪلائي آ.
اناالحق جي ته هولي ڪنهن الائي آ، اهو مرد منصور چڑهيو وڃي ڦاهي ڦاهي.

3. هڪ ته عشقي منجهه ايمان آهي، يارو! مور نه مڙي سو نيشان آهي.
ڇئي سر سڙڻ تان قربان آهي، چي اجهو ٿو پرين ڪي پسان پوءِ چپرچاهي چاهي!

4. ڳوليان اڃان ڳوليان منهن مان پون، ڏسان شل يار پنهنجو، هنن سي اکين.
من "منڌار" ڪي محبوب ملن، اها جا اُميد اندر منجهه آهي آهي.

---

[1] شمس تبريزي.

ڪافي. 379

ٽلهه: من محبوب ملي، گهٽيون سڀ گهوريندیس،
ان لاءِ ڈيهه ڈونگر ڈسون ڈورينديس.

1. اون جون روز پچان رند راهون آلو، منهنجو وجي ڪير يار اڳاهون آلو،
هلنديس دوست پٽيءَ ڪري دانهون آلو، موٽي پوءِ تي پاڇل ڪين ڦورينديس.

2. مونکي هٽي ويا قرب جون ڪاتيون آلو، سي وري ڪنهن سڌايان ڪري باتيون آلو،
هئي هئي روئان تان رڙان تي ڈينهن راتيون آلو، ان لاءِ ته آئون اجا ڪي ڈيهه ڈورينديس.

3. لوري لئون لئون اندر مونکي لاڳي ويا، بي جا برهي جي جوت جاڳائي ويا،
ڈس جا آرا بني ته عشق جي آڙائي ويا، ماري تي محبت اها جا ڇاهه ڇورينديس.

4. اجا ڳولينديءَ سان ڳلي ۾ ڳلي، ڈسان من يار اکين سان مون سان خان ڪلي،
من سو"منڌار" ڪي محبوب ملي، سر لاءِ سنت سندين ڪلهن تان ڪورينديس.

ڪافي. 380

ٽلهه: آئون ته پچان توکان پانڌي ادا! هئي جي محبوب جون باتيون.

1. تو ڪو ڈنڙو ني وي يار اسان جو وي ميان! ڪجليون جنهن جون وو مورياريان،
ڪجليون جنهن جون آهن ڪاتيون.

2. سڪ ته جنهنجي تي وي سوز مچايو، وي ميان! روئندي وهايان مواريان،
سائين! روئندي وهايان ٽي راتيون.

3. دل منهنجيءَ کي ني وي دامون درد جون وي ميان! پرين سهڻي جي مواريان،
پرينءَ سهڻي جي آهن پاتيون.

4. پريلون بندوقون ني وي هنيئي حسن جون وي ميان! اهي ڇيرا ڇني ويا مواريان،
اهي ڇيرا ڇني ويا اٽر ڇاتيون.

5. چئي"منڌار" ني وي سڪ جي سورن جون وي ميان! ڈنيون جنهين وو مواريان،
ڈنيون جنهن مونکي ڈاتيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 381

تلهه: منهنجو نياپو نيئي ميان پانڌي! وجي ڏي پرين ڪي.

1 چئج تہ اکيون اسان جون ني وي آهن اوهان لاءِ وو ميان! روز اداسٽيون مواريان.
روز اداسٽيون پيئي سائين، سڪندي ورهيہ لنگهيا تن ڪي.

2 چئج تہ باهہ برهہ جي ني وي لڳي هي بدن ڪي وو ميان! جيرا ڦڦڙن وو مواريان،
جيرا ڦڦڙ بکيون ٿيئي سائين، جوش جلايو جن ڪي.

3 چئج تہ چڪيس واهون ني وي ڪري پيئي آهون وو ميان! طاقت وسعت وو مواريان،
طاقت وسعت ويئي سائين، ڏوهہ ڏيندیس وري ڪنکي.

4 چئج تہ آزيون نيازيون، ني وي چيون "منڌار" ويچاري، تہ پير پوڄيان وو مواريان،
پير پوڄيان آئون تولاءِ پيئي، اڄ تہ چمان تنهنجي قدمن ڪي.

ڪافي. 382

تلهه: اڄ مون ڏٺيون عمر سائين! ميان سهڻي اندر ساهيڙيون.

1. ڏٺم مارن جو ني وي، ملڪ مليو وي ميان!
تن ويڙهيچن جو مئيءَ واريان، تن ويڙهيچن جو وطن ويڙهيون.

2. ان خواب ويچاري ني وي، نيس ڪائڙ ۾ وي ميان!
جاڳيس جان وو مواريان ۽ جاڳيس جان تان اٿم ٻيڙيون.

3. ڏٺم ڏوٽين سان ني وي، ڏٺ تي ڪريان وي ميان،
مڪٽيون مانڌاڻا مواريان، مڪٽيون مانڌاڻا اُت ميڙيون.

4. چئي "منڌار" ني وي، من منهنجي جون وي ميان،
آسون عمر وو مواريان، آسون عمر آهن اهڙيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 383

تلهه: آئون سور انهيءَ ماريس سومرا! ميان مارو نجاڻ ڪيئن چيندا.

1. وهڻ ماڙين ۾ نه وي، مونکي نه جڳائي وي ميان!
مهٽا مونکي وو مواريان سائين! مهٽا مون کي هو طعنا ڏيندا!

2. مرڪ اسان جو نه وي، وهڻ ويڙهين ۾ وي ميان!
ڪنهين ڏونرا وو مواريان، ڪنهين ڏونرا اُتي اسين ڪيندا.

3. ڏينهڙا عمر جا، نه وي، آير آجوڙا وي ميان!
ڪر ڪرت مون کان وو مواريان، ڪر ڪر مون کان نجاڻ ڪهڙا ٿيندا.

4. ناهي معلومي نه وي، ڪرم منهنجي جي وي ميان!
ته پهر مون کي وو مواريان، ته پهر مون کي پيا ڪهڙا پيندا.

5. چئي "منڌار" نه وي، تڏهن شڪر چوان وو ميان!
جڏهن بخش بديون وو مواريان، جڏهن بخش بديون هو مونکي ڪيندا.

ڪافي. 384

تلهه: ڪوٽ وطن ناهي منهنجو ميان! وطن مليز آهي منهنجو.

1. قسمت آنديس نه وي قيد تنهنجي ۾ وي ميان، اوک گهٽو ئي وو مواريان،
اوک گهٽو ئي ٿي پانيان اهنجو، سائين! ظالم زنجير هي تنهنجو.

2. سرتيون ساهيڙيون نه وي آئون نه وساريان، وو ميان! پيارو ملڪ وو مواريان،
پيارو ملڪ اٿم پنهنجو سائين، ان ساڻ سير آهي منهنجو.

3. سڏڙا منهنجا نه وي سرور سڏندو وو ميان! سفر ڪندو وو مواريان،
سفر ڪندو اچي سنهنجو، سو ڪامل پير آهي منهنجو.

4. چئي "منڌار" نه وي، مونکي تون موڪل ڏي وو ميان! ته وجان آئون اوڏانهن وو مواريان،
ته وجان آئون اوڏانهن آهيان جنهن جو سئين اوهو مارو مير آهي منهنجو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 385

تلهه: ڏاران ماڙيڇن ماڙين ۾ ميان! روئندي وهايان ڏينهن راتيون.

1. جن جي آئون ڇائي نه وي، هيس نپائي وو ميان!
اُن کي ڇيون وو مواريان، سائين اُن کي ڇيون هير باتيون.

2. رات سهٽي ۾ نه وي، ڏنيئر ساهيڙيون وو ميان!
کي ڏنئون ڏوراپن جون مواريان، کي ڏنئون ڏوراپن جون ڏاتيون.

3. هيس اُنهن مان نه وي، عيب نه جنين ۾ وومیان!
سائين جي ست ۾ سمائيون مواريان، جي ست سمانيون سماتيون.

4. چئي "منڌار" نه وي، ان ماريس اوسيڙي وي ميان!
مونکي عيب الون ووموارين، مونکي عيب الون کنهن لکئه لاتيون.

ڪافي. 386

تلهه: وي يارو! برهه اڙانگو بار، جو رهڻ نه ڏي تو هوشيار.

1. بولي بي بولڻ نه ڏي تو، ڪرڻ يکو يار يار وي،
سمهڻ سک آرام نه ڏي تو، لڇڻ پچڻ لاچار.

2. سک ماري تي محبوبن جي، بدن ڪري بيمار وي،
درسن ڪريان نه بي درد ٻيٽو، اهڙو سندن ديدار.

3. ڪر ٻيو وري ڪرڻ نه ڏي تو آهي اڻ تڻ اپار وي،
غر انهيءَ ۾ غوطا کاڏم، لهريون لکين هزار.

4. برهه منجهارون ٻاگو تورڙو آيو هکڙو وار وي،
عاجز ٿيو ته بي آهون ڪري تو، ماندو ٿيو هي "منڌار".

ڪافي. 387

تلهه: ٻڌي ڪنهن کي حال سڌايان، ٻڌي ڪنهن کي حال سڌايان.

1. پريـن ڪـارڻ آئـون تـه پياسـي، ور ور ڏيـو واجهايـان،
حجـت منهنجـي ڪانـه هلـي تـي روئنـدي رات وهايـان.

2. بـي دردن کـي قـدر نـه ڪوئـي، اُن کيئـن عـرض الايـان،
قـدر وارو ڪونـه ملـي تـو، آئـون جنهـن در وڃـي دانهيـان.

3. محبـوب جـي ملـڻ واسـطي، حيـلا هـنر هلايـان،
عقـل مـون کـي شـل اڇـي اهـو، جنهـن سـان يـار ريجهايـان.

4. چئـي "منڌار" تـه ملـڻ واسـطي، پنهنجـي جـان جلايـان،
سـڪ نـه لهنـدي سـپرين جـي، جيتـر جيئـري آهيـان.

ڪافي. 388

تلهه: ڏيئي ڏک يار سڃڻ ويو ڏور، ماڳهين ڇڏي معزور.

1. آئـون جـا ويچـاري ورهـه وڪـوڙي، ڏاران دلبـر آهيـان اجـوڙي،
درد دل تـي هـزار ڪروڙيـن، چـاڪن ڪئـي هـان چڪچـور.

2. لئـون لئـون انـدر لايئـي لـوري، جهڃـڻ جـان جگر ۾ جهـوري،
وڏيئـي ڏڪـن جـي مئـيءَ ڪـي ڏوري، وڃـان تـي وهلـور.

3. دم دم وينـي منڌيـان ڦـارون، ڪريـان يـار ملـڻ لاءِ ڪـارون،
درد منهنجـي جـو دلبـر دارون، دک ڪنـدو اڇـي دور.

4. يـار "منڌار" ڪي الله ملائـج، درشـن يـار جـو ديـدار ديکـائج،
آس ونـديءَ جـي آس پڄـائج، عـرض ڪـري منظـور.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 389

تلهه: دم دم ياد ڪريو دل جا درد دکن.

ورنهه ويڙهڻ آهيان ماري، ڏيري ڪئي آهيان ڏکن.

1. جنهن دم ساريان ني وي، هنجهون اُت هاريان ميان.
ساري سرير سندم جا، چٽڪيو چاڪ چکن.

2. وسارن واليون ني وي، ڳٽيم ڳالهيون ميان!
وس مون ويچاريءَ جو ناهي، جو دل تان دم نه لهن.

3. شايد سورن جي ني وي، وهلورن جي ميان!
آئون جا الست ڏينهن ڪئون، وڃي پيس ڏانهن پکن.

4. چئي "منڌار" ني وي، من محبوب ملي،
ته آسون اميدون اندر جون، هي رڙون روح پڃن.

ڪافي. 390

تلهه: تون سگهڑو مان ساڻ ڪج گڏجاڻي ميان! پنهل پيارل پاڻ سجاڻي ميان!

1. آئون پيئي ساريان ني وي، ڪين وساريان ميان،
عرض الايان تي اوهان کي، نڊر نماڻي ميان.

2. آئون جا ويچاري ني وي، دردن ماري ميان،
کريان ياد هميشه تنهنجي رهاڻي ميان.

3. آئون ته اُداسڻ ني وي، آهيان پياسڻ ميان!
سکندي سکندي تنهنجي لاءِ، عمر وهاڻي ميان!

4. چئي "منڌار" ني وي، اميدون وار ميان!
مون سان محبوب پيار! ڪجهه ملاڻي ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 391

تلهه: صورت جوت جمال واهه واهه، منهنجي يار جي پيشاني.

1. ننهن چوٽيءَ سنيتيءَ نور نسورو، سچوئي سراسر لال،
آئون ڪريان ڇا وصف زباني.

2. جنهن شمس قمر شرمايا، وو اهڙو حسن ڪمال،
جنهن جو مٽ ناهي ثاني.

3. هت هت هادي نور هڪڙو، وو مونکي رکڻو هيڪ خيال،
سمجهان تو سر سبحاني.

4. سر ساهه صدق سهڻي يار تان صدقي، مڏيون سڀ مال،
آهي "منڌار" قرباني.

ڪافي. 392

تلهه: ڪهڙو عقل نياڳ جو آيئي، ڪيئن مومل مان وجايئي.

1. سوڍل توکي جيئن سمجهايو، تيئن تان پير نه پايئي،
راڻو توسان تڏهن رسي ويو، جڏهن لقب تنهن کي لايئي.

2. هئين سهاڳڻ ساري جهان ۾، ۽ چاڳلي تي چايئي،
آئي ڏنيپ ڏهاڳ جو، وو نچان کهڙو ڪرت کمايئي.

3. راڻي جي ڪارڻ رنگ محل ۾، اي لوري کين ليلايئي،
ور وساري پنهنجو، وو بچڙو سانگ بنايئي.

4. چو نه مئين "منڌار" چئي، جڏهن شاهي پنهنجو شان لجايئي،
اجان جهان ۾ گهمي تي جيئري، اناسڻ شرم نه آيئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 393

تلهه: چنيسر چام جي چوريءَ وجي، حرص ڪيا تو زوريءَ.

1. پوري! پنهنجي پيتار کي، ڏس لقب لايو تو لوريءَ،
موٽي مدايون آيون اٽئي منهن ۾، جيڪي بديون ڪيون تو بدخوريءَ.

2. ڏولي تنهنجا عيب ڏيکيا گهٽا، تو ننگ نه سڃاتو ندوريءَ،
سو پي توکي سرت نه آئي، اچي ڪنيئي کنهن اونريءَ.

3. تو جهڙيون هت لکين ليلائون، پٽيون، سڪن رهاڻ سڳوريءَ،
ڦٽو آهي تنهنجو ڪرم ڪميڻي ۽ هن کي سرندي توريءَ.

4. چو نه مئين "منڌار" چوي، وڃي ساڻ زهر جي گوريءَ،
شهنشاهي شان کي، وو چيپ لايو تو چوريءَ.

ڪافي. 394

تلهه: وو ڏسي منهنجون ڪانڌ ڪچايون، وي ميان! ڏج ڪير ڏوهه ڏمر جي.

1. ڏکج ڏکٿهار تون! مون منجهه ڪئين ميرايون وي ميان!

2. بخشيس بخشڻهار تون! مون خاطيءَ جون بہ خطائون، وي ميان!

3. لاڙ ليکج ڪير ڪين، عاقل سنديم اگلايون، وي ميان!

4. يا مالڪ! "منڌار" سين، تون ڪر پال پلايون، وي ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي. 395

تلهه: دردن ماري آئون جا ويچاري، خان پنهل! مون کان ٿيءُ ر پري.

1. پانيڙ جي ٻيڙي، هيس هنڌواڻي، پرتن پالي ڪيس ڪٽياڻي،
پوءِ ڪنيزڪ ڪيڇن جي، تو قلم ڪري.

2. لکئي آڻي توسان لئون لائي، عشق اڪيلي آهيان لڃائي،
ءِ ساعت ساجن توريءَ نه سري.

3. ساريان سنياريان تنهنجا ڳڻ ڳالهيون، ويل نٽيون وسرن چوڪيون تنهنجيون چاليون،
اڻ ڳڻتيءَ ۾ تو منهنجو ماهه ڳري.

4. سون سورن ۾ جيڙو جلي تو، وئيڙي وسعت، وس نه هلي تو،
تنهنجيءَ محبت ۾ پيو "منڌار" مري.

ڪافي. 396

تلهه: آئون نچڻ واري تنهنجي پولڙي جيئن نچائيندي تيئن نچندي وي ميان.

1. منهنجيون رسيون تون ڏو ڏورين تيئن چرنديون جيئن تون چورين،
مونکي گهٽين گهٽين ۾تون گهورين، آئون امر تنهنجي ۾ اچندي وي ميان.

2. جي نه پائيندي تان بکي ٽيندي، ڏاڍي ڏبري ڏکي ٽيندي،
جي سنپالينديں تان سکي ٽيندي، مان ڏيندي تان مچندي وي ميان.

3. ٽي آهيان شاڪل سڪڻ ڪارڻ، ديد سما شاهه پکڻ ڪارڻ،
واهه واهه تنهنجي ويکڻ ڪارڻ، رنگ ڏيو تان رچندي وي ميان.

4. عرض "منڌار" جا سڻ تون سارا، او يار ڏورينڌڻ ڏوريءَ وارا،
هي جي بازار ۾ ڪتيا ڪارا، انکان بچائين ته پئي بچندي وي ميان.

ڪافي. 397

تلهه: سانگ فقيري ڇائي آيو آهيان.

سانگ سجاڻي سوتڙ ڪج تون، تو ۾ اميد اڀ پائي آيو آهيان.

1. گدريون گودڙيون ڪشتا ڪنڌا، ڪنگڻ ڪولا تنبيان ڏندا،
ڪتيان ڪفنيا ڪپڙا هئيدا، ويس اهو ول پائي آيو آهيان.

2. تو در آيس سرور سهڻا، دعا پنڻ تي دلبر سهڻا،
ان اميد پئي انور سهڻا، ڳيتن جيئن آئون ڳائي آيو آهيان.

3. سرور تو در آئون تہ سلامي، مجيان مدامي روز غلامي،
حاصل ڪر هاڻي تي حامي، نمي ڪنڌ نمائي آيو آهيان.

4. ڏي "منڌار" ڪي يار فقيري، حضرت نرمل نوح نصيري،
تو وٽ ڪنجيون آهن قديري، تنهنجو نام پچائي آيو آهيان.

ڪافي. 398

تلهه: لڙ لهرين ۾ لڙهيو وڃان تي، مئيءَ جي مدار توتي ميهار.

1. واڳو اڇي وريا مئي جي مارڻ لاءِ، آيا مڇ مانگر قوت ڪرڻ لاءِ،
ٻيا سو لک سنبري آيا سيسار.

2. امر نصيب جي آنديس اوڙاهه ۾، دلو پڇي پيو وچ درياءَ ۾،
ڪرم سندم، ڪونهي ڏوهه ڪنيار.

3. مون تي ائين ٻانيو تہ ڪنديس ميلو، ايندي اوڙاهه ۾ پڇي پير پيلو،
هاڻي ڪانهي ڪنڌي تو دلبر ڏار.

4. سڃ درياءَ ۾ منهنجو دانهون، تج حمايت اڇ اوراهون،
ماڙ مٿي ڪر ڪا "منڌار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 399

تلهه: تي وي مدد ميهار مرنئي تي، سڻ منهنجون دانهون منجهه درياءَ.

1. اچي سمنڊ جي سنير ۾ پيس، ڇوليون مون تي ڇٽيڪون ويرَ ۾ پيس،
ٻڌيو وجيئي تي، اچي جهل ٻانهن.

2. ان سانئر سمنڊ هزارين ٻوڙيون، ڪارونهار ۾ لڙهن ڪروڙيون،
پار اڪارج ساڻ پناهه.

3. ان ڪارونهار ۾ طاقت ويئي، هٿ پير ڇڏي ست رهيا سپيئي،
هاڻي وقت اٽيئي ڪر واهر واهه.

4. چئي "منڌار" تي واهر وسيلو، پهر پچاڙي ٻيو حال نه حيلو،
اچي اڪاري وڃ نالم الله.

ڪافي. 400

تلهه: ڪاريون جي راتيون، ڪن درياءَ جا، سهڻي ملائين رب ساهڙ ساڻ.

1. محبت ميهار جي سڪ نه صبر ڏي، وقت وڃڻ جو ڪين ترسڻ ڏي،
وڏم پاڻيءَ منجهه پنهنجو پاڻ.

2. سوين سمنڊ ۾ سئينسر سچن تا، لکين مڇ لڏڙا واڳون به وڙهن تا،
مئي ڪي سو پار اُڪارين مهراڻ.

3. "ڪن فيڪون" ڪان قرب ميهارسين، روح جي الستئون لڳي لئون يارسين،
پاڻ پروڙين ٿو سارو پرياڻ.

4. مولي "منڌار" جا عيب ڏڪج تون، لڄ رب پاڪ رحمان رکج تون،
لائق لطف ڪر ننگڙو سجاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 401

تلهه: آهيان اڇاڻي عيب ڍڪج تون، ڏج ر ڏهاڳ چنيسر ڄام.

1. ملڪ تنهنجي جي هيس ڏجاڻي، پورهيت ڪونئرو هير ڪمياڻي،
آيـر اڏا جيڪـي ڪيـر ڪـلام.

2. ڪج ۾ ليلان ڪي تون لڄياڻي، پنهنجو ننگ پارج شان سڄاڻي،
سـيس سنسـار ۾ تنهنجـي نـام.

3. ڪئي اتـر توبهـ ٻڌيـر ٻانهون، سڻ وي سـنديـر داسڙا دانهـون،
پيـس پناري آئـون تنهنجـي سـام.

4. چئي "منڌار" مدايون ڪر معافي، شان شاهاڻو آهي تنهنجو شافي،
تـ بخش بچايون تنهنجي هن غلام.

ڪافي. 402

تلهه: بخش بچايون پتار چنيسر، ڪير توبهـ تيس تابعدار.

1. عدل پنهنجي تي عمل نـ آڻج، تون ڪو ننگ پنهنجو ثابت سڄاڻج،
منهنجـي عيبـن ڏي نـ نهـار.

2. بيحـد آهيـان آئـون بدڪـاري، توبهـ توبهـ ڪريـان تـي زاري،
جو لابالي آهي تنهنجي سرڪار.

Gul Hayat Institute

3. تنهنجا آهن اسان ڏي حرف حسابي، منهنجيون مدايون تون ڪر معافي،
ڪير ڪيج مونکي، ور! تون وهار.

4. چئي "منڌار" توکان مڱان موچاري، آهيـان ابوجهـو ڏاڍو ڏهـاري،
دامـن جـو ننـگ پـارس پـار.

ڪافي. 403

تلهه: ليلان! توکي لڄ ڪين آئي، جو ڪانڌ پنهنجي ڪي ڪڙ وڏوءِ.

1. ليلان توجي ڪيون لڇايون، اکين ڏسي تو سڀ آرڌايون،
تہ بہ نہ چنيسر توکي چوءِ.

2. ڇا پٽار تنهنجو، ڇا تنهنجون بڇڑيون ايلون اُن شاهه جون توکي هيون پڇٽيون،
ڪونہ ڪندو ٻيو تو جيئن ڪوءِ.

3. ڪانڌ ڏني سڀ تنهنجي ڪڇائي، توکي نہ ڇيائين واتون وائي،
ڪين پروڙيئي تنهن کي پوءِ.

4. ڇئي "منڌار" پنهنجو مان وڃايئي، هيئن سهاڳڻ شان وڃايئي،
هيءَ نہ مناسب توکي حيف هوءِ.

ڪافي. 404

تلهه: تنهنجي دل داسڙا ڪڇاڙي تا ڪسري،
حرف نہ رک مون تي، هونهين هن هار جو.

1. زيور تنهنجي زور تي پد ۾ پايم، مٽئي جي من تي اصل نہ آيم،
مونکي آهي تو سنهن سردار جو.

2. ڪيم سينگار تہ بہ هيس سهاڳڻ، هاڻ هن هار هڪ ڪيس ڏهاڳڻ،
مونکي آهي انهيءَ وهم ويچار جو.

3. حرص هئم جڏهن هئم جواني، هاڻي ڇا ڪنديس آيم پڇاڻي،
پهر پويون اهي، منهنجيءَ ڇام ڇمار جو.

4. آهي اوهان جو شان شاهاڻو، آئون اڳ آهيان عيبن هاڻو،
ڪر معاف گناهه مڙوئي "منڌار" جو.

ڪافي. 405

تلهه: رک نه ميارون مٺ نه مومل کي، ميان، مينڊرا! موٽي اڄ مير.

1. گلم غاليچا ڪيم وڇاٽا، سيجون جي ڪٽن تي رکيم وهاٽا،
تولاءِ پکيڙيم ڪئين پٽ چير.

2. ٻڌيم بانهون، ڪيم نيازي، اسم الله جي راٽا! تي راضي،
معاف مون مسڪين کي، ڪر هي تقصير.

3. ڪاڪ تي ڪرم سين ڪرهل وارج، گڏ مون گجر سان ڏينهڙا گذارج،
ڏيج ڪو دلاسو مون دل ڏير.

4. چئي "منڌار" آهن مان ڏي مڙيئي، پيس پناري جيهي جي تيهي،
تون پنهنجو ننگ پارج پاڪ فقير.

ڪافي. 406

تلهه: راڻل! رسڻ جي ريت ڏني ڪر، ڪاڪ ويچاريءَ تي رک نه قصور.

1. بخش مومل کي مڙيئي مدايون، ڪرڻ مناسب توکي چڱايون،
ڏج ڀ سهاڳڻ کي ٻيو سور.

2. راڻل! توکان ريءَ ڪاڪ ڪوماڻي، مومل ماتام ۾ محلن ڏجاڻي،
شهر سڄي ۾ واءِ وهلور.

3. مون سان مينڊرا! پرچ پيارا، سڌج صدائون، سوڍل سچارا!
عرض الله لڳ ڪر منظور.

4. چئي "منڌار" سڻ سوڍل سائين! هجين هميشه شامل سدائين،
ٽيئم نصيب، تنهنجو نرمل نور.

راڳڻي جهنگلو

ڪافي. 407

ٽلهه: راڻا! رب ڪارڻ رس م اسان سين، ڪاڪ ويچاريءَ تي ڪرهل وار.

1. هيس اصل ڪان آئون اڻجاڻي، سوڍل سائين ننگڙو سجاڻي،
ماڻڻ سان مومل کي م مار.

2. جهڙي جي تهڙي آهيان تنهنجي ٻانهي، اسم خدا جي ڪر احساني،
لاهه گونڊر گڏ ڏينهڙا گذار.

3. آئون ٿي ڪريان آهون درد جون دانهون، شان سجاڻي اڇج اوراهون،
چڙهيس تنهنجي نالي نظار.

4. چئي "منڌار" مون ڪئي توبهه زاري، پاند ڳچيءَ منجهه پاتيم ڳاري،
پرچ پرين تون منهنجا اگڙ اجار.

ڪافي. 408

ٽلهه: سوڍل سائين واڳ ورائين، نجان ڪنهن سيکاريون توکي رسڻ جون ريتيون.

1. واڳ تون ورائج پاڻ تون پلاڻج، اگڙ اسان جي اڇي پير پائج،
پرچ پيارا! توسان منهنجون پهت پريتيون.

2. صحبت تنهنجي ساريان سنياريان، محبت من تان مور نه وساريان،
گڏ مون پياليون توسان پريم جون پيتيون.

3. آئون ويچاري، تنهنجي محبت ماري، راڻل! تو جا رمز ڏيکاري،
سپيئي سرهايون تنهنجي نازن نيتيون.

4. اسم خدا جي اڇج اوراهون، سڻ "منڌار" جون آهون ۽ دانهون،
توبهه انتظاريون مون ڪيتيون.

ڪافي. 409

تلهه: ميان ميندرا! مونسان ڇڏ ماڻا، اڇي مل سوڀل! سرت سجان.

1. گلر غاليچا، پلنگ پٽراڻيون، هنڌ ٻيون حويليون توريءَ ڪوماڻيون،
محل ٻيون ماڙيون ۽ ماڳ مڪان.

2. هيس اصل ڪان آڻون اڙ ڇاڻي، پير خبر پوءِ تيس سياڻي،
ڪير توبهه ڪچي ڪنديس ڪانه.

3. ساڻ ڪرم جي اڳڙ اڇج تون، ڏڻ جا ڏڻي! منهنجا عيب ڍڪج تون،
بخش بچايون ۽ ڪر احسان.

4. ڪج قبول "منڌار" جون آزيون، جو لک لک ٻيرا ڪري نيازيون،
تہ مونکي مل، ڪارڙ رحمان.

ڪافي. 410

تلهه: لڏاڻي جون لذتون، وسري جي ويڙيون،
اکيون راڻي جي لئه، اڇي رئڙ ۾ ٻيڙيون.

1. ڏڻ منجهان ڏولڙ نجان ڪيئن ٿي آيو، راڻو سو رسي ويو مون جنهن سان نينهن لايو،
جيڪس مدايون ڪي مئيءَ ڪان ٽيڙيون.

2. منهنجي ميندري کي ڪانهي پرواهي، ڪا مونکي سمجهائي جيڪا هجي ڏاهي،
نہ تہ سکن سوڀل لاءِ ٻيون سوين مون جهڙيون.

3. اصل عقل ۾ ائين ڪين پانيم، وقت وڇوڙي جو اوچتو آيم،
لکئي لوڙايم هي مرادون جي ٻيڙيون.

4. چئي "منڌار" تہ سنديم صدائون، اگهنديون الله جي در آهون ۽ دانهون،
محب جي ملڙ لاءِ مون ڪارون لک ڪيڙيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 411

تلهه: ور پنهنجي ريءَ وهان نه پنپور ۾، ڪاهي ڏسنديس ڪيڇ مڪان.

1. هوت ڏي هلڻ ڪان ڇو ٿيون جهليو، ڪريو دعا، پاڙي واريون نه پليو،
گهر ٽڙ گهوريم ساري جندجان.

2. پنهل پيارو چوريءَ ڇڏي ويو، ڏيئي ڏولائو گوندر گڏي ويو،
موت هٿي ويم قهري ڪان.

3. آهي مناسب همت بندي جي، ٿيندي مدارد خداوندي جي،
آيل! آئون نه ڇڏيان ايمان.

4. چئي "منڌار" هوت پنيءَ هلنديس، وسان ته پنهنجي مور نه ورندس،
مارگ ميس ته بہ سر قربان.

ڪافي. 412

تلهه: ٿيوم ساهيليون! پانهن ٻيليائيون،
مون کي پڇايو پنهنجي پنهل جي پاس.

1. درد فراق ڦوڙائي آهيان ماري، ورهہ ويڇوڙي ۾ آهيان ويچاري،
وس ته پنهنجي کان پيندا! وياس.

2. سورن کارڙ آئون هئي ڇائي، درد دکن ۾ اچي سمائي،
گري گوندر جيءَ ول جي هياس.

3. ڇاکان ڇڏي ويم ادیون اریاڻي، مون پورهيت پنهل جو پريو ٿي پاڻي،
ڪنيزڪ جي ڪمائي ڇاکان ٿيڙي نراس.

4. چئي "منڌار" مونسان ٿيو مدارت هادي، سائين بخشي آن کي هدايت،
آئون پڻ دم دم کان دعا ڪنديان.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 413

تلهه: ڏسو سرتيون سورن جو سامان، مونکي ماڻ جيجل ڏنو ڏکن جو ڏاڻ.

1. مون کي ماڻ ڏنا سورن جا سيلهه، ٻڌي موڙيون تنهن وڇوڙي جي ويل،
ڦوڙائو ۽ ڪرم نصيب جو ڪان.

2. سورن لاءِ سر جي آئون ويچاري، ڏني ماڻ مٽي جي لاءِ واري،
۽ سر ڏوڙ وسايان افسوس ارمان.

3. منهنجو حق لاتو جڏهن جيجل ماڻ، تن دردن ساڻ پڙهائي نڪاح،
مونکي تولي برڪيائين بيران.

4. مون حج هيٺيءَ جي ڪائي آهي ڪانه، "منڌار" کي يار محبوب ملي مان،
مون تي راضي ٿئي شل رب رحمان.

ڪافي. 414

تلهه: ڪهڙين ريتين ساڻ محبوب ملندين، مونکي ڇئو تہ ڪريان تيئن سهڻا يار!

1 جي ڇئين تہ پڙهي ٿيان قرآن قاضي، منجهه مسجد ٿيان مطقي نمازي،
۽ رکان روزا جيئن تا رکن دينـدار.

2. جي ڇئين تہ ڪريان ريت هنڌواڻي پائي، جڻيان وجي پوڄيان پاڻي،
۽ پيڻيان ڪاشي ۽ بي گنگا سـوار.

3 جي ڇئين تہ ڳايان طائفا، وڄايان ڇيريون، گهنگهرا پيرن منجهه پايان،
۽ نت روز نچان، ڪري هار سينگار.

4. منهنجو مقصد منجهه ديدار تنهنجي، اهو عرض آهي پينار تنهنجي،
ڪر ڪرم فضل مل کي "منڌار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 415

تلهه: پريم پياله پيتم پريت جو، هٿان منهنجي هاديءَ دلبر يار جي.

1. جيئن ٿو هلائي تيئن آئون هلان ٿي، واڳ سندن هٿ واري تيئن ولان ٿي،
وڃي وس ٿي آهيان تنهن جابر سوار جي.

2. حرص هوس سڀ وسري جي ويڙا، پيوند پرينءَ جي پريت جا پيڙا،
وجود وکوڙيو ڪنهن نشڙي خمار جي.

3. منهنجيون اختياريون ويون سڀ وسري، يار جي حڪومت آئي مون تي نسري،
وڃي دل ٿيڻم وس مختيار جي.

4. غير دليل جي گم ٿي ٻيائي، هر هنڌ مولئ هڪ هڪڙائي،
ايئن سمجهه ۾ ائي من "منثار" جي.

ڪافي. 416

تلهه: ڏٺم عجائبي منهن مهتابي، جلوي پرين جي لايا جهلڪار.

1. جنهن جون ڪجليون ڪٽاريون، بڇيون پالا، پونر پرون آهن ڪنڍڙا ڪالا،
ڪاڪل واسينگ وسيهر وار.

2. رمز لائي جنهن منهنجي دل ريهي، صورت سرير ۾ ويڙم ويهي،
چٽيون هوايون حسن جون هزار.

3. صورت سندين آهي سبحاني، دل ٿي ديدار ڪير ديواني،
من حيرت منجهه آيو تنهن وار.

4. ڪٽي دامون دواليون ديدار ديکائي، اکڙيون اکڙين ساڻ اڙائي،
۽ مرکي موهيئي کي "منثار".

Gul Hayat Institute

ڪافي. 417

تلهه: مون تي رب راضي نه ڇاڻان ڪيئن ٿينڊو،
مونکي خبر خاوند جي ڪير ڏينڊو.

1. جيڪو بي رنگي ۽ بي چون آهي، بي مثلي بي نمون آهي،
تنهنجو پاند پرو ٻئي ڪنهن کي پينڊو.

2 هڪا ملڪ حيران جنهن جي قدرت ۾، سارا انبياءَ هليا ويا عبرت ۾،
تنهن کي ڪنبيو قهار، هرڪوئي ويو چينڊو.

3. جنهن جو رحمي غفور اسر اظهار، پيو نام سندس آهي واحد قهار،
بي انت مالڪ نجان ڪيئن ڪينڊو.

4 چئي "منڌار" جڏهن پاڻ پرچي پنهنجي لطفن ساڻ صاحب سرچي،
تڏهن ورونهه ويچار سارو غم وينڊو.

ڪافي. 418

تلهه: تنهنجي ملڻ لاءِ منهنجي دل ماندي، موٽ سگهو مل سهڻا يار.

1. موٽي ملڻ جو مون ڏي ڪج پيرو، اڄ ته اکين ۾ ڏيان ديرو،
۽ بسم الله وڃايان وار.

2. مونکي پسائج پاڪ پيشاني، آهي اوهان جو سر سبحاني،
لهن ڏسڻ ساڻ درد هزار.

3. سڪ ساعت نه مٽيءَ کي سهڻ ڏي، رتي صبر جي کين رهڻ ڏي،
تن من منجهه تنهنجي تات تنوار.

4. تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏکڙا ڏنا ڪي، سو لک سر تي سور سٽا ڪي،
واسطي ملڻ جي ويچاري "منڌار".

ڪافي. 419

تلهه: ڏاڍي سرڪار متئون مالڪ جي، تون رکج خدا جو خوف ڏيان.

1. هرگز ٿيندئي هتان هالاڻو، ملڪ متيرا پچندئي پچاڻو،
پڙهي سڻائيندي سارو پروان.

2. ته ميزان جتي تورينداء رتي رياءَ جي ڪيڏهي نه ڪندا،
تنهنجا سڀ ڪم نڪري ٿيندا نشان.

3. تابش تپي سڄ ڪست ڪريندو، وات دوزخ تا مالڪ منديندو،
اُتي ڪي پختا پاس ٿين امتحان.

4. ڊڄ مولئ کان اي "منڌارا"! هردم هوئج تون هوشيارا،
پوءِ بي فضل گهر، لطف احسان.

ڪافي. 420

تلهه: جي تون سامين سان صحبت پائين، ته دنيا درڙي اڻئي هرج حرام.

1. رک جوڳين جي يادگيري، ننگڙو نماڻو نام فقيري،
حال غريبت، ضعيف تمام.

2. سامين سون رپي ڪي ڇڏيو، من مولئ جي محبت ۾ گڏيو،
سي ڪوهه ڪرن دنيا جو ڪمام.

3. سامين پنهنجو صاحب سڃاتو، نينهڙو نسنگ خدا سي لاتو،
آديسين جو اُتي آهي ايرام.

4. رک سامين جيئن ثابت سچائي، ٻوڙ غير دليل ٻيائي،
رک سچي محبت "منڌار" مدام.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 421

تلهه: من مارن کان ڪيئن ٽٽي ٿو، ۽ قسمت نيم ٿي قيد ڪريو.

1. اصل منهنجي هو انگ منجهه اينهين، ڏکڙا ڏسان ٿي تهمت جا تهين،
قلم قضا جو ڪين ٽريو.

2. هڪ حاڪم جي جهل ۾ جهڄان ٿي، ٻيو مهڻن مارن جي کان به ڏڄان ٿي،
ان هول ۾ هينئين جا ڳچ پون ڳريو.

3. مون کي مارن رئي پهرپون تا، رئندي ڏينهن راتيون وقت وڃن تا،
پوي ڏکن منجهه ڏيل ڏريو.

4. چئي "منڌار" سندم ساهيڑيون، ويل نڪيون وسرن وطن ۽ ويڑهيون،
ياد پون وک وک ۾ وريو.

ڪافي. 422

تلهه: قسمت آنديس ڪوٽ تنهنجي ۾، ۽ ساه پساهه سنگهارن ساڻ.

1. جن ڏسيو ملڪ مليڙ جيان ٿي، اهو خواب لڏم تاڪير پيان ٿي،
ان ماڙيچن موچارن سان.

2. اڳ اميد اُتي ويندين، ڏت ڏوٽين ساڻ ڪائڙ ۾ ڪيندين،
ويهي پکن ۾ پنهوارن ساڻ.

3. ڪنديس ڳالهيون حال احوال جون، سان اباڻن منهنجي احوال جون،
دل جي پياس ڏنارن ساڻ.

4. چئي "منڌار" من ملن ماڙيچا، پرچن مئي سان پنهوار پاڙيچا،
شل منڊن آزين ڳچيءَ ڳارن ساڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 423

ٽلهه: منهنجي من مارن سان مجلس ڪيڙي، وو منجهه خواب ڏسڻ ڏوٽيئڙن کي.

1. منجهه سهڻي ويڙهه وطن آئون ويڙي، پيش پنهوارن جي وڃي پيڙي،
وو اتي ڪيڪاريم ڪائوڙين کي.

2. هيس جنين جي مليس تنکي، عرض اندر جا ڪيم انهن کي،
وو پنهنجا سور چيم سانگيئڙن کي.

3. آئون ته سنگهارن کي نت ساريان، وسئون ويڙهيچا کين وساريان،
وو من ياد پوان جهانگيئڙن کي.

4. چئي "منڌار" مون کي ويل نه وسرن، ڳالهيون انهن جون اندر ٽيون اُسرن،
وو من ظاهر ملان ماڙيچن کي.

ڪافي. 424

ٽلهه: ڪرم قضا سين آيس عمر وڻ، منهنجو من توسان مارو مير.

1. زور زنجيرن قابو ڪئي آهيان، بندخاني ۾ بيوس پيئي آهيان،
رهيم اباڻي پار جي اُڪير.

2. آيس عمر وڻ مهڻن ماري، ڪوٽ قيد ۾ آهيان لاچاري،
حق ۾ لکي هويم هيءَ تقدير.

3. تر ڇاين جا مون تي لک ٽورا، کين وڻن هنڌ هار ٻيا هندورا،
آئون ته پهريندیس ٻيا پٽ چير.

4. چئي "منڌار" ڪڌهن آئون ملندي، خوش ٿي ڪائوڙين سين کلندي،
وڃي پيئنديس پرين پنهوار گڏ ڪير.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 425

تلهه: عمر! چڱا اخلاق مارن جا. ماڻ صبر ۽ شرم حياءِ.

1. بي ڏوهي ڪي ڪيئي ڇو باندي، اُن مارن لاءِ منهنجي دل ماندي،
جن ويڑهيچن جو ائون وياءِ.

2. دل پنهنجي ۾ قاضي ڪري ڏس، خوف خدا جو ڏيان ڏري ڏس،
نرميءَ ساڻ نبيڙ نياءِ.

3. گذر جنين جو ويڑهه جهنگل ۾، مرڪ نه منهنجو وهڻ محل ۾،
رب جي ڪارڻ رک ۾ رياءِ.

4. چئي "منڌار" ڪي حياءَ ڪر حاڪر! ظلم ڦٽو ڪر مئيءَ سان ظالم!
نڪي اسان جو تون سيڻ سياءِ.

ڪافي. 426

تلهه: لڏي سانگين مئيءَ جي ڪانه سنيال،
ڪوٽ قيدن ۾ ڪي لنگهي ويم سال.

1. مون تان پل نه وساريان، پنهوار پنهنجا، ويا آهن مر ۾ منجهي ڏس وار منهنجا،
لوئي ليڙ تيام، ههڙا آيم حال.

2. هاڻ وس نه هلي مون ويچاريءَ جو، مون تي جابر قيد قهاريءَ جو،
آهيان ظلم زنجيرن منجهه جنجال.

3. اوڻي ابهاڻن جو نه آيوم، آسرو اجا تاڻي نه لاهيوم،
وو شايد وسري ويئن مئي جي ڪا مقال.

4. من ڪن "منڌار" جي يادگيري، جنهن جوحال غريبي، هي فقيري،
من ساب پون مئي جا هي سوال.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 427

تن ڪاهوڙين جي آئي نہ خبر، مون ڪي مارين تا اهي غم گوندر.

ساريان ساهيڙيون، وطن جون ويڙهيون، ملان مارن ڪي مون تان لاهي پيڙيون،
هنجون هاريان تي آئون لاکن هر هر.

مون ڪي ماروئڙا اچي ياد پيئڙا، ڏني ڏوتين ڪي لنگهي ڏينهن ويئڙا،
گڏ ڪاڏم جن ساڻ ساڳ سگر.

مونکي موڪل ڏي تہ وڃان آئون وطن، ملان مارن ڪي اصل آهيان سندي جن،
ڏسان سرتيون سندم هت هيکر.

ميلو مارن ساڻ "منڌار" جو ڪر، مون تي نظر اهو هادي داتا ڏر،
مون سان ساڻي تيءُ ميان سچا سرور!

ڪافي. 428

تلهہ: منهنجا ڏوتيئڙا ڏني ڪي ڏينهن تيئڙا،
مون ڪي ماروئڙا، سي وسري نہ ويئڙا.

1. گڏ ڪاڏم جن سان پکا ۽ پيرون، سر هن سانگين جو هير هيرون،
ڪوٽ قيدن ۾ اچي سي ياد پيئڙا.

2. جن سان جنر لهي آئون چر چاياس، اصل اباڻن ننڍي لاکون نپاياس،
پکي منجهہ پنهوار، مون سان ڪوڏ ڪيڙا.

3. ماڳ، ماڙيچيون، سرتيون ساريان تي، وطن ويڙهيچا نہ وساريان تي،
آهن تان اصل ڪنئون منهنجا حال هينئڙا.

4. هت آئي نہ خبر پائر جي پار جي، ڪر ڪا نہ لڏي مارن "منڌار" جي،
نيندر ڪير نياپا، هي سندم سنيهڙا.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 429

تلهه: تن ماروئرن ريءَ آئون تان ڪنديس ڪيئن،
مون ڪي حاڪم ڏس تہ هٿيو وڃين هيئن.

1. ڏسي عمر اڪينئين، پير هينڙي ۾ هور، مون سين ظالم! ظلم ڪريو وڃي زور،
بحري باز جهٽيو وڃي جهرڪي جيئن.

2. ونهيا ويڙهيچا نہ وساريندیس، ڪريو ياد هنجون نت هاريندیس،
منان مور نہ لاهيان مرندي سيئن.

3. مونکي جابر وڏا زور زنجير، منجهان ماڳ مارن جي ملڪ مليم،
تڙ آئي نہ ڏايس تسياريس تيئن.

4. اڄ وسان پنهنجي "منڌار" ويڙو، وڃي قيد اندر ڪوٽن پيڙو،
موتي مان ملي مند وڻڙي مينهن.

ڪافي. 430

تلهه: سبي سرتين جا هئي سنديم لوئي، ڏسي ڏوئيرو آئون پياس روئي.

1. هت آهيان عمر! آئون زور آندي، تن ماروئڙن لاءِ منهنجي دل ماندي،
اهو قادر قلم لکيوم ڪوئي.

2. ڏني سانگيڙن کي تہ لنگهي ويم سال، تن ماروئڙن ريءَ ههڙا ٿيم حال،
مر مور نہ لاهيان مٿو ڏوئي.

3. جن سين ڪائڙ ۾ گڏ پيتم ڪير، سرهي سرتين ساڻ ٻولايم سير،
جتي هيڪاندي آئون ساڻن هوئي.

4. ڪر ماڙ مٿي "منڌار" فقير، مون سان اچي ٿي ساڻي سرور پير!
مون کي مارو ڇام ملائي سوئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 431

تلهه: پـــانڊي! جـــي وڃيـــن پنهـــوارن وٽ،
تـه منهنجـو سـوال ڪجـان وجـي سـنگهارن وٽ ادا!

1. منهنجـو ڪـج ڪـارڻ واسطي الله جـي، نيـازي نبـيءَ رسـول الله جـي،
دل لائـــي چئـــج ڏنـــارن وٽ ادا!

2. آئـــون تـــي ڪريـــان زاريـــون، ســـڻ منهنجـــون ســـاريون،
پانڊي! منهنجي پاران ڪج نيزاريون، ادب منجهان ايل دارن وٽ ادا!

3 چي سڀايان تي گولي اصل ڪئون آهن جي، ننگڙو سجاڻي مون ڪي ڪريو پنهنجي،
ءَ ڪيـــم ڇـــڏيو هـــت قهـــارن وٽ ادا!

4. گهري تـو "منـار" مقـام مليـر جـو، نظـر ٿئـي محمـد ميـر جـو،
تـــه ســـنمک ٿيـــان ســـردارن وٽ ادا!

ڪافي. 432

تلهه: تن سرتين کي آئون ساريان تي، جي منهنجون اٽئي ماڙيچيون،
منجهه مليـر رهيون.

1. ساريان روز بـروز محبـت سـندين، دم پلـڪ انـدر اچيـو يـاد پـون،
گهڙي ساعت دل تئون وسـري نـه ويئيـون.

2 اچيو چت تي چڙهن سندن چاليون، مون تان مور نه وساريون انهن جون ڳالهيون،
رهيون روح اندر، مون ڪنهن سان ڪين ڪيون.

3. وطن ماڳ مليـر جن جـو ويڙهيـون، سپ ريت سرهيون منهنجـو ساهيڙيون،
ميخـون محبـت جـون جـن هينئـڑي ۾ هنيـو.

4. چئي "منـار" لکيـو قلـم قهـار، تيـس سـنگت سـرتين جـي کـان ڏار،
سـاريو سـڪڙا سـندن، وهـن نيڻيـن نيـون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 433

تلهه: جن کان ڏار گهڙي نه گذاريم تي، لنگهيا ورهيه ڏٺم ويڙهيچا نه وري.

1. جن مارن ساڻ آئون جم جائي، گڏ سرتين ساڻ آئون ننڍڙي نپائي،
آڻي قسمت آئون جا هت قيد ڪري.

2. مونکي هاءِ! فراق وطن جي ورونهه، هن سورن ۾ وجايم سونهن،
ڏبري ڪيس ڏکن، ويم ماهه ڳري.

3. ڪٽي ڪائڙ جي لوئي ڪيئن لاهيان، سون سومري جو آئون تان نه پايان،
ساڙيان سرتين ريءَ، زربفت زري.

4. چئي "منثار" تن ماڙيچن ري، منهنجين سرتئين ۽ ساهيڙين ري،
رئندي راتو ڏينهن ويندیس مري.

ڪافي. 434

عمر! اڄ ته هڪ خواب ڏٺم، جڏ آيم ڏوراپو تن ڏوٽين جو.

ڪعبو ۽ قبلو اتم اُهي ئي، ويم ڏوراپو ڏوٽيڙا سي ڏيئي،
حرف حقي مون تي آهي هن جو.

سرتيون ساهيڙيون، آئون نت ساريان، ملڪ مليم مور نه وساريان،
سنگت سنپاليان تن سانگين جو.

سونهن سانگيئڙا بم جي پٽن ۾، مرڪ نه منهنجو ڪٽڻ ڪوٽن ۾،
ايءَ نه مناسب اسان مارن جو.

چئي "منثار" آئون عيبن هاڻي، نيٺ اچي نيندم ننگڙو سجاڻي،
آسرو اتم ابا ڻن جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 435

تلهه: مارئي! مارن جو مان مر وڃاءِ، ڏاڏاڻو ڪر ڪيُم لڃاءِ.

1. تنهنجا اباڻا آهن اُهيئي، جن جون ڇايون ستيون سپيئي،
عيب انهن کي لنبو مر لاءِ.

2. اهي ڪنگڻ ڇگا اتيئي ڪچ جا کهڙا، عاج عمر جو چوڙم چوڙا،
تنهن سومري جو سون، پنهوار! مر پاءِ.

3. اڇي عمر وڻ، چڙهه مر ڪٽن تي، وڃي واريءَ ۾ ويهج پٽن تي،
ايل اباڻو سو پار پڃاءِ.

4. چئي "منڌار" توکي مارو نه ڇڏيندا، ونې ويڙهيچا وطن ۾ ويندا،
جتي تنهنجو ٿو جوڙ جڳاءِ.

ڪافي. 436

تلهه: منهنجا جوڳي ويا جا مير ادیون، آئون جا ويندي پرين جي پير، ادیون!

1. آئون ويراڳي نه وساريندي، لاءِ آديسين جي اوساريندي،
ڪتي نرمل نات نهاريندي، هت دم نه ڪنديس دير ادیون!

2. منهنجو ساهه نيو تن سامیڙن، ڪيئن ترسان تل هتي ريءَ تن،
ڪل درد دکن، سندي سورن، لهندا ڪاپڙين ريءَ ڪير ادیون!

3. منهنجا پرين پورب پار ويا، ڪٽي ڪاشيءَ گنگا گرنار ويا،
ڪنهن نانيءَ تيرٿ نظار ويا، هوءَ جي اُتي هليا هنگلار ادیون!

4. چئي "منڌار" مهيسين جي، ڪا جا اٽم اُداس آديسين جي،
ڏسان صورت مان سنياين جي، آئون جا ويندي سامين جي سير، ادیون.

ڪافي. 437

تلهه: جوڳي راهه مسافر ڪڏهن ملندا، مونکي ڏي تون خبر ڪي ويراڳي ولندا.

1. مون ڪي سنياسين سور ڏنا، هي جي پوربين مون ڪي پور ڏنا،
گهنڊ گودڙين منکي گهور ڏنا، ڪوئي ترس ڪونه ڪيائون تل دا.

2. آئون سامين ڪي ساريان تي، نت نانگا روز نهاريان تي،
پنهنجا ويراڳي نه وساريان تي، منهنجا جيرا اُن لاءِ پيا جلندا.

3. ڪڏهن ايندم ڪن چير جوڳي، هوءِ جي ڦيريدار فقير جوڳي،
منهنجا سامي سنگت سڏير جوڳي، ڪڏهن ايندا اگهڻ تي اسان ٽلندا.

4. چئي "منڌار" مراد اها، منهنجي ويساهه واري اعتقاد اها،
ڪندا ڪرم آديسي امداد اها، اچي بخشي بچايون خوش حال ڪلندا.

ڪافي. 438

تلهه: مڏا رانجهن جوڳي بن آيا، مين پي ويسا دلڙي دلق پايا.

1. روز الستئون رمز رلائي، دل مئيڏي ڪون مرشد ماهي،
ڪيڙي دي مين اصل به ناهي، ڪيوين روڪيندا حقڙا هي پرايا.

2. چوچڪ دامين مال نه چايا، ڪيڙي دامين ڪيا وڃايا،
حق رانجهن دامين سر هويا، جنهن روز الستئون نينهن لايا.

3. مور نه چاڻن ملاقاضي، عشق نڪاح پڙهڻ دي ايرازي،
ناحق ڪرندا زور درازي، ميڏا ماهي نڪاح اڳي پڙهايا.

4. آکي "منڌار" ميڏي من چاتا، رانجهن ڪون مين سمجهه سجاتا،
پيچ ماهي نال مين تڏهن ڪر پاتا، جڏهن "قالوا بلي" روح فرمايا.

ڪافي. 439

تلهه: تسان ڇوڙيا تخت هزارا، اڃان بڻيا مزور ويچارا.

1. تئڙي بلند هوئي بادشاهي، تئڪون ڪنهن دي نا پرواهي،
ڏوجها سئو لک هو ون سپاهي، تئڙا نو لک وڃندا نغارا.

2. تئڙا هوون هزارين ٻانها، اوئي ٽيون صدق قربانا،
تئڙا لکين پريا گنج خانا، جڏان عالم نيون اڏارا.

3. تسان ڪون ڪيها غرض غريبي دلق دا، توسان ڇاتا ٻهتانا خلق دا،
توسان مالڪ ساري ملڪ دا، تئڙا هي جڳ سلامي سارا.

4. آکي "منڌار" نماڻا، مين هون تئڙي قول وکاڻا،
تئڪون ثابت سمجهه سڃاڻا، ڏوجها شاهد رب موچارا.

ڪافي. 440

تلهه: ڪيوين ڇوڙيا شان اميري دا، توسان ڪيتا حال فقيري دا.

1. ڪيوين ڇوڙ آيا سلطاني، تئڙا تخت سڪندر ثاني،
هڻ ڦرندا هو سيلاني، ست لذت شاهي دي شيري دا.

2. ڪيوين من وچ مرضي آئي، توسان ڳل وچ ڪفني پائي،
ول ڪردا هو گدائي، ڪيها غرض پيا دلگيري دا.

Gul Hayat Institute

3. تئڙي صورت سر سبحانا، اوئي لکيا قول قرانا،
هي الانسان دي معني، اوئي آکر ويکو اظهيري دا.

4. آکي "منڌار" سوالي، تئڙي عزت اصل ڪنون عالي،
توسان ملڪ ساري دا والي، مئڪون قسم خدادي قديري دا.

کافي. 441

تلهه: جڈهن عشق آيا بار باري دا تڈهن شوق ڇيا شاهي ساري دا.

1. تڈهن ڇوڑيم تخت هزارا، ڈوجها کيتم حال ويچارا،
ميں ڈوڈيا عالم سارا، ميں ويکيا هير پياري دا.

2. مئڈا رهه ڇيا ملک پراها، مئکون ستيا عشق اتاهان،
هڻ پاتيان جهاتيان، جتاهان، تيا هي عقيدا اعتباري دا.

3. هڻ تيوان مزور کماوان، ڈوجها پاند ڇچيءَ ڳل پاوان،
لک آزيان عرض آلاوان، شل ڈيوي دلاسا دلداري دا.

4. هڻ آکي "منناڑ" اُداسي، مئکون کيتا پريت پياسي،
هڻ سامين تيوان سناسي، منان لهسي فراق ڇماري دا.

کافي. 442

تلهه: مئڈا رانجهو تيا پرديسي مين پي نال جوڳي دي ويسي.

1. کيتي مئڈي يار فقيري، ول ور اپڻي ڇوڑ اميري،
ميں کيويں قبولان ميري، هڻ انگ پيوت ملي سي.

2. توسان سڻو سيالیان مائيان! مئکون متيان ڈيو نه اجايان،
توسان کون سچ دي بات سڻايان، مين کهني آپ ڈکينسي.

3. جڈان تيا الست روز سبحاني، تڈان ماهي مئڈا مرد حقاني،
جوئي لکيا هي قلم رباني، اوئي آکي پيچي نا تيسي.

4. هڻ آکي "منناڑ" سدائين، مئکون ماءُ پيءَ ياد نه پائي،
گهتان کيڑي دي منهن چائي، من ماهي مئکون يار مليسي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 443

تلهه: آيل عشق لڳو اوهان نه آهي ڙي!
تڏهن قدر ذروئي اوهان ڪي ناهي ڙي.

1. اوهان جي ڏني هئي پرينءَ جي پيشاني، ته دلڙي هوند تي هان ديواني،
ته سر ساهه ڪري قرباني، وڃي ڪيچ ڏڻان هوند ڪاهي ڙي.

2. اچي برهي بين وڃائي، تڏهن وسري ويئي سڀ وائي،
اناالحق بات الائي، منصور چڙهيو جيئن ڦاهي ڙي.

3. آئون جا هوت پنهل ڏي هلندي، سا وسان ته ور ڇي نه ولندي،
وڃي محبوب پنهنجي سان ملندي، پوءِ ڇپر اهو مون ڪي ڇا هي ڙي.

4. چئي "منڌار" سڪ ماري، آئون جا آهيان آزاري،
نت ووڙيندیس ويچاريءَ، مونکي برهه برين اڇائي ڙي.

ڪافي. 444

تلهه: اديون! ساجن اوهان نه سڃاتو ڙي، نه ته روز رنان ڏينهن راتوڙي.

1. جڏهن ڪن فيڪون بنايئي، تڏهن هيءَ ليک لکايئي،
منهنجو پيوند پرينءَ سي پايئي، تڏهن پيڇ پنهل سان مون پاتوڙي.

2. اوهين تان عقل شعور ۾ آهيو ڙي، مون ڪي جيجل جهل ڪيم پايو ڙي،
مون لئونواريءَ ڪي ر لڃايو ڙي، منهنجو نيبهه تئي شل ناتو ڙي.

3. تهڙيون لکين جهڙي آن هڪ بانهي، منجهان پرن پنهون جي گنج خاني،
آهي شان سندس سبحاني، مون ته لقب پرينءَ ڪي لاتو ڙي.

4. چئي "منڌار" وجان ڪاهي، منهنجو پينرا! پنيور ۾ پوءِ ڇاهي.
مون ڪي وهڻ ته واجب هت ناهي، مون هلڻ هدايت پاتوڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.445

ٽلهه: آهيان اُن جي آئون ٻانهي وي، جن دلڙي ڪير ديواني وي.

1. مون کي پائيون ڳچيءَ منجهه ڳاري، مون مڃيار اهر برداري،
نت ووڙيندين ويچاري، مونکي سڃن ڪيو سيلاني وي.

2. مون کي لائي ويا جا لولي، هڪ هو هو جي ڏيئي هولي،
مونکي سڃن سکائي آهي ٻولي، سوئي سبق پڙهان سبحاني وي.

3. مونکي پرين پاڻ پسايو، ڪو جو دلبر ديد ديکايو،
جنهن دل جو دور منايو، سوئي نور ڏٺيءَ جو نوراني وي.

4. "منڌار" اداس ۾ آهي، جوئي ڪاف ڪشالا ڪاهي،
مونکي مولي، محب ملائي، تہ سر ساهه قرباني وي.

ڪافي.446

ٽلهه: ٻيو ڪونہ سورن منجهه پائي، ٻڌ ڪشي ڪمر تي راهي، وي.

1. هڪڙو آيو آهين، ٻيو ٻولو ڇو تو پانئين.
وري هڪڙو ويندي هتانهين، جتي ڪاري قبر اونداهي وي.

2. ٻيو ڪو ۾ هلائج حيلو، توسان مولي ڪرائيندو ميلو،
جتي ناهي واهه وسيلو، اُتي واحد ٽيندئي واهي وي.

3. دل سرور ڏانهن سچاڻي، ايمان يقين جي آڻي،
تان توسان سو ٽئي ساڻي، ڪري هر هنڌ منجهه همراهي وي.

4. ابراهيم آڙاهه منجه آيو، يوسف ٽي قيد ڪمايو،
رضا تي شمس چمر لاهيو، منصور قبولي ڦاهي وي.

5. "منڌار" گهٽيون سڀ گهورج، اهي ڏيهه ڏسيون سڀ ڏورج،
ولهار وسيون سڀ ووڙج، توکي مان ملي تنهنجو ماهي وي.

ڪافي.447

تلهه: سپني ۾ ڏٺم يار ڪي وو، دوست مٺي دلدار ڪي وو.

1. سپني ۾ گڏيم يار سهڻو، معشوق دلين جو موهڻو.
قاتل قلبن جو ڪهڻو، جنهن سوپ سپهه سالار ڪي وو.

2. سڪ ساهه ۾ ويم رهجي، تجلي ته ڏٺي مون تنهنجي،
جڙ خوب لڳي اٿم جنهن جي، منهنجي ورهه لڳو وار وار ڪي وو.

3. آئون جا ڪاهي تڪيس ڪاهي، جپ جان جسي ڪي ناهي،
مونکي اڪند انهي جي آهي، سڪ ماريندي مون سڪدار ڪي وو.

4. واهه پرين جي پيشاني، شمس نه جنهن جو ثاني،
صورت ۾ يم سبحاني، من موٽي ملي "منڌار" ڪي وو.

ڪافي.448

تلهه: آيو خواب ۾ يار سڃڻ مونکي جيئن، مونکي ظاهر محبوب ملي من تيئن.

1. اٿم اميد ته وڃوڙو ويندو، ٽيندي سرهي آئون روز قيامت سيئن.
سارو ورهه وڃوڙو ويندو، ٽيندي سرهي آئون روز قيامت سيئن.

2. جڏهن اگڻ ايندم يار جاني، پري قدم ڪري احساني،
تڏهن مرکندي هيءَ ٻانهي، ٽيندا حرص لهي دک ويندم هيئن.

3. ڪيم خواب ۾ ديدار دلبر جو، آهي نور عجب انور جو،
جو مون حسن ڏٺو سرور جو، ڪريان ياد پاڪ، مون کي وسري ڪيئن.

4. چئي "منڌار" ويچارو، سائين ايندم اگڻ پيارو،
اچي ملندم محبوب موچارو، ڪريان عرض الله صاحب کي ائين.

Gul Hayat Institute

ڪافي.449

تلهه: اڄ مونکي ڏيو ڪي مبارڪون، جو مونکي دلبر ديد ڏيکايو آه.

1. اڄ سهسين شڪر ۽ شادين ڪڻي الله ڪيون آبادين،
وڻ واهڻ وڻن ٽيون واڌيون، هت پير پرينءَ اچي پايو آهه.

2. اڄ سهسين چوان شڪرانا، ڪڻي الله ڪيا احسانا،
آئون قدمن تان قربانا، جو عجيب اڳڻ منهنجي آيو آهه.

3. اڄ محبوب مون ڪي اچي مليو، عجيب اڳڻ منهنجي ٽليو،
خوشحال سڃڻ ٽي ڪليو، منهنجو واليءَ ڏينهن ورايو آهه.

4. ڏيو مونکي مبارڪون يار جون، پنيون آسون اميدون وار جون،
هيون جي مرادون "منڌار" جون، اهو خاوند خيال پچايو آهه.

ڪافي.450

تلهه: آهيان ڏاران ڳڌجڻ گوندر ۾، رهي دل جي اميد اندر ۾.

1. جڏهن يار جو ديدار مون پاتو، تڏهن مون ساجن کين سچاتو،
هاڻي روز روئان ٽي ڏينهن راتو، اوهين وسهو خدا پرور ۾.

2. الستئون عشق آزاريءَ ڪي، مليا درد مون دل فگاري ڪي،
۽ وراهڻ وقت ويچاريءَ ڪي، اچي مليا سور سمر ۾.

3. جڳ هوت سان ڪهڙي هلايان، سينو ساجن سان کيئن ساهيان،
ان ۾ ناميد بي ناهيان، ڪجهه دعوائي رکانٽي دلبر ۾.

4. چئي "منڌار" منهنجو يار هادي، بديون بخشيندو بخشڻهار هادي،
غم لاهيندو اچي غمڻار هادي، ناپهچ ڪي نوازيندو نظر ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي.451

ٽلهه: مون کان ڪر ٽيا نسوار نقصان، اڻ اميد تون ڪر احسان.

1. آهيان بلڪل آئون بدڪار، گناهن ڪيوس گرفتار،
تون آهين رب پاڪ بخشڻهار، رحمي غفور رحيم رحمان.

2. مونکي ڪنهن سنئين وات وارين تون، هدايت ڏات ڏيارين تون،
لٽيو منڙو اجارين تون، ڪري پنهنجو پال بخش ايمان.

3. مون منجهه لک عيب آهن اهڙا، جو ڏسان ڪنهن ٻئي ۾ نه ان جهڙا،
مون کان سو ڏوهه ٿي پيڙا، سنپاليان پنهنجا پاپ، آهيان پشيمان.

4. مدبون ڪر معاف "منڌاري" کي، ابوجهي هن عيبداري کي،
پينوءَ منگت پناري کي، بخش عطا جو ڏڻي تون ڏج دان.

راڳڻي ڪسوري تار ڪلواڙو

ڪافي.452

ٽلهه: ميان محبوب مڙ مهڻا! ڪجليون تنهنجون کان مارين ٽيون.

1. تو منجهه اهڙيون آهن اکيون، جي منهنجي رب پاڪ صاحب رکيون،
ڪليو ڪن خون سو لکيون، حسن جا فير اڻارين ٽيون.

2. تنهنجي ڪجلين ۾ ڪامڻ کان، جي زورئون زور کرين زيان،
وڙهن هر وقت کريو جولان، نرم سي کين نهارين ٽيون.

3. ڪجليون کاريون کيفن واريون، هڻن پال پڻچيون ڪٽاريون،
سوين مشتاق لک ماريون، ترس تل کو نه ڏارين ٽيون.

4. حڪم کريو کڻيو هٿيار، اچن ڪاهيو کارڙ سنگسار،
زورئون زور مٿي "منڌار"، اچيو ڏکڙا الارين ٽيون.

ڪافي. 453

تلهه: جيڪا تو محبوب جي مرضي، مڃڻ مونکي ضرور فرضي.

1. آئون آهيان تنهنجي اصل ٻانهي، تون آهين منهنجو يار سائين جاني!
توتان سر ساهه قرباني، تيس گولي ڪيان غرضي

2 جڏهن ڏسان تي رنگ روپ هزار تنهنجا، ٽين گم هوش تنهن وار منهنجا،
ايندا آهن اسرار آهنجا، عبرت مونکي عجب اچرزي.

3. مونکي لائي اٽئي ڏاڍي ڪا لوري، جهڃڻ جيءَ جان کي جهوري،
ڏيئي ويو ڏکن جي مئيءَ کي ڏوري، لڃڻ منجهه جان ائي لرزي.

4. تون آهين منهنجيءَ دل سندو دلدار، دنيا ۽ دين ۾ حقيقي هڪ يار،
ملڻ جي واسطي "منڌار"، حجت کهڙي ڪندو ارضي.

ڪافي. 454

تلهه: آئون تنهن گهوٽ پنهل جي غلام آهيان،
سائين! جنهن جي چڙهي، نظاري نام آهيان.

1. پنهل آرياڻي، آئون پرٽياڻي، جا ذات اصل بي ڪام آهيان.

2 منهنجو ناهي ڪو برابرو ساڻ، بلوچن جو ٻانهي ٻڌل منجهه دام آهيان.

3 جي پاڻ کن ٻانهي تان سو لک ٽورا، پوءِ ملڪ ساري جي ڇڻ ڇام آهيان.

4. چوي "منڌارو" سنديس پلايون، آئون مجينڊڙ روز مدام آهيان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.455

ٽلهه: مون کي صحبت تنهن سرداري جي،
پيئي ڪاڙ ڪيان ٻئي لوڪ ساري جي.

1. پنهل آرياڻي، پچان ٿيون نماڻي،
من ڪٽان ڏسان وات ڪوهياري جي.

2. تڏهن پيرين پوان ٿي، اين سڀ ڪي چوان ٿي،
ته ڪاڏي مهاڙ موچاري جي.

3. هاڻ صحي سمجهائي، منکو ٻڌائي،
مئي کي پچار، پياري جي.

4. جيڪو الله پاڪ آهي،
من سو پچائي جيڪا مراد "منناري" جي.

ڪافي.456

ٽلهه: ناهي خيال کيڙي نال من دا، مئڏا روحڙا ٿيا رانجهن دا.

1. رانجهن ماهي ڏي بادشاهي، اتون چاکر بن دا.

2. حق خدائي مئيڏا ماهي، قسم هئي پاک پنجتن دا.

3. مليسي ماهي، ٿيسي پناهي، هوسين امان امن دا.

4. آکي "منناڑا" مين هان ويچارا، سائل هان درشن دا.

Gul Hayat Institute

کافي.457

تلهه: رانجهـــو! روح دي پياســـڙي رهـــ ڳئـــي هـــي.
ڏوجهـــي طـــاقت وســـارت[1] ويئـــي هـــي.

1. دعا کيڙي دي، زور جهيڙي دي، مئين نہ قبوليت کئي هي.
2. تئڏي نينهن دي ڳاهي، مئکون ماهي، قابو کمندڙي پيئي هي.
3. حـال حکـايت، مئـڏي مـاهيت، روءِ تئـڏي مئـي ڇئـي هـي.
4. کـا "منڌـار" دي، دردن وار دي، حـالت هـي هـڻ تئـي هـي.

کافي.458

تلهه: مـــــاهي معلـــــوم تئکـــــون هيـــــر دي،
جنهـــن کـــون پيئـــي هـــي جدائـــي تقديـــر دي.

1. مئي نـال کيڙا کريندا جهيڙا، ڏوجهي آڏي نـدي هـي نير دي.
2. ڏاڍي جدائـي مئـي نـال آئـي، قسـمت قيـد زنجيـر دي.
3. تئـڏي اهيـان، کيـڙي دي ناهيـان، قسـر حضـرت پيـر دي.
4. رانجهـن سـائين، شـال پچـائين، مـراد "منڌـار" فقيـر دي.

کافي.459

تلهه: تنهنجي نازن منهنجي دل نيئڙي، جا وس وقوف کان ويئڙي.

1. کجلـن واري هنيئـي کنڊاري، کانـ کهـل توکيئـڙي.
2. تنهنجي رمـزن والـي دل کي، دوالـي قـابو کمند کـاپيئڙي.
3. تنهنجي سرداري، منهنجي برداري، آهيـان عبـد آئـون ٿيئڙي.
4. آءُ مـل يـار، "منڌـار" کـي تـون، بولـي نـا اٿـم ٻيئـڙي.

---

[1] وسعت، سگهه

کافي.460

تلهـ: رانجهن سائين سر خدائي، ويس منڌاکر آيا، ڏي سيان!

1. تخت هزاري دا مالک ماهي، چاکر نام ڏرايا، ڏي سيان!
2. الانسان سري واناسره آپ، الله فرمايا، ڏي سيان!
3. انا احمد بلاميمي غير گمان مئي لاهيا، ڏي سيان!
4. آکي "منڌار" تہ مرشد مئکون، حضرت حسن ويکا ياڏي سيان!

کافي.461

تلهـ: تون ويهجان کير وساري، پنهنجو رب ياد رکجان من ۾،
ان غلفت سوين کيا غرقي، تون ڏيان عقل ڏس ڏاري.

1. چڏ هستي حرص وڏائي، ايءَ وجيئي ٿي عمر اجائي،
هک حق جي گهر همراهي، تان توکي سو تاريو تاري.

2. سو لشکر جن ساڻ ساڻي، هوا تخت هنباريون هاڻي،
اڄ حکم انهن جا کاڻي، ويئڙا مثل خواب گذاري.

3. دل سان ذکر پڙهہ زاتي، پنهنجو پاڻ کري مماتي،
تہ هت هُت مليئي حياتي، توکي جڳ جڳ يار جياري.

4. "منڌار" هر دم هادي هکدل سان، کر ياد الله يکدل سان،
هو هو تہ پڙهج پک دل سان، تان توکي سو پار اُکاري.

Gul Hayat Institute

ڪافي.462

ٽلهه: تهنجـــي واهـــــ واهـــــ الله وڏائـــــي وڏائـــــي!
بـــــي انـــــت خلقـــــت توبنـــــائي بنـــــائي.

1. نور آدم منجهه پرور پايئي، شرف ڏيئي ڪٽي شان وڌايئي.
تڪبر ڏيئي عزازيل تڙايئي، لڳي سندن لڙائي لڙائي.

2. تنهنجون قدرتون قادر ڪوڙين ڪڪ پن مها مڪڙ ماڪوڙين.
ساهه سيني ۾ جوڙيو جوڙين. ڪا حڪمت تو هلائي هلائي.

3. صدق صدق تو تان رب سائين! جو لک قدرتون ناهيو ناهين.
دم دم ناهيو دم دم ڏاهين. ڪاچل پل تو چلائي چلائي.

4. چئي "منڌار" تعريف تنهنجي سڀ چوڻ نه مجال منهنجي.
پي به قدرت ناهي ڪنهن جي، جو ڪري صفت سپائي سپائي.

ڪافي.463

ٽلهه: پيا چڏي آسانگا نڪر نظاري، چڑهه نانگا نانگا.

1. باهه برهه جي جيڪو ويو چوري. ڏس تنهين ڪي ڏوري ڏوري،
گهيڙ گهٽيون سڀ گهمي گهوري، ڳول سڃڻ جا سانگا سانگا.

2. نائي نفس ڪي تون مئي ماري، سور ثمر ڪڻ سهنج وساري،
غم گوندر ۾ پاڻ پگهاري، پار لنگهي ٽي لانگها لانگها.

3. ترڪ ڏيئي تون ڪر تياري، سهه دنيا جي سر تي خواري،
يار پنهنجي سانٽئ هوشياري، پوءِ ڪندا ڪوهه دنيا جا دانگا دانگا.

4. اي "منڌار" يار سچي ڪان، دل وٽئي دلدار سچي ڪان،
غم ڪاٽيندڙ غمڌار سچي ڪان، هڪ مراد ملڻ جي پن مانگا مانگا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.464

تلهـ: ڇڏ وي غفلت ڏيان ڏري ڏس، هڪ ڏينهن هرگز هلبو.

1. هڪ ڏينهن هرڪو هليو ويندو، ملڪ الموت ايندو وي ايندو،
نينڊون نيٺ نهوڑي نيندو، چال انهيءَ منجهه چلبو.

2. هڪ ڏينهن هرگز هلڻ بہ آهي. سندس جوڙ جيان جڙ لائي،
آمر تنهن کي پيو ڪير ڦيرائي، جو نڪي جهليو نڪي پلبو.

3. ڪڏهن ويندو ساهه نچاڻا، آئون اڻ واقف سو ڪيئن ڄاڻان،
ظاهر صورت بدن سڃاڻان، جو خاڪ مٽيءَ منجهه رلبو.

4. پنج "منشار" تون بہ ايوين، تہ حب الله ڏي تنهنجي ٿيوين،
جيءَ جياپي انهيءَ جيوين، جيئن يا مولي کي ملبو.

ڪافي. 465

تلهـ: ساجن ايندو، ڪين ڇڏيندو، هوت حمايت ٿيندو ڏي جيڏيون!

1. ڏکڙا ڏور ساڻ ڏسڻ جي، ورهه وڇوڙو سڀ ويندو، ڏي جيڏيون
2. ۽ پنهل پنهنجو پاڻ سڃاڻي، نيٺ نماڻيءَ کي نيندو، ڏي جيڏيون!
3. آئون اڻ سونهي واقف ناهيان، قدم ڪرم سين پريندو، ڏي جيڏيون!
4. پڃنديون مرادون، ڇئي "منشار" ڏيهه مبارڪ ڏيندو، ڏي جيڏيون!

ڪافي.466

تلهـ: دل منهنجيءَ ڪنون دم نه وسري،
صورت يار جي ساري وو ساري.

1. روز ميثاقون محبوب سڃڻ جي محبت، آئون آهيان ماري، وو ماري.
2. سا ڪيئن اڳ اجهامي آتش، جا يار پار وڃل ٻاري، وو ٻاري.
3. حجت ناهي هوت پنهل سين، توبهه مئيءَ جي زاري، وو زاري.
4. ڇئي "منشار" تہ پاڻ پڃائيندو مولي، مراد من واري، وو واري.

Gul Hayat Institute

کافي.467

تلهـ: هڻ پيا مئڪون شوق ديدار ويکڻ محبوب حقاني دا.
1. ويکان جهلڪ ميڏا دک لهندا، ووئي نوشاهه نوراني دا.
2. عجب اکيان محبوبان واليان، هي سر نور سبحاني دا.
3. مٽ نه هوسين ساري ملڪ وچ، دلبر جانب جاني دا.
4. آکي "منثار" مئي ري ملهه پانهي، اوئي يوسف ثاني دا.

کافي.468

تلهـ: استاد منا محبوب! جيئين، مونکي مدارت ڏي وو.
1. حق حقيقي هو هو الله، مونکي عشقي جي امانت ڏي.
2. سڪ سچائي صحي سوائي، سا برهي جي بشارت ڏي.
3. ڏيج پيالو يار پريم جو، مونکي قرب ڪمالیت ڏي.
4. راضي ٿيءَ هر رمز اتي، ۽ هر وقت هدايت ڏي.
5. چئي "منثار"، سندم مولیٰ کي پير مغان تون پارت ڏي.

کافي.469

تلهـ: پينر! شهر پنپور منجهان، ڪا هوت پنهل ڏي هلندي.
1. ڳالهيون منهنجون ڳجهه اندر جون، آئون وجي ساجن سان سلندي.
2. جيتر ساهه سرير ۾ وو تان آئون ياد ڪريو پيئي جلندي.
3. اتر اميد اتي آئون ويندیس، ۽ ورجي مور نه ولندي.
4. چئي "منثار" مدد مولیٰ جيءَ وجي محبوب ڏولڻ کي ملندي.

Gul Hayat Institute

کافي.470

تلهـ: ڪاکيون! کيچ مکان ملڪ منجهه، پنهل پچڻ آئون ويندي.
1. ڏونگر ڏورڻ ڏک ڏاکڙا، وو اهي کست کشالا کيندي.
2. پينر! شهر پنپور منجهان، ڪا مون سان بر ۾ پائياڻي تيندي.
3. جي هلو مون سان، شل تيندیان هدايت، يا ته متان منع ڪا چيندي.
4. چئي "منثار" مدد مولیٰ جيءَ، پنهنجو آري ڪٽي آئون ايندي.

ڪافي.471

ٽلهه: ڪهه قاصد! ڏي ڪل پرين جي، منهنجو يار ڏٺو ڪو تو.

1. سر سچڻ جي نور سبحاني، سوئي جهلڪار ڏٺو ڪو تو.

2. مون کي موهي ئي رمز جنهين سين، سو اکين اسرار ڏٺو ڪو تو.

3. ڪجليون جنهن جون ڪامڻ ڳوريون، تجلي دار ڏٺو ڪو تو.

4. چئي "منڌار" تہ من منهنجي جو، سوئي غمڌار ڏٺو ڪو تو.

ڪافي.472

ٽلهه: ڪر ياد الله کي پانهه وي! من اندر مهمانا وي.

1. ياد الله کي ڪر دل لائي، حرص هوا جا هوش وڃائي،
ڪالهه ڏٺيئي سا ڪاتي آهي، ايءَ سمجهه صحي ڪر معنيٰ وي.

2. شاهه سوين سڪندر ٻه چلي ويا، ڪيئن عقل جا اڪابر ٻه چلي ويا،
ءِ دنيا جا پرور ٻه چلي ويا، ٽيا سڀ راهه روانا وي.

3. هڪ هلڻجو هاوان ٻه تولئه، ٻيو پچڻ جو پروان ٻه تولئه،
ٽيو محشر ۾ ميزان ٻه تولئه، جت ڏيندئي تنڪا طعنا وي.

4. سوالي ٽيءَ "منڌار"! الله جو، پينو مڱڻهار الله جو،
ٽي آسي اميد وار الله جو، ٽه رب ڪندو احسانا وي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 473

تلهه: ڇو ٿو گهميـن ڊپ لاهيـو، ڏس تـان مـوت مٿـي تـي آهـي.

1. ازل جو ايندئي، نيٺ ته نيندئي، مڙهه مڪان منڍءَ منجهه ٽيندئي،
جتـي ڪـو پيـڻ نـه هلنـدي پـايو.

2. مـوت واريـو وٽيـن ٿـو لڏتـون آب دنيـا جـا ۽ پيـون عزتـون،
ويتيـــن ڇـــو شـــيخ ســـڏايو.

3. مـال نـي مليڪـت اٽئـي پرايـو، تـو ۾ وڏائـيءَ جـو ڪـورو وايـو،
پيـــر سمجهـــي ڪـــڻ پـــايو.

4. اي "منڌار"! رکجـان مـرڻ مـن تـون، يـا مولـيٰ کـي پـاڻ پـرن تـو،
تـــ ٽيئـــيءَ مـــن ســـانگ ســـجايو.

ڪافي. 474

تلهه: مهر لطف، ڪر زاري، ڏس تان فضل بنا، پي واڻ نه ڪائي.

1. اصلئون پيدا ڇا مان ٽيئڙون، پـوءِ ڪهڙي خيـال خودي ۾ پيئڙون،
وو! جـي تـون نسـل نهـارين، تـ هونـد توکـي ٽئـي ڦڪـائي.

2. يـا رب تعـالي ڏاڍو آهـي، حجـت ان سـان ڪنهنجـي نـاهي،
پـاڻ ڳچـيءَ منجهـ ڳـاري، تـون ڪـر توبهـ، ڇـوڙ وڏائـي،

3. نـوڙت سـپيئي نمـاز ڇـون تـا، هسـتي مڙيئـي حـرام لکـن تـا،
ڪـا محبـت رک موچـاري، ڇـو ٿـو وڃـائين عمـر اجـائي.

4. اي "منڌار"! تـون مٽـي مـارج، نـوڙت سـان پنهنجـو يـار نهـارج،
تـ دوسـت ڏيندئـي دلـداري، او پلـو توسـان ڪـري پلائـي.

کافي.475

تلهه: اکڑيان عقاب تيڏيان، دل ميڏي کون لٽ ڳيان.

1. کجليان تئڏيان قهري، بن باز کٽيون بحري،
پٽ لوهان ماريندیان پهري، جي مئڏي کون جهٽ ڳيان.

2. تيڏي زلفي والي ڳاري، مئڏي سوگهي کيتي جند ساري،
مين وس کون گئي ويچاري، تکي تناب تاباڻي سٽ ڳيان.

3. تئڏيان ديديان هن جادوگريان، کجليان هنکيفن پريان،
جي ترسيان مور نہ ٽريان، هڻ مئکون لڳائي ويرِ مٽ ڳيان.

4. تئڏي حسن بندوق ڇڙاتي، "منڌار" تيا مماتي،
جنهن دي ڇيرا ڇني ڳيا ڇاتي، تئڏي دستين دونالیان ڇٽ ڳيان.

کافي.476

تلهه: هڻ زابر يار تئڏيان، هي گهورن مئيڏي دل گهائي،
کجلين ديان بناکر کاتيان، مئکون تئين تکبير وهائي.

1. تئڏي تاب حسن دي تجلي، نيتي مئڏي سموري دل سلي،
دلڑي مئڏي ٽر تلي، لڇ پڇ مئکون تيئن لائي.

2. خوني هي زلف ماريندي، مارا تيا نانگ وسيهر کارا،
هڻ مئڏي کيتي مارا، هڻ کپر ول ڳيا کائي.

3. اکڑيان تسان ديان ايهي، ڊپ ڏاڍا جنان کون تيئي،
جيوين باز چڑي کون نيئي، انهان مئڏي دلڑي هي اينوين ڇائي.

4. جنگي لشکر آيا جوئي، هن تيا سويارا سوئي،
"منڌار" ويچاري روئي، تيکون ساري هي بات سڻائي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 477

ٽلهه: آئون جا درد فراق ماري هان، مونکي موٽي ڪڏهن نجهان ملندو.

1. آئون جا گهميو تنهنجي لاءِ گهوريان، سڀ ڏيهه ڏسيون ٿي ڏوريان.
تن ۾ تنوار چوريان، اچي اگهڙ اسان جي ٽلندو.

2. ڪڏهن ته عجيب ايبندو، دل کي دلاسا سو ڏيندو،
مونکي چئي مبارڪ چيندو، وري مرکي ڪڏهن نجهان ڪلندو.

3. آئون جا ماندي ملڻ لاءِ ماندي، تنهنجا روز پڇان ٿي پانڊي،
ڪڏهن ٿيندیس ورهه کان واندي، جو مونکي دوا درد جي سلندو.

4. جيئري آءٌ جدائي لاهي، پرين! پنهنجو تون پاڻ پلائي،
ڪا اُميد "منڌار" کي آهي، مون سان ٿي ته حمايت هلندو.

ڪافي. 478

ٽلهه: تئڙي چشما دي واهه چالي،
دل لوٽ ڳڏئون مئين والي.

1. تئڙا زلف زوراور ٿيڙا قهري، ڪمندا ٿي پيڙا،
مئڙا جيڙا وڪوڙي ويڙا، گهت دل مئڙي ڪون دوالي.

2. مين نال ڪامڻ ڪيتئون ڪوئي، جيئڙو ڪس ڳيا جوئي،
مئڙيان اکيان روئي روئي، ٿيان آب وهائي هڻ خالي.

3. تيڙيان ڪجليان ڏوهين ڪٽاريان، قهري هويان ڪيفن داريان،
اهي ابرو تيغون تراريان، ميڪون بر وقت ڪيتئون بي حالي،

4. هڻ "منڌار" اداس وچ آهي، جنهن دا امر بنا وس ناهي،
هڻ مل تون جدايان لاهي، "فقير" ديدار دا سوالي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.479

تلهه: سائين! ڪو وس منهنجو ناهي، جيئن توکي وڻي تيئن آهي.

1. تنهنجو رٽ رايو دائم قائم ۽ رٽ بندي جي چاهي.

2. حجت توسان ڪانه هلي ٿي، ڪير سينو ٻيو ساهي.

3. جنهن کي هلائين تہ هاڙهي هلندي، ٻي ڪير ڪشالا ڪاهي.

4. چئي "منثار" تہ مون ڪئي توبهہ، پاند ڳچيءَ منجهہ پائي.

ڪافي.480

تلهه: ڏٺم ديدار دلبر جو، وساريان ڪيئن نٿو وسري،
جنهن جو مٿ ناهي مغرب ڏي، نڪو هند سنڌ، نڪو بصري.

1. پون مونکي پور پلپل ۾، سڙي جند جان جل جل ۾،
درد ڪن دور من دل ۾ عشق جي آڳ پيئي اُسري.

2. منجهان سهڻي يار جيءَ صورت، منهنجان سڪ سور جي سورت،
منجهان محبوب جي مورت، نظارو ٿو نينهن جو نسري.

3. جيئن لاڳاپا پنهوار جا لاهي، سسئي هلي ڪيچ ڏي ڪاهي،
جتي ڏٺو محبوب مون آهي، هيءَ گولي تنهن گام ڏي گسري.

4. چوي "منثار" دردن وار، جنهن ڪي آهي عشق جو آزار،
جسم جند جان تنهن جو وار وار، پيارل يار لاءِ پسري.

Gul Hayat Institute

ڪافي.481

تلهه: ڪونهي منهنجي حال جو پائي، اندر جا سور ڪنهن سان اوريان.
ڪرڙ هيءَ ساڻ آهي مشڪل وينءِ ڏک ڏيل ۾ ڏوريان.

1. برهه جي باهه بدن ۾، ڪري تي تاب ڏاڍو تن ۾،
آئون مخفي طور پنهنجي من ۾، چلها هن چاهه جا چوريان.

2. هنر حرفت نه هلي منهنجي، نڪا تدبير چلي منهنجي،
نه عقل جي بات اڪلي منهنجي پوءِ گهٽيون تنهن لاءِ ڪهڙيون گهوريان.

3. آئون جنهن جي نينهن لاوڙ لاءِ، ڪريان وس پيچ پاوڙ لاءِ،
سا تندڙي نباهڙ لاءِ، سا ٽري شل ڇيهه تاڻي ٽوريان.

4. هيءَ عاشق "منڌار" آهي جنهن جو، سو ملي من سوال مجي منهنجو،
ته آئون سنت جي لاءِ سر پنهنجو ڪلهن ۽ ڪنڌ وٽان ڪوريان.

ڪافي.482

تلهه: شايد منهنجي روح جو رايو هو ساجن ساڻ صغيريءَ ۾،
مون تي آيو سڪڙ سهٽل! جو هن پچاڙيءَ جي وقت پيريءَ ۾.

1. سڀي گوهر جون گفتاريون، مون کان ويون ڳالهيون حرص واريون،
ٻيون سڏون سنسار جيون ساريون، ڪٽيون ڪيون مون فقيريءَ ۾.

2. اڃي مون تي نينهن هنيو نعرو، سوگهو ڪيائين ساهه سپ سارو.
ٻئي وجهه ڪوڻ ٽيوم ويچارو، سو ڇڏيم اسباب اخيريءَ ۾.

3. جي اڳ نه ملي ته به سنديس مرضي، ٽيس غلام ڪنديس غرضي،
منهنجو الله کي عرض هيءَ عرضي، ته اعليٰ هجي شال اميريءَ ۾.

4. پوءِ من ڪري "منڌار" سين ملاقات، مرڻ جي ويل منجهه سڪرات،
پوءِ ٽيئي حاصل منهنجي حاجات، وري ايندو منهنجو ساهه سڏيريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 483

تلهـ: سگهو مل، سوال سڻ سڄڻ! تي آهي منهنجي هاڻ آخيري،
توکان ريءَ درس دم ناهي، مونکي پيو فيض يا فقيري.

1. هيءَ وصل جي آب جي اُجياري، سا پياسڻ تون نه پياري،
سکندي ڄمار ويئي ساري، پڇاڙيءَ جو پهر آئي پيري.

2. ازل جو ڏينهن سگهو ايندو. ملڪ الموت ماريندو،
جي منهنجو پورو مقصد اڳ ڏيندو، ته ڇڻ آب حيات جي دل ڏيري.

3. مونکي اهڙو نه ٻيو مشڪل، جو هنر ڪارگر ٿئي نه عقل،
تون مل محبوب! ڪر ڪو فضل، ته جوانيءَ جي ٿئي صغيري.

4. تون جڏهن "منڌار" کي ملندون، مون اگڻ آسائتي جي ڏلندون،
مون ساڻ خوش حال ٿي ڪلندون، منهنجي تڏهن ويندي دوست دلگيري.

ڪافي. 484

تلهـ: سموري ڄمار ويم سڪ ۾، رهجي ويئي پياس پياري جي.
الاجي! اها آس ڪڏهن پڄندي، مون عاشق ورهه واري جي.

1. جهڄڻ منهنجيءَ جان کي، جهوري لڳل لئون لئون منجهه لوري،
تڏي رت ۾ نه ٿئي ٿوري، جو سڙان سڀ رات سياري جي.

2. الستي عشق اهڙو آهي، هٿ جو هاڻ ذروئي ناهي،
جي پوان پاڻيءَ ۾ لٽا لاهي، ته به اوجهامي نه آگ اونهاري جي.

3. جڏهن وسي مينهن ٿئي ٿو ملار، سو سيڪنهن خلق لاءِ سڪار،
ته به مون سان ماتام اهوئي آزار، سا وڃي نه ورونهه ورساري جي.

4. جڏهن عجيب مون وٽ ايندو، ورونهه وڃوڙو پوءِ ويندو،
اهو ڏينهن عيد جهڙو ٿيندو، جڏهن پڄندي مراد "منڌاري" جي.

ڪافي. 485

ٽلهه: قهري قهار تون آهين، رب ڏاڍو الله جلشانا.
ڪربلا ۾ شاهه ڪهايئي، افسوس اٿم ارمانا.

1. بيبيءَ سچيءَ جا پيارا، دل دادلا دلدارا،
معصوم هوا موچارا، سي پٽون ڪرايئي پروانا.

2 حضرت عليءَ عليه السلام جا فرزند، ڪڏئون نپايا محمد ﷺ،
سي ڪوٽي ڪهائي خاوند، آڻي ڪٽڪ ڪافرانا.

3. دل جاني نبيءَ جا جيارا، سڀ فوج جا سالارا،
اسلام جا ته اوجارا، اُهي صوبا مارايئي سلطانا.

4. زڪريا نبي چيرايئي، يوسف مصر وڪڻايئي،
يونس مڇيءَ منجهه پايئي بحرن اندر غرقانا.

5 جيڪو ئي ته عالم اپايئي، تنهن کي زائقه موت چکايئي،
پيو باقي ته ڪو نه بچايئي، هڪ تونهين بقائي سبحانا.

6. تو جو نالو قهار سڏايو، اتي پڳيئي سڀن جو پانيو،
"منڌار" پاند ڳچيءَ پايو، پري توبهه زاريون ۽ جانا

ڪافي. 486

ٽلهه: عشق ڪرڻا ڪيا سو لک ساز، من ويو موهجي، وئي وسري نماز.

1. شريعت لاڳو آهي عقل سين، پر هوش منهنجو نيو برهي باز.
2. دلبر دل ڪير ديواني، جڏهن ڏيکاريئي هڪ نقطو ناز.
3. سوز سڪڻ کان وجود نه واندو، عقل نيو ان جي گهور غماز.
4. چوي "منڌار" منهنجي من سڌيا، الست بربکم اهي آواز.

Gul Hayat Institute

ڪافي.487

تلهـ: تا چون خداوند آهي لامڪان، ۽ خدا جو رهڻ هنڌ آهي انسان.

1. الانسان سري و انساره اها تـ گواهي ڪهي تـو قرآن.

2. ونحن اقرب، واحد ويجهو، پوءِ چو رکين تـو غير گمان.

3. صورت ۾ ڪعبو، صورت ۾ قبلو، صورت ۾ صاحب خود سبحان.

4. تئي "منڌار" فنا مرشد ۾، تاصحي سڃاڻي رب رحمان.

ڪافي.488

تلهـ: شوق خدائي سڀ سين رفيق، پاڻ نـ ڪنهنجو زات شريڪ.

1. ايءَ مار محبت جي مشڪل آهي. سون منجهان ڪو سمجهي صديق.
2. بي رنگ بيشڪ، سڀ صورت ۾ تل نـ تفاوت، ڇاڻ تحقيق.
3. لاشڪ مالڪ آهي لامڪاني، ۽ ونحن اقرب، نيڑو نزديڪ.
4. ڏس "منڌار"! ايءَ رمز رباني، سمجهـ صحيح ڪر عقل عميق.

ڪافي.489

تلهـ: ڪير آهي ڪافر، ڪير مسلمين، عقل پنهنجي ڪي ڪر تون آمين.

1. تو ۾ ڇا بدايت، تو ۾ ڇا هدايت، چئو تـ درس تو ۾ ڇاهي دين.
2. دل ۾ دوڙج، وجود ۾ ووڙج، ورونهن انهيءَ ۾ تي غمگين.
3. پاڻ ۾ پاڻهي، جڏهن تون سڃاڻي، پوءِ تئين فقيرن سين نام نيشين.
4. اي "منڌار" سالڪ تي سمجهج، تان پوءِ تئين هوند سرت سمين.

ڪافي 490

تلهه: هستي هڻڻ جي ڏنو ڪر پانيو، تڪبر هو عزازيل تڙايو.

1. او بي جڏهن تيو حجتي، تڏهن تيو لعنتي،
نه ته ايڏو عمل ٻئي ڪنهن نه ڪمايو.

2. جيتر تون سائين! پنهنجو پاڻ نه وجائين،
تيتر آهي تنهنجو عقل اجايو.

3. لطف گهرج تون، توبهه ڪرج تون،
نه ته پڙهي پڙهي رب ڪنهن نه ريجهايو.

4. پائي "منڌارا" ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ته پوءِ تيئي ءَ من سانگ سجايو.

ڪافي 491

تلهه: شاهه برهي دا شان ويڪو، شاهه برهي داشان،
مين حيرت وچ حيران.

1. تي منصور سوليءَ تي چڙهندا، ملهائيندا ميدان.

2. شمس الحق تي ڪريندا ڪرامت، وچ ظاهر انسان.

3. برهه بهادر شاهان، سورهيه عشقي وچ ايمان.

4. آکي "منڌار" من حيرت وچ، سر سارا سبحان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.492

ٽلهه: تون سبحان يا الله ، آئون حيران آهيان.

1. تون آهين پاڪ پروردگار، تون آهين قديم قادر،
تون جلشان يا الله! آئون انسان آهيان.

2. تون آهين خلق خالق، تون آهين ملڪ مالڪ،
تون لامڪان يا الله! آئون قربان آهيان.

3. تنهنجي يا الاهي آهي بادشاهي،
تون سلطان يا الله! آئونپٽ پان آهيان،

4. چوي فقير "منڌار" آهيان امدنوار،
تون رحمان يا الله! آئون اميدن وان آهيان.

ڪافي.493

ٽلهه: منهنجي دل کي اچن غوطا، درد درياهه ۾ دم دم.

1. وسان پنهنجي آهيان ويڑي، ڪرم لکئي ايئن ڪيڑي،
پلينڊن کان اچي پيڑي، عشق اوڙاهه ۾ ٽم ٽم.

2. لڳم هڪ يار سان ليڑو، منهنجو من مجروح آهي ٽيئڑو،
ٽنڊ جو ناهي سو پيئڑو، منهنجو بي پرواهه ۾ ڪم ڪم.

3. جهجڻ منهنجي جا نکي جهوري، لڳيم سهڻي يار جي لوري،
عمر باقي رهيم ٿوري، جو رنم هن راهه ۾ رم رم.

4. چوي "منڌار" مرڻ جهڙو، اچي ٽيم حال هيءُ ههڙو،
قصو تنهن جو ڪرياڻ کهڙو، جو سندم سپ ساهه ۾ غم غم.

ڪافي.494

ٽلهه: ملڻ محبوب جو مشڪل، اٿم ارمان ڪيئن ڪريان.

1. ڪئين انسان ڪهڻي لئه، ملڪ محتاج مهڻي لئه،
سڪن منهنجي يار سهڻي لئه، حورون حيران ۽ پريان.

2. جن جون اٽڪيون اتي اکيون، تہ جادو جهٽ پٽ نهوڙي نيون.
حسن جي لاءِ هزارين ٽيون، بيوس مستان ۽ چريان.

3. آهي دل عشق آزاري، ماڻين محبوب جن ماري،
زوراور سان منهنجي زاري، توبهه جلشان ٽي پريان.

4. جي اچي فضلئون ڪري ڦيرا، پري "منڌار" ڏي پيرا،
تہ سنت سپ ساهه تنهن ويرا، ڪري قربان سر ڏريان.

ڪافي.495

ٽلهه: حرص جو حال ويو تن ڪئون، سڪڻ واري سور جي ساڙيا.

1. برهه جن کي لڳو لولي، مثل درياءَ جي ڇولي،
هڪ هئي هئي يڪي ٻولي، ورهه وهلور جي واڻيا.

2. مطلب جن تي محبت ائي، صفاتي يا حيقائي،
تہ رکڻ سو کي ان سچائي، قرب ڪلور جي ڪاڙهيا.

Gul Hayat Institute

3. لڳين سڪ کا بي صبريءَ جي، زوراور يار زبريءَ جي،
ڦڪي ملين فڪريءَ جي، محبت مذڪور جي ماريا.

4. ڄجان "منڌار" تون تن تان، صدق سو وار عاشقن تان،
جي سوريءَ تي پتنگ پرين تان، مثل منصور جي چاڙهيا.

ڪافي.496

ٽلهه: تڪبر ڪان ڪير توبهه، منهنجي انتظاري آهه.

1. لابالي سرڪار آهي جنهن جي، حجت ناهي تنهن سان ڪنهن جي،
پوءِ ڪهڙي مجال ات منهنجي، جو خدا جو نام قهاري آهه.

2. گناهن جي آهيان ڪن ۾، رکي رب پاڪ آمن ۾،
وڏيون آسون اتم اُن ۾، جو خطا بخشيندڙ باري آهه.

3. خبر هن حال منهنجي جي، اندر احوال منهنجي جي،
گذر ۽ خيال منهنجي جي، خدا کي معلوم ساري آهه.

4. منجهه درگاهه ڪريان دانهون، عرض ۽ سوال ٻيون آهون،
ٻڌي "منڌار" ٻئي ٻانهون، ڳچيءَ منجهه پاند ڳاري آهه.

ڪافي.497

ٽلهه: ادا! پنهنجي زور زبريءَ سان، توبهه مونکي يار پڙهائي آهه.

1. بنايئي مون جنگ پوريءَ سان، لائي نوبت ندوريءَ سان،
بالا ٽيو يار بي زوريءَ سان، جنهن حسن جي فوج لڙائي آهه.

2. ڪپي منهنجا ڦڦڙ جيرا، ڪيا آهن يار ٻيرا ٻيرا.
ڏنئي آتش پري پيرا، جنهن سيني منجهه ديگ چڙهائي آهه.

3. جهاتي مون يار ڏي پاتي، ناهي سک روز ڏينهن راتي،
قرب جي ٽي کهي کاتي، جنهن الٽ رمز اڙائي آهه.

4. ٽيو "منڌار" جو حال کهڙو، نه مئو آهي نه جيئڻ جهڙو،
پيالو يار ڏنم اهڙو، اجا کليون منجهه ساکڙائي آهه.

ڪافي. 498

ٽلهه: منهنجيءَ دل ڪي طلب تنهنجي، قسم رب پاڪ پرور جو.

1. هيءَ قول حديث ڪريمي، تنهنجي تعريف تعظيمي،
انا احمد بلاميمي، چوڻ تو پاڪ پيغمبر جو.

2. مونکي تنهنجو آسرو آهي، ڇڏج هت ڪير ڪين راهي،
توريءَ منهنجو بلو ناهي، تو منجهه مقصود محشر جو.

3. سڏايان تو سندو سوالي، سدا منهنجي مکر خالي،
پيار وحدت سندي پيالي، آهيان پٽ پان تنهنجي در جو.

4. ڪري "منڌار" محتاجيون، ڪڍي ڪاٽيون ۽ احتاجيون،
ڪريو اُن جون ڪي علاجيون، جو سوالي تو شاهه سرور جو.

ڪافي. 499

ٽلهه: مون وٽ محبوب اڄ آيو، شڪر الحمدالله چان.

1. اصل آسون هيم اهڙيون، پنيون جيءَ ٿي گهريون جهڙيون،
ڏنيون طالب اکين تهڙيون، جو آيو خود نور الله چان.

2. پرين مون ڏي پير اڄ پايو، رکي رحمت سندو رايو.
اهو سرتاج اڄ ايو، محمد رسول الله چان.

3. موچاري ٿي آ دل منهنجي، ڏٺئي صورت گهريئي جنهن جي،
پنيس مراد سڀ پنهنجي، ٿي آهي واصل بالله چان.

4. چوي "منڌار" منهنجو مرشد، آيم اڄ خواب ۾ خورشد،
الله ڄاڻي يا آهي محمد. يا علي شاهه ڪرم الله چان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.500

ٽلهه: تون تان مونکي ياد ڪج دلبر! آئون دم نا وساريندي.

1. تو جي مون سان قول هئا ڪيئڙا، سي مون کي وسري دم نه ويئڙا،
عمر ساري ٿمر ٿيئڙا، ساعت ساعت سنڀاريندي.

2. تنهنجي صورت رکيم من ۾، لڳيون تارون منهنجي تن ۾،
برهي بيمار ڪئي بدن ۾، گونڊر ڏينهڙا گذاريندي.

3. جهاتيون تو مونکي يار پاتڙيون، ڪهن دم روز ڪاتڙيون،
ڪريو تنهنجيون ياد باتڙيون، اکين مون آب هاريندي.

4. تون ڪر "منڌار" سان ميلو، وجهه نه هڪ وقت جو ويلو.
ساجن سهڻا! اڄ سويلو، آئون تو منجهه حق نور نهاريندي.

ڪافي.501

جي دوستيءَ واري هلين دڳ ۾، پوءِ طمع کي ڇو نٽو ڇڏئين.

طمع توکي جڏهن ٿيندي، مئيا منهن جي تڏهن ويندي،
اصل ايمان سا نيندي، پوءِ هنيو ڇو غير ۾ گڏئين.

طمع وارو اڳيان تنکي، دليان وٽندو نه دوستن کي،
پوندو ڪڙو قريبن کي، جدا ٿيندو جڏهن تڏهين.

طمع سان تند ٽوڙيندي، پرت جا پيچ اکوڙيندي.
لقب لعنت جا لوڙيندي، ڪرائيندي ڪوڙ سا ڪڏهين.

گهريون "منڌار" تو مايا، رکيو پنهنجي روح ۾ رايا،
وڃائين سي نٽو وايا، سچو پوءِ سيل ڇو سڏئين.

Gul Hayat Institute

ڪافي 502

تلهه: منهنجي من تي موهه دنيا جو، ۽ موڪل يا منهنجا مالڪ!

1. زڪر مونکي ياد ڏي پنهنجو، مڪر جنهن ۾ نه ٻئي ڪنهن جو،
اهو مقصود آهي منهنجو، هڪ توڏنهون خيال هئي خالق!

2. تهنجي ذڪر سين نج منهنجا دمڙا، لاهي ٻيا غير جا غمڙا،
ڪرائين سي متان ڪمڙا، جي هجن شيطان سين تعلق.

3. سي اچن امداد سين اڪمل، جي مرد مولي تنهنجا مڪمل،
جن جي هٿ سچا صيقل[1]، صفا ڪن قلب ڪي سالڪ.

4. چئي "منڌار" يا مولي!، سبق تون ڏي مونکي سولا،
آهن ڪم ابليس جا اولا، تو ٻيائيءَ ۾ ٻوڙي ٻالڪ.

ڪافي 503

تلهه: تي سنپالينڊڙ سدا، پنهنجي تون حال جو،
پو ۽ تار ۽، تون سعيو ڪر سنپال جو.

1. نام وسارين متان، ساري جڳپال جو،
اسم چئو الله دم دم، جلال جو.

2. اسباب تنهنجو پوءِ بي، ڪهن آهي ايال جو،
ڪر نه ايندو ڪو زرو، مايا ٻئي مال جو،

3. جنهن ڪم منهنجان قلب کي، ٿئي ضرر جنجال جو،
جو ڇڏين وريو سو نڙو، خطرو خيال جو.

4. اي "منڌار"! سمجهه نقطو هيءَ، منهنجيءَ مقال جو،
سڄاڻ سچائيءَ سين، تون حق حلال جو.

---

[1] سونهن

Gul Hayat Institute

ڪافي.504

تلهه: ڏي محبوب هن مريض کي، دوا ديدار جي،
ٻي ٻکي اصلئون ناهي، بر هي بيمار جي.

1. وسري ويئي وجود مان، سڌ ٻي سنسار جي،
روح ۾ اڻ تڻ تنهنجيءَ، پيارل پچار جي.

2. آزي ۽ نيازي، اها مون عرضدار جي،
تون وجهه نه جدائي، خدا ڪارڻ ڪا وار جي.

3. منهنجي دانهن ۽ فرياد، ڏي اها پوڪار جي،
جو حياتي سنديم آهي، اوهان جي اختيار جي.

4. سڪ واري سوداءِ، اچي لڳيم چمار جي،
تنهن جي ڏسڻ بنا، صحت ناهي "منڌار" جي.

ڪافي.505

تلهه: توکان پنهل پرانهون ناهي، تون ڪيڇ ڏي ڪشالا ڪوٽي ڪرين؟

1. وو الله به ڪل شيءِ محيطون[1] الو الو،
اها آيت شاهد آهي.

2. وو پاڻ جو پڙدو تون ڪر پاسي الو الو،
پيو لباس هئڻ جو لاهي.

3. وو پنهنجي گهر ۾ پنهل کي ڳولج الو الو،
دل اندر سرت سين ناهي.

4. وو اي "منڌار"! مرشد تنهنجي الو الو،
اهو ڏس فرمايو ڏاهي.

---

[1] محيط

Gul Hayat Institute

ڪافي-506

تلهـ: ميڪون پرت پنهل پر مل دي، جيجل ماءُ! نـ رهيسان جهلدي.

1. وو شـرم شـوق ميـڏا نيتـا، الـو الـو،
نـاهڻ جـاءِ عقـل اٽڪـل دي.

2. وو روز ميثـاقون محبـت ميـڏي، الـو الـو،
ناهي نسبت ميڏي، اڄ ڪلهـ دي.

3. وو پيـنر!! شـهر پنيـور چوڙيسـان، الـو الـو،
ميـن هـوت پنهـل پچـون هلـدي.

3. وو درشن ٻاجهون، دوست پنهـل دي، الـو الـو،
ڏوجهي دل ڪون، نـ دوا درمل دي.

4. آکي "منڌار" ميڪون نـ وسر ڳئي، الـو الـو
مڻي محبـت ميـڏي مڪمـل دي.

ڪافي-507

تلهـ: وو ميـان هـوت بلـوچ پنهـل! آئـون ٽڪيـس ڏونـگر ڏوري.

1. وو اڄ ميـان اريـاڻي! پنهنجـو شـان سـجاڻي، الـو الـو،
اڄ اسـر خـدا جـي اوري.

2. وو ڏس تـو جي لايون مونکي برهـ جون ٻاهيون، الـو الـو،
ويـون چاهـ انـدر منجهـ چـوري.

3. وو سـر سـاهـ صـدق، ارواح صـدق، الـو الـو،
آئـون ڪريـان تـو گهـوٽ مڻاهون گهـوري.

4. وو چئـي "منڌـار" صـدق سـو وار آئـون ڏيـان،
سـر تـ ڪلهـن ڪئـون ڪـوري.

Gul Hayat Institute

ڪافي.508

تلهه: تنهنجي برهه ڪيا پڙڪارا، ٻيا عشق نيم اسباب مڙيئي.

1. وو مارڻ لاءِ مشتاق ويچاري، الو الو،
آندئي حسن سندا هٿيارا، اچي تيز ڪڙا ڪيئي تاب مڙيئي.

2. وو انحد مرلي عشق سڻائي، الو الو،
اچي ڇئو قبلي چوڏارا، ٻيا ساز سرود رباب مڙيئي.

3. وو بنا شوق وجود ۾، جيڪي الو الو،
اُهي ڪيڙا عشق انگارا، ٻيا خيال سڙي ٿيم خواب مڙيئي.

4. وو ڇئي "منڌار" محبوب اوهان جي، الو الو،
اسين حسن سندا پوڇارا، تنهنجي صورت ڏسڻ ثواب مڙيئي.

ڪافي.509

تلهه: تڏهن حورن هنڌڙا وڃايا، جڏهن دوست آيو ديدار ڪڻ.

1. وو ملڪن موڙ ٻڌا محمد ڪي، الو الو، ٻيا گيت پرين تي ڳايا،
اُهي سوين لڳيون سينگار ڪڻ.

2. وو سوين سرهاڻيون سيج پلنگ تي، الو الو، آڻي عطر عنبير پلٽايا،
آيا غلمان چڪار ڪڻ.

3. وو صورت سرور جي سبحاني، الو الو، جنهن شمس قمر شرمايا،
جو نور آيو هو نروار ڪڻ

4. وو محمد ملڪ وٽي سڀ آيو، الو الو، جنهن پينارا پهرايا،
جو آيو سخا ڏاتار ڪڻ.

5. وو تنهن وقت ۾ طالب تنهن وٽ الو الو، بيٺي پاند پنڻ لاءِ پايا،
هو آيو زيارت "منڌار" ڪڻ.

Gulf Hayat Institute

ڪافي.510

ٽلهه: الحمد سوين شڪرانا! اڄ دوست اڳڻ آيو دلبر.

1. وو محبت ميگهه ملاريون ڪيڙيون، لک باغ ڪليا بستانا،
ڀ وٽو مينهن قرب جو ڪر.

2. وو آسون اُميدون پنيون دل جون، ڪٽي الله ڪيا احسانا،
جو خاوند پاڪ خدا پرور.

3. وو سيڪنهن چال سڏريل سوڏو، بي جا صورت سنديس سبحانا،
مٺ نه جنهن جو مهتاب قمر.

4. وو چئي "منڌار" مٺي محمد تان، پنهنجو سر ته ڪنديس قربانا،
من سنت قبول ڪري سرور.

ڪافي.511

ٽلهه: تنهنجي عشق ڪيس گم غم ۾،
منهنجي دانهن اها دم دم ۾.

1. وو هي ڏک ڏينهن الستئون مانکي، الو الو،
هئا لکيا لوح قلم ۾.

2. وو صبر سڪ ۾ ساعت اوکو، الو الو،
ڪيئن بيهنديس پير ۾ شرم ۾.

3. وو ريءَ ديدار اوهان جي دلبر! الو الو،
ناهي مطلب ديدن ڏرم ۾.

4. وو چئي "منڌار" اچن لک غوطا، الو الو،
هن وچ درياءَ قلزم ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي 512

تلهه: دونهون دل ۾ درد ڏکايو، عقل شرم عشق اڏايو.

1. سي نه پچن ٻيو سانگو سڪن جو، الو الو،
جن پير پريت ڏي پايو.

2. صبر سڪ ۾ ساعت ناهي، الو الو،
لڳو برهه نه ڪهين لکايو.

3. خاڪ ٿيا ٻيا اسباب اندر جا، الو الو،
جڏهن محبت مچڙو مچايو.

4. چئي "منثار" مرڻ ناهي جيئڻ الو الو.
اهو وقت ويچاريءَ تي آيو.

ڪافي 513

تلهه: جاڳيو دل منجهه درد پرين جو، ويو هي گوشت ڳري عضون جو.

1. وو پڙ پڙ باهه برهه جي ٿي پڙڪي، الو الو،
ٻيو جو آڏمون عشق الن جو.

2. وو ڪاجا ورونهه وجود ۾ آهي، الو الو،
جيئن وسريم ساءُ سڪن جو.

3. وو اڻ ٽٽ عشق اندر ۾ آهي، الو الو،
ناهي ننڊ آرام اکين جو.

4. وو چئي "منثار" مرض منهنجي جو، الو الو،
آهي دارون ديدار دوستن جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 514

تلهه: سائين! دوستي يار رکڻ توسان دلبر سور آهي سرچاوڻ.

1. وو وچ درياهه، دکن جي ڪن ۾ الو الو،
اهي دم دم غوطا کاوڻ.

2. وو هستي حال وارن منجهه ناهي، الو الو،
پوءِ نيچ سدا سر ناوڻ.

3. وو راتو ڏينهن روئڻ منجهه اکيون، الو الو،
جيئن مينهن وسي مند سانوڻ.

4. وو چئي "منڌار" محبت جي مچ ۾، الو الو،
آهي پاڻ اُمالڪ پاوڻ.

ڪافي. 515

تلهه: پيا سگهّ سپيئي ٿي چنان، هڪ تنهنجو نالو پيئي پنان پنا.

1. وو بي پرواهه رب بالا تون آهين، الو الو،
آئون ساجج توکان پي کهڙي ڳنان ڳنان.

2. وو پيا سک سيجون، طول وهاڻا، الو الو،
ان کي کوهه کريندس تو بنان بنان.

3. وو لوڏج کير ليلان جيئن مونکي الو الو،
آهين ڏاڍو تون، اسين جي ڏنا ڏنا.

4. وو چئي "منڌار" اچي مل مونکي، الو الو،
ڪٽي ڏي اسان کر تو ڏنا ڏنا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.520

تلهه: درد منهنجي دلڙيءَ جا، پروردگار خدا ڇاڻي.

1. وو جيڪي آهي منهنجي جيءَ سان ٽيئڙو، الو الو،
سو سپوئي ستار، خدا ڇاڻي.
2. وو اندر آئنٽيو، تا جلن جيرا، الو الو،
هو مالڪ مختيار، خدا ڇاڻي.
3. وو لڳيم لئون لئون جي اندر لوري، الو الو،
سو ڏسي ڏاتار، خدا ڇاڻي.
4. وو آهي "منڌار" کي محبت ماريو، الو الو،
منهنجو خلقٽهار، خدا ڇاڻي.

ڪافي. 521

تلهه: پيو مٽ مور نٽو سمجهان، دنيا منجهه يار دلبر جو.
اهو آهي قسم مونکي، خداوند پاڪ پرور جو.

1. خدا جو نور، نبيءَ جو نور، الو الو، ساڳيو سو پاڪ سرور جو.

2. سڄڻ منهنجو اهو ساڳيو، الو الو، ساقي جيڪو حوض ڪوثر جو.

3. ڏٺم سو تجل جهلڪار، الو الو، سو عجب اسرار انور جو.

4. گهري ٿو "منڌار" يار جو ديدار، الو الو، نه گهري ٻيو سڪ سهنج محشر جو، الو.

Gul Hayat Institute

کافي.522

تلهه: اسان ساڻ يا الله مولي، ڪجان هر وقت همراهي،
بنا توريءَ ڪنڌي ناهي، پنان ٿي پوش تو پناهي.

1. وو مدايون ڪر معاف، مڙئي تون منهنجيون، الو الو،
سڄاڻج شان پنهنجو شاهي.
2. وو تون آهين وارث منهنجو والي، الو الو،
آئون آهيان صاحب تنهنجو سپاهي.
3. وو درد دوکا مڙئي منهنجي دل جا، الو الو،
ڪجان غم ڏور گمراهي.
4. وو چوي "منڌار" هي مشڪل منهنجو، الو الو،
ڪجان آسان يا الاهي.

کافي.523

تلهه: حق ڪلمو لااله الاالله، محمد رسول

1. وو نور جنهن جي مان حضرت آدم الو الو،
آهي پيدا ٿيو صفي الله.
2. توهه جنهن جي سين طوفان کان اکريو، الو الو،
نرمل نوح نبي الله.
3. وو برڪت جنهن جي آڏاهه کي بهار ڪيو، الو الو،
پوءِ خوش ٿيو نبي خليل الله.
4. وو جنهن جي محابي موسيٰ پڙهيو، الو الو،
توريت ڪتاب ڪليم الله.
5. وو مڃ "منڌار"! من سين محمد، الو الو،
آڻ يقين بسم الله.

Gul Hayat Institute

ڪافي-516

ٽلهه: تنهنجا روز پچان ٿي پانڌي، وري آءٌ يار ملڻ لاءِ ماندي.

1. وو دردن واسطي هن دنيا ۾، الو الو،
آئون جا آهيان امر هت آندي.
2. وو دردن جي درياءَ ۾ سرجي، الو الو،
سان نه آهيان ورهه ڪان واندي.
3. توريءَ زور ضعيف آئون ٿي آهيان، الو الو،
هاڻي اچي مل، ڪر امدادي.
4. توريءَ ڏکيا ڪٽيم ڏينهڙا، الو الو،
جيئن بند ۾ گذارين باندي.
5. چئي "منڌار" اچي مل مونکي، الو الو،
توسان هيڪر ٿي هيڪاندي.

ڪافي-517

ٽلهه: آئون ٿي ڪارون تنهنجي لاءِ ڪريان، تون منهنجي ملڻ لاءِ وري آءٌ.

1. وو پايو پاند ڳچيءَ منجهه ڳاري، الو الو،
آئون زاريون توبهون ٿي پريان.
2. تون آهين وارث منهنجو والي، الو الو،
مونکي توريءَ ساعت نا سريان.
3. هينئڑو هڏيون، چمر پاسريون، الو الو،
هن باهه برهه منجهه ٻريان.
4. چئي "منڌار" اچي مل مونکي، الو الو،
آئون سر ٿي سنت منجهه ڏريان.

ڪافي 518

تلهه: ڏنيسون منجهه خواب سهڻي صورت، الاهي اسرار چا چوندس.

1. وو صبح جي سج ڪي، ناهي اهڙي صورت، الو الو،
شمس جهلڪار چا چوندس.
2. وو قمر چند ڪي بي ناهي قدرت، الو الو،
چوڏس چمڪار چا چوندس.
3. وو بيان هن بات جو بيحد، الو الو،
سو سندن سينگار آئون چا چوندس.
4. وو وصف واکاڻ ڪندو ڪيتري، الو الو،
هيءُ ويچارو "منڌار" چا چوندس.

ڪافي 519

تلهه: سچڻ سر نور سبحاني، قمر چا هي چند چوڏس جو.

1. وو جنهن جي ڪجلين ۾ ڪامڻ آهي، الو الو،
خماري دام دلين کسجو.

2. وو جتي طاقت منهنجي ڪان پولڻ جي، الو الو،
اتي چا هي اختيار، مون بيوس جو.

3. جي پسائي مونکي پاڪ پنهنجي پيشاني، الو الو،
تي وري مون بخت بيڪس جو.

4. وو تنهن جي ڪندو "منڌار" مقال ڪيتري، الو الو،
جو سنڌو ساراهه ناهي بس جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي.524

تلهه: سڪي ڪر ياد اثر ادبئون، حقيقت رمز رندن جي.

1. وٽن وڃ، تان تئين واقف، چڳي مجليس مردن جي.

2. خدا ڏي خيال رک بندا! بي دعويٰ ڪر دور ڏندن جي.

3. متان پلندو هجين پورا! صحي ڪر واڻ سمڊن جي.

4. اي "منڌار" مڪ چشمن ڪي، پٽي پيزار سندن جي.

ڪافي.525

تلهه: مجهکو ميري محبوب مرشد، الو الو
پريم پيالا ديا

1. وو ئي پيالا آب حيات، الو الو، پرين ديا هم پيا.

2. وو ئي پيالا جس ني پيا، الو الو، وو ئي جوڳي جڳ جڳ جيا.

3. غم وهم دل ميري ڪا، الو الو، ڪرنات نظر سي نيا.

4. ڪهي "منڌار" مرشد ميري، الو الو، يهي ڪرم قريشي ڪيا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.526

تلهه: منهنجيءَ آرياڻيءَ جا آيل، هاڻي ڦٽي آهي پرهه ڪٽنديس پيرا.

1. وو هيءَ ٻانيڻ ٻاروچل کان ڏاران، الو الو، آهي غم گوندر منجهه گهايل،
هيءَ آيو فراق، جلن تا جيرا،
2. وو ڪنديس ڪشالا ڪيچ ڏسڻ لاءِ، الو الو، آئون انهيءَ اميد اجايل،
من ڏسان دوست پنهل جا ديرا.
3. وو ويندیس ووڙيندیس پنهل کي، الو الو، آهيان تانگهه سنديس جي تپايل،
باهه برهه منجهه ڇاتيءَ ڇيرا.
4. وو لاءِ محبوب جي موت قبوليم، الو الو، آهيان متانس گهور گهمايل،
مرکين مرون، ڪري ٻوٽيون ٻيرا.
5. وو مان ملان "منڌار" فقير ڇئي، الو الو، وجي ساجن ساڻ سڪايل،
جي اوري ميس، تہ صدق سو ٻيرا.

ڪافي.527

تلهه: اڄ هت نہ رهنديس، هاڻي ويندیس ڪيچ ۾ لاءِ ڪوهياري.

1. ستيس ڪوهه نجهان تيم ڪڍاڙو، الو الو آهيان ڳٽتي منجهه ڳاراڻي،
سو ويو هي وقت معياد گذاري.
2. وو پينر پنپور ۾ ڪيئن ڪٽيان، الو الو، منجهه ڪوجهي شهر ڪرهاڻي،
من ڏاتر ڏيرن جو ڏيهه ڏيکاري.
3. وو ڪٽنديس پير پنهل پيارل جو، الو الو، سج اپرڻ وقت صبحاڻي،
مرشد سرور شاهه ڪي سنياري.
4. وو ڇئي "منڌار" مراد ملڻ جي الو الو، اتي ساجن شال! سجاڻي،
مونکي ور پنهنجي، من ڪري وهاري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 528

تلهه: ڏسان پنهل مونکي پهه پيو،
ڪاڏي ڪڇ اديون! ڙي ڏس ڏيو ڏيو.

1. وو پينر! ڪيئن پنيور ۾ ڪٽيان الو الو، سڪ سانت صبر سڀ ويو ويو.

2. وو عقل شرم حياءِ سڀ منهنجو لاو الو، هاڻي نينهن نهوڙي نيو نيو.

3. وو هوت ڏي هلڻ هدايت پايان الو الو، آهي وهڻ مونکي وهه ٽيو ٽيو.

4. وو مان ملان "منڌار" فقير چئي الو الو، علاج ڪريو پيڻ اهو اهو.

ڪافي. 529

تلهه: رايو روح اندر منجهه آهي، پنهنجي هوت پنهل ڏي آڻون ويندس.

1. وو پينر! شهر پنيور کان، بس ڪير الو الو،
پيا لاڳاپا سڀ لاهي، جبل جوڳياڻي آڻون ٽيندس.

2. وو پنهل پچاڻا هت جيڏيون! وو الو الو،
مون کي جان جيارڻ ۾ چاهي، سر قربان وڃي ڪيندس.

3. وو آڻون اڻ سونهي، واقف ناهيان الو الو،
منهنجو ڏيهه ڏنل سو ناهي، پر سونهون نينهن سندس نيندس.

4. وو مان ملان "منڌار" فقير چوي الو الو،
وڃي ڪيچ ملڪ منجهه ڪاهي، نه ته به صدق ساهه ڏونگر ڏيندس.

Gul Hayat Institute

ڪافي.530

تلهه: مون ڪي سفر وڃڻ جو سعيو، پنهنجو مان بلوچ ڏسان بر بر ۾.

1. وو ڪاهي ڪيچ ملڪ ڪي ڏسندیس الو الو،
اهو روح اندر منجهه رايو، اتر اميد خدا پرور ۾.

2. وو آئون اڻ سونهي، پنڌ اٽانگو الو الو،
جتي پير لڳي ناپايو، ڏاڳهن ڏيرن جو ڏونگر ۾.

3. سچ پٽيءَ ۾ مون سان، ڏي سرتيون الو الو،
نڪا پيڻ هلي نا پايو، مرشد مدد ٿيندو تر تر ۾.

4. وو چئي "منڌار"، منهنجو مرشد سائين الو الو،
اچي ڪندڙ سانگ سجايو، ٿيندو حمايت حشر محشر ۾.

ڪافي.531

تلهه: رک ڏيان پيچي ڇڏ پولو، تنهنجو هر هنڌ هوت اهوئي اڪمل.

1. وو "و الله بـ ڪل شيءٍ محيط" الو الو، فرمان انهي ڪي ڦولو،
تـ ڪل هنڌ ڪيچ ڏٺي سو ڪنديل.

2. وو انا احمد بلا ميمي الو الو، اتي ميم سندو هڪ اولو،
پيو تر نـ تفاوت سوئي تجمل.

3. وو الانسان سري و اناسره الو الو، اهو تور اندر منجهه تولو،
تـ سسئي! شان سندئي مڪمل.

4. وو ونحن اقرب ويجهڙو اٽئي الو الو، اهو منجهه وجود وڙولو،
پوءِ جو ٿي رليون، اٽئي اتي رل مل.

5. وو متان منجهني "منڌار"! سمجهه ڪر الو الو،
پنهنجو چست نهارج چولو، تو منجهه پاڻ پنهل پرمل.

راگني پهاڑي

كافي.532

تلهه: تجهه بن ديدار دلبرا، مجهه پر دوا نهين.

1. ميري درد كي فرياد، كس سي كهون پيا،
تجهه بن دوسرا طبيب، يي مجهكو روا نهين.

2. تيري دروازي اوپر دلبرا پكار هماري،
ديگرن جائون، دوسري مجهكو پوا نهين.

3. تيري درد ۾ مجهكو پيا، يي خوف مرن كا،
مينون جيني كا آسرا، تيري ملني سوا نهين.

4. كهي "منثار" يي دن وريون، ايسا حال همارا،
تيري وصال كي مجهكو، كيي لگدي هوا نهين.

كافي.533

تلهه: مجهكو فراق هئي صنم تيري ديدار كا،
تيري ديدار كا پيا، تيري ديدار كا.

1. تيري تاس كي پياس هئي مجهكو ميرا پيا،
كهتا هون قسم، يا خدا پروردگار كا.

2. تيرا هجر، جدائي ميري، مرني كي نشاني،
ايسا حال هم سي هويا، جب عشقي آزار كا.

3. ميري درد كي دوا هئي، ملن يار تمهارا،
نهين كوئي دوسرا علاج يي برهه كي بيمار كا.

4. كهي "منثار" سن پيا، يي عرض همارا،
تجلا تم هي دكائو، اپني رخسار كا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.534

ٽلهه: هن عشق ۾ عريان لک هزار ٻڌاسون،
هن درد ۾ ديوان ٻي شمار ٻڌاسون.

1. ڪي وڃين ڪٿا ڪربلا ۾، شوق دار ٻڌاسون،
ڪي افسوس ۾ عشاق، جيئن عطار ٻڌاسون.

2. ڪي شريعت جا شمس جيئن، سزا وار ٻڌاسون،
ڪي سوريءَ تي منصور جيئن، هسوار ٻڌاسون.

3. ڪي صنعان جهڙا شيخ، جٽئي دار ٻڌاسون،
ڪي عزازيل جيئن الله لاءِ، ڪفار ٻڌاسون.

4. ڪي فرهاد جيئن فقير، سي هموار ٻڌاسون،
ڪي صوفيءَ جهڙا سر جدا، ڏڙ ڏار ٻڌاسون.

5. جيئن هو مجنون ليلي، تيئن بردار ٻڌاسون،
ڪي صيفل جهڙا سفر ۾ سردار ٻڌاسون.

6. ڪي هن تند جيءَ تنوار ۾، گرفتار ٻڌاسون،
ڪي سر سندا ڏياڻ جيئن، ڏاتار ٻڌاسون.

Gul Hayat Institute

7. ڪي صورت منجهه فنا، ٽيل اپار ٻڌاسون،
ڪي نينهن جيءَ نديءَ ۾، نگهو سار ٻڌاسون.

8. ڪي سڪ ۾ سڙي خاڪ ٿيا، ڪلهار، ٻڌاسون،
ڪي هن محبت ۾ مجروح، اي "منڌار" ٻڌاسون.

راڳڻي پهاڑي

ڪافي.535

تلهه: آدم عشق مان پيدا ٿيو حضرت صفي الله برهو اول ڪيو الله.

1. اول عشق سان الله خلقيو نور تجلي،
منجهان نور ٿيا ظهور، سارا رنگ شغلي.

2. شيث ۽ ادريس، صالح نوح نبي الله،
ابراهيم عشق ساڻ خلقيائين خليل الله.

3. اسماعيل ۽ اسحاق ۽ موسيٰ ڪليم الله،
يعقوب يوسف ذڪريا، ۽ عيسيٰ روح الله.

4. اي "منڌار" ڇئو اظهار لا اله الا الله.
منجهان روح جي ويساهه، محمد رسول الله

ڪافي.536

تلهه: پائي رنگ ۾ اسرار، ڪنهن جهان بنايو.

1. ڪنهن ٿ شمس، ڪنهن ٿ قمر، ڪنهن آسمان بنايو،
ڪنهن زمين، جبل، بحر، بر بيابان بنايو.

2. ڪنهن ٿ دين ۽ اسلام جو بيان بنايو،
ڪنهن مغرور بي پروڙ، ٻيو ڪفران بنايو.

3. ڪنهن پيد شاستر، پو ٿي وان بنايو،
ڪنهن توريت زنبور انجيل، آهي فرقان بنايو.

4. ڪنهن محمد شاهه نبي، راهه سبحان بنايو،
ڪنهن ملعون ۽ ابليس، ٻيو شيطان بنايو.

Gul Hayat Institute

5. ڪنهن ويساهه ۽ يقين، آهي ايمان بنايو،
ڪنهن بي راهه اڻ ويساهه، آهي نادان بنايو.

6. ڪنهن مسجد ڪعبة الله جو مڪان بنايو،
ڪنهن گنگا تيرٿ کا شيا، بتخان بنايو.

7. ڪنهن پير ۽ استاد، شاهي شان بنايو،
ڪنهن مريد طلبدار، شاگردان بنايو.

8. ڪنهن امر ۽ اقرار جو امڪان بنايو،
ڪنهن لوح ۽ محفوظ، قلم دان بنايو.

9. اي "منڌار"! رک سيار، ڪنهن انسان بنايو،
تنهنجو بولڻ ٻڌڻ ڏسڻ، ڪنهن پران بنايو.

ڪافي.537

تلهه: آئون تو چوان هڪ تون آهين دل جي يقين سين.

1. ڪي ته ڪافر تو ڪيا، ابليس جي هٿان،
۽ ٻيو محمد موڪليئي وري، دائم دين سين،

2. سڄ چند تارا تو ڪيا، آسمان جو سينگار،
وڻ گاهه تو پيدا ڪيا، ظاهر زمين سين.

3. ڪل قدرت تو سندي، جملي جهان ۾،
۽ هيءَ سنپالي ڪيترو عقل، تخمين سين.

4. چئي "منڌار" آئون هر وار انتظار آهيان،
ڳچيءَ ۾ ڳاري، ڪير زاري، تو رب عالمين سين.

Gul Hayat Institute

ڪافي.538

سڀ جنس ۾ ساحڪمت ذات هيڪڙي. تلهه:

1. "الست بربڪم قالوابليٰ" جي رات هيڪڙي،
پيدا روح ڪيئي پلڪ ۾، سا طلسمات هيڪڙي.

2. وو الله بڪل شيءٍ محيط سا آيات هيڪڙي،
سڀ ۾ سوئي الله، نورالسماوات هيڪڙي.

3. اولاد آدم ۽ حوا جو، سا نيات هيڪڙي،
هئڻ هوڏ سڀ حرام، بني بات هيڪڙي.

4. اهي "منڌار"! ڪر ويچار، سار جماعت هيڪڙي،
هيءَ سندس نور تيو ظهور، سا قطرات هيڪڙي.

ڪافي.539

تلهه: سو سردار تجلدار آفتاب مون ڏٺو.

1. وو جيئن چند تارن ۾، وي چوڏهينءَ رات جو چٺو،
وو تيئن قمر قوت دار، سو مهتاب مون ڏٺو.

2. جنهن جا ملڪ آدمي، بي ساري خلق سلامي،
سو ساري عرب عجم روم جو، نواب مون ڏٺو.

3. جنهن جي جوت جي جهلڪار، سارا عالم اُجاريا،
تيئن حضور ظاهر نور، ريءَ نقاب مون ڏٺو.

4. چئي "منڌار" ڪو اسرار، بي تعريف چا ڪبي،
قلب ڪنن، دل جي اکين سين، اهو خواب مون ڏٺو.

Gulf Hayat Institute

ڪافي.540

ٽلهه: هي ويچاري دوست جو ديدار گهري ٿي.

1. سنجهه صبح ڏسڻ سونهن لاءِ، ورونهه ۾ وتي،
ءِ منجهه حضور سندن نور جو جهلڪار گهري ٿي.

2. بنا ديد جي ٻي عيد، ڪري ڪاڻ ٿي قبول،
ءِ سڀ ڇمار، ملڻ يار جو هروار گهري ٿي.

3. طالب مولي جو مذڪر، ڇيو رسول الله،
ان اُداس ءِ پياس ۾، پنهنجو يار گهري ٿي.

4. چئي "منڌار" بيقرار، زار زار ٿي روئي،
هڪ سوال يار! وصال جو، اظهار گهري ٿي.

ڪافي.541

ٽلهه: سائين يا خدا! توکي خبر، جيڪيءَ منهنجي دل سان ٿيو.

1. منهنجو حال ءِ حوال، ٻيو احوال آهي اهو،
وو ان سور ۾ وهلور، آئون نهوڙجي نيو.

2. جڏهن يار جي ديدار جو، مون پاتو ليو،
پوءِ دل ويچاري بيقراري، من خمار ۾ ڪيو.

3. منهنجي سار ءِ سنيار، لهندو ڪير ڪل ٻيو،
سڀي سوال تون، ڪر پال ڪا، پڪي ٻاجهه سين ڏيو.

4. هي "منڌار" بيقرار، قرب يار جي ڪيو،
نه جنهن جو مرڻ نه جيئڻ، آهي سڪرات ۾ پيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي.542

ٽلهه: وو مونکي ڳالهه چيئون ڳجهي،
سا ٻئي ڪنهن سان نه ڪرڻ جي.

1. ريءَ پچار ڊولڻ يار جي، ناهي ساعت سرڻ جي،
برهه بات مشڪلات، آهي دل ۾ ڏرڻ جي.

2. منجهان ميدان تنهن مڪان، ناهي وات ورڻ جي،
ڪئين مشتاق ٿيا عشاق، مجي مام مرڻ جي.

3. ڏنئون مهميز منجهان تيز، منهنجي ڊيل ڏرڻ جي،
دل ويچاري بيقراري، ناهي ٺاهه ٺرڻ جي.

4. مهندا محبوب جي مطلوب، توبهه ڪئي مون ٻرڻ جي،
سدا "منڌار" جي وڻ يار!، هجي پت ڳالهه پرڻ جي.

ڪافي.543

ٽلهه: وو اچي لهه سماءَ سڃڻ پرين! مون درد وار جي.

1. خاطر داد جي فرياد ڪرڻ، آهي لاچار جي،
جو توريءَ تان، لڳي تي ڪاڻ، ٻڪي ٻي وينجهار جي.

2. سوين سور ۽ وهلور، خبر نا شمار جي،
تو سوا ناهي دوا، ڪا هن بيمار جي.

3. بيقراري، توبهه زاري، عشق جي آزار جي،
ريءَ ديدار، ناهي يار، ڪنڈي قرب دار جي.

4. ڪو دم جدائي، سڃڻ سائين! مون سين وجهه نه وار جي،
سڄ آزي، هيءَ نيازي، موٽي "منڌار" جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.544

تلهه: مونکي معشوق، ماريو ملوڪ حسن بندوق هڻڻ سين،
جو هڻي ٿو هوڪ دنالیون، ڏوڪ ويتر، ڪوڪ ڪرڻ سين.

1. جنهن جا زلف نانگ، ڪرن سانگ، وجهن وات ورڻ سين،
پرن واريون، تکيون ترايون، ڏاهيون ٿيون رکن ڏرڻ سين.

2. اکڙيون ڪٽين، نسنگ نيئن، ڪري خون ڪڍڻ سين،
سي ڪيف ڪٽاريون، زهر داريون، مارن ٽپ نرڙسين.

3. نڪ جون نالیون، آهن دونالیون، ڏيي ٿي باهه پرڻ سين.
تنهن نظر گهاءُ ڪيس، مداءُ ٿيس، قريب مرڻ سين.

4. ڏندن ڏاڙ، جيئن ڪماڻ، تيا چپ چاڙهه، چڙهڻ سين،
پي منجهه زبان، قئبر ڪان، چٽي دست ڏرڻ سين.

5. چئي "منڌار" درد وار، تيس شڪار، چرڻ سين،
جيئن اميد، هڻيو تير، تا ڪن هاج هرڻ سين.

ڪافي.545

تلهه: سڃڻ لاءِ هاءِ هاءِ! دل فراق ۾ رهي.

1. سڪ جو سور، ٿيو معمور، سگهي ڪين آئونسهي،
عقل شرم ۽ حياءُ صبر سوڏو، ويو ٿهي.

2. عشق اگهور، لائي شور، ماري منکيو مهي،
مڏيون مال، ٻيا خيال، دل تان دور ٿيا لهي.

3. الست ڏينهن، جڙي جيئن، سورن لاءِ آئون نهي،
جيئن لکيئي پاڻ پوڳيان، هاڻ نابڪار آئون نهي.

4. چئي "منڌار" درد وار، ڪنهن پر ملنديس آئون ڪهي،
اڻ آس، اها خاص، وجان يار وڃ وهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.546

ٽلهه: سائين! تنهنجي سڪ ۾، صبر ويو ڇڏي،
آهيان مشهور ٿي پيئي.

1. تنهنجي فراق ۾ مشتاق، سڄي سور ٿي پيئي،
نينهن نهوڙي، آئون وکوڙي، جا چڪچور ٿي پيئي.

2. رمز يار تو دلدار جي مغرور ٿي پيئي،
تنهنجي پرچاڻ، مونکي هاڻ، وڏو معمور ٿي پيئي.

3. اي تنهنجي تات، ڪرڻ وات، مونکي ضرور ٿي پيئي،
درد دکن جي منجهه پکن، آئون منظور ٿي پيئي.

4. ڪا "منڌار" جي ڇمار، آهي وهلور ٿي پيئي،
دل ويچاري بيقراري، انهيءَ دستور ٿي پيئي.

ڪافي.547

ٽلهه: مونکي مل سگهو منهنجا پرين! نه ته ويندیس آئون مري.

1. بادشاهي بي پرواهي، ڪني ساڻ چوکرين،
سٽي منهنجي آزي ۽ نيازي، هيکر آءُ ٿون وري.

2. عشق اداس، لڳي تاس، اندر آگ جا ٻري،
وو ان سور ۾ وهلور، آهيان چڪچور ٿي چري.

3. حجت کان توسان تان، ڪندي آئون نڪا زري،
وو هڪي توبهه، بي جا توبهه، ٿي جا توبهه مون ٻري.

4. ڪي "منڌار" توکئون ڏار، ساعت کانه ڪا سري،
سڪ ۾ ساهه، منهنجو ماهه، ڳارا ڏيئي ويو ڳري.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 548

تلهه: وو ان طرف تنهنجي لاءِ تا منهنجا نيڻ نهارين.

1. روز مدام، منجهه ماتام، پيا تنهنجا عاشق اوسارين،
هاءِ! فراق ۾ بي چاڪ گونڊر، ڏينهن گذارين.

2. برهه باهيون جي تولايون صبر سي نٽيون ڪارين،
هي دلگيريون، ورن ويريون، منهنجو ماهه ٽيون ڇارين.

3. وو تنهنجي تات، سي ڏينهن رات، ويچارا نه وسارين،
ڏي دلداريون، ڪي موچاريون، جي سڪ وندن ڪي سڏارين.

4. وو منهنجا ساهه ۽ پساهه، سڃڻ! توکي سنيارين،
جدائي جا ڏينهن هاڻي، هيئن تا "منڌار" ڪي مارين.

ڪافي. 549

تلهه: گهنڊ گهور، تنهنجيءَ گهوٽ، آهيان ناز نمائي،
آهيان ناز نمائي، نيٽن جي ناز نمائي.

1. تنهنجي نيڻ ۾ نينهن، محبت مينهن، دل اڪين سان.مون ڏني،
تنهن برهه عشق شوق، آئون شهباز نمائي.

2. چئي بات، پنهنجي وات، آئون مات ٿي پيئي،
تنهن زبان جي ذري، آهيان آواز نمائي.

3. مني گفتار، سهڻا يار! چپن ساڻ تو چئي،
منهنجي دل موهجي ويئي، سڻي تنهن ساز نمائي.

4. هٿ پير تنهنجا هوت ٿيا هٿيار حشمتي،
انهن عضون جي آئون آهيان، پرواز نمائي.

5. چئي "منڌار" درد وار، ٿيس شڪار اوهان جو،
ڏنئي پيار پيارا! آئون ربهي تنهن راز نمائي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.550

تلهه: رهيم روح منجهه پياس، ملڻ مشڪلات جو.

1. انهيءَ ارمان جو بيان، دل ديوان ويچاري،
گوندر ۾ تيو گذران، مونکي ڏينهن ۽ رات جو.

2. آهي ادس ۽ پياس، طلب تاس ڏسڻ جي،
اکين مان اچي تو آب، مثل تيو برسات جو.

3. صورت ساهه، منجهه پساهه، پي ارواهه منجهه اکير،
هن فراق منجهه فقير، ورق ڏڻ وصلات جو.

4. چئي "منڌار" درد وار ياد يار هميشه،
ويسر وار ناپوي، آهي قسم پاڪ ذات جو.

ڪافي.551

تلهه: هت چڏيو مونکي هيکلي، ولايت تو وڃين.
ولايت تو وڃين، ميان ولايت تو وڃين.

1. آس ۽ اُميد جا رهيم تي روح ۾،
تنهن حج منهنجيءَ جا هاڻ، پايا مڙيئي تو پڃين.

2. ڪيئن ڪري ڪٽيندیس، ڏکن جا ڏينهڙا،
سا مون هيڏيءَ جي حال جي، نه ڳالهه تو ڳڃين.

3. سهي سگهنديس ڪين آئون، ورهن جو وڇوڙو،
تنهن فراق جا فقيرياڻي ڏي، سور تو سڃين.

4. هي پيرن جا پلاند، ۽ آزيون نيازيون،
سي "منڌار" جون ميڙيون، منڌون نڌو مڃين.

Gul Hayat Institute

ڪافي.552

تلهه: منهنجيءَ دل جي تڪ تو ڏٺون، هڪدم لهي نڪي.

1. ڪو دم جدائي، قدر ڪائي، صبر تل سهي نڪي،
منهنجي دل اُداس ۽ يادآس ريءَ رتي رهي نڪي.

2. جيئن توکي وساريان، آئون گذاريان، سا باتڙي نٿي نڪي،
آهي ورونهه، رضا روح جي، ٻئي ڏٺون وهي نڪي.

3. دل ويچاري بيقراري، پرت ٻي پهي نڪي،
لاءِ جمال، هيءُ سوال، ٻئي ڪنهن کي ڪهي نڪي.

4. آهيان هيئن، ڪريان ڪيئن، جو ڪٽيل دل ٿهي نڪي.
کي "منڌار" لذت وار جي ٻئي ڪئون ڏهي نڪي.

ڪافي.553

تلهه: پار سخن پنهنجي کي، تون واعدو نا وسار.

1. الست بربکم قالوابليٰ، جي ساعت کي سنيار،
سچو هجين تہ شرط پار، ۽ ٻي ڪجي نہ ڪار،

2. هاڻ ياد ڪريو يار کي، پيو تندڙي تنوار،
هڻ دنيا ۽ هاڻ توکي، ڏينهن رهيا ٻہ چار.

3. فنا مرشد منجهان وڃي، نبيءَ جي نور کي نهار،
ٿي فنا في الله تون، الله جي اختيار.

4. اي "منڌار" پنهنجي نفس جي، تون مئي کي مار،
موتو قبل انتموتو ماري، جيءَ جيار.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 558

تلهه: محبت ماري، آئون ويچاري، ڏسو بي وس ٿي پيئي،
ڏسو بيوس ٿي پيئي، ڏسو بيوس ٿي پيئي.

1. لڳي تار ۾ وار وار، اڳ ته عشق جي تئي[1]،
نشي خمار، ڪئي بيمار، عقل هوش کان ڳئي[2]

2. شاهه منصور ٿيو مشهور، انالحق ته حق چئي،
عشق جي سور ۾ وهلور، ڦاهي قبول تنهن ڪئي!

3. چشم جي گهور، ڪئي چڪچور، هاديءَ يار جا هئي،
ڪجلين واري هئي ڪٽاري، لنگهي وجود مان ويئي.

4. منجهه ديدار، سندا يار، بڻجيون نين تيا ٻئي،
چئي "منڌار" آرو پار لنگهي، اُهي سيلهه[3] ويا سيئي.

ڪافي. 559

تلهه: پرين لاءِ روز فراق، من مشتاق آهي،
من مشتاق آهي، ته من مشتاق آهي.

1. سڪڻ جي سور ۾ وهلور، دلڙي غرق آهي،
انهيءَ اداس منجهه پياس، چت نا چاق آهي.

2. پرين لاءِ هاءِ هاءِ مرڻ مرڪ آهي،
بين سکن کي هاڻ، ڏولڻ کاڻ، ڏيڻ طلاق آهي.

---

[1] تپش
[2] ويئي
[3] ڪنڌا

راڳڻي پهاڑي

تئي امداد، هيءَ اڪاد، ٽيو نه تاڪ آهي،
3. برهه بادشاهه جو هيءُ ماهه، ڪاڌو خوراڪ آهي.

4. جنهن لاءِ "منثار" اُميدوار، اصل عشاق آهي،
سو زوراور يار، ڏي نه ديدار، ڏسڻ کان سو پاڪ آهي.

ڪافي.560

ٽلهه: ليلي ۾ لڪ يار جي هئي، ڪا مجنون مستان ڪيو، تنهن قدرت.

1. ڏسڻ سان نور ٽيو مشهور، لڳي من جان ۾ محبت،
ٽيو حيران، برين بئران، ڏسو عشقي سندي عبرٽ،

2. بديعل بيڪ، ڪارڻ ڏيڪ، ايو محبوب منجهه مورت،
ڏسي صٽفل سور ڪٽيا وهلور، اچي نه جند جان کي فرحت،

3. وهايا هير، نيڻين نير، لڳي ماهي يار سين محبت،
ڏنئي سرتاج وارو تاج، رانجهن منجهه يار ڪئي دهشت.

4. دلڙي ديوان، تئي مستان، بنا سردار جيءَ صورت،
"منثار" به محبوب ڏنو، سو مطلوب حسن، سهڻي سندو حضرت.

ڪافي.561

ٽلهه: سڪي ساهه منهنجو، پساهه ڪارڻ يار پياري،
ڪارڻ يار پياري، ڪارڻ يار پياري.

1. ڪير سوال، ڏسان شال، کي سردار پياري،
ڪٽيان ڏينهن محشر، سيئن وٽ مهندار پياري.

2. آئون ٽه فراقي، ٽيان ملاقي، سان دلدار پياري،
ٽه وڃن سور ۽ وهلور، پٽي غمثار پياري.

Gul Hayat Institute

3. اٽـــر آس، ڏســـڻ خـــاص، جـــيءَ جيـــار پيـــاري،
ڏســـان مـــان، ســـاڻ احســـان، اکيـــن ٺـــار پيـــاري.

4. چئـي "منڌـار" مـن ملـي يـار، سـڪڻهار ويچـاري،
ملاڻـــج پيـــر دســـتگير، دل اُجـــار پيـــاري.

ڪافي.562

تلهـ: تنهنجي ملڻ ڪئون ڌاران، منهنجي قلب ناهي، قـرار،
منهنجي قلب ناهي قـرار، منهنجو بـدن آهـي بيمـار.

1. عشـق ڪٽـن سـر اوکـو اهـي، برهـي وارو بـار،
هـڪ سورن جي سوداءُ گهٽي، رهـڻ نـاهي هوشيار.

2. تنهنجي طلب رهي تـات، آئـون ڪيـو منجهـ خمـار
مـت عقـل منهنجي ويـا، آئـون نشي ۾ نگهـو سـار.

3. تنهنجـي زيـارت ڪـاڻ ڊولـڻ، آئـون اُميـدوار،
اسـم لـڳ الله جـي، مونکـي دوسـت ڏي ديـدار.

4. تنهنجي ديدار جي لاءِ دلبـر! مـاندو گهٽـو "منڌـار"،
مـل اچـي مسـڪين کـي، هـادي ميـان هڪـوار.

Gul Hayat Institute

كافي. 563

تلهه: مصلام وو ئي سلام پڑهيگا. هندو أن ۾ رام رام.

1. حضرت محمد مصطفيٰ، اوپر ميرا سلام،
هر امتي رسول الله كا، هوتا غلام غلام،
2. هر پڑهيگا پيغمبر شاهه پر، كلمي كا كلام كلام،
هر پڑهيگا هندواسون پانيڑا، هر نام هرنام هرنام.
3. عشقا ميري پر آگيا، چل گيا آرام آرام،
برهي كي كمند ميري بدن كون، پڑگئي بي دام دام.
4. محرم مارا وو ئي هوتا، عشقا امام امام،
ووئي جيوين كهينگا "منثار"، نون كرينگا كام كام.

كافي. 564

تلهه: آئون پنهنجي ڊولڙ ڈي، پنڌ كري ويندس وي،
پنڌ كري ويندس وي، در نه مڙيندس وي.

1. ڳالهيون منهنجيون ڳجهڙيون دل من واريون، ني الو،
ان كي چيندس وي.
2. آئون جا گولي سندين اصل السڙئون، ني الو،
امر مجيندس وي.
3. چئي "منثار" ني وي. سر ته سڃڻ كي، ني الو،
سنت ڏرينديس وي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.565

ٽلهه: اڄ مون ٻيوسيءَ جو ڪوئي وس ڪونه هلي،
ڪوئي وس ڪونه هلي، يار مونکي نه ملي.

1. ڏوريم ڏسيون نه وي! آئون نه ملي يار کي، نه الو!
جنهن لاءِ جيئڙو جلي.

2. اصل الستئون نه وي! هئي من موهيو، نه الو!
حسن هاديءَ جي تجلي.

3. سڪ تہ سڄائي نه وي! يار سڃڻ جي، نه الو!
اندر تي آگ بلي.

4. اندر تو آڻي نه وي! جيئڙو جنين لاءِ نه الو!
دلڙي تر تلي.

5. اصل اول ڪئون نه وي! نڪٽ نصيبئون، نه الو!
پئڙم سور پلي

6. چئي "منڌار" نه وي! ملائيندم مولي، نه الو!
جن ساڻ روح رلي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.566

ٽلهه: مونکي يا مولي محبوب ملائج تون،
محبوب ملائج تون، محبوب ملائج تون!

آئون اڃ سونهين نه وي، ڪيئن ڏس ڏوريان، نه الو!
پرور! پڻهنجي پاڻ هٿ سين، هلائج تون.

2. آئـــون ويچـــاري نـــي وي، آســـن واري، نـــي الـــو!
دل جـي دلبـر جـو، ديـد ديکـائج تـون.

3. مونکـي محبوبـن سـان نـي وي، ڪـر هيکـاندي، نـي الـو!
مئـي سـان مرکـائي خوشحال ڪلاڄ تـون.

4. چئـي "منـنـار" نـي وي، وصـال جـون وٽيـون، نـي الـو!
دسـتئون دلبـر جـي پريـم، پلاڄ تـون.

ڪافي 567

تلهـ: ريهـي ڪـن رمـزن سـاڻ، منهنجـي دل موهـي اٽئـي،
منهنجـي دل موهـي اٽئـي، منهنجـي دل موهـي اٽئـي.

1. هئـي آئـون ويندڙ واڻ جـي، پنهنجـي ڪـرت ڪـار ڏي،
ڀ سـپ ڪـر سـيڙائي روڪـي، روهـي اٽيئـي.

2. دنـالي ديـدن جـي، سـڃئي منهنجـي سـيني ڏي،
پـڏي نظـر منجهـ نيشـان، ڇـوڙي جـو هـي اٽئـي.

3. باهـ برهـ جـي انـدر سـاري، جنـد جـان سـنديم،
قـرب واريءَ ڪـر ۾ ڪـري، پريـن پوهـي اٽئـي.

4. دام وجهـي دل منهنجـي، ڪمنـد ۾ قـابو ڪيئـي،
هـاڻ آهـي تنهنجـي اختيـاري، جهلـي بـي ڏوهـي ٽئـي.

5. چئـي "منـنـار" مونکـان يـار! جـانب ٽـيءَ نـ جـدا،
ڏٽـيءَ الله پـرور پـاڪ. رب جـ ي ڏوهـي اٽئـي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.568

تلهه: ڊلڙي منهنجي يار دلبر! پنهل توکي آهي پرتي.
پنهل! توکي آهي پرتي. پنهل! توکي آهي پرتي.

1. جا آهي اوهان جي اڳيان. مثل مئل ميت جي.
سا پيئي تنهنجي پيرن هيٺ. خاڪ مٽي جيئن ڏرتي.

2. آهي اختياريءَ اوهان جي. وس منهنجي ڪانوئڙي.
ونڃي وجودئون ويون. ڏيئي برهه جي پرتي.

3. بچي برهه جا باشاهه. قيد ڪرائي جنهن کي.
ڪهڙي طاقت تنهن کي. جا عشق واسينگ آهي ورتي.

4. چئي "منڌار" محبوب. هيءَ دل توکان ڏاران.
لڏتن. توڙي لک لڏتن ۽ ڪئين قسمن. ته به ساڻم نه سرتي.

ڪافي.569

تلهه: حال وارا ويم هلي. ڪنهن سان محبت ڪريان.
ڪنهن سان محبت ڪريان. ڪنهن سان محبت ڪريان.

1. ساڻي هيم سچا. ڏينهڙا گذاريم جن ساڻ.
قلب چوي نه ڪوڙن ساڻ. آئون ڪا وڪڙي پريان.

2. سانديم سور گهٽا. اورڻ لاءِ اُن جي.
آيا ڪين وري. آئون ڪنهن سان ڳالهيون ڳرهيان.

3. جيرا ڦڙ ۽ بکيون. حال انهيءَ ۾ هئي هئي.
سورن ۾ ويون سڙي. ڇاتيءَ جيون پاسريان.

4. مات جڳائي تي مونکي. ڪچ مناسب نه آهي.
ياد ڪريو ياراڻي. اڇن روئڻ جيون رڙيان.

5. چئي "منڌار" مونکي. مرڻ مناسب آهي.
ڪريو قلب ۾ قاضي. دل ۾ ڏيان جو ڏريان.

ڪافي.570

ٽلهه: اچي محبوب مون اڳڻ، منهنجي دل شاد ڪر خدا!

1. غمن ۾ ويئي آهي گذري، سنديم عمر سڄيئي ايهين،
لاهي سور بخش صحت، دل جو داد ڪر خدا!

2. منهنجي من جي مراد ڙي، پنهنجي مطلوب کي ملان،
اها آس اُميد ڙي اڻ، اها آباد ڪر خدا!

3. جيڪي محبوب ملائين، مون مسڪين کي اچي،
ته صالح ۽ سپوٽ، انهيءَ جو اولاد ڪر خدا!

4. سو "منڌار" سان دلدار، هجي گڏ يار هميشه،
سڻ سوال، بخش پال، اهو امداد ڪر خدا!

ڪافي.571

ٽلهه: درد دور ڪر سندم، تون سڻ دانهن يا رسول!

1. سنبري سور سو هزار، بيشمار مون مٿي،
اچن ڪئين گهٽا اُپار، ڪريو ڪاهه يا رسول!

2. سڀ چمار، منجهه ازار، منهنجي هر وار هميشه،
موڪل شادي، سا امدادي، ڪا مان ڏانهن يا رسول!

3. غمن گوندرن اندر، منهنجو سڀ ماهه ڳري ويو،
ڏي سرير کي صحت، ساڻ نگاهه يا رسول!

4. تون "منڌار" جي سردار! لهه سنڀار سيدا!
پيس دردر جي درياهه، تون وٺ ٻانهن يا رسول!

Gul Hayat Institute

ڪافي.572

تلهه: منهنجي دل تان دم، ديدار جي پياس نا لٿي،
پياس نا لٿي ڏي اديون! اُداس نا لٿي.

1. آئون صغيريءَ ۾ سڪ لڳي، آخيريءَ ۾ آهيان،
اجايل اجان آئون رهي، ذرو تل تاس نا لٿي،

2. نچان ملنديس، ڪي ناملنديس اها وار وار ۾ ورونهن،
هيئين ۾ هول تيا هزار، سا وسواس نا لٿي.

3. شل اڄ سپاڻي ۾ آئون وڃي، محبوب کي ملان،
رتائون روح ۾ اچن، اجا هي آس نا لٿي.

4. چئي "منڌار" درد وار ملڻ يار جي اميد،
ويسر وار نا پوي مونکي يادس نا لٿي.

ڪافي.573

تلهه: اڄ نه آهي جمعيت جان ۾، مونکي يار کان جدا.

1. بلبل بيقراري، جيئن ويچاري، ٿيو وتي،
هئي حيران پريشان آهي، گلزار، کان جدا.

2. سپ سمونڊن جي اندر، جيئن پاڻيءَ ۾ پياس سين،
مقصد مور نه ٿئيس، مينهن ملهار کان جدا.

3. جئين مڇي مريو وڃي، پاڻيءَ سڪ کان پوءِ،
تيئن مشڪل ٿيو مونکي دلدار کان جدا.

4. ءِ هلي ستايو سرتيون! محبوب منهنجي کي،
ته دلدار ٿئي ر ڏار، تون "منڌار" کان جدا.

ڪافي.574

تلهه: دل ۾ درد ۽ ارمان، مونسان يار ڇا ڪيو.

1. دلبر ڏيئي دلاسڙا، مونکي وهاري هٿ ويو،
پوءِ پوئواري نا ڪيائين، جو بي اختيار ڇا ڪيو.

2. هئي من ۾ مرادڙي پڇايائين ڪا نه ڪا سنديم،
حجت هاڻ پيئي پڇي، منهنجي دلدار ڇا ڪيو.

3. آهي بادشاهه بي پرواهه، منهنجي نڪي ساهه ڪي سري،
بي تپاس بالم يار! منجهه ويچار ڇا ڪيو.

4. چئي "منڌار" دردوار، آهي آزار ۽ اندوهه،
ڏيئي چوڪون، چڪائي چاڪ، ڪر قهار ڇا ڪيو.

ڪافي.575

تلهه: منهنجا دلدار! تو ساڻ يار! اٽڪيم روح جي رتي.

1. برهه پير ۾، نيو سنديم، پرت ڪئي آهيان پڏري،
شوق شرم، نيو سنديم آئون شاندار هئي ستي.

2. تنهنجي ڪاڻ محبت هاڻ، هستي هوڏ مون ڇڏي،
هيڏي هاڻ ٿي پيئي، غرضن منجهه آئون گتي.

3. تنهنجي يادس ۽ اداس، اٽم ورد وظيفو،
عبادت تي اها فرضي، آئون ڇاڻان ڪين ٻيو ڪٽي.

4. چئي "منڌار" مون منجهه يار، ٻيو پائيوار نا بچيو،
آهيان سموري تو سندي، ٻئي ڪنهن جي ڪانڪا پتي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.572

تلهه: منهنجي دل تان دم، ديدار جي پياس نا لڌي،
پياس نا لڌي ڙي اديون! اُداس نا لڌي.

1. آئون صغيريءَ ۾ سڪڻ لڳي، آخيريءَ ۾ آهيان،
اجايل اجان آئون رهي، ذرو تل تاس نا لڌي،

2. نجان ملنديس، ڪي ناملنديس اها وار وار ۾ ورونهن،
هيئين ۾ هول تيا هزار، سا وسواس نا لڌي.

3. شل اڄ سپاڻي ۾ آئون وڃي، محبوب کي ملان،
رڳائون روح ۾ اچن، اجا هي آس نا لڌي.

4. چئي "منڌار" درد وار ملڻ يار جي اميد،
ويسر وار نا پوي مونکي يارداس نا لڌي.

ڪافي.573

تلهه: اڄ نه آهي جمعيت جان ۾، مونکي يار کان جدا.

1. بلبل بيقراري، جيئن ويچاري، تيو وتي،
هئي حيران پريشان آهي، گلزار، کان جدا.

2. سپ سمونڊن جي اندر، جيئن پاڻيءَ ۾ پياس سين،
مقصد مور نه ٿئيس، مينهن ملهار کان جدا.

3. جئين مڇي مريو وڃي، پاڻيءَ سڪڻ کان پوءِ،
تيئن مشڪل تيو مونکي دلدار کان جدا.

4. ءِ هلي ستايو سرتيون! محبوب منهنجي کي،
ته دلدار ٿئي ءِ ڏار، تون "منڌار" کان جدا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.574

ٽلهه: دل ۾ درد ۽ ارمان، مونسان يار ڇا ڪيو.

1. دلبر ڏيئي دلاسڙا، مونکي وهاري هٽ ويو،
پوءِ پوئواري نا ڪيائين، جو بي اختيار ڇا ڪيو.

2. هئي من ۾ مرادڙي پڇايائين ڪا نہ ڪا سنديم،
حجت هاڻ پيئي پڇي، منهنجي دلدار ڇا ڪيو.

3. آهي بادشاهه بي پرواهه، منهنجي نڻي ساهه ڪي سري،
بي تپاس بالم يار! منجهه ويچار ڇا ڪيو.

4. چئي "منڌار" دردوار، آهي آزار ۽ اندوهه،
ڏيئي چوڪون، چڪائي چاڪ، ڪر قهار ڇا ڪيو.

ڪافي.575

ٽلهه: منهنجا دلدار! تو ساڻ يار! اٽڪيم روح جي رتي.

1. برهه پير ۾، نيو سنديم، پرت ڪئي آهيان پڌري،
شوق شرم، نيو سنديم آئون شاندار هئي ستي.

2. تنهنجي ڪاڻ محبت هاڻ، هستي هوڏ مون ڇڏي،
هيڏي هاڻ تي پيئي، غرضن منجهه آئون گتي.

3. تنهنجي يادس ۽ اداس، اٽم ورد وظيفو،
عبادت تي اها فرضي، آئون ڇاڻان ڪين ٻيو ڪٽي.

4. چئي "منڌار" مون منجهه يار، ٻيو پائيوار نا بچيو،
آهيان سموري تو سندي، ٻئي ڪنهن جي ڪانڪا پتي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.576

تلهه: صحبت يار تو سندي، ويئي اتم روح ۾ رلجي.

1. بنا شوق تو سندي، ٻيا خيال ختم ٿيا،
ٻيون سنسار جون سڌون، پاڻان ويون مون کان پلجي.

2. توريءَ تاکجي ويون دريون، ٻيون دلڙيءَ جون،
کليل خير کا رهي، گهٽي ٻي ذات گهايل جي.

3. علم عقل ۽ حياءَ، شرم شوق وڃايو،
سڀ گيان ۽ ڌيان، برهه سبب ويا پلجي.

4. چئي "منڌار" مون ويچار، پنهنجي قلب جو ڪيو،
ته ريءَ ديدار تنهنجي يار! دوا ڪانهي ٻي دل جي.

ڪافي.577

تلهه: بنا ڏوهه بالم يار! منهنجي دل قيد ڇو ڪيئي.

1. آهي دائم دولت تو سندي، ملڪيت کانه کا ويئي،
پوءِ زلفن واري وجهي ڳاري، لاءِ ڪڍاڙي جي ليئي.

2. جسم جان مون سندي، حسن جي تاب سان تيئي،
پوءِ دل ويچاري بيقراري، ڪنهن خمار سين ڪيئي.

3. ڪشي ڪٽاري، توبهه زاري، حسن واري جا هنيئي،
يا ڪنهن مت ڏنئي مخلوق، يا پنهنجي روح کان پيئي.

4. مونکي انهيءَ چال، سندي ڳالهه چٽي ڇو نٿي ڇيئي،
مٿي "منڌار"، رتي يار کانه قياس جي ٿيئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 578

ٽلهه: منهنجو قلب چئي، ڪنهن ريت سان، محبوب کي ملان.

1. پيرن سان پنڌڙو ڪري، انهيءَ راهه ۾ رمان،
اچي ساهه کي سڌير، جڏهن پنهنجي هوت ڏي هلان.

2. ڳالهيون ڳجهه اندر سنديون، ٻئي ڪنهن سان ڪين مون ڪيون،
سي روح چوي ته روبرو، سهڻي يار سين سلان.

3. پنهنجي حضور ۾ هميشه، جي ڪنهن ريت سان رکن،
ته مونکي منظور، تهين دستور، انهيءَ چال سين چلان.

4. چئي "منڌار" جي ديدار، پنهنجي يار جو ڪريان،
ته آئون بهار، سو انوار، پوءِ خوشحال ٿي ڪلان.

ڪافي. 579

ٽلهه: جنهن ريت سان پرچين پيارا! چو ته ريت سان ڪريان هميشه،
تنهن پير تي پنهنجو قدم، دل جان سان ڏريان هميشه.

1. جي هندو مزهب وٺيئي، ته جٽيا جسم تي جڙيان هميشه،
جي مذهب مسلماني وٺيئي، ته ڪلمو سدائين پريان هميشه.

2. جي نچڻ وٺيئي، ته پايان پيرن ۾ گهنگهريان هميشه،
ڳايان وڄايان، تالڙا تاڙيون، هٿن تريان هميشه.

3. جي اچين گهر يار منهنجي، ته ڳالهيون ڳجهيون ڳرهيان هميشه،
منهن جو مقصد ايترو، مقصد نه ٻيو گهريان هميشه.

4. جي ملين "منڌار" چئي، ته رهنر اکيان ڏريان هميشه،
ڇڏ آسون اُميدون دل جون پنيون، سڪ ساعتون سريان هميشه.

Gul Hayat Institute

ڪافي.580

تلهه: ڪيون اکين آرو اتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي،
ناهي پيڇرو چارو اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

1. زور جرئت، هي نا ذرو تدبير ۽ تجويز ڪانهي،
هلي هنر نہ عقل وارو اتي ساجن ملڻ مشڪل آهي.

2. ريءَ مصلحت منصفن جيءَ، ۽ سالڪن جي صلاح ڏاران،
لايو نيٽن نظارو اتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

3. تند طلب توڪل اها، آهي آسري الله جي ميان،
ڪندو سوڙ رب ستارو اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

4. حرمت حضرت مصطفيٰ ساڻ، مدارت مولیٰ عليءَ جي،
من ملي "منڌارو" اُتي، ساجن ملڻ مشڪل آهي.

ڪافي.581

تلهه: منهنجي مڃ منٺ آزي ڳچيءَ ڳارا! خدا جي واسطي ميان!
پرڃ مون سان يار پيارا، خدا جي واسطي ميان!

1. حرمت حضرت پيغمبر پارا، خدا جي واسطي ميان،
عيب منهنجا ڏيڪ ڏيکٽهارا، خدا جي واسطي ميان.

2. مهابي مصحف جي موچارا، خدا جي واسطي ميان،
ڏوهہ منهنجا بخش پلارا، خدا جي واسطي ميان.

3. منهجيءَ دل کي دلاسو ڏي دلدارا، خدا جي واسطي ميان!
مون تان لاهہ هي غمڙا غمخوارا، خدا جي واسطي ميان!

4. مڃ "منڌار" جون ميڙيون، عرض آرا، خدا جي واسطي ميان،
مون سان ڪر لطف لائق سپيئي سارا، خدا جي واسطي ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي.582

تلهه: تيـر وڇـوڙي منجهـ ورهيـ، ڏينهڙا لنگهيـو سـارا وڃـن تـا،
هـاءِ ملـڻ منهنجـو نـا تيـو، دم هـن حياتيءَ وارا وڃـن تـا.

1. گڏجڻ گهڙي ساعت نـ تيـو، هـي جـي سـيءَ سيارا وڃـن تـا،
ويڙا واهونـدا ڪئيـن لنگهـي، رتيـون بسنت بهـارا وڃـن تـا.

2. اُجـڙي عجيبـن جـي رهيـم، آرهـڙ ۽ اونهـارا وڃـن تـا،
نـ تيـو ملـڻ منـد ملهـار ۾ واءِ واءِ وسـڪارا وڃـن تـا.

3. انسـان پيـا پيـا عيـدون ڪـن، اهـي ڏينهـن موچـارا وڃـن تـا،
منهنجي عيد الاجي تيندي ڪڏهن گذريو ڪئين حج سونهارا وجن تا.

4. ريءَ ملـڻ "منـار" چئـي، قحـط ڏڪـار ڪـارا وڃـن تـا،
مون کي سي ڏينهن ماتم جي مثل، جي دوست ڪئون ڏارا وجن تا.

ڪافي.583

تلهه: آهـي منـا محبـوب توکـي، معـالمي هـيءَ حـال منهنجـو،
پـوءِ آئـون عـرض ڪهـڙو ڪريـان، اڳيـان تنهنجـي احـوال منهنجـو.

1. نـاهي ڪجهـو تحقيـق توکـان، تـر ذرو هـڪ خـال منهنجـو،
سـڀ پروڙيـن پـاڻ تـو، ابتـو سـبتو سـڀ فـال منهنجـو.

2. هـاڻي جدائـيءَ ۾ جيئـڻ تـي پيـو گهٽـو جنجـال منهنجـو،
جي تيـس فـوت فـراق ۾، تـ پوندئـي پـاپ بنبـال منهنجـو.

3. هـڏ چـم، لحـم سـارو جسـم، ان پيـاس ۾ پئمـال منهنجـو،
تنهنجـي وسـيلي سـان وڏي، وڻ عاشـقن اقبـال منهنجـو.

4. من موهـن "منـار" چئـي سـهڻا پريـن! سـڻ سـوال منهنجـو،
ڪر تـون پيـارل يـار پـورو، نـام خـدا هـيءَ خيـال منهنجـو.

Gul Hayat Institute

ڪافي.584

تلهه: توکي منٺا محبوب منصف! ڏيانڙو دريافَ گهرجي،
عاشق ويچاري، عاجز نماڻي، جو ڪرڻ عدل انصاف گهرجي.

1. بي پرواهي، هيڏي قهاري، ڪاوڙ قصد، نه قاف گهرجي،
لاتقنطو من الرحمة الله ايئن ڪرڻ، سچ صاف گهرجي.

2. توکي تاثير، عجيب اصيلپ، اثر موچارو اشراف گهرجي،
نوڪر پنهنجي نياز واري، جو گهٽائڻ نه اصناف گهرجي.

3. اگلايون اوڏڻ ويچاريءَ جون، لاکي ڪي ڪرڻ لفاف گهرجي،
رئيس پنهنجي ڪي رکڻ، ٻانهيءَ تي پردو پوش غلاف گهرجي.

4. مل ڪارڻ قرآن ڪلام الله، جي ڪرڻ مانائتو سو مصحاف گهرجي،
عيب هجن توڙي اکين ڏٺل، ته به ڪرڻ "منٺار" ڪي معاف گهرجي.

ڪافي.585

تلهه: منٺي محبوب جي مجلس، رمز روح ڪي وٽي.

1. جڏهن ڪري مشتاق ڏي عشاق، نظر نيڻ ٻئي ڪٽي،
تڏهن لڳن تير، منجهه سرير، عجب اکين جي اٽي.

2. ٻولڻ يار، سندي سردار، هنيئون نيو منهنجو هٽي،
سڻڻ ساڻ وڃي پاڻ، ٻئي فنائي جي ڦٽي.

3. مون تي زابر، نيشانبر، تنهن محبوب جي مٽي،
آئون بردار سندي سرڪار، چنڊيان پيزار تان پٽي.

4. ڪي "منٺار" سڀ چمار، تڪ طلب جي تٽي،
سڪ سرير، منجهه أکير، گهٽ پوي نه ٽئي گهٽي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.586

تلهه: عشق اصل آهي عريان، سمجهه برهه جو بيان.

1. ان عشق آدم کي ڪٽايو، سورن جو سامان،
چڏي بهشت جون نعمتون، ڏوريائين تي بربئينبان.

2. ان عشق عزازيل کي، مجايو نافرمان،
لقب لعنت جو سهي، تيو شوق سين شيطان.

3. ان عشق جي اري ۾، آيو شيخ هو صنعان،
چڏي دين ۽ اسلام، ڪنيائين خلق جو بهتان.

4. هڪ منصور جيئن حلاج انا الحق چوي انسان،
ڏنئي سر سوريءَ تي، ڪنهن ڪرايو قربان.

5. هاءِ امام شاهه حسين! ڪربلا ۾ ڪيو مڪان،
صوفيءَ شاهه عنايت جو، هو سر نيزي تي تيو نيشان.

6. جي "منڌار"، هيءَ پچار، ڪرين تان، پوءِ تئين جوان،
سهج سور، تي منظور، متان پوءِ تئين بي اميان.

ڪافي.587

تلهه: فهم فائدو وڏو، پر سڪ صبر نه ڪرڻ ڏي.

1. محمد شاهه جيءَ صلاح، چڳي راهه رسولي،
پر شزيعت، واٽ مٿي شوق، نٽو پير ڏرڻ ڏي.

2. علم عالمن چيو، ته آهي سمجهه سڏارو،
پر عقل رند، مٿي عشق، ائين وسهو نه ورڻ ڏي.

3. تي هسوار، ڪري آر، ته هلي تنهن وار تيڏاهون،
پوءِ مصلحت مولوين سندي، انهيءَ ٽل تان نه ٽرڻ ڏي.

4. چئي "منڌار"، تي اظهار، هيو نيهن نڳارو،
نصيحت نيڪ ڪن اچيو، ته ساجيءَ ۾ نه جرڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.588

تلهه: ڪيانتل! خير سان خبر ڏجا، محبوب جي مونکي.

1. منڪر سو مري وڃي، رکي جو دوست سان دغا،
تئي نادان نگهوسار، ڪريل جو مٽس ڪکي.

2. لنگهيا ڏينهن، وٺا مينهن، آيو ڪو نه اتاهون،
ان ورونهه، ڪيا دونهن، درد دل ۾ تو دکي.

3. ان فراق، وڌا چاڪ، جاڳيا هول ڪئين هزار،
سوين سور ۽ وهلور، پير پلاند ۾ پکي.

4. چئي "منڌار" منهنجو يار، هوئي قرار هميشه،
ته سندم پاڳ ۽ سهاڳ، هجان سرڳ ۾ سکي.

ڪافي.589

تلهه: مني محبوب منهنجي يار کي، آئون ياد هيس يا نه،
قاصد ڪل ٻڌائي ڪا نه، آئون ياد هيس يا نه.

1. منهنجي درد جو ڏيان، ڪڍهن ڪونه ڪيائون،
ڏاڍا سور ڏنائون، جو اجا ترس پين تا نه.

2. ماهيت مرض مون سندي، جي پرين ڪا پچا ڪئي،
ڪ پاڻون پنهنجي وات، چيئي عرض ساڻ زبان.

3. پيا به مون جهڙا مريض، هن حڪيم وٽ هزار،
سڀيئي پيا ڪن پوڪار، انهين درد ۾ ديوان.

4. اهي "منڌار" سندي سار، من سنيار لهن سي،
اچن پيرڙا پري، ڪا موٽي مهر ڪندا مان.

Gul Hayat Institute

ڪافي-590

ٽلهه: راتو ڏينهن روح ۾، ورونهه سڃڻ توکي ساريان.

1. ڪرڻ ڪوڙ جو ضرورو، مناسب ناهي مونکي،
چکي پير دستگير وقت جي آئون وساريان.

2. صبح ساڻ کو پرياڻ، تو اوقات اتاري،
تنهنجي طرف، وڏي شرف، ڪٽيو نيڻ نهاريان.

3. تنهنجي ديد، بنا عيد، قلب کانه کا ڪئي،
توکئون ڏار، منجهه آزار، گوندر ڏينهن گذاريان.

4. چئي "منڌار"، در دوار، سڻج يار پيارا!
ملج ميرا! هن حقير، پنهنجو سرير سڏاريان.

ڪافي-591

ٽلهه: اُپٽ ابجد علموارا، ته ڪهڙا عدد آيا منهنجا،
چئو ته ڪڏهن پورا ٿيندا، دل روح جا رايا منهنجا.

1. هڪڙي خيال پيا خطرا، وجودي کوري مثل، ڪانيا منهنجا،
سو خيال پورو نا ٿيو، تڏهن پيا پڇي پانيان منهنجا.

2. هن عشق جي آڙاهه ساڙي، جگر جلايا منهنجا،
هن باهه برهه جيءَ بکيون، پيا ڦڦڙ ڦڙڪايا منهنجا.

3. هي عضوا سمورا، عشق واريءَ تئونس، تپايا منهنجا،
جي ڏٽ فراق جا هئا چنڊ، هن جوش جاڳايا منهنجا.

4. جي يار ملي، "منڌار" چئي، ته ٿين بخت سوايا منهنجا،
اهي ڏهاڙا هوند عيد جهڙا، ٿين سجايا منهنجا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.592

تلهه: منهنجو مٺي محبوب سان، ڪو ملڻ وارو معياد ٿيندو.
چئو تون نجومي نام خدا، ته اهڙو ڪڏهن ڪو امداد ٿيندو.

1. مون اڏ مئل مجروح جو، ڪو فائدي وارو پي فرياد ٿيندو.
جڏهن دارون دوا دلبر ڪندو، دردن واري جو پوءِ داد ٿيندو.

2. مون ڏي محرم يار منهنجي، جو ڪو اچڻ وارو اوڪاد ٿيندو.
مون وٽ رهندو اچي هڪ راتڙي، پوءِ اڳڻ سندم آباد ٿيندو.

3 جڏهن ايندو، عجيب وينڊو وڇوڙو، من تن منهنجو پوءِ روح شاد ٿيندو.
هينئڙو دکن دردن، ورهين کان وري آزاد ٿيندو.

4. منهجو يقين "منڌار" چئي، تنهن عامل ڏانهن اعتقاد ٿيندو.
جو مونکي پرين پرچائي ڏيندو، شايد اهو سندم استاد ٿيندو.

ڪافي.593

تلهه: پانڌي يار کي پيار منجهان ڏيج سلاما.

1. عشق آڙاهه اندر چاهه کوري مثل تي کاما،
جيئن اڳار وٽ لهار تيئن پران اجهاما.

2. ڏجان يار کي دلدار منهنجا نياز جا ناما،
کري آزي ۽ نيازي تون پهچاءِ پئغاما.

3. چي پرچ پاڻ ننگ سجان چڏج مون ساڻ روساما،
اچي ملج هاڻ کر رهاڻ آهيون گولا غلاما.

4. تون "منڌار" ڏي کج يار موتي اچڻ انجاما،
ته تين شاديون منهنجبون مرادیون وڃن دهل دماما.

Gul Hayat Institute

ڪافي.594

ٽلهه: جنهن کي ڪيچ ملڪ جي شاهي.
تنهنکي کهڙي منهن جي پرواهي.

1. وو مونکان موچارا محبوب منهنجي وٽ، ٻيا به سو لک آهن سپاهي.
2. وو شامت پير شراکت واري، تڏهن بيحد تيس بي واهي.
3. وو پرت پنهل سان پنهنجي، آهي، نياز وارين نباهي.
4. وو مت ملڻ جي "منڌار" چئي، مونکي ڏسي جيکا هجي ڏاهي.

ڪافي.595

ٽلهه: جيجل ذات جتن سان، حج کانه هلي هوتن سان.

1. وو کنهن جو ڪارگر کين تئي، کو ڏمر ڏک ڏاڍن سان.
2. وو آئون برهمڻ بي پهچ، کهڙو شيکو کريان شاهن سان.
3. وو کيئن کريندیس ڪامڻي، آئون مقابلو مردن سان.
4. وو موتي پنهل "منڌار" چئي، هاڻي لپندم لولاٽين سان.

ڪافي.596

ٽلهه: جند جان جلي جيجل ڙي! ويم آرياڻي آيل ڙي!

1. وو ڪارڻ ڪوهيارل چام جي، مونکي پور پون پلپل ڙي.
2. وو پانيان تي شهر پنيور ۾، قيام ساڳي ڪربل ڙي.
3. وو جيجان ڙي! جت به ڪري ويا جيئن، سي گهوڙا هٿي وجن گهل ڙي.
4. وو آئون پٽ ويندیس اوڏهين، ۽ ماءُ مونکي کيم جهل ڙي!
5. وو مون مئي کي "منڌار" چئي، ڏس ڳوڙها وهن تا ڳل ڙي.

ڪافي.597

تلهه: وڃي ٻڌيءَ پنهل جي آئون مرندي،
مونکي سرتيون! هتي ڪيئن سرندي.

1. وو ڪي ڪجهه هلنديس ڪيچ ڏي، آئون جا وسان ته مور نه ورندي.
2. پيرنر! شهر پنيور ۾، آئون پاسو پڌر ڪين ڏرندي.
3. وو مان سڻن سسئيءَ جون، آئون ڪوڪونويندس پئي ڪرندي.
4. وو جي آئون مليس "منڌار" چئي، ته پوءِ آس اڪين جي پرندي.

ڪافي.598

تلهه: منهنجي ساجن ساڻڙو سنياهيو، مون ايئن نه برهمڙ پانيو.

1. وو پهه وڃڻ جو منهنجي پرينءَ، مونکي ٻاروچل نه ٻڌايو.
2. وو حرص هوس ۾ ڙي جيڏيون! مون آهي ڪو وقت وڃايو.
3. وو ڪيچين جي ڪر جي نه هيس، تڏهن جانب ڪين جاڳايو.
4. وو جي هيم معلوم "منڌار" چئي، ته هوند مونکي آرام نه آيو.

ڪافي.599

تلهه: جيئن لوڙيم لذت پنهل سين، تيئن هيءَ آيم سور ازل سين.

1. وو ڪڏهن هيس بهار پنيور ۾، ڪڏهن جر هاريو روئان جبل سين.
2. وو سڪن سورن پاڻ ۾ ڪيو، عيوض ادل بدل سين.
3. وو ڪنهن پر ملنديس ڪيچ ۾، وجي ٻيهر ٻاروچل سين.
4. مان ملان "منڌار" چئي، آئون اديون ڪنهن اٽڪل سين.

Gul Hayat Institute

ڪافي.600

تلهه: اڙ جڳائيندڙ ان سين، مون ڪيو سڳ ڪيڇ ڏٽين سين.

1. وو پاڻ ڇاڻين پنهنجي اڇي، ٻڌيس باروڇن سين،
2. وو هاڻي هلايان ڪيئن ڪري، آئون حجت ان هوتن سين.
3. وو ننڊ نهوڙيس جيڏيون! تڏهين جانب ويو جتن سين.
4. وو موڻي ملڻ "منڌار" ڇئي، منهنجو پيئر! ٽيندو بختن سين.

ڪافي.601

تلهه: ائين تان سرتيون سندئم ساهيڑيون!
مون سان ڇڏي پنهور، هليو پيڑيون.

1. وو هلو تہ ڳوليون هوت ڪي، وڻڪار، وندر، رڻ ويڑهيون.
2. وو هلي هوت بلوچ ڪي اتي، ڪريو منهنجي لاءِ ميڑيون.
3. وو متيون موڻڻ جون ڏيوم مونکي، ڪرم ڦٽيءَ جون ڪهڑيون.
4. وو مان ملان "منڌار" ڇئي، مون کي آسون اڄان اٽم اهڑيون.

ڪافي.602

تلهه: آن تان ڪانہ ڪئي همراهي، سرتيون! منهنجي هن سور ۾.

1. وو پيئر شهر پنهور جي، مون اديون! اُميد سڀ لاهي.
2. وو ويندیس رهندیس ڪينکي، آئون جا ويندیس سنجهه صباحي.
3. وو پير ڪشالا ڪيڇ جا، منهنجو لکيو امر الاهي.
4. آهي منهنجو "منڌار" ڇئي، اڳيان الاه هڪ واهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 603

ٽلهه: مون کان وک نه ڪجي، چڪير واهون.
مون ڏي موٽي پنهل اڇ پاهون.

1. وو ٽڪيءَ جون ٽر سنڇ ۾، تون دلبر! سڻ هي دانهون.
2. وو ڪيئن پچنديس ڪيچ ڪي، آهنجو آهي ڏيهه آڳاهون.
3. وو پاڻ سڃاڻي پنهنجو، ڪا مهر ڪريو مانڊاهون.
4. وو تنهنجي ملهه خريد "منڌار" چئي، آهيان بانهي ٻڌل جيئن بانهون.

ڪافي. 604

ٽلهه: اهڙو ڪوڙو واعدو ڪوهه ڏجي، يا ته عهد آريچن سان نه ڪجي.

1. وو "الست بربڪم قالو بلىٰ" اهو حرف، هيئن سي پڙهجي.
2. پاتل پير پنهل سان، اهو نيهڙو، نباهي ڪٽي توڙ نجي.
3. پڇت سارو پنهنجي، ڪٽي هوتن ۾ هٿڙو وجهجي.
4. ڪوڙن مڪرن ڪئون "منڌار" چئي، خود آپ الله، ڪنبي ۽ ڏجي.

ڪافي. 605

ٽلهه: تو طلب ته ڪوهه لڃايو ڙي، پانيڙ! پاروڇن جو.

1. وو اڳيان آريچن جي، تو ڪامڙ! ڪين ڪمايو ڙي.
2. وو جاريت انهين جي راڄ جي، سو عقل نه توڪي آيو ڙي.
3. پوري! بيڪارن سين، تو هاري، ڪيئن پاڻ هيرايو ڙي.
4. ور ڇو نه مئي "منڌار" چئي، جڏهن هوتن حرف چڪايو ڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.606

ٽلهه: منهنجو دوست ڪٿي دلبر، وو جبلڑا! ڏس ڏي مونکي.

1. وو سسئيءَ کي هن سنج ۾، هاڻي آهن سور ٿمر وو.

2. وو ڪارڙ ڪوهيارل ڄام جي، ڏوري تکيس ڏونگر وو.

3. وو هلي جا هوت پنهل ڏي، هيءَ باسي برهمڙ بر وو.

4. وو مان ملان "منڌار" ڄئي، مون سان ساڻي تيندم سرور وو.

ڪافي.607

ٽلهه: ڪو جو غم نصيب سين تيئڑو، جيجان ڙي! منهنجيءَ جان ۾.

1. وو سرتيون! منهنجي هن سور جو، آن کي قصو سڀائيندیس کهڑو.

2. وو من تہ منهنجي کي اديون! ڏسو ورهہ وکوڙي ويئڑو.

3. وو جيڪي آهي لکيو لوح ۾، سوئي پارڙ مونکي پيئڑو.

4. وو آهي معلوم "منڌار" ڄئي، منهنجو حال خدا کي هڻو.

ڪافي.608

ٽلهه: ڪيچ ڏي وڃڻ جي م ڪر وو،
ساڻ پلاڻي جي ويهہ تون پنيور ۾.

1. وو تيئن تون محبوب متان ڪرين، جيئن ڪيس مادر پدر وو.

2. وو آئون تہ اصل ڪئون آهيان، ڪمبخت ڪمتر وو.

3. وو مونکي تون سيکارج منهنجا پرين! جيڪا هجي ڄام پنهل! تنهنجي پر وو.

4. وو متان تون ڇڏين "منڌار" کي، ۽ تہ پي نجان گڏ ساڻ سفر وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي.609

ٽلهه: ڪنيزڪ مئيءَ کي ڪج وو. هوت پنهل! تنهنجي حاضريءَ ۾.

1. وو ڪيئي جا سهاڳڻ سسئي، تنهن سان وري ۾ وڇوڙو وڃهه وو.

2. وو مئي جيئري منهنجا پرين! اها محبت ڪيم منڊج وو.

3. وو آئون تنهنجي لائق ناهيان، تون چوريءَ کي ۾ چڏج وو.

4. وو مون کي ڪن ڳٽتين ڳاريو، تون دوست دلاسڙو ڏج وو.

5. وو متان چڏيئين "منڌار" کي، سو ننگڙو نپائي نڄ وو.

ڪافي.610

ٽلهه: پچيو واڌا مڙيئي وڃين ٿو پيارا، پچيو واڌا مڙيئي وڃين ٿو،
پول پاروڃل ڪيڄ ڏي ڪوهياڙا ڪوهياڙا.

1. پلو ميان! گولي گڏيو منجهه گوندرين، ٻيا وريو سور سڃين ٿو پيارا،
ڏس ٻيا وريو سور سڃين ٿو، ترس پويئي من محبوب موڃارا موڃارا.

2. پلو ميان! سگّ وارا کي، ننگ جون ڳالهيون، ڪين ڳجهين ٿو پيار،
ڏس ڳالهيون ڪين ڳجهين ٿو، پال ڪري اڄ يار پلارا پلارا.

3. حج شراڪت هئڻ جا پانيان، پانيان مڙيئي پچين ٿو پيارا،
ڏس پانيان مڙئي پچين ٿو، توبهه زاري، ڳچيءَ ۾ ڳارا ڳارا.

4. پلو ميان! ميڙيون ويچاري "منڌار" جون هي جي منڙون ڪين مڃين ٿو پيارا،
هي جي منڙون ڪين مڃين ٿو، ٻيا پاند پيرن جا پنهل پيارا پيارا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.611

تلهه: روئي روئي گذاريم راتيون اديون! ڏي روئي روئي گذاريم راتيون.
ڏاران پياروڇل پريو وڃان ٿي.

1. او مون نه وسرنديون موت سيئن، جي بلوچ ٻڌايم باتيون.
اديون ڏي! جي بلوچ ٻڌايم باتيون، ڪريو ڳالهيون ياد آئون ڳريو وڃان ٿي.

2. او منهنجي جگر ۾ ڏي جيڏيون، آهن ڪو هيارل جون ڪاتيون.
اديون ڏي آهن ڪو هيارل جون ڪاتيون، سي ويڌين ڏارين، آئون ڏريو وجانٿي.

3. او جيئري جانب نا ڏٺم، منهنجيون هونديون ڪين حياتيون.
اديون ڏي منهنجيون هونديون ڪين حياتيون، آئون نه مليس هاڻ مريو وجان ٿي.

4. او مونکي مليون "منڌار" چئي، دک درد ڏکن جون ڏاتيون.
اديون ڏي! دک درد ڏکن جون ڏاتيون، پنهنجي سر تي قبول، آئون ڪريو وجان ٿي.

ڪافي.612

تلهه: تن ڪوهيارن سان ڪري وينڊي، ڏاڍي اڙانگي سگاوت ساڻن.

1. الو ميان! قدم ڪيچ ڏڻين سان، پرم پيچي پوءِ پري وينڊي،
انگ الستي، لوح ۾ لکاڻن.

2. الو ميان! داعوا دوستيءَ جي زوراورن، ان ڏاڙيچن ساڻ ڏري وينڊي،
سڱ سسئي جو ڪين سيباڻن.

3. الو ميان! هيءَ ويچاري من هول ۾، ڳچ ڳاراڻي ۾ ڳري وينڊي،
مرض انهيءَ جي، معلوم نه ماڻهن.

4. الو ميان! محبت ۾ "منڌار" چئي، بارڻ وانگر بري وينڊي،
جو عشق ڏنون مڃ، اهو نه اجهاڻن.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 613

تلهه: آيو عشق اجهل، سر باري، آئون بيوس ويئي اختياري.

1. عشق اسان تي عمل ڪري ٿو، ۽ مون مٿي مهميز ماري ٿو،
پنهنجي وڻندي قدم پري ٿو، ٿي آهي زابر جي هسواري.

2. هنيو عشق نغارو نغارو، ٿيو اهي گم عقل جو چارو،
اهو چڏي ويو استان ويچارو، پيئي ڪلندي آهي خلقت ساري.

3. عشق مونکي چڪچور ڪيو ڏس، منجهه ڏکن منظور ڪيو ڏس،
ساري بدن کي سور ڪيو ڏس، مونکي لڳي آهي پريم ڪٽاري.

4. چئي "منڌار" آئون ٿي مستاني، دل ڪئي ديدار ديواني،
حال احوال ٿيو پريشاني، آئون پروس آهيان ويچاري.

ڪافي. 614

تلهه: آئون هڪ دل تنهنجي بانهي، مونکي اچي مل دلبر جاني!

1. زلف تنهنجا واسينگ وسيهر، ڪارا ڪيس تحقيق تليهر،
سارو بدن تنهنجو لعل سراسر، تون حق نور خدانوراني.

2. شان تنهنجو آهي بي حد بالا، عز تنهنجو آهي اڪرب اعلي،
ڪهڙي ڪريان تعريف مقالا، مٽ مور نه تنهنجو ڪو ثاني.

3. آئون سڪايل تنهنجي آهيان، پلپل پاند ڪچيءَ منجهه پايان،
دل منهنجيءَ منجهه ايهين پانيان، ته تون آهين محبوب سبحاني.

4. چئي "منڌار" محبوب! مونکي مل تون، اڳڙ اسان جي سهڻا سائين! ٽل تون
لاهه حجاب، خوشحال ٿي ڪل تون! ته سر ساهه ڪريان قرباني.

Gul Hayat Institute

ڪافي 615

تلهه: مون کي لڳي آهي محبت ذاتي، منهنجو ناهي عشق صفاتي.

1. ساهه پساه وکامي ويڙو، وڃي پاسي پرين جي پيڙو،
هڏ چم روح، سندن سپ ٽيڙو، جڏهن پرين پاتي هڪ جهاتي.

2. ساجن منهنجو سر سبجاني، جنهن تان جان جسو قرباني،
صورت ۾ آئون ٽيڙس فاني، وڏي بسمل هڪڙي ئي ڪاتي.

3. روز الستئون يار اهوئي، صحي سڃاتم ساجن سوئي،
ناهي دليل ڪجهه قطرو ڪوئي، مون تان لنئون نه ڇنڊ لاءِ لاتي.

4. چئي "منار" آسائتي آهيان، سينو ساجن سان کهڙو ساهيان،
پلپل پاند ڳچيءَ منجهه پايان، آهي جيترو دم حياتي.

ڪافي 616

تلهه: منجهه عشق آڙاهه ٻران ٽي، وو جيجل ماڻ مران ٽي.

1. سورن ڪاڙ آئون آهيان ڇائي، درد ويچارا منهنجي ٽيا دائي،
گوندر پالي آهيان نپائي، هاڻي چٽنگون سور چران ٽي.

2. سڻو سڻو سرتيون اچو سپيئي، وس وقوف ڪنا آئون ويئي،
ڏسيو ڪا وات ملڻ جي مڙيئي، ان کي زاريون جانا پران ٽي.

3. درد فراق ڦوڙائي، آهيان ماري، يار ڏيکاريم قيامت ڪاري،
توبهه توبهه آهي منهنجي زاري، ڳل واهيو لڙ ڳران ٽي.

4. چئي "منار" ٽيم دل ماندي، پچان ٽي يار پنهل جا پاندي،
موت ملي به آئون ٽيان هيکاندي، جنهن لاءِ ڪوڪون روز ڪران ٽي.

Gul Hayat Institute

ڪافي 617

ٽلهه: وس پنهنجي ڪان آئون ويئي آهيان،
هاڻي ڪرم نصيب ايئن ڪئي آهيان.

1. سڻ ٻيان عرض جڙيا منهنجا جاني!، درد فراق ڏني ڪيس فاني،
ساڻهو چون نه آهي ڪا مستاني، بيحد بيوس ٿي آهيان.

2. ڏوريو ڏيهه ڏسون، ٿي آئون ڏوريان، گهوريو گهيڙ گهٽيون ٿي سڀ گهوريان،
سوريو سير سڄڻ! تنهنجا سوريان، هادي حسن تنهنجي هئي آهيان.

3. محبت تنهنجي آهيان ماري، بدن منهنجو آهي بيقراري،
پائي زور زلف جي ڳاري، ناز نيٽن جي آئون نيئي آهيان.

4. چئي "منار" اتم دل ماندي، سڪ سورن کان وار نه آهيان واندي،
آءٌ ملڻ جي ڪر امدادي، پيش پيارل تنهنجي پيئي آهيان.

ڪافي 618

ٽلهه: ري هينڙي، ميت ٿي پئي آهيان،
تنهنجي قرب پنهل! هيئن ڪئي آهيان.

1. تو جا پرت پرين مون سان پاتي، اصل عشق اکين جي جهاتي،
تنهنجي قبوليم قرب جي ڪاتي، جنهن ساڻ وڃجي وئي آهيان.

2. تو جي ڏنم سيلهه، ٻيون سوين، سي منهنجي جان جگر منجهه پوين،
ڇيرا لنگهي ويم ڏيئي ڇو هيون، هاڻي فنا ڏنجي ٿئي آهيان.

3. ڪهليون تنهنجيون ڪامڻ هوريون، اکيون عقاب آهن اگهوريون،
نه جي چشمون مون ڏي چوريون، اُن نهوڑي نئي آهيان.

4. چئي "منار" وس نه ويچاري، تون سڻ عرض آسائتيءَ جو آري،
جا روءِ بروءِ محبوب! تو ماري، سو لوڙهه لئيو، رڙ رهي آهيان.

ڪافي.619

ٽلهه: تنهنجي جلوي حسن جهلڪار يار!، منهنجي آهي دل ڪئي مستاني.

1. وو لڳو تنهنجي نعرو نينهن جو، ۽ نيٽن وهايان ٿت نار،
هئي هئي حال ٿيم حيراني وو يار!

2. وو سڪ سمهنديس ڪين ڪي، آئون تان پاروچل! بيهار،
نند نپاڳ سندي نشاني، وو يار!

3. وو ڏکيا ڪٽيم ڏينهڑا، سائين دلبر! توکان ڌار،
ڪر ملڻ جي مئيءَ سان مهرباني، وو يار!

4. وو چوڪون چشمن جون ڏيئي، اچي ماريئي ڪي "منڌار"،
ڏٽي فراق ڪيس ڏس فاني، وو يار!

ڪافي.620

ٽلهه: مون پانيو تہ مون وٽ پنهل منهنجو هوت هميشہ هوندو.

1. وو! سڏ نہ پيم سور جي تہ ڪو منهنجو روهڙو رندن ۾ روندو.

2. وو! ڪائي ڪل پيم ڪانہ ڪاتہ ڪو ورهہ وڇوڙو پوندو.

3. وو! مون نہ سمجهيو "منڌار" ڇئي تہ ڪو مونکي لوڪ چري سڏ چوندو.

Gul Hayat Institute

ڪافي.621

ٽلهه: يار سڃڻ ٿنهنجي سانگ ستيم سانگا سڀ سنساري.

1. ريءَ ديدار اوهان جي دلبر ميان! اوڏا ڏينهن اڃانگ،
ڪٽيم دم گهڙيون لاچاري وو.

2. ورهن واٽون جوڙيون ميان وو! چلگي چلگي چانگ،
آڇيم هول گهٽا هيڪاري وو.

3. پانڌي اڇڻ جو ناهي پيچرو ميان وو! نه ته ڏيان قاصد هٿ ڪانگ،
سنديم سٽ سورنجي ساري وو.

4. مون ڏينهن گهاريا "منار" چئي ميان وو! واڌ وڃڻ جي وانگ،
پيارل! ڪانه ڪيئي پوئواري وو.

ڪافي.622

ٽلهه: وو! مون ۾ عيب ڏٺو ڪو آريچن،
مونکي چڏي ويا ڪري چورڙي چورڙي.

1. وو! مون پانيو ته هميشه هتي، ڪنديس مجلس ساڻ محبوبن،
آئون ڪا براهمڻ آهيان پورڙي پورڙي.

2. وو! ووڙيندیس وڻڪار ۾، ٻڌي آئون سندرو ثابت سورن،
هول هينئين ۾ ٽيم هورڙي هورڙي.

3. وو! مان ملان محبوب کي، ڪاهي ڪيچ ۾ وڃين ڪيچيڙن،
واٽ ميس تان ٽيس گهورڙي گهورڙي.

4. وو! ڪن منڻن سان "منار" چئي مون سان پاڻ پرين مان پرچن،
زاري واٽ نه منهنجي زورڙي زورڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 623

ٽلهه: وو! منهنجي پنهل نه ڪئي پوئواري،
ڪوئي تپاس پنهنجي تن ۾ تن ۾.

1. وو! ڪيچن جي ڪم جي نه هيس، تڏهن آهيان ور آئون وساري،
جو ڇڏيائين هن پنيور واري پن ۾ پن ۾.

2. وو! آل منهنجي عيب جي، شايد ته ڏيرن هيس ڏيکاري،
چيائون ڪوهيارل کي ڪن ۾ ڪن ۾.

3. وو! مون سان تنهن محبوب ري، هت آهي قيامت ڪاري،
ٿيو ماتم مئيءَ سان هن سن ۾ سن ۾.

4. وو! موتي مون ڏي "منڌار" چئي هاڻ: مان اچي سواري،
آهي مراد منهنجي من ۾ من ۾.

ڪافي. 624

ٽلهه: آئون لاءِ محبوبن جي مسافر وو،
ڏک ۾ ڏونگر پٽين ڏوريان ڏوريان.

1. وو! پرت وجايو پرهيز کي، آئون جا سورن ڪيس نه صابر،
وو! گهيڙ گهٽيون سپ گهوريان گهوريان.

2. وو! ماءُ پيءَ مون وسري ويا پيا سپ وسريا پائر برادر،
وو! هڪ سگ ساجن جو پئي ٿوريان ٿوريان.

3. وو! جيڪي لکئين لوح ۾، آئون ناهيان تنهن کان نابر،
وو! چاڪ الستي پئي چوريان چوريان.

4. وو! ڏسي سامت "منڌار" کي جيڪا عقل جي هئي اکابر،
وو! حال انهين سان پنهنجو اوريان اوريان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.625

تلھ: جنھن سان دلڙي وجود جي ونڊري،
وو پيئنرا! ناھي سوئي پنھل پنيور ۾.

1. وو! پنھل نيو جنھن پاڻ سان کھڑو قدر تنھين بيقدري،
جو آيو نہ عشق اگھور ۾.

2. وو! تازو ڦٽ فراق جو ھي سور تنھين جو ٿو سنجري،
آئون روز رڙندي زورا زور ۾.

3. وو! جيرا ڦڙ ۽ منھنجيون بکيون سي ٽيون آئٽن اندران اندري،
ھينئڙو ھولن جي ھاءِ ھور ۾.

4. وو! تي راھي ھن راڄ مان، منھنجو روح ٿو چوي تہ، وٽ رند، ري!
ھن لذت نہ شھر لغور ۾.

5. وو! مان ملان "منڌار" ڄئي وڃي ساڻ ثابوتي جي سندري،
اوٽ آرياڻي جي آئون اجھور ۾.

ڪافي.626

تلھ: وو! پياروجي جون پڙي جيڏيون!
روز ڪپينم ڪاتيون.

1. وو! ھوت پنھل جي ھول ڪئون، منھنجون چيھون چيھون ٽيون چاتيون.
2. وو! ڏک ۾ ڏينھڙا گذاريان. پيون آئون روئندي وھايان تي راتيون.
3. وو! پنھل سي ڪين پاريون جي مون سان ڪيائين پنيور ۾ ياتيون.
4. وو! مونکي ڏنائين "منڌار" ڄئي، ڏک سور ڏونگر جيون ڏاتيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي.627

ٽلهه: لاهي ويهه م لڏ تون، لاهه م لڏ. وو! هل نه پهچين هوت ڪي.

1. پنيا جي هن پنيور جا ٽيئي رسائيندءِ ڪڏ.
2. وو! وڃ تہ ڪيچ قبول ٿئين هت م رلائج هڏ.
3. وو! ڪر نہ ايندءِ ڪيچ ري ٻي ڪا اڏاوت اڏ.
4. وو! پانيڙ عشق پروچ جو ڪرئي سفر جا سڏ.
5. وو! متان منجهين "منڌار" تون ڏينهن وڃن ٿا ڏڏ.

ڪافي.628

ٽلهه: وو! جي ڪيئي قول پانيڙ ٻول پياريئي ڪين پنهل سين.

1. وو! جي نہ ستي هئين سسئي! نہ ورندو نہ ٽيڙءِ هول.
2. وو! جي ڪوڙيون ٽيندين ڪانڊين دکڙا تن ڪي ڏول.
3. وو! هوت هٿان تو ڇڏيو هاڻي ورندءِ ڪين وڙول.
4. وو! ڇو مئي "منڌار" ڇئي آرياڻي جي اول.

ڪافي.629

ٽلهه: وو! پيئي روهه منجهه رات، ٿي نہ ملاقات سسئي جي سڄ وات م.

1. وو! آ مل آري ڇام تون، تنهنجي تن منجهه تات.
2. وو! ور وسيلا ڪارڻي! اها وائي منهنجي وات.
3. وو! پنهل پيادي ڪي ڏنا ڏک ڏونگر ڏات.
4. وو! ان مارڳ تي "منڌار" ڇئي، ٽيندي مري ممات.

Gul Hayat Institute

ڪافي.630

تلهه: وري اچ يار! وري اچ، اچ مون نماڻيءَ جي ٿوري ٿوري.

1. الو ميان! تو لاءِ وڏيم تڪڙي، منجهه وڙول وڻڪار يار،
ڏونگر تڪيس ڏوري ڏوري.

2. الو ميان! لڳي تنهنجي آڳ عشق جي تنهن باهه ڪيا پڙڪار يار،
جا چاهه مچائي چوري چوري.

3. الو ميان! صدق توتان سپرين هيءَ ساهه سندم سؤ وار يار،
گولي پنهنجو سر گهوري گهوري.

4. الو ميان! مل محبوب "منڌار" کي سڻ سوال سندم سردار يار،
سر ڏيان ڪلهئون آئون ڪوري ڪوري.

ڪافي.631

تلهه: دل ديوان دلڙي ديوان برهه جنين جي سر باري باري.

1. الو ميان! سانگو سکن جو ويا ڇڏي، سور ڪنيائون سامان شان،
انسان قيامت ڪاري ڪاري.

2. الو ميان! صبر سهي سگهن ڪينکي نينهن ڪيا نيشان شان،
دانهن درد ڪن واري واري.

Gul Hayat Institute

3. الو ميان! ڪري آئون سڏائيندیس ڪيترو بات انهي جو بيان شان،
توبهه توبهه زاري زاري.

4. الو ميان! ڇئي "منڌار" محبوب تان سر تہ ڪنديس قربان شان،
جان صدق پنهنجي ساري ساري.

ڪافي.632

تلهه: ڪر نه حجاب، ڪر نه حجاب ٻول پيارا پنهنجي ٻولڙي ٻولي وو!

1. پلو سائين! محبت تنهنجي مون کي ڪيو ڪٽي ڪمائي جيئن ڪباب،
لونءُ لونءُ منجهه تنهنجي لولڙي لولي وو.

2. پلو سائين! طعنا مهڻا تو سندا مون ڳل موتي گل گلاب،
آئون ته جهليان تي جهولڙي جهولي وو.

3. پلو سائين! پرچ پيارا تون پرين نام خدا جي ڏي نه جواب.
چاڙهه اسان تي اها چولڙي چولي وو.

4. پلو سائين! تيندو محبوب "منڌار"، کي صحبت تنهنجي سان ثواب،
لهندا گناهه تنهنجي آئون گولڙي گولي وو.

ڪافي.633

تلهه: وو! پيڙهه ياد پنهوار، وو ڏوتي مئيءَ جا ڏاڏاٽا.

1. وو! قسمت قيد الماء تيو ڏڻ وندي تيم ڏار، وو! اکيان ڏور اباٽا.

2. وو! ماڙيچا من تان نه لهن سلڪٽا سي سنگهار وو! پکڙا جن جا پراٽا.

3. وو! جهوري جهانگيڙن جي وجود ۾ ويرو تار وو! گوندر غمن جا گهاٽا.

4. وو! چئي "منڌار" منهنجي طرف لکيو منجهه نرار وو! کهڙي ڪرم نجاٽا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.634

ٽلھ: ماروئڙا ٻيو مليو وو! دل تان دم نہ وساريان.

1. وو! شريعت، طريقت حقيقت معرفت اھو سانگيڙن جو سير.
وو! سندين ريت سنڀاريان.

2. وو! ويڙھيچن جي ورونھ ۾ نيٽين واھيان پئي نير.
وو! آب اکين مان ٽي ھاريان.

3. وو! قسمت آنديس ڪوٽ ۾ ظلمت وارو زنجير.
وو! گونڊر غمن منجھ گھاريان.

4. وو! پيئنديس پائر ۾ وڃي ڪائڙين، سان گڏ کير.
وو! اي اميدون ٽي ڏاريان.

5. وو! مولي لڳ "منڌار" ڇئي، ملندو مارو مير.
وو! گڏ من ڏينھن گذاريان.

ڪافي.635

ٽلھ: سامي ڏئي ويا سور، سور سيني منجھ سٿر.

1. وو! راول رت روئندا مون ڏنا آڏيءَ رات اسور.

2. وو! ماريو مھيسين جي مون کي تن گودڙين جي گھور.

3. وو! اچن اوقاتون آديسين جون پوربين جا پور.

4. وو! نانگا ھليا ويا ناٿ ڏي ويتر ڏئي وھلور.

5. وو! ڇئي "منڌار" آئون مان ٽيان ھنگلاچين جي حضور.

ڪافي.636

تلهه: جوڳي جلويدار وو! مون کي مان ملن!

1. وو! ڪنگڻ، ڪلابا، ڪيوٽيون جوڳين جا جنسار.

2. وو! ناد نفليون، سنک، سرليون هو ويرِ وڃائڻ هار.

3. وو! لاهوتي لائي ويا مونکي تن منجهه تنوار.

4. وو! ڪڍهن لهندم ڪاپڙي سندير سار سنيار.

5. وو! چئي "منڌار" مهيسين سين تيان هيکاندو هر وار.

ڪافي.637

تلهه: اول الله عظيم ڏڻي بي انت، خداوند باري آ.

1. محمد پئدا پاڻ ڪيائين، جيکو نور سندس نرواري آ،
تنهن نور منجهان تيا چيز نوان، سڀ جوڙ جڙي جنساري آ.

2. چارئي يار رسول ڪيا، سا چگي سنديس چوياري آ،
تحقيق سير تعريف سندير جا مصحف منجهه موچاري آ.

3. پنجتن جسم پيغمبر جو ميان، اعليٰ ان جي ڳالهه نياري آ،
لحمڪ لحمي لاءِ سندن، جا احمد چئي اظهاري آ.

4. "منڌار" ويچاري کي مرشد صاحب، سرور سمجهه سيکاري آ،
تہ ٻوڙ ٻيائي، رگ هيکڙائي، اها واٽ وحدت واري آ.

Gul Hayat Institute

راڳڻي حسيني　　تار اولنگهه

ڪافي.638

تلهه: توکي مرشد مخفي ڳالهه چئي، سا مام سمجهه "منڌارا" تون.

1. هستيءَ هوڏ هئڻ جا حلقا، سپيئي ڦٽا ڪر سارا تون،
خاڪ سڃاڻي خاڪ قبولج، منڊي ڄجان موچارا تون!

2. نفس جا رايا ڪير قبولج، خام خيال خسارا تون،
روح جا رايا صحي[1] سڃاڻج، ورق وحدت وارا تون.

3. ڪچ ڪوڙ آهين، ڪچ ڪوڙ نسورو، عشق الله جي ڏاران تون،
مرد ٿئين تان محبت رکجان، نينهن جا ڪول نظارا تون!

4. اي "منڌار"! موتو قبل ال مرجان منجهه وجود ويچارا تون،
پنهنجي استاد امين محمد کان، اثر وڻي اظهارا تون.

راڳڻي بسنت　　تار تين تار

ڪافي.639

تلهه: رسڻ ڦٽو ڪر راڻا وي!، توڙي ميار هجي مومل تي.

1. هار گلن جا هنڌ تنهنجي تي، پوئي ڏريم پاڻان وي،
موڙي اچين تون، مان مهل تي.

2. عطر عنبير، سوين سرهاڻيون، تولاءِ طول وهاڻا وي،
ڪير تيار انهيءَ توکل تي.

3. توريءَ رنگ رتول محل ۾، گادين گل ڪوماڻا وي،
روئي روئي ڳوڙها ڳاڙيم ڳل تي.

4. طبع تاڃ تنهنجي مان تر، هڪ آئون ڄڻي نا ڄاڻا وي،
ويسر مونجهه اصل، مون منڊل تي.

5. چئي "منڌار" مونکي ڏي معافي، سوڍل يار سياڻا وي،
نظر نه ڪر منهنجي ناقص عقل تي.

---

[1] صحيح

كافي.640

تلهه: سوڍل پاڻ سڃاڻج وي، ڪجان معاف گناهه گجر ڪي.

1. اچي ڪوٽ ڪٽر ۾ ڪامل، هي محلاتون ماڻج وي،
ڏيئي آب گهٽو بي اثر ڪي.

2. ڪاهي ڪاڪ ڪنڊيءَ تي ڪرهل، موڙي مهارون آڻج وي،
ته ٽئي ايمان وري ابتر ڪي.

3. ڪارڻ مومل اُٺ مهريءَ ڪي، پهرئين پهر پلاڻج وي،
اڇج ڪاڪ ۾ ڪشي ڪمر ڪي.

4. چئي "منڌار" ملي مومل ڪي، طرف تنهن جي تاڻج وي،
ته ٽئي سياڻ سهاڳ سوندر ڪي.

كافي.641

تلهه: عجب محويت مردن جي، جي هردم حق سين حاضر ناظر.

1. پنهنجو نفس نابود ڪيائون، پوءِ توحيد منزل ٽي تن جي،
مليئن پانور لقب بهادر.

2. هڪ هڪ ڏينهن ۾ چويهه هزار پيرا، ٽئي زيارت انهن عشاقن جي،
جيڪو سندن گذر حيات ڇماندر.

3. شد رحمت هوئي شوق سندن ڪي، ڏسو ڪهڙي ڪمالیت ڪا ملن جي،
ٽين نينهن نشانبر، سونهون صادر.

4. چئي "منڌار" مڪيان چشمن ڪي، پٽي خاڪ انهن جي پيرن جي،
ته ٽئي اڪين اوجر رنگ ڪانگر.

Gul Hayat Institute

ڪافي.642

تلهه: اٽر يقين اعتبار اهو، ٽ بي رنگ بيشڪ رهي ٿو رنگ ۾.

1. سڀ رنگ ۾ سبحان سمايو بي مثال، مثال ۾ آيو آهي الله اظهار اهو،
شهر بحر جبل توڙي جهنگ ۾.

2. رب ڪاريگر اهي ڪل وارو، سندس اوزار جڳت سنسارو،
ڪر ڪري ڪلتاراهو، دين حقيقت واري ڏس دنگ ۾.

3. توڙي زمينون، توڙي آسمانا، توڙي ملائڪ، توڙي انسانا،
ٽ به نور سندس نروار اهو "الانسان سري" ڏس انگ ۾.

4. چئي "منثار" مولئ ۽ مرشد مون لاءِ هدايت هيڪ هڪي حد،
سر سندس سردار اهو، مون لاءِ مالڪ انهيءَ ملنگ ۾.

ڪافي.643

تلهه: بي مثليءَ جا مثل هزار، صاحب سمجهيم سڀ صورت ۾.

1. و الله بڪل شي محيطُ، نور خدا جو نيڻن منجهه نٽ نئون،
دلبر ناهي ڪنهن ڪان ڌار، بي رنگ بيٺو آهي بشرت ۾.

2. هر هنڌ هادي هيڪ هڪوئي، ڪونهي رب ريءَ ڪنهن هنڌ ڪوئي،
ساري جهان اندر سنسار، بعضي مرد، بعضي عورت ۾.

3. ونحن اقرب، واحد ويجهو، اوڏو اکين نبضن ڪان ايجهو،
سمجهه اها سالڪ! گفتار، مولئ مخلوقي مورت ۾.

4. چئي "منثار" منهنجو مرشد، رب رسول مثل خود محمد،
دل اندر ويساهه ويچار، ساڳيو حسن ڏٺم حضرت ۾.

Gul Hayat Institute

كافي.644

تلهـ: بسنت جي گل بهاريءَ جا، سي گهرجن رنگ رتول محل ۾ .

1. تيتر كم جا كين تين سي، كنهن شهزادي جي سڏاريءَ جا .
سي جيتر آهن جوءِ جهنگل ۾ .

2. جهنگل ۾ آهن حيوان پيا، جي شائق نه آهن هيكاريءَ جا،
جنكي اچي نه عطر، عقل اٽكل ۾ .

3. سمجهي سجاڻن گوهر گلن كي، جي لائق آهن سرداريءَ جا .
جن جي اك اپٽل آهي، روز اول ۾ .

4. چئي "منثار" انهن مردن كي، مليا هوش هينئان هوشياريءَ جا .
جن اها تانگ سجاتي، پنهنجيءَ ٽل ۾ .

كافي.645

تلهـ: تن مارن لاءِ دل ماندي وي، وجان وطن منهنجي روح جا رايا .

1. كرم لكئه هن كوٽ ۾ ميان!، آئون آهيان هت آندي وي،
نه ته اسين تا ريلا، ٽر ۾ چايا .

2. سون رپو تنهنجو سومرا ميان! كين چوڙيندين چاندي وي،
مون نه وٽي تنهنجي ملكيت مايا .

3. گهران مرڻ مليو ۾ منهنجو، تين تاريلا كانڊي وي،
پاندم ڏينم شال پرايا .

4. مان قبر، "منثار" جي تئي ، پنهوار جي پيراندي وي،
پوءِ من تينم سانگ سجايا .

Gul Hayat Institute

ڪافي.646

تلهه: موڪل ڏي تہ مليرڏسان، لاءِ ڪچاڙي مونکي قيد ڪيو اٿئي.

1. ڪيئي ظلم ضعيف سين ڏاڍو، نہ تہ ڇا لاءِ هوند زنجير ڏسان،
جو مونکي ڪاهڙ جي ڪوهيءَ تان ڪنيو اٿئي.

2. مند بهار ۾ ڦوڳ ڦلاريا، سو ملڪ اباڻو اڪثير ڏسان،
جتان مونکي ڪري حڪم هنيو اٿيئي.

3. آئون ڪيئن ڇڏيان ايل اباڻو، پئي سانگيئڙن جو سير ڏسان،
۽ ڪهڙو روح منجهه خيال رهيو اٿيئي.

4. چئي "منڌار" وجي ملڪ انهيءَ ۾، حضرت محمد مير ڏسان،
۽ لوئياريءَ کي ڪوهه ليو اٿيئي.

ڪافي.647

تلهه: پنهنجي وطن آئون ويندس وي، اها اُميد الله ۾ آهي.

1. پڪا ۽ پيرون ساڻ پنهوارن، ڪائڙ ملڪ ۾ ڪيندس وي،
وجهي ٽاڪ ٽڪر جيءَ ۾ ٽاهي.

2. هيءَ حقيقت حال منهنجي جي، چاچاڻن کي چيندس وي،
ڳالهه ڳجهي منهنجي، اُن کان ناهي.

3. ثابت سيل رکي سانگين جو، نيکي اباڻي نيندس وي،
ڪين ڇڏيندس لوئي کي لاهي.

4. چئي "منڌار" مليرجي، پوءِ پيرين پنهوار کي پيندس وي،
سنت سر قدمن تي سنباهي.

ڪافي. 648

تلهه: آئي آئي منڊ بهاريءَ جي، پون ياد ولهار، ٻيون ويڙهيون.

1. منڊ بهار، سرهاڻ وڻن ۾ گلن جي گلڪاريءَ جي،
سي خوش بويون، ڪٿوريءَ جهڙيون.

2. آهيان پياسڻ، لاءِ پنهوارن، آس اُميد اڇياريءَ جي،
ڏسان شال سندين ساهيڑيون.

3. سزا ملندئي سومرا! هت پنهنجي ظلم قهاريءَ جي،
جو باند ڪري مونکي، وڏئي ٻيڑيون.

4. چئي "منڌار" منگڻ مولئ ڪان، سنديس ٻاجهه ستاريءَ جي،
مان مجي منهنجون منٿون ميڙيون.

ڪافي. 649

تلهه: برهه جو رنگ بهاري وي، جيئن چاندوڻ گلن جي چر چر.

1. عجب يار عجيب جي آئي، ڪري محبت ميگهه ملاري وي،
جيئن ٽڙ ڦڙ مينهن وسن ٽا ٽم ٽم.

2. جيئن ساز سردو مٽي ڪي سهٽيون، پريون نچن نرواري وي،
تيئن چيريون وڃن چاتيءَ ۾ چر چر.

3. تن منهنجي ۾ تار طلب جي، جند جان وڃي سڀ ساري وي،
جهاتيءَ جهٽڪ جهونگار جي جهر جهر.

4. نوان نوان رايا روح منهنجي تي، ڪريو جدا جدا جنساري وي،
ڪئين سو قسم ڪرائي، تو ڪر ڪر.

5. چئي "منڌار" ته عشق جي آئي، منهنجي سيني منجهه سواري وي،
ڪنهن ڏام حڪم دهشت سان ڏم ڏم.

Gul Hayat Institute

ڪافي.650

تلهه: عشق آيو اظهار ميان، هلي عشق آيو اظهار ميان!
جو پنهنجا حڪم هلائي ٿو هر هر.

1. قبضي دل جو تخت ڪيائين، ٿيو سوپارو سالار ميان!
سڀ وٽي وجود ويو، ڏيئي ور ور.

2. جڏهن شينهن شهر ۾ ساکن ٿيئرو، ههڙو حشمتدار ميان!
سڀ جان جسم تڙکي ٿو ٽر ٽر.

3. مڙيئي مڪان مطيع ڪيائين، تو تاب ڪري تڪرار ميان!
آهي برهو باهه جيري جيئن ڇر ڇر.

4. چئي "منڌار" ملڪ مڙيئي، جو سوئي مالڪ ٿيو مختيار ميان!
جنهن جي فتح جو پڙهو، گهمي تو گهر گهر.

ڪافي.651

تلهه: روئج ر عاشق رهج صبر ۾، سڪ جو سور لڪائيج تون.

1. تورون ٻڌ تن ۾، مخفي من ۾، ڳالهه پرين جي ڳائج تون،
ته سڌندئي سيئي هو ڪن ڏيئي، بين ڪي ڪير ٻڌائج تون.

2. برهه جون باهيون، چوري چاهيون، من ۾ مچ مچائج تون،
ڳجهڙو ڳجهه ۾، مخفي منجهه ۾، پرت سين پاڻ پچائج تون.

3. مخفي محبت، سچي آهي صحبت، واءَ منجهه ڪير وڃائيج تون.
ته ساجن سڪ سين، لپندي لڪ سين، پڌرو ڪير پچائج تون.

4. تنهنجو ميلو، ٽئي سويلو، ۽ نقطا هي دل لائج تون.
اي "منڌار" ٿيءُ هوشيار، قرب ته ائين ڪمائج تون.

Gul Hayat Institute

ڪافي.652

ٽيڪ: سڪ ساجن جي بي صبري، منجھ عشق صبر تل ناهي وو.

1. وڃن ٻيون واهون، ڪرڻيون دانهون، عشق اچي جڏهن ڪاهي وو،
پوءِ نت نت روئڻ، عقل نه هوئڻ، ڏاهپ وسري ڏاهي وو.

2. قرب سين ڪامڻ، ٻيڻي ٻانيڻ، پنهل جو نام پچائي وو،
روئيندي رند ۾، پيادل پند ۾، هلي لاڳاپا لاهي وو.

3. سڪ ۾ سهڻي، رات نه رهڻي، پيئي ڪنن ۾ ڪاهي وو،
جهلي نه جهل سين، ڪنهن اٽڪل سين، طلب نٽي ترسائي وو.

4. هير ويچاري، محبت ماري، جا سامهڙا سڏائي وو،
هلي هاڪاري، چڙهي نظاري، رانجهن سان لڻڻ لائي وو.

5. فرهاد ڦوڙا، ڪٽيا هيڙا جو موهيو شيرينءَ سهائي وو،
سڪ نه سمهڻ ڏي، ڪين رهڻ ڏي، برهو ٽڪر ٽڪائي وو.

6. يوسف ڪارڻ ٽي، هئي زليخان وڙولي ويس مٽائي وو،
عشق اشاري، چڙهي نظاري، ۽ املاڪون اچلائي وو.

7. شاهه حضور، ٿيو مشهور، ته اناالحق الائي وو،
صبر نه ڪرڻو، اڳ پوءِ مرڻو، سر ته ڏنئين منجھ ڦاهي وو.

8. مات نه ڪرڻي، آڻو رب ارڻي، موسيٰ ايئن الائي وو،
او ماندو ملڻ لاءِ رب جي ڏسڻ لاءِ، من پرور پاڻ پسائي وو.

9. برهه نٽيڙو، منجهي پئڙو، عشق اهوئي آهي وو،
جو قادر ڪل ڪان، اصل اول ڪان، پوءِ ڪير ڳنس سمجهائي وو.

10. آهي "منڌار" ته ري اختيار، عشق اختيار وارو آهي وو،
آڻون ته وايچارو، هو وس وارو، جو پنهنجا حڪم هلائي وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 653

تلهه: سگهو مل ساجن! سڪ ۾ مران ٿي، پرچ پرين! اڇ پيارا يار.

1. آئون جا ويچاري، دردن ماري، هئي هئي دلبر توکان ڏار،
سکان پيئي ساريان، هنجون پيئي هاريان، نيٽن وهايان نت نت نار.

2. فراق جو پيندو، هي ڏک ايندو، سامون نه خبر پيئم ڪا چار،
آئون جا آڳاتي هئي اٽڪاٽي، سور پرايم سپيئي ڇمار.

3. آءٔ مل يارا! جيءَ جيارا! مون ڪي تنهنجي تات، آهي تن ۾ تنوار،
آئون جا اداسڻ آهيان پياسڻ، پل پل ڪريان پيئي پڪار.

4. ڪڏهن تون ملندين، مرڪي ڪلندين، ڪي موتي ملندين ڪي "منڌار"،
آءٔ سر گهوريان، ڪلهن تان ڪوريان، ساهه صدق ڪريان سؤوار.

ڪافي. 654

تلهه: آئون نه پڳيس منزل ڪي، ٽڪيس اڇي، مل تون جڙيا جاني!

1. ساڻ اشاري، مئي ڪي ماري، جا دل ڪئي منهنجي ديواني،
ڪريان ٿي دانهون، پچايان راهون، لاءِ ملڻ جي آهيان مستاني.

2. تنهنجي ڏسڻ لاءِ، يار پسڻ لاءِ، جو حال منهنجو ٿيو حيراني،
سهڻل سائين! ديدار ڏيکائين، سر مبارڪ سبحاني.

3. هيڪر يارا، دوست پيارا! مون سان ڪج مهرباني،
منهنجي لاءِ، ڪو پاڻ پلائي، ڪر اچڻ جي احساني.

4. تون "منڌار" ڪي، اُميدون وار ڪي، پلڪ پساءِ پنهنجي پيشاني،
آئون تنهن ويرا، لک لک پيرا، سر تي ڪنديس قرباني.

Gul Hayat Institute

راڳڻي بسنت　　تار تين تار

ڪافي. 655

تلهه: برهه بهادر آهي شڪاري، اڇيو ماري تو عشق اميرن ڪي.

1. نينهن نهوڙي ڪن نام ڪٽن ڪي، ۽ پڇي تو ڪين صغيرن ڪي.

2. ڪريو هزار حسن جا حملا ۽ چوڑي تو ترڪش تيرن ڪي.

3. ۽ شاهه سوين سلطان ڪيو سوگها، ٻيا وڪڙ وجهي تو وزيرن ڪي.

4. چوي "منڌار" مجروح آهي تيو، پوءِ پرنن پاڻ فقيرن ڪي.

راڳڻي ٽوڙي ڪيڏارو　　تار تين تار

ڪافي. 656

تلهه: عشق امير کهايا ڪامل ڏس، شاهه سوين سنگسار ڪيئين.

1. ڪل نبين تي ٿي قادر، سختين منجهه سردار ڪيئين.

2. حسن حسين شهيدن جا، ڏس قاتل آڻي ڪنار ڪيئين.

3. ڪيئن منصور جهڙن مردن ڪي، سوريءَ تي هسوار ڪيئين.

4. شمس تبريز جهڙن سورهن تي، قاضي ۽ ملان قهار ڪيئين.

5. شيخ صنعان جهڙا ڪئين سالڪ، دين مذهب کان ڏار ڪيئين.

6. لک فقير فرهاد جا شامل، سر فدا سچيار ڪيئين.

7. صوفي شاهه عنايت، جن جا پالن تي ڪاپار ڪيئين.

8. اي "منڌار"! محبت وارن جا، اهڙا عدل آچار ڪيئين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 657

ٽلهه: سڀ قسم تي سڪانگر زابر، قادر نينهن قهار ٻڌم.

1. اول عشق الله تي آيو، تڏهن جوڙ جوڙيائين جنسار ٻڌم.
2. عزازيل تي عشق جو آيو، سو قرب جو ڪيل ڪفار ٻڌم.
3. آيو هو عشق آدم ۽ حوا تي، سي ڏارون ڏار ٻڌم.
4. هڪ هاروت ماروت، ملڪ ٻئي، سي ڪوهي اندر گرفتار ٻڌم.
5. محبت موهيو ڪل قسم ڪي، جي عالم ارڙهيئن هزار ٻڌم.
6. جو وٽندي‌ءَ جو واپار ڪري تو، سو عشق عجيب اسرار ٻڌم.
7. چئي "منڌار" مرادن اندر، سڪ ۾ سڀ سنسار ٻڌ.

ڪافي. 658

ٽلهه: برهه بهادر ڪل مذهب ۾، عشق سڀهه سالار آهي.

1. ڪٽان ڪفر سان ڪري لڙائي، ڪٽان در عالم ديندار آهي.
2. ڪٽان پيرويءَ ڪان پٽيرو، ڪٽان ڪٽان ڪفار آهي.
3. مشتاقن جي مارڻ واسطي، حسن سندس هٿيار آهي.
4. ڪٽان ڪسڻ لاءِ ڪنڌڙو سنپائي، ڪٽان ڪات قهار آهي.
5. سيني فرقن تي سڪانگر، عشق اصل اظهار آهي.
6. ڪوهه ڇاڻان، نه ڪنهن جو ساڻي، منجهه عجب "منڌار" آهي.

Gul Hayat Institute

راڳڻي ٽوڙي ڪيڏارو

تار تين تار

ڪافي. 659

تلهه: خواب خيال ڏٺي هڪ صورت، جتي شمس قمر شرمايا ٿي.

1. طور سينا جهڙا ڪي جبل، سو تنهن تجل تاب جلايا ٿي.

2. حورن حسن پسڻ جي خاطر، لک لک ليئڑا پايا ٿي.

3. جن ملائڪ ۽ انسانا، تنهن شڪل سونهن سجهايا ٿي.

4. چئي "منڌار" مون جهڙن منگتن، اتي ڳاڇ هزارن ڳايا ٿي.

ڪافي. 660

تلهه: هي مشڪل ماڻ پروڙڻ مطلب، مون ڏي يار جي ڳجهارت ڪائي آئي.

1. سالڪ هوئي ڪو سڃاڻي سمجهي، هيءَ اوکي اشارت آئي آئي.

2. جتي علم عقل جي جاءِ نه ڪائي، ڪا اهڙي عبارت آئي آئي.

3. پارون پرين جي ٿي پرڪڻ واسطي، نجهان کهڙي ڪشارت آئي آئي.

4. چئي "منڌار" منهنجي من جيءَ ۾، رهي ڪانه وسارت ڪائي ڪائي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 661

تلھ: عشق بي آرام ڪيس، تيا دل تي درد گھٹا گھٹا.

1. مون ضعيف يتيم تي، آيا سنبري سور ڪئين،
سي جان منھنجيءَ کي جدا ڪريو، وجن تا ڪٹا ڪٹا.

2. ڪڍھن ٻڌان ۽ غوطا کان، ھن درد جي درياءَ ۾،
ڪڍھن چوڏاري آھي چاھ، آئون منجھ باھ، سچوئي سڙا سڙان.

3. ھاڻ مرڻ وس منھنجي ناھي، ۽ جيئڻ جڳ ۾ جنجال تيو،
ھي ڏکيا ڏينھن ڇمار جا، آئون پيڙو، پساھ ڪٹان ڪٹان.

4. ھن مھل "منڌار" سان ھمراھ تيءَ حيدر علي!
سائين يا حسين! حمايت تيو، ونو ٻانھون ٻئي ڇٹا ڇٹا.

ڪافي. 662

تلھ: منجھ اري آيو آھيان، مشڪل بچڻ تو مران مران.

1. امر سان پيڙس اچي، ھن باھ جي پڙڪار ۾،
مچ اندر ماندو گھٹو، ٻوساڻجيو تو ٻران ٻران.

2. سمند سورن جي اندر، ڪن ۾ ڪري پيئڙو آھيان،
آئون اصل اڇاڻ بي تارو، پلا ڪيئن تران تران.

3. ويا وکوڙي ورھ وھلور، ۽ سؤ سور ڪئين،
لادوا لاچار آئون، منجھ پير پيڙو ڳران ڳران.

4. ڪجھ واجب ڪينکي، اھي مناسب "منڌار" کي،
پر بي وسيءَ لاچار ڪئون، ڪوڪون، گھٹيئيءَ تو ڪران ڪران.

ڪافي. 663

تلهه: ٽيئر سور سيني ۾ گهٽا، جي مايو سگهن مون وٽ نٽا.

1. درد ڪان دانهون ڪريان، مون ڪي صبر سهڻ لاچار ٽيو،
ڪچان تان ڪڙو ٽيان، ڪنهن سان ڪريان ڪيرت ڪٽا.

2. غم گهٽا گهاٽا ٽيا، افسوس ۽ ارمان ٻيا،
سي اندر آهن سڀيئي، سامان سورن جا سٽا.

3. سو درد دل تي هئا، عاجز اڳي ڪيڙس رني،
تان طرف ڪان تازو وري نئون مرض هيءَ جاڳيو متان.

4. ۽ هو مرڻ "منڌار" جو، اڳ پوءِ انهيءَ آزار ۾،
تان مؤت جي معجون هيءَ، پرين ڏني پنهنجي هٿان.

ڪافي. 664

تلهه: سي لکيا پيو لوڙيان، سؤ سور منهنجي نصيب ۾.

1. انگ الستي جينئن لکيا، قلم قابوابليٰ ڪنئون،
سي سيلهه سيني جي اندر، ٻيا انبور منهنجي نصيب ۾.

2. ٻجهان ڏينهن ميثاق جي، ورهن سندو واڙو مليو،
سي ڪٽي ٻيو ڪير جي، وهلور منهنجي نصيب ۾.

3. ڏک ڏنم ڏاڍا گهٽا، ٻيا هؤول هينڙي تي هزار،
تن سون دکن دردن سندا، دستور منهنجي نصيب ۾.

4. منهنجو ڪرم "منڌار" چئي، آئون ڏوهه ٻئي ڪنهن کي ڏيان،
سڀ مٿي سر تي مجيم، مزکور منهنجي نصيب ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي 665

تلهه: سڻ سنديم هيءَ دانهن ۽ فرياد، مالڪ ياخدا!

1. آئون ڪريان ڪيئن ڪوڪ هي، ٻي عرض آدم بنيءَ ڪي[1]،
جو تو بنا تدبير ٻي، نايااد مالڪ ياخدا!

2. درد دل منهنجيءَ سندا، مؤلي مهر سين ميڙ تون،
ڪر عطاالله سو، امداد مالڪ ياخدا!

3. مون ڏکويل کي ڏسي، تون ڪر شرع قادر ڏڻي!
ڪر عدل انصاف سين، منهنجو داد مالڪ ياخدا!

4. منڪر منا "منڌار" جا نمبريل مڙيئي ناس ڪر،
ته پوءِ پليتن کان ٽيان، آزاد مالڪ ياخدا!

ڪافي 666

تلهه: جيءَ منهنجي ۾ ڏي جيڏيون! آهي يادگيري يار جي.

1. خواب ۾ صورت سندين، ڪو ذرو ظاهر هئي،
تل گهڙي تجلي ڏنيم، تنهن نور جي جهلڪار جي.

2. معلومي هن مرض جي، خبر خاوند کي آهي،
ڪير چاڻي ڪو ٻيو، هن برهه جي بيمار جي.

3. دم پلڪ دل تان ذرو، آئون ته ڪين وساريان،
وائي منهنجي وات ۾، پرينءَ جي پچار جي.

4. آئون ڪريان هر روز تو، سوال صاحب کي سدا،
اها اندر منجهه آسڙي، سامن پچي "منڌار" جي.

---

[1]

كافي. 667

تلهه: اڄ اسان جي دوست دلبر، يار گهر آيو هلي.

1. مون جنهين جي واسطي، پير پوڄيا ٿي ولي،
سو اگهڻ آيو اسان جي، مرتضيٰ مولي علي.

2. مون سڪندي سال ٿيا، پر ڪانه منهنجي ٿي چلي،
اڄ وڏا احسان ٿيا، جو محبوب لاٿي مشڪلي.

3. گهورون گهوريان تنهن وات تان، جا وڃي آيو ڳلي،
ٻيو سر سندم سنت ڏيان، پوءِ من وهي خوش ٿي ڪلي.

4. مون بسم الله چئي آمين سان جهولي جهلي،
من سنديون "منڌار" چئي، پنيون مرادون ٿي پلي.

كافي. 668

تلهه: وڃ راه تان رحمت ملي ٿي، آسري الله جي،
ان پير تي پورو رهج، رهبر رسول الله جي.

1. پڙهه توبهه استغفار ادا! ته ڇڏي غير گناهه جي،
ڪٽي قلب کي ڪلمون پڙهاءِ، ته بچين پوڪوئن باهه جي.

2. گهر خير تون خاوند وڃان، خالق خلق الله جي،
پي پن سدا تون پنج ڪٽي، ڪئون دادلي درگاهه جي.

3. اهو نفس نقصاني سمجهه پنهنجي نظر سان نگاهه جي،
ٻيو حرص شيطاني هٽائج، هٽان حق همراهه جي.

4. مرشد کي مڃ "منڌار"! تون، پنهنجي اُکنڊ سين ارواح جي،
تان لنگهي لانگها وجي، هوند مدد محمد شاهه جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 669

تلهه: مون ڪي اميد اها هئي، تان آئون ڏسندس يار ڪي،
سا آس پوري ڪين ٿي، تنهن مرض ڪيو "منڌار" ڪي.

1. طاقت ناهي تل جيتري، جو حڪم ريءَ اڳتي هلان،
اهو اذن مليو نه مون، اصلئون امر بردار ڪي.

2. نينهن آئون نانگو ڪيس، هاڻي صبر سهڻ لاچار ٿيو،
پي ناهي دوا ديدار ريءَ، مون برهه جي بيمار ڪي.

3. پي ڪل ڪهين ڪي ڪانه ڪا، منهنجي پيڙ پروڙي پاڻ تو،
هن منهنجي حال جي، پي سڌ ناهي، سنسار ڪي.

4. ڪيئن ڪريان قدرت ناهي، زور مون ضعيف ۾،
جو سڏي سريها چوان، تنهن بالم بي اختيار ڪي.

ڪافي. 670

تلهه: مون ڪي مان نصيب ٿئي، ظاهر زيارت يار جي.

1. پٽي پرين جي پير جي، سو سرمون اکين جو ڪريان،
آئون انهيءَ اميد ۾ آهيان، پوڃاري پيزار جي.

2. آئون اصل ڪان آهيان، بلبل حسن جي باغ جي،
من وٽان وري واسنا، تنهن گل چمن گلزار جي.

3. آئون جنهن جي واسطي پيئي سڪان، ساهه پساهه ۾،
من مهر مون تي ٿئي، تنهن صورت جي سردار جي.

4. منهن ڏسي محبوب جو، پوءِ ساهه سڇڻ وٽ ڏيان،
اها اندر منجهه آسڙي آهي، مدامي "منڌار" جي.

Gul Hayat Institute

كافي. 671

تلهه: وڃ ادا قاصدا منهنجي محبوب جي، لهي آ خبر.

1. وڃ وڃي ويهي ڏسج، اتي رمز ڍولڻ يار جي،
تہ ڪو ذرو تل ياد ڪن تا، ڪي هيءَ نماڻي ۽ نڏر.

2. ڪيترا ورهيه وڃوڙي جا، لکيا لوهه قلم،
وڃي پڇج پرين کي، تون ابجد اسان جيءَ جا اکر.

3. دک درد سورن اندر، مون سکندي سال تيا،
ڪونه ڪو مون ڏي مکو، ڏڍ ۽ دلاسو دلبر.

4. منهنجي پارئون تون ڪجان، آزيون عجيبن کي اُتي،
پوءِ من ڪرن "منڌار" ڏي، سي موتي نوازڻ جي نظر.

كافي. 672

تلهه: پاڪ پرينءَ جي پيشاني، تون پاڻ ۾ صورت پچاءِ.

1. غير واري گمان کي، واجب اٽئي دل تون وڃاءِ،
۽ حسن پرين جو حقي، ڪنهن رمز سان من تي رهاءِ.

2. تي فنا محبوب ۾، تان تو ۾ سا صورت سماءِ،
۽ نقش نرمل جو اُتاري، سو پنهنجي دل تي لکاءِ.

3. محبت رکي محبوب ڏي، ڪٽي تندتون تون وڃاءِ،
۽ ذڪر ذاتي ذوق ميان، هو هوءَ جي ٻولي هلاءِ.

4. تون منجهان هوند تون ٽئين، هاڻي تون کي تون ڪٽي تن لاءِ،
موتو مري "منڌار" تون، جا مون جيئڻ جو پختو پاءِ.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 673

ٽلهه: معاف ڪر منهنجون مدايون، تون سڃاڻج پنهنجو شان.

1. تون آهين محبوب مالڪ، پاڪ پستئون پهلوان،
ء ڪل مٿي قادر آهين، شير خدا شاهي سجان.

2. هاڻي صحيح توکي مون سڃاتو، جان دل اکين ڪيڙو ڏيان،
پوءِ ويو لهي من تان مڙيئي مون کي، غير خطري جو گمان.

3. پيس تنهنجي پوش ۾، سائين ننگ سندئي آهي نيشان،
ء ڪو سندم پڙدو رکج، ڏک عيب ڏي، مون کي ايمان.

4. تو سندو "منڌار" منگتو، پٽ سڏائيندڙ پان،
ء حوض ڪوثر جا پيالا، ڪرم ڪر مون کي ڏج دان.

ڪافي. 674

ٽلهه: تنهن دوست جي ديدار ۾، اچي مينهن محبت جا وٿا.

1. ڪيئن ڪندا جي ٽيا بندا، امر ڊولٽ جي بڌا،
سر سنت رکيئون سندا، ڪنهن قرب پرين جي ڪٿا.

2. ڏسڻ سان مطلوب جي، ماريس قرب قلوب جي،
ء واسطي محبوب جي، ڪئين سور سر تي مون سٿا.

3. مولي محبوب ملايا، عجيب اگٽ تي آيا،
اچي پير پرين پايا، جي ڪنهن قضا سين هٿا رٿا.

4. منجهه ڳچيءَ "منڌار" جي، پيئي دام دردن وار جي،
ء هٿان هادي يار جي، ڏس ڪان ڪجليون ٽي ڇٿا.

ڪافي. 675

ٽلھ: منھنجيءَ دل تي آڙاھ عشق جا، ٻاروچل پنھون ٻاري ويو.

1. ڪيچئون ڪوھيارل ھتي اچي، محبت ڏني مون مسڪين ڪي،
سي وقت مونکي سور ٿيا، جيڪي ھت گھڙيون گھاري ويو.

2. پھرين دل رکي مون ڏوٻياڻيءَ سان، قرب تان ڪيڏا ڪيئين،
سچيون سٽائي سارو لحر، ڳالھيون ڪري ڳاري ويو.

3. آئون گڏ ستي ساڻس ھيس، ننڊ مون نياڳيءَ کي ھئي،
پوءِ اُٺ تي چڑھي اڌ رات جو، سو انڑو اُتاري ويو.

4. ھن پنيور ۾ پينر ٻڙي! سڪ عيش سمھڻ ۽ ويھڻ،
سي خان پنھل منھنجي خيال تان، ۽ وسھو تہ سپ وساري ويو.

5. آئون ھيس اڻ ڄاڻ، پي ھت عيش عشرت ۾ گھميس،
پوءِ سڪ جا سبق پاڙھي، پنھون سسئيءَ کي سيکاري ويو.

6. ھاڻ ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڏونگر جبل جاڙي جيڏيون،
ڏک ڏکڑا، پنڌ پھڻ جا، ڏيئي ڏاج ڏيکاري ويو.

7. مون کي چڏي "منار" چئي، ھاڻي ڪيئين ھت ھيکلي،
ڪري جدائي جيڏيون، ماري نکي جياري ويو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 676

تلھ: حق لا اِلٰـه الا الله چؤ ذڪر تحليل جو.

1. هي تحفو محمد نبيءَ لاءِ، ليڪيو عرش عظيم تي،
سو قلم قدرت سين هليو، جڏهن ڇهر نه جبرائيل جو.

2. قالوا بلي، واري وقت ڪي، ڇو وساري ويهي رهيون،
ياد ڪر يقين سين ميان! سو اسم رب جليل جو.

3. رايا نفس جا سي ڇڏي، حق پاڪ جا ماڻج حضور،
ڇو رکين تو وسوسو، ميان شيطانيءَ دليل جو.

4. اي "منڌار" مرشد پاڪ ڪئون، توکي اها تلقين تي،
سو ڇوڙ ثابت رکج ميان، امين محمد اصيل جو.

ڪافي. 677

تلھ: جو ڪرين نصيحت تو ٻين ساڻ، پنهنجي پاڻ کي ڇو نه سمجھائين.

1. ماڻهن سان مصالا[1] ڪرئين، عمل ان تي آپ نه ڏرئين،
ڇڏ ڇمار وجيئي تي ڇاڻ، ڪيئن تو پنهنجو پاڻ پڏائين.

2. اصلئون ڇا مان پئدا ٿيئڙون، پوءِ ڪهڙي خيال خوديءَ منجھ پيئڙون،
ءِ سو تون نسل سجاڻ، سمجھ صحي ڪر، ته تون ڇا آهين.

3. ڪفر تو منجھ دين به منجھئي، سوجھي سمجھ صحي ڪر سوئي،
لاهج من پنهنجي جو موريان[2]، ءِ رک فڪر تان فيض پرائين.

4. اي "منڌار"! سمجھ اتاهون، ڳولئين ڦولئين ڇو پراهون،
ءِ جو نه سجاڻي اجان پنهنجو پاڻ سو ڪيئن سالڪ آپ سڏائين.

---

[1] مصالا = مسئلا
[2] موريان = ڪٽ

ڪافي 678

تلهه: جهڙو ڪي سج اپرندي جو شعاع، تنهن ڪنئون آکرو تنهنجو پرين! تجلو.

1. چار پهر سج ڪري سهائي، تنهنجي سدائين آهي روشنائي،
اهڙو اعليٰ تنهنجو اهاڻ، دائر قائم شاهي تنهنجو شعلو.

2. صورت سج کان آهي تنهنجي سهڻي، مشتاقن جي من جي مهڻي،
اهڙو بالا تون بي پرواهه، جو حسن هلائي هلان ڪري حملو.

3. تون الله جو نور نوراني، هر هنڌ تنهنجي آبادائي،
ء منڌ مڙني جو تون شاهن شاهه، پي تو مان جوڙ پئي سپ جملو.

4. چئي "منڌار" عجب ۾ آهيان، تنهنجون ڳالهيون ڪيتريون ڳايان،
ء وڏي واحد جي وڏائي، واهه جو ساراهه، ڇيهه شمار ناهي سنڌلو.

ڪافي. 679

تلهه:ڏسيو چند سهائيءَ جو چمڪار، پوءِ ساجن صورت تنهنجي سنپاليان.

1 چند چوان چا چوڏهينءَ وارو، تنهن کان منهنجي ليکي، تون محبوب موچارو،
جو دل وٽيو تنهنجو ديدار، پوءِ آئون ڳائيندس ڪيتريون ڳالهيان.

2. صورت سج کان آهي تنهنجي سهڻي، مشتاقن جي من جي مهڻي،
جن ڏٺو تنهنجو جهلڪار، ٻيون وسريون وايون عقل واليان.

3. ڪٿهن ڪٿهن تو پاڻ پسائين، ڪٿهن ڪٿهن تو آپ، لکائين،
جو بيڪ بنائين تو بيشمار، عجب چڱجن تنهنجيون چاليان.

4. عجب طرح سين ديدار ڪرايئي، ڪامڻ! ڪجلين ساڻ ڪمايئي،
جيئن مست مدامي ڦري "منڌار" ناهي جميعت سڪ ڪيئن جاليان.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 680

ٽلهه: آيو عشق اڪيلو اگهور، ڏس جا برهي باهه ٻلائي.

1. عشق اڪيلو اندر وچ آيو، هوش عقل جنهن سارو گنوايو،
مون کي مچائين سيني ۾ شور، جوش ڏيئي تنهن جان جلائي.

2. عشق اندر ڪيو آستانو، مؤج ڪري ٿو سوئي مستانو،
جو دل منهنجيءَ ۾ ڪري دور، اچي تنهن اپڻي چال چلائي.

3. عشق مون کي عذاب ڪيو، هڏ چمر ڪڻي جنهن ڪباب ڪيو،
بت ٻڌي جنهن ڪيو پور پور، سخت حڪومت تنهن تہ هلائي.

4. عشق مڪو ڏيئي محبوب اشارو، ڪيئن وي ڪري "منڌار" ويچارو،
جو ناهي زوراور سان منهنجو زور، جائي بنائي سائي ٻلائي.

ڪافي. 681

ٽلهه: تو ڪو ڏٺو هو منهنجو يار، آئون تہ پچان ٿي توکان پانڌي.

1. ڳالهه پڇيئي ٿي پرين واري، ڪر ادا قاصد! مونسان ساري،
ڈي تون سچڻ جو سماچار، خبر ڪيانتل! تو ڪا آندي.

2. درد فراق جي آهيان دڪن ۾، سختي سورن ڏاڍن ڏکن ۾،
ورهه وکوڙيو منهنجو وار وار، ويساهه ڪريو ناهيان واندي.

3. سخت سٽاٽو سور پرايم، ورهه وڇوڙي وهلور پرايم،
عشق اندر منجهه لايو آزار، انجي ملڻ لاءِ آهيان ماندي.

4. درد فراق ڪوڙائي، آهيان ماري، مانڌي مڪائون ڪا دلداري،
ماندو ملڻ لاءِ ٿيو "منڌار" مان ملن تہ ٿيان هيڪاندي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 682

تلهه: ساڻي سڀائين دل جي ڳالهه، تہ دوست ڏسڻ جي اٽر درڪاري.

1. سڄ چنڊ ڪان بہ سڄيءَ منهنجو سهڻو، مشتاقن جي من جو مهڻو،
صورت سندين سالئون سال، وصف ڪري نہ هيءَ سگهي ويچاري.

2. جيڏهون روح منهنجي جو رايو، تڏهون سنبت گهڻي اٽر سعيو،
ويندیس آئون نرمل جي نال، درشن دوست جو بہ دلداري.

3. ڪڏهن ڪڏهن ديدار ديکائي، ڪڏهن ڪڏهن تان آپ لڪائي،
عجب انهيءَ جي اهڙي چال، ماڻن تنهن جن آئون آهيان ماري.

4. چئي "منڌار" محبوب مونکي ملندا، ڪٽيو نيڻ خوشيءَ مان ڪلندا،
ٽيندیون اميدون منهنجيون برحال، حضرت آس پڄائيندو هماري.

ڪافي. 683

تلهه: مون کي منهنجي تنهن من مهڻي يار، گهور ڪجلين سان ڪري گهايو.

1. دم گهڙيءَ ۾ ديدار ديکايئي، جهاتي پائي وري پاڻ لڪايئي،
جوت پرينءَ جي جلوي جهلڪار، سارو جان جگر ٽڙڪايو.

2. ڪجليون ڪاريون ڪيفن داريون، تکيون تيغون تفنگ تراريون،
سر ڪرن جي ڏڙ ڪان ڏار، مون تنهن ميدان ۾ ڪنڌ ڪپايو.

3. سخت سٽاٽو سور پرايم، ورهه وڇوڙو وهلور پرايم،
ماريس دردن ان ڪئون ڏار، روز روئان تي نت واجهايو.

4. محبوبن کي "منڌار" ويچارو، سوال ڪري ٿو سڪٿهارو،
تہ هن پياسيءَ کي هڪ وار ملي، صحبت جو ساءُ چکايو.

ڪافي. 684

تلھ: ڪئين ڪسي قربان ٿيا، هزار عاشق جا،
آئون ٻڌايان ڪيترا، تن پار عاشقن جا.

1. حسن مير حسين، ٻئي سردار عاشقن جا،
ٻيا بہ ڪربلا ۾ ڪئين ڪنا، بردار عاشقن جا.

2. ۽ ڪنڌ ڪپيل هئا، مثل عطار عاشقن جا،
سوري متي سر هئا، هسوار عاشقن جا.

3. هئا مجروح جسم، تن زخم دار عاشقن جا،
تہ بہ هوت ڏي دليون هينئان، هوشيار عاشقن جا.

4. روح رضا ۾ رهيا، هموار عاشقن جا،
منهن منور هئا جدا، ڏڙ ڏار عاشقن جا.

5. لکين سر لٽيا هئا، لاءِ ديدار عاشقن جا،
جان کان جدا ٿيا، ڪاپار عاشقن جا.

6. گهاٽي منجھ گهمڻ جا، هئا اقرار عاشقن جا،
پرن تا سخن اهي، سچيار عاشقن جا.

7. مجني جهڙا مستهئا، سالار عاشقن جا،
ٿيا فنا منجھ يار، لؤ لؤ وار عاشقن جا.

8. اهي مختون ملامتون، سر بار عاشقن جا،
طعنا بديون تهمتون، ڳل هار عاشقن جا.

9. سور ۽ سختيون اهي، سينگار عاشقن جا،
مطلب مقصد مڙوئي، منجھ يار عاشقن جا.

10. جي پچين مون کان، ميان پرکار عاشقن جا،
تہ الله ٿي اهڙا ڪيا، آچار عاشقن جا.

11. اجا بہ گهٽا آهن قصا، بيشمار عاشقن جا،
هي اوصاف چيا ٿورڙا، "منڌار" عاشقن جا.

Gul Hayat Institute

ڪافي685

ٽلهه: پياس وارن کان پڇي ڏس، بات عاشقن جي،
ٿيا فنا في الله جيڏهون، جهات عاشقن جي.

1. و الله بڪل شيءِ محيط، سا آيات عاشقن جي،
عين ٿين الله، عرش السماوات، عاشقن جي.

2. صورت ۾ سلطان جيءَ، وفات عاشقن جي،
هوءَ ۾ ٿيا هو، جا هو حيات عاشقن جي.

3. سور سڻائون ڪيترا، جا ڏات عاشقن جي،
ڏک ڏيل اندر روئڻ رات عاشقن جي.

4. اي "منڌار" ملي ياخدا، اها تات عاشقن جي،
فاذڪروني، فيض ذڪر، ذات عاشقن جي.

ڪافي. 686

ٽلهه: دوست کان دنيا جو، پيو مطلب گهرڻ حرام ٿيو،
حب گهرج هڪي اها، جو عاشقن جو ڪام ٿيو.

1. سهنج گهرن عورتون، سڪن جو سرجام ٿيو،
طالب دنيا جو مخنث، اهو محمدي ڪلام ٿيو.

2. پيا مطلب محبوب ريءَ، تون ترڪ ڪر تمام ٿيو،
هڪي دعوائي رک ديدار ۾، ته مرد تنهنجو نام ٿيو.

3. جو سينو ساهي يار سان، سو بي لڇو بدنام ٿيو،
تڏهن ادب جي اخلاق سين، سائيءَ جو سلام ٿيو.

4. اي "منڌار"! محبت يار کان، منگي ڇو نه مدام ٿيو،
هڪ سڪ واري سرڪي گهرج، اهو جانبن جو جام ٿيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 687

تلھ: منھنجي روح ڏنـا ھئا ڏوتيئڙا رات،
خواب لڏو اتم، ڪائڙ ۾ ويئي آھيان.

1. سپنو لڏم تہ ساھيڑيون سرتيون، مون سان پنھواريون پاڻا اڇي پرتيون ۽ آئـون تـي ڪريـان ساڻن بـات، پـاپ پلاڙـد پنـاري پيئـي آھيـان.

2. آئون تہ اصل ڪان انھن جي آھيان، آس اباڻن منجھان ڪيئن لاھيان، مون ڪي طلب سندين، تن منجھہ تات، طالب انھن جي تھدل تي آھيان.

3. لڏم پريـن پنھـوار سين لائـون، قـوت جنيـن جـو سـگر ۽ سـانئون، سا ڏت ڪائڪ اسان جي ذات، پوءِ قيد عمر تو ڪڇاڙي لئہ ڪئي آھيان.

4. چئي "منڌار" ساھيڑيون ساريان، منان ماڙيچيون مور نہ وساريان، منھنجي مان ساڻن تئي ملاقات، جو ھول انھن جي آئون ھئي آھيان.

ڪافي. 688

تلھ: تنھنجي ڪوٽن ۾ آئون ڪٽيان ڪيئن، اتم آر اباڻن ساڻ.

1. پڪا پنھـوارن جـا ۽ پيھيـون، ھـي ماڙيون مـون نـہ وڻـن ان جيھيـون، سـي مـٽ نـہ پانيـان مرنـدي سيئن، جنـر گذاريـر جھـانگيڙن سـاڻ.

2. مـون نـہ وڻـن ھت مـاڪيون مصريون، ساوڙيون مڪٽيـون نيـري ھت نسريون، ھيـر انھـن جـي مـون ڪـي ھينئـن، تـہ ڏت چونديـان ڏاڏاڻـن سـاڻ.

3. آئون تہ وساريان وطن ۽ ويڙھيـون، يـاد پـون سـرتيون ۽ ساھيڑيون، سڪان سپ ساموندڻ جيئن، جنھن ڪي مينھـن ملي مانـداڻن ساڻ.

4. چئـي "منڌـار" مليـر وجـڻ جـي، ڏوتيئـڙن ۽ ڏيھـہ ڏسـڻ جـي، مون ڪي موڪل ڏي ھت ونڙا مينھن، تہ پس پيان وجي پنھوارن ساڻ.

ڪافي. 689

ٽلهه: چو ٽيون منهنجي خيال ڪي ڪاريو، دل من پنهنجو ويچاريو.

1. ڪيئن ٽي سسئي روهه ۾ رلي، ڪيئن ٽي سهڻي بحرين ٽلي،
ڪيئن ٽي رانجهن سين هير هلي، عشق اهو ڪر ڪاريو.

2. ڪيئن ٽي زليخا ڪئي عشق انان، ڪيئن ٽي مجنو ٽيو مستان،
ڪيئن ٽي فرهاد ٽيو قربان، صورت شيرين جي ساريو.

3. ڪيئن ٽي منصور ڪاڏي ڦاهي، شمس تبريز ڪل لاهي،
وڙهي صوفيءَ ٽي سرواهي، وڏو جنهن ڏيل ٽي ڏاريو.

4. اهو عشق اصل آهي اهڙو، صبر سکڻ ناهي جهڙو،
ڏيو تنهن ڏوهه پوءِ ڪهڙو، ائين چو ٽيون "منڌار" ڪي ماريو.

ڪافي. 690

ٽلهه: عشق ڇيي ڇيرو آهي ڇر جن ڪي لڳو ان ڪي خبر.

1. هڪ روز روئڻ هنجهون هارڻ، ٻيو گوندر ۾ گهڙيون گهارڻ،
هئڻ ڇڏڻ مئي مارڻ اهي آهن ان جا اثر.

2. اڪ سندیس سدا آلي، رهڻ خودي ڪان خالي،
سوين ملڪن جا والي، نينهن نمايا ڪئين نر.

3. عشق وجائي ٽو آرام، نيڻين ننڊڙي حرام،
لذت نه ڏيندو تل طعام هول پرين جا هر هر.

4. اهي ڇڏي "منڌار" مال مالڪ، ترڪ ڏيئي تيا تارڪ،
سڙين پيو ڏاران سڪ جيڪو اسباب منجهه اندر.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 691

تلهه: عشق وارين کي ڙي اديون، سڪ نه ڪرڻ ڏي شرم.

1. پاتو جني آهي ليئڙو، عقل ڇڏي اني ويڙو،
من بيوس تن ٽيئڙو سي نه پڇن ڏرم.

2. جن صحيح پرين سڃاتو، سي روئنديون ڏينهن راتو،
هار گلا جو تن پاتو پچي ويون پنهنجو پرم.

3. پي چال وڃايو سپ چوکي، درد ڪري تو دوکي،
شوق وڃائي تو شوخي، او نينهن واريون هيون نرم.

4. اهو "منڌار" جو مذڪور، سڪ سودا ۽ پيو سور،
ڏيان ڪريو ڏسي دستور، ٽيڻ نه گهرجي گرم.

ڪافي. 692

تلهه: روئان اُن يادگيريءَ ۾ جو لائي سڪ ويو هون صغيريءَ ۾.

1. ننڊ پٽ ۾ تو لائي لوري، پوءِ پاڇل تو نه ڦوري،
رهيم چمار ڪا ٽوري، اچي مل تون آخيريءَ ۾.

2. ننڊي لاکون تو دل نيئڙي، مونکي جواني ياد نه پيئڙي،
عمر فراق ۾ ويڙي، هاڻ پرچين مان پيريءَ ۾.

3. هاڻي بيپرواهيءَ کي ڇڏ تون، دل دلبر! مون سين گڏ تون،
مون سڪ واريءَ کي سڏ تون، ته ٿئي وري دل ڏيريءَ ۾.

4. چئي "منڌار" اچي مل تون، اگهڻ اسان جي ٽل تون،
مون سان خوشحال ٿي کل تون، اعليٰ تنهنجو شان اميريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 693

تلهه: اڃا تنهنجي يادگيريءَ ۾ روئان ڏينهن روز سڀ راتيون.

1. منهنجي دل دام ۾ پيئڙي، تو قابو ڪنڊ ۾ ڪيئڙي،
سا وس منهنجي ڪان ويڙي، جهلي نه رهي پائي جهاتيون.

2. هيئي دل ساڻ ڪنهن موقعي، وڏي آهيان رمز تنهن روڪي،
تارون مونکي طلب جون توکي ڏاڍي ڪنهن پيچ سان پاتيون.

3. مٺي لڳيم تنهنجي محبت، اٽر ثواب سا صحبت،
روح جي راحت آهي رحمت، پانيان برڪت تنهنجون باتيه ون.

4. چئي "منڌار" منهنجي من ۾ تانگهه طلب رهي تن ۾،
ساڃڻدي مراد هن سن ۾، تان ڪر ملير سڀ ڏاتيون.

ڪافي. 694

تلهه: ڏنئي ڪهڙي دانهن دل واري، جو توکي معلوم سڀ ساري.

1. جهڙي تهڙي آهيان تنهنجي هج تو سان نڪا منهنجي،
مونکي پيارل! تون ڪر پنهنجي پانهي ۽ غلام برداري.

2. دل ۾ ڏيانڙو ڏر تون، قدم پلاڻيءَ سان پر تون،
ڪرم اسان تي ڪر تون، ڏسي پنهنجو شان سرداري.

3. ڏنل دل مان هيءَ ٽاهين، منهنجو آڌار تون آهين،
مون تان هٽڙو نه جي لاهين ته ٿيان محبوب! موچاري.

4. مڃ "منڌار" جي آزي، ننگ پرور هيءَ نيازي،
رب جي نام تي راضي، ڏي داناهه دلداري.

ڪافي.695

تلهه: اسين تنهنجي نام جا آهيون غلام، ڪو سي دل يار مونڊي ڪر ڪام.

1. منهنجي توسان ٻانهپ جي ٻولي، ڏيئي محبت ڪيئي گولي،
لائي مونکي يار ويون لولي، پائي دل منهنجي ڪي دام.

2. نام ڏڻي صاحب ستار، لهي وچ سار ۽ سنيار،
تون نه متج مئيءَ ڪي يار! مر ته مٽي وچي ٻي عام.

3. هن مرض منهنجي جو اثر، ٻيو ڪو نه سجاڻي قطر،
دل منهنجي جو دفتر، مور نه سمجهن ٻيا مام.

4. تو ڏهون "منڌاري" جي، آس اُميد واري جي،
واهر تي ويچاري جي، هادي، پچايو منهنجي هام.

ڪافي.696

تلهه: منهنجا محبوب متوالا! تنهنجو اقبال هوئي اعليٰ.

1. ڪائي مرضي منان پيڙيئي، منهنجي دل ناز سان نيڙئي،
جا بيپرواهي ڪيڙيئي، موٽي مئي سان پوءِ چا لاءِ؟

2. مرض منهنجي کي چاڻي، ڪوئي نه طبيب سجاڻي،
مون وٽ الله من آڻي، يار سندم توکي يا الله!

3. سنديئي شريڪ آئون ناهيان، سينو تو ساڻ ڪيئن ساهيان،
توکي هي پلاند تي پايان، اسر الله جا نالا.

4. آئون ڏکن سورن ۾ ڏهيلو، رهيم ورونهه سي ويلو،
ڪر "منڌار" سان ميلو، ڪاڻ الله رب تعالي!

ڪافي. 697

تلهـ :وڃي پهچائي پريـن کـي منهنجـو کـاغذ ادا کـانگل!

1. لکيـر لڙکـن سـاڻ روئـي سـنيهو يـار ڏي سـوئي.
جنهـن منجهـ حـال منهنجـو ئـي، آهـي خبـر سـاري کـل.

2. چئي منهنجي چهنب ۾ ڪر تون، سگهڙو اڏام بر سرتون،
وڃي ويهـ دوست جي در تون، توڙي هجي مهل يا ڪمهل.

3. ٻيون زبـاني تـون ڪجـان زاريـون، سـاڻ نيـاز نيزاريـون،
پائي ڳل پاند ڳچيءَ ڳاريون، پيرين پئجان منجهـ پلپـل.

4. ٻيو پارون "منڌار" جي ميڙيـون، ڪج ست ست گڏ پيڙيـون،
آزيون ڪج يار وٽ اهڙيون، جيئن اچڻ عجيب جو ٿئي شـل!

ڪافي. 698

تلهـ: ڪڏهن ڪـانگل اتـي ويندون، مونکي خبـر ڪيانتل وري ڏينـدون.

1. رڻيـا مـون روح ۾ جيئـي، سـنيها يـار ڏي سـيئي،
منهنجـا پيغـام سـي مڙيئـي، نياپـا يـار وٽ نينـدون.

2. ڪج زاريـون ۽ سوال ضعيفـن جا عـرض غـرض غريبـن جـا،
پـائي تـون پلانـد پيـرن جـا، پيريـن پريـن کـي پينـدون.

3. اها مونکي چوڳالهـ من واري، توکي آهـي ترت کـا تيـاري،
تڏهن مون کي ٿيندي اعتباري، جڏهن قسم خدا جو کيندون.

4. موٽـي "منڌـار" ڏي هـاڻي، اينـدو اڄ کـي سـپاڻي،
ملڻ مبـارکون آڻـي مـون کـي، چگيـون سـرهايون چينـدون.

Gul Hayat Institute

ڪافي.699

تلهه: مون کي محبوب منهنجي جي خبر ڪيانتل سڌائيندو.
سچي سڌ يار جي ڏينـدو.

1. ڳالهيون هي من منهنجي واريون، ڪندو ڪانگل وڄي ساريون،
نمي نوڙي سي نيزاريون، ڳچيءَ منجهه پاند پائيندو.

2. سنيها هي سندم سارا، چيندو پرينءَ کي مون پارا،
ڳچيءَ سو ڳل پائي ڳارا، عرض منهنجا الائيندو.

3. ريجهائي يار منهنجي کي، سڃڻ سينگار منهنجي کي،
اکين دل نار منهنجي کي، وينتي سان اور ورائيندو.

4. "منڌار" کي يار پيارو، سڃڻ دل جان جيارو،
منو محبوب موڃارو، مالڪ سائين ملائيندو!

ڪافي.700

تلهه: آندو قاصد هي ڪاغذ اڄ محبوب جو مان ڏي.

1. رکان پنبڻيون پيرن تي سر قاصد جي قدمن تي،
چئي پرينجي چشمن تي، جا لکي مکي لاڏلي لاڏي.

2. آيو پرين جو پروانو، مليو مضمون سو آسانو،
جتي عجيبن جو آستانو، پئي دل تڪيو تاڏي.

3. سو مون پروانو پڙهايو، سڀين سمجهي مون دل لايو،
ته مون کي عجيبن آهي آڻايو، آئون ڪنڌ ڦيريندیس ڪاڏي.

4. چئي "منڌار" منهنجون مدايون، تو ڏسي نه عجيب اگلايون،
ڪري بيڙڻ سان پلايون، اهو پهت سندس پيءُ ڏاڏي.

ڪافي 701

ٽلهه: خبر ڪيانتل ادا! مونکي ڏي، توکو ڏنو يار منهنجي ڪي.

1. منهن مهتاب آهي جنهنجو، سوروشن گلاب آهي جنهنجو،
مک آفتاب آهي جنهن جو، اها صورت سردار منهنجي ڪي.

2. جو حسن هٿيار ڏاري ٿو، لکين مشتاق ماري ٿو،
وڏي چچري ۽ ڏاري ٿو، اهو ڪمڙو قهار منهنجي ڪي.

3. جو حڪم هشمت ڏيکارينڊ، ۽ پنهنجا سڀ شرط پارينڊ،
۽ ڏئي مهميز مارينڊ، اها دهشت دلدار منهنجي ڪي.

4. چئي "منڌار" مت منهنجي، ويم وسري سرت پنهنجي،
مونکي لڳي تار هڪ تنهنجي، پيو ورهه وار وار منهنجي ڪي.

ڪافي 702

ٽلهه: ادا قاصد قريبن جي ڳجهي چئو ڳالهه مون کي ڪن ۾.

1. اچي مونکي ويجهڙو ويهي، ٻڌاءِ ڳالهيون سڀئي سيئي،
ته سڀان دل وارو ڪن ڏيئي، سي رڪان مخفي آئون پنهنجي من ۾.

2. ڳالهيون جانب چئي جيهين، ٻڌاءِ مونکي طرح تيهين،
ڪنان ميثاق جي ڏيهين، سا رهي مونکي تانگهه آهي تن ۾.

3. محبوبن جون مقالڙيون، پچارون پرين والڙيون،
ڳجهيون ڪر مون سين ڳالهڙيون، ڪنهن پناهي پوش جي پن ۾.

4. چئي "منڌار" ڪهه ڪانگل! مون سان مخفي سي هن ئي مهل،
ته پرين پرتل هوا يا رنڊل، اهو ڪيئي ڪو ڏيان تنهن درشن ۾.

ڪافي. 703

تلهه: پانڌي ادا! مون کي پرين جو حقيقت حال ڇئو سارو.

1. مون سان جادوگر يار ڪئي جيهي، توکي معلوم ڪا تيهي،
ڪندو مئيءَ سان نجهان ڪيهي، هو آهي خود پاڻ اختيارو.

2. وس نه هلي آئون ويچاري، ماڻي محبوب جي ماري،
ڪڏهن ڏيندو دوست دلداري، ڏسي پنهنجو ننگ پيارو.

3. سمئي جي يار کان ڳالهيون، من محبوب جي واليون،
ڪرمئيءَ سان هر حاليون ته وڃي هي ورونهه مونجهارو.

4. منهنجي دلڙي روز دوستن کي، من ٽيو اداس محبوبن کي،
ساريو سڀ وقت سڃڻن کي، پيو روئي "منڌار" ويچارو.

ڪافي. 704

تلهه: نجومي تون ڇئو نام خدا، ته ڇاکوئن جانب ٽير جدا؟

1. آئون جهڙو جي تهڙو ڪوجهو ڪوڙو توڙي کهڙو،
ته بہ روز رکيوئن ٽي تيڙو، توڙي ڪر ٽي ڪير ڪڏا.

2. ته بہ ڪاوڙيا کين کي ڪڏهن، جڏا ڪر ٽي ڪير جڏهن،
هو ترش هڻا تڏهن، جڏهن هڪا عيب ڏنئون ۽ ٻيا هئون ٻڏا.

3. ناهي معلوم هيءُ مان کي، ڪريان عرض تو اوهانکي،
آهي اعتقاد هي اسان کي، ته ڏيندا پروڙ آهيون منڌا.

4. ته ڪڏهن ملندو "منڌاري" کي وڇڙيل هن ويچاري کي،
پيندو ڪڏهن رحم پياري کي، ڪشف سين سڌي سندم صدا.

ڪافي 705

تلهه: وڇوڙي جا ڏينهن هي پيئڙا نجان ڪهڙا ڏوهه مون ڪيئڙا؟

1. نجومي نام خاوند جي، محابي ميرِ محمد جي
ڪارڻ ڪلام الحمد جي، هون انگ جهڙا چوءِ تهڙا.

2. ڪِ ابجد ميان عامل! عدد آڻي ڪر شامل،
ملندا محبوب ويندا مشڪل، ٿيندا احسان ڪڍهن اهڙا؟

3. وڇوڙي ۾ هنجهون هاريم، ڏکن جا ڏينهڙا گهاريم،
لحم لڳن ڪان ڳاريم، وسيلا ٻيا چڪي ويئڙا.

4. من منجهه "منڌاري" ڪي، هئي آس اُميد واري ڪي،
ته پسندیس يار پياري ڪي، ورق وري ٿيا پيڙا.

ڪافي 706

تلهه: جي ملي محبوب نڏو مان ڪي ته پوءِ الاجي هي عيد آهي ڪنهن جي؟

1. جنهن سان خوش روح هو ٿيندو، سو مون ڪوڻ محبوب رهيو ويندو،
جي هجي پڪ ته يار اڄ ايندو، سا اهڙي عقيد آهي ڪنهن جي؟

2. وڇوڙي ۾ روئڻ دم دم، فڪر ۽ فراق جو غم غم،
بنا محبوب مون سان ماتم ٻي خوشي خوشنيد آهي ڪنهن جي؟

3. چڱا چڱا طعام خوش ٿي کائڻ، حرص جي خيال ۾ هوئڻ،
ميرا لاهي اڇا اوڍڻ، سا پوشاڪ پوشيد آهي ڪنهن جي؟

4. چئي "منڌار" ملڻ ڏارا، ٿيا ٻيا خيال سڀ ڪارا،
ڪٿين دنيا ۾ چيز چوڏارا، ديکڻ واري ديد آهي ڪنهن جي؟

Gul Hayat Institute

ڪافي 707

ٽلهه: تنهنجي ديدار ۾ دير ڇو ٿيئڙي، نجهان ڪهڙي سهو مون ڪان پيئڙي؟

1. پيـــر پـــروڙ ڪانـــ ڪـــائي، تـــ ايءُ اوڪـــاڙ ڇـــو آئـــي،
مون سان ڪر ڳالهه سڄڙ سائي، خطا نجهان ٿي مون ڪان ڪهڙي؟

2. آهـــي هـــي قصـــور نجـــان ڪهـــڙو، آيـــو عتـــاب اڄ اهـــڙو،
مون تي مشڪل نـ تنهن جهڙو، جو آئون وهلور ۾ ويئڙي.

3. ڪريـان منتـون لک ميڙيـون، چويـن جهڙيـون آئـون تهڙيـون،
عـادتون ڪيـر ڪـر اهڙيـون، ڪيئـي جدائـي هـيءَ جهـڙي.

4. گاهي جيئڙ "منڌار" جو مرڙ گـاهي، توکـي معلـوم ايءَ آهـي،
طـاقت سـهڙ جـي نـاهي، هـڪ سـاعت جدائـيءَ جـي بيـڙي.

ڪافي 708

ٽلهه: ســڪ واري ســهڙيءَ تــي ڏمــر ويــري ڏم جــو ڏيهــاڙي.

1. محبت ميهار سين جنهن جي، ٽٽي پوءِ تار ڪيئن تنهن جي،
ڪري ڪن ڳالهه نا ڪنهن جي، پوي ندي منجهه سا نماڙي.

2. ســهڙي ســاهڙ ڏانهــن ســچي، ويندي بحــرن مــؤن بچــي،
ملنــدي ميهــار ســاڻ اچــي، تــوڙ نبــاهڙ تــاڙي.

3. تــو ولـلــي ڏم ويــڙ ڳالهــائي، مــدو مــردود تــو پــائي،
ڪپـر تنهـن ڪـي شـل ڪـائي تـ مـري هـن دم سـو هـاڙي.

4. چڏيو جنهن ساهه جو سانگو، ويندي لنگهي "منڌار" سا لانگهو،
تنهـن ڪـي پـاڙي تـار تـ بـ تـانگهو، سـاهڙ جنهـن جـو سـاڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.709

تلهه: خواب جي خيال منجهه مون ڏٺي عجب مجليس مردن جي.

1. درويشي دلق جن تي، جوپن سر نور جهلڪ جن تي،
سدا عاشق الڪ اُن تي، ڪريان تعريف ڪهڙي تن جي.

2. اهي والي ولايت جا، اُهي عارف عنايت جا،
اهي هادي هدايت جا، لڳي جڙ جان ۾ جن جي.

3. ظاهر ۾ جو ڏٺم عالم، تن مان ڪو نه سريو ڪو ڪم،
باطن جا مرد هوا بالم، رمز اسرار عاشقن جي.

4. موهيو جن "منثاري" ڪي، وجهي ونگڙا ويچاري ڪي،
ڏنائون پيالي اجاري ڪي، پنهنجي دستئون سا دردن جي.

ڪافي.710

تلهه: عقل اسرار عجيبن جو جن منهنجي دل رمز سان ريهي.

1. صورت سندين سوڏي سالم، شامل برهه ٻيو بالم،
مونکي رهي ڪانه ڪا مالم[1]، ته ڪري پيو ڪار نجان ڪيهي.

2. پئي مونکي دام ڳل ڳاري، آئون اڀ ڇاڀ ويچاري،
صورت سرير ۾ ساري، رهيم وجود ۾ ويهي.

3. وس ڪان هاڻ آئون ويڙي، نهوڙي نينهن آئون نيڙي،
ڪمند ۾ قابو آئون ٽيڙي، مونسان جادوگر يار ڪئي جيهي.

4. جنهن من "منثار" جو موهيو، مسافر واڻ جو روهيو،
سو وڃي تو هاڻ ٻيڏوهيو، بنا ڏسو پاپ پر ڏيهي.

---

[1] معلوم

ڪافي 711

ٽلهه: ميان سوداگر! موٽي آءُ سگهو نه ته وڃئي ٽي مربو وڻجاري.

1. جڏهن ونٿئي سمند جي سير، چاڪ چٽل چڪي پيا چير،
سنپالي ٽي پير ۽ ٻيا فقير، بندر پٽڻ ٽي پوڃاري.

2. دم دم سنپالي ٽي دستگير، ٻيو خواجه پاڻي جو پير،
ته اچي وڻجارو شل ويڙ، هن حياتيءَ ۾ هڪواري!

3. رکي خيال ولايت ڏي سڀ سارو، ڪجي نه وطن جو ويسارو،
آهي روز رازق ڏيڻ وارو، آهي الله جي اختياري.

4. رک "منڌار" جي معلم، عقل سنپال تون سالم،
بيغرضو نه ٽيءُ بالم، ڪجي پوين جي پوئواري.

ڪافي 712

ٽلهه: ميان ساموندي! سفر مٿي لايئيءَ ڏينهن ڇو گهٽا؟

1. مونکي ڇيون هيئي باتيون، ٻڌي انجام جون راتيون،
پوءِ تو زياده لاتيون، آئون تي ڏينهڙا ڳڻيا.

2. کارونيار ۾ ڪنن جا، آهن هزار آفتن جا،
ٻڌي نالا ولاتن جا، آئون تي هينڙو هڻان.

3. ساموندي! ننگڙو سجاڻ، ڇڏ پرڏيهه جو پرياڻ،
الله ڏيکاري اکين ساڻ، موٽي تنهنجي منهن جي مڙيان.

4. روح "راڄڙ" جي واري، توکي معلوم سڀ ساري،
پرين ڪج تنهن جي پوئواري، ته پوءِ وڻجاري وڃان.

ڪافي. 713

تلهه: منهنجو آڌار ڏي اديون، اوهان وت ڇا ڪو آيو؟

1. آهيان تنهن گهوٽ جي گهوري، جو لائي مونکي يار ويو لوري،
آهي منهنجي جان کي جهوري، روئان رت نيڻ ٽي واهيو.

2. پچان رند يار جون راهون، ڏيان سڀ لوڪ کي دانهون،
ٻئي هٿڑا ٻڌان ٻانهون، ڇاکرياڻي ڇايو.

3. وس کان هاڻ آئون ويڙي، ڪرم نصيب هيئين کيڙي،
آهيان مستان ٽي پيڙي، ڳالهيون يار جون ڳايو.

4. چئي "منڌار" دل ماندي، دم نه ورونهه کانواندي،
پچان منهنجي يار جا پاندي، ڳچيءَ پلاندڙا پايو.

ڪافي. 714

تلهه: وڃ رنگپور ميڌا رانجهو، شوق کيتا شيلاڻي.

1. چوڏيندا آپئي اميري، بيڪ بنائيندا فقيري،
عشق چوڏائيندا اميري، تخت سڪندر ثاني.

2. عشق جڏاهين آيس، ڇاکر نام سڏايس،
پوش فقيري داپايس، جوڳي ٿيا هڻ جاني.

3. پڳوا پوش پئيندا، چار چتن کون لائيندا،
مرلي آپ وڄائيندا، عشق آواز اهلاڻي.

4. مالڪ هزاري دا رانجهو، ٿيا هي گداگر ساڏو،
الانسان سري و اناسره ديکو آيت قرآني.

5. اکي "منڌار" مئين نماڻي، نال تهيندي وکاڻي،
گڏ ڇلسنان ٽي جوڳياڻي، مئين ڪنيزڪ قرباني.

Gul Hayat Institute

ڪافي.715

تلهه: هو رانجهن هزاري ڪنئون آيو رکي رايو،
هير تنهين سان نينهڑو لايو.

1. ٿيو منظور مينهن چارڻ لاءِ تنهن چوچڪ چناهه ٿي پچايو.

2. تنهن شهزادي کي سيال سڃاتو، جنهن ساڻس روحڑو رلايو.

3. لکيو ماڻ پيءُ کان ايندي هئي، لڪ ڇپ ۾ ليئڑو پايو.

4. پوءِ هير کي حڪم سين کيڑو ڪڍي ويو، جيئن قسمت قلم لکايو.

5. ٿيو رانجهن جوڳي آيو رنگپور ۾، جنهن بيئنسري بين کي وڄايو.

6. سوئي سرود جهنگ سيال سڃاتو، تنهن پنهنجو پيرڑو ڏنگايو.

7. چئي "منڌار" تہ منڌ جوڳيءَ جي ڪيو سڪندڙ کي سڃايو.

ڪافي.716

تلهه: هير رانجهن لاءِ اجاري هئي ويچاري،
ڏکن تنهن کي دردن ماري.

1 تنهن جهنگ سيال کي کيڑا ڪڍي ويا، جنهن کي هئي پرت رانجهن جي پياري.

2. بنا راضپي رنگپور ڳوٺ ۾، لنگهيس ڏينهڑا لاچاري.

3. ڏينهن ميثاقون محبت ٻوليئين، اهي ٿي پاري سخن سچياري.

4. چئي "منڌار" يار ماهيءَ جو لڳڙس کان ڪپاري.

Gul Hayat Institute

كافي.717

تلهه: كلنديان تسان هو خوشحاليان وو سيالياں!
ميكون پيا هن دک ديان دواليان وو سيالياں!

1. وچ سيني دي لڳيان ميكون ديدان ماهي ديان دو نالياں.
2. رمزان رانجهو ديان موهيا من ميڈا التيان چاک ديان چاليان.
3. رانجهن ميكون آپ سڏايان ڈون ترائي ڳجهيان ڳالهياں.
4. آكي "منار" ميكون مرشد ماهي، ستان سو لاتديان سيكاليان.

كافي.718

تلهه: جوڳيان دا بيكڑا بنايا، ناءُ چپايا ميڈا رانجهو رنگپور آيا.
1. تخت هزار آپ رانجهو دا، هن پوش فقيران والا پايا.
2. عشق رانجهن كون اٹئون هڻ اپڻا محبت ملكڑا ويكايا.
3. كنان وچ والڑا ڳلي وچ كنڌيان مرلي دا سازڑا وجايا.
4. نال جادو دي من كيڑيان دا منجهيان والڑي منجهايا.
5. آكي "منار" مئي سمجهه سچاتا، هڻ بيرنگي هي رنگ لايا.

كافي.719

تلهه: پگوان ٻڌكي سردشالا، ڳل مالها، ميڈي گهر آيا، بينسري والا.
1. خفنيان پاتس، طنبيان چاتس، كستا كمر وچ كالا.
2. جلوا جوڳي دا هڻ مئي ويكيا اكيان وچ نور هي نرالا.
3. تسان هڻ كيڑيان سمجهه نه چاتا، عزت جوڳي دي هي اعليٰ.
4. آكي "منار" هڻ نال جوڳي دي ڇلسان مئين انشاءالله رب تعاليٰ.

Gul Hayat Institute

ڪافي 720

تلهه: ڪيتا رانجهن فقيران دا ويس، وچ رنگپور دي جوڳي بن آيا.

1. هٿان وچ ڪنگڻ، ڳلي وچ مالها، پوش پهريندا پڳوان دشالا،
صاف دلق درويش.

2. ملڪ جنهندي مندا اميري، تنهن ول ڪيتي ڦرڪي فقيري،
لاهوتيان دا لبيس.

3. جوئي شاهه هزاري تخت شهر دا، برهه انهين سر موج بحردا،
پڙهندا هي لک آديس.

4. آکي "منڌار" محبت وچ ماهي، شاهه سيلاني ڪرندا گدائي،
ديس توڙي پرديس.

ڪافي 721

تلهه: هن عشق عاشق جو احوال توريءَ معالم[1] حال نه ڪنهن کي.

1. درد منهنجي جان جگر جا، ڪنهن کي سڀايان سور اندر جا،
واقف ريءَ هي حال.

2. آئون ويچاري دردن ماري، نام ڏڻي جي ڏي دلداري،
جيئڻ اٿر جنجال.

3. مرض منهنجي کي پيو ڪوڙ سجاڻي، ڪر علاج حڪيم! تون هاڻي،
ته فرق ٿئي في الحال.

چئي "منڌار" محبوب پيارا! دانهن ڪنهن کي ڏيان تو ڏارا،
سڀ پنهنجي سر تون سوال.

---

[1] معلوم

Gul Hayat Institute

ڪافي. 722

تلهه: وو! هت جو ڪيئي قول، سو هت ڪين پاريئي،
تيو آهين ڪوڙو.

1. الست بربکم قالوابليٰ جو ٻوڙا! وساريئي ٻول.
2. هت چيئي ته ڪندس هڪڙائي، ۽ هت ٽئين ٻيو هول.
3. ۽ ترميزان جتي ترندو، ات پيندو سڀ تول.
4. اي "منڌار"! موٽي ڪر توبهه، ته عيب ڍڪي تنهنجا ڍول.

ڪافي. 723

تلهه: ڪيڏي ڪيئي ڏس يار ساڻ يتيمن بيپرواهي.

1. ڪرڻ ڪين ڪپن بيڪس سين اهڙا بي اختيار.
2. دردوندن جي دل کي دلاسا ڏيڻ ڪپن ڏاتار.
3. ڏوهه ڏاڍي کي ڏيڻ نه واجب ۽ مٽئي کانه ميار.
4. موٽي ويچاري "منڌار" فقير تي هٿڙو رکج هيڪار.

ڪافي. 724

تلهه: کانه ڪيئي منهنجي يار پنهل! پوئواري.

1. ڏکيا ڏينهن گذارڻ آيم دلبر! توکئون ڏار، قيامت ڪاري.
2. آئون اڻ سونهين پنڌ اڙانگو ٽيڙم هول هزار، وس نه ويچاري.
3. دوا ناهي درد منهنجي ڏاران تنهنجي ديدار، وجي نه بيماري.
4. موٽي هن "منڌار" ويچاري جي سار لهج سردار، اچج چام آري!

Gul Hayat Institute

ڪافي.725

تلهه: ميڏڙا ديڻ ايمان تئين هو شاهه رانجهاا!

1. شرع شريعت طالب تيڏي نا هڻ غير گمان.
2. مسجد مڪ محراب سين ڪيتي صولت تيڏي سبحان.
3. حق حقيقت تيڏي صولت ڪيڙا هوسي شيطان.
4. هي "منڌار" دي معلوم تيڪون ڪيها اڪان مين بيان.

ڪافي.726

تلهه: مين هان اداسڻ هير آءُ ميان رانجهن رمزن والا.

1. نال اوراندي مول نہ ڪٽسان ڪنئي وي ڪيڙان دا ڪير.
2. نال تيڏي مين ٽيسان جوڳياڻي ڇوڙ پلنگ پٽ چير.
3. ڪاڻ ڪهندي جوڳي بڻيا، تخت هزاري دا امير.
4. آکي "منڌار" هڻ مين تہ چلسان وي تيڏڙي نال فقير.

ڪافي.727

تلهه: مل وي پيارل يار دلڙي دردن ماري.

1. سورن سانگهيڙا ڪيا منهنجي هينڙي منجهه لک هزار.
2. گوندر منجهه گذران ٽيو منهنجي ساري سڀ ڇمار.
3. روئي روئي ڏينهن راتيون سائين! نيٽن ڪان وهايم نار.
4. اچي هاڻ نام الله جي سائين! منهنجي لهي وچ سار سنيار.
5. هيڪر جيئري هن جهان ۾ سائين مل ڪي اچي "منڌار"

Gul Hayat Institute

کافي. 728

تلهـ: يـار رانجهـو تيـڏي پـارئون ميکـون سـيالياں ڏيـون مهڻـان.

1. رانجهـو تيـڏي کيتـي ميـن ڇنيـان قبوليـان وو ميـان!
طعنا سـر نـال سـهڻا سائين! طعنـا سـر نـال سـارا سـهڻا.

2. نديـان ميـن ترنـدي، رانجهـو رانجهـو کرنـدي وي ميـان!
جڳ هڻ کري سي سهڻا سائين! جڳ هڻ کري سي مين نال جهيڑا.

3. جهڙيان مين کون جهلنديان، پاڙي واليان پلنديان وي ميان!
تنهان دا ٻوڙيسي سهڻا سائين! تنهان دا ٻوڙيسي قادر ٻيڙا.

4. آکـي "منڌـار" ميـن رانجهـو! تيـڏي وي ميـان!
ڏوجها کامي مريسن سهڻا سائين! ڏوجها کامي مريسن کيڙا.

راگڻي جوڳ
تار آڏک

کافي. 729

تلهـ: کيجهي قضا کرو قاضيا مين تہ رانجهن دي هوئي.

1. ميـڏا رانجهـو دي نـال وي نکـاح تـڏانکو هـي پڙهيـا،
جڏان عـالم نہ خلقيـا، قاضيـا! عشـق ميـڏا هوسـي اوئـي.

2. برهـ ميـڏي دانـي وي جڳـت هـي ڇايـا وو ميـان!
عشـق ميـڏا ميـان قاضيـا! جڏان عـالم تہ خلقيـا کوئـي.

3. سـا لـک آپ دا نـي وي جڳهـڙا نبيـري وو ميـان!
غير ڏوجهـي ميـان قاضيـا! غير ڏوجهـي هـي گفتگوئـي.

4. آکـي "منڌـار" نـي وي مـاهي ميکـون ڏتـڙا وو ميـان!
مين سبق پڙهان ميان قاضيا، مين سبق پڙهان ساڳيا سوئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.730

تلهه: ڪـــڏانهن هـــڻ آســـي، ميـــڏا مـــاهي،
ميـــن هيـــر نمـــاڻي دي ويڙهـــي.

1. مـــالڪ هـــزاري دانـــي وي تســـان هـــو وو ميـــان!
تـــاج تيـــڏي ســـهڻا ســـائين! تـــاج تيـــڏي ســـر نـــال شـــاهي.

2. تيـــڏي ملڪ دي بـــاجهون نـــي وي، ميـــن مـــر ويســـان وو ميـــان!
ڏوجهي ڇوڙ دنيا سهڻا سائين! ڏوجهي ڇوڙ دنيا تيسان راهي.

3. آکـــي "منڌار" نـــي وي ســـڻ ميـــڏا رانجهـــا نـــي وو ميـــان!
تيڪون آک سڏاوان سهڻا سائين! تيڪون آک سڏاوان آگاهي.

ڪافي.731

تلهه: هڏو مون تـــان متـــان لاهيـــن، ڪمڙا ڏســـي ســـندم ڪوجهـــا.

1. پنهنجيءَ ڪمائيءَ ۾ نـــي وي، آئـــون آهيـــان شرمائي وو ميـــان!
حجـــت هڏيـــو ســـهڻا ســـائين! حجـــت هڏيـــو ڏيئـــي پـــاهين.

2. نـــالي تنهنجـــي نـــي وي، آئـــون پئـــي ســـڏجان وو ميـــان!
شـــل ننگڙو اهـــو ســـهڻا ســـائين! شـــل ننگڙو اهـــو تـــون نبـــاهين.

3. جـــي عيبـــن واري نـــي وي تـــ بـــ آئـــون تنهنجـــي وو ميـــان!
تـــو نيـــڻ ڇڏڻ ســـهڻا ســـائين! تـــون نيـــڻ ڇڏڻ جهڙو نـــاهين.

4. ڇئـــي "منڌار" نـــي وي آئـــون اُميـــد نـــ لاهيـــان وو ميـــان!
تـــون عيـــب ڍڪـــڻ ســـهڻا ســـائين! تـــون عيـــب ڍڪـــڻ جهڙو آهيـــان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.732

تلهه: پريـــن تـــون پرچيـــن مـــون ســـاڻ جيهيـــن.
مـون کـي چئـو تـه ڪريـان آئـون تهـدل تيهيـن.

1. آئـــون تنهنجـــو عاشـــق وي روز الســـتئون وو ميـــان!
ڪنئون قابلوابليٰ سهڻا سائين! ڪنئون قابلوابليٰ واري ڏينهين.

2. جيڪو توکي سهائينلو ني وي، سوڪڻي مذهب پنهنجو آئون ڪريان.
قـصن بيـن سـهڻا سـائين! قـصن بيـن کـي ڪنـدس کيهيـن.

3. ناهي معلومي نه وي، ته مونکي ڪيئن ٿي ملندو وو ميـان!
شل ڪرڙ برحال سهڻا سائين! شل ڪـرڙ برحال تـون بيهيـن!

ڪافي.733

تلهه: ڪڏهن تون ايندين جڙيا جاني! آئون ته اصل تنهنجي ٻانهي.

1. تنهنجـــي اچـــڻ لاءِ نـــي وي ڪـــانگ اڏايـــان وو ميـــان!
ڪڏهن اوهان جي ٿيندي سهڻا سائين! ڪڏهن اوهان جي ٿيندي آمدني؟

2. طعنـــا تنهنجـــي لاءِ نـــي وي ســـڀ ســـڀيئي وو ميـــان!
مهڻـا مڙئـي سـهڻا سـائين! مهڻـا مڙيئـي مـون ڳـل ڳـاني.

3. اجـان پـي اسـان تـي نـي وي تـرس نـه توکـي وو ميـان!
اي اڏـــر ڏاڍي ســـهڻا ســـائين! اي اڏـــر ڏاڍي ارمـــاني.

4. چئـــي "منڌـــار" نـــي وي مـــل مـــن مهڻـــا وو ميـــان!
ڪر تـون اها سـهڻا سـائين! ڪر تـون اهـا مـون سـان احسـاني.

Gul Hayat Institute

ڪافي.734

تلهه: ڏينهڙو اهو ڪڏهن ٿيندو يار اڳڻ منهنجي ايندو؟

1. ٻڌاءِ نجومي نيءِ وي نام خدا جي وو ميان!
ڪڏهن ورهه وڃان، پلو ٿيندءِ! ڪڏهن ورهه وڃان منهنجي ويندو؟

2. جڏهن پرچي پيارو نيءِ وي پنهنجي زبانون وو ميان!
مونکي ٻانهي سنديس، پلو ٿيندءِ! مونکي اچي سنديس ٻانهي چيندو!

3. جڏهن ايندو پيارو نيءِ وي تڏهن ٿيندينم شاديون وو ميان!
مون کي ڏيهه مبارکون، پلو ٿيندءِ! مونکي ڏيهه مبارکون ڏيندو!

4. سو ويل مرڻ جي نيءِ وي ميت منهنجي وو ميان!
هادي هٿن پلو ٿيندءِ، هادي هٿن سين لٽيندو.

5. تڏهن پجنديون مرادون نيءِ وي "منڌار" جي من جون وو ميان!
جڏهن پنهنجي نال نماڻي، پلو ٿيندءِ، جڏهن نال نماڻي کي نيندو.

ڪافي.735

تلهه: مئيءَ جا سنيهڙا ساري پانڊي وجي ڏي پرين کي.

1. چوئين تي جيهين نيءِ وي ٻڌائج تيهين وو ميان!
سر قدمن پلو ٿيندءِ سر قدمن ڏي ڏاري ڏاري.

2. منهنجا نياپا نيءِ وي نياز سين چئجان وو ميان!
ٻولي ٻانهپ پلو ٿيندءِ! ٻولي ٻانهپ جي واري.

3. منهنجو عيبن سببان نيءِ وي اڇڻ نڻو ٿئي وو ميان!
وڏيس ميار پلو ٿيندءِ وڏيس ميار تنهن ماري.

4. شل ڇڏج ڪيم لاهي نيءِ وي هٿ رحمت جو وو ميان!
محبوب مٿان پلو ٿيندءِ، محبوب مٿان "منڌاري".

Gul Hayat Institute

كافي.736

تلهه: برهه بهادر جي بي قاعدا، مونكان كمڙا كرايا.

1. قصا جي هئا كين كرڻ جا زورا زوري سي،
زابر مون كان هلڙا هلايا.

2. ناهس شوق شريعت واري، ۽ كن كفر كي نه ڏي،
عشق لک مرد بنايا.

3. ناهي جاءِ جرايت منهنجي حاكم سين هڙي،
عشق لک مرد بنايا.

4. ڳالهيون حال احوال منهنجي جون تو "منڌار" چئي،
ان كي مون منهنجا سور سٽايا.

كافي.737

تلهه: سمجهو ناچاڪ توسان، آسڻ رانجهن داهي تخت هزارا.

1. كاڻ تماشي آيا شهزادا كرندا اپٽا خيال پسارا.

2. عشق الست والي آندا اٽاهون لاتس ويكو نينهن دا نظارا.

3. تنهن داناهي مقصود مزوري گهنڻ دا كرندا سلام جنهن كون عالم سارا.

4. آكي "منڌار" مين صحيح سجاتا چاڻندا خدا پروردگارا.

ڪافي.738

تلهه: نـــاز نهـــوڙي نيـــو نيـــو مـــن محبوبـــن جـــي.

1. ڪسي ڪٽي ويو دل هينئڙو هٽي ويو لالڻ پائي هـڪ ليـو ليـو.

2. انجي اکين ۾ نور الاهي ڪامڻ جن مون سان ڪيـو ڪيـو.

3. دنيا دولت مڏيون ملڪيت ٻيو وجهـ وسري سڀ ويو ويو.

4. ٻي طاقت نـ ڪنهن کي جو تار کي ٽڪي راي ٻاروچل ٻيو ٻيو.

5. هاڻي دم دم سارڻ يار کي سنيارڻ منهنجي پساهـ منجهـ ٻيو ٻيو.

6. موڻي ويچاري "منثار" فقير جو حال ههڙو هـي ٿيـو ٿيـو.

ڪافي.739

تلهه: وڻ عجيبـــــن اچـــــي اچـــــي دلڙي درد پرايـــــو.

1. پتنـگن وانـگر پڪيـس پـاڻهي نـ تـ هيـس اڳ بچـي بچـي.

2. ڏپنهان ڏينهن تيان پئي ڏبري ماس نـ چاڙهير مچي مچي.

3. سڪ نـ ستيس ۽ سور نـ چڏيس سودا لڳيـر هي سچي سچي.

4. صورت کي نـ سجاتم جيتر، تيتر آئـون هئي ڪچي ڪچي.

4. چئي "منثار" مٿي سر منهنجي نينهـن آيـو سونچي نچي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.740

تلهه: يار جادوگر جوڙي جوڙي دل ڪئي اٽئي قابو.

1. دامون دوالين پيون پساهه ڪي زلف ڇڏي جي ڇوڙي ڇوڙي.

2. ڪجلين ڪٽارين ڪيئن واربون ڪيئي لڳيم ڪوڙي ڪوڙي.

3. برهه بچايئي باشو بحري سو ماس رڳن تان تو روڙي روڙي.

4. عشق جيءَ اڳ ۾ ٻارڻ ڪيو اٽئي جيرا ڦڦڙ منهنجا ڦوڙي ڦڙي.

5. هاڻ جيئڻ نه جڳ ۾ مرڻ نه منهجو چڪچور ٽيس منجهه چوڙي چوڙي.

6. ڪري مجروح "منڌار" ويچاري ڪي منهن ويو آهين موڙي موڙي.

ڪافي.741

تلهه: ليمڪ آهيان لٽي لٽي منهن محبوبن جي.

1. حسن حڪم هاڳام ڪري پوءِ جوپن آهيان جهٽي جهٽي.

2. عشق آيو ڪٽي هٿيار حسن جا سو جوان ويو آهي جنگ ڪٽي ڪٽي.

3. پرون آبرو ٻئي تيغون تراڙيون، تن سيغن آهيان سٽي سٽي.

4. هاڻ وڃڻ جون واٽون چلڻ جا چارا گر ٽيم سيڀ گهٽي گهٽي.

5. اکڙيون يار جون ڪجلين ڪٽارين تن ڦٽيل دل واري ڦٽي ڦٽي.

6. آڻي رکيس عشق اڏي تي تنهن قرب ڪباب جيئن ڪٽي ڪٽي.

7. چئي "منڌار" ملم مريض تي پاڻ ٻڌن من پٽي پٽي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.742

ٽلهه: صورت يار جي ساڃي ساڃي خود آهي اڪين ۾.

1. اول روز الست ڪنئون پوءِ لنوڙي جنهن ساڻ لاڳي لاڳي.
2. آهي پاڻ عجيب اهوئي دلڙي منهنجي جنهن داڳي داڳي.
3. ڪڍهن ڪري قرار قلب ۾ ڪڍهن جوش ڪري ٽو جاڳي جاڳي.
4. چئي "منڌار" مونکي ڪيو پرين رمز انهي منجهه راڳي راڳي.

ڪافي.743

ٽلهه: دل ڪيو ديدار فقيرن جو فقيرن جو.

1. ويس جني کي ڪٽيون ڪاريون، سر مٽي دستار فقيرن جو.
2. حال سندن مسڪين نماڻو ۽ پوڃت بيشمار فقيرن جو.
3. نالو مجيئون ٽي "نوح فقير" جو سرور هو سردار فقيرن جو.
4. ڪئي مجلس ارواح اُنهن سين ٽيو ملاقي "منڌار" فقيرن جو.

ڪافي.744

ٽلهه: سرور صوفين وارو، سارو ڪيو امداد مون تي حال همشه.

1. ڪن کي ڏسي رند شاهي شريعت،
ڪن کي ڪري منجهه طالب طريقت،
ڪن تي وجهي ٽو حال حقيقت،
ڪن کي ڏسي رند معرفت وارو.

2. ڪن کي پڙهائي علم ظاهر ۾،
ڪن کي ڪري واقف باطن بحر ۾،

Gul Hayat Institute

ڪن ڪي رسائي داور جي در ۾،
آهي انهن جو بخت پلارو....

3. ڪري لک طالب ذاڪر ذڪر ۾،
ڪري لک طالب فهم فڪر ۾،
ڪري لک طالب صابر صبر ۾،
ڪن ڪان وچارائي نينهن جو نغارو...

4. مرشد "امين محمد" اشارو ڪير اهڙو،
اٿر تار تار ۾ اٿر هاڻ تهڙو،
ڪونهي "منڌار" جو ڪوڙو کهڙو،
هر مظهر ڪان آهي رهڻ نيارو.

ڪافي. 745

ٽلهه: وڃ مت مرشد موچاري جي ۽ لوڪ دنيا جي لڙهه ڪير لڳ تون.

1. دم نه وسارج تون دلبر ڪي، مرشد مڪمل تنهن منور ڪي،
سونهن پري تنهن سچي سرور ڪي، رک او ياد پيشاني پياري جي.

2. رکج اندر ۾ يار جي روايت، جنهن مان ٿيئي توکي هدايت،
سمجهه رکين تان ٿيئي شفاعت، او صحبت يار سچاري جي.

3. خيال دنيا جا اٿئي ڪارينڌڙ، وحدت وارا ورق وسارينڌڙ،
حرص هوا جا اٿئي رنگ ڏيکارينڌڙ، او آهي حرڪت نفس هچاري جي.

4. سمجهه چگائيءَ ڪي "منڌارا"، هر دم هوڄ تون هاشيارا،
ڏسڻا سڏارج مرشد وارا، پوءِ من وات ليئي واڌاري جي!

ڪافي.746

تلهه: لهي ويو دليل دلگيريءَ جو، اچي عشق لڳم اکسيري جو.

1. مون تہ ڇڻيءَ هڻي ڇمار وڃائي، اوتڙ ۾ ساري عمر اجائي،
يار سڄڻ جي وات سجائي، ڪامل قرب قديريءَ جو.

2. آئون تہ گهران تو سندين صحبت، جنهن منجهہ رب جي راحت رحمت،
هردم حاصل من تيئي محبت، پوءِ ناهي احتياج اميريءَ جو.

3. يار سڄڻ مونکي ڳالهڙي سڻائي، سا مت سندين مون من لائي،
غير دليل جي وسريم وائي، جو حرص هوم صغيري جو.

4. چئي "منڌار" منهنجو محرم آيو، پيچ پريت جو پيارل پايو،
سهڻل ڪيو اچي سانگ سجايو، جنهن فيض ڏنو آهي فقيريءَ جو.

ڪافي.747

تلهه: ڪيئن سانگڙو پايو اٽئي شڪاريءَ جو،
جو وري ترس نہ پيئي مون ويچاريءَ جو.

1. تنهنجون ڪجليون ڪان مثل تي ڇڻيون،
ان تيغ ابروءَ جي هزارين ڦڻيون،
ڪير ڪندو هاڻ اُن تي پڻيون،
پيو ويچ نہ ٻاڻ ٻلهاري جو.

2. هيءَ هت تنهنجي پئي منجهہ ڦاهي،
سا ڪنهن وڻ قيد تيل وجي ڪاهي،
پڌڻ وارو پيو توريءَ ناهي،
فرياد دل فگاريءَ جو.

Gul Hayat Institute

راڳڻي آسا

3. دام منـــــدي دل منهنجـــــي نيـــــڑي،
قـــابو ڪمنـــــد ۾ ڏاڍي ڪيئـــــڑي،
مرضـــي ڇـڈڻ يـــا ڪهـــڻ جـــي پيئـــڑي،
آهـــي اهـــو ڪـــر تنهنجـــي اختيـــاريءَ جـــو.

4. ڇئـــي "منڌـــار" مـــون ڪـــي آســـرو نـــاهي.
ســـوس جيئـــڻ جـــو ڇـــڏيم لاهـــي،
تـــ مـــوت منهنجـــو تنهنجـــي هـــٿ آهـــي،
ســـو اڻـــر يقيـــن اعتبـــاريءَ جـــو.

ڪافي. 748

ٽلهه: توڪـــي رنـــگ هـــون رانجهـــن يـــار ســـندم،
واهـــ جـــا ســـگهي لـــڏي اڻئـــي ســـار ســـندم.

1. جڏهن هيءَ نماڻي تنهنجي نالي هئي سڏڻا ڪندي سنياڻي هئي،
هت هت تنهنجي حوالي هئي، تڏهن ڪڙي هيئـي آڌار سندير.

2. جڏهن هن ته هيڻيءَ جو حال مڙوئي، توکان نہ ڳجهو ڪو خيال مڙوئي،
معلوم هيءُ احوال مڙوئي، تڏهن مناسب توتي ميار سندير.

3. جيءَ منهنجي ۾ ڳالهڙي جائي، هير اندر ۾ آس اُهائي،
ڪانہ پڃائي دلبر ڪائي، انهين ويئي افراد ڇمار سندير.

4. ڇئي "منڌار" هوم عزم اهوئي، ته جنهن دم سنياليندیس ملندو سوئي،
هاڻي حياتيءَ بنو رهيم دم ڪوئي، تڏهن ساڻ اوهان الله توهار سندير.

ڪافي.749

تلهه: پانڌي ادا! پرين جي پار سندي، مونکي ڇئو تون حقيقت يار سندي.

1. توکي جيڪا سهڻل يار سڏائي، باب منهنجيءَ ۾ بات ٻڌائي،
سچ تون سڌائج ڳالهه اُهائي، اڄ ڪا اسان اعتبار سندي.

2. مون سان ملاقي نجان ڪڍهن ٿيندا، دل کي دلاسو ڏيندا نه ڏينداِ؟
ڪرم ملڻ جو ڪيندا نه ڪيندا، اها ڳالهه سندين اختيار سندي.

3. لڻءُ تہ سنديم لڳيم لولي، عشق عجيب جي آئون آهيان اولي،
ٻانهپ واري ان سين ٻولي، اڄ مون امر بردار سندي.

4. جيڻ جدائيءَ ۾ جنجال ٿيم هت هي منهنجو حال ٿيم،
منجهه درد آهون احوال ٿيم، اها ڪا معلوم هئي "منڌار" سندي.

ڪافي.750

تلهه: اچي ٿيو پويون آهي وقت پڇاڻيءَ جو، آيو سو معياد موڪلائيءَ جو.

1. آئون جا ويچاري محبت ماري، سڪ ۾ گذاريم عمر ساري،
آهيان تنهنجي لاءِ اجاري، جيڻ اُجيل ڪري شوق پاڻيءَ جو.

2. ڪرم اسان تي اصل توکيڙا، اهي مون کي وسري اجان کين ويڙا،
اچي اڄ مل گهران امداد تو اهڙا، اهو مون سوال ايائيءَ جو.

3. ياد نه آهي مون کي موت مڪمل، پرت پيارا تنهنجي بينم بلڪل،
ڇنڻ اها تند مونکي آهي مشڪل، جو پيوند پريت پراڻيءَ جو.

4. چئي "منڌار" محبوب پيارا، دم نه سوتڙي ٿيئي توکوڻ ڏارا،
پال ڪري اڄ هاڻ پلارا، اچي ننگڙو نباهه مون نماڻيءَ جو.

کافي.751

تلهه: هڻ مئين ويڪيا خسن دلبر دا، جنهن دا مٽ شمع نه شمس قمر دا.

1. ساجن ميڏا سر سبحاني، جنهن دي منزل هي لاثاني،
ڪيوين ڪران مئين واکاڻ زباني، هئي نور خدا پرور دا.

2. طور سينا تي تجلا آيا، نور نهوڙي جبل جلايا،
اوئي درشن هڻ مئين پايا، واهه واهه اسرار انور دا.

3. مئين سجاتا ساجن سوئي، ناهي دليل کجهه قطرو کوئي،
اعليٰ افضل نور اهوئي، جوئي مالڪ هئي محشر دا.

4. آکي "منثار" مئين هان مستانا، مئين ڪون ڪيتا هي ديد ديوانا،
ناهڻ آوي صبر زبانا، جنهن ڪون شوق پيا سرور دا.

کافي.752

تلهه: ٽبي ڏونهان وچون ڏيندا هي عشق ڪفر اسلام نه ڏيکي.

1. ڪڏهن دانهن ڪڏهن ديواناهي ڪڏهان عاقل ڪڏهان مستانا هي،
ويڪو سهس رنگي سبحانا هي وٽندا ڪام ڪريندا هي.

2. ڪڏهن شاهه تخت سر شاهي هي، ڪڏهان پينوا آپ گدائي هي،
اهندا رنگ عجب الاهي هي، ويڪو هر بازيگر ٽيندا هي.

3. ڪڏهان محمد نام ڏاراوي، دين شرف اسلام ڪراوي،
ڪڏهنا نام هر نام پڙهاوي، ويڪو برهو بيک بنيدا هي،

4. هڻ آوندا لباس اسان ڏي چولي، اي سڀ باتيان برهو هولي،
هي "منثار" امر دي گولي، اوئي عشقون آپ الينڊا هي.

Gul Hayat Institute

كافي. 753

تلهه: هجن توكي لک حيف هزار جو پيا اٽيئي ڪٽ قول وسارڻ جا.

1. قالو ابليٰ جو تہ قول ڪيوئي، سوگڻ پلڪ نہ ياد پيو ئي،
پول سپول سارو وسري ويو ئي، هت ڪنئي بدين جا سو لک بار.

2. سو تہ بدين جا بار پرين تو، پيا خام خيال ڏس دم تہ ڏرين تو،
ڪوڙا ڪانئر ڪانہ ڪرين تو، پرين جي هت ياد پچار.

3. ڪوڙن قصن جون تورو موجون ماڻين، عقل تہ هڏهين مور نہ آڻين،
سچ ڪي تون تو ڪين سجاڻين، هاڻي رک ڪا پنهنجي سرت سنپار.

4. هئي هئي هاريا ڪين ڪمائيئي، ويهي اجايو وقت وڃائيئي.
الٽو پنهنجو پاڻ ڦاسائيئي، ان ڪان مرڻ موچارو هو "منڌار".

كافي. 754

تلهه: عشق عجائب آهي وڏو ٽول جن ڪن ڪي ڪيو بخش خدا.

1. طالب المولىٰ فاذكروني هڻ هينئين سين حديث جو بول.

2. قالو بلىٰ تہ ڪيئن فرمائيئي، لاءِ قلب سين پنهنجو مول.

3. حن تي آيو عشق الستي، معلوم تن ڪي پيڙو مول.

4. اي "منڌار" گهر عشق الله جو غير گمان وارو پيج تون پول.

ڪافي.755

تلهه: دلبر توکان ڌار دکن ۾ تنهن ڏولائي جا ڏينهڙا گهاريم.

1. ورونهه انهي جي آئون اچي پيڙس پنهنجي نصيب نراڙ پکن ۾.

2. آيم ڏينهن الست ڪنئون، پوءِ مون ته ڇنيءَ جي ڇمار ڏکن ۾.

3 ٻيون ته منهنجون سرتيون سرهيون سنديون، گهمن ڇگي گينوار سکن ۾.

4. ڇئي "منڌار" مرض منهنجي جي دوا تنهنجي منجهه ديدار اکين ۾.

ڪافي.756

تلهه: تنهنجو سومرا سون چاندي آئون ڪين پائيندس.

1. وطن اسان جي اهين ويڙهيون، جتي منهنجون سرتيون ساهيڙيون،
ءِ هي هنڌ بنگلا ظلم جون ٻيڙيون، ڪنهن قضا امر اهيان آندي.

2 نه منهنجو مطلب تنهنجي سک مال ۾، نه منهنجو مطلب ٻي ڪنهن خيال ۾،
ريءَ اباڻن آهيان جنجال ۾ تن مارن لاءِ دل ماندي.

3. آئون ڪيئن لاهيان اباڻي لوئي، جنهن ۾ گذاريم راتيون روئي،
ٻيو نه ڏنئون مونکي ڏاجو ڪوئي، هڪ اها ڏنئون امدادي.

4. ڇئي "منڌار" منهنجي ماروءِ مير جو ٽئير نصيب شل مقام مليو جو،
اهڙو ارادو منهنجي ساهه سرير جو ته ٽئير قبر پنهوار جي پيراندي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 757

تلهه: سمهڻ سيج ٻندن تي مون نه جڳائي وي ميان عمر! مون نه جڳائي.

1. ياد مليو جنهن ڪي پيندو، الڻ اوسيئڙو ان ڪي ڏيندو،
روئندي رات سڄو ڏينهن ويندو، سي هسنديون ڪين هنڌن تي.

2. منهنجون مٽاڻيون آهن اهي ئي، جي ست ۾ گذارين سرتيون سپئي،
مائڻ مرڪن انجا مڙيئي، جيڪي پرين پنهوار جي پنڌن تي.

3. اڃ اُميد اتي آئون ويندس، آزيون ۽ نيازيون ان ڪي ڇيندس،
پيرين پنهوارن ڪي وڃي پيندس، رکي سر قدمن تي.

4. عمر! خيال سمجهه تون پنهنجو هيءُ ته مناسب ناهي تنهنجو،
ڇئي "منڌار" آهي ننگ منهنجو اني ايل ونڌن تي.

ڪافي. 758

تلهه: مرڪ نه ماڙيچن وي ميان عمر!، سمهڻ سر ڏيئي وهاڻا وو،
آئون ڪيئن سمهان ميان سيج تي.

1. ڪاڇ سگهر جن جو ساوڙي وو، آئون بي منجهان آهيان تن،
جن جا گهر پکڙا پن جا پراڻا.

2. وو وينو آئون لڙڪ وهايان، وو ساريو سانگيئڙن،
هاريان جر، ڪڏهن ڏسندیس اباڻا.

3. قسمت آندي آهيان ڪوٽ ۾، وو منڊيس منجهه محلن،
ساڻ امر، کهڙي ڪرم نجاڻا.

4. وو مون سان سي "منڌار" ڇئي، وو پنهوار شال پرچن،
هٿ هيڪر ڏوڻي مئي جا ڏاڏاڻا.

ڪافي.759

تلهه: ڏوٽيئڙا ڏيهي ڪيئن وسرن، جن سان گڏ مون گذاريو،
وو قسمت آندي آهيان ڪوٽ ۾.

1. پيتيون هيم پياليون، وو ويڙهين منجهه ويهي،
ساڻ سرتين تنهن مونکي محبت ماريو.

2. وو سانگيئڙن جي سيل ۾، وو ڪر ٽيندير ڪيهي،
منجهه قيدن تنهن مونکي ڳٽتيءَ ڳاريو.

3. وو آئون تم اباڻن جي آهيان، وو جيهي جي تيهي،
تم بم سندين مونکي پنهوارن پاريو.

4. منهنجو من "منڌار" چئي، وو ننگڙو ڏسن نيهي،
سوال اڻن، نين وطن من واريو.

ڪافي.760

تلهه: پنهواريون پريات ميان عمر! ساهيڙيون آئون ٿي ساريان،
وو جنم گذاريو هوم جن سان.

1. وو اڻم اباڻي پار جي، وو وائي منهنجي وات،
آئون وسان تم ڪين وساريان.

2. وو مارن ڏاران هت ماڙينئين، وو قيام گذاريم رات،
محشر رت هنجون هئي هئي هاريان.

3. وو ڪيڙ بنديائي بند مان، وو عمر ڪر آجاڻات،
لاهه در تم ڪائوڙين ڪي ڪيڪاريان.

4. وو تن مارن سان "منڌار" چئي، وو منهنجي ٿئي ملاقات،
هيڪر صاحب رب ڪي سنياريان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.761

تلهه: اونهي ڪونه آيو اي ميان! پنهوارن جو هٿ پاندي،
وو آئون ان ماري آهيان مامري.

1. وو ويڻي لڙڪ وهايان، وو مونن منهن پايو،
ماڙيچن لاءِ دل ماندي.

2. وو آئون جي مران هٿ ماڙينئين، وو ته ميت موڙايو،
مقام تن مارو ٿينر ڪاندي.

3. وو ڪرم لکئي جي ڪوٽ ۾، وو مئي کي ڦاسايو،
منجهه قيدن ارادي ڪنهن آندي.

4. وو منهنجي اڃ "منڌار" ڇئي، روح اهو رايو،
ته وڃان وطن هيڪر، ٿيان هيڪاندي.

ڪافي.762

ڪاغذ خط پيغام پاندي، مئي ڏي ڪونه مڪائون،
ڪائي دلداري هن قيد ۾.

وو سانگين ڏاران عمر سومرا! وو مئي سان ٿيوم ماتام،
ماندي ري ابا ڻآءِ.

وو آيو اباڻن ڪئون ڪونه ڪو، وو سنيهو ڪو سلام،
چا لاءِ وچاندر ورهيه وڏائون.

وو آئون ته قبوليندس ڪينكي، سون رپو سر انجام،
چاندي لوئي مون کي لاڳ ڏنائون.

وو مان ڇئي "منڌار" جو، وو تن ماڙيچن سان مقام،
ڪاندي مارو ٿينر تڏاهون.

ڪافي. 763

تلهه: سرتيون ڏيهه سنگهار ساريان، ماڳ وطن ۽ ٻيون ويڙهيون،
وو سي مون کي ڏنڙي ڏينهن تيا.

1. وو آئون هت آب اکين مان، وو ڏنارن کان ڏار،
هاريان ياد ڪريو ساهيڙيون.

2. جيڪي لکيو لوح ۾ وو، سو وڻ قيد قهار پاريان،
سهان هلاڻون تي ههڙيون.

3. منهنجين ماڙيچن سين، و شال! ٻڪر ٻپاڻا چاريان،
تين تر ڇايون ات پيڙيون.

4. تن مارن ريءَ "منڌار" ڇڻي، وو ڏکيا ڏينهن ڇمار گهاريان،
ظلم زنجيرن ٻيڙيون.

ڪافي. 764

تلهه: ويڙهه وطن ڏي آئون ويندس، روح وڻن نا رتوليون،
وو موکل ڏي وي ميان سومرا!

1. ڏونرا پسيون ڏيهه ۾، وو ڪائوڙين سين وڃي ڪيندس،
گولاڙن جون ٻيون گولون.

2. هيءَ حقيقت حال جي، وو ڇاڇاڻن کي وڃي چيندس،
جيئن رنم تي هت رولون.

3. وو عمر اباڻي ايل ڙي، ڇيهڻون کين ڇڏيندس،
کير ٻاڻن سان ٻولون.

4. وو ڇڻي "منڌار" ملير، وو پيش پرين جي وڃي پيندس،
تيندير معاف ٿوليون.

ڪافي.765

تلهه: عمر! اڄ هي خواب ڏٺم. مارن ساڻ ملي آهيان.
وو وڃي وطن ۾ پهتانهنجي.

1. وو سانگي سرها ساڻيهه ۾، وو هن منجهه ڪو نه حساب ڏٺم.
ور ريءَ آڻون ڪيئن ولهي آهيان.

2. مرڪن روز ملير ۾، وو اُن، منجهه عيل عجائب ڏٺم،
آڻون هت عيب الي آهيان.

3. جان جاڳيس پوءِ ننڊ مان، وو تان هت تنهنجو تاب ڏٺم،
۽ ڪيئن تو قيد جهلي آهيان.

4. منجهه سهڻي "منڌار" چئي، وو عزت انهي وڻ آب لڌم،
ته ڪائوڙين ساڻ ڪلي آهيان.

ڪافي.766

تلهه: هي ڏهاڙا هت هنئين، قسمت جا مونکي قيد ۾ پيڙا.
وو مان ملان ڪي هت مارئين.

1. جيڪي لکيو لوح ۾، وو ڏکڙا ڏسان تي تيئن،
وٽان مون وهلور جي ويڙا.

2. اڻ لکيا عمر ڇام جا، وو ڪوٽ ڏسان هوند ڪيئن،
مائٽ مئي جا تر منجهه تيڙا.

3. سيڻ منٽائي ساڳيا، وو مورهون مرندي سيئن،
ڪنديس ڪين ٻئي ڙا.

4. مون ته نجهان "منڌار" چئي، وو اصل الست جي ڏينهن،
گناهه ڪبيرا هئا ڪيڙا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.767

تلهه: وٽڑا مينهن مليڙ ۾، ڏوٽين ڏيهڙو وسايو.
وو آئون تہ عمر! تو هت قيد ڪئي آهيان.

1. ڳالهيون ڳوٽاين جون، وو ساريان روز سريڙ ۾،
اکڙين آب وهايو.

2. وو اصل منهنجي انگ ۾، وو لکيو قلم خميڙ ۾،
لوڙيم پنهنجو ڪمايو.

3. آئون ڪيئن عيبن کان ڇڻان، وو سانگيئڙن جي سير ۾،
جو مهڻو مئي ڪاڻ آيو.

4. چئي "منڌار" اُميدڑي، وو اڻم پنهنجي پير ۾،
تہ ڪندڙ سانگ سجايو.

ڪافي.768

تلهه: ويڑهيچن جي ورونهه، منهنجي حالت هي بنائي،
وو نڪي جيان، نڪي مئي آهيان.

1. ساري سانگيئڙن کي، وو سڃيءَ وجايم سونهن پنهنجي،
جهوريءَ جان جلائي.

2. مئيءَ کي ماروئڙن جا، وو دل ۾ دکيم دونهن نهجي،
دونهين درد دکائي.

3. مئي جي پت پنهوار سان، وو محشر منجهه صبوح رهجي.
ايندم شال سڃائي.

4. مونکي مراد "منڌار" چئي وو حضرت نرمل نوح تنهنجي،
تون ڪج ساعت سجائي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.769

تلهه: ويڙهيچن وري ڪائي خبر، مئي جي ڪانه ڪئي آ،
هوم انهن جو آسرو.

1. وو ساري سانگيئڙن کي، وو پيڙهه ماهه ڳري منجهه اندر،
ڪا جا پيڙ پئي آ.

2. وو ڪيت خبر ڪئي ڪانه ڪا، وو ظاهر هيڪ ذري، تنهن پنهوار،
دل انهيءَ هول هنئي آ.

3. وو قضا منهنجي ڪرم جي، وو لکيل ڪين ٽري، انگ اکر،
اصلئون ٽيئي ٽئي آ.

4. ان مونجهاري "منڌار" چئي، وو ويندیس مفت مري اي عمر!
آس جيئڻ جي ويئي آ.

ڪافي.770

تلهه: عمر! اڄ ته آيو اي ميان! پانڌي ڏانهن پنهوارن،
تان آءُ اسان ڏي، تون مارئي!

1. هيءَ نياپو نويڪلو، وو چاچاڻن چايو، اي ميان!
ثابت مئي ڏي سنگهارن.

2. رنج روسا مون ريت جو، وو لک نه مون سان لکايو، اي ميان!
تن ماڙيچن موچارن.

3. سرهي بابت سومرا! وو مئي کي موڪايو، اي ميان!
ويندیس پنهنجي ولهارن.

4. اڳر اباڻي ملڪ ڏي، وو سنبت ۽ سعيو، اي ميان!
ته پاڻي پيان تن پارن.

5. مان پچي "منڌار" چئي، وو روح سندو رايو، اي ميان!
سنمک ٽيان سردارن.

Gul Hayat Institute

ڪافي.771

تلهه: اوٿي شل ڪي اڇن، خبرون ڪن، ماڙيڇن جون مون وٽ.
من ڪي ڳالهڙيون، منڪي ڳالهڙيون.

1. ڪيئن وڃايون خير سين، وو مئي ڏي مان منجن ورهه وڃن،
حرص تين هونود جهٽ پٽ.

2. ان ته اباڻي ڏيهه جي، وو سرتيون روز ڪتن لاءِ ڪٽن،
ڏوئيرن پنهنجي ارٿ.

3. ڏکيا ڪٽيم ڏينهڙا، وو ڪسڪي منجهه ڪوٽن، هن محلن،
ريءَ ڏوتين پوان پيئي گهٽ.

4. موٽي آئون "منڌار" چئي، وو وجهان ويڙهيچن، ملڪ سندن،
شل پرجن سر ڏيان سٽ.

ڪافي.772

تلهه: ان تاريلن سان تيان ويڙهه وڃي، هيڪر شل هيڪاندي،
وو راز جنين ساڻ منهنجي روح جو.

1. وو ڪير پيالين ڪائڙ ۾، وو پنهوارن سان پيان، آهيان اجي،
مارن لاءِ دل ماندي، اهو ارمان ورونهه جو.

2. وو پيرون پنهوارن ڪي، وو ڏوتيئڙن ڪي ڏيان ڏار پڃي،
ڪهڙن منجهه ڪشادي سنگهارن ڪي صبح جو.

3. ايل نه پڃنديس ان جو، وو جيتر تي به جيئان، سا مئي مڃي،
بات سنهين بنيادي، سيل اباڻي سونهن جو.

4. تن مارن سان "منڌار" چئي، وو مئي ڪي ميل ميان تيام اجي،
اها گهران امدادي، نظر سرور شاهه نوح جو.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 773

تلهه: ساريان روز صبح مولئ، ڳڻ ماڙيچن جون ڳالهيون،
مون ساڻ ڪيون جي تن مارئين،

1. مون تان ڏنڙي ڏينهن ٽيا، وو ان ساهيڙين جي سونهن مولئ،
جن تي لاڪيون لويون لاليون.

2. راتو ڏينهان روح ۾، وو ويڙهيچن جي ورونهن مولئ،
ساهيڙيون مون سنياليون.

3. ساريم ماڳ مليم جو، وو ساريم ڪائوڙين جا ڪوهه مولئ،
پيتم جن تي پياليون.

4. مون نه وسرن "منڌار" چئي وو روز هيئين ڪان روح مولئ،
چت تي چڙهن سندين چاليون.

ڪافي. 774

تلهه: الله! ماڙيچا آڻ مولئ، ماڳن تي موڪائي،
وو آئون به اڪندي آهيان ان کي.

1. سانگي جن ويڙا سانگ تي، وو پريون ڪنهن پرياڻ مولئ،
لاڳاپا مئي جا لاهي.

2. روئي روئي ڏينهن راتيون، وو حال وڃايم هاڻ مولئ،
ويڙهيچن کي واجهائي.

3. قادر ڪاريندم ڪڏهن، وو ريلن منجهه رهاڻ مولئ،
ويڙهيچن سان ورائي.

4. مون سان ڪج "منڌار" چئي، وو پرين جي پرچاڻ مولئ،
بديون سندير بخشائي.

ڪافي.775

تلهه: الله ڪو اوٺي آڻ مولئ تن ڪائوڙين جو وو خابرو.

1. مولئ مينهڙا وسائين، وو ملڪ مليئر تي هاڻ مولئ،
تن رهي ابائڻ جو آبرو.

2. مون کي تن مارن سامهين، وو ساڻ ايمان اماڻ مولئ
تن لهن ظالم مئي تان زابرو.

3. وڃي آئون ويڑهيچن سين، وو ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ مولئ
روئي روئي وڃي روبرو.

4. تن مارن سان "منڌار" چئي، وو منهنجي تئي ميلاڻ مولئ!
تن تيان سنگهارن وٽ سرخرو.

ڪافي.776

تلهه: هاءِ ڪيڏر رات رهاڻيون، ميان ڪائوڙين سين وو خواب ۾.

1. خواب ۾ ڪائڙ ۾ ڏٺم تن، ويڑهيچن جون واڙيون،
جان جاڳيس تان پوءِ ڏٺم، طاق تنهنجون تاڙيون.

2. پٽ پهريندیس ڪينڪي، هٿ پلنگ پٽراٽيون،
وو ڪٽيون ڪائڙ ملڪ جون، اوڍين جن ڪي اگهاڙيون.

3. سيرا حلوا سيئيون، چکيندیس کين چنگاليون،
ساڳ سگر جو سومرا! ساڻ پلاکين پاڙيون.

4. مون نه وٽن "منڌار" چئي، محل تنهنجون ماڙيون،
وو جهوپا جهانگيئرن جا. پٽيون جن جون پراٽيون.

ڪافي.777

تلهه: سائين ڏوتي مئيءَ جا ڏاڏاڻا، اُن جا اوڀين وو ڪپڙا.

1. پٽ پٽيهر زربفت، عطر ڪتوري هاڻان،
ڏسيو ڏيل ۾ تي ڏاران، سي مونکي ڪين سيباڻا.

2. ڪتاڪتيون لوئيون، ان جا ويس وڏاڻا،
ڏاج ڏوئيرن جو ڏين، ڏيءَ کي پرڻي پچاڻا.

3. ڪباب قيما ڪوفتا، سي ڪيندا ڪين نماڻا،
ڏڻ ڏونرا سگر ڪين، ڪنيون مڪٽيون پرڻ مانڊاڻا.

4. هي محلاتون "منڌار" ڇئي، سمجهن عيب اباڻا،
وو جهوپا جهانگيئڙن جا، پکڙا پن جا پراڻا.

ڪافي.778

تلهه: اسين تنهنجا اوڏ غريب، لاکا! توتي لڄ ننگڙو نماڻيءَ جو.

1. جهڙي جي تهڙي تنهنجي آهيان، اهو تنهنجو آسرو مور نه لاهيان.
ڪج تون ڪرم قريب وي ميان!

2. اسان جن عيبن ڏي ۾ نهارج، پنهنجو ننگ پاڻئون پارس پارج،
ءِ ڇڳي تنهنجي عادت، عجيب وي ميان!

3. اوڏڻ نماڻي سڏايان تي، اوهانجي لطف وڏي سان، مونکي ڪج پانهنجي،
ڪنهن ساڻ نواز نصيب وي ميان!

4. مهر موچارا! ڪر "منڌار" تي، نياز وندي هن عرضن دار تي،
ءِ هٿڙو رکج حبيب وي ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي.779

ٽلهه: رسڻ جو نياپو اڄ رات وي ميان! عمر اباڻن مون ڏي آهي موڪليو.

1. ملڪ مليو ٿ هيس موچاري، اچي ٽيس تو وٽ عيبن واري،
ڏٺ آيو بديءَ سندي بات، وي ميان!

2. مهندا مارن جي مري ڇو نه ويس، مهڻن ڪارڻ اچي هٿ پيس،
حال منهنجي ڪي هيهات، وي ميان!

3. اوڍڻ مارن جا ان جون لويون، ڪاڄ سگر ٻيو ڏونرن جون ڏويون،
زيور پائي ڪين، اها ذات، وي ميان!

4. جڏهن "منڌار" ڪي نيندا مليو ٿ، پرچندا پاڻئون صحبت سير ٿ،
تڏهن من تان ويندي مشڪلات، وي ميان!

ڪافي.780

ٽلهه: اچي ٽيا حرف هزار وي ميان! عمر تن ماروئڙن جا.

1. ان جون ڇايون هٽ ڪين آيون، سي پين ڪائوڙ جا پار وي ميان!

2. مونکي ڇيائون ڳالهيون سي ڪير نه ڇاليون، اها مون ڏي آهي، سندين ميار وي ميان!

3. انگ منجهه اينهين لڪيل جيهين، تيئن ٽيس ڌنارن کان ڌار، وي ميان!

4. چوي "منڌار" مون سان هڪوار، اهي پرچن شال پنهوار وي ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي 781

ٽلهه: اڄ مون ڏي آيا ڪي سلام وي ميان عمر! تن ماروئڙن جا.

1. سانگين سنيها، ڇيا سب ساري، ڏنا سي قاصد، مئي ڪي ويچاري،
تنهن پاڻڏيئڙي پيغام، وي ميان!

2. چي رهج ثابت، ستي پنهنجي سيل ۾، ڪج ۾ تفاوت اباڻن جي عيل ۾،
ڪامڻ! ڪچي تون ڪج ڪام، وي ميان!

3. بي ڏوهيءَ ڪي ڪيئي ڇو باندي، مونکي ڏي موڪل تيان آڻون هيڪاندي،
اهو سوال ڪريان تي صبح شام، وي ميان!

4. شراڪر سومرا! ڇڏ "منڌار" ڪي، موٽي ملي من پرينءَ پنهوار ڪي،
جنهن ڏي هينڙي جي هام، وي ميان!

ڪافي 782

ٽلهه: جيءَ ۾ سندن يادگير، وو عمر سائين! اني ڪي اکندبو منهنجو سرير.

1. ڳڻيو سندن ڳالهيون، ڇيو سندن ڇاليون،
نيٽين تي واهيان ويٺي نير.

2. اجهي مارو ايندا، مونکي وٺي وطن وينداء
پيچي تنهنجو ظلم زنجير.

3. حرف حسابي، مونکي مارو ڪندا معافي،
توهي سين مڙيئي تقدير.

4. ميلو "منڌار" جو، اُميدن وار جو،
ڪندو پرين سان پير.

Gul Hayat Institute

کافي. 783

ٽلهه: سانگي منهنجا روز سنپاريان، وي عمر سائين!
ان کي آئون نت ٽي نهاريان.

1. هڪ ٽه ساريو ساهيڙيون، پيو وطن جون ويڙهيون،
آب ٽه اکين منهنجان هاريان.

2. جيٽر کا حياتي، ناهي مماتي، ٽه ويڙهيچا،
تان نه وساريان.

3. هٽ جي پهر پون ٽا، ٽه ڇڻ ورهيه وڃن ٽا،
انهيءَ غم منجهه ڏينهڙا ٽي گذاريان.

4. آهي "منڌار" جي من، تان ملان کي ماڙيچن،
جنين کي سرير منجهه ساريان.

کافي. 784

ٽلهه: تن سانگين مئي جي سنپار، ميان عمر! قيد ۾ لڏڻي کانه کا.

1. وينديءِ آئون لڙک وهايان، وي ميان!
تن ڏنارين کئون ڏار.

2. لوئي ٽه منهنجي ليڙ ٽي، وي ميان!
پيا مر ۾ منهنجي ويا اٽر وار.

3. سي نه اباڻا آيا، وي ميان!
آئون هيس جنين جي هار.

4. کهڙي آئون چائي موکليان، وي ميان!
تن ماڙيچن ڏي ميار.

5. ڏکيا ڪٽيا آهن ڏينهڙا، وي ميان!
تن مارن ريءَ "منڌار".

Gul Hayat Institute

ڪافي.785

تلهه: ڏنــي لنگهــي ويــا اڻــر ڏينهــن ميــان عمــر!
مــــارئڙا مــــاڳ مليــــر جــــا.

1. جيڪــر هجــان آئونــوس پنهنجــي، وي ميــان!
تــــ هــت نــــ گذاريــان هيئــن.

2. جيئــن ڪونجــون سـارين روهــ ڪــي، وي ميــان!
مونکــي طلــب مــارن جــي تيئــن.

3. منهــن نــــ ڏنــــوم وري مــــارئي، وي ميــــان!
ڪئين مندون لنگهي ويون مينهن!

4. هــي مــاڙيچي "منڌــار" چئــي، وي ميــان!
وري قيــد وهــاري اڻئــي ڪيئــن.

ڪافي.786

تلهه: ان جي پڇان ڪيئن ڪري عيل، ماڙيچا مليــر جا،
ســـائيانون ڏـــي ســـاريان ســـبيل.

1. تنهنجــي سـيج نــ قبوليندين سـومرا! وي ميــان،
اهـــي لاهـــي ڇـــڏج دليـــل.

2. الڪـــو رکنديـــس ان جـــو، وي ميـــان،
جيڪـــي اڻـــر اباڻـــا اصيـــل.

3. بـــي ڏوهـــيءَ کـــي هـــن بنـــد ۾، وي ميـــان،
ڪيئـــن آندئـــي عزازيـــل.

4. مونکــي موڪــل ڏي "منڌــار" چئــي، وي ميــان،
پنهنجـــي ڪـــارڻ رب جليـــل.

Gul Hayat Institute

ڪافي.787

ٽلهه: منهنجي اڄ موڪلاڻي، آهيان بنديـاڻي، وو قسـمت، نيـر تـي،
ڪـوٽ ۾ ڙي جيـڏيون! مئـي جـي آهـي موڪلاڻـي.

1. مونکي معاف ڪجوڙي منهنجيون سرتيون! هئي اديون!
اوهـانجو پيتـر جـو پـاڻي.

2. ڪائي ڪل لهجو منهنجي قيد ۾، هئـي اديـون!
پنهنجـي سـنگت سـڃاڻي.

3. هٿ مـري رهنديـس مـاڙيئين، هئـي اديـون!
سـانجهي يـا سـياڻي.

4. مـان تئـي "منڌـار" چئـي، هئـي اديـون!
وري منهنجـي ان سـين ملاڻـي.

ڪافي.788

ٽلهه: اٺ ئي پهـر اداس ميـان عمـر! مـارن جـي منهنجـي مـن تـي.

1. راتـو ڏينهـن روح ۾ وي ميـان!، پنهوارنجـي پيـاس ميـان!

2. مونکي تن ماڙيچن جي وي ميان! تانگهه طلب ٻي تاس ميان!

3. بي ڏوهيءَ کي هن بند ۾ وي ميان! قيد ڪيئي ٻي قياس ميان!

4. مـارن مـلان "منڌـار" چئـي وي ميـان! اهـا اٽـر اميـدڙي آس.

Gul Hayat Institute

کافي.789

تلهه: تن کائوڙين مان ڏي خبر، ميان عمر!
ماڙيچن کان موکلي.

1. ڪئين وهلور وجود ۾ وي ميان! جاڳيم غم ۽ گوندر ميان!

2. آئون تہ مران تي ان مامري، وي ميان! جو کانہ لڏائون ڪر ميان!

3. ساريو سانگيئڙن کي وي ميان! پوءِ هنجون وهايان هر هر ميان!

4. يا آهن ماروئڙا پنهنجي ماڳ ۾ وي ميان! يا سانگي ويا ڪنهن سفر ميان!

5. من موٽي ملان "منڌار" ڄئي، وي ميان! ڪنهن پردي ساڻ پرور ميان!

کافي.790

تلهه: پيم کانہ پروڙ ميان عمر! مارو ماڳ يا ٻئي ملڪ ويا!

1. تيا وهلور وجود ۾ وي ميان! ڪئين ارمان اروڙ ميان!

2. قيد ٽيل آهيان ڪوٽ ۾ وي ميان! ڪنهن زيري هيٺ ضرور ميان!

3. هن ڏينهن ڏوٽي ڏونرن جا وي ميان! چوندين پٽن منجهہ پروڙ ميان!

4. مونکي ناهي معلوم "منڌار"، ڄئي وي ميان! تا دل ۾ اچن دروڙ ميان!

Gul Hayat Institute

ڪافي.791

تلهه: حق الله، حق الله چو الله اندر ۾ خدا کي ڳول، پنهنجي ڪول،
سو اتئي گهوٽ گهر ۾.

1. ڏس قرآن جو فرمان سڻ بيان خبر ۾،
آهي فاذكروني اذكر كم ڏس عزت هن اکر ۾.

2. خدا جلشانه جو مکان آهي دل، من جي مندر ۾،
سندو ذکر ڪجان فکر ته ملئي فيض فکر ۾.

3. ذکر زات جو ڏينهن رات ڪر وظاعف وندر ۾،
ڪر اهو پنڌ ونڃي رند اتي سنبهه سفر ۾.

4. اي "منڌار" تون هروار رهه خدا جي ذکر ۾،
ته اڳيان اهنجاڻ، پي اوکاڻ تيندءِ کانه قبر ۾.

ڪافي.792

تلهه: هو الله، هو الله هو جو حرف حقاني،
تي ساز ڪر آواز رکي راض روحاني.

1. اتئي جاڻ پنهنجو پاڻ ڇڏ هئڻ حيواني،
تي فنا في الله ۾ اي فقير! تون فاني.

2. دنيا دار لک هزار هئا جن ساڻ ڪماني،
ڏسجن کين منجهه زمين تيا مدفون مکاني.

3. زوالقرنين ڏسجن کين نکا رهين نشاني،
آهي هو هوندو هو، سمجهه بات بياني.

4. اي "منڌار" رک سنيار ڪٽي تو وٽ جواني،
خدا جو نام آهي مدام نئون بهار نوراني.

ڪافي. 793

تلهه: الله هو هادي يا نور پڙهج پساهه سين،
ڀ ٽيءَ نه جدا تون ان اسر الله سين.

1. اسر اهوئي سبحان سوئي دم سيکوئي سنيالج ساهه سين.

2. ذکر هي ذاتي اهي اصلاتي صيقل فولادي لاءِ ارواه سين.

3 ان نور جي نعمت اٽئي امانت هوند رهي تنهنجي روحانيت ڪنهن پردي پناهه سين.

4. ان نور جا نظارا ڪلندي، چارا وجي "منڌار"! پنهنجي محمد شاهه سين.

ڪافي. 794

تلهه: اتم الله جو نالو وسارڻ واجب ناهي، وسارڻ واجب ناهي.

1. الست بربکم وي ميان! احد الستي الو،
قول قالوابليٰ والو وسارڻ واجب ناهي.

2. ذکر خدائي ني وي ميان! چوڻ چگائي الو،
اجاري قلب جو کالو وسارڻ واجب ناهي.

3. جڏهن هڪ ڏينهن حضرت وي ميان! ننڍڙي نبيءَ ڪئي الو،
ته آيو ان وقت اوپالو وسارڻ واجب ناهي.

4. پڙهه "منڌار" ني وي ميان! ڪلمون قلب سان الو،
ته تيئي مطلب برحالو وسارڻ واجب ناهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.795

تلهه: ٿي ڪٽڻ جي ويل وڃي ساري، اٽو ٻڙي آٽڻ واريون!
آٽو ٻڙي آٽڻ واريون!

1. وقت صبوح جو ڏي اديون! وڃي گذرندو الو،
پوءِ متان پئي رات آنڌاري، اٽو ٻڙي آٽڻ واريون!

2. ست سيڪنهن جوڙي اديون! ڪانڊ ڪٽيندیون الو،
هٿن سين پاڻ هڪواري، اٽو ٻڙي آٽڻ اوريون!

3. ڪل جي ڪمائي ڏي اديون! پاڻ پسندو الو،
شل اتي ٿيئي ڪام ڪاٽياري اٽو ٻڙي آٽڻ واريون!

4. چئي "منڌار" ڏي اديون! هن ماريس اوسيئڙي الو،
جو ڪتيم تند ڪانه موچاري، اٽو ٻڙي آٽڻ واريون!

ڪافي.796

تلهه: مسافر! تون متان متئين اسان جي ڪج يادگيري،
پلو ٿيئي ڪج يادگيري.

1. ميخون محبت جون ميان! هنيئي هينئين ۾ الو،
سي پرين پاهيون متان پٽئين.

2. ترهي وارا ني وي ميان! پار اڪارج الو،
سمند سير ۾ متان سٽئين.

3. اڄ آخيريءَ ۾ ميان! هن پيريءَ ۾ الو،
فراقي گهاءُ متان ڦٽئين.

4. چئي "منڌار" وي ميان! ويل مرڻ جي الو،
سندم شل لوڙهه تون لٽئين.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 797

تلهه: سندين صحبت ريءَ نه سرندي. ڏسڻ تيم ڏاڍو اڃانگو.

1. دلڙي منهنجي وي ميان! دم دم سندين الو.
ڳالهيون ياد ڪيو ڳرندي.

2. هڪ ڏينهن ڏمر جي وي ميان! مونکي نصيحت ڪيائون الو.
آيم پر تو وڃي پرندي.

3. اڄ آئون آهيان ني وي ميان! ورونهه انهيءَ ۾ الو.
تہ نجهان ملندي يا اڳ مرندي.

4. چئي "منڌار" ني وي ميان! مشڪل واري الو.
پيل شامت ڪڏهن ٽرندي.

ڪافي. 798

تلهه: وڃي تان پوءِ سگهو ورجان مسافر! ڏينهڙا م لائج.
پلو تيئي ڏينهڙا م لائج.

1. حال اسان جو وي ميان! معلوم توکي الو.
ڪو ڏيان رحم ساڻ ڏرجان.

2. جي ٽيان اوهان ري ني وي ميان! مرڻ ڪي اوڏي الو.
تہ پوئواري پوءِ تون ڪرجان.

3. سڏي منهنجون دانهون ني وي ميان! اڃج اوراهون الو.
وڃان ڏارو نه ٻيو ڏرجان.

4. چئي "منڌار" ني وي ميان! نام خدا جي الو.
مون ڏي قدم ڀلائي، سين پرجان.

Gul Hayat Institute

ڪافي.799

تلهه: جدائـــي يـــار جـــا ڪيڙئـــي دڪـــن ان دردن مـــاري،
دڪـــــن ان دردن مـــــاري.

1. ســاعت ســڪ جــي وي ميــان! مڙئــي منهنجــي الــو.
نهــوڙي ســا اڳئــي نيڙئــي.

2. نيــازن واريءَ نــي وي ميــان! هــن هيڏيءَ تــي الــو،
ڪاجــا ڪــاوڙ اڇــي ٿيڙئــي.

3. ريت رسڻ جي نـي وي ميـان! ڪنهن تـ سيڪاريئه الـو،
ڪـ نجهان پاڻئون اينهيـن پيڙئـي؟

4. چئــي "منڌــار" نــي وي ميــان! دلڙي منهنجــي الــو،
ڦــري مــاري لٽــي ليئڙئــي.

ڪافي.800

تلهه: ڪجليــون ڪانــ ٻئــي ڇڏيــون طرفــان تنهنجــي پيــارا!
وو طرفــــان تنهنجـــي پيـــارا.

1. اڪيــون اوهــان جــون نــي وي ميــان درس دو نــاليون الــو،
جــي پجــن نيشــان ٻئــي ڇڏيــون.

2. آبــرو تنهنجــا نــي وي ميــان! تيغــون تراڙيــون الــو،
ســي مڙئــي ميــدان ٻئــي ڇڏيــون.

3. بــانهن تنهنجــي وي ميــان لــوڏن ســين لک ماريــان الــو،
ڪئيــن جــوڌ جــوان ٻئــي ڇڏيــون.

4. چئــي "منڌــار" نــي وي ميــان، اي ســنڌ ســپيئي الــو،
تنهنجــا تيــز طوفــان ٻئــي ڇڏيــون.

Gul Hayat Institute

ڪافي.801

تلهه: سڃڻ ملندا ڪ نا ملندا، ڪر وي نرمي! نجومت.

1. ويڑي جنين ڪي ني وي ميان! ورهيه لنگهي ويا الو،
سي وري ولندا ڪه نا ولندا؟

2. اصل اسان سان ئي وي ميان! قول ڪيائون الو،
سي پائين پلندا ڪه نا پلندا؟

3. اگڻ اسان جي ني وي ميان! محبوب موچارا الو،
اچي ٽلندا ڪه نا ٽلندا؟

4. سرچي پرچي ني وي ميان! مون سان "منڌار" چئي الو!
مرڪي ڪلندا ڪه نا ڪلندا؟

ڪافي.802

تلهه: نانگا ويه نهوڙي سي ڪاپڙي ڪٽي ڳوليان؟

1. ميخون محبت جون ميان! هٽي ويا هينئين الو،
مثل جادوءَ جي جوڙي.

2. سنجهي سناسي ني وي ميان! تيا سيلاني الو،
نسنگ نگانت توڙي.

3. سامين سڪ جا، ني وي ميان! سبق پڙهايا الو،
چت وجهي ويه چوڙي.

4. چئي "منڌار" ني وي ميان! مئيءَ کي ماريو الو،
تن ويرا ڳين جي وڃوڙي.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 803

تلهه: دم دم ياد ڪريان تي سنگت تن سامهڙن جي.

1. وٽان مون ويڑا ني وي ميان! وڃي غائب تيڑا الو،
فڪر فرياد ڪريان تي.

2. سرها سامي ني وي ميان! ٿيندم حامي الو،
اها اعتقاد ڪريان تي.

3. آديسي ايندا وي ميان! وٽي مونکي ويندا الو،
من ۾ مراد ڪريان تي.

4. اُن ريءَ عمر اجائي وي ميان! ويهي مون وڃائي الو،
اي گذر برباد ڪريان تي.

5. چئي "منڌار" وي ميان! عشق آزار الو،
ورهه نت واڌ ڪريان تي.

ڪافي. 804

تلهه: جوڳيڑا يار جاني ڪرم سان قادر آڻئي.

1. اتر ڏکڻ ڏي وي ميان! ايڑ الهن ڏي الو،
تنهنجو تل ناهي ڪو ثاني.

2. ڪئي فقيري وي ميان! نه اڻئي دلگيري الو،
سدا مند تون سيلاني.

3. تورو لاڄ وي ميان! ڪيرو پائج الو،
اها مئيءَ تي احساني.

4. چئي "منڌار" سدائي تو منجهه وي ميان! نور خدائي،
پسائج پاڪ پيشاني.

Gul Hayat Institute

ڪافي.805

تلهه: صدق هي سر سچو سارو سهڻي ساجن متان صدقي.

1. ڪنديس ڪشالا وي ميان ڪاف ڏورينديالو،
من ملي ڪامل ڪوهيارو.

2. گڏيس تہ گونڊر لهندا، مون درد وندي جي دل جالو،
جي ميس تان تيو مڙهہ موچارو.

3. هوت پنهل جي وي ميان، تات تنواريان الو،
اڪندڙ ارواح هي آرو.

4. چئي "منڌار" وي ميان! هينئڙو هوت پنهل لئالو،
ونجهيل منجهہ روز ويچارو.

ڪافي.806

تلهه: پايئي جا يار ميان! جهاتي، منهنجي جند جان تنهن جلائي.

1. ڪجليون تنهنجون وي، تلواريون ڪان تكيون الو،
ڪپي ويرسا ڪاتي.

2. ساريو ساريان وي ميان! هنجهون نت هاريان الو،
ههڙي منجهہ حال مون حياتي.

3. جيئڻ جدائيءَ جو گهوريو جنهن ۾ ويڙو الو،
تنهن ڪان مري مر تيان مماتي.

4. مل "منڌار" چئي وي ميان! محبوب موچارا الو،
اچي تي يار اثباتي.

Gul Hayat Institute

ڪافي.807

ٽلهـ: سـرور جـن کـي آهـي سمجهـايو، حـق اسـرار حقيقـت وارو،

1. سمجهـن مطلـب ههـڪ حـق مولـيٰ، اهـا پـروڙ انهـن جـي اعلـيٰ،
سـندن سـتارو بيشـڪ بـالا، بـاري جـن کـي ڪيـن پلايـو.

2. شـريعت کـي بـ سچاڻن سـالڪ، طريقـت سـين پـڻ طـالب تعلـق،
معرفـت ۾ محـو منجهـ مـالڪ رب سـاڻ روحـڙو رنـدن آرسـايو.

3. صورت شيخ منجهان ٽيا سونهان، ڏسڻ رسول کي روءِ سوءِ روهـان،
فنا فـي الله ٽـي دکـاون دونهـا، پير مغـان اتـي انهيـن کـي پهچـايو.

4. ٽـي "منـار" محـو مرشد ۾، مليئـي مـن رسـتو سـنوت جـو سڌ ۾،
پچيـن مـان منـزل حقيقـي حـد ۾ پـوءِ ٽئـي هونـد سـانگ سـجايو.

ڪجهـ ڪافيون "منـار" فقير صاحب جي رسالي "صدائيءَ" مان ڏجن ٽيون.

راڳڻي ڪيڏارو

ڪافي.808

ٽلهـ: ڪـن سـان ورهـ وٽيـان ويهـي سـور سـارا،
منهنجـا هـي هـي هلـي ويـا حـال وارا.

1. اهي محبت وارا ويـا مـور مـري، ان جـي ڳٽتـي ٽيـر ورنهـن ڳـري،
لنگهيا ورهـ وڃان آيا ڪين وري هڪ دم نـ گذاريـر جن کان ڏار.

2 اهي واقف هير مضمون پائي، منهنجي مخفي ڳجهـ جي باطون پائي،
هي هڻا سچار ستون پائي، جيئن ڪر پتنگ هجن تيئن هڻا پرت پارا.

3. ان جي صحبت لاءِ سڪان ساريان، هئي هئي روز هنجـون هريـان،
ڏکيا ڏينهن حياتيءَ جا گهاريان، ندين نيش وهن ڪيو نيـڙ نـارا.

4. چئـي "منـار" تـ سـوال منهنجـو، مـن الله سـڻي احـوال منهنجـو،
ڪندو ڪرم ڏسي هي حال منهنجو، من محب ملن مون کي يار يارا.

ڪافي.809

تلهه: آئون تنهنجي قدمن تان قربان، گهوريان سموري جند جان.

1. آئون شل گهور جان گهوٽ تان تو، سهسين چئي شڪران ميان،
تون شل سائين جيئين سدائين، شاهي تنهنجو هوئي شان.

2. آئون پاڻ صدقي سڄن توتان، ٻيو صدقي سارو جهان ميان،
سج چند صدق سڄڻ توتان، عرش زمينون آسمان.

3. منهنجو سر آوي جي ڪتب اوهانجي، تان ڪر پايان مان ميان،
تيان حوالي هادي تنهنجي، لک تورا ٻيو احسان.

4. سهنج بہ طلبيان سڄن توريءَ طلبيان نان بستان ميان،
منگي "منڌارو" درشن تنهنجو سنجهه صبح ستان.

ڪافي.810

تلهه: مون پائيو تہ مون وٽ، پنهل منهنجو هوت هميشہ هوندو.

1. وو سڌ نہ پيم سورجي، تہ ڪو منهنجو روحڙو رندن تي روئندو.

2. وو ڪائي ڪل پيم ڪانہ ڪا، تہ ڪو ورهہ وڇوڙو پوندو.

3. وو مون ڇاتو تہ مون ساڻ گڏ، پوتيون پنهل پيارل ڏوئيندو.

4. وو مون نہ سمجهيو "منڌار" ڇئي تہ ڪو مونکي لوڪ ڇري سڀ ڇوندو.

Gul Hayat Institute

راڳني كسوري

كافي.811

تلهه: پهرائج پينار كي، جيكو پات پنڻ تي آيو.

1. بخشيو هدايت بخشيو نعمت، مونكي بخشيو صبر سجايو.

2. دان ڏيارج ڏان ڏيارج، مون پاند پنڻ لاءِ پايو.

3. آهيان آسي تنهنجو ميراثي، هت مون پٽ پان سڏايو.

4. چئي "منثار" اميدن وار، مونكي مهندان كجهه مركايو.

راڳني تلنگ

كافي.812

تلهه: دعا كج واسطي الله جي، نيازي رسول الله جي ميان.

1. ته مونكي سوليءَ تي رب واري، كلمي دين ايمان سين ماري،
تئي مهڙ محمد ڏانهن موچاري، پنڌ رمان تنهنجي راهه جي ميان.

2. غم شيطاني وجي گمراهي، حضرت شاهه جي تئي همراهي،
اوجر ڏي تان وجي اونداهي، تنهنجي نظر ساڻ نگاهه جي ميان.

3. منهنجو آسون الله پچائي، منو محمد مان ملائي،
سنديس كچهريءَ منجهه مركائي، مهندان منور ماهه جي ميان.

4. ملي فقيري "منثار" ويچاري كي عاصي عرضن دار ويچاري كي،
سگهڙي سكڻ هار ويچاري كي، حرمت حضرت شاهه جي ميان.

Gul Hayat Institute

كافي. 813

تلهه: منهنجا ساڻي ويهه سرت سجان،
ور وطن وري وڃي لايئي ڇو ڏينهن گهٽا.

1. توڙيءَ ڪٽيم ڏينهڙا ڏهيلا، آءُ اچي ڪر مئيءَ سان ميلا،
ڪارڻ رب رحمان ور وطن وري.

2. ڪريان تنهنجي اچڻ لاءِ ڪارون، دم بدم ۾ منديان ڦارون،
هاڻي موتي اچي شل مان.

3. ڪرڻ جدائي توکي نہ جڳائي، توريءَ من ارمان ۾ آهي،
تي پيا سورن جا سمان.

4. چئي "منڌار" تہ من جون ڳالهيون، نا آهن بي ڪنهن ٻڌاوڻ واليون،
توکي چوندس ساڻ زبان.

كافي. 814

تلهه: سڻ وي سندم فرياد فقير، مونکي ملاءِ جنهنجي اٽم اکير.

1. مونکي ملاڄ عجيب اهوئي، جيءَ گهري منهنجو جانب جوئي،
هال وڃايم روئي روئي، سڪان ساريان اندر سرير.

2. آهيان يار جي ملڻ لاءِ ماندي، تي حمايت ڪر هيڪاندي،
سڪ سورن کان وار ناهيان واندي، چاڪ فراق ڦٽي ڪيم چير.

3. خاص خدائي فقير تون آهين، محندان رسول وزير تون آهين،
برڪت دار بشير تون آهين، تون کان ٿيندي سنديم تدبير.

4. ٿي مدارت اچي "منڌار" سين، مونکي ملاءِ مٺي منهنجي يار سين،
دل وڃي دل جي دلدار سين، لاهه جدائي سدا زنجير.

Gul Hayat Institute

راڳڻي كسوري

ڪافي.815

تلهه: مهراڻ ميان بري بر جا، شمعدان ڏيا تنيا تر جا.

1. آئون تنهنجي پيناري پيني، منهنجا سڻ تون سوال سڀيئي،
توتي دست مبارڪ ٻئي، آهن شاهه سچي سرور جا.

2. مون سان ڪر تون پيال پلائي، تنهنجي قبول تي هي ڪمائي،
ننگڙو تون سجاڻ ننگ پائي، اسين سوالي آيا هون تنهنجي در جا.

3. مون ڪان وقت لکين ڪيئن ويڙا، مون ڪر تہ ڪچا سڀ ڪيئڙا،
مون تي حرف هزارين تيئڙا، هن پاڪ ڏڻي پرور جا.

4. تنهنجو آيو سوالي "منڌار" تي، هت آسي منگت مڱڻهار تي،
تنهنجي در تي پنڻ پينار تي، ڪج مقصد پورا مون اندر جا.

راڳڻي سارنگ

ڪافي.816

تلهه: آئون تہ اڳلڙي آهيان، پردو رکج منهنجا پير،
ڍولڻ عيب ڍڪئين، دلبر داتا دستگير.

1. تکو ۽ تکڙو تار وهندو، ڪو نہ سنبري متي سير،
اتان پار لنگهائي، وو اتر وارا پير.

2. ڪيرت چاڻان ڪان ڪا، فضل ڪج پاڪ فقير،
سٽي منهنجا سڏڙا، اچي تيج وسيلو ويڙ.

3. سيد ويل سڪرات جي، سهمت ڏج، ڪا سڏير،
هادي حڪم لاهيئين وو، سندو منڪر نڪير.

4. "منڌار" چئي منهنجا پرين، مٿا مرشد ميڙ،
ڪنڌي ڏينهن قيامت جي، وو آڳهه اجهو تون اميڙ.

ڪافي.817

تلهه: خيرسين خواجا هندل ولي، مون اندر جي آس پڄايو.

1. پنڌ واسطي پنڌ گهٽي ڪئون، آئون آس ڪري آهيان آيو.
2. تو در تي پٽ پان سڏائي، مون اچي پاند پنڌ لاءِ پايو.
3. ڪس ڪٽيو قلب منهنجي تان، هي غم وهم سڀ لاهيو.
4. مهر ڪري "منڌار" ڪي ميان، نيئي محبن ساڻ ملايو.

ڪافي.818

تلهه: آئون جو آيس اجمير جا والي، تنهنجو منگت مڱٺهارو.

1. آئون تنهنجو سوالي ڇڄ م خالي، تون آهين ڏيڻ جو ڏاتارو.
2. هن منهنجي حال جو ميان، آهي معلوم توکي سڀ سارو.
3. شوق شيطاني من منهنجي تان، سوئي گوندر لاهه غبارو.
4. من مرادون "منڌار" جون ميان، تون حاصل ڪر هروارو.

ڪافي.819

تلهه: سچا شاهه ڪر نگاهه مون تي ميرموڇارا.

1. آئون تو سوالي ڇڏم خالي، پيرانپير موڇارا،
چائيم پان تون ڏي دان، دستگير موڇارا.

2. ڏي دلداري ڪا موڇاري، ڪي دلگير موڇارا،
ڀ سڪرات تيج حمايت، ڏيج سڏير موڇارا.

3. اتر حب ساڻ قرب، اندر اڪير موڇارا،
تو ڏسان نور شل ظهور، تو قدير موڇارا.

4. تون "منڌار" جي ڪج يار، واهر ويرموڇارا،
تنهنجي مدد ساڻ ڪج احسان، سوڪيءَ سير موڇارا.

Gul Hayat Institute

ڪافي.820

تلهه: مست شهباز قلندر لال، سيد سڄ اسان جا سوال ميان.

1. تو در آيس پير پيادو، اصل رکي اهڙو ارادو،
پاند پنڌ لاءِ پايم پاندو، پٽ چائيم ڪر پال ميان.

2. تہ هڪ حب منهنجي تئي سيد ڏي، بي حب سرور شاهه مرشد ڏي،
ٽي حب ڏٽي الله خاوند ڏي، تين محبت جا مال ميان.

3. حسن حسين حامي توسان يا علي، آئون پاڻ آيس تو در سوالي،
تنهنجي خزاني مان ڇڄ م خالي، سنديم لهج سنپال ميان.

4. سڀيج فقير "منڌار" جون ڪارون، سيد لهج سگهيون سنپارون،
پارت ڪج ڪا منهنجي پارون، تہ مون سان يا رب پرچي شال ميان.

ڪافي.821

تلهه: جهولي جهولي ميان لال قلندر، قادر ڪلنگيءَ وارا.

1. تو در نانگا روز نچن تا، جني جي مستو مست تنوارا.

2. نرمل توکي سپ نکٹ نمن تا، سج چند ڪتيون ۽ تارا.

3. توکي شينهن بہ سلام ڪن تا، تنهنجا نون ڪندن ۾ نارا.

4. مدد ڪري "منڌار" سان ميان، اچي پهرائج پينارا.

Gul Hayat Institute

كافي.822

تلهه: اي منهنجا دائود، دل جا يار ويهه مر آءٌ تون وري توريءَ ساعت نا سري.

1. ساري سونهن منجهه ورونهن، منهنجو ته ماهه ويو ڳري،
توريءَ حال ۽ احوال ظاهر چوان نٿو ڏري.

2. ڪو دم دور مون کان ڏور، وڃي ٿڪ مر تون ٿري،
اچج هاڻ ڪر رهاڻ تان من دل پئي ٿري.

3. توسان يار کا ڇمار، مون تا گذر هئي ڪري،
مڱڻهار تي مر ڏار جدائي ڇو تو ڏري.

4. پون پور سوين سور چاکن دل کي چري،
چئي "منڌار" درد وار متان هت آئون وڃان مري.

كافي.823

تلهه: سڻ ميان سوال فقير منڌار.

1. ڪنگوري جا ڪامل نام دار نامل،
ديس پرديس منهنجهه تنهنجي پچار.

2. هنڌ سنڌ چين مر روءَ زمين مر،
تنهنجي چوڪي ڏين چوڏار.

3. تنهنجو مون تي نالو ڪج برحالو،
سپ دم لهجان تون سار سنيار.

4. "منڌار" ته مدامي سندئي سلامي،
ڏکج اسان جا عيب اپار.

Gul Hayat Institute

راڳني پيروي

ڪافي.824

تلهه: سڻي منهنجا سوال ڪارڙ ڪريم، عبدالرحيم اچي غم لاهه گرهوڙي.

1. توسان الله احسان ڪيا وو ميان، وو حڪمت ڏڻي حڪيم.

2. توتي راض رسول ڪيو وو ميان، وو هن سيد پاڪ سليم.

3. آهن اوطارا اوهان جا وو ميان، وو مٿي عرش عظيم.

4. شاهي شهادت ملي توکي وو ميان، وو ڏني آگي پاڪ عليم.

5. شل معاف ٿين "منار" ڇئي وو ميان وو جي ڪيم گناهن جا گيم.

راڳني ڪونسيو

ڪافي.825

تلهه: ميان ملتان جا مالڪ، بهاوالدين بسم الله.

1. ملڪ تنهنجي مريدیٔ ۾، ٻڌا ديو جن خريدئ ۾،
ادم لک لکيا فريدئ ۾، تنهنجي تلقين بسم الله.

2. تون آهين ملڪن سندو والي، تنهنجي آهي عزت عالي،
اسين تنهنجا آهيون سوالي، م ڇڏ غمگين بسم الله.

3. مليون توکان عنائيتون، هزارن کي هدايتون،
ڏنيون تو کي نعمتون، رب راحمين بسم الله.

4. ڪيو "منار" تو آزي، تنهنجي در تي پني پازي،
تون ٿي تنهن تي راضي، ڪيم آمين بسم الله.

Gul Hayat Institute

راڳني كونسيو

ڪافي.826

تلهه: محي الدين پير جيلاني، تون ڪر مشڪل آساني.

1. ڏسي منهنجو حال هي هڻڙو، اچي ڪر پال تي پيڙو،
اڪارج پار سندم ٻيڙو، نه ته غمن منجهه ٽيوس غرقاني.

2. مون منجهه طاقت ذري ناهي پيس ڪارونپار ۾ ڪاهي،
مون ڪي تنهنجو آسرو آهي، مدد ڪج پير پيراني.

3. تنهنجي دامن لڳو آهيان، تو منجهه آسون اميدون پانيان،
تنهنجو ڪيئن آسرو لاهيان، تون آهين سرتاج سبحاني.

4. منگت "منڌار" هي تنهنجو، پهراءِ پينار تون پنهنجو،
نه ڪر انتظار ٻي ڪنهنجو، لاهج غم غوث صمداني.

راڳني ملاري

ڪافي.827

تلهه: حاجي محمد صوفيءَ ساڻ، تي همراهه علي حيدر تون.

1. تون آهين الله جو شير يزدان، ڪل تي قادر شاهي مردان،
سيد تون سلطان، آهين شاهه سچو صفدر تون.

2. تون ڪر دل دل تي هسواري، خدا ڏني توکي فتح داري،
تون پرور جو پهلوان، تي حمايت ٻڌي ڪمر تون.

3. ڏي فتح فقير کي زير ڪر ظالم ڪسن خارج سي ڪر خادم،
تيءُ لهي سا ڪفر جي ڪاڻ، اهي دشمن پيرن هيٺئون ڏر تون.

4. تيءُ ته مدارت چئي "منڌارو"، ڪل کي پنهنجو لشڪر پيارو،
سو تون ننگ سڃاڻ، ۽ ڪجان واهر وسيلو ور تون.

Gul Hayat Institute

ڪافي. 828

ٽلهه: پرڇ خدا پروردگار، حاجي محمد سان يا هادي.

1. فضل لطف ڪر ساڻ فقيران، حرمت حضرت محي الدين ميران،
وو لاهج غير غبار، ڏي خوشحالي شڪر ۽ شادي.

2. الله سائين منهنجو عرض اگهائج، صوفيءَ فقير جو شان وڌائج،
ڇؤ قبلي ڇؤڏاري، نيڪي ناموس آهر آبادي.

3. ويري دشمن جيڪي وڙهن تا، ڇغل ڇانجو سي جيڪي جهڙن تا،
سي مرن مدعي منهن ڪار، تون ڪر ترت تني سان تادي.

4. اي رب پاڪ رحيم ٽي راضي، ڪج قبول اسان جي آزي،
جو عرض ڪيو "منڌار" بخش الله اها امدادي.

Gul Hayat Institute

ڏوهيڙا بيت سيني روپن ۽ راڳنين تي چيل

1

اول نـــام الله جـــو، جـــو خـــالق خلقڻهـــار،
قـــادر رب كريـــم، ســـو جـــل جـــلال جبـــار،
وصـف ۽ واکـاڻ کـان، آهـي پـري تنهنجـو پـار،
ڳڻـي ڳڻيندو کيتـرا، ان جـا معجـزا "منـنـار"،
صـاحب رب ستار، تيـو راضـي رب رسـول تـي.

2

تيـو راضـي رب رسـول تـي، محمـد لـڏو مـان،
ملڪن کان بـ مٿي ڪيئين تنهن سيد سندو شان،
پيـدا سـندس نـور مـان تيـو جمـع سـڀ جهـان،
سـج چنـد تـارا ڪتيـون عـرش زمينـون آسمـان،
سـيئي سـوالي سـيد جـا تنهـن در گهـرن دان،
"منـنـار" بـ منگتـو ان جـو آهـي پـٽ ڳائيندڙ پـان،
او آخـر آهـ ضمـان كريـم ڏينهـن قيـام جـي.

3

واري ڳـول وجـود ۾ تـــ تـــو ۾ بولـي كيـــر،
منجهئـي تيـرت تكيـو تـون پـري پـاءِ ۾ پيـــر،
الانسان سري واناسره جنهـن منجهـ ڦند نـ ڦير،
متـان منجهيـن "منـنـار" تـون ڇڏ بولـي جـو پيـر،
سمجهـي لهـج سـوير تـ الک توهـي كـي اوڏرو.

4

الکـ توهـي كـي اوڏرو تـون پـري پيـرم پـاءِ،
تـو ۾ سـر سميـع جـو تـون دئـوڙي دل سـين لاءِ،

ونجن اقرب اوڏڙو الڪ تو هي ڪي آهي.
"منڌار" پنهنجي من جي هٿ ڪي هٿاءِ،
غير غئين جو لاهي تي عين وجي اثبات ٿئي.

5

عين وجي اثبات ٿئي جنهن منجهه حال حلاج،
پاڻ پسڻ ڪان پري ٿيئي ٽڏهن صورت سرتاج،
غير جنهن سين گر ٿئي اهو ڪر علاج،
تہ ڏاتر بخشئي ڏاج ڪٽي مردن جي منزل جو.

6

مردن جي منزل ۾ چڏ لاڳاپا لاهي،
تنهنجو ڪم ڪريم سين پوءِ دنيا سان ڇاهي،
فاذكروني اذكر ڪر، وچ قرب منجهئون ڪاهي،
مٿو محبوبن کي ڏج سر سنت لاهي،
اهو مرڪ آهي محبتين منڌار ڇئي.

7

محبتي "منڌار" ڇئي انهي ريت رهن،
جو پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي تا سر صدقي ڪن،
باغ بهشت جا جنتون ترڪ ڏنائون تن،
طالب الدنيا مخنث ڪر خلق ڏٺو ڪڏڻ،
طالب العقبيٰ مؤنث ايءِ ڪر عورتن،
طالبن المولیٰ مذكر ٽيءَ مرد منجهان مردن،
سچاڻج حرف حديث جو ائين چيو محبوبن،
محبت ۾ "منڌار" تون ڏج پساهه پرين،
جيڪي انهيءَ اهجاڻن عاشق ڇئجي انڪي.

8

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي جنهن توکي اُپايو،
مٽيءَ سنديءَ مٽ مان توکي باريءَ بنايو،
پوءِ پاڻيءَ مان پيدا ڪري توکي هادي هلايو،
هنر حرفت کيتري توکي صاحب سيکاريو،
"منڌار" پنهنجي من سين سو سدا ساراهيو،
ڳايو وڃايو ڪج تعريفون تنهن رب جو.

9

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي جنهن جوڙيو سڀ جهان،
سڀئي عالم ان جو هندو مسلمان،
"منڌار" مالڪ آهي راحم ڏاڍي رحمان،
ساراهي سبحان ڪر تعريفون تنهن رب جون.

10

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي تون وسڻون ڪيم وسار،
جان جان آهين جيئرو تان تان تند تنوار،
دنيا سڀ ترکڻ تال اٿئي غفلت ۾ نه گذار،
مئي سندي منڌار تون هستي مڙئي هار،
ڏينهن اٿئي ٻه چار اٿي اور الله سين.

Gul Hayat Institute

11

ڪر ياد پنهنجي رب ڪي اندر ساهه پساهه،
بنا ياد يار جي تنهنجو ٻيو نه وسيلو واهه،
ان ويسر سندي ويڙ ۾ لکين ٿيا گمراهه،
تون تون سندي تسبي "منڌار" پڙهه مداهه،
هو هو ڪر همراهه ته وڃين سفر ۾ سکيو ٿئين.

12

هت حاڪم اڳ به هزار هئا پر ڪهه ته ويا ڪا ڏانهن،
هر گز هت نه رهڻو تون به ويندين تا ڏانهن،
"منڌار" پنهنجي من سين جن سجاتو الله
سر هو ٿئي ساهه، جڳ جڳ رهن جيئرا.

13

واهه قدرت واحد سندئي ڇئو قبلي ڇوڏارا،
ڪيئن زمين ڪئين فلڪي سج چند ڪتيون تارا،
جيڪي خلقي خلقڻهارا، سو معلوم اٿئي "منڌار" ڇئي.

14

واحد وڏائي تنهنجي جا مون آهي لائي من،
ته هادي تنهنجي حڪم سان اڪيون ٿيون ڏسن،
ته هي جي ڪن ڪپار جا سببان تو سڻن،
زبان تنهنجي زور سين چپ ڏند تا چرن،
انگڙا تنهنجي احسان سين هٿ پير تا هلن،
جڏهن صاحب ساهه ڪسيو وٺي تڏهن بازيون بسر ٿين،
وجيو مٽي گڏجي مٽي سين منجهه واريءَ جي ورکن،
يا مولي "منڌار" ڇئي تون آهين قادر ڏاڍي ڪلن،
ڳڻي ڇا ڳڻجن ڪئين عجب تنهنجا اهڙا.

Gul Hayat Institute

15

توريءَ سرت نه سمجهه ڪا توريءَ نه ٿئي اڪلاءُ،
توريءَ ڪنڌي منهنجي ڪانڪا توريءَ نه وسيلو واهه،
يا مولي "منڌار" ڇئي تون هادي ٿيءَ همراهه،
آهين تون الله ڪل قدرت جو ڏاڍي.

16

ڪلمي جيءَ ڪنجيءَ سان ڪرف قلب جو ڪول،
ستون سڪ جي سور جون اندر ٻاهر ٻول،
فاذكروني اذكر ڪر دل ترازيءَ تول،
"منڌار" مالڪ ملڪ جو آهي قادر تنهنجي ڪول،
ڳوٺ وسيون مَ ڳول الڪ تنهنجي اندر ۾.

17

الڪ تنهنجي اندر ۾ صاحب رب ستار،
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، ڪر انهي آيت تي اعتبار،
"منڌار" موڳائي ڇڏي پنهنجو هوش ڪجان هشيار،
ته واحد توکان وار، پرور پري ڪين ڪي.

18

پرور پري ڪينڪي توکان رازق رب رحيم،
آهي ڪڪ پن ۾ ڪلتار سو قادر پاڻ ڪريم،
و الله بكل شيءٍ محيط تو آگو چوي عليم،
جي "منڌار" سڃاڻي ميم ته احد توکي عين ٽئي.

19

احد توکي عين ٽئي هوند چئو قبلي چوڏار،
ٽي موتو قبل انت موتو ته لهي مرڻ ميار،
الانسان سري و اناسره ايءَ معنا ڏس منڌار،
تو تون جي تند تنوار هي هو هادي هيڪڙو.

20

هي هو هادي هيڪڙو جان ڪيو مطالع مون،
ڪلمون لا الله الا الله جو پڙهي پروڙيو سون،

تہ ريءَ خدا ٻيو ناهہ ڪي جنهن ڪي ڇڄجي ڏون،
آئون پاڻ آهيان ڪينڪي تون رب آهين تون،
"منثار" پنهنجي من مان ماري ڇڏج مون،
عرش آسمان ٻون، آهي هونگ مڙيائي هيڪڙي.

21

بحر بلاول جو ڇڙهيو دل مٿي درياهہ
موج مٿاهين تو ڪري البيلو اوڙاهہ،
واقف گهر جي ويو جو ميو بحر ملاح،
سو تڙ سرور شاهہ مان ڪري "منثار" ڪي.

22

مان ڪري "منثار" ڪي سوتڙ سرور شاهہ،
ڏسي تو ڏاتار جو اسر نام الله،
افضل اٻوجهن ڪي آهي رند رسولي راهہ،
ساقي سرور شاهہ آهي آب حيات جو.

23

آهي آب حيات جو ساقي سرور گهوٽ،
جتي واهہ وحدت جو وهي ڇڙهندڙ ڇوٽان ڇوٽ،
منگتا اور نہ موٽ وچ تہ واصل تون تئين.

Gul Hayat Institute

24

ڇئو تون الله هيڪڙو سمجهي سرت ساڻ،
ذڪر پڙهڻ ذات جو آهي اجرڻ جو اهجاڻ،
تہ پارس منجهان پاڻ هوند سچوئي سون تئين.

25

راڳ ڪجي ڪليـاڻ جـو پلـو منجهـ راڳـن،
جنهن جي سوز سڻڻ سان تـا جوش گهٽـا جاڳن،
مـان ملـي "منـنـار" چئـي برهـ ذرو پـاڳن،
موتـي جـن مـاڳن رم انهـي راهـ سـان.

26

ڪـوٽ قـصر قيـد ۾ اچـي آئـون پيـاس،
آئـون بنديـاڻي بنـد ۾ هتـي هيئـن ٽيـاس،
تـن مـارن کـي "منـنـار" چئـي وسري آئـون ويـاس،
ڪرم هيئن ڪياس جو ٿـر مـارو آئـون ماڙيئين.

27

پهـاڙي پريـت ڪـي ٽـي سـڀ دم سـڏاري،
تنهنجـي تنـد تنـوار تـون وجـود ۾ واري،
"منـنـار" پنهنجـي مـن ۾ نـر تئـون نهـاري،
جو انـدر اجاري سو صيقـل هـڻ تـ صاف ٿئين.

28

پهاڙي پياس يار جيءَ منهنجو من ماري ڪيو مج،
دلبـر دل ڪسـي ويـو ڪـري سـرير ۾ سـج،
اتـم يـار عجيـب جـي اکنـد ۽ بـي اُج،
برهـ لائـي پـج مـون مئـيءَ سـان "منـنـار" چئـي.

29

جيسي پياس پهاڙي راڳني، تيسي پياس ميري من ڪي،
لٽئون صنم سون لڳهـ رهـي تـار ميـري تـن ڪـي،
ضـورت سـجن ڪـي موهـ ڳئـي "منـنـار" نـون.

30

جيسي پياس پهاڙي راڳني،
تيسي پياس ميري من پاس،
لٽيون صنم، سون لڳو رهي تار طلب کي تاس،
اڪ وار ملڻ کي آس مڃڪون "منڌارو" کهي.

31

ڪونسيو ڳاءِ قلب مان پنهنجو هوش ڪري هوشيار،
رکج انهيءَ راڳ تي اندر جو اعتبار،
"منڌار" پنهنجي من ۾ ڪر ويساهه جو ويچار،
ته پسين پريون پار سڪ سچائي جي رکين.

32

روپ ڪري چئو راڳني قربٽون ڪسوري،
دلڙي ڏجان دوست کي سنت سموري،
"منڌار" تنهنجي من جي هوند پوءِ تئي پوري،
ايءَ مقصد منظوري مان ملئه محبوب کان.

33

روپ ڪري چئو راڳني ڳاءِ تلنگ جي تان،
هستي هٽ وجود ۾ ڪاوڙ چڏ کان،
پوءِ "منڌار" محبت جو ماسو ملئه مان،
عشق ملئه احسان مل سان ملي ڪينکي.

34

برروو ڳاءِ برهه مان جو وڇيل ويچارو،
من اثر وٽي ان راڳ مان من تئين ورهه وارو،
محبت ري "منڌار" چئي اٽئي مڙئي مونجهارو،
چل وٽي چارو. عشق جي آڌار سان.

Gul Hayat Institute

35

چئي ڪيڏارو ڪربلا جو ياد ڪجان تون ڏينهن،
علي جي اولاد تي مرغ ونو مينهن،
مولئ جو "منڌار" چئي نيبهه ٽيڙن نينهن،
سورهيه سيد شينهن عاشق ٽيو الله جو.

36

حسينيءَ جي حال مادر ماري آهيان،
وسرن کين وجود مان جيڪي ويڙا کالهه،
ريءَ محبوبن "منڌار" چئي مون نه گهرجن مال،
چپر جهاڳي شال پسان مان پنهون کي.

37

ڪوهيارل ڪيا ڪامڻ جادو جيءَ ۾،
وسرن کين وجود مان جي هتان هوت ويا،
مونکي سندن "منڌار" چئي پل پل پور پيا،
هلنديس آئون هيا ويهنديس کين سرتين وچ ۾.

38

ڪوهيارل ڪوري منهنجا جيرا جگر جدا ڪيا،
لائي باهه برهه جي چت اندر چوري،
مان ملان "منڌار" چئي ڏونگر سڀ ڏوري،
وڃان گهوٽ مٽان گهوري، ڏيان سر صدقو سنج رڻ ۾.

39

آئون ستي هو هليا ڪشيو ڪيچيئڙن،
اٽيس ويل اسر جي ته هاجو ڪيو هوتن،
مون کي گهٽيون "منڌار" چئي اوقاتون اچن،
پجاڻان پرين ڏيندیس باهه پنيور کي.

40

آهيان تنهن جي آسري جنهن جوڙيو جڳهه جهان،
ڪاهي ڏسنديس ڪيچ ڪي جو موچارو مڪان،
پسان مان پنهونءَ کي جو سر ڪردو سلطان،
سو آرياڻي اڳواڻ، مان ملي "منڌار" چئي.

41

جبلڑا جواب ڏي آئون تي پچان ڏس،
ڏونگرڙا ڏيکار مون گهوٽ پنهل جو گس،
جي آئون مليس "منڌار" چئي ته توکي چونديس جس،
ڪريان وڃڻ سان وس، پسان مان پنهوءَ کي.

42

سارنگ کي سنباهه، لاءِ وسڻ ولائتن جي،
پورب ۽ پنجاب تي پلر کي پلٽاءِ،
قابل ۽ ڪشمير تي ڪڪرن کي ڪڙڪاءِ،
ابر عربستان تي جگي پيچ پچاءِ،
هاڻي هندستان جا پونا پٽ پساءِ،
والي مينهن وساءِ موهر تي "منڌار" چئي.

Gul Hayat Institute

43

سارنگ آيو سنبري ڪئي مينهن ملهاري،
چئو قبلہ ڪئين چيز تيا سبز زمين ساري،
ڪيڙن کيٽ خوشيءَ مان حرص ڪيو ياري،
آئون پٽ اجاري ريءَ محبوبن "منڌار" چئي.

44

سارنگ کر سينگار سڻي سدائون منهنجون،
ڏيهه ڏکاريا گهڻو سي هنڌ کر سکار،
رحمت سان راجڙ چوي ڪجا ميگهه ملهار،
سرهو ٿئي سنسار، جي وسي آب ابر جو.

45

سورٺ ساز سڻڻ سان، وسري مون ويئي،
سڻندي سريم ۾ اچي پرت ڳنڀير پيئي،
مرڪائي "منار" چئي سو ڏان ڳنڀي ڏيئي،
مال متو پيئي ملڪ تنهن جي منگتا.

46

سورٺ ڪئين سوين ڪيون ڪي منٿون مگڻهار،
تہ ڏيئين بدل ڏياج جي هيرا لعل جواهر،
تڏهن منگتي ڪيو "منار" چئي اتي پٽ انڪار،
ڪيس ڏڙ سسيءَ کان ڏار، متو ڪٿي موٽيو.

47

بسنت راڳ بناءِ تون سمجهي سرت ساڻ،
سپ سڻائون سڪ جون ثابت تون سجاڻ،
"منار" مولي جي محبت ۾ پٽي ڪجاءِ پاڻ،
عاشقن اهجاڻ، تيا مثل مٽيءَ خاڪ جي.

48

ڪنپات چئي خيال سان ويهي کر واکاڻ،
تهڙو مورهون ناهي ملڪ ۾ جهڙو پرين پاڻ،
قمر مهتاب "منار" چئي سڪن لاءِ سجاڻ،
سورج سنديس آڻ، ان ئي پهر ادب ۾.

49

پيلـو راڳ پريـت سـان چگـي پـت چئيـج،
روپ انهـيءَ جـي راڳنـي کـري لات لئيـج،
تنهـن معنيٰ ۾ "منـار" تـون پڻـي تئـي پئيـج،
منجهـان نيـاز نئيـج، عشـق جـي آواز کـي.

50

مانجهه چئي تون مهل سر روپ ڪري چئو راڳ،
سڻي جي سمجهي رهيا تن لڳو عشق اجهاڳ،
مولي ريءَ "منـار" چئي ٻيو ڇڏ ملڪيت ماڳ،
سـندو تـن سـپاڳ، جـي عاشـق تيـا الله جـا.

51

پوربيـا پـري ويـا سـامي سمجهـائي،
مـادر مـاري آهيـان آئـون سـندن ڦوڙائـي،
الله آديسـين کـي مـن واحـد ورائـي،
شل پير اچن پائي، مون اگـڻ "منـار" چئي.

52

جوڳهه جوڳي دي نال ٽيسان مئين جيجل جوڳياڻي،
کهه ٻن کيڙا جهنگ سيالیان کهه پيڙهي ڏاڏاڻي،
ويکو ماهي چوڙي "منـار" آکي شاهي شاهاڻي،
ڪيوين مين هير نماڻي، ڪيوين رانجهن مالڪ راڄ دا.

53

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تيئن عشق نماڻي هير،
ميثاقئون "منـار" چئي هئي طرف سندس تقدير،
جڏهن فضل ڪيو فقير. تڏهن رانجهن مليو رنگپور ۾.

Gul Hayat Institute

54

جيئن جوڳ نماڻي راڳڻي تيئن هير نماني هوءِ،
ڪي مشڪل جا ڏينهن "منڌار" چئي هئي لاءِ جدائي جوءِ،
تنهن وقت پچاڻان پوءِ رانجهن رنگپور ۾ مليو.

55

انهيءَ ورهه وري مونکي ماءُ! وڏو مامري،
عشق يار عجيب جي چوري ڪيس چري،
ريءَ ملڻ "منڌار" چئي ويندیس مفت مري،
ان ڳڻتي منجهه ڳري، ويندیس کپي خاڪ ٿي.

56

آسا ڪر الله جي جو ڏيڻ جو ڏاتار،
آهي ڏيندڙ ڪل ڪي ڏيهه ڏٺي هر وقت هروار،
مڱ سدا "منڌار" تون سون سجاڻي ستار،
تہ ڏسين ڪو نہ ڏڪار، جي در داتا جو نہ ڇڏين.

57

آسا اباڻن ۾ اجان مون آهي،
ڇيهئون ڇڏيندیس ڪينکي آسرو لاهي،
جو عيبن پريل اولاد کي مائٽ نہ مارائي،
قيدون ڪيائي، مارو نيندر "منڌار" چئي.

58

آسا چئي الله کي ويهي ڪيرت ڪر،
ڏيهائي ڏاتار جي وچ داتا جي در،
متان ڇڏين "منڌار" تون سا پينارن جي پر،
گهر تہ آڻين گهرو ماڻڪ موتي منگتا.

59

ڳاءِ بلاول پان ٿي سڃاڻي سلطان،
عالم جنهن جي آسري آهي جڳ جهان،
تنهن محمد کان "منڌار" چئي منگتن لڏو مان،
داتا وٽان دان پينو ونڊي پر تيا.

60

پوءِ رکي چوءِ پيروي سنپالي سرکار،
کل نفس ذائقت الموت نرتئون تون نهار،
"منڌار" معنيٰ تنهنجي وجود ۾ ويچار،
هستي هڻڻ هار، رکي خوف خدا جو.

61

چوءِ لوڙا لئو لات سين جو ڦٽيل منجهه فراق،
ورهه جا وجود ۾ چور ته چڪنئي چاک،
محبت ۾ "منڌار"، چئي ڪئين مري ويا مشتاق،
خدا پرور پاک، سڪندڙ سي سرها ڪري.

62

چوءِ جهونگاري جهنگلو ڪري وجود ۾ ويچار،
ته ڪک پن ۾ ڪلتار سو صاحب رب ستار،
"منڌار" پنهنجي من جون اکيون ڪر اظهار،
ته واحد توکان وار، پرور پري ڪينکي.

Gul Hayat Institute

63

وڃجارن جي واڻ، نت نت تي نهاريان،
ان جي اچڻ لاءِ، جر تي باسيم جاڻ،
مونکي سندن "منڌار" چئي آهي اُج اُساڻ،
ڳوڙهن پريو ڳاڻ اکيون اوڏانهين ڪٽان.

64

سهڻي لهر سمونڊ جي پاڻيءَ ۾ پيئي،
طاقت ناهي ترڻ جي وسارت ويئي،
ميهر ڪي "منڌار" چئي هٿ ۾ ڏيئي،
جنين جا جيئي، تن کي ترهو تن جو.

65

ليلان لولاتيون تي ڪري تي داڙاتو در،
تہ چنيسر چام چگايون تون ڪامل مونسان ڪر،
معافي ڪج "منڌار" چئي مون منجهہ عيب اپر،
آئون آهيان بي اثر، تون ڏولا ڏوليج ڪير ڪي.

66

راڻا ڪير رسيج سوڌا سرت سڃاڻ تون،
ڏکي عيب اسان جا ترسي تون تسيج،
هن محلي ۾ "منڌار" چئي وارث تي وسيج،
ڪا ڏاهپ جي ڏسيج مت مومل کي مينڌار.

67

مارئيءَ کي ميان، عمر! عيب ۾ لاءِ تون،
سنگهارن جي سٹ ۾ شل وجي تر ٽيان،
تن مارن سان "منڌار" چئي وجي پس پيان،
تہ جان کي تان جيان، جي پنهوار ڪنم پنهنجي.

68

مرڪ نہ منهنجو سومرا جو عيش ڪريان آئون،
ڪاڄ اسان جو ڪنهيون سنگر ۽ سائون،
تنهن مارو سان "منار" چئي لڏيم جت لائون،
اُت مونکي چتاري چيائون تہ ريت ۾ چڏج راڄ جي.

69

ڏناسري جي ڏير منهنجو جيءَ جياريو،
اسين اوهان جي آهيون دامن دستگير،
متان چڏين "منار" چئي مونکي پلئہ لائج پير،
منجهان سختيءَ سير، اڪارج احسان سان.

70

ڏناسري نار، چڏيو چنيو ڪينکي،
واري گڏج وڃ ۾، سنياري سنگهار،
منهنجي ڪج "منار" چئي پوئواري پنهوار،
هاڻي اچان تو آڏار، پنهنجي وطن جي وٽاڻ ۾.

71

برروو بنديائي آئون قسمت قيد ڪياس،
لکئي لوح قلم جي پياريم پاڻي،
مارو ٽيندم "منار" چئي سختي ۾ ساڻي،
ننگڑو سجاڻي، ونئي ويندم ويڑهه ۾.

Gul Hayat Institute

72

چئي پرياتي پرپات جو پنهنجي ڪج پروڙ،
اٽي اور الله سان ڇڏي پيا ضرور،
سچ ملندئي "منڌار" چئي ڪم نہ ايندئي ڪوڙ،
آٽ منجهه اروڙ، سٽ صرافن ڦولهيا.

73

چئي صبحڙو صبح جو ذڪر دليئون زبان،
فاذڪروني اذڪر ڪم فرمايو فرقان،
اي معنيٰ پڙهه "منڌار" تون اهو ڪوڙ نہ منجهه قرآن،
وسهي ساڻ ايمان، واحد وسارج ڪينڪي.

74

چئي ڪانرو قلب سان صاحب رب سجاڻ،
تہ ساري دل صفائي تئي هوند ذڪر ذاتيءَ ساڻ،
"منڌار" محبت رب جي آهي اجرڻ جو اهجاڻ،
تنهن پارس جو پرياڻ، جنهن لڪ مڙ لوهه جا سون ڪيا.

75

سڙن سدا سڪ سوز ۾ محب تنهنجا مشتاق.
وڍيا جي وهلور ۾ نت چير چڪائن چاڪ،
ماريا سي "منڌار" چوي تن جي ڦوڙائي ڦراڪ،
اچين جي اوطاق، تہ سورن ڪان سگهي تيان.

76

سڪندي سڪندي سڙ رهيا ميڪون سڪندي ٿي ڳيا سال،
سڻ عرض ميڙيان آزيان ڪروي پلائي يار،
سڻ اسان ڏا سوال مڃ عرض "منڌار" دا.

77

جيئن نوازي نوري ڪئي، مٽي مهاڻي،
مونکي تيئن تماچي ڇام، رنگ محل ۾ رساڻي،
پنهنجي پلئه ۾ آڻون، لائق لڄاڻي،
ڏي پلئه ته پاڪ تيان، وجي نوري نماڻي،
لائق تنهنجي لطف جو، پرو ناهه پچاڻي،
اچي نواز ته تيان نئين، نه ته پاند پراڻي،
جيڪا توکي تماچي وڻي، آهي اها اگهاڻي،
نيئي راڻين ۾ راڻي، مونکي من ڪرين "منار" چئي.

Gul Hayat Institute

حضرت فقير منڌار سائين جن جا اهي بيت جيڪي اڳ ۾ ڇپائي هيٺ نہ اچي سگهيا. فقير ولي بخش سائين پنهنجي پسند جي مختلف شاعرن جو شعر وغيره گڏي هڪ قلمي ڪتاب جوڙايو بحرالعاشقي هي بيت ان ڪتاب تان ورتا ويا.

78

جيئن نوازي نوري ڪئي متي مهاڻي،
مونکي تيئن تماچي ڇار رنگ محل ۾ رساڻي،
پنهنجي پلئه ۾ آڻ لائق لجاڻي،
ڏي پلئه ته پاڪ ٿيان وڃي نور آڻي،
لائق تنهنجي لطف جو پروناهه پچاڻي،
اچي نواز ته ٿيان نئين نت پاند پراڻي،
جيڪا توکي تماچي وڻي آهي اها اگهاڻي،
نيئي راڻن ۾ راڻي مونکي من ڪرين "منڌار" چئي.

79

آئون اڳلي گدلي گندري تون سمون سر سپن،
تولاءِ تماچي ڪيتريون سميون ٿيون بہ سڪن،
آئون آڳيان جن جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

80

آئون اڳلي گدلي گندري تون سمون ڇار سرتاج،
مونکي علم نہ عقل ايترو جو آئون ڪران علاج،
جيڪو تنهنجو راءِ رواج مونکان ادب نہ پچي ايترو.

81

آئون اگلي گدلي گندري تون سمون ڇام سلطان،
تولاءِ تماچي سکن ڪيئن حورون مثل حئران،
مون مهاڻيءَ جو مڪان جت جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

82

آئون اگلي گدلي گندري اي صاحب سمان ڇام،
تولاءِ تماچي سکن ٿيون حورون مثل حشام،
نالي تنهنجي نام شايد سڏبيون سميون.

83

آئون اگلي گدلي گندري تون سمون بادشاهه،
تولاءِ تماچي سکن جن جو حسن منور ماهه،
مونکي ڪج مباهه جو آئون بہ آستائتي آهيان.

84

آئون اگلي گدلي گندري تون ننگر تخت نواب،
تو لاءِ تماچي سکن جن جو منهن مثل مهتاب،
مون اگليءَ جو آب جت جوڙ نہ جتيءَ جيترو.

85

آئون اگلي گدلي گندري تون ڇام غريب نواز،
تولاءِ تماچي ڪيتريون ٿيون پريون ڪن پرواز،
هن نوريءَ جو نياز، شل تو پسند پارس کي اچي.

86

جڪريا هي جمائت اگڙ آئي اوهان جي،
تون اجهو تون آجکو تون هيٺن جي حمايت،
جا سوالي گهرن سوغات تون تن کي بخشين تهڙي.

87

جكريا جهوليءَ تنهنجيءَ منڌا ٽنڌا مڱٿهار،
گهرن گندي گراهه تا اُن جا پچا پار،
هجي تو وڏي ڇام ڇمار ته ان جي الکو ناهه ايال کي.

88

جكريا جهوليءَ تنهنجي توڙي اچن کي مسكين،
ته وڃان ويلو توڙجو تن پوي كنگالن كين،
جي اجهي تو امين سي سوالي شاهوكار تيا.

89

جكريا جهوليءَ تنهنجيءَ توڙي مريض محتاج،
تبه سمان سكارين انجا كامل مڙيئي كاج،
پنهنجي گهران ڏيو ڏاج سپئي سمان ناكاريئين.

90

سور ساجن جي سكجو ڇاتيءَ منجهه ڇپاءِ،
دانهن دكه دا راز جي كنا لوك لكاءِ،
محبت جو "منڌار" تون دل ۾ دود دكاءِ،
صنم واري سوز جو من ۾ مچ مچاءِ،
پر ۾ پاڻ پچاءِ جيئن ٻاهر ٻاڦ نه نكري.

Gul Hayat Institute

91

ٻاهر ٻاڦ نه نكري تو پوي پرينءَ جو پور،
دونهينءَ درد فراق جيءَ مونكي كيو چكناچور،
كيئنءَ كريان كاڏي وڃان كيئن سانڌيان سك جو سور،
صبر نه اهي ساهه كي ۽ ٽي مات نه اچي مور،
مونكي محبوبن جي كيو قرب كلور،
"منڌار" اهو مڪور سانڌڻ ناهي ستڙو.

92

سانڊڻ ناهي ستڙو عشق جو آزار،
سور سڄي سرير ۾ هڪ وٽي ناهي وار،
وڍي منهنجي وجود کي سڪ ڪيو سنگسار،
مجروح ٿيو "منڌار" پريءَ جيءَ پياس ۾.

93

پريئن جيءَ پياس جي آهي خاصي هيءَ خبر،
هيڪاندا تنهن حب جا، هينئڙي منجهه حشر،
قيامت جي قصي کان ڪاڙهو هيءُ ڪٽر،
سي ساڪن سور سڏر آهن منهنجي جيءَ سين.

94

آهي عجيبن جيءَ مونکي موهيو معام،
هول پريئان جي حب جا هينئڙي منجهه حشام،
ڪاڙو آه قلب ۾ جيئن قربلا واري قيام،
من اندر ماتام "منڌار" محبوبن جو.

95

"منڌار" محبوبن جو آيو عشق اجهل،
وکوڙي وجود کي ڪابو ڪيائين ڪل،
وڍ ٽڪ جو وجود ۾ برهه ورتو بل،
ڪيو قرب قتل "منڌار" محبوبن جي.

96

راڳي رنگ محل ۾ سڏايو سلطان،
چارڻ چلي چئو گان ۾ هيئن طلب جي تان،
تنهن مڱڻي سان "منڌار" چئي ڪيائين اپارين احسان،
داتا ڏنا دان ان ساعل کي سرجا.

97

ساعل کي سرجا ڏان ڏنا ڏاتار،
راجا ريڏو راڳتي سٽي تند تنوار،
مٿو ڏنائين مهر سان تنهن منگتي کي "منار"،
جڏهن سخا ڪئي سردار تڏهن مرکي موٽيو منگٽو.

Gul Hayat Institute

فقير سائين جي رسالي رهنمائي مان چوند ڏهر

1

اول نـــام الله جـــو، جـــل جـــلال جلشـــان،
ٻيو مير محمد مصطفيٰ، آهي عالم جو زمان،
چارئي يار رسول جا، سونهن موچارو شان،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صديق جي، اچي جاڳيو جنگ جوان
نرمل نوح فقير جو، اچي نام ٿيو نيشان،
"منڌار" ٻڌ منگتو ان جو آهي ٻيٽ سڏائيندڙ پان،
دهـــرا ڏينـــدم دان پاڳـــا پـــرم ايمـــان جـــا.

2

اول نـــام الله جـــو جـــو بـــاري بـــي پرواهـــ
ٻيو مير محمد مصطفيٰ آهي شافع شاهن شاهه،
چارئي يار رسول جا جن دين اجاريو راهه،
منجهان اولاد حضرت ابابکر صدق جي هڪ دولهه ٿيو دراهه،
نرمـــل نـــوح فقيـــر ٿيـــو اڪمـــل اوليـــاءَ،
قائم تنهن قريشي جي دائـــر آهـــي درگاهـــ،
"منڌار" ٻڌ نگتو ان جو ٿو پني پوش پناهه،
شل پچير ساهه پساهه ڪلمي جي ڪنجي سين.

3

ڪلمون ڪنجي قلب جي آهي لاءِ سڃي سنسار،
احمـــد اُمـــت ڪـــي چيـــو اڙيـــن جـــي آڌار،
ٽه هيءَ ذڪر ذري ايمان سان جي هوند پڙهو هڪوار،
ٽه لهي وجن لطف سان جي هجن گناهه هزار.

Gul Hayat Institute

لا الہ الا الله محمد الرسول الله اها پرين جي پچار،
"منڌار" محمد مير تي چئو صلوات سئو وار،
ان اسمن جي آڌار تون بي خوفو وج بهشت ڏي.

4

ڪلمون ڪنجي قلب جي جي پڙهين پريت ساڻ،
تہ لهي وڃئي لطف سين من متان موريان،
حضرت پاڻ حديث ڪئي سو تون حرف سجاڻ،
تہ مومن نئون ڪريو ايمان کي ان ڪلمي صيقل ساڻ،
لا اله الا الله محمد رسول الله اهو اجرڻ جو اهجاڻ،
"منڌار" معني تنهن جي پروڙج پرياڻ،
تہ ان پارس منجهان پاڻ هوند سڃئي تنهنجو سون ٿئي.

5

چوءُ لا اله الا الله ايءُ ذڪر دليون زبان،
فاذكروني اذ ڪر ڪر فرمايو فرقان،
"منڌار" معني سمجهہ تون تہ ڪوڙ نہ منجهہ قرآن،
اهڙي املهہ ماڻڪ کي رک دم دم منجهہ ڏيان،
تہ ڪوسي پسين ڪانہ جي واحد تون نہ وسارئين.

Gul Hayat Institute

6

چئو لا اله الا الله ڪري وجود ۾ ويچار،
تہ ڪک پن ۾ ڪلتار سو آهي صاحب رب ستار،
ونحن اقرب عليه منحب للورید کر انهي آيت تي اعتبار،
"منڌار" پنهنجي من جيون اکيون ڪر اظاهر،
تہ واحد توکان وار پرور پري ڪين ٿئي.

7

جي وڻان پنهنجي ور کي تہ سندم تئي سهاڳ،
شال محابي مرشد جي ۽ سبتو تئي سپاڳ،
منهنجي خلوت خاوند سين ٿين هوند رس رهاڻيون راڳ،
تہ معافي مڙوئي تئي هوند لهڻون ڏٺيڻون لاڳ،
اهو کنهن نکڻ ساڻ نصيب تئي تنهن معشوقيءَ جو ماڳ،
سو اهڙو بلند پاڳ مان ٿيئي "منڌار" جو.

8

جي اچان پسند پنهنجي ور کي تنهن وارث کي وڻان،
تہ سوغاتون سهاڳ جون خوش ٿي هوند ڪڻان،
۽ ڳهڻان هارڳچيءَ ۾ سي پايو گهمان گهڻان،
جنهن مالڪ منجهہ متان تنهن شل پسند پارس کي اچان.

9

جي پسند پارس کي اچان تہ ٿيان هوند نسورو ئي نور،
تنهن لطف لائق جو تئي ۽ فضل جو دستور،
محابي مقرب جي آءٌ مان ٿيان منظور،
تہ مرکان محلاتن ۾ جي هوئي حاصل سندس حضور،
جو کل مقصد جو مور سو مان ملي "منڌار" کي.

Gul Hayat Institute

10

سرور شاهہ جي سگهہ جو ليکو لکندو ڪير،
آيو جو اولياءُ وڏ پر تئون پري پير،
سو سپکي شاهوڪار ٿيو توڙي ڏڏ ڏڪير،
جن دعا گهري هڪ دمڙي تن کي سرور بخشيو مير،
جنهن جي فيض ۾ ڪونهي ڦير سو چو نہ مجي "منڌار" چئي.

11

تو ملي مرشد کئون "منڌار" چئي اسم نام الله،
سو آهي آب حيات جو منهنجي داتا وٽ درياهه،
سو ٿئي امداد ايماندارن کي کٽيو بخشي بادشاهه،
سو مان ٿئي "منڌار" تي سندس نواز نگاهه،
ته هڏ چم منهنجو ماهه هوند پوءِ سمورو سون ٿئي.

12

هوند پوءِ سمورو سون ٿئي منهنجو بدن بي بهاءُ،
سو وجي کين وجود مان تنهن امل جو اهاءُ،
سو چمڪي چوڏهين چنڊ جي ڪري شمس جيئن سهاءُ،
تنهن مرشد جي مهاءُ تو ملي خدا "منڌار" چئي.

13

جي ملي خدا "منڌار" چئي ته آهيان نرگ ٿيان پوءِ نور،
مهابي مقرب جي ٿئي حاصل حق حضور،
حرمت حضرت نوح جي مولي وٽ منظور،
سو فضل جو هت هن فقير تي رکي رحيم رب غفور،
ته پوءِ پٽ پان ٿئي پرپور هئي "منڌار" ميراثي منگٽون.

Gul Hayat Institute

14

شال ملن "منڌار" کي هڪ مرشد ٻيو رسول ٿيو رب،
ته جڙ مقصد مڙئي ٿيا کليو سپاڳ سبب،
آئون ته گهران تو ايتري ايها امداد عجب،
مگي مرشد کان "منڌار" تو اهو مرداڻو مطلب،
جي هوند ڪلمون چوي ۾ قلب جڙ روح منهنجي رچ ڪيو.

15

هل سرور جي سومار تي تہ اتي ملئي الله،
راضي گھٹو رسول ڏئي سو منو محمد شاھ،
۽ چارئي يار رسول جا پنج تن ڪندئي پناھ،
تہ لهي وڃئي لطف سان جي گھٹو هجيئي گناھ،
پوءِ اھڙو اولياءُ ڇو نہ مجي "منثار" ڇئي.

16

هل سرور جي سومار اي مومن مسلمان،
وڃي ڏس نظارو نوح فقير جو ادب سان ايمان،
تہ ملئي اسر الله جو جل جلاله جلشان،
تو ۾ رتي ريخت نہ رهي سندي غير گمان،
جيڪي جني طلبئوسي پاڳا وڻن پان،
تا دهرا ملن دان منگتن ڪي "منثار" ڇئي.

17

هل سرور جي سومار تي جتي نرمل نوح نواب،
آهي صاحب شريعت جو منجهہ عالمن اربان،
سو سرور سارهہ جهڙو آهي ماڻهن ۾ مهتاب،
معافي مڙوئي ڏئي جنهنجي حرمت ڏوهہ حساب،
اھڙو ئي آفتاب ڇو نہ مجي "منثار" ڇئي.

Gul Hayat Institute

18

وڃ وڏي ويساھہ سان هالن ڏانهن هلي،
تہ راضي پاڻ رسول ڏئي ۽ محمد مير،
پنج تن پاسو تنهنجو ڪري عنايت علي،
ان جي محابي "منثار" ڇئي ڪئي وڏي دعا ولي،
پوءِ پيٽن ڇو نہ پلي ڇائنٽ نرمل نوح جي.

19

وڃ وڏي ويساھ سان هلي هالن ڏانهن،
تہ مؤلو مهربان تئي اگو رب الله،
راضي پاڻ رسول تئي مير محمد شاھ،
چار ئي يار رسول جا ڪنئي پشتي پوش پناھ،
پنجتن پاسو تنهنجو ۽ حضرت شاھ همراھ،
مرڻ ويل "منڌار" چئي جڏهن پڇندو سندءِ پساھ،
تڏهن ملڪ محابي تنهنجي وري سولو نيندءِ ساھ،
پوءِ اهڙو اولياءَ پلو ڪوھ نہ پيٽين.

20

مڃ منهنجي پير ڪي جو سرور سوپارو،
آهر ساڻ الله جي تيو ڪامل قرارو،
اُپ ستين آسمان ۾ آهي جنهنجو نغارو،
تون وٺ تلقين تنهنجي آهي مرشد موچارو،
سو مهند تي "منڌار" چئي اچي ڪندءِ چوٽڪارو،
سمجهي سوارو رک حب هالن ڏٺيءَ ڏي.

21

ميان امين محمد اجرا دلبر دل جا يار،
پليين خاوند خلقيون پاڪ پروردگار،
توکي نر نوازيو عالم جي سردار،
تون پاکريل پنجن تنن جو سائين ڏيھ ڏٺي ڏاتار،
توکي دعا دستگير جي ميان ملڪ ڏٺي مختيار،
تنهنجي مدد محمد ڪارڻي ۽ چگا چارئي يار،
ڪج مهر "منڌار" سان دلبر تيج ۾ ڏار،
آهين وڏي آڌار ڪنڊي ڏيهن قيام جي.

22

ميان امين محمد اجرا تون پيرن ۾ پڏرو،
مشعل ملكن ۾ آهين سرور سوجهرو،
كامل تنهنجي قدرت جو ناهي پار پرو،
مرشد ساري ملك ۾ تون چند چوڏهينءِ وارو،
توتي رب راضي ٿيو پيو محمد موچارو،
كج مهر "منشار" تي جتي ترندو ترارو،
اتي ورائيج وارو تہ محشر مركندو ٿيان.

23

ميان امين محمد اجرا سڀاجها سائين،
تنهنجو سوالي آهيان، سي عرض بہ اونائين،
ملامتون "منشار" چئي كنهن لطف سان لاهين،
آسرو آهين كنڈي ڏينهن قيام جي.

24

ميان امين محمد أجرا دل وٹيا دلدار،
طلب تنهنجي اٹر گهٹي سك سردار،
"منشار" چئي منهنجا پرين تون پيرو كج پتار،
تون نہ وسرين يار مون نہ وسارج ولها.

25

ميان امين محمد أجرا دل وٹيا دلبر،
طلب تنهنجي اٹر اكند منجهہ اندر،
"منشار" چئي منهنجا پرين اچي سار لهج سرور،
تون نہ وسرين ور مون نہ وسارج ولها.

Gul Hayat Institute

26

کي ڪنين جا ڪارڻي ڪي ڪنين جي لاءِ،
مونکي مخدوم نوح جو اوت اجهوئي اهي،
تنهن سرور جي ساڃاهه مونکي آگاهه امن ۾ رکين.

27

کي ڪنين جا ڪارڻي ڪي ڪنين جو پار،
مدت مون مسڪين جي سرور شاهه سردار،
مائٽ مڪمل جنهنجو والي وڏو يار،
سو سڃاڻي سچار مونکي آگاهه امن ۾ رکين.

28

وڏا طالع تن جا جيڪي محمد مجيندا،
رکيو ساڃاهه سيد جي ادب ۾ ايندا،
مٿئون تن "منڌار" چئي سپ وهلور ويندا،
ڪلمون جي چوندا اُهي ڇٽندا ايمان سين.

29

مڃ منهنجي پير کي جنهنجا ڏيهه مڙيئي ڏاني،
مورهون ناهي ملڪ ۾ ڪو سرور جو ثاني،
جنهن تي آر الله جو آهي رايو رباني،
مٿس راض رسول جو جو حبيب حقاني،
تون وٺ تلقين تنهنجي ڇڏي شوق شيطاني،
ان مرشد ريءَ "منڌار" چئي ٻيا فيض مڙيئي فاني،
ظاهر باطني رک جب هالن ڏٺيءَ ڏي.

Gul Hayat Institute



حضرت فقير منڌار سائين عليه رحمة جن جا نوادرات

هيٺ وڃايل ڪيس، فقير سائين جن جي دستار مبارڪ، ڪٽي مبارڪ.
ڪندري ۽ ان ۾ پيل ڏاڪا، جهولي، ڪشتي، بيراڳڙ، ناد ۽ سنک ۽
فقير ولي بخش سائينءَ جن جي دستار مبارڪ، تسبي، چادر ۽ دشالو.

Sindhi Adabi Board
Sindhi Navat Institute